اشتياق انصاري

قيدَ کاٽي

[شهيد ذوالفقار علي ٻُٽي جي دؤر جي قيدَ کاٽي]



روشني

قيدَ کھاڻي

(شهيد ذولفقار علي ڀُٽي جي دور جي قيدَ کھاڻي)

اشتياق انصاري

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2020ع

Roshni Book No. 880

ڪتاب جو نالو: قيدَ ڪهاڻي

ليکڪ: اشتياق انصاري

ڇاپو پهريون © روشني 2020ع

لي آئوٽ: رفيق حسين ڪولاچي

روشني ڪمپوزر اينڈ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، سنڌ

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ

QAID KAHANI

(Prison Diary)

by: **Ishtiaq Ansari**

Lay Out: Rafique Hussain Kolachi
Roshni Composers & Printers Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh
Published by: Roshni Publication, Kandiaro, Sindh
First Edition © Roshni 2020

اسٽاڪسٽ

شاھ لطيف ڪتاب گھر، گاڏي ڪاتو، حيدرآباد

پٽاڻي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر، حيدرآباد + ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد
ماسٽر اينڊ ماسٽر، حيدرآباد + شير يزدان بڪ اسٽال پٽ شاھ + حيدري ڪتب خاني پٽ شاھ
لال بخش نيوز ايجنسي، لٽو + ڪائياراڄ اسٽور، اردو بازار ڪراچي
راهيل ڪتاب گھر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ ايڪيڊمي رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو + ڪائياراڄ بوڪ اسٽور، بندر روڊ، لاڙڪاڻو
نواڻي بوڪ ڊپو، بندر روڊ، لاڙڪاڻو+ عبدالله بڪ سينٽر، بندر روڊ لاڙڪاڻو + سنڌيڪا بوڪ شاپ، لاڙڪاڻو
اشرف بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاھ + ڪتب گلشير، لياقت مارڪيٽ، نواب شاھ + سليمان اينڊ برادرس مسجد روڊ، نواب شاھ
عوامي ڪتاب گھر، نواب شاھ + مهراڻ ڪتاب گھر، ڪنري + حافظ ڪتاب گھر، ڪنري + سڪندري ڪتاب گھر، ڪنري
العزيز ڪتاب گھر، عمرڪوٽ + شاھ لطيف ڪتاب گھر، عمرڪوٽ + سنڌ ڪتاب گھر، عمرڪوٽ
ماهڻ ڪتاب گھر، عمرڪوٽ + المديد ڪتاب گھر، چاچرو + ٽر ڪتاب گھر، ملي
ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپور خاص + حلال ڪتاب گھر، اسٽيشن روڊ، ميرپور خاص
حر ڪتاب گھر، اسٽيشن روڊ، ميرپور خاص + المهراڻ ادبي ڪتاب گھر، سانگهڙ + محبوب سوئي سانگهڙ
سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بوڪ ڊپو دادو
مراد بڪ اسٽال سيوهڻ + ساحر ڪتاب گھر، ڪهندي ميهڙ + عبدالرزاق بڪ اسٽال، ميهڙ
مرچو لال بوڪ ڊپو بدين + رحيم بوڪ ڊپو بدين + سوڃهرو ڪتاب گھر، بدين + عطار ڪتاب گھر، بدين
مهراڻ بوڪ سينٽر، سکر + ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گھر، بٺراڻ روڊ، سکر + سنڌيڪا بوڪ شاپ، سکر
فيضان بوڪ ڊپو نيو جي چاڻڪي سکر + بخاري ڪتاب گھر، انڊس سينٽر، سکر + الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز سکر
مڪ بوڪ شاپ، سکر + مڪتبه امام العصر، گهوٽڪي + مدني ڪتاب گھر، پنوعاقل
سنڌ ڪتاب گھر، شڪارپور + مولوي عبدالحئي تاجر ڪتبه شڪارپور + صديق حيدر ڪتاب گھر، شڪارپور
تهذيب نيوز ايجنسي، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
خيرپور بڪ اسٽال، خيرپورميرس + مڪتبه عزيزيه، کهڙا + سچل ڪتاب گھر، درازا
ڪنول ڪتاب گھر، مورو + حافظ ڪتاب گھر، مورو + ظفر ڪتاب گھر، گڄيرو روڊ، مورو
ميمڻ بڪ ڊپو، نوشهرو فيروز + قاسميه لائبريري اسپتال روڊ، ڪنڊيارو + سارنگ ڪتاب گھر، ڪنڊيارو

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

انتساب

مهراڻ يونيورسٽيءَ جي مڙني شاگردن ۽ پنهنجي
نيڻ ٽار انجنيئر عرصم انصاري جي نانءُ

اشتياق انصاري

پہ اکر

ڪجھ ڏينهن اڳ بدر ابڙو ۽ مان روشني پبليڪيشن جي بوڪ استال تي ڪتابن جي تلاش ۾ آياسين. اُتي ڪتاب ڏسڻ دوران بدرابڙو جي لکيل 'جيل جي ڊائري' تي نظر پئي. مون ڪيس ٻڌايو تہ يار منهنجي بہ جيل جي ڊائري (قيدَ ڪهاڻي) سالن کان لکي پئي آهي، جيڪڏهن مان اها 77ـ1976ع ۾ ڇپايان ها تہ ان وقت تائين سنڌيءَ ۾ جيل جون ڊائريون تمام گھٽ ڇپيون هيون، پر مون سُستي ڪري اڄ ڏينهن تائين ان کي نہ ڇپايو آهي.

بهرحال بدر ابڙو جي چوڻ مطابق تہ اها ڊائري ان دور جي تاريخ آهي، جيڪا ضرور ڇپجڻ کپي. روشني پبليڪيشن جي ساڻاري وقاص نواز اسان جي اها گفتگو ٻڌندي، چيو تہ اها 'قيدَ ڪهاڻي' مون کي ڏيو تہ مان روشني پبليڪيشن طرفان شايع ڪيان.

بهرحال بدر ابڙو، وقاص نواز گھانگھرو ۽ دوست عزيز الله رانجھاڻي جي چوڻ ۽ خلوص ۽ اسرار جي ڪري سالن کان وساريل هيءَ قيد ڪهاڻي اوهان جي هٿن ۾ آهي. جيئن تہ 77ـ1976ع (ڪي 42 سال اڳ) جي لکيل آهي، ان ڪري ضرور ان ۾ اوڻايون بہ هوندیون. اميد پڙهندڙ ان اُوڻاين کي درگذر ڪندا.

اشتياق انصاري

تن صرافن جي سمجهه تي سو دفعا افسوس ڪر.
جي موتين کي ڪوڏين جو مَٹُ بنائن بي قدر.

شاگردیءَ جي زماني کان وٺي اڄ تائين پاڻ اشتياق انصاري سان رفاقت، احترام ۽ دوستي رهي آهي. 1974ع ۾ مهراڻ انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهه کان وٺي، اڄ تائين زندگيءَ جي ايڏي ساري دور گذرڻ باوجود، هن ڪڏهن به منهن نه گهنجايو آهي، پر مون کان ٿي سگهي ڪا دل آزاريءَ ٿي به هجي، جنهن لاءِ معافي ٿو گهرانس. اميد ته معاف ڪري ڇڏيندو. هن موقعي مان فائدو وٺندي 1974ع کان اڳ جو به ذڪر ڪيان ته بهتر ٿيندو.

آڻ ضلع دادو جي مشهور درگاهه مخدوم بلاول پرسان هڪ ننڍڙي ڳوٺ فتح محمد ڪابورو ۾ جنم ورتو ۽ ان ڳوٺاڻي ماحول ۾ وڏو ٿيس. اسان جي آس پاس وڏي ۾ وڏي درگاهه مخدوم بلاول هئي، جتي هر مهيني جي پهرين خميس، يعنيٰ جمع رات تي ميلو لڳندو هو (جيڪو اڄ تائين هلندو اچي)، جيڪو ڳوٺ جي هارن سان گڏ ڏسڻ ويندا هئاسون ۽ واپسي تي پلاسٽڪ جا راندڪا ۽ پُوپريون (سيٽيون) وڃائيندا واپس ايندا هئاسين.

هڪ دفعي ان درگاهه تي ٻينا هئاسون ته هڪ موٽرڪار اچي بيٺي، جنهن مان ڪجهه ماڻهو لٿا ۽ مخدوم بلاول جي درگاهه ڏانهن حاضري پيرڻ لاءِ وڃڻ لڳا. انهن ماڻهن ۾ هڪ وڏيءَ عمر وارو، جنهن جا پير اُگهاڙا، سفيد ڪپڙا، مٿي تي پٽڪو، تمام سهڻيون اکيون، گلابي ۽ خماريل، تمام عاجزيءَ سان مخدوم بلاول جي مزار ڏانهن حاضري پيرڻ لاءِ وڃي رهيو هو. اتي ٻينل سڀ ماڻهو ساڻس هٿ ملائڻ لاءِ اڳتي وڌي

ويا. منهنجي پڇڙ تي بڌايائون تہ اهو سائين جي ايم سيد آهي ۽ اسان وانگر هي به حاضري پرڻ لاءِ ايندو رهندو آهي.

وڌيڪ اثر ان ڪري به پيو جو آءٌ تمام غريب گهراڻي جو ٻار هئس ۽ موٽرڪار کي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ جو شوق هو ان کي هٿ لائڻ خوف پيو ٿئي. تہ متان اُتي بينل ماڻهو دڙڪا نہ ڏئي. ان وقت آءٌ سنڌي پنجين ڪلاس ۾ پڙهندو هوس.

منهنجي بابا سائين، مرحوم محمد صالح (الله سائين کيس جنت ۾ جاءِ ڏئي) کي گهڻو شوق هو تہ آءٌ انگريزيءَ ۾ داخل ٿيان. سو مون کي ڇهين ڪلاس ۾ دادو پائلٽ هاءِ اسڪول ۾ داخل ڪرايو جتان مون مئٽرڪ ڪئي. ڊگري ڪاليج دادوءَ مان انٽر به ڪئي. ان دوران دادو شهر ۾ ڪجهہ سٺا دوست به مليا. جن ۾ مرحوم شوڪت سنڌي، سائين قائم الدين شيخ، محمد صالح ميمڻ، شمس الدين ملڪاڻي، جيڪي منهنجي عمر کان تہ وڏا هئا، پر بهترين انسان هئا. مرحوم شوڪت سنڌي مٺائيءَ جو دڪان هلائيندو هو جتي سڀ گڏ ٿي ڪچهري ڪندا هئاسون. اڪثر ڪچهرين ۾ سائين جي ايم سيد جو نالو ڪٽندا هئا ۽ مون کي وري سائينءَ جي اها ننڍي هوندي واري شخصيت نظر اچڻ لڳندي هئي. سو مان هنن کان سائينءَ متعلق سوال جواب ڪندو هوس. پوءِ هنن دوستن کان سائين جي ايم سيد جا ڪتاب وٺي پڙهڻ لڳس.

هاڻ مون کي خبر پوڻ لڳي تہ شهيد مخدوم بلاول، صرف اولاد گهرڻ، معاشي خوشحالي، امتحان ۾ پاس ٿيڻ، بيمارَ کي شفا ڏيڻ لاءِ درگاهہ نہ هئي، پر شهيد مخدوم بلاول تہ نالو آهي حق ۽ سچ لاءِ تمام وڏي طاقتور سان مهاڏو اٽڪائڻ جو. اهڙيءَ طرح خبر پئي تہ مذهبي ڪٽرپڻو انسانست جو دشمن آهي ۽ سيني مذهبن جو مول متو تہ هڪڙو آهي. دنيا جي سيني مذهبن جو نچوڙ آهي، تہ امن عالم هجي، اتحاد انساني هجي ۽ ترقي بني آدم ٿئي، پر افسوس جو مذهبي پيشوائن ان جي ابتڙ ڪيو جو نہ رهيو دنيا ۾ امن، نہ انسانن جو اتحاد ٿيو نہ وري آدم جي ترقي ٿي، نفرتون وڌيون ۽ محبتون ختم ڪري ڇڏيائون. پر ٻئي طرف اسان جي سنڌ ۾ اوليائن، بزرگن ۽ صوفين

محبتون ورهايون ۽ درس ڏنو. مطلب تہ سڄي دنيا ۾ صرف سنڌ وطن ئي آهي، جتي مذهبي ڪٽرپڻو گهٽ آهي.

ان کان سواءِ اها بہ خبر پئي تہ وطن سان محبت ايمان جو حصو آهي. ٻين لفظن ۾ چئجي تہ جنهن کي وطن ۽ ڌرتيءَ سان پيار ناهي، اهو بي ايمان آهي.

منهنجو جيئن تہ تمام غريب گهراڻي ۾ جنم ٿيو انڪري ويچاري سوچ بہ ان وقت غريباڻي هئي، سو وڏو ماڻهو ان کي سمجهندو هئس، جنهن وٽ وڏي گاڏي آهي، وڏو گهر آهي ۽ گهڻا نوڪر چاڪر هجن. پر جڏهن مون ڏٺو تہ منهنجو مرحوم دوست شوڪت سنڌي، جيڪو منائيءَ جو دڪان هلائيندو هو، اتي صلع دادوءَ جو تمام وڏو ماڻهو مرحوم عبدالحميد خان جتوئي، هن جي دڪان جي سامهون گهر وڃڻ لاءِ لڳهندو هو تہ اتي بيهي رهندو هو. جيستائين شوڪت صاحب سان سلام دعا نہ ڪندو هو تيستائين اڳتي نہ وڌندو هو. ٻيو مرحوم محمد هاشم ميمڻ ان وقت جو D.C دادو، هن جي دڪان تي اچي ويهي منائي تورينڊو هو ۽ ڳراهڪن کي ڏينڊو ۽ ڪچهري ڪري پوءِ گهر يا آفيس ويندو هو.

اهڙيءَ طرح اسان جو بزرگ دوست چاچا علڻ خان ٿيبو انسانيت جو علمبردار، جيڪو پنڌ هلندو هو بسن ۾ سفر ڪندو هو، پر تمام وڏو ماڻهو هيو. هاڻي مون کي خبر پئي تہ وڏو ماڻهو ڪير آهي، اهو ئي جنهن وٽ محبت آهي، ايمان آهي، انسانيت آهي.

1974ع انٽر پاس ڪرڻ کان پوءِ نوابشاهہ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا ٿي وئي ۽ ڪوڙسارن دوستن سان ملاقات ٿي، جن ۾ تمام وڏو ماڻهو جنهن ۾ انسانيت هئي ۽ پلوڻ بهادر ۽ سچو دوست اشياق انصاري ملي ويو. هن ۾ ڪوڙساريون خوبيون آهن. صرف هڪ خوبي ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو تہ سچ هر هڪ کي منهن تي اهڙو تہ گهمائي ڦيرائي چوندو آهي، جو سامهون وارو ڪيڏو بہ ڪٽي هن هٿان بيعزتو ٿئي، پر دل ۾ نہ ڪندو هو. اَلٽو ٿهڪ آئي ۽ خوشي محسوس ڪندو.

اسان ڪنهن کي ٿورو بہ چوندا هئاسين، جڙ ڦاٽاسين ۽ اهو همراهہ بہ ڏينهن ڦوڪيو وتندو جڏهن وري وڃي پرچايونس، پر اشتياق مبهم ۽ معنيٰ خيز انداز ۾ ڪِلَ پوڳ ۾ سندس ٿوپي لاهي ڇڏيندو آهي.

هي جيڪا اشتياق انصاريءَ جي خوبي اها هئي ته ڪوڙ سارن دوستن کي ڪٽي هلڻ، جنهن ۾ ڪنهن جي سوچ ڪهڙي بہ هجي، پر "وگر ڪيو وطن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾" ماڻهن کي گڏي ڪٽي هلڻ هر ڪنهن جو ڪم ناهي، پر ڇاڪاڻ ته اشتياق بردباريءَ، سهپ ۽ خوش مزاجي جو مجسمو آهي.

سائين جي ايم سيد کي گهٽو پڙهڻ ڪري، قومپرستيءَ جو ريشمي ڪيڑو ته اڳ ۾ ئي دماغ ۾ هيو پر انجنيئرنگ ڪاليج ۾ اچڻ کان پوءِ ته ويتر وڌي ويو ۽ نوابشاهہ جي ٻين ڪاليجز جي سيني قومپرست شاگرد ۽ دوستن جو وڏو انگ بہ اسان جي دوستيءَ ۾ شامل ٿي ويو. جن ۾ خاص ڪري سيد علي حسن شاهہ، ساجن ڏاهري، عزيز ينگوار، ڪيترن جا نالا وٺجن...

سنڌ جا ته ڪافي سارا قومي مسئلا هئا، پر اسان جي سوچ مطابق پنهنجي انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهہ جا بہ ڪوڙ سارا مسئلا هئا. ڇو ته نوابشاهہ ڪئمپس نئون شروع ٿيو هو ۽ اسان جي انجنيئرنگ جي پهرين بئنچ هئي. اسان جي اڳيان وڏي ۾ وڏو مسئلو هو داخلا پاليسي، جنهن ۾ اسان جي ڪوشش هئي، ته هتي گهٽي ۾ گهٽا سنڌي شاگرد داخلا وٺي سگهن.

اشتياق انصاري صاحب کان سواءِ ٻيا بہ ڪافي دوست مون سان گڏ هئا. اسان صلاح مشورو ڪري، فيصلو ڪيو ته احتجاج بہ ڪجن ۽ جدا جدا دوستن جون ڪئمپون ٺاهيون وڃن، جيڪي فارم پرائڻ لاءِ ايندڙ شاگردن جي فارمن جي چيڪنگ ڀهاني، اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي، جو سنڌي شاگردن کان سواءِ ڪنهن جو غلط فارم وصول ٿي نہ سگهي. ان ۾ اسان ڪامياب ته وياسين، پر مخالفت بہ تمام گهٽي وڏي وئي. ڪاليج انتظاميہ بہ مخالف ٿي وئي. اسان جا احتجاج روڊن تي ٽيا، پوليس جي لاٺي چارج بہ ٽيندي رهي ۽ جهيڙا جهٽا بہ جام ٽيڻ لڳا.

آخر جيل بہ ڪيترا دفعا وڃڻو پيو پر هڪ دفعو تہ آءٌ، اشتياق انصاري، رسول بخش ٽيہو غلام رسول کوسو ۽ نديم عباسي ڪيتري عرصي لاءِ خيرپور ميرس سينٽرل جيل وڃي پهتاسين. جتي ڏينهن ۾ راتيون گڏ گذارڻ لڳاسين. اتي جيل جي ديوارن ۾ پاڻ اشتياق انصاري جا وڏا وڏا ٽهڪ اڄ بہ ڪنن ۾ گونجن ٿا!

حبيب الله ڪابورو

(قيد جو ساٿي)

سک نہ ستا ڪڏهن

ڪجهہ ڏينهن ٿيا تہ اشتياق انصاري فون ڪيو تہ، جيل جي ڊائري پيو ڇپرايان، ان لاءِ ڪجهہ لکي ڏيو. ان وقت پيپلز پارٽي جي سرڪار هئي. سنڌ جو وزير اعليٰ مرحوم غلام مصطفيٰ جتوئي هو. جنهن 1974ع ۾ ڄام شورو انجنيئرنگ ڪاليج کي پنهنجي اباڻي ضلعي نوابشاهہ ۾ (هاڻ بدلائي بينظير آباد ڪيو اٿن) ۾ ڪٽي آيو هو ۽ اسان اتي داخلا ورتي هئي. ڪاليج، پوليٽيڪنيڪل جي بلڊنگ ۾ ۽ هاسٽلون مختلف بنگلا ۽ پوليٽيڪنيڪل جي ڪجهہ هالن ۾ ٺاهيون ويون هيون. آڻون سائين امداد محمد شاهہ جي مجيد ڪيريو واري بنگلي تي رهندو هئس ۽ روزانو آئوٽ بيڪ ڪندو هئس. انهن ڏينهن ۾ شاگردن طرفان سڀني تنظيمن جي ايڪشن ڪاميٽي جوڙي ويئي هئي، جنهن هيٺين مطالبن لاءِ راهہ عمل جوڙيو هو.

1. ڄام شورو انجنيئرنگ ڪاليج کي يونيورسٽي ٺاهيو.
2. هاسٽلن لاءِ جوڳو بندوبست ڪريو.
3. بسن جو بندوبست ڪريو.

هاسٽلون شهر ۾ هئڻ ڪري شاگرد پنڌ ڪاليج ۾ ايندا هئا. سخت گرميءَ ڪري تڪليف ٿيندي هئي. مون کي ڏينهن ۽ تاريخ ياد ناهي، پر شاگردن جي ايڪشن ڪاميٽيءَ طئي ڪيو تہ شهر ۾ احتجاجي جلوس ڪڍيو وڃي. ايڪشن ڪاميٽي ڪاليج ۾ جنرل باڊي ڪئي ۽ اُتان سوير شاگردن بينر کڻي شهر ڏانهن هلڻ شروع ڪيو. توهان کي ٻڌائيندو هلان تہ ڪاليج شهر کان ڏيڍ ٻہ ڪلو ميٽر پري هو. اسان جڏهن شهر ۾ پهتاسين تہ پوليس جي وڏي تعداد شاگردن کي روڪيو. جنهن ڪري پوليس ۽ شاگردن ۾ جهڙپون ٿيون ۽ جلوس چڙوچر ٿي ويو. شاگرد سڄي شهر ۾ پکڙجي ويا. پوليس شاگردن کي

گرفتار ڪرڻ شروع ڪيو جنهن ۾ آئون، اشتياق انصاري، حبيب الله ڪابورو، نديم عباسي ۽ رسول ڪوسو گرفتار ٿياسين اسان کي پهرين ٽاٽي ۾ پوءِ ڊسٽرڪٽ جيل نوابشاهه وٺي آيا. مون کي ڏاڙهي، وڏا وار ۽ ناسي رنگ جا ڪپڑا ۽ ناسي ۽ اڇي رنگ جي پٽاپٽي جرسي پاتل هئي، جيڪا منهنجي پوليس وارن طرفان سچاٽپ جي ڪري گرفتاريءَ جو سبب بڻي. جو ته پوليس کي بينرن مان ڏنڊا ڪڍي هنيان هيم. مون کي زيبرا جي سچاٽپ تي گرفتار ڪري خوب ڏنڊا هنيائون. شام جو جيل اندر جيئن داخل ٿياسين، ته قيدي مڃن کي تيل هڻيو ويٺا هئا. تن صبح جو مون کان پڇيو ته ڏڙو آهي ته شاگرد گرفتار ٿي آيا آهن. مون وراڻيو: "ها اسين شاگرد آهيون." قيدي رڙ ڪري چيو ته اوهين ته شاگردن جا پيئر ٽا لڳو. جو ته اشتياق به اسپورٽس مين ۽ قد ڪاٺ جي حوالي سان معصوم شاگرد ڪونہ پئي لڳو ۽ غلام رسول ڪوسي کي به ڏاڙهي هئي. باقي حبيب الله ڪابورو اهو شاگرد لڳو ٿي، سنهڙو لسڙو ۽ سنڊي ٽوپي پاتل هوندي هئس.

قيدين اسان کان پڇيو: "توهان جو ليڊر ڪير آهي". اسان ڪابوري ڏي اشارو ڪيو ته ٻئي قيدي رڙ ڪري چيو: "توهان ڪوپا لڳا پيا آهيو هي ٻڇڙو توهان جو ليڊر." خير رات دير سان اسان کي پوليس ڪليل ٽرڪ ۾ وجهي، خيرپور جيل ڏانهن روانو ڪيو سيءُ به ڏاڍو هو. شايد جنوري يا ڊسمبر جو مهينو هو. اسر مهل اڇي جيل جي دروازي تي پهتاسون. ايڏا جيل ڪونہ ڪُليو هو. جيل ڪُليو. اسان کي اسپيشل وارڊ، جيڪو ڪنهن وقت عورتن جو وارڊ هو، باريڪ جي دروازن ۽ درين تي لوهي شيخون هيون. جيئن جيل پوليس جا وارڊن نظرداري ڪري سگهن. وارڊ ۾ هڪ وڏو اڳڻ ۽ وچ ۾ سرنهن جو وڻ بيٺل هو. جنهن تي مختلف قيدين جا نالا لکيل هئا. اُتي هيٺ ڪمبل وڇائي ويٺا هئاسين ته جيل عملدار آيا. اسان کي هڪ قيدي برداشتي ڏنائون، جيڪو بيرڪ صفائي وغيره ڪندو هو ۽ ملاقاتين طرفان ڏنل سامان ڪٽائي ايندو هو. اسان سيني جو جيل جو پهريون تجربو هو. هفتي کان پوءِ اسان کي ڪراچي اسپيشل ڪورٽ ڪراچي وٺي ويا (يٽي سياسي مخالف ڪارڪنن لاءِ جوڙي هئي)، اُتي ميرمولابخش

لغاري، ڪامريڊ اعزاز نظير، لکو مل لوهاڻو نواز چنڊ، ابراهيم منشي، نفيس صديقي ۽ ٻيا سياسي ليڊر مليا. مير مولا بخش لغاريءَ فورن اسان لاءِ درخواست لکي بي ڪلاس لاءِ ولي محمد روشن جيڪو ڪورٽ جو سيڪريٽري هو ان کي ڏني، جنهن اسان جو بي ڪلاس منظور ڪيو ۽ اسان کي لڳل هٽڪڙيون کوليون ويون. ڪراچي جيل ۾ رکيو ويو. جتي آريسر صاحب ۽ ٻيا ڪافي جيئي سنڌ جا ڪارڪن گرفتار ٿيل هئا. اهو به پراڻو عورتن جو وارڊ هو جتي ٻڌايو ويو ته سيٺ عابد جي ڏيءُ کي پڻ جيل ۾ بند ڪيو آهي.

بي ڪلاس هئڻ ڪري بورچيخانو به هلندو هو ۽ شام جو بيڊمنٽن راند به ڪندا هئاسون. رات جو تاش جو دور هلندو هو. اتي ڪامريڊ نظير عباسي (شهيد)، چوڌري ظهور الاهي، جنهن کي پڻ مينهن جي چوريءَ جي الزام ۾ گرفتار ڪرايو ويو هو ۽ رئيس علڻ خان ٽيهو ۽ ٻيا ڪافي سياسي ڪارڪن ۽ اڳواڻ مليا. هڪ ڏينهن اوچتو جيلر آيو ۽ چيائين ته اوهان واپس خيرپور لاءِ تيار ٿيو. اسين واپس خيرپور روانا ٿياسين. ان بعد به ڪيترا دفعا گرفتار ٿياسين. جڏهن پٽي جو تختو ضياالحق اونڌو ڪيو ان کانپوءِ اسان کي جيل مان آزادي ملي.

رسول بخش ٽيهو

(جيل جو ساٿي)

15 آگسٽ 1976ع
هٿيارن جي زور تي هاسٽل تي قبضو

رات ڪان وٺي هٿيارن جي زور تي اسان جو سڄي هاسٽل تي قبضو آهي. پوليس ان وقت ڪان وٺي هاسٽل کي چوڦير گهيرو ڪيون ويٺي آهي. جيئن وقت گذرندو پيو ويو تيئن پوليس جو تعداد وڌندو ۽ گهيرو تنگ ٿيندو ٿو وڃي. اسان هاسٽل جي مٿين ڇت تي پنهنجن قائم ڪيل مورچن مان سڀ ڪجهہ ڏسي رهيا آهيون. پوليس ٽورو بہ ويجهو اچي. اسان کي گرفتار ڪرڻ جو سوچي پئي تہ اسان جا هٿيار ڏسي پوئتي موٽي وڃڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿي. پوليس جي ان سخت چوڪسي ڪري اسان جو بہ هاسٽل مان نڪري پڃڻ ناممڪن آهي.

پوليس ۽ اسان جي اها اڪ ٻوٽ ڏسي. ڪاليج جا ٻيا پڙهاڪو شاگرد، آهستي آهستي ڪمرا خالي ڪري ٽيلها ڪلهن تي لڙڪايون پنهنجي ڳوٺن ڏي واپس وڃي رهيا هئا.

صبح جو ساڍي ڏهين ڌاري اسان جي هاسٽل جو وارڊن مسٽر نور محمد پنهور اسان سان ملڻ آيو هو اسان ڏي چوڦير ڪڙو چاڙهيندڙ پوليس آفيسر جو نياپو ڪٽي آيو هو سائين نور محمد پنهور جي هٿ ۾ هڪ ڪاغذ هيو جنهن تي پوليس کي گهربل ڏهن ڄڻن جا نالا درج هئا. مون ڪاغذ کٽي نالا پڙهڻ شروع ڪيا.

اشتياق انصاري، حبيب الله ڪابورو، رسول بخش ٽيپو، غلام رسول ڪوسو، نديم عباسي، پير بخش سولنگي، روشن جوٽيجو، عمر الدين زرداري، عبدالمجيد ڀلڪاڻي ۽ علي حسن شاهہ. علي حسن شاهہ ڪانسواءِ ٻيا سڀ دوست نوابشاهہ انجنيئرنگ ڪاليج جا شاگرد آهن. علي حسن شاهہ هن وقت جيئي سنڌ استوڊنٽ فيڊريشن جو مرڪزي

اڳواڻ آهي. جيئن تہ هو بہ اسان جو سنگتي آهي. ان ڪري پوليس کي اسان سان گڏ علي حسن شاهہ بہ گهربل آهي.

هاسٽل انچارج وڌيڪ ٻڌايو پوليس چاهي ٿي تہ اهي سڀ شاگرد ٻاهر نڪري پاڻ کي پوليس آڏو پيش ڪن نہ تہ ٻي صورت ۾ پوليس زوري اندر گهري کين گرفتار ڪندي. اسان پنهنجي محترم استاد کي عرض ڪيو تہ "انهن گهربل شاگردن مان پنج ڇٽا هتي موجود آهن. ٻيا دوست رات جي اونداهي جو فائدو وٺي نڪري ويا آهن. اسان هتي باقي رهيل دوست ڪنهن بہ حالت ۾ پوليس اڳيان پيش نہ ٿيندا سين. جهيڙو تہ جهيڙو. پوليس پلي اچي مقابلي بعد اسان کي گرفتاري ڪري اسان مرڻ ۽ مارڻ لاءِ تيار آهيون." سائين اسان جا خونخوار اردا ڏسي. مايوس ٿي واپس هليو ويو. ائين اسان شام تائين مورچا سنياليون ويٺا رهياسين. پوليس بہ ڪا اڳرائي نہ ڪئي ڪري تہ متان ڪو شاگرد مري نہ پئي.

اهو سارو ڏينهن ضلعي انتظاميا ۽ پوليس، جهيڙي جهٽي ڪانسواءِ ان جو ڪو حل ڳولهڻ ۾ مصروف هئي. هيڏانهن اسان بہ مورچا سنياليون ويٺا هئاسين.

شام جو ساڍي پنجين ڌاري ڪجهہ گاڏيون اسان جي هاسٽل جي در وٽ اچي بيٺيون. پهريان تہ اسان سوچيو تہ انهن کي فائرنگ ڪري پڃايون. پر پوءِ ڏٺوسين تہ انهن ماڻهن ۾ اسان جو پرو وائيس چانسلر مسٽر ايس ايم قريشي بہ شامل هو. پنهنجي محترم استاد ڏسي اسان فائرنگ جو خيال لاهي ڇڏيو. هي سڀ اچي واردن جي ڪمري ۾ ويٺا. جيڪي شايد سڀ جامشورو کان ڪهي آيا هئا. ڪجهہ دير ڪانپوءِ اسان جو واردن نياپو ڪٽي آيو تہ پرو وائس چانسلر صاحب اوهان سان ملڻ ٿو چاهي. اسان هٿيار لڪائي هاسٽل واردن جي ڪمري ۾ ساڻن ملڻ لاءِ پهتاسين. ڪمري ۾ داخل ٿياسين تہ اتي اسان جو پرو وائس چانسلر مسٽر ايس ايم قريشي، ڪاليج جو وائس پرنسپال سائين عبدالرحمان ميمڻ، سائين مير محمد شاهہ، سنڌ يونيورسٽي جو رجسٽرار جناب حميد سنڌي ۽ هاسٽل انچارج سائين نور محمد پنهور بہ موجود هئا. محترم ايس ايم قريشي ۽ محترم مير محمد شاهہ اسان سان ڪافي ڳالهيون ڪيون. هو اسان جي ان عمل تي ڪافي ڏڪارا هئا

تہ توهان جي ان حرکت سان ڪاليج جي وڏي بدنامي ٿي آهي. اخبارن، ريڊيو ۽ ٽي وي توهان جي ان حملي کي ڪافي هوا ڏني آهي.

اسان ب پنهنجي طرفان قريشي صاحب کي پنهنجا دليل ڏنا تہ "ان معاملي کي خونريزي تائين پهچائڻ ۾ توهان جو ب قصور آهي، توهان ڪاليج انتظاميا، حڪومت جي وزيرن ۽ مشيرن اڳيان پنهنجو چٽو موقف رکو ها تہ معاملا ان حد تائين نہ پهچن ها.!"

بهرحال يونيورسٽي ۽ ڪاليج انتظاميا بضد هئي تہ "توهان هٿيار ڦٽا ڪري پيش ڪيو جيڪڏهن توهان پيش نہ پوندا تہ پوليس ڪنهن ب حالت ۾ توهان کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار آهي، هو هاسٽل ۾ داخل ٿي ب توهان کي گرفتار ڪندي، کين چيف منسٽر کان سخت هدايتون پهتل آهن. پوليس جي ڪاليج جي احاطي ۾ گهڙي توهان کي پڪڑيندي تہ اها ڪاليج جي بدنامي آهي، اوهان هن اداري جو مَانُ رکڻ لاءِ پوليس وٽ پيش ڪيو ان ۾ ئي اداري جي ڪجهہ عزت بچندي"

بهرحال گهٽي بحث مباحثي بعد پرو وائس چانسلر جي چوڻ تي اسان پوليس اڳيان پيش ڪرڻ لاءِ تيار ٿياسين. اتي اسان گرفتاري ڏيڻ مهل ب شرط رکيا،هڪ تہ اسان کي پوليس لاڪ اپ ۾ نہ رکيو ويندو. پر سڌو جيل ڪسٽڊي ۾ ڏنو ويندو. ڇو جو اسان جن ڇوڪرن کي ڏڪ هنيا هئا، انهن مان هڪ سنجراڻي ڇوڪري جو وڏو پاءُ ان ٽاڻي تي صوبيدار هو ان ڪري خيال هو تہ متان اهو صوبيدار پنهنجي زخمي ننڍي پاءُ جو بدلو نہ وٺي. ٻيو شرط اهو هو تہ اسان جي هاسٽل جي ڪمرن کي سيل رکيو وڃي جيستائين اسان واپس آزاد ٿي نہ اچون.

اهو ٻيو مطالبو الائي ڇو اسان هروپرو ڪيو هو حالانڪ اسان جي ڪمرن ۾ ڪابہ اهڙي شيءَ ڪانہ هئي. ان ڪانسواءِ جيڪڏهن اسان جا ڪمرا سيل ٿين ها تہ اسان جا روم پارٽنر ڪاٿي رهن ها. ان وقت سرفراز احمد جلباڻي مون سان گڏ رهندو هو.

اسان جا ٻئي شرط مڃڻ بعد پرو وائس چانسلر ايس ايم قريشي، مئجسٽريٽ ۽ ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ پوليس کي اندر هاسٽل ۾ گهرايو. مئجسٽريٽ امداد علي قريشي صاحب مون کي چڱي طرح سمجهاڻي ٻيو هي شايد اصل روهڙي جا آهن، پر اڄ ڪلهہ نوابشاهہ ۾ مختيارڪار

آهي. گذريل سال جڏهن اسان جي ڪاليج جا ڪجهه شاگرد گرفتار ٿيا هئا، انهن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ اسان نوابشاهه شهر جي مک چوڪ 'چُڪرا بازار' تي بک هڙتال ڪئي هئي ته هي مئجسٽريٽ اسان کي بک هڙتال دوران گرفتار ڪري ويو هو انهي ڏينهن کان ٿوري گهٽي هن سان سچاٽپ آهي. ان کانسواءِ سندس فرزند مظهر قريشي به اسان جي ڪن دوستن جو قريبي دوست آهي. مئجسٽريٽ اتي ئي ڪجهه ڪاغذن تي لکپڙهه ڪري اسان پنجن ڇڻن کي پوليس حوالي ڪيو. جن ۾ حبيب الله ڪابورو رسول بخش ٿيبو غلام رسول کوسو نديم عباسي ۽ مان شامل هيس. پوليس جي گاڏي عام رستي کان لڪائي، هاسٽل جي پويان اچي بيهاري وئي هئي.

اسان کي پنڌ ئي پوليس جي پڪ اپ تي چڙهڻ لاءِ پرو وائس چانسلر مسٽر ايس ايم قريشي، وائس پرنسپال مسٽر عبدالرحمان ميمڻ، سائين مير محمد شاهه هاسٽل وارڊن سائين نور محمد پنهور ۽ سائين سجاول سان گڏ مئجسٽريٽ ۽ ڊي ايس پي به گڏجي آيا.

ڪافي شاگرد جن جا ڳوٺ پري هئا يا جن کي سواريون ملي نه سگهيو هيون، خاص ڪري بلوچستان ۽ عربستان وغيره جا چوڪرا، هاسٽلن جي مٿان بيهي اسان کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ بعد پوليس جي گاڏي طرف ويندو ڏسي رهيا هئا.

اتي موجود اسان جي مخالف گروپ جي چوڪري اسان کي پوليس ڪسٽڊي ۾ ڏسي پري کان ئي مون کي ماءُ تي گار ڏني، منهنجا ته ڪن ئي ڳاڙها ٿي ويا، ڪاوڙ ۾ سڄو ڏڪان پيو. جڙ زمين به ڏڏي پئي. سوچيو ته پوليس کان پڇي وڃي ان واحيات جو مٿو ڪچو ڪيان، پر ان وقت مان پاڻ مجبور هيس، اتي هڪ پوليس واري کيس اشارو ڪري جواب ڏنو "اهڙو مڙس ماڻهو آهين ته سامهون ويڄهو اچي گار ڏينس، باقي چت تي بينو ٿو پونکين."

اسان نيٽ اچي پوليس گاڏي ۾ چڙهياسين، اهو هڪ ڪليل ٽرڪ هو ان ڪري پوليس احتياطاً چوڌاري گهيرو ڪري بيهي رهي، گاڏي رواني ٿي ته مان سڄي وات وَٽ ڪائيندو ان بدشڪل ماتا جا سينئرا نڪتل، جواري چوري لاءِ سوچيندو رهيس، جنهن مون کي گار ڏني

هئي. مون دل ئي دل ۾ پهه ڪيو ته جيڪڏهن غيرت هوندي ته آزاد ٿيڻ بعد ان ڪار منهين چوڪري کان ضرور بدلو وٺندس.

اسان سڏو اچي نوابشاهه جي ڊسٽرڪٽ جيل پهتاسين. ان وقت شام جو ساڍا ڇهه ڪن ٿيا هئا. حالانڪ جيل بند ٿي چڪو هو ان ڪري جيل سپرنٽينڊنٽ کي گهران سڏايو ويو. جيل سپرنٽينڊنٽ اسان کي پنهنجي آفيس ۾ گهرائي حال احوال ونيو دفتري خانه پوري ڪئي.

اتي جيل اندر اسان سان غلام رسول زرداري اچي مليو. غلام رسول زرداري سچل ڪاليج نوابشاهه جو شاگرد اڳواڻ آهي. هن کي گرفتار ٿئي اٽڪل سال ٿيو آهي. يار ڪورٽ مان ڪنهن هڪ ڪيس جي ضمانت ڪرائي ٿو ته وري ڪيس ٻي ڪيس ۾ سوڙهو ٿا ڪن.

جيئن ته ان مهل سج لهي چڪو هو جيل جا سپ وارڊ بند ٿي چڪا هئا. جيل عملي جي چوڻ مطابق جيل جي هر بئرڪ سيل ٿي چڪي آهي. ان ڪري اسان کي بورچيخاني ۾ بند ڪيو ويو. بورچيخانو تمام ننڍڙو هو ان ۾ اسان سان گڏ بورچيخاني ۾ ڪم ڪندڙ پنج قيدي ٻيا به هئا. جيڪي ويچارا تتل تنور تي ئي سمهي پيا. بورچيخاني ۾ ٻن گرائن جيترو ننڍڙو پکو هلي رهيو هو جيڪو پورو پگهر سڪائي ته نه ٻيو هٿون پگهر ڪيڏي ٻيو اتي ئي اسان کي رات جي ماني آڻي ڏنائون. زندگي ۾ پهريون دفعو ڪنهن جيل جي ماني کاڌيسين. ڏسون اها ايڏا ڪيترا ڏينهن کائڻي ٿي پئي. گذريل ساري رات جهيڙي. فائرنگ ۽ پوليس سان مقابلي ڪري جاڳي گذاري هئي. ان ڪري ٽڪ ۽ اوجاڳي سبب سمهڻ سان ئي اک لڳي وئي.

❐

16 آگسٽ 1976ع
لسڙات ڇوکرا...

صبح جو اک کلي ته مون کان اڳ ئي سڀ قيدي اٿي چڪا هئا. اسان به تنور خاني مان نڪري اچي ٻاهر پڌر تي بيٺاسين. جيل جي هن مک حصي ۾ جيل جي عملي جون آفيسون ۽ بورچيخانو وغيره آهي. ان جي ڀرسان جيل جي اندرين پاسي تي عام قيدين جون بئرڪس ٺهيل آهن. مون کي واش روم ويڙ جو خيال ٿيو. جيل عملي کان واش روم لاءِ پڇيوسين ته هن ٻڌايو ته "ڪڙڪي" جيل جي اندرين پاسي قيدين واري بئرڪس طرف آهي. هتي جيل ۾ ڪاکوس کي "ڪڙڪي" چيو ويندو آهي.

ڪالهه کان جيل جي عام قيدين کي اها خبر پئجي چڪي هئي ته ڪاليج جا ڪي لسڙات ڇوکرا جهلجي آيا آهن. ان ڪري سڀني قيدين کي رات کان وٺي اهو انتظار هو ته صبح ٿئي ته اهي سهڻا شاگرد ڏسون. هنن جو خيال هو ته اهي شاگرد ننڍڙا، ڪچڙا ۽ شڪل شبيهه ۾ موچارا هوندا. پر جڏهن مون کي ۽ رسول بخش ٽيهو کي ڪنهن ملهه جيان جهومندي ڏٺو ته ويچارا ڏاڍا مايوس ٿيا. هڪڙي برهه جي سڙيل قيدي پنهنجا حيانو جي باهه کان چڏا ڪندي اسان ڏي اشارو ڪري دانهن ڪئي "ويچارا معصوم پڪڙي آيا آهن." اهو گفتو ٻڌي اسان به ڪلندا بئرڪس کان ٻاهر نڪر آياسين.

اسان سڀ بورچيخاني مان نڪري جيل عملي جي آفيس جي ٻاهران بينچ تي ويٺا هئاسين ته پريس ڪلب نوابشاهه جي ڪيفي ٽيريا جو بيرو چانهه ۽ ڪيڪ وغيره کڻي آيو هن ٻڌايو ته اسان جو دوست اشرف علي يتي ڪيفي ۾ ويٺو آهي. جنهن چانهه وغيره

موڪلي آهي، مون ٻيري جي معرفت اشرف علي ڏي چني لکي موڪلي، جنهن ۾ ڪيس بسترو ٽوال، ڪپڙا، ڦٽي ۽ ڪجهه ٻيو سامان موڪلڻ لاءِ چيو. ساڳي وقت مون ٻيري کي 50 رپيا ٻه ڏنا.

صبح جو جيل ۾ اخبارون ڏنيوسين ته سنڌي اخبار عبرت جي آخري صفحي تي وڏي سُرخي سان اسان جي ڪاليج جي جهيڑي جي خبر هن طرح لکيل هئي.

"انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهه ۾ ٻن گروهن ۾ جهيڑو. چار زخمي ۽ 6 گرفتار."

"اخبار ۾ زخمين جا نالا ۽ فوٽو پڻ ڏنل هئا. انهن تصويرن ۾ انجنيئرنگ ڪاليج جي هڪ ليڪچرر مسٽر عبدالشڪور جو فوٽو پڻ شامل هو. مسٽرعبدالشڪور انجنيئرنگ ڪاليج جي سوسائٽي واري هاسٽل ۾ رهندو هو. ويچاري کي ڪجهه ڏينهن اڳ سوسائٽي جي ڪن رهزنن ڏاڪ هٽي سخت زخمي ڪيو هو. مان گذريل رات اسپتال وڃي سائين کي پنهنجو رت ٻه ڏئي آيو هيس. عبرت اخبار ۾ اسان جي گرفتاري پڻ نالن سان ڏنل هئي. ساڳي طرح جنگ اخبار ۾ ٻه خبر آهي ته:

"نوابشاهه انجنيئرنگ ڪاليج جي چوڪرن جي وچ ۾ جهيڑو. جنهن ۾ چار شاگرد زخمي ٿي پيا آهن."

هون ٻه اخبارن ۽ ريڊيو تي اچي ٿو ته سنڌ ۾ ٻوڏ جي صورتحال تمام خراب آهي، خيرپور کي خطرو پيدا ٿي چڪو آهي، دادو کي ٻه ٻارهن ڪلاڪن اندر خطرو آهي، ريلوي جي مکيه لائين ۽ هاءِ وي هڪ کان وڌيڪ هنڌن تي ٽٽي پيا آهن.

ٿوري دير بعد جيل سپرنٽينڈنٽ آيو جيڪو اسان کي جيل جي هڪ پاسي واري بئرڪ ۾ چڏي ويو هي هڪ ڏگهو ڪمرو ٻن حصن ۾ ورهايل هو. وچ ديوار ۾ سيخن وارا در ۽ دريون لڳل هئا. جيل جي هن حصي ۾ گهٽو ڪري سياسي قيدي ۽ شاگرد وغيره رکيا ويندا آهن. مان اڳ ٻه جيل جي هن بئرڪ ۾ هڪ ٻه دفعو پنهنجي قيدي دوستن سان ملاقات ڪري ويو هيس.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

اتي جيل ۾ وينا ئي هئاسين تہ اها خبر پئي تہ اسان جي ڪاليج جا ڪجھ ٻيا چوڪرا ٻہ گرفتار ڪيا ويا آهن، جيڪي هن وقت پوليس ٽاٽي تي لاڪپ ۾ آهن، جن کي ٻہ هت آندو ويندو.

ٿوري دير ڪانپوءِ ڏٺوسين تہ واقعي پوليس اسان جي انجنيئرنگ ڪاليج جي ٻن شاگردن عبدالستار ڪورائي ۽ ذاڪر حسين لغاري کي وٺي آئي. ڪالهوڪي جهيڙي بعد جڏهن پوليس کي اسان اڃا هٿ نہ آيا هئاسين تہ پوليس کين هاسٽل مان نڪرڻ بعد واٽ ويندي پڪڙي. سندن 13 آرمس ايڪٽ تحت گرفتاري ڏيکاري آهي، حالانڪہ هي پڙهاکو دوست ستار ڪورائي ۽ ذاڪر لغاري ڪنهن ٻہ جهيڙي ۾ شامل نہ هئا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هو اسان جا همدرد ۽ محسن هئا.

اسان جيل ۾ پاڻ ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئاسين تہ اشرف پٽي بستر و ۽ ٻيو سامان کڻي آيو هن سان گڏ سندس دوست امتياز ميمڻ پڻ هيو. اشرف علي کي ڪجھ پنهنجا ڪپڙا آڇڻ لاءِ ٻہ چيو هو. اشرف پٽي سلوار قميص ڪافي وڏي ۽ ويڪري پائيندو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اڄ ڪلهہ هونئن ٻہ سلوار قميص ڪافي ويڪري ۽ گهيريدار پاتي وڃي ٿي. مان ٻہ اٽن کان ڏهن والن جي ويڪري سلوار پائيندو آهيان. ان ڪري شاگرد نہ پر ملهہ لڳندو آهيان. مون کي ياد آهي تہ هڪ پيري هتي اسپتال ۾ ڪنهن سان ملڻ ويو هئس تہ مون سان ڪنهن هٿ ملائيندي پڇيو هو.

"سائين اوهان شير ميربحر جا پٽ آهيو" شايد منهنجي هاڻي ڪائي ۽ شڪل ٿوري گهڻي سنڌ جي مشهور ملهہ پهلوان شير ميربحر سان ملي پئي. هونئن ٻہ اشرف علي جي والد محرم علي پٽي وٽ ڪيترا دفعا شير ميربحر سان ملاقاتون ٿيون آهن.

جيل جي هڪ سپاهي ڪجھ دير بعد اچي اها خراب خبر ٻڌائي تہ اشرف پٽي جڏهن توهان سان هت ملڻ آيو هو ان مهل ڪجھ چوڪرا هن جو پيچو ڪندا. هن سان وڙهڻ لاءِ آيا هئا. جيل جي سپاهي انهن چوڪرن جي ٽولي کي جيل جي آسپاس مشڪوڪ حرڪتون ڪندي ڏسي، احتياط رائفل کي لوڊ ڪري گولي چئمبر ۾

وجهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اتفاق سان گولي ڇٽي وئي. (اهڙو فائر جو آواز واقعي اسان پڙ ٻئرڪ ۾ ٻڌو هو) اهو فائر جو آواز ٻڌي اهي نياڳا ڇوڪرا ڀڄي ويا.

اها حقيقت آهي تہ اسان جا مخالف ايڏا تہ ڪمزور ۽ بداخلاق آهن جن مان اها اميد رکڻ بعيد آهي تہ هو ڪي اسان جي دوستن سان نہ وڙهندا. هو اسان سان تہ ٺهيو پر اسان جي دوستن کي بہ تنگ ڪندا رهندا آهن. ڪجهہ عرصو اڳي اسان جوهڪ دوست لاکو اسان سان هاسٽل ۾ ملڻ آيو. اتفاق سان اسان هاسٽل ۾ موجود ڪونہ هئاسين. هو غلطي ۾ مخالف ڇوڪرن وٽ ويڇي پهتو. هنن ساڻس بدتميزي ڪري. پوليس کي گهرائي هروپرو ٽاڻي ۾ بند ڪرائي ڇڏيو. اسان جي دوست جي منٿن مائٹن وڏي ڊڪ ڏوڙبعد ڪيس وڃي ڇڏايو.

مون کي ياد آهي تہ هڪ دفعو اهڙن ئي جهيڙن دوران. شاگرد خوف کان هاسٽل خالي ڪري ويا هئا. مان اڪيلو ئي هاسٽل ۾ رهيل هيس. ٽاڪ منجهند جو هڪ ٻهراڙي جو همراهہ پگهر ڳاڙيندي اچي ڪمري جو در کڙڪايو. همراهہ ٻڌايو تہ هو ڪنهن ٻئو شاگرد جو وڏو ياءُ آهي. ڳوٺان ياءُ سان ملڻ آيو آهيان. پر هاسٽل خالي آهي. ٻاهر چوڪيدار اوهان جو ڏس ڏنو تہ هاسٽل ۾ صرف اوهان رهيل آهيو. مان ڪيس پنهنجي وڏي ياءُ جيان ڪمري ۾ رهايو. بورچي ۽ چوڪيدار کي سندس خيال رکڻ لاءِ چيو. هو شايد هڪ رات مون وٽ مهمان ٿي رهيو. ٻئي ڏينهن تي ڪيس بس تي چڙي آيس. حالانڪ سندس ننڍڙي ياءُ سان اسان جو جهيڙو هلي رهيو هو. هو اڄ بہ اسان سان وڙهڻ لاءِ بندوق کنيون ٻيٺو آهي.

بهرحال هاڻي اشرف ٻڌي تي حملي جي باري ۾ ٻڌي ڏاڍو پريشان ٿي ويس. مون اتي پاڻ ئي اهو فيصلو ڪيو تہ جيڪڏهن اشرف ٻڌي سان اٽڪيا آهن يا ڪيس منهنجي ڪري ڪا تڪليف پهچائيندا تہ مان آزاد ٽيڻ کانپوءِ ايستائين اشرف کي منهن نہ ڏيکاريندس جيستائين ان جو بدلو نہ وٺندس.

منجهند جو ماني بہ اسان پريس ڪلب جي ڪيفي ٽيريا مان گهرائي کاڌي. شام جو اسان کي ٽوٽل بند ٽيڻ مهل جيل جي اندرين

حصي ۾ بند ڪيائون ۽ باهرين حصي ۾ ٽي پراڻا قيدي "مقدم" رکيائون. جيل جو هي ڪوٽي/سيل ۾ن حصن ۾ ورهايل آهي. وچين ديوار ۾ لوهو در ۽ دري لڳل آهي.

هت جيل ۾ ڪجهه ڪچا قيدي هوندا آهن. ڪچا قيدي اهي هوندا آهن جن کي ڪورٽ طرفان سزا ڏنل نه هوندي آهي.

□

17 آگسٽ 1976ع
چوري جي ٽاڊل جا ٻہ ڀُڪ...

ٻيج بني مهل اک ڪلي تہ در جي سيخن مان ڏٺم تہ ڪمري جي ٻاهرين حصي ۾ واڙيل، ٽن مقدمن مان هڪ نوجوان قيدي جمالي ڪمري ۾ ڇهل قدمي ڪري رهيو هو هي خوبرو ڇوڪرو ڪجهہ عرصو فوج ۾ ٻہ رهي آيو آهي، همراهہ ڳالهين جو ڳهيرِ ۾ برجستو آهي، هن کي وارڊ ۾ گهمندي ڏسي سوچيم تہ شايد ڪيس ننڍ نٽي اچي، ان ڪري وقت گذاري لاءِ چڪر ڏئي رهيو آهي.

مان بلب جي روشني کان بچڻ لاءِ پنهنجي چهري تي ٻانهن رکي وري سمهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيس تہ ڏسان تہ اهو قيدي هوريان هوريان سيخن واري دري جي پرسان اچي پنهنجو هٿ دري مان اندر ڪري اتي اسان جو رکيل ٽاڊل جي شيشي جي ٻُجي وڏي هوشيار سان بند ڪري رهيو هو هن شايد انهي دري جي سيخن مان ٽاڊل جو شيشو کڻي ڪجهہ ڏڪ ٻريا هئا، مون کي اهو ڏسي ڪافي افسوس ٿيو تہ ڪيڏو نہ دلبر ۽ ڪچهري جو مور ماڻهو آهي، پر هن اها خسيس حرڪت ڇو ڪئي؟ ڇا هن کي ننڊپڻ کان اڳو ماحول مليو آهي؟ ڇا جيل ۾ اڳيون هلڪيون چوريون ٽيندیون رهنديون آهن، هونءَ اها ڪا وڏي ڳالهہ نہ آهي، اهو ٻہ ٽي سگهي ٿو تہ ڪافي عرصي کان جيل جي بي ذائقا آيرڻ سيري ماني کائڻ کري، يار وات جو ذائقو مٽائڻ لاءِ ٽاڊل جا ٻہ ڏڪ پيتا هجن، بهرحال ڪاڏي هن جي من موهيندڙ شخصيت ۽ ڪاڏي چوري جي ٽاڊل جا ٻہ ڏڪ.

صبح جو جيل سپرنٽينڈنٽ چڪر تي آيو تہ اسان کيس سگهڙي، ڪوئلہ، ديڳڙي وغيره ڏيڻ لاءِ چيو ٿوري دير بعد اهي شيون اسان کي ملي ويون.

ان کان اڳ چانهه وغيره اسان ٻاهران گهرائي پيون تا. ٿوري دير بعد اشرف پٽي ڪپڙا ۽ چادرون وغيره ڏيڻ آيو. هن کي ڏسي دل کي آٽت مليو. حالانڪ ڪالهه مٽس حملي جو ٻڌي ڏاڍو پريشان ٿيو هئس. مون جڏهن نوابشاهه انجنيئرنگ ڪاليج ۾ اچي داخلا ورتي هئي تہ ان وقت نواب شاهه جا رڳو ڪجهه ائٿليٽ ۽ ڪرڪيٽ جا راندين واقف هئا. انهن مان اڪرم چوڌري، فضل الرحمان، ارشد چوڌري، شڪيل وغيره سان انٽر ڊسٽرڪٽ، ڊويزن ۽ ڪرڪيٽ جا ٽرافي ميچز گڏ کيڏيا هئا. پر هت هاسٽل ۾ رهڻ دوران شهر جي ٻين دوستن سان به ملاقاتون ٿيڻ لڳيون جن ۾ هتان جي جيل سپرنٽينڈنٽ صلاح الدين بلوچ جي فرزندن مجاهد، جاويد ۽ مراد بلوچ سان گڏ نثار آرائين، نصر جان ۽ اشرف پٽي سان باقاعده ڪچهريون جو سلسلو شروع ٿيو.

اشرف پٽي سنو ڪرڪيٽ جو راندين. هاردِ هٽر ۽ ليفٽ آرم ليگ اسپنر آهي. هونئن به روشن چهرو وٽندڙ شخصيت. ٿهندڙ هاڻي ڪاڻي. خاص ڪري هن جا جاندار ٿهڪ آسپاس جي ماحول کي ڏوڏي ڇڏيندا آهن. ڊگهي قميص ۽ گهريدار سلوار ۾ تہ پهلوان لڳندو آهي. اشرف علي جو والد محرم علي پٽي نواب شاهه پريس ڪلب جو سرپرست ۽ اڌيندڙ آهي. هن جي ڪوشش سان نواب شاهه پريس ڪلب، اڏاوت ۽ سجاوٽ جي خيال کان سنڌ جي بهترين پريس ڪلب آهي. اشرف سان ويجهڙائي ڪري چاچا محرم علي پنهنجي اولاد جيان پيار ڏيندو آهي. ان ڪري اسان به جڏ ڪلب جا ميمبر ٿي ويا آهيون. شام جي وقت هت ٽيبل ٽينس تي ڪافي ڇوڪرا اچي گڏ ٿيندا آهن. ان کانسواءِ شطرنج به سچوڏينهن پئي هلندي آهي.

ڪچڙي منجهند ڏاري فضل الرحمان ۽ سندس وڏو ڀاءُ عبدالرحمان، منير احمد ۽ آفتاب شيخ ملاقات لاءِ آيا. آفتاب شيخ لاڙڪاڻي کان سيڙجي مون سان ملڻ آيو آهي. هن کي منهنجي گرفتاري جي هت اچي خبر پئي. سال ڏيڍ کان هن سان ملاقات نہ ٿي سگهي آهي. ان عرصي ۾ همراهه ۾ ڪافي تبديلي اچي وئي آهي. حج به ڪري آيو آهي. هاڻي به اڌ سال کان تبليغي جماعت سان گشت تي

هو جتان تازو ئي واپس وريو آ، دل ست ڏنس ان ڪري ڪچهري لاءِ ڪهي آيو آهي.

پهرين نظر ۾ مون کيس نه سڃاتو نه ئي هن ڏي کو توجهه ڏنو مون سمجهيو ته شايد فضل الرحمان جو ڪو دوست هن سان گڏجي آيو آهي، پر پوءِ جڏهن فضل الرحمان هن ڏي اشارو ڪيو ۽ چتاءُ ڏنو مانس ته خوشي ۽ تعجب مان رڙ نڪري وئي.

"ارڙي آفتاب تون!!"

دل ته ڪافي ست ڏني ته ڪيس پيار مان ڀرائڙي پايان، پر ٻنهي جي وچ ۾ لوهي سيخون رڪاوٽ هيون، البت ڪافي دير هن سان هٿ ملايون ٻيئو رهيس، مون کي به قيدي جي حالت ۾ ڏسي هن کي ڪافي صدمو رسيو جيڪو هن جي چهري مان ظاهر هو.

آفتاب شيخ جو تعلق تر جي ڊبنگ زميندار خاندان مان آهي، هو لاڙڪاڻي توڙي سنڌ ۾ ڏگهه ڏينڌ وارا شيخ مشهور آهي، سندس والد محمد ڪريم شيخ تيرهن هزار ايڪڙ زمين جو مالڪ ۽ ڪيترن ڳوٺن جو چڪو مڙس هو اها پڳ هاڻي آفتاب جي وڏي ڀاءُ نور محمد شيخ کي منتقل ٿي آهي، اسان جي آفتاب سان واقفيت ڪرڪيٽ جي ميدان تي ٿي، هن جو شمار لاڙڪاڻي جي سٺن ڪرڪيٽرس ۾ هو هون به آفتاب شيخ منهن مهاندي، خوشپوشاڪي ۽ پنهنجي سياءُ ڪري هردلعزيز شخصيت جو مالڪ آهي.

همراهه هڪ خوبي يا خامي اها آهي جو هو پَاري جيان ڦرندڙ طبيعت جو مالڪ آهي، ڪڏهن شوق شڪار ۽ تفريح جو ڪوڏيو ڪڏهن راندين ۾ مست، ڪنهن مهل عشقبازي ۽ سنگيت جو ديوانو ته ڪنهن مهل شراب ۽ ڪباب جي ڪيڙ، پر هاڻي هن کي نئين رنگ ۾ ڏسي تعجب ٿيو يار کي مُلن واري ڏاڙهي، مڇون ڪوڙيل ۽ ٽڪر تجلا پئي ڏيس. ڏگهو گوڏن تائين ڪيس بنا ڪالر جو پهراڻ، لنڊي سٽڻ پنن تائين، پيرن ۾ اسپنج جي سادي چپل، هٿ ۾ تسبيح، مون ڪڏهن هن لاءِ اهو سوچيو به نه هو تازو حج ڪري آيو آهي. اڇڪلهه تبليغي جماعت سان لوٽو ۽ بسترو ڪچ ۾ وستي وستي گهندو ٿو وتي، ڏسئون

يار ڪيترو عرصو ان اثر کي قبول ٿو ڪري. مان ته سمجهان ٿو ته جلد ئي وري مون کي ڪنهن نئين ڪرت ۾ روپ ۾ نظر ايندو.

آفتاب شيخ ۾ ٻين دوستن سان ڪافي دير روح رهاڻ رهي. موڪلائڻ مهل مان فضل الرحمان کي چيو ته فون ڪري بابا سائين کي دلجاءِ ڏيو ته اسان جلد ئي ضمانت تي آزاد ٿي ويندا سين. متان هو پريشان ٿي هيڏانهن اچي.

اڄ ڪلهه سنڌ ۾ ٻوڏ جي صورتحال تمام خراب آهي. خبرن ۾ اچي ٿو ته هن وقت گڏبو بئراج وٽان 12 لک ڪيوسڪ پاڻي وهي رهيو آهي.

□

18 آگسٽ 1976ع
غلام رسول زرداري جا دليرانہ احتجاج

اڄ جيل تي ڪافي دوست ملاقات لاءِ آيا. منير احمد ۽ راهوجو سان گڏ ذڪاءُ الله شيخ ۽ طارق ميمڻ بہ هئا. اهي مهربان سامان جو پريون ٻڌي ڏئي ويا.

ذڪاءُ الله شيخ جو والد صاحب ڪنهن زماني ۾ لاڙڪاڻي ۾ ڊاڪٽر هو. هن جي وڏي پاءُ ثناءَ الله سان لاڙڪاڻي ڪان وڌي واقفيت آهي. هو اسان جي سينيئر راندينگرن عبدالله ميمڻ، مجيد رند، بشير چانڊيو منير چانڊيو وغيره سان گڏ ڪرڪيٽ کيڏيندو هو. هتي اڄ ڪلهہ ذڪاءُ الله ۽ سندس پاءُ اسدالله سان ڪافي ڪچهريون رهن ٿيون.

اهڙي طرح طارق ميمڻ سان بہ هتي ڪرڪيٽ جي ڪري ويجهڙائي ٿي آهي. سندس ننڍڙو پاءُ شعيب ميمڻ بہ ڪڏهن ڪچهري لاءِ ايندو آهي. ٻئي پائر طبيعتن معصوم ۽ وٽندڙ شخصيت جا مالڪ آهن.

منجهند ڏاري نوابشاهہ تعلقي ٽاٽي جي هڪ سپاهي اچي ٻڌايو تہ سپاٽي توهان کي ڪورٽ ۾ چالان ڪرڻ لاءِ وڌي ويندا سين. ان ڪري پنهنجي جسم تي سچاٽپ جا ڪي نشان لکرايو مان کين بہ نشان ڏيکاريا. هڪڙو چهري تي سڄي اک مٿان ٻرون وٽ ڏڪ جو نشان. جيڪو اسڪول جي زماني ۾ هاڪي کيڏندي لڳو هو. ٻيو ڪهي پير جي وڇين اڱرين تي زخم جو نشان. جيڪو ننڍپڻ ۾ وليدن ۾ رهڻ دوران گهاڙواهہ تي ڪڏو ڪوٽيندي ڪوڏر لڳي هئي.

اڄ باقي سارو وقت دوستن سان ڪچهريون ڪندي گذريو. جنهن ۾ غلام رسول زرداري شاگرد طور پنهنجون حرڪتون ۽ شاگرد ليبر جي

حيثيت ۾ شهر ۾ ڪيل دليراٽي احتجاج، جلسن، جلوسن ۽ پوليس سان ڪيل معرڪن جي باري ۾ ٻڌايو.

اڄ جي اخبارن ۾ آيو آهي ته پنجاب ۾ زلزلو آيو آهي، جنهن ۾ ڪافي جاني ۽ مالي نقصان ٿيو آهي.

□

19 آگسٽ 1976ع
شاگردن جو وهايل رت...

رات ساجهري سمهڻ ڪري صبح جو سوير ئي اک ڪلي وئي، اسان جا ٻيا ساٿي ساري رات تاس کٽڻ ڪري اڃان تائين ستا پيا آهن، رات هنن جي هل هنگامي ڪري ڪافي دفعا ڇرڪ ڀري اٿيا هئاسين، مطلب ته ساري رات ننڊ جاڳ ۾ ٻي آرامي ۾ گذري هئي. مون سان گڏ غلام رسول زرداري به اسر کان وٺي جاڳي رهيو هو هن کي به تاس بازن آرام ڪرڻ نه ڏنو هو. ان ڪري غلام رسول ۾ مان هنن کي سيکٽ ڏيڻ لاءِ هيانو ڦاڙ آواز ۾ قوالي ڳائڻ لڳاسين. ساڳي وقت سرگم جي جاءِ تي، هيٺ پٽ تي ستل همراهن مٿان قلابازيون ڏيڻ شروع ڪيون. اهڙن ڏُونين وارا منفرد قوال ڏسي ويچارا تاس جا کيڏاري جان بچائڻ لاءِ اکيون مهٽيندا اٿي ويهي رهيا.

اسان کي ڪالهه ئي جيل جو ڪو سپاهي ٻڌائي ويو هو ته صبح جو اسان کي ڪورٽ وٺي وڃي چالان ڪندا، اسان ايڏا پنهنجي من مستين ۾ مگن هئاسين ته جيل جي سپاهي اچي اطلاع ڏنو ته ٻاهر پوليس توهان کي وٺڻ آئي آهي، اسان جلد تيار ٿي ٻئرڪ کان ٻاهر نڪتاسين ته پوليس جو هڪ اي ايس آءِ ۾ ڪجهه سپاهي هٿڪڑيون ڪنيون بيٺا هئا، مون کي ۾ ندير کي هڪ هٿڪڑي ۾ سوگهو ڪيائون، زندگي ۾ پهريون دفعو هٿڪڑيون پاتم، اڳي ٻين کي هٿڪڑين سان ڏسندو هئس، پر اڄ پنهنجي هٿن ۾ هٿڪڑيون ڏسي تعجب ٿيو. اها ئي هٽ هئا جن سان ڪجهه عرصو اڳ ڪرڪيٽ جي فرسٽ ڪلاس ميچ ۾ فاسٽ بالنگ ڪري آيو هئس ۾ ٽيسٽ ميچ کيڏڻ جا خواب ڏسندو رهيو هئس، انهن ئي هٿن ۾ جيولن اُڇلي مان پاڪستان ايٿليٽڪ ٽيم جي ڪيمپ اٽينڈ ڪري چڪو هئس، هن وقت به انجنيئرنگ ڪاليج ڪرڪيٽ ٽيم جو ڪپتان ۾ بيسٽ ائٿليٽ آهيان.

جيل جي مک دروازي کان ٻاهر نڪتاسين تہ هڪڙي اڇي رنگ جي پرائيويٽ ويگن بيٺي هئي، جنهن تي پوپان ڳاڙهن اکرن ۾ ندير ايڪسپريس لکيل هو. اسان وارو ندير عباسي تہ مون سان گڏ ٻڌو ويٺو هو. ويگن ڏسي مون اندازو ڪيو تہ پوليس اسان کي نوابشاهہ ڪورٽ نہ پر ڪنهن ٻي هنڌ تي وٺي وڃي، پر اها ڳالهہ ساڻين سان نہ ڪيم. گاڏي ٽورو اڳتي هلي تہ صوبيدار ٻڌايو تہ توهان کي حيدرآباد ٽا وٺي هلون. جتي توهان کي ڪورٽ ۾ پيش ڪنداسين. اسان کي وڏي ڏوکي سان نوابشاهہ جيل مان ڪڍيو ويو هو ان ڪري استعمال جي ڪابہ شي ڪٽي نہ سگهياسين، رڳو جسم تي وڳو پاتل هو.

اسان کي خبر هئي تہ حيدرآباد جيل ۾ "حيدرآباد سازش ڪيس" جا قيدي ولي خان وارا بند آهن. اسان کي شايد اوڏانهن وٺي نہ وڃن، صوبيدار وري هٿ جي ٽوهٽي، ٽي سگهي ٽوتہ سکر جيل ڪٽي وڃن.

اسان جي گاڏي اڳيان پائلٽ طور هڪ پيو صوبيدار بہ موٽر سائيڪل تي هلي رهيو هو. جيڪو انجنيئرنگ ڪاليج جون هاسٽلز ٽپائي واپس هليو ويو.

ڪاليج جي دروازي ۽ بس اسٽاپ وٽ ڪجهہ شاگرد بيٺا هئا. ان ئي هنڌ تي رات اسان مخالف گروپ جي شاگردن تي حملو ڪري رت وهايو هو. اسان جي گاڏي تيزي سان ان شاگردن جي ڪريل رت مٽان گذري وئي. ان ڪري ڪنهن بہ شاگرد اسان کي نہ ڏٺو.

گاڏي جڏهن سڪرنڊ ٽپي سعيد آباد ڏي رخ رکيو تڏهن پڪ ٿي تہ اسان حيدرآباد ٽا وڃون. رستي ۾ هالا وٽ چانهہ وغيره پيتيسين. ساري واٽ صوبيدار جي هاءِ گهوڙا پئي پوي تہ جلدي ڪيو جيئن حيدرآباد ڪورٽ ۾ وقت تي پهچي سگهون. مون دوستن کي ٻڌايو تہ صوبيدار ڪوڙ ٿو ڳالهائي. جيئن تہ اسان جو ڪيس نوابشاهہ جو آهي. اسان جو حيدرآباد ڪورٽ سان ڪهڙو واسطو. خير حيدرآباد پهچڻ سان ئي ويگن ڪورٽ نہ پر سينٽرل جيل ڏي منهن ڪيو.

اسان يارهين بجي ڏاري سينٽرل جيل حيدرآباد پهتاسين.

□

سينٽرل جيل حيدرآباد
سائين جي. ايم. سيد تي خوني حملو ڪندڙ فوجي

نوابشاهه پوليس اسان کي جيل جي حوالي ڪري هڻ سڪ جو ساهه ڪنيو. جيل جو وڏو در جيئن ئي اندر ٽپياسين تہ اتي بينل جيل جي صوبيدار دهمان ڪندي هڪل ڪئي تہ "هن هن جي ٽولي ۾ هڪ ٻي جي پٽيان ڪنڊ هيٺ ڪري اُوڪڙون ٿي ويهي رهو."

جيئن تہ اسان سيني جي اها پهرين جيل ياتراهئي، ان ڪري في الحال تہ ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نہ ٿي آئي. اسان جي سامهون ڪيترا قيدي اوڪڙون ڪنڊ هيٺ ڪيون ڪُڳڙ لڳا وينا هئا. هڪ هن جي پٺاڻن تي سپاهي جي گار سان گڏ سوٽي جا ڪڙڪا پوڻ لڳا. اهو حشر ڏسي اسان سڀ به ڪنڊ هيٺ ڪري اُوڪڙون ويهي رهياسين.

اسان جي واري اچڻ تي هر هڪ جي تلاشي ورتي وئي. هڪ رجسٽر ۾ نالا لکيا ويا. کيسي ۾ جيڪا جمع پونجي هئي اها به پاڻ وٽ محفوظ ڪيائون. ان بعد هڪ صوبيدار اسان کي جيل جو اندريون دروازو ٽپائي ٻئرڪن ڏي وٺي هليو. جيل جو اندريون حصو ڪافي وسيع ايراضي تي ڦهليل هو صوبيدار نيٺ اچي هڪ وارڊ جو در کڙڪايو. اسان جيئن ئي وارڊ ۾ داخل ٿياسين پهرئين ئي نظر هن خوفناڪ قيدين تي پئي. هنهي پوائنٽن باندين کي گهنجريل ڏڪهيون ڏاڙهيون. رنگ جا ڪٽ ڪارا. پنين اگهاڙا. هيٺ تي هنهي کي ليڑون ليڑون. گدليون ۽ ڳوٽ جهڙيون ٽلهيون چديون پاتل هيون. هو هڪ ٻي تي گار جو زيبٽ لايون وڙهڻ لاءِ هڪ ٻي کي ڏوڙائيندا پيا وتن. اسان قيدين جو اهڙو خوفائتو لباس ۽ حليو ڏسي. ساڳئي وقت مار موچڑي

وارو دنگل ڏسي ٿوري دير لاءِ تہ دھلجي وياسين. سوچيوسين تہ اسان کي بہ چرين جي وارڊ ۾ ڦٽي ڪرڻ آيا آھن.

جيل جو صوبيدار اسان کي انھن چَرڙن جي وچ ۾ ڇڏي ھليو ويو. البت وارڊ جي سپاھي ڪجھہ دير حال احوال ونڻ بعد سمھڻ لاءِ ڪٽا ۽ ڪائڙ لاءِ جست جي وٽي آڻي ڏني.

اسان في الحال اھي ڪٽا بئرڪ جي سامھون ھڪ اکيلي گدامڙي جي ننڍڙي وڻ ھيٺان وڇائي ويھي ڪچھري ڪرڻ لڳاسين.

منجھند ڌاري ڪجھہ قيدي ماني کڻي آيا. کاڌي ۾ پتري دال ۽ ڪچي پڪي ماني ھئي. اسان کي کافي بک لڳي ھئي. باوجود چاھڻ جي اڌ ماني کان وڌيڪ کائي نہ سگھياسين.

وارڊ ۾ وينا ئي ھئاسين تہ سائين جي ايم سيد تي خوني حملي ۾ گرفتار فوجي سپاھي. بوستان ولد گلستان اسان سان ملڻ لاءِ اچي ويو ھن ھمراھہ اسان کي جيل ۾ داخل ٿيندي ڏٺو ھو ھو ان وقت ڪورٽ مان حاضري تان واپس وريو ھو ھن کي اسان ڪجھہ مھينا اڳ فيبروري ڌاري سائين جي ايم سيد تي قاتلانہ حملي وقت پڪڙيو ھو.

اھو قصو ھيئن آھي تہ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پڙھڻ دوران حبيب الله ڪابوري. منھنجو ۽ ڪجھہ ٻين دوستن جو خيال ٿيو تہ ڪاليج سان وابستہ ھڪ اخبار ڪڍجي. جيئن ڪاليج جي تعيلمي توڙي ملڪي سطح تي ڪجھہ مسئلن جي چنڊچاڻ ڪري سگھجي. اخبار جي ڇپائي لاءِ ڪجھہ پريس وارن سان لھہ وچڙ ۾ آياسين. پر ڪنھن بہ اھڙي غيرقانوني اخبار ڪڍڻ لاءِ پنھنجي پريس استعمال ٿيڻ نہ ڏني. سنگت ان اخبار جو نالو "ينيٽ" رکيو. شايد اھو اتساھہ اسان کي ان وقت نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي طرفان نڪرندڙ اخبار "ھل چل" ڏنو ھو.

اسان شروعات ۾ ھڪ اڌ پرچو ڪن دوستن جي تعاون سان سندن آفيسن ۾ رکيل سائيڪلواسٽائل مشين تي ڪڍيو. آخر پاڻ پتوڙڻ بعد سن شھر ۾ ڪجھہ دوستن پنھنجي مشين استعمال ڪرڻ جي ھاڪار ڪئي.

اسان جو اهو دستور هوندو هو تہ ڪاليج ۾ هر موڪل جي ڏينهن تي اخبار لاءِ دوستن کان مليل مواد وغيره ڪٺي، نواب شاهہ مان سڪرنڊ پهچندا هياسين، جتان سواري هٿ ڪري ڪچي ۾ لهي، پنڊ ئي پنڊ ڏڏڙ اڏايندا درياهہ ڪنڊي اچي دم پٽيندا هياسين. پوءِ ڪنهن پاٽڻي جي مدد سان درياهہ پار ڪري اچي سن ۾ سٽاوا ٽيندا هياسين. سن ۾ ڏينهن ٻہ رهي ساڻين کان مليل مضمونن کي ترتيب سان گڏ، سائين جي ايم سيد جي علم توڙي مهمانوازي مان فيضياب ٽيندا هياسين. هونئن ٻہ سائين ڪچهري جو مور آهي، سندس بينڪ تي ٻاروهي معتقدن ۽ ڪارڪنن جي ٻيهہ هوندي ٻار کان وٺي پوڙهو ٻہ سائين جي ڪچهري مان لاڀ حاصل ڪندو آهي. سائين دسترخوان جو ٻہ ڪشادو آهي. پلي ڏينهن جي ڪمهلي وقت ٻہ پهچبو هو تہ سائين جي خاطرداري ۾ ڪمي نہ ملندي، ڪيترن مسڪين ڪامريڊن کي ان تڏي تي ئي سٽيو گرهہ نصيب ٽيندو آهي. اسان ٻہ شاگردي جي دور ۾ هاسٽل ڪينٽين جو آنو آملیٹ، انڊو گريبي، انڊو قيمون ڪائي بيزار ٽيندا هياسين تہ ساري ڪٿر سائين جو بورچي خانو پُوري ڪري ڇڏيندو آهي. ياد ٿو پئي تہ اسان ڪيترا دفعا سوين شاگردن کي بسن ۾ پري اوچتو اچي سن ڪڙڪندا هياسين تہ ٻہ جي ايم سيد مهمانوازي کان سواءِ نہ ڇڏيندو هو. اڪثر موڪلاڙ مهل سائين ويچارو وڏي عمر ۽ ڪمزوري جي باوجود لٽ توڙي ماٺهن جي سهاري سان ڏاڪڻيون لهي حويلي کان ٻاهر ڇڏڻ ايندو هو.

اسان هن دفعي ٻہ جيئن سن پهتاسين، منجهند جو وقت هو سائين دستور مطابق پنهنجي مهمان خاني ۾ هيٺ پٽراٽي تي ويٺو هو. ان محفل ۾ الڙ خان ٽيپو عبدالمجيد ساند ۽ ڪجهہ ٻين دوستن سان گڏ هڪ قد آور هڏ ڪاٺ ۾ برجستو نوجوان، پينٽ شرٽ پايون ويٺو هو. سائين اسان جو ٻہ شفقت پري مرڪ ۽ هٿ جي ڇهاءُ سان آڏر ياءُ ڪيو. جنهن بعد اسان ٻہ ان مجلس ۾ شامل ٿي وياسين. حال احوال ڏيندي وٺندي جڏهن جي ايم سيد ان قدآور همراهہ کان اچڙ جي ماجرا پڇي تہ هن پنهنجو نالو بوستان ۽ رهائش ڪورنگي ڪراچي ٻڌائي.

ڳالهين دوران هن سائين کي چيو تہ "مان مهاجر آهيان پر جيئي سنڌ ۾ شامل ٿيڻ چاهيان ٿو اوهان مون کي جيئي سنڌ ۾ شامل ڪندو يا نہ؟"

سائين کيس جواب ڏنو "جيڪو بہ ماڻهو سنڌوديش جي قيام ۽ سنڌ جي مسئلن تي اسان سان ساٿ ڏيندو اهو جيئي سنڌ جو ميمبر ٿي سگهي ٿو پلي هو مهاجر هجي يا پنجابي."

بهر ڪيف ڪجهہ دير ويهڻ بعد هن سائين کي چيو تہ "مان بي روزگار آهيان، مهرباني ڪري مون کي ڪا نوڪري ونرائي ڏيو."

سائين کيس سمجهائڻ لڳو "توکي خبر آهي تہ مان گهر ۾ نظربند ۽ حڪومت جو مخالف آهيان، هن دور ۾ ڪير پڌندو تنهن هوندي بہ مان هڪ بن ماڻهن ڏي توکي چئي لکي ڏيندس، وڌيڪ تنهنجا پاڻ."

ڪچهري ويئل اسان سيني جي، ان همراهہ جي مسڪيني ڏسي ساڻس همدردي ٿيڻ لڳي تہ ويچارو مهاجر هوندي بہ ٻين کان مايوس ٿي ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي سائين ڏي مدد لاءِ آيو آهي.

سائين جو سڃي ڏينهن جو ٽائيم ٽيبل ٺهيل آهي، هو آخري وقت تائين پنهنجي مقصد توڙي وقت سان سچو رهيو آهي. هن جا لکڻ، پڙهڻ، ڪچهري ۽ آرام وغيره جا وقت مقرر آهي. سائين ڪجهہ دير ڪچهري بعد چيو "هاڻي منهنجو لکڻ جو وقت آهي، ٻن ڪلاڪن بعد مان وري اوطاق تي ايندس." سائين جي وڃڻ بعد اسان دوست پاڻ ۾ ڳاڙهہ ڀڻ هٽڻ لڳاسين. بوستان ان وچ ۾ سائين جي حويلي ٻاهران چڪر چاري ڏئي پيو اچي، هو سائين جي محافظن سان بہ ياري ڳنڍڻ ۾ مشغول هيو.

جنهن مهل بوستان ٻاهر خدمت گارن سان گڏ وينو هو ۽ سائين اندر گهر هليو ويو تہ اسان پرپٽ اوطاق ۾ رکيل بوستان جي ٽيلهي جي تلاشي ورتي، ٽيلهي ۾ هڪ خط مليو. لفافي تي راولپنڊي جي ڪنهن سيڪيورٽي آفيسر جي ايڊريس لکيل هئي، جڏهن ٿوري دير بعد بوستان ڪمري ۾ آيو تہ راولپنڊي ۾ سندس مامو رهندو آهي، هو سڏو هاڻي اتان آيو آهي. هن کي شايد پنهنجي غلطي جو احساس ٿي ويو هو. هن محسوس ڪيو هو تہ اسان غير حاضري ۾ سندس ٽيلهو کولي، لفافي تي ايڊريس پڙهي آهي، هو پنهنجي ٻڌ ۾ اسان کي مطمن ڪرڻ پيو چاهي.

شام ڏاري سائين حويلي مان نڪري آيو اسان سائين سان منڊل ۾ مگن رهياسين. مجلس رات تائين هلندي رهي. ان عرصي ۾ بوستان ڪڏهن اسان وٽ ته ڪڏهن ٻاهر نوڪرن وٽ ويهي پيو. ان وچ ۾ هو اڪيلو سن شهر جو چڪر ٻه ڏئي آيو. سائين سومهڻي ڏاري آرام تي وڃڻ مهل پنهنجي خدمتگارن ۽ بوستان کي درياهه واري بنگلي تي رات ترسائڻ لاءِ چيو.

بوستان کي جڏهن رات درياهه واري بنگلي تي رهڻ لاءِ چيو ويو ته هن اصرار ڪيو ته هو هت سائين جي اوطاق ۾ ترسندو. ٻاهرين بنگلي تي نه رهندو. آخر مجبور ٿي اسان هن سان ڪوڙ ڳالهايو ته "هت اوطاق ۾ رات جو ڪوبه نه رهندو آهي. اسان ٻه ڪجهه دير ۾ سمهڻ لاءِ ان بنگلي تي اينداسين. تون هل تنهنجي ڪِي اسان ٻه اچون ٿا." اسان اهڙي نموني هن کي درياهه واري بنگلي تي اماڻي، پاڻ سائين جي اوطاق ۾ئي سمهي رهياسين.

صبح جو نيرن بعد سائين اوطاق تي آيو. ڳپل مهل رهڻ بعد سائين جي طبيعت خراب هئڻ ڪري موڪلائي گهر هليو ويو. حبيب الله ڪابورو ۽ مان ٻه شهر جي چڪر چاري ۽ چانهه چڪي لاءِ ٻاهر نڪتاسين ته بوستان در جي ٻاهران بيٺو هيو. اسان هن کي ساڻ هلي چانهه پيئڻ جي صلاح ڪئي ته هن ٻڌايو ته "هو واپس ڪراچي ويجي رهيو آهي. ان ڪري هو سائين سان ملي پوءِ ويندو."

اسان کيس ٻڌايو ته "سائين بيمار آهي. هاڻي گهر ويو آهي. وري شام جو نڪرندو تون پل وڃ."

"مان سائين سان ملڻ ڪانسواءِ بلڪل نه ويندس." اسان کيس ڪافي سمجهايو ته سائين هاڻي ٻاهر نه نڪرندو پر هن جو ضد هيو ته "مان سائين جي ماني ڪاڌي آهي. سيد جو ٿورو ادا ڪرڻ بنا ويندس ته هو مون کي نمڪ حرام سمجهندو." هن جو اهڙو ضد ڏسي مان سائين ڏي چني لکي موڪلي ته بوستان اوهان سان ضرور ملڻ ٿو چاهي.

جيستائين سائين ٻاهر نڪري اسان چوڪيدارن واري ڪوٺي ۾ وڃي ويناسين. اتي بوستان کان سوالن جوابن دوران مون کي هن جو لهجو پنجابي لڳي رهيو هو. ان ڪانسواءِ هن ڪجهه لفظ اهڙا ڳالهايا.

جيڪي عام طور تي فوج ۾ مروج آهن. جيئن تہ مان بہ ڪجھ عرصو فوج ۾رهيو هيس تہ ان ڪري مون کي ڪا گڙ ٻڙ لڳي، مان اتي ئي حبيب الله ڪابوري کي هوشيار رهڻ لاءِ چيو.

بيماري باوجود چني ملڻ بعد سائين ويچارو لٽ ٽيڪيندو ٻاهر هليو آيو. سائين کي ململ جو اڇو پهراڻ ۽ ستڻ پاتل هئي. اهو اڇا پڌر تائين پهتو مس تہ بوستان رومڙ ڪيون سائين ڏي ڀڳو اسان بہ پاڇي جيان هن جي ڪيڙ ڏوڙندا وياسين. هن اسان کي چوڪس ڏسي يڪدم پيرين پوڻ لاءِ سائين جي قدمن تي ڪري پيو. اسان تڪڙ ۾ هن کي کنبڙاٽن کان وٺي چوڪنيو ڪري بيهاريو.

سائين هوريان هوريان هلندو وراندي ۾ ڪرسي تي ويٺو. اسان هن جي سامهون کٽ تي بوستان سان گڏ پير لڙڪائي ويهي رهياسين. مان وري حبيب الله ڪابوري کي هوشيار رهڻ لاءِ چيو هو. ڪابورو بلڪل هن جي پويان هري خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويهي ويو. مان بوستان سان ڪلهو ڪلهي سان ۽ گوڏو گوڏي سان ملائي ويهي رهيس. بوستان جا پگهر پيا وهن، لڳي پيو تہ هو ڪنهن وڏي ذهني مونجهاري ۾ هو هن جي بي ڪيفي ۽ بيچيني واري ڪيفيت سندس چهري مان عيان هئي. مان ٽيڏي اک سان هن جي هٿن جي حرڪت تي نظر رکيون ويٺو هيس. الائي ڇو منهنجي ڇهين حس ٻڌائي پئي تہ ڪجھ نہ ڪجھ ٽيٽو آهي پر سائين جي ايم سيد، ڪمال بي نيازي سان گفتگو ۾ مگن هو.

بوستان هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين دوران سائين کي ٽوڪيو "ٻڌو آهي توهان الله کي نٿا مڃو؟"

سائين مسڪرائيندي چيس "تنهنجي سامهون مان ويٺو آهيان، پلي ڏسي وائسي تون چئو تہ مان موجود نہ آهيان. ان سان منهنجو وجود تہ ختم نہ ٿيندو.... الله موجود آهي پلي ڪو مڃي يا نہ."

تنهن تي بوستان ٻيو سوال ڪيو "توهان اسلامي نظام جي بہ خلاف آهيو."

"بلڪل! توهان کي خبر آهي تہ هي اسلامي ملڪ آهي. ان اسلامي ملڪ ۾ شراب، زنا، رشوت خوري، قتل وغيره ڪهڙي برائي نٿي

ٿئي؟ ڇا انهن خرابين ڪري اسان اسلام کي بدنام نٿا ڪيون؟ ها! مان اهڙي اسلامي نظام جي خلاف آهيان جنهن ۾ هر برائي جي آڙ ۾ اسلام کي بدنام ڪيو وڃي ٿو."

"توهان سنڌوديش جا حامي آهيو؟" بوستان سائين ڏي اڳتي جهڪندي چيو.

"ها هن ملڪ ۾ سنڌين سان مسلسل ٿيندڙ ناانصافين ۽ زيادتين ڪري اسان وٽ اهو ئي حل آهي ته اسان پنهنجو الڳ سنڌو ديش ٺاهيون."

بوستان پنهنجي چهري تي پگهر اگهندي سوالن جو سلسلو جاري رکندي چيو "سنڌو ديش ٺهڻ کانپوءِ ان ۾ لاديني نظام نافذ ڪندو؟"

ان تي سائين ٺهڪ ڏينديءَ هڪ مزيدار مثال ڏنس. "هڪ غريب، انڌي، پوڙهي مائي هئي، هن ويچاري جو پٽ به نامرد هو. پوڙهي روز الله کان دعائون گهرندي هئي ته مون کي ديد به ڏي ۽ غريبي به دور ڪر. ساڳي وقت منهنجي پٽ کي مڙسي ڏي ته جيئن هو پٽ پيدا ڪري. ان تي الله تعاليٰ دعا قبول ڪندي کيس چيو "انهن مان ڪا هڪ شيءَ گهر. ان تي مائي دعا گهري ته "مان پنهنجي پوٽي کي هَندوري ۾ لڏندي ڏسان" ان دعا جو مطلب اهو هيو ته مون کي اکيون به ڏي ته جيئن ڏسي سگهان. منهنجو پٽ مڙسي سان ٿي پوٽو پيدا ڪري. ساڳي وقت گهر ۾ ايتري خوشحالي هجي جو هندورو وغيره وٽي سگهجي." سائين پنهنجو لڪ زمين تي هٽندي چيو "اهڙي طرح اسان جي به بس هڪ دعا آهي سنڌو ديش، ٻيون ڳالهيون پاڻ ئي ٿي ويندیون."

ان ڳالهين دوران بوستان جي ذهن توڙي جسم اندر هيجان محسوس ٿي رهيو هو. لڳي پيو ته هو جيڪي ڪجهه چوڻ ۽ ڪرڻ چاهي ٿو ڪري نٿو سگهي. آخر ڪجهه گهڙيون سانت رهي هن ڳاڙهو ڪاڏو "مان مهاجر نه پنجابي آهيان، توکي مارڻ آيو آهيان" ائين چئي هن جهڪي سڄي پاسي واري ٽنگ تان پينٽ جو پاچو مٿي ڪيو هن جي پنيءَ وٽ هڪ تيز ڌار وارو خنجر ٻڌل هو. اسان جهڙپ ڏئي فٽ ڪن ڏڪو چلڪندڙ چهرو ڇڪي ڪڍيوسين. هن کوبه ردعمل نه ڏيکاريو پر ان جي ابتڙ اٿي سائين جي پيرن تي ڪري معافي گهرندي چيو "مان

ٻڌو هو تہ توهان الله کي نڪا مجو ۽ ماڻهن کي گمراهہ ڪا ڪيو ان ڪري مان توهان کي قتل ڪرڻ آيو هيس، پر هت اچي ڏٺم تہ اوهان الله کي مجو ڪا، ان ڪري ارادو بدلائي ڇڏيم"، هاڻي مون کي معافي ڏيو سائين هن کي پيرن تان اڀاري وڏي شفقت سان وارن تي هٿ ڦيريندي فراخدلي سان معاف ڪيو.

ان وقت مان سائين جي چهري جو بغور معائنو ڪري رهيو هيس، سائين نہ ڏنو نہ ڪنفيوز ٿيو نہ ئي سندس منهن تي ڪنهن خوف ۽ هراس جو تاثر هيو. هي جهونڙو سيد، بنا ڪنهن ڏمر ۽ چڑ جي وڏي اطمينان ۽ وقار سان وينو هيو. حالانڪہ گهاتڪ سڳ سوڌو سندس سامهون هيو.

سائين تي حملي جي خبر باهہ وانگر شهر ۾ ڦهلجي وئي، اوطاق ۾ ماڻهو اچي گڏ ٿيا، پوءِ تہ هرڪو بوستان کي ڏسي شينهن ٽي ويو ڪو بوستان کي گار ڏيو ڏي تہ ڪو ڏاڙهي ڏيکاري ڀوندا ڏئي پلاند لاءِ ڏيو چئي، سائين جا محافظ بہ پيش پيل بوستان تي هاڻي رائفلن سان الرون ڪري بد شد ڏيا ڳالهائن، سائين ۽ آلہ ٽيپي انهن مشتعل ماڻهن کي اوطاق مان ڪڍي، در ڏياري ڇڏيو. اسان بوستان کي اندر ڪمري ۾ آڻي ويهاريو. ناز سنائي هن جون ڳالهيون ٽيپ ڪرڻ لاءِ ڊوڙندو ٽيپ رڪارڊر کڻي آيو، پوءِ باقاعده انٽرويو جو سلسلو شروع ٿي ويو. هو بہ وڏي حوصلي ۽ ڌيرج سان جواب ڏئي رهيو هو. هن ٻڌايو تہ "سندس نالو بوستان ولد گلستان آهي. هو پاڪستاني فوج جي آرٽلري جو جوان آهي، موجوده وقت سندس يونٽ آزاد ڪشمير ۾ آهي، ڪجهہ ڏينهن جي موڪل بعد واپسي لاءِ هن آزاد ڪشمير لاءِ جهاز جي ٽڪيٽ ورتي، پر موسم خراب هئڻ ڪري سندس فلائٽ ڪينسل ٿي وئي، جمع جو ڏينهن هئڻ ڪري هو راولپنڊي ۾ صدر جي علائقي ۾ نماز پڙهڻ لاءِ ويو. اتي "صدر مسجد" جي پيش امام نالي صدر الدين خطبي ۾ ٻڌايو تہ "سنڌ ۾ بہ ماڻهو جي ايم سيد ۽ شيخ ايياز الله کي نڪا مجن ۽ ماڻهن کي گمراهہ ڪا ڪن"، مولوي صاحب فتويٰ ڏني تہ اهڙن ڪافرن کي مارڻ ثواب آهي، مان اهو واعظ ٻڌي مشتعل ٿي ويس، ڪشمير وڃڻ بجاءِ سنڌ جهاد لاءِ نڪري آيس. مان هي خنجر ملتان مان خريد ڪري

اتي ئي ان جا ٻئي پاسا تيز ڪرايا. پوءِ ملتان جي اوليائن تي فتح لاءِ دعا گھري سنڌ روانو ٿيس. هت قلندر جي درگاھ تي دعا پني وڏي پڪي ارادي سان قتل جي خيال کان سن پھتس." اسان هن کان وچ ۾ سوال ڪيو تہ "تو پوءِ چو نہ سائين کي ماريو؟"

"مارڻ کان پھريائين مان اطمينان ڪرڻ پيو چاھيان تہ مان غلط تہ نہ ٻڌو آھي. ان ڪري هت ڏينھن رات رھي مان سائين کان الله رسول ۽ اسلام جي باري ۾ سوال ڪيا. ان کانسواءِ سائين جي نوڪرن چاڪرن ۽ دوستن کان بہ پڪ ڪندو رھيس. وڏي ثابتي اھا ملي جو رات جنھن بنگلي تي مان رھيو ھيس اتي سائين جو ملازم ساري رات نمازون ۽ تھجد پڙھندو رھيو. مان هن کان بہ ڪافي معلومات ورتي. هن سيد زادي کي صوفي. انسان ذات سان محبت ڪندڙ غريبن جو ھڏ ڏوکي ۽ فرشتو ٻڌايو. ملازم جي بقول سائين حج بہ ڪري آيو آھي. اھي ڳالھيون ٻڌي مون کي آھستي آھستي پنھنجي غلطي جو احساس ٿيڻ لڳو.

"ائين تہ نہ آھي جو توکي سائين تي حملي ڪرڻ جو وجھ نہ مليو؟" اسان پنھنجو انديشو ظاھر ڪيو.

"ھا شروعات ۾ ائين ھيو هن مون ڏي (راقم ڏي) اشارو ڪندي چيو ھي تمام هوشيار ڇوڪرو آھي. هن جي ڳڙتي ھڪ بہ دفعو منھنجا قتل ڪرڻ جا ارادا بدلائي ڇڏيا." پوءِ هن وڏي اعتماد سان چيو تنھن هوندي بہ مون کي ڪافي موقعا مليا ھا. پريون دفعو ڪالھ منجھند جو منھنجو سائين کي مارڻ جو خيال ھو پر پوءِ اوھان کي هوشيار ڏسي ارادو بدلايم. پوءِ مون وري رات جي حويلي ۾ گھڙي سائين کي قتل ڪرڻ لاءِ سوچيو ھيو پر رات جو اوھان مون کي هت اوطاق ۾ رھڻ ئي نہ ڏنو. ٽيون اڄ صبح جو سائين کي پيرين پوڻ مھل ڇرا ھٽڻ جو فيصلو ڪيو پر اوھان وٽي ئي نہ ڏني."

"ان جو مطلب تہ تون اسان کي هوشيار ڏسي ۽ هتان پڇي وڃڻ جي ڪا وات نہ ڏسي حملو نہ ڪيو؟" حبيب الله ڪابوري کيس ٽوڪيو. "نہ ائين نہ آھي. توھان کي ياد آھي تہ ڪالھ شام جو جڏھن اوھان سپ سائين سان ڪمري ۾ ڪچھري ڪري رھيا ھيو تہ مان ٻاھر

نکري ويو هيو ان مهل حويلي جو چوکيدار پنهنجي کٽ تي اکيون پوٽيون سمهيو پيو هو هن جي رائفل ۽ گولين جو پٽو پٽ تي کلي ۽ ٽنگيو پيو هو اهو موقعو ڏاڍو سٺو هو مان رائفل کڻي اندر اچي توهان سيني کي پڇي ڇڏيان ها."

"مارڻ کان پوءِ هتان کاڏي پڇي وڃي ها. تنهنجي لاءِ ته هي هنڊُ اوپرو آهي."

"مون کي خبر آهي ته شهر ۾ رسان درياهه ۽ ٻيلو آهي، هڪ دفعو جهنگ ۾ هليو وڃان ها ته ڪير به منهنجي ڪيڙ نه اچي سگهي ها ڇو جو منهنجي گوريلا ٽريننگ ڪيل آهي."

بهرڪيف ڪافي دير انٽرويو بعد سائين پنهنجي ڪمدار کي حڪم ڪيو ته "هن کي عزت سان روڊ تائين ٽانگو ڪرائي ڏي ته جيئن هو بس ۾ چڙهي هليو وڃي.

بوستان اسان سيني کان موڪلائي نڪتو ته مان دوستن کي چيو "اها ڳالهه سمجهه ۾ ئي نٿي اچي ته هڪ فوجي هزارين ميل اڪيلو اچي سائين کي ماريا ضرور ان سازش ۾ پيا به ملوث آهن. ٿي سگهي سائين کي قتل ڪرڻ بعد شهر کان ٻاهر هن جي مدد لاءِ ڪجهه ماڻهو ۽ سواري وغيره جو انتظام هجي، اهڙي امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي."

حبيب الله ڪابوري جو ضد هيو ته "هن کي ٻيلي ۾ ساڙ ۽ٽي گولي هڻي ماري درياهه ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيون." مون ان ڳالهه جي سخت مخالفت ڪئي.

جيئن ته سائين ان وقت گهر ۾ نظر بند هو گهر جي نگهباني لاءِ موجوده پوليس عملي کي حملي جي ڪڙڪ پئجي وئي، هو مينهن واءُ ڪندا، بوستان کي رستي تان ئي گهليندا آيا. اهڙي طرح ان قاتلانه حملي جو اخبارن ۾ چوپچو ٿي ويو سياسي دڪاندارن پنهنجا دڪان سجائي مختلف هوڪا ڏنا.

اڄ جيل ۾ هن سان اوچتو ملاقات بعد اسان بوستان کي پنهنجي وارڊ ۾ ويهاري حال احوال وٺڻ شروع ڪيو هن اسان کي ڏوهه ڏيندي چيو "توهان مون کي مارائي ڇڏيو.سن پوليس مون کي گرفتار ڪرڻ بعد 13 ڏي ۾ چالان ڪري ڇڏيو ڪجهه ڏينهن بعد حيدرآباد جيل

منتقل ڪيو ويس، هاڻي به ڪورٽ مان حاضري پري اچان پيو ته توهان جي خبر پئي. هن جيل جي ڪٽي تي ويهندي ڪلي چيو "هاڻي ته پاڻ جيل جا قيدي آهيون. اڄ مان توهان کي سائين جي ايم سيد کي قتل ڪرڻ واري سازش جي حقيقت ٻڌايان ٿو."

جيئن ته ان وقت اسان بند واريڊ ۾ اهلڪارن جي نظر ۾ سنگين ڏوهن ۾ ملوث هياسين، جيل انتظاميا ۾ بوستان کي اسان جي واريڊ ۾ گهرندي ۽ ڪچهري ڪندو ڏسي ڦڙڪوٽ پئجي وئي، جيل انتظاميه کي ڊپ هو ته متان جيئي سنڌ جا چوڪرا ڪيس واريڊ ۾ قتل نه ڪري وجهن، سپاهي زوري هن کي گهلي اسان کي بند ڪري ڇڏيو.

مان سوچان ٿو ته جيل جا ڏٽي اسان کي جيڪڏهن ٿورو به وقت ڪچهري ڪرڻ ڏين ها ته بوستان اڄ سائين کي قتل ڪرڻ جي منصوبي جي اصل مهرن سان گڏ ڪجهه ڇرڪائيندڙ انڪشاف ضرور ڪري ها. بهرڪيف بوستان ان بعد ڪاڏي ويو ڪا خبر نه آهي، نه ئي عوام جي سامهون سائين تي حملي جا اصل ڪارڻ ۽ محرڪات اچي سگهيا.

اسان وڙ هيڻان ڪچهري ڪري رهيا هئاسين ته واريڊ جو در کليو سپاهي هڪ ڳيرو نوجوان کي وٺي واريڊ ۾ داخل ٿيو. اڇي سلوار قميص پاتل نوجوان جي ڪلهي تي اجرڪ لڙڪيل هو هن پري کان اسان کي ڏسي ٻئي هٿ مٿي ڪري وڏي اعتماد سان "جيئي سنڌ" چيو. اسان به وڏي واڪي "جيئي سنڌ" جو نعرو هنيو.

سپاهي هن کي اسان سان ملائڻ بنا واريڊ جي پوئين پاسي واري بئرڪن ۾ وڃي واڙيو. هن واريڊ ۾ اڳ ئي ٽي قيدي ٻيا به آهن. ٽئي همراهه پٽي اگهاڙا، هيٺ ميريون ۽ ڪاتل چڊيون پاتل پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ لڳايا پيا آهن. ڪو ٻهاري ٿو ڏي ته ڪو چٽڪار ته ڪو ٻوٽن کي پاڻي ٿو ڏي. اسان واريڊ ۾ داخل ٿيڻ مهل هنن جا ڪارائيل چهرا ۽ بي ترتيب ڏاڙهيون ڏسي کين چريو سمجهيو هو. پر هنن سياڻن جي، جيل جي مار موچڙي اها حالت ڪئي آهي.

اسان انهن زولو جيان ڏيک ڏيندڙ قيدين مان، پرسان ٻهاري ڏيندڙ هڪ نوجوان کي پاڻ وٽ سڏي حال احوال ورتو ڪراچي جي هن

ٻاويهه سالن جي ڇوڪري ٻڌايو ته سندس نالو عبدالوحيد عرف ڇُنو آهي، ڪجهه عرصو اڳ ڪيس چوري جي ڏوهه ۾ پڪڑي نارا جيل ۾ بند ڪيو هئائون. جتان هو هڪ اونداهي رات جو ڀڄي نڪتو هو. بعد ۾ سندس گهرياتين تي پوليس جو زوربار پوڙ ڪري هي وري اڇي پوليس وٽ پيش ڀيو. جيل عملدارن ڪيس ڀڃڻ جي ڏوهه ۾ پهريان ته سالن کان سڙيل وحشي قيدين حوالي ڪيو جن قطارون ٺاهي هن تي جنسي تشدد ڪيو. ان کانسواءِ پوليس پنهنجي بي عزتي جو بدلو وٺڻ لاءِ ڪيس ماري ماري اڌ مئو ڪري ڇڏيو. جنهن جا نشان اڃا تائين ڦٽن جي صورت ۾ سندس جسم تي ظاهر آهن.

شام جو پنجين ڏاري ماني آئي. پاڻي ۾ اوباريل گوشت جون ڪجهه بوٽيون تنور جي ڪچي پڪي ماني هئي، ٻوڙ چکڻ سان ئي بي مزي لڳو. لاچار ٻه ٽي گرهه کاڌاسين.

ساڍي پنجين ڏاري جيل جو سپاهي اسان کي ڪوٺين ۾ بند ڪرڻ آيو هن وارڊ ۾ ٻن قطارن ۾ ننڍيون ننڍيون ڪوٺيون آهن. اسان واري قطار ۾ ڏهه ڪوٺيون آهن. مون آخري ڪنڊ واري 10 نمبر ڪوٺي کنئي. اسان کي واڙڻ مهل جيل جا ٻه پراڻا ڪٻا ڏنا ويا. پاڻي پيئڻ لاءِ هڪ مٽ ءِجست جو گلاس. پيشاب وغيره لاءِ ڪنڊ تي هڪ ٽڪر جو پاڙو رکيل هو. ڪوٺي ۾ هڪ ننڍڙو ميرانجهڙو بلب ڏٺيئي وانگر ٽمر ٽمر ڪري رهيو هو. منهنجي پرسان سڄي هٽ واري 9 نمبر ڪوٺي ۾ رسول بخش ٽيبو بند هو. 8 نمبر ۾ نديم عباسي، 7 نمبر غلام رسول ڪوسو، 5 ۾ حبيب الله ڪابورو، 4 ۾ ذاڪر حسين ءِ 3 ۾ ستار ڪيريو. اسان ڪوٺين ۾ بند ٽيڻ بعد سيخن واري دروازي وٽ بيهي ڪافي دير هڪ ٻي سان ڪچهري ڪندا رهياسين.

رات جو سمهڻ مهل ٻئي ڪٻا هيٺ فرش تي وڇائي، پنهنجا بوٽ مٿن کان وهاڻي طور ڏئي سمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. ڪافي دير تائين ابتين سبتين سوچن سمهڻ نه ڏنو آخر پاسا ورائيندي اک لڳي وئي.

□

20 آگسٽ 1976ع

ڪولي نمبر 10
بند وارڊ
ڊويزن 01
ڪارو چڪر
سينٽرل جيل حيدرآباد

ائني فرينڪ

ڪالهه ڪان جنهن کي اسان نندين ڪونيون چئي رهيا هئاسون، هاڻي خبر پئي ته ان کي جيل جي زبان ۾ "ڪوليون" سڏبو آهي ۽ انگريزي ۾ "سيل" چئجي.

هي ڪوليون گهٽو ڪري 10 فوٽن جون ڊگهيون ۽ ويڪريون هونديون آهن. ڪولين ۾ گهٽو ڪري سخت سزا وارن يا خطرناڪ ڏوهارين کي رکيو ويندو آهي، جنهن کي جيل جا ماڻهو ڊانڊرس (Dangerous) قيدي چون، اهڙين ڪولين ۾ دهشتگرد، جاسوس، ملڪ جا دشمن، قاتل رکيا ويندا آهن. مطلب ته هي جيل اندر هڪڙو نندڙو جيل آهي. ڪولي بند قيدي جي ميس مارڻ لاءِ ڪيس صبح شام مار ڏني ويندي آهي. خاص ڪري ملڪ دشمن سرگرمين ۾ پکڙيل يا سرڪش، حڪومت کي وڻ نه ڏيندڙ ۽ جيل انتظاميا جو نڪ ۾ دم ڪندڙ قيدين جون اکيون ٻڌي کين زنجيرن ۽ هٿڪڙين سان دروازي جي لوهي سيخن سان ٻڌي ڇڏيندا آهن. اهڙي قيدي کي اکيلو ئي ڪولي ۾ ڦٽو ڪيو ويندو آهي. "قيد تنهائي" ڪري ڪمزور حوصلي وارو قيدي ڪڏهن خودڪشي جي بہ ڪوشش

ڪندو آهي، ان ڪري ڪولي بند ڏوهاري جو اڳٽ بہ ڪيڊي ڇڏيندا آهن تہ متان پاڻ کي ڦاهو ڏئي ماري.

ڏينهن جي وقت اهڙي قيدي جا ڪٽا پڙ ڪسي ڇڏيندا آهن. ان ڪري هو فرش تي پيو هوندو آهي. ڪولي ۾ صرف پيشاب وغيره لاءِ ٽڪر جو پانڙو يا ڪوندي پيل هوندي آهي. پاڻي جو مٽ بہ ڪولي کان ٻاهر رکندا آهن. قيدي در جي سيخن مان هٿ ٻاهر ڪيڊي جست جي گلاس سان پاڻي پيئڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جنهن ۾ اڏ پاڻي تہ هيٺ هاربو رهندو آهي. مطلب تہ جيل جا ڪارندا جيتري انساني سوز ۽ سخت سزا وٺندي اٽن قيدين کي ڏيندا آهن. هن وارڊ کي بند وارڊ (Cell Block) چيو ويندو آهي.

اسان جي ملڪ ۾ تہ اڪثر حڪومت مخالف سياسي ۽ نظرياتي قيدين کي ڪڏهن ڪميونسٽن ۽ ترقي پسند تہ ڪڏهن قوم پرستن کي ملڪ دشمن قرار ڏئي اهڙن بند واردن ۾ رکيو ويندو آهي. خاص ڪري لاهور جو شاهي قلعو ۽ اٽڪ قلعو اهڙين اذيت گاهن ڪري بدنام آهي.

اسان بہ هن وقت "بند وارڊ" ۾ آهيون. پر شاگرد هئڻ ڪري اسان سان ڪجهہ رعايت ڪن ٿا.

مون پهريون دفعو ڪولي لفظ پنهنجي دوست ۽ جيئي سنڌ استوڊنٽ فيڊريشن جي اڳواڻ علي حسن شاهہ جي واتان ٻڌو هو. جيڪو ڪجهہ عرصو اڳ سکر جيل ۾ ڪولي بند هو.

اسان کولن جي ٻاهران گدامڙي جي وڻ هيٺان ڪچهري ڪندا رهياسين. اسان کي نوابشاهہ جيل مان ڏوکو ڏئي جيل بدر ڪيو ويو هو ان ڪري پاڻ سان ڪابہ استعمال جي شيءِ کڻي نہ سگهياسين. هن وقت بہ اسان وٽ نہ صابڻ آهي نہ تيل نہ ڦٽي. خاص ڪري ٽوٿ برش ۽ ڪريم ڪانسواءِ مزو نٿو اچي. اسان سپاهي کي ڪجهہ سامان ٻاهران گهرائي آڻڻ لاءِ چيو آهي پر اڃا تائين غائب آهي. جيستائين هتان جي جيل جو ماحول سمجهہ ۾ اچي تيستائين برداشت ڪرٽو پوندو. هونءَ بہ اسان سڀ پهريون دفعو جيل آيا آهيون. ان ڪري ڪجهہ گهبرايل بہ آهيون.

سادي پنجين ڏاري اسان کي کولين ۾ بند ڪري ويا. اڪيلائپ ۾ سوچيندي منهنجا خيال کولي بند هئڻ ڪري شيخ ايياز ڏي هليا ويا، جيڪو ڪجهه عرصو اڳ سکر جيل ۾ کولي بند هو. هن کولي ۾ ويهي ڪتاب "ڪپر ٽو ڪُن ڪري" لکيو هو. جنهن جي شروعات ۾ جيل جي ڊائري لکي اٿس. ان ڊائري جا ڪجهه لفظ ذهن تي تري آيا.

"ڏينهن ڏاڍا گرم آهن، کولي کان ٻاهر ڪانو جي اک ٽي نڪري دلي جو پاڻي ڪاڙهي وانگر آهي، پر وانگو Von Gogh وانگر گرمي منهنجي فن لاءِ وڌيڪ سازگار آهي."

وان گو سان پهرين واقفيت اسان کي پنهنجي بابا انيس انصاري ڪرائي هئي، اسان جو بابا هر فن مولا آهي، سرڪاري نوڪري سان گڏ لکائي پڙهائي، فوٽو گرافي ۽ آرٽ جو ديوانو آهي، ان ڪري اسان جي گهر ۾ شاهي لئبرري سان گڏ دنيا جو مشهور پينٽنگس فريمن ۾ مڙهيل آهن، خاص ڪري مون کي وان گو جي "سن فلاور" ۽ "استيري نائيٽ" پينٽنگس ڏاڍيون وٽنديون آهن، ان کانسواءِ ليو ناردو ڊاونسي جي "مونا ليزا" جي مرڪ "لاسٽ سپر" حضرت عيسيٰ جي حوارين ۾ جوداس جو شيطاني چهرو ڏسڻ وٽان آهي. ان کانسواءِ مائيڪل انجيلو جو "سستين چئپل" تي کيل ڪم ڪمال درجي جو آهي. مون ته ريمبران، پئبلو پڪاسو ڊالي کان وٽي استاد الله بخش ۽ گل محمد کتري جون پينٽنگس بار بار ڏٺيون آهن، گل محمد کتري جي منفرد "مهراڻ آرٽ" ۽ گل محمد کتري پنهنجي هٿن سان بابا کي تحفي طور ڏنل اجرڪ تي کيل پٽائي جي بيت واري کيليگرافي، هاٿي ۽ هاسٽل ۾ منهنجي ڪمري ۾ ٽنگيل آهي، جنهن تي لکيل آهي.

"ڀگو آئون نہ چوان، ماريو ته و سهان،
ڪانڊ منهن ۾ ڏکڙا، سيکيندي سونهان،
ته پڻ لڄ مران، جي هونس پٽ ۾."

هي بيت پٽائي جي رسالي "سر ڪيڏار" ۾ آهي، پر عام طور مفهوم، اهو ورتو ويندو آهي ته سنڌ جي بهادر عورت جنگ جي ميدان ۾ ويل پنهنجي سورهئ مڙس لاءِ سوچي ٿي ته، 'جنگ جي ميدان مان

جيڪڏهن منهنجو مڙس پڇي آيو ته مان ان کي پنهنجو مڙس نه مڃيندس. پر جي ميدان ۾ مارجي ويو ته مان فخر ڪندس. پر جيڪڏهن هو زخمي ٿي موٽندو ۽ منهن ۾ گهاءُ هوندس ته مان سرتين ۾ سرهي ٿي ان کي سيڪيندس. پر جيڪڏهن بزدلي ڏيکاري پڳو هوندو ۽ پٺي ۾ ڏڪ لڳل هوندس ته مان لڄ ۾ مري ويندس.'

بهرحال جڏهن به مان پنهنجي ڪمري ۾ گل محمد ڪتري جي خوشخطي ۽ پٽائي جو اهو بيت پڙهندو آهيان ته تاريخ ۾ سنڌ لاءِ سورهيائي سان وڙهندڙن لاءِ احترام وڌي ويندو آهي.

ڪولي ۾ جيستائين ننڍ اچي، منهنجا خيال ابابيل جيان آسمان ۾ پرڙا هڻندا رهيا. واقعي انسان جي جسم کي ڪولي بند ۽ سندس وجود تي پهرا بيهاري سگهجن ٿا. پر انسان جي خيالن ۽ تخيل جي پرواز کي ڪنهن پيجري ۾ قيد ڪري نٿو سگهجي. اهڙي طرح ڪولي ۾ مونسان منهن جي زندگي جون پياريون يادیون پڻ گڏ آهن. جنهن کي ڪابه طاقت کسي نٿي سگهي. ڪولي ۾ اوچتو منهنجي سامهون هڪ پيارو چهرو تري آيو هن کي شايد منهنجي گرفتاري جي خبر نه هجي يا ٿي سگهي ٿو ته اخبار م پڙهيو هجائين. گذريل دفعي جڏهن مان لاهور انٽر يونيورسٽي ائٿليٽڪ مقابلن ۾ حصو وٺڻ ويو هئس، مان پنهنجي لاءِ ڪمري جي ديوار تي ٽنگڻ لاءِ چي گويرا جو فوٽو ۽ هن لاءِ ائيني فرينڪ جي ڪوٽيشن جو هڪ پوسٽر وٺي آيو هئس. ياد آهي ته ان پوسٽر تي لکيل هو

A Person who's happy will make other happy.

A person who has courage and faith will never die in misery.

Anne Frank

بهرحال ڪجهه عرصي کان اسان کي انقلابي لٽريچر پڙهڻ جو جنون آهي، مارڪسي فلسفي کان وٺي قومپرستي تائين، خاص ڪري سائين جي ايم سيد جا ڪافي ڪتاب پڙهيا آهن، جيڪي سائين جي ايم سيد پاڻ پنهنجي هٿن سان تحفي طور ڏنا هئا.

اڳي ته جوشيلا جوان هئڻ ڪري، چي گويرا جي ڀائري مٿن کان رکي سمهندا هئاسين، مون کي چي گويرا جي باري ۾ گهر جي

لئبريري ۾ ڪيترن سالن کان بابا سائين جا سانڊيل پراڻن ريڊرس ڊائجسٽ وسيلي سندس زندهه هئڻ دوران ڪيل انقلابي حملن کان وٽي، سندس روپوشي ۾ آخر موت تائين ڪافي مواد ملي ويو. اهڙي طرح ڪٽي ائني فرينڪ جو حوالو پڙهڻ، ان جي ڊاري ۾ ڇاڻڻ جو تجسس ٿيو نيٺ ڪراچي مان پنهنجي ماسات جي لئبرري مان "Diary of Anne Frank" هٿ اچي وئي، جيڪا هن ڪراچي صدر مان فٽ پاٽ تان ڪنهن ڪباڙي جي دڪان تان ورتي هئي.

ائني فرينڪ هڪ ڊارهن سالن جي معصوم جرمن يهودي ڇوڪري هئي، جيڪا ٻي جنگ عظيم دوران نازين جي ڊپ کان پنهنجي خاندان سميت، ڪتابن جي ڪٻٽ پٺيان هڪڙي ڪمري ۾ لڪيل هئي، ان خوف واري ماحول ۾ هو هر ڏينهن جي ڊائري لکندي هئي. آخر ڪنهن جي چغلي تي نازي، ائني فرينڪ ۽ سندس پيءُ ماءُ ۽ ڀيڻ کي پڪڑي پولينڊ جي بدنام زمانہ "اوسو نيچم ڪنسٽريئن ڪئمپ" ۾ رکيو هو جتي سورهن سالن جي عمر ۾ ڪجهه عرصو بيمار رهڻ کانپوءِ مري وئي.

ائني فرينڪ جي اها ڊائري لکن جي تعداد ۾ ڪيترن ئي زبانن ۾ ڇپي آهي، ساڳي وقت هن تي فلمون بہ ٺهيون آهن، اڄ ڪلهه ائني فرينڪ جو گهر ۽ سندس لڪڻ وارو ڪمرو هزارين سياح ڏسڻ اچن ٿا.

پنهنجي محبوب محبت ۽ ساڳي وقت اهڙن نالين شخصيتن جي باري ۾ سُوچيندي اک لڳي وئي.

□

21 آگسٽ 1976
ڪانگ تڙو

جيل جي دستور مطابق صبح جو اٺ ڪانپوءِ سارو ڏينهن پاڻ ۾ اوپاريون لهورايون ڪندا رهياسين. ڪالهه جيڪو سامان سپاهي جي معرفت جيل کان ٻاهران گهرائڻو ڏنو هو سو اڄ به نه مليو ان ڪري ساري ڏينهن ۾ رڳو منهن کي پاڻي جا چنڀا هياسين.

اسان سان گڏ ٻيا قيدي جيڪي هن وارڊ ۾ بند آهن، انهن مان هڪڙي جو نالو ڪانياڙ آهي، همراهه اڳ ڪنهن ڏوهه ۾ گرفتار ٿي جيل آيو هو پر هو ست سال اڳ جيل مان پيڇي نڪتو هو. همراهه ست سال ٻاهر جي دنيا جي هوا کائڻ ۾ مگن هو ته پوليس وري کيس سوگهو ڪري آئي آهي، هي سانگهڙ پاسي جو راڄڙ آهي، وچولي عمر ۽ مناسب هڏ ڪاٺ جي هن ڪاري رنگ جي همراهه، ڪچهري دوران ڪلندي ٻڌايو ته هن کي پوليس جڏهن ٻيهر ڳوٺان گرفتار ڪرڻ آئي ته هن وٽ ڪوبه هٿيار ڪونه هو. هن گهر جي ڪوٺي تي چڙهي هڪ ڪاري رنگ جي ڪاٺ جي ٻُندي، اٽڪل ڪري اهڙي انداز سان پٽ تي رکي ڇڏي، جڙ اها بندوق جي نالي هجي، هن ڪيترا پهر ائين پوليس کي پري روڪي رکيو. پر نيٽ هو جهلجي پيو.

اڄ نوجوان سان به حال احوال ٿيو جنهن ڪالهه وارڊ ۾ پير پائڻ مهل اسان کي جيئي سنڌ چئي ڪيڪاريو هو. هن سيد زادي جو نالو غازي شاهه آهي، سعيدآباد جو رهاڪو آهي، پوليس ڪيس 13 ڊي ۾ پڪڙي آئي آهي، هن جي چوڻ مطابق ڪيس سندس پيءُ گرفتار ڪرايو آهي، في الحال ته ڇوڪرو ڇڪي خاندان جو فضيلت وارو ٿو لڳي، اڳتي ڏسجي.

هت اسان کي ماني جي وڏي تڪليف آهي. هر روز صبح جو اڏ ماني ۽ جست جي وٽيءَ ۾ چانهه چڪو ڏئي ويندا آهن. ٻاهر اسان کيترن قسمن ۽ رنگن جون چانهيون پيتيون آهن. جيئن دودهه پتي، ڪشميري، گلقند واري چانهه، سبز چانهه، قهو وغيره. پر جيل جي ڳُڙ جي ٺهيل چانهن ڪنهن ڪني نالي جي سينواريل پاٽي جهڙي هوندي آهي. حالانڪ مان چانهه جو وڏو شوقين آهيان. پر بک ۽ چانهه جي طلب باوجود ايڏا هتان جي نيرن ۽ چانهه نه چکي آهي. ڏسئون منهنجو اهو نخرو ڪيترا ڏينهن ٽو هلي.

منجهند جي ماني ڏهين ڏاري ڏيندا آهن. هر هڪ باندي کي ٻه مانيون ۽ ٿورڙي دال ملندي آهي. تنور جي ڪچي پڪي ماني ڪٽان ٽلهي تہ ڪٽان سنهي. ان رنگ برنگي ماني جو ڪجهه حصو سڙيل ڪارو تہ ڪجهه پورو ڪٽي ڳاڙهو تہ ڪٽي وري ڪڪ رنگون. اسان انهن ٻن مانين مان صاف حصا. نوريئڙي جيان ڪتري ڪائيندا آهيون. جيڪي مس وڃي اڏ ماني جيترا ٽيندا آهن.

اسان سڀ دوست گڏجي ماني ڪائيندا آهيون. ان ڪري سڀني جي حصي جو ٻُوڙ هڪ جست جي وٽي ۾ وٺندا آهيون. وٽو ٿورو اونهو هئڻ ڪري ان ۾ پيل دال ٽن تهن ۾ ورهائجي ويندي آهي. سڀ کان مٿي تهه ۾ موبل آئل جهڙو تيل ترندو نظر ايندو آهي. جنهن کي "تري" چون. قيدي ويچارا اهو ترندڙ تيل ڏسي خوش ٿيندا آهن. ان تهه هيٺان تتو گرم پاڻي پيو هوندو آهي. جنهن هيٺان مهاڙاٽي دال ستي پئي هوندي آهي. مهاڙاٽي ايتري تہ مغرور ۽ نخريلي آهي جو ڪڏهن ڪڏهن درشن ڪرائيندي آهي.

اسان هاٽي جڏهن ماني کائڻ شروع ڪندا آهيون ۽ گرهه کٽي دال جي اُپن ڪنارن واري جست جي ٽانو ۾ هوڙيندا آهيون تہ گرهه تري واري دال تائين پهچي نہ سگهندو آهي. البت وچين گرم پاڻي واري تهه مان ٽپي ڏئي موٽندو آهي. هاٽي اڏ پڪل ۽ سينواريل ماني جنهن جو اڳ ئي ڏائقو ڪٽو/ترش هوندو آهي. ويتر پاڻي ۾ پسڻ ڪري وڌيڪ ڪٽي ٿي ويندي آهي. مطلب تہ کائڻ ڪانپوءِ ٻئي هٿ نڙي ۾ هوندا آهن ۽ سارو ڏينهن ڪٽيون مٽيون اُوڳرايون پيون ايندیون آهن.

شام جو بہ اھڑي ئي بي ذائقا ماني ملندي آھي، هي آھي بي پھچ سي ڪلاس قيدن جي خوراڪ. هنن کي جيل جي زبان ۾ "پتو" چئبو آھي. اسان جي هڪ واقف جي والد کي قيدين کي پتو پھچائڻ جو ٺيڪو هو هو ٻڌائيندو هو تہ هينئين عملي کان وٺي وڏن آفيسرن جا بورچيخانہ بہ ان ٺيڪي جي خرچ مان هلندا آھن.

شام جي پتي بعد دستور مطابق اسان کي ڪولين ۾ واڙي ويا. مان فرش تي ڪٽا وڇائي سمھيس تہ سامھون پٽ تي لکيل ڪجھ ماٺھن جي نالن تي نظر پئي، جيڪي مون کان اڳ هن بدبخت کولي ۾ سزا ڪاٽي ويا هئا.

مان بہ اٽي پنھنجي بوٽ جي ڪَھين کڏي، ان جي چيڑي تي لڳل نڊيي پٽ سان، پنھنجو نالو ديوار تي کوٽڻ شروع ڪيو. ديوار تي نالو کرچي وري اچي ڪٽي تي ليٽي، پنھنجي لکيل نالي کي چتائي ڏسڻ لڳس. اوچتو خيال آيو تہ مان هروپرو پنھنجو نالو پٽ تي چو لکيو؟ چا مان پنھنجو نالو ان لاءِ لکيو تہ مون کان پوءِ جيڪي بہ ان کولي ۾ باندي بڻجي اچن، اشتياق انصاري نالو پڙھي سمجھن تہ ان نالي وارو ڪو تيس مار خان هت رهي ويو هو. مون پاڻ کان ئي سوال ڪيو. منھنجو اهو عمل چا هلڪڙائپ ۽ سستي شهرت حاصل ڪرڻ واري زمري ۾ ٿو اچي.

هن دنيا ۾ شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ وڏا ڪشالا ڪيڏا پون ٿا. جيئن ايڊمنڊ هلاري نيوزيلينڊ جو هڪ جبل چاڑھو آھي، جنھن 1953ع ڌاري پھريون دفعو دنيا جي بلند ترين چوٽي ايوريسٽ کي سر ڪيو هو ان کان اڳ ان اٽڪيھ هزار فٽ بلند چوٽي تان ڪيترا جبل چاڑھا ناڪام موٽيا هئا ۽ ڪيترائي اتي جيئري برف ۾ دفن ٿي ويا هئا. آخر ۾ ايڊمنڊ هلاري پنھنجي ساٿي نيپال جي 'شرپا تينن نگ' سان گڏجي قدم رکيو هن جبل چاڑھي نہ رڳو ايوريسٽ پار ڪيو پر هماليہ جون ڏھ بلند چوٽيون بہ لتاڙيون. اھڑي طرح هي مُھم جُو ڏکڻ قطب جي برفاني ريگستان ۾ وڃي خيما کوڙيا. ايڊمنڊ هلاري کي ماٺھو ان ڪري بہ شابس ڏين ٿا هو پاڻ سان گڏ وٺي ويندڙ هڪ غريب، بار بردار (پورٽر) تينن نگ شرپا کي پاڻ سان گڏ چوٽي تي قدم رکائي

شهرت ڏياريائين. ڪن جو چوڻ آهي تہ هلاري پهريان شرپا کي چوٽي تي جهنڊو لهرائڻ لاءِ چيو. ان بعد پاڻ مٿي چڙهيو هو. اها هلاري جي وڏماڻهائپ آهي. بهرڪيف ايڊمنڊ هلاري بعد ۾ پنهنجي زندگي جو وڏو حصو همالیہ تي رهندڙ ماڻهن جي ڀلي لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. هن اتي اسڪول، اسپتالون ۽ ٻيا فلاحي ادارا قائم ڪيا آهن. يار هن مهل بہ حال حيات آهي ۽ جابلو علائقي ۾ فلاحي ڪمن ۾ مشغول آهي. هن جبل چاڙهي جو هڪ تاريخي جملو آهي.

"It is not the mountain We conquer but our selves"

الائي ڇو مون کي آمريڪي مُهم جُو ليڪڪ آرنيسٽ هيمنگوي جي گهاريل زندگي ڏاڍي وٽندي آهي. فتبال جو راندیگر، زبردست تارون، باڪسنگ جو ڪوڙيو سدائين شڪار جي ڪيو. ڪڏهن مڇين، آڙين جو شڪار تہ ڪنهن مهل هرٽن، چيتن ۽ شينهن جي پويان.

جواني ۾ هن کي فوج ۾ وڃڻ جو خيال آيو. پهرين جنگ عظيم دوران ايمبولينس جو ڊرائيور پرتي ٿيو هڪ بم ڌماڪي ۾ اڏ مئو ٿي پيو. جسم تي 227 زخمن جا نشان ٿيس. صرف هڪ ٽنگ مان 28 بم جا ٽڪرا نڪتس. ان کانسواءِ شارڪ مڇي جو شڪار ڪندي ٽنگ ۾ گولي لڳس. هڪ دفعو جهاز ڪريش ٿيس. ڪيترا ماڻهو مري ويا پر هي يار بچي ويو.

لکڻ جو شوق ٿيس تہ اخباري رپورٽر ٿيو. پوءِ هڪ ٻي پويان ويو ڪتاب لکندو. تنهن هوندي بہ چيو وڃي ٿو تہ هيمنگوي جيترو وقت مڇي پکڑڻ ۽ شڪار ۾ وڃايو اوترو وقت لکڻ کي ڏي ها تہ ايڏا وڏيڪ ڪتاب لکي ها. ڪيس اديب جو نوبل انعام بہ مليو.

هن آمريڪي ادب جي ٻيءَ چار شاديون ڪيون. آخر ٻيءَ جيان پاڻ بہ خودڪشي ڪيائين.

مان سندس هڪ ڪتاب Old man and Sea پڙهيو آهي. البت Farwell to Arms ۽ For Whom bell Tolls بہ ٽي دفعا پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پر پورا پڙهي نہ سگهيم.

اهڙي طرح مُهم جُوئي جي باري ۾ ياد ٿو اچي تہ ڪافي عرصو اڳ ريڊر ڊائجسٽ ۾ هڪ همراهہ لاءِ پڙهيو هو. شايد ان جي نالي پويان

هينري پيو اچي. آمريڪا جي هن صحافي کي اچي خفت ٿيو ته ٻيڙي ۾ ائٽلانٽڪ سمنڊ پار ڪيان. هن هڪڙي ننڍڙي ٻيڙي ونڊي ان جو نالو "برنڪل" رکي، آمريڪا جي فلموٽ کان سفر شروع ڪيو. آخر نوي ڏينهن جي موتمار سفر کان پوءِ اچي انگلينڊ جي ساڻحل تي پير کوڙيائين. ڪناري تي موجود تماشائين ۽ ڪيترن فوٽوگرافرن ۽ پريس جي نمائندن هينري تي گلن جي ورکا ڪري آڌر ياءُ ڪيو. اهڙي طرح هڪ گمنام ماڻهو دنيا جي اڳيان هيرو ٿي ويو.

هاڻي کٽن تي ليٽي ئي خيالن جو وهڪرو خليل جبران ڏي هليو ويو. هن ڪٽي لکيو آهي ته "سمنڊ ڪناري ويٺو هيم. هڪ ماڻهو آيو ۽ اچي اڳر سان پنهنجو نالو نرم واريءَ تي لکيو. ساموندي لهر آئي ۽ سندس نالو ڌاهي هلي وئي، ان جي جاءِ تي هڪ انڊو ماڻهو لٽ جي سهاري سان اتان گذريو نہ چاهيندي بہ هن جي لٽ جا نشان ڪافي دير تائين واريءَ تي ظاهر هئا."

خليل جبران هڪ ٻئي هنڌ بہ لکيو آهي ته

"ڏٻلو (صلاحيتن کان محروم) انسان ڪانگ تڙي وانگر هوندو آهي" (جڏهن فصل تيار ٿي ويندو آهي ته ڪڙمي فصل کي پکين ۽ جانورن کان بچائڻ لاءِ ڪنهن شيءَ ۾ يُوسو پري ان کي ماڻهن جا ڪپڙا پارائي ٻيهاري ڇڏيندا آهن. پري کان ايئن محسوس ٿيندو آهي ته ڪو ماڻهو ٻني ۾ بيٺو آهي، ان خوف کان پکي ۽ جانور پوک جي ويجهو نہ ايندا آهن.)

اسڪول جي زماني ۾ ابن صفي، ابن صفي ۽ نسيم حجازي جا ناول وڏي شوق سان پڙهياسين. ناول پڙهڻ جو شوق مون کي رفيق احمد قاضي ۽ نذر محمد سيال ڏياريو. جاسوسي ناول ته سو فيصد ڪوڙ تي ٻڌل هوندا هئا. نسيم حجازي بہ اسلامي تاريخ کي هروپرو وڌائي افسانوي رنگ ڏئي پڙهندڙن کي پاڳل ڪندو هو. بهرحال نسيم حجازي پنهنجي ڪتاب ٽيپو سلطان جي مهاڳ ۾ لکيو آهي ته "ماڻهو ڪنهن جي قبر تي ويندو آهي ته ائين نہ پچندو آهي ته هي ماڻهو دنيا ۾ رهيو ته غريب هو يا امير پر هو پچندو آهي ته ماڻهو دنيا ۾ رهيو ته ڪهڙي عزت و احترام سان، مئو ته ڪهڙي بهادري ۽شان شوڪت سان."

آخر مان پاڻ ئي شڪي ٿي سوچيو تہ ديوار تي نالو لکڻ سان ماڻهو جو مان مرتبو نٿو وڌي. پر ديوار مان سبق وٺڻ ڪپي. ديوار جيڪڏهن بيٺي آهي تہ ڪنهن کي سهارو ڏيون بيٺي آهي. پر جيڪڏهن اها ڍهي بہ پئي ٿي تہ ان جو سرون ۽ ٻيو مٽيريل ٻي اڏاوت ۾ ڪم اچي ٿو اهڙي طرح ماڻهو جيئري ئي پنهنجي مسڪين ماروئڙن لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري وڃي. جيئن مرڻ کانپوءِ بہ ماڻهو کيس ياد رکن. باقي ماڻهو ڪانگ تڙو نہ ٿئي.

❐

22 آگسٽ آچر 1976
جيل ۽ ادب

هت سنجها ڏاري بند ٿيڻ ڪري ينيرڪي ويلي ئي اک ڪلي ويندي آهي. پوءِ فرش تي پيو پاسا ورائيندو آهيان. جيستائين چُنو ميان اچي دروازو کولي.

صبح جو سوير وارڊن جيل جو وڏو دروازو کولي سپ کان پهريائين چُنو کي اچي آزاد ڪندو آهي. پوءِ ساري وارڊ جون چاهيون سندس حوالي هونديون آهن. جئين هو ٻين قيدين جي کولين جا ٻ دروازا کولي. چاهيون ملڻ سان ئي چنو جي وارڊ ۾ ڏک ڏوڙ شروع ٿي ويندي آهي. چنو اهو ڪم ڏيرج سان ٻ ڪري سگهي ٿو پر چاهيون هٿ اچڻ سان ئي هن ۾ بجلي جهڙي تيزي اچي وڃي ٿي. شايد پاڻ قيدي هٿ ڪري ڪيس اهو احساس آهي ته پل ٻيا قيدي ٻ جهنم جهڙي کولي مان نڪري صبح جو ڏڏڙي هير جو مزو وٺن.

اهڙي طرح هن جي ڏکڻ جو آواز ۽ چاهين جي چڱي جي جهنڪار ساري وارڊ ۾ پئي گونجندي آهي. مان ٻ ينيراکي کان وٺي اها جهنڪار ٻڌڻ لاءِ ٻيچين هوندو آهيان. جيئن ئي اهو آواز ڪن تي پوندو آهي ته بوٽ پائڻ شروع ڪندو آهيان. پوءِ آزاد ٿيڻ بعد پڪين جيان. نسيم سحر ۾ پرڙا سهائيندو آهيان.

نسيم سحر تي ياد آيو ته اسان جي انجنيئرنگ ڪاليج جي ڪرڪيٽ ٽيم ۾ اردو ۽ پنجابي ڳالهائيندڙ راندگرن جي اڪثريت آهي. مان انهن جو ڪپتان آهيان. راند بعد گهٽو ڪري ويهي هڪ ٻئي کي لطيفا ۽ شعر ٻڌائيندا آهيون. مان انصار چوڪري کان اڪثر هڪ شعر جي فرمائش ڪندو آهيان. خبر نه آهي ته اهو ڪنهن جو شعر آهي.

"نہ چيڙ اي باد نسيم بهاري
تجهي انڪيليان سوجهي هين
هم بيزار بيٺي هين."

اڄ غازي شاهہ سان بہ ڪچهري ڪئي، همراهہ اسان جي ڪولي پويان ٽهيل ڪولين ۾ بند آهي، في الحال هن کي ٻاهر نہ ڪڍندا آهن، ان ڪري اسان ئي هن سان ڪچهري ڪرڻ ويندا آهيون، حال احوال دوران هو اسان جي ڪيترن دوستن جو واقف نڪتو. شاهہ صاحب ڪو وڏو موالو آهي، لڳي ٿو تہ ٻاهر مٽن جي حساب سان نشو ڪندو هوندو. ۾ هت يار کي سگريٽ جو سوٽو بہ نصيب نہ آهي. اهڙي گڙنگ موالي کي ڪجهہ ڏينهن جي نشو نہ مليو تہ سندس ذهني حالت ويتر خراب ٿي ويندي، هاڻي بہ يار چوويهہ ڪلاڪ وڏي واڪي ٿو رڙي، هن جو آواز ايترو تہ بلند ۽ ڳورو آهي جو لڳندو آهي تہ جڙ مون سان گڏڪولي بند آهي، شاهہ صاحب کي جيل حوالي ڪرڻ بجاءِ ڪنهن ڊاڪٽر کان علاج ڪرائڻ ڪپي نہ تہ ويچارو وڌيڪ ذهني بيمار ٿي ويندو.

واهيري جي ويلي کولي بند ٽيڙ بعد مون کٽن کي صاف ڪرڻ جي خيال ڪان ڪڍي چنڊيو. کٽن مان نڪتل دز مون کي صفا پيوت ڪري ڇڏيو. ساڳي وقت هڪ تيز اڻ وٽندڙ بدبوءِ چوڦير ڦهلجي وئي، جنهن في الحال تہ مٿو ڦيرائي ڇڏيو. کولي ۾ اڌيل مٽي جا ڪکر جڏهن فرش تي ڪريا تہ پاڻي جو گلاس پري، پنهنجي منهن تان مٽي جو ليپو لاٿو. کٽن مان نڪتل نڪ ساڙيندڙ ڏپ ڪري اوچتو منهن جي ذهن ۾ خيال آيو تہ هي ڪٿا مون کان اڳ ڪيترن ماڻهن جي لڙکن سان ٻڌا هوندا. ڪيترين قيدين جي پناڻن جي پگهر سان پسيا هوندا. ڪيترن زيادتي ڪندڙ ڏوهارين يا ناحق رت ۾ هٿ رڱيندڙن، پنهنجي ضمير جي چيٽ ڪري راتيون کٽن تي لڇندي ڦٽڪندي گذاريون هونديون.

اهڙي طرح ڪيترا قيدي اهڙا بہ هوندا جن هنن ڪمبلن تي ليٽي پنهنجي زندگي جون پرسڪون راتيون گذاريون هونديون. اهي ماڻهو اهڙا هوندا جن ويڪائو عدالتن ۽ سردارن جي جرڳن مان انصاف نہ

ملڻ ڪري پنهنجا پراڻا پلاند پاڙيا هوندا يا جن ڪنهن جي لوئي جي لج بچائيندي يا ڪنهن جي سينڊ سنواريندي قيد قبوليون هوندو ڪن پنهنجي محبوب جي مرڪ ماڻڻ ۽ يارن سان ياري نياڻڻ لاءِ هي ٽوڙهو پنهنجي ڳچي ۾ وڌو هوندو ڪي جوڌا تہ پنهنجي ڀُون جي پلي ۽ پنهنجي قوم تان غلامي جا طوق ٽوڙڻ لاءِ هت پهتا آهن. يقين سان هن جيل جي ڪٽن اهڙن ئي قيدن کي سڪون سان سمهڻ ڏنو هوندو.

بند وارڊ ۾ هڻڻ ڪري اسان وٽ نہ ڪو پڙهڻ لاءِ ڪتاب آهي نہ ڪو ڪاڳر يا قلم. مان هت پنهنجي جيل جي ڊائري جا مختصر اشاريہ بوٽ جي ڪهين ۾ لڪل لوهي پٽ جي مدد سان پٽ تي لکندو آهيان. خيال آهي تہ جڏهن بہ پين ۽ پنو هٿ آيو تہ انهن اشارين کي تفصيل سان ويهي لکبو. هون بہ ادب جي تاريخ ۾ جيل جو وڏو حصو رهيو آهي. دنيا جا ڪيترا مشهور ڪتاب جيلن ۾ يا جلاوطني سرجيا آهن.

جيئن ناظم حڪمت ترڪي جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. هو ڪجهہ عرصو روس ۾ بہ رهيو هو انقلابي خيال هڻڻ ڪري کيس گرفتار ڪري ڪيترا ورهيہ بند ڪوٺي ۾ واڙيو ويو هن پنهنجي ڪافي شاعري جيل جي ديوارن تي لکي هئي. ناظم حڪمت شايد اسيري دوران ئي مري ويو هو سندس موت ڪانپوءِ هن جي شاعري ديوارن تان اتاري وئي. هن جي شاعري ۾ پنهنجي ماڻهن جا ڏک ۽ جيل جون اذيتون پڻ شامل آهن. جيل جي ديوار تي لکيل سندس هي نظم مون کي وٽندو آهي.

قيد خاني مان خط

"مون کي جيل خاني ۾
سپنن سان پيار ٿيڻ لڳو آهي.
جڏهن رات جو ننڊ مهربان هٿن سان.
سپنن جو در کڙڪائي ٿي
تہ ديوار منهنجي پيرن تي ڪري پئي ٿي
ان مهل مان سپنن ۾ ائين ٻڏي وڃان ٿو
جيئن ڪو ڪرٽو بينل پاڻي ۾ ڪرندو آهي."

برصغير جي بلند پايه مفڪر مولانا ابوڪلام آزاد به ڪيترائي قيد ڪاٽيا، هن بهار جي رانچي جيل ۾ قيد دوران "ترجمان القرآن" ۽ "تذڪره" جهڙا ڪتاب تصنيف ڪيا، اسان جي ڳوٺ جا بزرگ پڌائيندا آهن ته هو سنڌ خلافت ڪانفرنس ۾ لاڙڪاڻي به آيو هو، اهڙي طرح سندس قلعه احمد نگر جيل ۾ لکيل ڪتاب "قول فيصل" ۽ "غبار خاطر" قلمي ڪاوش جا شاهڪار آهن، مون ٻولي جي چاشني ڪري "غبار خاطر" بار بار پڙهيو آهي.

اهڙي طرح اٽلي جي مشهور شاعر دانتي جنهن جو ننڍپڻ ڪان وٺي مرڻ گهڙي تائين بيٽرس (Beatrice) ڇوڪري سان ڇتو عشق هو، جيڪا ڪڏهن به هن کي ملي نه سگهي، دانتي به پنهنجو جڳ مشهور ڪتاب "ڊيوائين ڪاميڊي" جلاوطني دوران لکيو هو، ڇو جو فلورنس حڪومت اعلان ڪيو هو ته "دانتي نالي وارو شاعر جتي به ملي ان کي جيئرو ئي ساڙيو وڃي." اهو اعلان ٻڌي هن باغي شاعر ڳوٺان جو پير ڀاڪا ته وري پنهنجي حياتي ۾ فلورنس نه آيو هو ان دربدري دوران ئي فوت ٿيو هن جي مرڻ کان پنجاهه سال پوءِ سندس ڳريل هڏيون آڻي فلورنس ۾ دفن ڪيون ويون.

مشهور آهي ته جرمن جو جڳ مشهور ناول نگار ڪھاڻيڪار ٿامس مين يهودي هئڻ ڪري ٻي جنگ عظيم دوران ملڪ ڇڏي ڀڄي ويو. هو ڦريان سوئٽزرلينڊ پوءِ آمريڪا وڃي رهيو، هن اتي ڪافي ادب ۾ نالو ڪمايو ان ڪري ڪيس ادب جي نوبل پرائز سان به نوازيو ويو. هن ٻي جنگ عظيم دوران بي بي سي تي جنگ خلاف ڪيترين تقريرون پڙ ڪيون، ساڳي وقت هن آمريڪا مان ڪيترائي خط هٽلر ڏي لکيا، هن جو هڪ خط ڪافي مشهور ٿيو جنهن ۾ هٽلر کي خبردار ڪيو آهي ته "تون پنهنجي قوم کي تباهي ڏانهن ڌڪي رهيو آهين." هن جي اها به چوٽي مشهور آهي ته

"It is love not reason that is
Stronger than death"

هن تي هم جنس پرستي جو به الزام هو، سندس ناول Death in Venice پڙهڻ وٽان آهي.

❑

23 آگسٽ سومر 1976
اڳاڙن انسانن کي وحشتناڪ مار

بند وارڊ ۾ هت جيڪي به لاوارث قيدي آهن، انهن ويچارن جي ڏاڍي بري حالت آهي، سواءِ جيل جي بدبودار پَتي جي نه سگريٽ نصيب اٿن، نه ماچيس آهن، اسان جي وارڊ جا پراڻا قيدي چنو ۽ راڄڙ جيل جي سپاهين کان وڏن ايلاز منٿن بعد ماچيس جون هڪ ٻه تيليون پني وٺندا ها، سپاهي به سخاوت جو مظاهرو ڪندي آخرڪار ڪين هڪ يا ٻه تيليون بخش ڪن ٿا، هو پوءِ اهي تيليون چوري جي خوف کان هڪ ٻئي کان لڪائي رکندا آهن، تنهن هوندي به چنو ۽ راڄڙ سڄو ڏينهن ان تاڙ ۾هوندا آهن ته هڪ ٻي جون تيليون ڪيئن چورائجن، پوءِ ڪڏهن چنو راڄڙ جون تيليون ڳولي عياشي ڪندو آهي ته وري ڪنهن مهل راڄڙ هن کي هرو ڏئي ويندو آهي، حالانڪ هي همراهه لڪ ڇپ ۾ پنهنجون تيليون وارڊ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ سُون جي خزاني جيان زمين کوٽي پوري ايندا آهن، پر تنهن هوندي به ڪٽڻ وارو ڪٽي ويندو آهي، اڄ به ماچيس جي هڪ تيلي جي چوري تي ٻئي ڇٽا پاڻ ۾ وڙهي پيا، ڪافي دير تائين هڪ ٻئي کي جانا هڻندا زمين تي ليٽڙيون پارائيندا رهيا، پر پَوءَ ڪان هڪ ٻي کي ڏڪ نه پيا هڻن ته متان ڪنهن ڪان رت نڪري ۽ جيل عملدار ڪين مار موڇڙو ڪن، بهرحال اسان جي ساڻين ڏوڙي وچي هنن تيلي چورن کي ڇڏايو.

راڄڙ ويچاري کي شايد به تي چنبا سرس لڳي ويا هئا، ان ڪري هو ڪاوڙ ۾ گارگند ڪندو دانهه ڏيڻ لاءِ چڪر عملدار ڏي پڳو چڪر عملدار به ڪو تتو وينو هو، هو مينهن واءُ ڪندو وارڊ ۾ داخل ٿيو، هن جي هٿ ۾ هڪ پنگ گهوٽڻ جهڙو تيل لڳل ٽلهو ڏنڊو هو، هو پاڻ سان

ٻہ ڏنڊا مستنڊا وانا قيدي ٻہ وٹي آيو جن اچڻ سان ئي پھريان چنو کي اگھاڙو ڪري هيٺ پٽ تي پُٽي پَر ڪيرائي. سندس ٻئي پير آسمان ڏي ڪري اچي هن جي پيرن جي ترين کي ڪٽيو ڏنڊي جا سٽڪا ساري وارڊ ۾ پيا گونجن. جڏهن هن جي پيرن جون تريون سُجي ويون تڏهن چڊيائونس. ساڳي طرح راڄڙ جيڪو فريادي هو هن کي ٻہ پٽ تي سٽي ڏنڊن سان ڪٽڪو ڪيڊيائون. اهڙي طرح ٻنهي جي پيرن جي ترين ۽ ڪڙين کي ٺاهوڪا ڏنڊا هٽي کين هلڻ ڪان هلاڪ ڪري وارڊ ۾ ڦٽو ڪري هليا ويا.

اسان پھريون دفعو انسانن جي اهڙي تذليل ۽ ڪنهن کي اُگھاڙو وحشتناڪ مار کائيندي ڏٺو هو ان ڪري صفا هيانو ڏري پيا ۽ اکين مان لڙڪ لڙي آيا. هنن ويچارن کي مار کانپوءِ تڪليف ڪان گيسي ۽ ريڑھيو پائيندي يا ديوار جي سهاري هلندي ڏسي ڏاڍو افسوس پيو ٿي.

اسان ائين موڳا ۽ ڏکارا وينا هئاسين تہ هڪ سپاهي اچي ٻڌايو تہ ٻاهر اوهان جي ملاقات آئي آهي. اسان پنهنجا ميرا ڪپڙا چنڊي، منهن کي ٻہ پاڻي جو چنڊو هٽي ملاقات لاءِ روانہ ٿياسين. هر ڪنهن جا پنهنجا خيال هئا. ڪنهن جو خيال هو تہ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جا شاگرد ملڻ آيا هوندا. ڪو پيو چوي تہ نوابشاهہ انجنيئرنگ ڪاليج جا دوست هوندا. گھٽن جو وري پنهنجي متن مائٽن ڏي ڏيان پيو وڃي.

بھرحال اسان جيل جي مک دروازي ٻرسان هڪ بند ڪمري وٽ اچي ٻيٺاسين. هي ملاقاتن لاءِ خاص جاءِ هئي. جيلر جي اچڻ بعد اسان ان ڪمري ۾ داخل ٿياسين. ملاقاتن کي هڪ "واڪ ٿرو گيٽ" مان لنگهي اچڻو هو. واڪ ٿرو دروازو آواز ڪري هٿيارن وغيره جي نشاندهي ڪندو آهي. ملاقاتي ڪمرو ٻن حصن ۾ ورهايل هو. هڪڙي پاسي قيدي تہ ٻئي پاسي تي ملاقاتي ٻيھندا آهن. ٻنهي جي وچ تي ٽورو فاصلو ڇڏي. لوهي سيخون لڳل هونديون آهن. جيئن ٻاهريون ماڻهو قيدي کي ڪا شيءَ ڏئي وٺي نہ سگهي. صرف هو هڪ ٻي کي پري کان ڏسي ۽ ڳالهائي سگهن.

اسان ڪمري ۾ اچي ٻيٺاسين تہ سامهون ڪامريڊ حسين بخش ٽيبو ۽ اقبال عباسي نظر آيا. ڪامريڊ حسين بخش ٽيبو سان اڳ

ملاقات هئي، هي رسول بخش ٽيپو جو وڏو پاءُ آهي، باقي اقبال عباسي جيڪو نديم عباسي جو مائٽ آهي، ان سان پهرين ملاقات هئي، هنن سان ڪچهري دوران ٻاهرين دنيا جو حال احوال مليو. ملاقات ختم ٿيڻ بعد ڪجهه ڪائڻ پيئڻ جو سامان ڏئي ويا.

اسان ملاقات بعد وارڊ ڏي وڃي رهيا هئاسين ته ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ پنهنجي آفيس ۾ ويهاري ڪافي دير باشڻ ڏنو ته "توهان شاگرد آهيو والدين جون اوهان ۾ وڏيون اميدون آهن، پهريان تعليم ڏي ڏيان ڏئي پنهنجو مستقبل سنواريو. بعد ۾ سياست ۾ ٻيون ڳالهيون ڪجو."

هي پهريون دفعو هو جو مان گرفتار ٿي ڪنهن سينٽرل جيل ۾ اندر آيو هيس، هن کان اڳ هڪ ٻه دفعو سکر سينٽرل جيل تي ڪن دوستن سان ملڻ ويو هيس، ان مهل سکر سينٽرل جيل جا ايا هيبتناڪ دروازا ڏسي في الحال ته چڪرائجي ويو هيس، پر هاڻي پنهنجي اکين سان جيل جي اندرين دنيا ڏسي ۽ پسي رهيو آهيان، جيل جڙ ٻاهرين دنيا کان ڪٽيل هڪ الڳ ننڍڙو شهر آهي، هن شهر جا پنهنجا رسم و رواج، قاعدا قانون، طور طريقا ۽ هولي آهي.

پهريان ڪوبه ماڻهو گرفتار ٿي جيل ايندو آهي ته هن کان اول جيل جو مک دروازو، واڳون جيان وات پٽيون بينو هوندو آهي، ان ديوهيڪل ڪاري دروازي کي ڏسي ڇڳي پلي جو هيانو ڦسي ويندو آهي، جيل جي ان حصي ۾ آفيسرن، جيل انتظاميا، عملدارن وغيره جون آفيسون هونديون آهن، اتي ئي قيدين جي آمد ۽ روانگي ۽ ٻيو رکارڊ رکيو ويندو آهي، ملاقات جا ڪمرا پڻ ان ٽُڪري ۾ هوندا آهن، جيل جي زبان ۾ ان حصي کي "ماڙي" سڏيو ويندو آهي، ماڙي جي اندرين طرف اهڙو ئي لوهي دروازو هوندو آهي، ان کي پار ڪرڻ ڪانپوءِ ماڻهو جو ٻاهرين دنيا سان رابطو ڪٽجيو وڃي ۽ هو جيل جي دنيا جو باشندو ٿي ويندو آهي.

جيل اندر وري جدا جدا حصن ۾ ورهايل آهي، سينٽر جيل گهٽو ڪري چڪرن Circles ۾ ورهايل ٿي، ڪنهن جيل ۾ هڪ چڪر هوندو آهي ته ڪنهن ۾ ٻه چڪر، هڪ چڪر کي ڪارو چڪر Habitual Circle چون، اتي گهٽو ڪري سزايافته قيدي رکيا ويندا آهن ۽ ٻيو وري اڇو چڪر Quarantine Circle (عام طور قيدي ان کي ڪارو ٽين چون) ان ۾

ڪچا قيدي هوندا آهن، جن کي سزا مليل نہ هوندي آهي، هت حيدرآباد جيل ۾ ٻہ چڪر آهن.

جيئن ٻاهر اکثر شهرن ۾ چوراهن تي چبوترن (Singnals) تي سپاهي ٻيهي ٽرئفڪ ڪنٽرول ڪندا آهن، ايئن هت ٻہ هر چڪر جي وچ تي جيل جي عملدارن ۽ سپاهين لاءِ ڇَتي نما چوڪيون ٺهيل هونديون آهن، ان پوليس چوڪي جي چوڌاري بئرڪس ٺهيل آهن، جيڪي وري ڊويزن ۽ واردن ۾ ورهايل هونديون آهن.

ان ڪانسواءِ جيل ۾ مختلف قسمن جي فيڪٽرين ۾ قيدين کي ڪم سيکاريا ويندا آهن. جيل ۾ خاص ڪري ڪَتا، ڪاديءَ جو ڪپڙو چٽسالي وارا متي جا ٽانو وغيره ٺاهيا وڃن ٿا، جيل ۾ اسڪول ٻہ آهن، ڪيترن قيدين جيل ۾ رهي ميٽرڪ ۽ گريجويشن ڪئي آهي.

هت ڦاسي گهاٽ کان علاوه سخت سزا وارن لاءِ بند وارڊ پڻ آهي، چرين ۽ چمڙي جي بيمارين واري قيدين کي ٻہ الڳ رکيو وڃي. ان کانسواءِ ڏوپي گهاٽ، بورچيخانو، درزڪو ۽ حجامڪو دڪان پڻ آهي، جن جا ڪاريگر قيدي ئي ٿين، عورتن ۽ ننڍين ڇوڪرن لاءِ "ڇہ وارڊ" پڻ آهي، قيدين لاءِ تفريح لاءِ ميدان ٻہ ٿين پر سنڌ جي قيدين لاءِ راند روند تہ پري رهي رڳو ويچارن تي موچڙي جي زيپٽ هوندو آهي.

اي ڪلاس ۽ بي ڪلاس قيدين لاءِ پڻ هت الڳ بندوبست آهي، هن وقت حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ ولي خان ۽ نيشنل عوامي پارٽي (نعپ) جي ٻين اڳواڻن تي سازش ڪيس هلي رهيو آهي، انهن لاءِ جيل اندر ئي اسپيشل ڪورٽ قائم ڪئي وئي آهي.

هون اڄ ڏينهن تائين هن ملڪ جي تاريخ ۾ ٽي سازش ڪيس ڪافي مشهور آهن، هڪ پنڊي سازش ڪيس، ٻيو اگرتلہ سازش ڪيس ۽ ٽيون هي حيدرآباد سازش ڪيس.

پنڊي سازش ڪيس لاءِ چيو وڃي ٿو تہ 1951ع ڌاري پاڪستان ۾ روس جي پوئلڳن گڏجي ان وقت جي لياقت علي خان جي حڪومت خلاف سازش ڪئي هئي، جنهن ۾ ميجر جنرل اڪبر، ڪجهہ ٻين فوجين سان گڏجي ڪميونسٽ خيال جي ماڻهن جيئن فيض احمد فيض، سجاد ظهير، اڪبر خان جي زال نسيم شهناز خان، ميجر اسحاق،

ڪيپٽن ظفرالله پوشني وغيره شامل هئا. ان قيد دوران فيض احمد فيض جي شاعري ۽ حيدرآباد جيل مان سندس ايلسا فيض ڏي لکيل خط پڙهڻ وٽان آهن. مون کي ته ظفرالله پوشني جي لکيل جيل جي ڊائري ڏاڍو مزو ڏيندي آهي. پنڊي سازش ڪيس جا گهٽا اسير حيدرآباد جيل ۾ رهيا هئا.

اهڙي طرح اگرتلہ سازش ڪيس 1968ع ڌاري اوپر پاڪستان جي عوامي ليگ جي اڳواڻ شيخ مجيب الرحمان ۽ چوٽيهہ ٻين ليڊرن تي ٺاهيو ويو. چيو وڃي ٿو ته شيخ مجيب الرحمان هندستان جي شهر اگرتلہ ۾ اتان جي انٽيليجنس ادارن سان گڏجي ملڪ توڙڻ بنگلاديش ٺاهڻ جي سازش ڪئي. ان ڪري کين گرفتار ڪيو ويو ان قيد دوران هڪ پاڪستاني فوجي، بنگالي سارجنٽ ظهورالحق کي گولي هڻي ماري وڌو هو. جنهن جي نالي پويان ڊاڪا يونيورسٽي جي شاگردن هڪ هال جو نالو ظهور الحق هال رکيو. جنرل ايوب جي لهڻ سان ئي اهي سڀ قيدي آزاد ڪيا ويا.

اڄڪلهہ هن وقت ملڪ ۾ حيدرآباد سازش ڪيس جو وڏو چرچو آهي. گذريل سال يعني 1975ع ڌاري ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت، نيشنل عوامي پارٽي تي اهو الزام هنيو ته آزاد پختونستان ۽ گريٽر بلوچستان ٺاهڻ ٿا چاهن. ان سازش تحت پاونجاهہ ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. جن ۾ عبدالولي خان، خان اميرزاده خان، اسلم گرديزي، سليم ڪرد، اسلم بلوچ، نواب خير بخش مري، غوث بخش بزنجو، مير گل خان نصير، سردار عطا الله مينگل، شير محمد مري (جنرل شيروف)، حبيب جالب، نجم سيٹي وغيره، انهي ڪيس ۾ شامل همراهن ۾ اڪثر قيدي هت حيدرآباد جيل ۾ بند آهن. پر اسان جي اڃا تائين انهن سان ملاقات ٿي نہ سگهي ٿي. اسان کي افسوس اهو آهي ته هن مهل تائين حيدرآباد سازش ڪيس وارن شاگرد هئڻ ناتي اسان جي بہ سار نہ لڌي آهي. شايد هنن ولي خان گروپ وارن سياسي قيدين کي اسان شاگردن جي حيدرآباد جيل ۾ موجودگي جي خبر ئي نہ آهي.

24 آگسٽ 1976
ڀگت سنگھ

صبح جو اڄا اک مس کلي تہ وارڊ ۾ ريڪ ڊوڙ لڳي پئي هئي. ڪو قيدي ڀھاري پيو ڏي تہ ڪو پاڻي جا ڏٻا ڪيون ڇٽڪار ۾ مشغول هو ڪجھ قيدي دروازي جي لوهي سيخن کي پيا صاف ڪن. ڪي ٻوٽن کي پاڻي پيا ڏين. جيل عملدار ٻہ پنھنجي ڪارڪردگي ڏيکارڻ لاءِ ھڪلون ڪري وارڊ ڪلھي تي ڪٽي ڏنو هو آخر خبر پئي تہ هي سڀ تياريون ان لاءِ پيون ٿين جو اڄ جيل سپرنٽينڈنٽ رائونڈ تي ايندو.

بھرحال ٿوري دير بعد جيل سپرنٽينڈنٽ پنھنجي عملي سان وارڊ ۾ داخل ٿيو. عام قيدي، سپرنٽينڈنٽ يا ٻين عملدارن اڳيان اوڪڙون ڪنڊ هيٺ ڪري ويھندا آهن. پر اسان ٻئرڪ جي سامھون ٻيھي ساڻس ملياسين.

نوٽ: هتان ڊائري جا ڪجھ پنا منھنجي هڪ جيل جي ساٿيءَ زوري ڪاڙي ڇڏيا آهن.

مان هت جيڪي ٻہ ٻہ اکر. ڊائري وغيره لکندو آهيان. اهي هر حاضري تي ٻاهر ڪنھن نہ ڪنھن ساٿي جي حوالي ڪندو آهيان. ڇو جو هت جيل انتظاميا اڪثر جھڙتي دوران ٻي سامان سان گڏ ڪتاب ۽ ڪاڳر ٻہ کسي ويندا آهن.

هن دفعي ٻہ حاضري دوران جڏهن هي لکيل قَيدَ کھاڻي ڪنھن دوست حوالي ڪري رهيو هيم. ان مھل منھنجي سامھون ئي. جيل جي ساٿي باز جيان ست ڏئي منھنجي دوست جي هٿ مان ڊائري کسي. هت لکيل ڪجھ پنا ڪاڙي زمين تي اڇلايا. انھن صفحن تي مون خوشگوار

انداز ۾ سندس شخصيت ۽ ٻاراڻي طبيعت جي باري ۾ ڪجھ لکيو هو. اهو ڪيس پڙهايو به هيم. پر هاڻي شايد ڪيس اها ڳالھ پسند نہ آئي، خير مون سندس جذبات جو احترام ڪندي اهي ڳالھيون ٻيھر نہ لکيون، حالانڪہ ياد آهي تہ مون چا لکيو هو.

سپرنٽينڈنٽ جي رائونڈ بعد اسان ڪيس سندس لاجواب اداڪاري تي داد ڏيندا رهياسين، سپرنٽينڈنٽ پنھنجي هلڪڙي طبيعت ڪري ھڪ اڌ دفعو حيدرآباد سازش ڪيس جي گرفتار نعپ وارن ھٿان مار بہ کاڌي آهي، اھڙن ڏکن جا نشان اڃا تائين سندس چھري تي موجود آهن.

ڪالھ چنو ۽ راڄڙ جيڪي پاڙ ۾ ماڇيس جي ھڪڙي تيلي ڪري وڙهيا هئا، اڄ ان مهاجر ڇوڪري چنو سپرنٽينڈنٽ کي روئي ٻڌايو، راڄڙ خلاف دانھ ڏني. حالانڪہ اڳرائي چنو جي هئي، بھرحال سپرنٽينڈنٽ سزا طور راڄڙ کي ڪنھن ٻي وارڊ ۾ بدلي ڪرڻ جو حڪم ڏنو راڄڙ وارڊ مان نڪرڻ مھل اسان سيني کان اڇي موڪلايو هن سان ٽيل زيادتي جو اسان کي بہ افسوس ٿيو. وارڊ ڇڏڻ مھل هن سڀاجھڙي سنڌي جي ڪچ ۾ جيل مان ڏاڄ طور ملیل بہ ڪمبل ۽ ھڪ جست جي وٽي هئي، هت قيدين ويچارن جي اها ئي ميراث هوندي آهي.

ساڳي وقت سپرنٽينڈنٽ (اوشاق) وارڊ جي پراڻي سپاهي سليمان کي بدلي ڪري ھڪ ٻيو پٽاڙ سپاهي موڪلي ڏنو. هن پٽاڙ سپاهي جو نالو تہ الائي ڇا آهي، پر مان ڪيس "انڪل سام" سڏيندو آهيان، هي چاچو پنجاهي پار ڪري چڪو آهي، ڇھن فٽن کان بہ قدآور چاچي، وارن کي مينڊي هڻي ڇھڇ ڳاڙهو ڪري ڇڏيو آهي، خبر نہ آهي ڇو هن ڳچ پکي جھڙي سنھڙي سيپڪڙي چاچي کي لنڊي پتول ڏسي، انڪل سام ياد ايندو آهي، پراڻي زماني ۾ آمريڪا جي فوجي راشن جا ٽيڪا ڪو سام نالي قداور مڙس ڪٽندو هو. هن جي هر راشن جي ڊبي تي سام لکيل هوندو هو. آمريڪا ۽ ٻين ملڪن جا فوجي پيار مان انڪل سام سڏيندا هئا. پر اڄ ڪلھ دنيا ۾ "انڪل سام" مان مراد آمريڪا ورتي وڃي ٿي.

شام جو اسان پتي جي انتظار ۾ وينا هئاسين تہ ماڙي تي لڳل گھنڊ جو آواز ساري جيل ۾ گونجڻ لڳو انڪل سام ٻاهران بي مهار اٺ جيان ڊوڙندو ۽ رڙندو آيو "خدا خير ڪري هي خطري جو سائرن آهي. جيل ۾ ڪو وڏو حادثو ٿيو آهي. هرڪو هلي پنهنجي ڪولين ۾ بند ٿي" اسان هن کي پريشان ڏسي ڪولين ۾ وڃي بند ٿياسين. ٿوري دير بعد چاچي اسان جي ڪولين جا دروازا ٻيهر ڪولينديِ ٻڌايو تہ خطري جو گھنڊ ان ڪري وڄايو ويو هو جو ٻاهر ڪم تي ويندڙ قيدين جي پارٽي مان هڪ قيدي ڀڄي ويو آهي.

هت جيل ۾ جن قيدين جي سزا پوري ٿيڻ واري هوندي آهي يا چال چلت صحيح هوندي اٿن. اهڙي پروسي وارن قيدين کي صبح جو جيل کان ٻاهر آفيسرن جي بنگلن. باغيچن وغيره ۾ ڪم ڪار لاءِ وٺي ويندا آهن ۽ شام جو وري اڇي جيل ۾ واڙيندا آهن.

مون کي ياد ٿو اچي تہ اسان جڏهن گورنمينٽ پائلٽ سيڪنڊري اسڪول لاڙڪاڻي ۾ پڙهندا هئاسين تہ ان وقت هر روز صبح جو ڪيترن قيدين کي ٽولن جي صورت ۾ اسڪول وٽان گذرندي ڏسندا هئاسين. انهن مان ڪن قيدين کي پيرن ۾ ڊنڊا ٻيڙيون ٻہ لڳل هونديون هيون. هو اسڪول پرسان. سرڪٽ هائوس جي پويان ٻني ۾ اڇي ڪنڊا هڻا. ٻني ۾ هو گھٽو ڪري پاڇيون پوکيندا هئا. اسان اتان گذرندي ڪڏهن گوبي. گجر پٽي ڪائيندا هئاسين. نہ تہ اڪثر قيدي پاڻ ئي ڪائڻ لاءِ مفت ۾ ڏيندا هئا.

اهڙي طرح گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ پڙهڻ دوران اسان جو پرنسپال ڪارواني صاحب باغباني جو وڏو شوقين هو هونءَ ٻہ جيل انتظاميا کان قيدي گھرائي ڪرڪيٽ. هاڪي. فٽبال ۽ ڪاليج جي چوڌير باغيچا ٺهرايا هئا. اتي ٻہ ڪاڏيءَ جو اڇو وڳو پاتل قيدين کي ڪوڏريون هٽندي ڏسندا هئاسين.

اسان کي شام جي پتي بعد ڪولين ۾ بند ٿئي ايڏا ڪلاڪ کن ٿيو هو تہ وري وارڊ ۾ پرسان وارن ڪولين جا لوهي دروازا ڪلڻ ۽ بند ٿيڻ سان گڏ ماٺهن جا آواز اچڻ لڳا. خبر پئي. تہ قيدين جي اها پارٽي جيڪا صبح جو ٻاهر ڪم لاءِ وئي هئي ۽ جن مان هڪ قيدي فرار ٿي ويو

آهي، انهي پارٽي جي باقي قيدين کي بند ڪيو ٿو وڃي، مان ان پڄي ويل باندي لاءِ سوچيان ٿو تہ هر ماڻهو جانور ۽ پکي هر اهو جائز ناجائز طريقو استعمال ڪندو آهي. جنهن سان کيس آزادي ملي. منهنجي خيال ۾ آزادي جي راهہ ۾ هر طريقو جائز آهي، پلي پوءِ اها شخصي، قومي يا ملڪي آزادي هجي.

انهن خيالن ۾ گم هيس تہ پرسان واري کولي مان رسول بخش ٽيبي جو سڏ ٻيو جيئن تہ رسول بخش ۽ منهنجي کولي هڪ ئي قطار ۾ هڪ ٻي پرسان آهي، رسول بخش جي کولي نائون نمبر آهي ۽ منهنجي ڏهون نمبر، هڪ ٻي کي ڏسي تہ نہ سگهندا آهيون، پر هڪ ٻي سان ڳالهائي سگهندا آهيون، اسان روز رات جو جيستائين ننڊ اچي کولي جي سيخن واري دورازي پرسان بيهي پاڻ ۾ ڪچهري ڪندا آهيون. اڄ بہ رسول بخش ۽ مان ڪافي دير آزادي، خاص ڪري برصغير جي آزادي تي ڳالهائيندہ رهياسين.

اسان جو مؤقف هو تہ برصغير جي آزادي جي تاريخ ۾ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي ليڈرن کانسواءِ انهن ترقي پسند ۽ ڪميونسٽ نوجوانن جو ذڪر بہ اڇڻ کپي جن انگريزن کي تڙڻ ۾ ساٿن مهاڏو اٽڪائيندي پنهنجي جانين جو نذرانو ڏنو پر تاريخ ۾ اهڙن نوجوان شاگردن جو ذڪر اڻ لڀ آهي.

اسان جي تاريخ رڳو ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي اڳواڻن مهاتما گانڌي، قائد اعظم، جواهر لعل نهرو، ابوالڪلام آزاد، خان غفار خان، لياقت علي، سردار پٽيل وغيره جي ذڪر ۽ ڪارنامن سان ڀريل آهي، اسان کي انهن وڏن ليڈرن سان گڏ انهن سياسي ڪارڪنن ۽ شاگردن کي بہ سارا هڻ کپي، جن جيلن جون اذيتون ۽ قاسي گهاٽ جا ڏنڊا چميا.

اسان کي گوپي موهن کي بہ نہ وساريڻ کپي، جنهن هڪ انگريز پوليس ڪمشنر کي ماريڻ چاهيو اهو پوليس ڪمشنر اتان جي سياسي ڪارڪنن سان ڏاڍيون جنيون ڪندو هو جيئن اڄ ڪلهہ ذوالفقار ڀٽي جو ڪمدار لاڙڪاڻي جو پوليس آفيسر محمد پنجل ڪري رهيو آهي، اهو انگريز پوليس ڪمشنر بہ روز صبح جو چڊي پائي، لڪڻ

هٿ ۾ ڪٽي پسار لاءِ نڪرندو هو هڪڙي صبح جو گوپي موهن هن جو ڏڪ جهلي بيهي رهيو جيئن ئي هو ويجهو آيو هن پستول جون گوليون هٽي ڪيس ماري وڌو. پوليس گوپي کي پڪڙي ٽاٽي تي وٺي آئي. گوپي ساڳي پوليس ڪمشنر کي پنهنجي سامهون جيئرو جاڳندو ڏسي حيران ٿي ويو هو غلطي ۾ ڪنهن ٻي انگريز کي قتل ڪري آيو هو.

اسان کي خوبصورت دوشيزه بيناداس کي به داد ڏيڻ ڪپي. ڪلڪته يونيورسٽي جي سالياني ڪنووڪيشن جو مهمان خاص بنگال جو گورنر اسٽينلي جيڪسن هو گورنر جنهن محل تقرير شروع ڪئي ته هڪ اٽويهن سالن جي سهڻي چوڪري شاگردن مان رستو ٺاهيندي اچي گورنر پرسان بيٺي. هن يڪدم يونيورسٽي گائون مان پستول ڪڍي گورنر تي ٻه ٽي فائر ڪيا. پر اتفاق سان گورنر خوني حملي کان بچي ويو اهي گوليون وڃي هڪڙي ليڪچرر کي لڳيون. بيناداس کي ڪيترا سال جيل پوڳٽو پيو.

اهڙي طرح ڪن نوجوانن ڪلڪتي جي مئجسٽريٽ ڪنگ فورڊ کي به مارڻ چاهيو جنهن نوجوانن لاءِ رڙ ٻاري ڏنو چوڪرن هڪ پارسل ۾ بم وجهي ڪيس موڪليو پر پارسل پهچڻ کان اڳ ئي مئجسٽريٽ ڪٽي بدلي ٿي ويو آخر هن جي موٽر تي حملو ڪيو ويو جيڪو به ناڪام ويو انهن حملي آورن مان هڪڙو نوجوان ڪاڏي رامباس کي گرفتار ڪيو ويو ٻي کي هڪ ريلوي اسٽيشن تي گرفتار ڪرڻ ويا ته هن وڙ جي اوٽ وٺي وڌو مقابلو ڪيو. آخر گوليون ختم ٿيڻ بعد آخري گولي پاڻ کي هڻي خودڪشي ڪري ڇڏيائين.

آزادي جي تاريخ جي ورقن تي اسان کي لجپت راءِ ۽ پگت سنگهه جي خون جي لالاڻ به ملي ٿي. انگريزن جي خلاف جڏهن آزادي جي تحريڪ عروج تي هئي. ان وقت لاهور جي ريلوي اسٽيشن وٽان لالا لجپت راءِ جي قيادت ۾ هڪ وڏو جلوس نڪتو ان جلوس تي لاٺي چارج جو حڪم سينيئر سپرنٽينڈنٽ پوليس جي اي اسڪاٽ ڏنو هو جنهن ۾ لالا لجپت راءِ زخمي ٿيڻ بعد مري ويو.

پگت سنگهه ۽ سندس ساٿين لجپت راءِ جي خون جو بدلو وٺڻ جو پڪو پهه ڪيو هڪ ڏينهن جيئن ئي اسڪاٽ. موٽر سائيڪل تي

اچي پيو تہ پڳت سنگھ ۽ ٽوراج هن تي فائر ڪيا. پوليس آفيسر موٽر سائيڪل سوڌو وڃي پري ڪريو. پڳت سنگھ ڊوڙي وڃي ڪيس گولين سان پروڙ ڪري ڇڏيو. پر اتفاق سان هنن هڪ ٻي پوليس آفيسر سانڊرس کي ماري وڌو. پڳت سنگھ ان روپوشي دوران لاهور اسيمبلي هال ۾ هلندڙ اجلاس ۾ بم اڇلايا. جنهن ۾ ٻہ ماڻهو مري ويا ۽ ڇهہ زخمي ٿيا. پڳت سنگھ کي گرفتار ڪري شاهي قلعي ۾ رکيو ويو. جيل ۾ سندس بک هڙتال مشهور آهن.

آخر ڪيس سندس ساٿين راج گرو ۽ سکديو سميت ڦاسي ڏني وئي. ماڻهن جي خوف کان جيل جي ديوار ٽوڙي ڳجهہ ڳوهہ ۾ سندن لاش ستلج ندي ڪناري ساڙيا ويا.

پڳت سنگھ کي گھڻن تصويرن ۾ ٽوپ پاتل اٿس ۽ سندس سنهيون مڇيون تلوار ڪٽ مٿي وريل آهن. پر مون کي سندس اهو فوٽو وٽندو اهي. جنهن ۾ پڳت سنگھ هڪ پڳل ڇڳل ڪٽ تي لاهور ريلوي پوليس اسٽيشن ۾ ويٺو آهي. ڪيس هٿ ڪڙيون لڳل آهن. پيرين اگھاڙو گوڏن تائين پاڇا مٿي اٿس. وار وکريل ڏاڙهي وڌيل. هو وڏي اعتماد سان سي آءِ ڊي جي پوليس آفيسر سان ڳالهائي رهيو آهي.

مطلب تہ پڳت سنگھ جڙ انقلاب سان ئي شادي ڪئي. هن پڑهائي ڇڏي. مذهب کان باغي ٿي ڏهريو ٿيو گهر کان بي گهر ٿي آخر ڦاسي جو ڦندو ڳچي ۾ پاتائين.



25 آگسٽ 1976
مير حسين علي ٽالپر

اسان هن Isolatory Ward ۾ ڪل ڏهه ڇٽا بند آهيون. ست اسان انجنيئرنگ ڪاليج جا شاگرد باقي چنو شاهه ۽ ڪاڻياڙ هن وارڊ جا پراڻا باشندا آهن. ڪاڻياڙ کي ڪجهه ڏينهن اڳ هتان سزا طور بدلي ڪري هي هنڊ موڪليو هو. يار ڪالهه وري واپس اچي ويو آهي. اسان هت صرف پنهنجي وارڊ تائين محدود آهيون. نه ڪنهن هي وارڊ ۾ وڃڻ جي اجازت آهي. نه ئي وري ڪنهن قيدي سان ملڻ جي. ان ڪري ٻاهر جي ڪابه خبر نه آهي ته ڇا ٿو وهي واپري. اسان وٽ نه ريڊيو آهي نه ٽي وي. ايتري قدر جو ڪافي ڏينهن ٿيا آهن نه ڪنهن اخبار جو منهن ڏٺو آهي نه ڪنهن ڪتاب جو جو پڙهي وقت گذارجي.

ان ڪري اتفاق سان ڪو پکي به پرڙا هٽندو وارڊ ۾ ساهي پٽڻ لاءِ لهي ٿو ته اسان هن کي وڏي تجسس سان ڏسندا رهندا آهيون. ڇڻ اهو زندگي ۾ پهريون دفعو ڏٺو هجي. اڄ هڪ ڳانڍ پري ٻئرڪ جي ڀت تي اچي وينو يقين ڪيو ته مار پويس زندگي ۾ پهريون دفعو اڄ ڪانو به معشوق پيو لڳي ۽ ڳانڍ جي ڳان ڳان به وڻي پئي.

هن جيل جي ماني جو ڏينهون ڏينهن ميار خراب ٿيندو ٿو وڃي. مارڪيٽ مان اڪثر خراب ۽ گند جي ڊير تي اڇلائڻ جهڙي سڙاند واري پاڄي ۽ دال وغيره وڻي ٿا اچن. جيڪي بنا گيهه ۽ مصالحي جي پچائڻ بعد ويٽر بدبودار ۽ اُوڪارا ڏيارينڊ ٻڌجي ٿي وڃي. باوجود بک جو هڪ گرهه به نٿو اُڪلي. ڪجهه ڏينهن اڳ اسان ٻاهران سامان سان گڏ سيرڪن ڇڙ ۽ پڇڙا به گهرايا هئا. هاڻي اسان ٻوڙ جي جاءِ تي ٿورو ڇڙ ڪٽي ڪُوئي جيان ڪتري ڪائيندا آهيون. باقي پڇڙا

ڪنهن خزاني جيان لڪائي رکيا آهن. انهن کي وڏي خبرداري سان استعمال ڪندا آهيون.

هت سخت واندڪائي ڪري ڏهين بجي صبح جي ماني کائي ڪجهه دير آرام ڪندو آهيان. پنهنجي ڪولي ۾ ڪمبل وڇايو ستو پيو هيس ته عبدالستار ڪورائي اچي ملاقات جو ٻڌايو. اسان تيار ٿي ملاقات واري ڪمري ۾ آياسين ته اتي نديم عباسي جو سئوٽ اقبال عباسي ۽ ذاڪر لغاري جو والد صاحب ملڻ آيا هئا.

مون گذريل ملاقات ۾ اقبال عباسي کي گذارش ڪئي هئي ته مير حسين علي ٽالپر کي نيابو ڏجو ته جيئن اسان سان هتي اچي ملي وڃي، اقبال عباسي ٻڌايو ته "هو مير حسين علي جي گهر ويو هو پر پاڻ موجود نه هو ان ڪري سندس نندي پاءُ مير حيدر کي ٻڌائي آيو آهيان."

مير حسين علي ٽالپر نوابشاهه انجنيئرنگ ڪاليج ۾ اسان سان گڏ پڙهي ٿو هو سول ۾ آهي ۽ مان الیڪٽرانڪس ٽيڪنالاجي ۾. مير، نواب شاهه ۾ گهر وٽي رهيل آهي، پر ڇڻ سارو ڏينهن اسان سان هاسٽل ۾ وينو هوندو آهي. همراهه من موجي هئڻ ڪري ڪچهري جو ڪوڏيو. عاشق مزاج، سدائين متحرڪ، شڪار جو شوقين، ڪرڪيٽ جو کيڏاري آهي. فقير طبعيت هئڻ ڪري جلد سيني کي پنهنجو ڪري ڇڏي. مون سان خاص عقيدت اٿس. هون به ڪاليج ۾ منهنجا مختلف دوستن جا گروپ آهن، سياسي حوالي سان اڄ ڪلهه جيئي سنڌ اسٽوڈنٽ فيڈريشن سان ويجهڙائي آهي، اسپورٽس جي ڪري وري منهنجو الڳ حلقو آهي، جنهن ۾ گهٽائي وري پنجابي ۽ اردو ڳالهائيندڙ دوستن جي آهي، ساڳي وقت ڪاليج ۾ وري ڪجهه اهڙا ساٿي به آهن جن جو نه سياست سان واسطو آهي نه راند سان، انهن ۾ گهٽا پڙهاکو چوکرا آهن جيئن حبيب الرحمان شيخ، سرفراز احمد جلباڻي، اعجاز پٺاڻ، شميم اختر پٺو امتياز احمد ڪلهوڙو، جاويد احمد سومرو، ارشاد شيخ، حافظ قاسم، حسن علي عقيلي، مشتاق خواجه حضور بخش.

بهر ڪيف مير حسين علي سان ڪرڪيٽ جي حوالي کان سواءِ به اٺڻ ويهڻ آهي، يار جو حيدرآباد جي ٽالپر گهراڻي سان واسطو آهي،

ٽنڊو نور محمد ۾ لطيف آباد _4 ۾ رهن ٿا. واندڪائي ۾ اڪثر هنن وٽ اچڻ ويڙ ٿيندو آهي.

ڪائڻ پيئڻ جي هٽ ڪابہ شيءَ اسان ٻاهران گهرائيندا آهيون يا ملاقاتي آڻيندا آهن. ان مان وڏو حصو تہ خير سان ماڻي تي جهڙتي دوران عملدار پنهنجو حق سمجهي رکي ڇڏيندا آهن. ان کان علاوه سامان جيڪڏهن ڪنهن ڇهي، ڏهي يا پاڪيٽ ۾ هوندو آهي تہ ان کي کولي ڇهي يا ڏهو پاڻ وٽ رکي پنهنجو حصو ڪڍي باقي موڪلي ڏيندا آهن. اٽي، چانورن، گيهہ، پڳڙن ۾ بہ هٽ هٽي ان کي ڇڳي طرح ڦلوڙيندا آهن تہ متان تهن ۾ ڪا نشي پتي يا چٽي چپاتي هجي.

اقبال عباسي ڪائڻ پيئڻ جي شين کانسواءِ اردو جا ڪجهہ پراڻا ڊائجسٽ ۽ بہ ڪن چادرون ڏئي ويو. پهريان تہ سپرنٽينڈنٽ ڊائجسٽ وٺڻ جي اجازت نہ ڏني پر پوءِ ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ جي سفارش تي ڊائجسٽ بئرڪ ۾ ڪٽي ويڙ جي اجازت ملي.

ڪافي ڏينهن بعد ڪجهہ ڪتاب هٿ آيا هئا. ان ڪري ڊائجسٽ ملڻ شرط دوست ڪچهري ڇڏي ڪولين ۾ ويڙ ڊائجسٽ پڙهڻ لڳا.

اقبال عباسي طرفان مليل چادرن مان دوستن مهرباني ڪري هڪ چادر منهنجي حوالي ڪئي. مان مَيرن ڪمبلن کي پاسيرو اڇلي، صاف ستري چادر کي فرش تي وڇائي ليٽي، ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي بالم تي ڊائجسٽ پڙهي رهيو آهيان.

□

26 آگسٽ 1976
فيض احمد فيض ۽ حيدرآباد جيل

صبح جو سنان پاٽي بعد، پنهنجي حصي ۾ آيل ڊائجسٽ ڪٽي ڪولي ۾ ويڄي پڙهڻ ويٺس. هت هرڪو همراهه ٻاهران آيل ڊائجسٽ ڪ ۾ ڪنيون گهمائندو ٿو وتي. ڪين خوف آهي ته ڪٽي ڊائجسٽ رکان متان ڪو همراهه لمڪو نه ڏئي ويڄي. مون ته حصي ۾ آيل ڪتاب جو هر مضمون، شعر و شاعري ايتري قدر جو ايڊورٽائزمينٽ به گهوٽي چڏيا آهن. بهرحال پڙهندي ننڊ جو جهوٽو اچي ويو ته ڪنهن همراهه اچي ننڊ مان اٽاري ٻڌايو ته ٻاهر ڪي دوست ملاقات لاءِ آيا آهن. جن رڳو مون کي ۽ حبيب الله ڪابوري کي سڏايو آهي.

اسان ماڙي تي پهتاسين. اتي مير حسين علي ملڻ آيو هو. هن ٻڌايو ته ڪيس اسان جو نيايو پهتو هو وڏي ڏک ڏوڙ سفارش بعد هن کي ملاقات جي اجازت ملي آهي. جيل جي عملدارن جي چوڻ مطابق اسان کي هفتي ۾ صرف ٻه دفعا ملاقات جي اجازت آهي. ٻن دفعن کان وڌيڪ ملاقات لاءِ اثر رسوخ يا خرچي پاڻي جي ضرورت پئي ٿي.

اسان جي گرفتاري بعد دوستن کي خبر هئي ته اسان نواب شاهه جيل ۾ آهيون. پر پوءِ اوچتو حيدرآباد جيل منتقل ڪرڻ ڪري ڪافي دوستن کي اسان جي هت موجودگي جي خبر نه آهي. مير حسين علي جي معرفت دوستن جو تازو حال احوال مليو.

مون موڪلائڻ مهل مير حسين علي کي هڪ وڳو هٿ ڪري آڻڻ لاءِ چيو. ٻن هفتن کان جسم تي جيڪو وڳو پاتل آهي، گرمي جي موسم ۾ پگهر ڪري سخت بدبودار ۽ ميرو ٿي ويو آهي.

بهرحال ملاقات بعد پنهنجي واريڙ جي دروازي تي پهتاسين. اسان جي واريڙن چاچي سام چراغ جهڙا ڦکا ڏند ڪيندي ٽوڪ هنئين "چو اڄ هٿين خالي ٽا اچو."

جيل ۾ ان ماڻهو جي وڏي بي عزتي سمجهي ويندي آهي جيڪو ملاقات بعد خالي هٿ لوڏيندو اچي. اهڙي قيدي کي ٻيا ساٿي ڏاڍو خوار ڪندا آهن. اڄ به شايد تڪڙ ڪري مير صاحب کا شيءَ آڻي نه سگهيو. اسان کنڊ هيٺ ڪري واريڙ ۾ داخل ٿياسين.

شام جو کولي بند ٿيڻ بعد هوا گهٽ گهلڻ ڪري، گرمي پئي محسوس ٿي. هون به اسان لاڙڪاڻي جا ماڻهو گرمي جا هيراڪ آهيون. اسان جي علائقي ۾ اونهارو نسورو ناحق هوندو آهي. حيدرآباد جو وٽندڙ هوائون ته جڳ مشهور آهن. پر اڄ مڙئي هوا رُنل آهي. گرمي کان مون پنهنجي قميص لاهي ڇڏي آهي. هونئن به ڪافي ڏينهن کان جسم تي هڪ وڳو هئڻ ڪري رنگين قميص تي اڇا پگهر جا نشان ٿي پيا آهن. پگهر جي ڏپ الڳ پريشان ٿي ڪري. ان ڪري ڏينهن جو قميص پاتل هوندي آهي. پر رات پٽي اگهاڙي گذرندي آهي.

ڪجهه پهر پاسا وراڻڻ بعد ننڊ جو ڏور ڏور تائين ڏس نه ملڻ ڪري. اٿي اچي دروازي جي سيخن مان ٻاهر جهاتيون پائڻ لڳس. چوڦير چپ چپات لڳي پئي هئي. ان مهل مون کي اردو جي ترقي پسند شاعر فيض احمد فيض جا هن حيدرآباد جيل ۾ گهاريل گرمي وارا ڏينهڙا ياد اچي ويا. خاص ڪري جيل مان هن جا پنهنجي زال ايلس ڏي لکيل خط جيڪي "سوز زندان" جي نالي سان ڪتابي شڪل ۾ شايع ٿيا آهن. فيض پنهنجي خطن ۾ حيدرآباد جي گرمي ۽ دز جو احوال ڪندي لکي ٿو ته "ڪجهه ڏينهن کان گهٽي گرمي هئي. اڄ ڪجهه بهتري آهي ۽ هوا ٻيهر گهلڻ شروع ڪيو آهي. تعجب آهي ته جيڪڏهن ڏڏڙ ۽ متي وارن جهولن جي مصيبت کان بچون ٿا ته گرمي ساڙي ٿي لاهي پر وري ڏڏڙي هير جو مزو ونڻ گهرو ٿا ته واريءَ سان منهن متو ڏوڙ ٿوٽي وڃي."

فيض احمد فيض ۽ ٻين راولپنڊي سازش ڪيس ۾ گرفتار قيدين کي ڪافي عرصو 1951ع کان 1953ع تائين حيدرآباد جيل ۾ رکيو ويو

هو ان وقت فيض جي عمر چاليهه سال هئي، ۽ هن ايلس سان شادي جي ڏهين سالگرهه ۾ حيدرآباد جيل ۾ ملاهي هئي. ايلس پاڻ ۾ انگلينڊ جي ڪميونسٽ پارٽي جي ميمبر هئي. راولپنڊي سازش ڪيس جو پسمنظر جو اڳ ۾ ڪجهه ذڪر ڪري آيو آهيان ته لياقت علي خان جي حڪومت 1948ع ۾ جڏهن هندستان جي مقبوضه ڪشمير هٿ ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي، ان ڪري پاڪستاني فوج ۾ ڪافي بيچيني پيدا ٿي هئي. ڪن فوجي آفيسرن ۽ سياسي ماڻهن 1951ع ۾ ميجر جنرل اڪبر جي گهر گڏجاڻي ڪئي، جنهن ۾ فيض احمد فيض، سجاد ظهير ۽ شامل هئا. اهڙي گڏجاڻي جي خبر جڏهن حڪومت کي پئي ته ملٽري پوليس انهن کي گرفتار ڪيو.

اسان ننڍڙا هيٺندا هئاسين ته گهر ۾ بابا سائين وٽ هميشه ريڊيو ۽ گراموفون ڏٺوسين. ان مهل ريڊيو هڪ وڏي بيٽري تي هلندو. اسان مٿي ماڙي تي ان جي ايئريل لڪڙي ۾ ٽنگي چڏيندا هئاسين. ڪڏهن ان ائيريل جو رخ تبديل ٿي ويندو هو ته ريڊيو جو آواز گم ٿي ويندو هو ان کانسواءِ بابا وٽ هڪ گرامو فون ۽ هوندو هو جنهن تي وڏا ڪارا رڪارڊ هلندا هئا. اڪثر رڪارڊن تي His Master Voice جو مونوگرام ڪتو چاپيل هوندو هو ان وقت بابا وٽ ماستر چندر ڪنور پڳت، جيوٽي ٻائي ڪانسواءِ مختيار بيگم، اختري بيگم، مينا ڪماري، ڪوي پرديپ، پنڪج ملڪ ۽ ٻيا ڪيترا رڪارڊ هوندا هئا. جيڪي بابا اڪثر صبح جو آفيس وڃڻ کان اڳ يا ڪڏهن موڪل جي ڏينهن تي ٻڌندو هو. بابا وٽ فيض احمد فيض جا ۽ رڪارڊ هوندا هئا. هڪ مهدي حسن جي آواز ۾ "گلون مين رنگ بهري بادنو بهار چلي" ۽ ٻيو فيض احمد فيض جو نورجهان جي آواز ۾ ڳايل هي ڪلام "مجهه سي پهلي سي محبت ميري محبوب نه مانگ"

چيو وڃي ٿو ته فيض احمد فيض جڏهن منٽگمري جيل ۾ نظر بند هو ته ان دور ۾ آمريڪا ۾ هڪ جوڙي جيولیس ۽ ايٿل روزن برگ کي ڦاهي ڏني وئي هئي، هنن ٻنهي تي اهو الزام هو ته هنن آمريڪا جو ايٽمي راز چورائي روس جي حوالي ڪيو آهي. ايٿل جو ڀاءُ، جيڪو هڪ آمريڪي ايٽمي پلانٽ تي ملازم هو تنهن هن کي ايٽم بم ٺاهڻ

جو تفصيلي پلان ٻڌايو جيڪو هن روسين تائين پهچايو ان جوڙي جي ڦاهي تي ساري دنيا جي روشن خيال ڏاهن احتجاج ڪيو هو اتي فيض به پنهنجو هي شعر لکي احتجاج ڪيو هو مون کي خاص ڪري اڄ به ان شعر جا هي ٽڪرا بيچين ڪري ڇڏيندا آهن.

میں تو سمجھتا تھا کہ تو ہی تو درخشاں ہے حیات
تیرا غم ہی تو غم دھر کا جھگڑا کیا ہے
تیری صورت سے ہے عالم میں بہاروں کو ثبات
تیری آنکھوں کے سوا دنیا میں رکھا کیا ہے
اور بھی دکھ ہیں زمانے میں محبت کے سوا
راحتیں اور بھی ہیں وصل کی راحت کے سوا۔



27 آگسٽ 1976
پيپلزپارٽي جون سنڌي شاگردن سان جُڻيون

اڄ ساجهري ڇُنو دورازو کولڻ مهل رابيل جا گل ڏٺي ويو. اسان جي واردِ ۾ ڪجهه گلاب ۽ رابيل جا ٻوٽا لڳل آهن. اهي ٻوٽا ب ڪو فطرت سان پيار ڪندڙ اٿر رسوخ وارو يا سياسي قيدي پوکي ويو هوندو. اسان مان هت ڪنهن کي ب گل پٽڻ جي اجازت نہ آهي. اهڙي ويران واردِ ۾ صرف گلن جي ئي سونهن ڏسي اکين کي آسيس ۽ روح کي راحت ملي ٿي. ڇُنو هر روز اک کلڻ سان واردِ ۾ تڙيل گل ڳڻي چڏيندو آهي. متان ڪو پٽي نہ ويجي. البت هيٺ ڪريل گل ڪٽي مون کي ڏيندو آهي.

هت اسان کي شيونگ جو سامان سيفٽي ريزر. بليڊ وغيره رکڻ جي اجازت نہ آهي. ان ڪري ڏاڙهيون وڌي وڃڻ ڪري ڇڻ سپ جنگي قيدي ٿا لڳون. گهٽي مٽا ماري بعد منجهند ڏاري هڪ اجنبي قيدي حجم جي روپ ۾ آيو جنهن سيني جون ڏاڙهيون ڪوڙي من ڪري چڏيو جيئن ته همراهه هڪ پاڪي سان ئي سيني قيدين جي سيرب ۽ وار ٿو لاهي. ان ڪري في الحال مون پنهنجي سُونهاري هن جي هٿ ۾ نہ ڏني.

اسان کي چانهه پيئڻ لاءِ ٽڪر جي هڪ اضافي وٽي ڏٺي ويا آهن. جيڪڏهن چنڊ نظر آيو ته سياڻي پهريون روزو ٿيندو. اسان کي هاڻي

روزو رکڻ ۽ روزو ڇوڙڻ مهل پتو ڏيندا. في الحال ته اسان قيدين جي قافلي مان ڪنهن جو به روزو رکڻ جو خيال نه آهي، اڳتي ڏسون.

دستور مطابق کولين ۾ بند ٽيڻ بعد سنجها ڏاري، سنتري سيني کي اچي ٻڌائي ويو ته رمضان جو چنڊ نظر اچي ويو آهي، سياڻي پهريون روزو آهي.

مان چُنو کي چيو هو ته ڪا سنهي ڪاڻي ڪلي/ڪُوڪي طور کولي جي ديوار ۾ هڻي ڏي جيئن مان پنهنجي قميص ٽنگي سگهان، هون به بند ٽيڻ بعد مان پنهنجي قميص لاهي پٽ تي ستيندو آهيان، پوءِ ساري رات پني۽ اگهاڙو فرش تي پيو ليٽڻيون پائيندو آهيان.

هاڻي جيئن ئي قميص لاهي چُنو ميان جي ديوار ۾ لڳل ڪَلي ۾ ٽنگي رهيو هيس ته اوچتو ڪلي پرسان ڪنهن ماڻهو جو نالو لکيل نظر آيو. نالو ته صاف پڙهڻ ۾ نه پيو اچي، پر نالي هيٺان ايگريڪلچر ڪاليج ٽنڈوڄام لکيل هو. جنهن مان لڳي پيو ته هن کولي ۾ ڪو ايگريڪلچر ڪاليج ٽنڈو ڄام جو شاگرد به سزا ڪاٽي ويو آهي.

مان بستري تي ليٽي سوچڻ لڳم ته هن پيپلز پارٽي جي دور حڪومت ۾ خاص ڪري سنڌي شاگردن سان ڪيترين ئي جُنيون ڪيون ويون آهن. مان صرف هت نوابشاهه جي شاگردن جو ذڪر ڪندس. نواب شاهه ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن، نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن ۽ پين ڪيترين ترقي پسند شاگردن جون تنظيمون آهن، جن ۾ شاهه محمد شاهه، اسماعيل وساڻ، قمر راڄپر، عزيز پنگوار، سڪندر پنگوار، علي حسن شاهه، علي محمد شاهه لکياري، شعبان پٽي، غلام رسول زرداري، امداد چانڊيو، صالح بلو ساجن ڏاهري، صفت رند، مولي ڏنو راڄپر سالن کان زير عتاب آهن. ڪي روپوش تي ڪي جيلن ۾ بند آهن. انهن مان ڪي دوست قوم پرست آهن ته ڪي سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ خيالن جا آهن. هنن وڏي ۾ وڏو ڏوهه اهو ڪيو هوندو ته حڪومت خلاف تقرير، وال چاڪنگ، يا اخباري بيان ڏنا هوندا.

حڪومت کي جيڪڏهن ڪي شاگرد اڳواڻ هٿ نٿا اچن ته پوليس هنن جي گهرن تي چڙهايون ڪري، هنن جي والدين کي

پڪڙي ٽي اچي. ڪن حالتن ۾ تہ انهن بزرگن جا پٽڪا لاهي سندن چيلهہ ۾ ٻڌي، ٽاٽي تي اچي پٽ تي ويهاري ٽي، مون پنهنجي اکين سان ڪيترن دوستن جي والدين کي ائين ٽاٽن تي رُسوا ٿيندي ڏٺو. مطلب تہ هن پيپلز پارٽي تعليمي ادارن ۾ بہ صفا پوتارکو ۽ وڏيرکو ماحول جوڙي ڇڏيو آهي. اهي دلير شاگرد جن ايوب شاهي کي ٿوٿا چهايا، يحييٰ خان سان مهاڏو اٽکايو ون يونٽ خلاف ڪامياب تحريڪ هلائي، جن جا آدرش چٽا هئا، هنن صاف ستري ترقي پسند ۽ دليرانہ سياست ڪئي. انهن ئي نظرياتي شاگردن مان ڪن کي پئسن ۽ نوڪرين جو آسرو ڏئي، سنڌ پيپلز استوڊنٽ فيڊريشن جوبنياد وڌو ويو آهي. سنڌ پيپلز استوڊنٽ فيڊريشن جي قيام تي ڪنهن کي اعتراض نہ آهي، پر جنهن طريقي سان کين پڙهائي دوران علم جي اُڃ اُجهائڻ بجاءِ سندن خودداري خريد ڪري وڏيرن جو ڪيجهو بڻايو ويو آهي، اهو افسوسناڪ عمل آهي. ساڳي وقت انهن شاگردن کي ننڍي عمر ۾ ئي پئسا ۽ گاڏين جون پرمٽون ڏئي ڪرپشن جو بج پوکيو ويو آهي.

اسان جي انجنيئرنگ ڪاليج جا فيصلا اڳي شاگردن جي جنرل باڊي ۾ ٿيندا هئا، هاڻي اهڙا فيصلا نواب شاهہ جي پيپلز پارٽي جي آڙ پڙهيل وڏيرن، ايم پي اي، ايم اين اي جي اوطاقن تي ٿا ٿين. اسان جا ڪيترا شاگرد ليڊر نوڪرن جي آسري تي پيپلز پارٽي جي اڳواڻن جي ڪمداري ٿا ڪن.

اسان جو موقف آهي تہ انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهہ جا فيصلا عبدالفتاح ميمڻ يا محمد بخش ڏامراهہ جي بينڪ تي ٿيڻ بجاءِ ڪاليج جي شاگردن جي جنرل باڊي ميٽنگ ۾ ٿين. انڪانسواءَ اسان جا مطالبا آهن تہ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلائون ميرٽ تي ٿين، ڪوٽن ڊوميسائلن جي جاچ پڙتال ٽي. ڪاليج کي يونيورسٽي جو درجو ڏنو وڃي.

□

دوا جي گورين سان قيد کھاڻي لڪيم

جيئن اڳ ذڪر ڪيو اٿم تہ هت قلم ۽ ڪاڳر نہ هڻڻ ڪري پنهنجا خيال ڪولي جي ديوار تي بوٽ جي ڪَهين ۾ لڳل پَٽ سان لکندو آهيان. پر اڄ هڪ نئون طريقو ڳوليو اٿم. هت جيل ۾ گھٽو ڪري هر مرض جي دوا اي پي سي (Aspirin, Phenacetin, Caffine) جون اڇي رنگ جون گوريون آهن. پلي مريض کي پيٽ جو سور هجي، گردا خراب هجن يا دل جي تڪليف. اڄ ان گورين سان ڪولي جي سيمنٽ جي فرش تي لکي ڏٺم. اکر تمام چٽا پيا نظر اچن. هون بہ سخت واندڪائي آهي. خيال آهي تہ جيستائين ڪا پين پينسل هٿ اچي، وقت گذارڻ لاءِ قيد کھاڻي جا خاص اشاريہ فرش تي لکندو رهان.

❑

28 آگسٽ 1976ع
رت جي هولي

رمضان جي ڪري سحري مهل ڏنل ماني صبح تائين صفا ٿريو ويڃي. اسان لاءِ هاٽي وڏو مسئلو ماني گرم ڪرڻ جو آهي. هت وارڊ ۾ باهه وغيره ٻارڻ جي اجازت نه آهي نه ئي ڪي ڪائيون ۽ چيٽا آهن. ان پريشاني ۾ وينا هئاسين ته الائي ڪٿان ڪانياڻ راڄڙ پراٽي ڪپڙي جو ٽُڪر کڻي آيو ان کي سرنهن جي تيل ۾ ٻوڙي ماني گرم ڪري ڏنائين.

شام جو بند ٽيڻ بعد ڪافي دير پراٽن ڊائجسٽس کي اٽلائيندو پٽلائيندو رهيس. نيٺ بيزار ٿي ڪتاب پاسي تي رکي سوچڻ لڳس ته اسان کي اهڙي نموني ڪيترو وقت قيدخاني ۾ بند رکندا. نيٺ خيالن جو سلسلو انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهه ڏي هليو ويو. مان انجنيئرنگ ڪاليج نواب شاهه جي شروعاتي ماحول ۽ هاٽي واري ۾ پيٽ ڪرڻ لڳس.

انجنيئرنگ ڪاليج جو بنياد 1963ع ڌاري سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ڪيمپس ۾ رکيو ويو ان کانپوءِ 74_1973ع ۾ ڌاري انجنيئرنگ ڪاليج کي ڄامشورو مان شفٽ ڪري نواب شاهه آندو ويو. اها خبر نه آهي ته ان شفٽنگ ۾ سنڌ جو يا ڌر ڏٽين جو ڪهڙو فائدو آهي يا ڪا اها وڏي سازش آهي.

ڪن جو خيال آهي ته جيئن ته ڄامشورو هڪ "ايجوڪيشنل سٽي" آهي. جتي سنڌ يونيورسٽي. انجنيئرنگ ڪاليج. لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڪانسواءِ ايگريڪلچر ڪاليج ٽنڈوڄام به ٿوري پنڌ تي آهي. اهي هزارين شاگرد ٿوري گهٽي ڳالهه تي يڪمشت ٿي

احتجاج ۾ هڙتالون ڪري حڪومت کي لوڏي وجهن ٿا. ان ڪري پهرين ڏڪ ۾ شاگردن جي اهڙي منظم طاقت ۾ ڏار وجهي، انجنيئرنگ ڪاليج کي نواب شاهه منتقل ڪيو ويو آهي، اهڙي طرح ٻيا تعليمي ادارا ٻه ٽوڙي شاگردن کي ڇڙ و ڇڙ ڪري انهن جي طاقت ۾ ٻڌي کي ڇيهون ڇيهون ڪيو ويندو.

گهٽن دوستن جو وري اهو چوڻ آهي ته جيئن ته موجوده وزير اعليٰ غلام مصطفيٰ جتوئي جو تعلق نواب شاهه سان آهي، ان ڪري هن پنهنجي شهر کي ترقي ڏيارڻ لاءِ هت گرلز ميڊيڪل ڪاليج ۽ انجنيئرنگ ڪاليج کولرايو آهي، جهڙي طرح وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي شهر لاڙڪاڻي ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جو بنياد وڌو آهي.

نوابشاهه ۾ انجنيئرنگ ڪاليج هڪ ننڍڙي ٽيڪنيڪل ڪاليج جي عمارت ۾ کوليو ويو ڪاليج جي ڪجهه ڪمرن کي ڪلاس روم ته ڪن کي هاسٽل بڻايو ويو سوسائٽي ۾ ٻه ڪرائي تي بنگلا ونڊي شاگردن ۽ استادن کي رهايو ويو آهي، اسان کي رنگروٽن جيان اڻن ڏهن ڇٽن کي هڪ ڪمري ۾ واڙيو ويو اسان پنهنجا ٽيلها ۽ بيگ ڪٽن هيٺان رکي سمهندا هئاسين.

ڪاليج ۾ واش روم جو تعداد گهٽ هئڻ ڪري انتظار ۾ بيهڻو پوندو هو. ڪڏهن پاڻي نه هئڻ جي صورت ۾ هينڊ پمپ تي قطار ڪري وهنجندا هئاسين، ڪيترا ساڻي ته پاڻي جا ٻه لپا منهن تي هڻي، سمهڻ واري لباس ۾ ئي اڇي ڪلاس ۾ ويهندا هئا، ڪلاس روم ۽ رهائشي ڪمرن ۾ چند قدمن جو فاصلو هو.

هڪ اڌ دفعو اسان پاڻي جي ڪوٽ جي شڪايت ڪئي ته هڪ استاد منظور انصاري دب پٽيندي چيو "چورا ڳوٽ ۾ هنگو ڪنديءَ هيٺان، هت اچي نخرا ٿا ڪيو." مطلب ته اهڙا اڻ وٽندڙ جملا ٻڌاسين.

ان دوران ڪيترا دفعا جامشوري جا سينيئر اڳواڻ اسان وٽ آيا ته توهان ساڻ ڏيو ته پرپور تحريڪ هلائي ڪاليج کي واپس جامشورو منتقل ڪرائجي پر مون ان جي سخت مخالفت ڪئي، هڪ اڌ دفعو جامشورو جي عيسيٰ ابڙو ۽ ٻين دوستن ان وقت جي

پرنسپال مسٽر اي ايف عباسي خلاف ۽ ڪاليج کي واپس ڇامشورو منتقل ڪرڻ لاءِ ديوارن تي وڏي چاڪنگ ڪئي پر اسان جي دوستن انهن جي حمايت ڪانه ڪئي، ڪن همراهن ته مورڳو ديوارن تي لکيل اهڙا نعرا به ڌاهي ڇڏيا.

انجنيئرنگ ڪاليج نواب شاهه م 1974ع واري پهرين بئچ اسان جي آهي، ملڪ ۾ شايد پهريون دفعو سيمسٽر سسٽم هت متعارف ڪرايو ويو آهي، جنهن تحت انجنيئرنگ جي چئن سالن ۾ ڪورس کي اٺن سيمسٽرس ۾ ورهايو ويو آهي، سال ۾ به سيمسٽر ڏيڻا پون ٿا.

ساڳي طرح هر سبجيڪٽ جي مارڪن کي به ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي، ان مطابق سو مارڪون انٽرنل سيشن تي آهن، جنهن ۾ ويهه مارڪون حاضري تي، ويهه اسائنمينٽ تي، ان کانسواءِ هر سبجيڪٽ جا ويهن ويهن مارڪن جا ٽي ٽيسٽ رکيا ويا آهن، آخر ۾ ڇهن مهينن بعد سئو مارڪن جو پيپر ورتو وڃي ٿو مطلب ته هر سبجيڪٽ ۾ سو مارڪن جو آهي، ساڳي وقت فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ ڪلاس جي جاءِ تي A+, A, B, C. D گريڊ سسٽم تحت نتيجو ڏنو وڃي ٿو مطلب ته سيميسٽر سسٽم کري گوسڙو ۽ نه پڙهندڙ ڇوڪرو به مجبورن پڙهائي ۾ مشغول آهي، ان کري ساري رات هاسٽل جي ڪمرن جون بتيون هرندي نظر ايندیون آهن.

مان بدين جي هڪ ٻوڙائي دوست غلام علي نظاماڻي کان پڇيو "نظاماڻي سالانا امتحان وارو سسٽم سئو آهي يا هي سيمسٽر سسٽم؟" هن سيمسٽر سسٽم کي گار ڏيندي چيو "يار سالانا امتحان ۾ وڌ ۾ وڌ هڪ دفعو ناپاس ٿيندا هئاسين، هاڻي ته روز روز ٿا فيل ٿيون."

بهرحال ڪاليج ۾ سهولتن جي اڻ هوند هوندي به شاگردن انتظاميا سان سئو سات ڏنو ايتري قدر جو بي سي به هن ڪاليج ۾ سيمسٽر سسٽم جي ڪاميابي جو ذڪر ڪيو مطلب ته پهريان مهينا پرسکون ۽ پڙهائي وارا هئا.

ان دوران هڪ دفعي سنڌ يونيورسٽي جو سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽ فيڊريشن جو اڳواڻ روشن شيخ، نوابشاهه انجنيئرنگ ڪاليج آيو هن سکر وارن دوستن بشير شاهه، محمود اسلم آرائين، جاويد ابڙو، محمود

بلوچ وغيره جي ڪمري ۾ ويهي، انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهه ۾ پهريون سپاف جو يونٽ کوليو. اهڙي طرح ڪاليج ۾ انهن دوستن سپاف کي مضبوط ڪرڻ شروع ڪيو جن ۾ هو ڪاليج جي مهاجرن ۽ پنجابي ڇوڪرن کي به اعتماد ۾ وٺڻ لڳا.

هون به اسان جي بئچ نواب شاهه شفٽ ٽيڻ سان خاص ڪري اردو ڳالهائيندڙ ۽ آس پاس جي پنجابي سيٽلرز کي ڏاڍو فائدو ٿيو هنن کي اڳي جامشورو ۾ داخلا وٺڻ مهل ٽورو گهٽو خوف هيو پر هنن هت نواب شاهه ۾ پنهنجا هربا هلائي ڏڙا ڏڙ ڪوڙيون داخلائون ورتيون. ان ڪري نواب شاهه جي پهرين بئچ ۾ ڪيترائي اردو ۽ پنجابي ڳالهائيندڙ شاگرد اچي ويا. ايتري قدر جو ڪوڙا ڏوميسايل ٺهرائي ڪجهه شاگردن ڪراچي ۽ ٻين يونيورسٽين مان MSC ۽ BSC ڇڏي اچي انجنيرنگ ۾ داخلا ورتي. ان ڪري هنن جو ڪاليج ۾ هڪ مضبوط ٽولو ٺهي ويو اهو ٽولي آسپاس جي جماعت اسلامي ۽ قائم خانن جي ڏي تي ڏينهون ڏينهن بدمست ٿيندو ويو. انهن همراهن اسان جي پهراڙي جي سادڙن شاگردن تي ٽوڪون ۽ دهمان ڪري کين هيسائي ڪامپليڪس ۾ وجهي ڇڏيو.

جيئن هڪ دفعو اسان کي ڪلاس ۾ هالا جو هڪ استاد پڙهائي رهيو هو ته ان مهل ڪلاس جي دروازي تي پهراڙي جو هڪ اڇي ڏاڙي سان سادڙو پوڙهو اچي بيٺو. اسان جو استاد هن پوڙهي کي ڏسي يڪدم چيو "معاف ڪجو منهنجو پيءُ آيو آهي." هو ڪلاس مان نڪري پنهنجي پيءُ سان پيرين پئي مليو اتي ان گروپ جي ڪنهن مهاجر ڇوڪري ان ليڪچر ۽ سندس پيءُ جي سادگي تي ڪا ٺٽولي ڪئي، مون کي ڪاوڙ ته ڏاڍي آئي پر خاموش رهيس.

اهڙي طرح هڪ ڏينهن اسان دوست سنجها ڏاري هاسٽل ٻاهران ڪٽون رکيون ويٺا ڪچهري ڪري رهيا هئاسين ته اهو مهاجر ۽ پنجابن جو ٽولو پرسان اچي لنگهيو انهن مان ڪنهن اسان ويٺلن تي اڙ وٽندڙ گفتو ڪيو شايد اسان مان به ڪنهن انهن کي جواب ڏنو جنهن تي ڳالهه وڌي وئي، مون کي اڳ ئي هنن تي ڪاوڙ هئي، ان ڪري پهريون

دفعو دوستن، هنن کي چگي سيکت ڏني. پوءِ اڳتي هلي ان گروپ تي سپاف وارن هٿ رکيو.

ٻي سال 1975ع جو جڏهن ڪاليج ۾ داخلائون ٿيڻ واريون هيون تہ مون دوستن کي صلاح ڏني تہ گذريل سال 1974ع جي داخلائن ۾ ڪوڙا ڊوميسائيل ٺهرائڻ ۽ جامشورو جو خوف ختم ٿيڻ ڪري اسان واري بئچ ۾ ڪافي ڪوڙيون داخلائون ٿيون آهن، هون بہ سرندي وارن لاءِ سنڌ ۾ ڊوميسائيل ٺهرائڻ تمام سولو آهي، جيڪڏهن هن دفعي بہ اسان ڪوڙي ڊوميسائلن جي جاچ پڙتال نہ ڪئي تہ اسان جا ڪيترا سنڌي شاگرد داخلائن کان رهجي ويندا، جيئن تہ سپاف جا شاگرد بہ هنن سان سات ڏين ٿا، ان ڪري پاڻ ڪا ايڪشن ڪاميٽي ٺاهي اهڙين غلط داخلائن کي روڪيون.

اسان جي ڪيترن سنڌي شاگردن جي هُون بہ مارڪون گهٽ آهي، مثال طور ان وقت سکر جي سپاف جي ليڈرن جي هڪ جي 38 تہ ٻي جي 35 سيڪڙو هئي پر ڪوٽا سسٽم ڪري هنن جي انجنيئرنگ ۾ داخلا ٿي هئي، هاڻي اهي سپاف جا ئي ليڈر ان ڪوٽا سسٽم ۽ ڊوميسائيل جا مخالف ٿي بينا هئا.

بهرحال سپاف ۽ ڪاليج انتظاميا جي مخالفت باوجود اسان جي ايڪشن ڪميٽي هڪ ڪمري ۾ داخلا سينٽر قائم ڪيو جتي هر نئين داخلا لاءِ ايندڙ شاگردن جا ڊوميسائيل ۽ مارڪ شيٽ وغيره چيڪ ڪرڻ لڳاسين، جن بہ شاگرد جا صحيح ڪاغذ هئا، انهن کي داخلا ڊيارٽ ۾ پرپور مدد ڪئي، جن جا غلط سرٽيفڪيٽ هئا، انهن کي هلڪي سرزنش ڪري واپس ڪرڻ لڳاياسين، اهڙي سرزنش کي ڪن دوستن فولنگ جو نالو ڏنو.

جيئن هڪ شاگرد لاڙڪاڻي جو ڊوميسائيل ۽ ٻيا ڪاغذ ڪڍي آيو مون جڏهن هن کي لاڙڪاڻي ۽ خاص ڪري ڪاليج جو محل وقوع پڇيو تہ هن چڙ لاڙڪاڻو ڏنو ئي ڪونہ هو هن سچي ڪئي، سندس ڪنهن واقف ڪيس لاڙڪاڻي جو ڊوميسائيل ٺهرائي ڏنو آهي، اهڙي طرح اسان جي بئچ ۾ هڪ شاگرد جو پيءُ ٿوري عرصي لاءِ پنجاب کان ماهوٽا ريلوي اسٽيشن تي بدلي ٿي آيو هن جي هٿ ۾

لاڙکاڻي جو ڊوميسائيل هو هڪ شاگرد جي ڪاغذن ۾ سندس نالي جا بہ ڊوميسايل هٿ آيا. هڪڙو پنجاب جي سرگوڌا ۽ جو تہ ٻيو سنڌ سانگھڙ جو.

مطلب تہ ائين اسان ڪوڙا ڪاغذ هٿ ڪري ڪيترين ئي داخلائون رد ڪرايون. پر سپاف جي شاگردن اسان جو ساڻ نہ ڏنو اسان سان ڪيترائي دفعا اٽڪيا. هٿون لڪ ڇپ ۾ اهڙن غلط شاگردن کان ڪاغذ ونڻي داخلائون ڏياريون. مطلب تہ سپاف ۽ اسان جي گروپ ۾ ڏينهون ڏينهن اختلاف وڌندا ويا.

اردو اخبارن اسان جي انهن ڪاغذن جي جاچ پڙتال ۽ فولنگ تي وڏي هاءِ گھوڙا ڪئي. جنگ ۽ ڊان اخبارن ۾ باقائده انهن تي آرٽيڪل ڇپيا. ان جو اسان جي ڪاليج انتظاميا تي ايترو تہ بار پيو جو هنن اسان جي ڇڻ شاگردن نقيب شاهہ. حبيب الله ڪابورو. حبيب الرحمان شيخ ۽ جاويد سومرو جون داخلائون رد ڪري ڇڏيون.

اسان ڪاليج انتظاميا کي ڪافي منٽ ميڙ ڪيا تہ انهن شاگردن جون داخلائون بحال ڪيو پر ڪاليج انتظاميا ڪاب سنوت نہ ڏني. لاچار اسان جي ايڪشن ڪميٽي انهن شاگردن جي داخلا جي بحالي سان گڏ غلط داخلائن ۽ ڪوڙون ڊوميسائيلن خلاف پنهنجي ڪاليج جو Take Over ڪيو. پرنسپال صاحب ۽ ٻيا استاد. ڪاليج خالي ڪري هليا ويا. اسان ڪاليج جو انتظام سنياڻي ڪلاسز هلائڻ لڳاسين.

اسان جي ان عمل جو ساڻ ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشورو لياقت ميڊيڪل ڪاليج. ايگريڪلچر ڪاليج ٽنڊوڄام ڪانسواءِ مهراڻ ڊگري ڪاليج مورو ۽ سنڌ جي ٻين ڪيترن ڪاليجن تي شاگردن Take over ڪري انتظاميا کي هٽائي ڇڏيو ائين ڪيترا ڏينهن يونيورسٽي ۽ سنڌ جا گھٽا ڪاليج شاگرد هلائڻ لڳا.

آخر حڪومت مجبور ٿي ان وقت جي وزير تعليم پيار علي آلانا کي اسان ڏي نواب شاهہ موڪليو اسان جو ڪاليج ڪينٽين ۾ پيار علي الانا صاحب سان ڳالهيون ٿيون . جن ۾ ٻين مطالبن سان گڏ

ڪاليج ڪي يونيورسٽي جودرجو ڏيڻ وارو مطالبو به شامل هو.مون ڪي ياد آهي تہ ڳالهين دوران مون پنهنجي پرنسپال جو نالو "عباسي... عباسي" ڪري ورتو ان تي پيار علي آلانا مون ڪي ٽوڪيو "عباسي نہ پر مسٽر عباسي چئو."

بهرحال پير علي آلانا ۽ اسان جون ڳالهيون ايتريون ڪامياب نہ ٿيون. آخر وري سنڌ يونيورسٽي جي اي سي ٽو ۾ ڪجهہ ڏينهن بعد ڳالهيون ٿيون. جنهن ۾ اڳوڻو شاگرد اڳواڻ رفيق صفي پيپلز پارٽي طرفان ڳالهين لاءِ آيو. ان کانسواءِ اسان جيئي سنڌ جا به پراڻا ۽ ان وقت جا اڳواڻ ڳالهين لاءِ وينا. مون کي ۽ حبيب الله ڪابوري کي ميٽنگ ۾ نہ گهرايو ويو. ان ڪري اسان اي سي ٽو جي باهران وينا رهياسين. نيٺ رات جو دير سان ڳالهيون ڪامياب ٿيون. اسان جي چوڪرن جون داخلائون بحال ٿيون. ڪوڙا ڏوميسائيل رد ۽ ڪوٽا سسٽم تي داخلائون ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو. جنهن بعد يونيورسٽي ۽ مختلف ڪاليجن تان شاگردن جو Take Over ختم ڪرڻ جو گڏيل اعلان ڪيو ويو.

اسان جي ڪوٽن ڏوميسائلن خلاف هلايل تحريڪ رنگ لاٿو. ڪاليج انتظاميا به ڏوميسائيلن ۽ غلط ڪاغذن تي توجهہ ڏنو ان ڪري 1975ع واري بئچ ۾ ڪافي ڀهراڙي جا سنڌي شاگرد داخل ٿيا. سيٽون بچي پوڻ ڪري تمام گهٽ مارڪون ڪٽندڙ به ڪوٽا سسٽم ڪري داخل ٿي ويا. ان تحريڪ ۾ سپاف جي شاگرد سات نہ ڏنو. هٿون حڪومتي ڏر ۽ انتظاميا سان سات ڏئي اسان سان اٽڪڻ لڳا. ان ڪري ڪاليج ۾ واضح طور به گروپ ٿي ويا. هڪ اسان جو جيئي سنڌ وارن ۽ ان جي همدردن جو پيو سپاف ۽ اردو پنجابي ڳالهائيندڙن جو. 1975ع سال جي داخلائن ۾ سپاف جا وڌيڪ جوشيلا شاگرد اچي ويا. جن ۾ مظهر بلوچ، لالا اسد شيخ، رفيق مگسي، انور سنجراڻي، لياقت ٽالپر وغيره هئا. ساڳي طرح اسان جي ٽولي ۾ به تازه دم نوجوان اچي ويا. شفيع ڪرناڻي، عبدالمجيد بهلڪاڻي، مشتاق چاچڙ، دلاور ميمڻ، انور پنهور، روشن جوٽيجو، پير بخش سولنگي وغيره...

اسان جڏهن ٻي سال ۾ پهتاسين تہ ڪاليج يونين جي اليڪشن جو اعلان ڪيو ويو ان لاءِ ورڪ ٻہ شروع ڪئي وئي. ان کان اڳ سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ خاص ڪري سنڌ يونيورسٽي، لياقت ميڊيڪل ڪاليج، انجنيئرنگ ڪاليج ۽ ٻين ڪيترن تعليمي ادارن جي يونين ۾ گهٽو ڪري جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جا ٻيهاريل عهديدار کتندا هئا.

1975ع جي ڪاليج اليڪشن لاءِ نواب شاهہ انجنيئرنگ ڪاليج جي ڪئمپس لاءِ ٻہ عهدا رکيا ويا، هڪ وائس پريزيڊنٽ ۽ ٻيو جوائنٽ سيڪريٽري. جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن طرفان وائس پريزيڊنٽ لاءِ مان ٻيٽس ۽ جوائنٽ سيڪريٽري لاءِ حبيب الله ڪابوري فارم پريو منهنجي مقابلي لاءِ نور محمد مگسي هو ۽ حبيب الله ڪابوري جي سامهون بشير شاهہ ٻيٺو.

ان چونڊن دوران ڪاليج جا شاگرد ويتر ۾ ڏڻن ۾ ورهائجي ويا، هڪ ڏڻو قومپرست شاگردن جو هو ۽ ٻيو هڪ گڏيل اتحاد ٺهيو جن ۾ سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽ فيڊريشن، شهر جا پيپلا، مهاجر، نواب شاهہ سانگهڙ ۽ آسپاس جا پنجابي سيٽلر، پير پاڳاري جا معتقد شاگرد، ماروئڙا اسٽوڊنٽ فيڊريشن وغيره. مطلب اهي سڀ گروپ گڏجي اسان خلاف چونڊون وڙهيا.

مون اليڪشن جي آخري جنرل باڊي ۾ اهو اعلان ڪيو هو تہ "مان راندیگر آهيان، پنهنجي زندگي ۾ راندين جي ميدان ۾ الائي ڪيتريون مئچس کٽيون ۽ هارايون آهن، هي اليڪشن ٻہ ڪاليج جي هڪ ايڪٽوٽي آهي، مان ان کي ٻہ هڪ راند سمجهان ٿو مون لاءِ کٽڻ يا هارائڻ ڪو مسئلو نہ آهي، جيڪڏهن مون هارايو تہ پهريون ماڻهو هوندس جو پنهنجي مدمقابل کي پاڪر پائي هار وجهندس."

اهڙي طرح حبيب الله ڪابوري پنهنجي تقرير ۾ چيو "جيڪو ٻہ شاگرد سنڌ ۾ رهندي پاڻ کي سنڌي نٿو سمجهي، اهو پلي مون کي مهرباني ڪري ووٽ نہ ڏي"

انهن چونڊن ۾ مان ۽ حبيب الله ڪابوري ڏاڍي خراب نموني هارايو خاص ڪري مون کي تمام ٿورا ووٽ مليا.

بهرحال چونڊن جا نتيجا ظاهر ٿيڻ بعد اسان پنهنجي پيانڪ شڪست کي تسليم ڪندي نور محمد مگسي ۽ بشير شاهه کي مبارڪون ڏئي ڪين گلن جا هار پارايا. ۽ هر معاملي ۾ ساٿن مڪمل سات ڏنو. جيئن ته ڪتيندڙ ڏر مان ڪجهه شاگردن جو تعلق سپاف سان تمام گهرو هو جن کي پڙهائي کان وڌيڪ صرف ليڊري جو شوق هو. انهن مان ڪن جون داخلائون به شايد ميرٽ تي ڪونه، پر حڪومت جي چٽي چپاٽي تي ٿيون هيون. ڪو تاسٽم ڪري ڪن شاگردن کي 35 سيڪڙو ۽ 38 سيڪڙو مارڪن تي داخلا ملي هئي. انهن جي زندگي جو مقصد ئي داداگيري ۽ اڳتي هلي پيپلز پارٽي جو ليڊر ٿيڻ هو.

انهن مان ڪن ڪم ظرفي جو مظاهرو ڪندي ڪافي دفعا اسان جي ساٿين بدر الحق بلوچ، غلام علي نظاماڻي ۽ ٻين ويجهن دوستن سان اٽڪيا. اسان به ٽي دفعا لالا اسد شيخ، مظهر بلوچ ۽ دادو جي هڪ ليڊر ۽ ٻين شاگرد ڏي لنگهي وياسين ته ٻيلي ڏاها ٿيو. ماحول خراب نه ڪيو پر ان جو ڪو خاطر خواهه نتيجو نه نڪتو. انهن همراهن اسان جون ته نهيو پر ڪاليج جي استادن ۽ انتظاميا جون به بي عزتيون ڪيون. ايتري قدر جو هڪ دفعو اسان جي وائس پرنسپال ڊاڪٽر عبدالرحمان ميمڻ، امتحان هلندي لالا اسد کي ڪاپي کان روڪيو يا ڪاپي کسي ته لالا اسد ڪيس امتحان هال ۾ چمات هڻي ڪڍي. ڪاليج انتظاميا ويچاري ايتري ته بي وس هئي جو پيپلز پارٽي جي مک ماڻهن جي زور بار ڪري، چمات هڻندڙ تي ڪوبه قدم کڻي نه سگهي.

اهڙي طرح ڪاليج انتظاميا طرفان گهٽي روڪ ٽوڪ نه هڻڻ ڪري هڪ داداگير ٽولو پنهنجي ڏاڪ ويهارڻ لاءِ هٿيارن جي زور تي ڪيترن شاگردن کي مار موچڑو ڪندو رهيو. هڪ ڏينهن صبح ڏاري هاسٽل ڪينٽين ۾ وينا هئاسين ته اسان جو ساٿي غلام علي نظاماڻي روٺڙهارڪو آيو. ڪاليج ۾ ساٿس سپاف جا ڪجهه شاگرد اٽڪيا هئا. هن جي دانهن تي اسان جا دوست به ڪجهه جذباتي ٿي ويا. اتي نقيب موسوي چيو "اسان ڪيترا ڏينهن ايئن مارون کائيندا رهنداسين."

سرفراز جلباڻي ۽ اهڙو ئي ڪو چڙ ڏيارينڊڙ گفتو ڪڏيو حالانڪ مان ڪافي ٽڏي دماغ وارو ماڻهون آهيان، پر ان وقت ماحول اهڙيو بڻيون، جو اسان سڀ هنن سان وڙهڻ لاءِ ڪاليج پهتاسين.

اسان جو جارحيانہ انداز ڏسي، لالا اسد شيخ تہ ڪاليج جي پرسان واري باغ جي اُوڏڪي پت ٽپي پڄي ويو ان ڪري بعد ۾ ڪئمپس ۾ هن جو نالو ايڪسپريس مشهور ٿي ويو مظهر بلوچ جي هٿ ۾ روالور هو حملي جي خيال کان هن ڏي وڌيس، هو منهنجي سيني ڏي روالور تاڪيو پوئتي هٽندو رهيو جنهن مان لڳي پيو تہ هن پنهنجي بچاءَ لاءِ روالر سڌو ڪيو اٿس، ان مهل مون کي خوف ۽ ٽيو تہ متان فائر ڪري زخمي نہ ڪري وجهي ڇو جو مون وٽ هٿ ۾ صرف ڪلپ هئي، ان وقت تازو منهنجي جوڊو ڪراٽي جي ٽريننگ ورتل هئي.

ڪاليج لئبرري ۾ اسان کي مگسي ڇوڪرو هٿ اچي ويو هو ۽ پاڻ کي ڏکن کان بچائيندو رهيو ان جهيڙي ۾ عمر الدين زرداري، رسول بخش ٽيهو ۽ ٻيا دوست مرڻ مارڻ لاءِ جڙ تيار هئا، پر شڪر جو ڪو ماڻهو مئو نہ.

ان جهيڙي بعد اڳلو گروپ ڪاليج ۾ پنهنجي گهٽتائي محسوس ڪندي پلاند لاءِ پَرَ سوئڙ لڳو اسان جون رنجشون ۽ ڏينهون ڏينهن چوٽ چڙهنديون رهيون، ايترا مارا ماري باوجود انتظاميا بي وس ۽ خاموش تماشائي بڻي رهي.

ان دوران اسان جو هڪ دوست جيڪو بظاهر ان ٽولي سان ٻڌ هوندو هو پر ذاتي تعلق ڪري اسان کي هنن جي هر منصوبي کان آگاهہ ڪندو رهندو هو. غلط يا برابر هن مون کي ٻڌايو تہ هاڻي مخالفن جو مڪ ٽارگيٽ تون آهين، ڇو جو مون ڪن بلوچ شاگردن کي ڏکيو آهي، ان ڪري انهن هروچن ٻاهران ڪجهہ ڏوهاري وانگارو ۽ آندا آهن.

هڪ شام ڏاري اسان هاسٽل جي سي بلاڪ سامهون روڊ تي بس جي انتظار ۾ بيٺا هئاسين تہ مخالف گروپ جا ويهہ پنجويهہ جڻا هاسٽل مان نڪري پري کان گارگند ۽ فائرنگ ڪندا اسان ڏي ڊوڙندا آيا، هو بندوقن، رائفلن، ڪهاڙين، لئين سان مسلح هئا.

اتي رسول بخش ٽيپي بهادري جو مظاهرو ڪندي اسان کي چيو "خبردار پڇي ڪوئي نہ."

اسان پنهنجي ننڍڙن هٿيارن سان هنن جو مقابلو ڪندا رهياسين، آخر سپني جون گوليون ختم ٿي ويون، منهنجي روالر مان بہ ڇهن مان پنج گوليون فائر ٿي ويون، مون آخري گولي بچائي رکي ڇو جو دوستن مون کي خبردار ڪيو هو تہ "هو توکي زخمي ڪرڻ بعد اگهاڙو ڪري ڪاليج ۾ گهمائيندا، بعد ۾ ٽنگ ۾ گوليون هڻي هميشہ لاءِ لنگڙو ڪري ڇڏيندا." خبر نہ آهي تہ ان ڳالهہ ۾ ڪيتري حقيقت ۽ صداقت هئي.

يا هَرو پرو مون کي ڊيڄارڻ ۽ بزدل بڻائڻ جي ڪوشش هئي.

مان اهڙي بي عزتي کان بچڻ لاءِ هڪ گولي چيمبر ۾ بچائي رکي تہ جيڪڏهن ڪو همراهہ صفا ڳچي ۾ پئجي ويو تہ آخري گولي، سندس نرڙ يا ڪن پٽي تي رکي کيس قتل ڪندس، پوءِ ڏٺو ويندو.

اسان جي همراهن جون گوليون ختم ٿيڻ ڪري حبيب الله ڪابو، رسول بخش ٽيپو، عمر الدين زرداري ۽ نديم عباسي زخمي ٿي پيا، مان ۽ غلام رسول کوسو هنن جي هٿ نہ آياسين.

اهڙن موتمار جهيڙن ڪانپوءِ اسان ٻئي ٽولا سارو ڏينهن هٿياربند ٿي ڪاليج ۽ هاسٽل ۾ گهمندا هئاسين، ٻنهي گروپن وٽ ايترا تہ هٿيار هوندا هئا جو ڪنهن ڏاڙيلن جي ٽولي وٽ بہ نہ هوندا. مطلب تہ اسان ڪتابن بجاءِ هٿيار سيراندي رکي سمهندا هئاسين، اک بہ هٿيارن جي جهنڪار ۾ ڪلندي هئي، ڪلاس هلندي بہ خوني هٿيار وَر ۾ هوندا هئا. مون جهڙي مسڪين کي بہ هر وقت هڪ پستل بغل جي هولسٽر ۾ هڪ وَر ۾ پيو هوندو هو حالانڪ مان جڏهن انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخل ورتي هئي تہ تازو فاسٽ بالر طور پاڪستان جي ڪرڪيٽ ٽيم جي ڪئمپ لاءِ سلڪيٽ ٽيو هئس. ساڳي وقت پاڪستان ائٿليٽڪ ٽيم سان ٽريننگ ورتي هئي. جنهن ۾ مون سان گڏ پنج ڇٽا آرمي جا ائٿليٽ هئا، جنهن ۾ ايشيا جو لانگ رنر چيمپئن حوالدار محمد يونس، شارٽ رنر حوالدار بشير، جيولن ٽرور حوالدار الله دتا شامل هئا.

مان جڏهن پاکستان ڪئمپ ڇڏي نواب شاهه هاسٽل اچي وسائي تہ پاڻ سان گڏ ذاتي جيولن، هيمر، ورزش لاءِ بار بل ۽ ڊمبل بہ ساڻ آندا هئا.

بهرحال جيئن تہ هاٽي هو اسان تي حملو ڪري ڪيترن دوستن کي زخمي ڪري چڪا هئا، اسان جڙ ڪاليج ۾ هارايل ڏر هئاسين، ان ڪري پنهنجي پَر ۾ ڪنڊ هيٺ ڪري گهمندا هئاسين، اسان پنهنجي ساک بحال ڪرڻ لاءِ پلؤ ڪرڻ جي تاڙ ۾ هوندا هئاسين.

اسان جي دوست حبيب الله ڪابوري کي سدائين سنڌي ٽوپي پاتل هوندي آهي، گذريل جهيڙي ۾ زخمي ٿيڻ کان پوءِ نوشهروفيروز جي هڪ چنہ چوڪري ست ڏئي هن جي متي تان سنڌي ٽوپي لاءِ هي هيٺ زمين تي اُڇلي هئي، ڪابوري کي پنهنجي زخمي ٿيڻ جو ڏک نہ آهي، پر جنهن نفرت سان ان چوڪري سنڌي ٽوپي پٽ تي ستي هئي، ان ڪري هاٽي حبيب الله هڪ تيز چاقو سدائين پاڻ وٽ رکندو آهي، هن جو چوڻ آهي "جيستائين مان ان چوري جو نڪ نہ ڪپيندس، تيستائين سکون سان نہ سمهندس."

جيئن تہ اسان تازي مار کائي چڪا هئاسين، ان ڪري ڏسندي ڏسندي اسان جا ڪيترا ڪمزور دل دوست پري ٿيندا ويا، خاص ڪري لاڙڪاڻي جا دوست تہ پٽا ڏئي پڇي ويا، ڪيترن گهڻ گهرن دعا سلام بہ گهٽائي ڇڏيو تہ متان مخالف گروپ کي سندن اسان سان ويجهڙائي جي خبر پئي ۽ خوامخواهہ ڏڇي ۾ اچن، ڪيترن دوستن کي مان پاڻ پري ڪري ڇڏيو، متان منهنجي ڪري تڪليف ۾ اچن، هڪ دفعو پنهنجي روم ميٽ سرفراز جلباڻي کي چيو "اسان جو ڪهڙي وقت بہ جهيڙو ٿي سگهي، متان توکي بہ ڏڪ لڳن، ان ڪري في الحال مون سان گڏ نہ گهم" منهنجي ان چوڻ تي سرفراز ڪيترو عرصو مون کان ناراض رهيو تہ تو مون کي پاڙي سمجهيو آهي.

اهڙي طرح اسان هارايل گروپ هٽڻ ڪري ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندا ويا سين، هوڏانهن اسان جو مخالف گروپ مقامي جيالن ۽ پيپلن جي ساٿ سان ويو مضبوط ٿيندو.

ان کري مون سوچيو ڇو نہ ان گروپ ۾ ڦٽوڙو وجھجي. مان دوستن کي صلاح ڏني تہ جيئن تہ ان گروپ ۾ ٻہ ڏڙا آھن. ھک ڏڙي جي اڳواڻي لالا اسد ۽ دادو جو مگسي کري رھيو آھي ۽ ٻي ڏڙي ۾ اڪثريت سکر جي شھري ڇوکرن بشير شاھ. محمود اسلم بوبي. انور سنجراڻي. محمود بلوچ جي آھي. اسان ڇو نہ انھن ۾ ڏار وجھون. گذريل دفعي جڏھن اسان جو لالا اسد ۽ مگسي ٽولي سان ٽکراءَ ٿيو ھو. سکر جي انھن شھري ڇوکرن کوبہ ھنن جو ساٿ نہ ڏنو ھو. ان کري اسان ڇو نہ لڪ ڇپ ۾ في الحال لالا اسد ۽ مگسي ٽولي سان ناھہ کيون. جيئن تہ اسان جي ٽولي ۾ اڪثريت دادو وارن دوستن جي آھي. اسان حبيب الله کابوري تي اھو بار رکيو تہ ھو کيئن بہ کري دادو جي ٻين سينيئر ساٿين کي ملائي. لالا اسد ۽ مگسي ٽولي سان ناھہ کرائي ۽ ھنن کي شھري ٽولي کان الڳ کري. اھڙي طرح اسان پھريان سکر وارن کان پلوٺون. پوءِ اڳتي ڏنو ويندو.

منھنجي ان صلاح تي رسول بخش ٽيپو ۽ غلام رسول کوسو صفا چڙي پيا تہ "تو اسان کي پاڙيو سمجھيو آھي. اسان سيني سان وڙھنداسين." اھڙي نموني منھنجي اھا تجويز بيدردي سان رد کئي وئي.

بھرحال منھنجي بار بار اسرار تي حبيب الله کابوري. دادو جي دوستن معرفت لالا اسد ۽ مگسي ٽولي کي پاسيرو کيو تہ اسان ٻي ٽولي تي موتمار حملي جون تياريون شروع کيون.

14 اگسٽ 1976ع جي رات جو ھي سپاف جا شھري ڇوکرا کاليج جي بس کاھي شھر ڏي چکر تي ويا تہ واپسي مھل اسان ھاسٽل جي سامھون ھنن جو ڏڳ جھلي لکي ويھي رھياسين. ان وقت رات جو ھک ٽيڙ وارو ھو ھو جيئن ئي ويجھو پھتا تہ اسان ھکل کري ھنن تي فائرنگ شوع کئي. جيئن تہ ان وقت ھلکي برسات ۽ گگھہ اونداھي ھئي. ان کري پھرين بندوق جي فائرنگ ۾ کي ڏکيا. کن کي چڙ و چڙ ٿي ڀڄڻ جو موقعو مليو کن شھر جو رخ رکيو تہ کي اچي ھاسٽل ۾ لڪيا. برسات ۽ اونداھي. رات کري. ھنن جو گھٽ نقصان ٽيو ان بعد اسان ھاسٽل پھچي باقي ڇوکرن کي کن کي کٽن ھيٺان تہ کن کي ٽيبلن ۽ غلسخانن مان ڳولي ڳولي

رت جي هولي کيڏي، اسان جا کي جذباتي دوست کن شاگردن جون ٻانهون ٽنگون کڻي، کين لولو لنگڑو ٻڌائڻ چاهين پيا پر مون کين سختي سان منع کيو. آخر ۾ ان ٽولي جي شاگردن جي سينني کمرن کي ٽوڙي سندن سامان کي سي بلاڪ جي مٿين اوپن ٽيرس تي گڏ کري باهه ڏئي ساڙيو.

هاڻي ان ڏوهه ۾ کولي بند لڳو هيءَ قَيدَ کھاٽي لکي رهيو آهيان.



29 آگسٽ 1976
بسکوٽن جي خالي ڊبن تي قَيدَ کھاڻي لکڻ

سنجھا ڏاري کولي بند ٽيڻ بعد سانوڻي جو پھريون وسکارو ٿيو. اسان شھري بابن کي شايد ميگھ ملھار جي آمد جي ايتري خوشي نہ ٿيندي ھجي، جيتري ٿر ڪاڇي ۽ ڪوھستان جي ماڻھن کي ٿيندي آھي. انھن سُوکھڙي جي ماريل جوءِ جا ھاري ناري تہ ٽھيو پر پکي پکڙ، جيت جڏيا بہ ان آبر آسري ھوندا آھن.

ان مينھوڳي موسم جي عڪس بندي جيتري پٽائي سرڪار سر سارنگ ۾ ڪئي آھي، منھنجي ناقص علم مطابق دنيا جي ادب ۾ اھڙي منظر نگاري نٽي ملي.

اسڪول جي زماني ۾ اسان جي ڪتاب ۾ سُرُ سارنگ جا ڪيترائي بيت ھئا. جن مان ھن وقت ھي بيت ذھن تي تري آيو آھي.

اڄ پڙ اتر پار ڏي، تاڙي ڪئي تنوار،
ھارين ھر سنباھيا، سُرھا ٿيا سنگھار
اڄ پڙ منھنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا

اسان جي کولي ۾ سيخن واري دروازي کانسواءِ ھوا ۽ روشني لاءِ ھڪ ديوار جي مٿين حصي ۾ روشندان ۽ ڇت ۾ ھڪ سوراخ ڇڏيل آھي، جيڪو بہ مضبوط لوھي سيخن سان بند آھي، جتان بہ قيدين جو ڀڄڻ ناممڪن آھي، ھن وقت برسات جو پاڻي ٽنھي پاسن کان وڏي زور شور سان کولي ۾ اڇي رھيو آھي، ان ڪري ساري کولي پاڻي سان ڀرجي وئي آھي، ايتري بہ سڪل جاءِ نہ آھي، جتي ڪمبل وڇائي ويھي سگھان، ڪمبلن کي برسات کان بچائڻ لاءِ کولي جي ڪنڊ ۾ رکيل مَٽ مٿان رکي ڇڏيو. پاڻ بہ قميص لاھي، سٽڻ جا وَر وجھي ڇما ڇم

مينهن ۾ پڇندو رهيس، وڏو ڏڙو بند ٽيڻ بعد به ڪافي پاڻي فرش تي ٻيٺو رهيو جنهن کي پيرن جي مدد سان ڏکي ٻاهر ڪيم.

جيستائين فرش سڪي مان سيخن جي در وٽ ٻيهي ٻاهران ايندڙ ٽڏڙي هوا جو مزو ماڻيندو رهيس، ان بيخودي جي موسم ۾ بود ۾ اچي الائي ڇو هڪ غزل جا ٻول گنگنائڻ لڳس.

اهو غزل اسان جو قريبي دوست رفيق احمد چانڊيو لاڙڪاڻي ۾ اڪثر راند ڪانپوءِ استيڊيم ۾ يا ڪڏهن رائس ڪئنال جي ٽاپ تي هوا خوري دوران ٻڌائيندو هو. رفيق احمد چانڊيو کي قدرت جيترو من موهٽو ڪيو آهي، اوترو ئي خوبصورت آواز. خبر نه آهي ته اها ڪنهن جي شاعري آهي پر مون وڏي آواز سان ڳائڻ شروع ڪيو.

یہ ہی میکدہ یہاں رند ہیں
یہاں سب کا ساقی امام ہے
جو ذرا سے پی کہ بھک گیا
اسی میکدہ سی نکال دو
یہاں کم نظر کا گذر نہیں
یہاں اہل ظرف کا کام
یہ ہی میکدہ---

جڏهن غزل ڳائي پورو ڪيم ته هر کولي مان واهه واهه جا آواز اچڻ لڳا، مون ته سمجهيو هو ته سڀ همراهه ننڊ پيا آهن، ان ڪري هيانو ڦاڙي ڳاتو هيم. خير سندن فرمائش تي مون ڪجهه ٻيا ڪلام به ابتا سبتا ڳايا، دوستن دل رکڻ لاءِ هروپرو وڏو داد ڏنو اها ٻي ڳالهه آهي ته مان جڏهن ڇهون درجو پڙهندو هيس ان وقت ادا مشتاق انصاري ۽ سندس دوست سردار سيال، لاڙڪاڻي ۾ ماسٽر ميهر وٽ بينجو سکڻ ويندا هئا، اتي ڪيٽريون بازار حسن جون شهزادیون به راڳ سکڻ ايندیون هيون، مان به ڪجهه عرصو ماسٽر ميهر وٽ هارمونيم وڄائي سرگرم سکيا، پر راند جي جنون ڪري

گھٽو وقت ماستر ميهر جو شاگرد رهي نہ سگھيس. ان ڪري ساري عمر بي سُرو رهيس.

ڪالھ الائي ڪٿان ھڪ جھرڪي (چيهو) اڏامندي اچي اسان جي وارڊ ۾ ڪري. مون ان کي کنيو تہ ان جي ھڪ زخمي پَر مان رت وهي رهيو ھو. وارڊ ۾ دوا نہ ھئن ڪري ڪنھن جي صلاح تي في الحال سرنھ جو تيل ھن جي زخم تي ھنيون. ان بعد سار سنيال لاءِ جھرڪي ڇُنو جي حوالي ڪئي. جنھن ھن کي بسڪوٽ جي خالي ڊبي ۾ آکيرو ٺاهي ڏنو. ڇُنو وٽ اڳ ئي ھڪ ڪَبر جو ٻچو پالیل آهي. جيڪو سارو ڏينھن ڪنھن ڏاريل ٻلونگڙي جيان وارڊ ۾ ھن جي ڪڍ پيو ٻولیندو رهندو آهي. ھو رات جو ٻہ ڇُنو سان گڏ ڪولي بند ٿيندو آهي. ان ڪري مون ٻہ جھرڪي ھن جي حوالي ڪئي.

اڄ صبح جو ڇُنو ڳالھ ڪئي تہ ڪالھ کان وٺي ھن زخمي جھرڪيءَ نہ ڪجھ کاڌو آهي نہ پيتو. مان جھرڪي کي بسڪوٽ جي ڊبي مان ٻاھر ڪڍيو تہ جيئن گھمي ڦري پاڻ چوگو ڪري. جھرڪي ايڏا ٻاھر نڪتي مس تہ ھڪ ڳانو لامارو ڏئي ڪيس کنيي ويو ڳانو جي چنبي مان آزاد ٿيڻ لاءِ جھرڪي چين... چين ڪئي ۽ ڦٽڪي پر آزاد ٿي نہ سگھي. مان صرف بي وسي مان ڏسندو رهجي ويس.

نديم عباسي پري کان اھا ساري واردات ڏسي رهيو ھو. ھو ڇڙ اکين ڏنو شاھد ھو. ھن ھڪل ڪري چيو. "اشتياق ان جھرڪي جو قاتل تون آهين."

واقعي مان پاڻ کي ان ڪمزور ۽ زخمي جھرڪي جي موت جو جوابدار سمجھي رهيو هئس.

نيرن بعد جڏھن کولي ۾ ٿوري دير لاءِ آرام لاءِ آيس تہ رکي رکي ڪانو جي چنبن ۾ ڦٽڪندڙ جھرڪي پئي ياد اچي. جيڪا منھنجي بيوقوفي ڪري موت جي منھن ۾ ھلي وئي هئي. پر پوءِ پاڻ کي ھروپرو مطمئن ڪرڻ لاءِ سوچڻ لڳس تہ قدرت جو قانون ئي اھڙو آهي. ھتي ھڪ جَيُو زندگي وڃائي ٻي جيُو کي زندگي بخشي ٿو. جيئن ننڍي ميچي وڏي ميچي جو کاج بڻجي ٿي. ساڳي طرح شينھن جھنگ جا ڪمزور جانور کائي جيئرو رهي ٿو.

جيئن ابو الڪلام آزاد لکيو آهي تہ "هت هر شيءَ جي بناوت ڪنهن نہ ڪنهن شيءَ جو بگاڙ آهي، يا ائين چئجي تہ هر بگاڙ ڪنهن نہ ڪنهن شيءَ جي بناوت آهي."

اڄ چانهہ ورهائڻ وارو جنبي قيدي ڪتان هڪ بال پوائنٽ پين هٿ ڪري آيو. هو جيل عملدار کي پاسيرو ڏسي، لڪ ڇپ ۾ اسان جي حوالي ڪري ويو. پين پنهنجي وچ ۾ ڏسي سيني دوستن ڇڻ هوجمالو ڳايو. شام جو بند ٽيڻ مهل مون دوستن کان اها پين اوڌاري ورتي.

هت ملاقاتي جيڪي بسڪوٽ جا پيڪيٽ ڏئي ويندا هئا، مان اهي خالي ڊبا پاڻ وٽ جمع ڪندو ويندو هئس. ان خيال سان تہ جڏهن بہ ڪا پين يا پينسل هٿ آئي تہ ڊبا ڦاڙي ان جي اندرين صاف حصي تي ڪجهہ نہ ڪجهہ لکندس.

مان هت حيدرآباد جيل ۾ پنهنجي قَيد ڪهاڻي جا اشاريہ کولي جي پٽن ۽ فرش تي لکندو رهندو آهيان. هاڻي پين هٿ اچڻ بعد مان پنهنجا اهي بي ربط خيال بسڪوٽ جا ڊبا ڦاڙي ان جي اندرين صاف حصن تي اتارڻ شروع ڪيا آهن.

□

30 آگسٽ 1976

بڇ سڪ

موسم ڪجھ ڏينھن کان ڪافي خوشگوار آھي، تڏڙي ھير وارڊ ۾ ڊوڙون پائيندي ٿي وتي، آسمان تي ڪارا، پورا ۽ ناسي ويس پاتل بادل پيا ٿا جھمريون ھڻن، ڪڏھن بادل خوشي جو اظھار برسات جي صورت ۾ ڪندا ٿا رھن، پر افسوس جو اھڙي ڪھندڙ موسم ۾ اسان رولاڪن لاءِ زندان جا دروازا بند آھن. تنھن ھوندي سيخن جي جھروڪي مان ليئا پائي دلبر ميھنوڳي جا مزا ماڻيندا ٿا رھون.

اسان جي وارڊ جي ھڪڙي ڪنڊ تي ھڪ حوض سدائين پاڻي سان ٽمٽار ھوندو آھي، قيدي اھو پاڻي وھنجڻ، ڇنڪار ۽ ڀوٽن لاءِ ڪتب آڻيندا آھن.

مان صبح جو اڪ ڪلڙ سان ئي ان حوض ڪناري ويھي پنھنجا پير پاڻي ۾ وجھي ڇڏيندو آھيان، تڏڙو پاڻي ڏاڍو سڪون ڏيندو آھي، آخر ڪجھ دير آسيس حاصل ڪرڻ بعد ۾ تي لوتا پاڻي جا مٽان ھاري اچي ڪولي ۾ آرام ڪندو آھيان.

اڄ ماڙي تي اعجاز الحق ميمڻ ملڻ آيو ھن ملاقات لاءِ ڪنھن کان سفارش ڪرائي ھئي، ھن سان گڏ سبحان عاقلاڻي ۽ ھو سبحان عاقلاڻي سان پھرين ملاقات حيدرآباد ۾ اعجاز الحق جي گاڏي ڪاتي واري گھر تي ٿي ھئي.

اعجاز الحق ميمڻ نواب شاھ ۾ اسان جو ڪلاسي آھي، سندس تعلق حيدرآباد جي پڙھيل ڳڙھيل خاندان سان آھي، سندس وڏو پاءُ سراج الحق ميمڻ سندڙ جو تمام نالياورو اديب آھي، سندس ناول "پڙاڏو سوئي سڏ" مون ڪيترا دفعا پڙھيو آھي، ساڳي وقت سندس پينرو ادي فھميده ميمڻ ۽

ادي انيسہ ميمڻ بہ ادب جي حوالي سان سنو مقام رکن ٿيون. اسان جو دوست اعجاز الحق ميمڻ مڙئي ادب کان پاسيرو آهي. البت راند روند سان دلچسپي اٿس. مولا کيس اخلاق ۽ سونهن سوڀيان سان نوازيو آهي. هاسٽل ۾ هن وٽ گانن جي سڻي ڪليڪشن آهي. مان ڪڏهن هل هنگامي کان پڇي هن جي ڪمري ۾ موسيقي سان روح ريجهائيندو آهيان.

اعجاز الحق ٻڌايو تہ اسان جو دوست نقيب شاهہ بہ بہ ٽي دفعا جيل تي ملاقات لاءِ آيو هو پر ملاقات جي اجازت نہ مليس. نقيب شاهہ هن وقت بہ حيدرآباد ۾ رهيل ۽ اوهان سان ملاقات لاءِ وجهہ ڳولي رهيو آهي. اعجاز موڪلائڻ مهل ڪجهہ سامان بہ ڏئي ويو اها حقيقت آهي تہ جيل جي هيانو ساڙيندڙ ماني اسان کي اهڙو تہ لالچي ۽ سڪٽو ڪري ڇڏيو آهي جو پيا پِيرَ سورياندا آهيون تہ شل ڪو ملاقاتي اچي ڪجهہ کائڻ پيئڻ جو سامان ڏئي ويجي. پوءِ بکايل بگهڙن جيان چٽ ڪري ساهہ پٽيندا آهيون.

دستور مطابق شام جو کولي بند ٿياسين. اصل جيل تہ ان بعد ئي پڇي ٿو کولي ۾ هرکو پنهنجا خيالي گهوڙا اکيلائي جي رڻ پٽ ۾ پيو ڊوڙائيندو آهي. اسان ٻاهران مليل ڊائجسٽ تي چٽي ڇڏيا آهن. ان ڪري وري ساڳيون اداسيون ۽ نراسائيون وڻ ويڙهي وانگر وکوڙي ويون آهن. هون بہ ٻڌو آهي تہ ڪتاب ۽ سگريٽ تنهائي جا سڀ ساٿي آهن. منهنجي سگريٽ سان تہ اصل نہ لڳي. حالانڪہ ننڍپڻ ۾ ماسات ديدار علي سڏايو ۽ سجاد حسين بدوي بہ ٽي سوٽڙا هڻايا. ان کانسواءِ اسڪائوٽ جي ڪئمپ دوران خاص ڪري گهوڙا گلي ڪوهہ مري ۾ ڪن معصوم دوستن ڪشڙا هڻايا. في الحال تہ ڊگهن سوٽن ۽ کنگهہ جي ٽونڪار ڪري نڪ ۽ ڪنن مان دونهاں نڪري آيا. ان وقت ڪاري رنگ جو سنهڙو خوشبودار سگريٽ More مڙئي ڀارڙن ۾ مقبول هو ها باقي ڪتاب سان يارڙي تہ ورڻي ۾ ملي آهي. هاڻي تہ يقين سان چئي سگهان ٿو ڪتاب ئي تنهائي جو پڪ مٽ يار آهي.

غالب بہ تنهائي لاءِ چئي ٿو:

"بي ڪار ئي جنون مين هي سَر پيٽني ڪا شغل
جب هاٿ ٽوٽ جائين تو ڪر ڪيا ڪري ڪوئي."

جيئن تہ ڏرتي تي چرپر ڪندڙ جانور مکيہ ٻن گروهن ۾ ورهايل آهن، هڪڙا گوشت خور جانور تہ ٻيا پاڇي خور. گوشت خور جانورن جي فطرت وڙهڻ ۽ چيرڻ ڦاڙڻ آهي، جڏهن تہ پاڇي خور پاڻ ۾ گڏجي رهن.

انسان وري گوشت خور سان گڏ پاڇي خور بہ آهي، ان ڪري گوشت خور جانورن جيان وڙهي بہ ٿو جيئن اسان هڪ ٻي جا مٿا ڦاڙي رتو رت ڪري هت پهتا آهيون. مصيبت هت وري اها آهي جو هڪ ٻي کان پري بہ رهي نٿا سگهون، ان ڪري کولي ۾ بند ٿيڻ بعد اڪيلا ۽ اٻاٽڪا ٿي پئون ٿا.

ساڳي طرح هت جيل ۾ بہ اڏ کان وڌيڪ قيدي رت پياڪ، هڪ ٻي جا گلا ڪپڻ ۽ ڪنڌ لاهڻ ڪري قيد ڪاٽي رهيا آهن، پر جڏهن هنن کي ڪجهہ عرصو قيد تنهائي ۾ رکجي ٿو تہ اڏ چريا ٿي نڪرن ٿا.

هت جيل ۾ پيانڪ سزا قيد ئي تنهائي آهي، اسان بہ هت گهٽو وقت اڪيلا رهڻ ڪري خيالي گهوڙا ٻيا ڊوڙائيندا آهيون، خيال گهوڙي جي لانگ ورائڻ بعد جيل مان نڪري ڪن دلبر دوستن جي محفل ۾ پهچي ويندا آهيون تہ ڪڏهن حسينن جي لال لبن جي لالاڻ چورائيندا آهيون.

اها حقيقت آهي تہ مون کي زندگي ۾ ايڏي تنهائي ميسر نہ ٿي آهي، زندگي جو وڏو حصو دوستن سان نڙا ماشا يا راند جي ميدان تي ٽينگ ٽپا ڏيندي ڪٽايا آهن. پر هاڻي پهريون دفعو اڪيلائي ڏاڍڻ جيان ڪائي ٿي.

تنهائي ڪاڻ پاڻ بچائڻ لاءِ مون وٽ نہ ڪاڳر آهي نہ قلم نہ ئي ڪتاب، ان ڪري رڳو سوچ سوچان آهي، غور و فڪر جي ان نئين رنگ برنگي دنيا ۾ پير پائڻ ڪري مون وٽ الائي ڪيترا سمجهہ جا ڏيا هري پيا آهن، جيئن خليل جبران چيو آهي تہ:

"تنهائي انسان لاءِ ائين آهي جيئن وڻ لاءِ خزان جي موسم."

واقعي جيئن پَن ڇڙ جي موسم ۾ وڻ جا سڪل پن چٽي ويندا آهن، ان جي جاءِ تي نوان گونچ ڦٽندا آهن، ساڳي طرح تنهائي ۾ ماڻهو پنهنجي اوٽاين جي چنڊ چاڙ ڪري نئون راهون تلاش ڪري ٿو.

ايئن خيالن جو سلسلو جنرل گريواس ڏي هليو ويو. هن به پاڻ کي هڪ ڪوٺي ۾ بند ڪري، ڪتابن سان اوجاڳا ڪري، قبرص جي ستل قوم کي جاڳايو هو. گريواس قبرص جو هڪ عام شهري هو.

قبرص ميڊٽرينن سمنڊ ۾ هڪ سهڻو جزيرو آهي، جنهن جي ڀرسان ترڪي، شام، لبنان ۽ يونان وغيره جهڙا ملڪ آباد آهن. ڪيترا سياح هن حسين جزيري جو حسن ڏسڻ ايندا آهن. هن ٻيٽ تي مسلمان ۽ عيسائي رهن ٿا. جيڪي يوناني ۽ ترڪي ٻولي ڳالهن ٿا، ڪيترن يوناني فلاسافرس جو به قبرص سان تعلق هو.

گريواس کي فوج ۾ وڃڻ جو اڇي خفت چڙهيو. جيئن ته هو ايترو پڙهيل نه هو جو فوج جي ڏکي ڪميشن پاس ڪري سگهي، ان ڪري هن پاڻ کي ڪمري ۾ بند ڪري ڪتابن کي گهوٽڻ شروع ڪيو. نيٺ ڪميشن پاس ڪري ساهه پٽيائين.

جيئن ته قبرص ان وقت برطانيا جي ڪالوني هو. ان ڪري برطانيا فوج جا سدائين مظلوم قبرص جي ڇڪي ۾ هٿ هوندا هئا. جيئن پاڪستاني فوج ايست پاڪستان ۾ بنگالن سان ڪندي هئي، گريواس اهي هَيانو ڏارينڊ ظلم ۽ پنهنجا ٻچا ڪسندي ڏسي فوج مان فارغ ٿي ويچي گوريلا جنگ شروع ڪئي. جيئن پاڪ فوج جي باغي جنرل عثماني ۽ ٻين فوجن بنگلاديش جي آزادي مهل ڪيو.

قبرص ۾ اهڙي اٽل پٽل ڏسي برطانيا پنهنجي هڪ ڏنگي فيلڊ مارشل هارڊنگ کي هٿيار پنهوار ڏئي قبرص ڏي ڪاهي موڪليو ته وڃي گريواس کي سيکٽ ڏي، ۽ گريواس وڏي حرفت سان ڪيس ذليل خوار ڪندو رهيو. ڪڏهن ڪڏهن جي پٽي تي "فيلڊ مارشل هارڊنگ تون جهنم ۾ وڃ."

(Field Marshal Harding you go Hell)

لکي، ڪڏهن ڪي سوٽا هٽي سندس ڪئمپ ڏي هڪلي ڇڏيندو هو. ڪافي دفعا برطانيا فوج جي آفيسرن جي وردي پائي وڏي ٽٽ سان سندن دعوتن ۾ شريڪ ٿيندو هو. اهڙن دعوتن ۾ بم رکي، هارڊنگ کي مارڻ جي به ڪوشش ڪيائين.

هڪ اڏ دفعو انگريز فوج، قبرص جون ڪجهه نوجوان چوڪريون ڪٽي وئي، بدلي ۾ گريواس فوجي آفيسرن جون زالون ۽ ڏيئرون ڪهي انهن جا لاش شهر جي چوڪن تي ٽنگي ڇڏيا.

اهڙيون موتمار گوريلا ڪارروايون ڏسي، آخر برٽش سرڪار گوڏا کوڙي ڇڏيا ۽ 1959ع ۾ قبرص کي آزاد ڪرڻ جو اعلان ڪيو پر ان شرط سان ته گريواس جلاوطن ٿي قبرص ڇڏي وڃي.

گريواس کي خاص جهاز ذريعي ڏيهه نيڪالي ڏئي يونان موڪليو ويو. جتي هزارين ماڻهن سندس آڏر ياءُ ڪيو ۽ ڪيس يونان جي اعليٰ فوجي اعزاز سان گڏ جنرل جو عهدو ڏنو ويو.

اهڙي طرح ڪال ڪوٺين جي اڪيلائي ڪنهن کي ناهي ٿي ته ڪنهن کي ڀاهي ٿي، جيئن بچه سقه هڪ لاڪپ ٽوڙڻ بعد افغانستان جو خوني ڏاڙيل ۽ آخر 1929ع ۾ افغانستان جو بادشاهي تاج پاتائين.

بچه سقه جو اصل نالو حبيب الله ڪلڪاني هو. سندس پيءُ پخالي هئڻ ڪري اوڙي پاڙي وارا ڪيس بچه سقه (پخالي جو پٽ) سڏيندا هئا. چوڪراٽي ئي وهي ۾ هو هڪ قتل ڪري پنهنجو علاقو ڇڏي روپوش ٿي ويو. روپوشي دوران پشاور ۾ فوجن کي پريڊ ڪندو ڏسي هن کي اهو نظارو اهڙو وٽيون جو فوج ۾ شامل ٿي ويو. هڪ ڏينهن فوج ۾ ڪنهن غلطي تي هڪ ميجر ڪيس بدشد ڳالهايو. بچه سقه کاوڙ ۾ ميجر کي چماٽ وهائي ڪڍي. فوجن گهلي هن کي چاوڙي ۾ بند ڪري ڇڏيو. هڪ رات فوج ۾ ئي سندس هڪ دوست پهري تي بيٺل سنتري کي دسي، کانئس رائفل کسي بچه سقه کي آزاد ڪيو. پوءِ ٻئي ڇٽا ميجر کي مارڻ لاءِ سندس گهر ۾ ٽپيا پر ڪين ميجر هٿ نه آيو. آخر هو سندس گهوڙي تي لانگ ورائي چانوٽي مان پڄي نڪتا. بچه سقه پنهنجي ڳوٽ اچي هڪڙي خان کان زوري رائفل کسي پنهنجي دوست کي ڏني. هاڻي هنن وٽ ٻه هٿيار ٿي ويا.

هنن پهريون ڏاڙو نندڙي واپاري قافلي کي هنيون. ان بعد تر جي بدنام ڏاڙيل کي ماري پنهنجي تر ۾ بدمعاشي جو ڏاکو ڇمايائين. هن پوءِ لٽ مار ڪري ساٿي ۽ هٿيار هٿ ڪري رهزنن جو ٽولو ٺاهيو.

هن جو ڏهکاءُ ايترو تہ وڏي ويو جو هو هر ايندڙ ويندڙ قافلي کان پتو وٺڻ لڳو جيکڏهن کو محصول نہ ڏيندو هو تہ هن رستي ۾ لوهي پڇرا رکي ڇڏيا هئا. هو کين لوهي پيچرن ۾ بند ڪري ڇڏيندو هو جيکي ويچارا اتي بک ۾ سُڪي سڙي هڏن جا ڍانچا وڃي بچندا هئا.

انهن ئي ڏينهن ۾ افغانستان جي بادشاهہ امير امان الله کجهہ اهڙا حڪم ڏنا جيکي اتان جي ماڻهن جي خيال مطابق سندن تهذيب ۽ اسلامي اصولن خلاف هئا. جيئن هن حڪم ڪيوتہ ستڻ، قميص ۽ پگڙي جي جاءِ تي سوٽ، قميص ۽ ٽوپ پايو انڪري ماڻهو ڪابل ۾ داخل ٿيڻ مهل شهر کان ٻاهر ڪُهيل دڪانن تان سوٽ ۽ ٽوپلو وغيره ڪرائي تي وٺي پوءِ شهر ۾ داخل ٿيندا هئا.

ان کانسواءِ عورتن کي بہ پردي کان منع ڪيائين. پاڻ جڏهن يورپ جي دوري تي ويو تہ اتي سندس زال بغير برقي جي گهمي جيکا ڳالهہ افغانن کي نہ وڻي.

خاص ڪري عالمن کي انهن ڳالهين تي وڏو تاءُ هو انهن ئي ڏينهن ۾ شنواري قبيلي جو هڪ خون ٿي ويو. پر سرڪار قاتلن کي ڇڏي ڏنو جنهن تي شنواري ۽ ٻيا قبيلا بہ بادشاهہ جي خلاف ٿي ويا.

بچہ سقہ اهڙين ڳالهين جو فائدو وٺي بادشاهہ جي هڪ وزير کي پاڻ سان ملائي ڪابل تي حملو ڪيو ڪافي ڏينهن جي گهيري بعد شهر فتح ڪيائين. آخر بادشاهہ امير امان الله مجبور ٿي پنهنجي ياءُ امير عنايت کي تخت تي ويهاري پاڻ ڀڄي ويو جنهن کان بچہ سقہ تخت کسي پاڻ بادشاهہ ٿي ويهي رهيو.

مطلب تہ جيئن پکي يا جانور کي پنهنجي آکيري يا وٽاڻ تي ويٺي اڄ ستائيندي آهي تہ هو پاڻي جي تلاش ۾ نڪرندو آهي. اهڙي طرح انسان بہ اڪيلائي ۾ پنهنجي منزل ۽ مقصد متعين ڪري پوءِ ان جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪندو آهي.

جيئن هاڻي جيل ۾ اچڻ کانپوءِ اسان کي ايڏا بہ پنهنجي منزل ڇٽي نظر اچي ٿي، جنهن ۾ سنڌ جي خوشحالي، طبقاتي نظام جو خاتمو ۽ سنڌين جي حق حاڪميت لاءِ زندگي وقف ڪرڻ.

□

31 آگسٽ 1976
رودڪي

گذريل ڪجھ ڏينھن وانگر رات ب برسات سنو ستڪو ڏنو روشندان ۾ ڇت جي دري مان مينھن جو پاڻي اچڻ ڪري سارو فرش آلو ٿي ويو. مان پني اگھاڙو شيخن جي در وٽ بيھي برسات جو نظارو ڪرڻ لڳس. طوفاني برسات زوريءَ سيخن جي در مان اندر ڪاھيون پئي اچي، جنھن ڪري جسم تي پاتل واحد ستڻ ب ڀجي وئي.

تيز ھوا ۾ برسات ڪري بجلي بند ٿي وئي، ان ڪري باھر گگھ اونداھي، آسمان ۾ ڀيانڪ وڇن جي ڪڙڪاٽن ۾ ڪنوڻ جي تيز تجلن ماحول تي دھشت طاري ڪري ڇڏي ھئي، ڪمزور دل قيدي ته آسماني طاقتن کي ٻاڏائي رھيا ھئا.

آخر ٻوڙان ٻوڙ برسات ڦوھار ۾ تبديل ٿي وئي، جيستائين جسم تي پاتل آلي سلوار ۾ ڪولي جو فرش سڪي اسان پاڻ پنھنجي ڪونين مان وڏي آواز سان ڪچھري ڪندا رھياسين.

عبدالستار ڪورائي پنھنجي مناسب آواز ۾ موسم آھر ڪلام ٻڌايا، جيئن رات ٿرندي وئي ٻين ڪولين مان دوستن جا آواز اچڻ ب بند ٿي ويا. لڳي پيو ته يارڙا ننڍ جي وادي ۾ لھي ويا آھن، مان ڀڳل سلوار سان سمھڻ جي ڪوشش ڪئي.

ھر اڱاري جي صبح جو جيل سپرنٽينڈنٽ ساري جيل جو رائونڊ ڪندو آھي، ان ڪري قيدي ويچارا ڏينھن ڏيڍ ليپو پوچي ڪندي پگھر ڳاڙيندا آھن، پر رات ٽاھوڪي برسات پوڻ ڪري وارڊ ۾ گوڏي جيڏي گپ ٿي وئي آھي، قيدي ڇنڪار ۾ ڀھاري وغيره کان بچي ڀيا آھن، البت ھر ڪو پنھنجي بئرڪ ۾ ڪولي ڇمڪائڻ ۾ مشغول آھي.

ڪجھ دير بعد مغل شهزادن جيان جيل سپرنٽينڈنٽ واري جي دروازي وٽ پهتو تہ بادشاهي دربار جي چوبدار جيان اتي بيٺل سنتري "باداب.... باملاحظہ.... هوشيار" جهڙو آواز بلند ڪري سندس آمد جو اطلاع ڏنو.

اسان عرضدارن جيان قطار ناهي بيناسين. حالانڪہ گذريل دفعي جيان هاڻي بہ واري پنهنجي نوڪري پڪي ڪرڻ لاءِ اسان کي چيو:

"ٻين قيدين جيان توهان بہ پنهنجي کولي اڳيان ڪنڊ جهڪائي اوڪڙون ٽي ويهو" پر اسان جو ضد ڏسي يار خاموش ٽي ويو.

جيل سپرنٽينڈنٽ رائونڈ دوران اسان وٽ اچي پڇيو "توهان کي برسات جو پاڻي تنگ تہ نٿو ڪري؟"

غلام رسول کوسي هن کي ٻڌايو تہ "کولي جي ڇت واري دري ۾ روشندان مان پاڻي اچي ٿو." ان سان گڏ غلام رسول کيس لئبرري مان ڪجھ ڪتاب ڏيڻ لاءِ پڻ چيو.

جيل سپرنٽينڈنٽ اتي پنهنجي عملي کي ڪجھ هدايتون ڏئي روانو ٿي ويو.

لئبررين ٿوري دير بعد ڪتابن جي فهرست کڻي آيو اسان في الحال هي ڪتاب پڙهڻ لاءِ گهرايا.

- تحفتہ الڪرام۔ ميرعلي شير قانع
- شهداءِ ڪربلا۔ ابوالڪلام آزاد
- تاريخ معصومي۔ ميرمعصومي
- Shakespare _Merchant of venus
- بيداد نگري
- مسلم ليگ جي مخالفت ڇو۔ جي ايم سيد

لئبرري مان ڪتاب ملڻ ڪري هرڪو همراهہ بود ۾ آهي. مان شام جو بند ٿيڻ مهل پڙهڻ لاءِ "بيداد نگري" ڪتاب کڻي ۾ ڪنيون. ڪتاب جا شروعاتي صحفا قاتل هئڻ ڪري ڪٽي بہ ليڪڪ جو نالو نظر نٿو اچي. البت پڙهڻ مان لڳي ٿو تہ ليڪڪ جو واسطو اٽلي سان آهي. ساڳي وقت سنڌي جو لباس پارائيندڙ مترجم جو نالو بہ قاتل آهي.

اسان جي کولين ۾ تمام گھٽ روشني وارا بلب لڳل آھن، ايتري گھٽ روشني ۾ پڙھڻ سان اکين ۾ سور ٿو ٿئي، پر منھنجي کولي کنڊڙي ۾ ھئڻ ڪري ڇڪر جي دروازي مٿان لڳل سرچ لائٽ جي روشني دروازي جي سيخن مان ٽپي اندر اچي ٿي، ان ڪري مان وڏي قرار سان دروازي کي ٽيڪ ڏئي ڪتاب پڙھي رھيو ھئس تہ اچي طوفاني برسات ڌڏڪا ڪيا، مان ڪتاب کي پاڻي کان بچائڻ لاءِ يڪدم مقدس ڪتاب جيان قميص ۾ ويڙھي، کنڊڙي ۾ رکيل مٽ مٿان رکي ڇڏيو.

جيتوڻيڪ سپرنٽينڈنٽ جي چوڻ تي برسات کان بچڻ لاءِ کولي جي ڇت جي دري مٿان ٽڪر جو مٽ ابتو ڪري رکيو ويو آھي، تنھن ھوندي بہ روشندان ۽ دروازي مان ڪافي پاڻي اندر اچي ٿو.

اسان مست موسم جو مزو ماڻن لاءِ شيخن جي دورازن وٽ ٻيھي ھڪ ٻي سان آواز وسيلي رابطو ڪري ورتوسين، گھٽين اوپارين لھوارين بعد شعرو شاعري جي محفل شروع ٿي وئي، ھر ڪنھن پنھنجي پسند جا شعر ٻڌايا، مون بہ واري سان جيڪي شعر مون کي ياد ھئا کين ٻڌايا، انھن مان ڪجھ ھي آھن.

مذہب سے میری کیا تجھی ہے میرا دیار اور
میں اور میرا یار اور میرا کاروبار اور

کون سا کعبہ کیسا قبلہ کونہ حرم
اس کوچے کے باشندوں نے سب سے یہی سلام کیا
تجھے مسجد ہے مجھے مہ خانہ واعظ اپنی اپنی قسمت سے

جب میں سر بہ سجدہ ہوا، کبھی تو زمیں سے آنے لگی صدا
تیرا دل تو ہی صنم آشنا، تجھے کیا ملے گا نماز میں۔
(اقبال)

گر کبھی خلوت میسر ہو تو پوچھ اللہ سے
قصہ ئے آدم کو رنگین کر گیا کس کا لھو
میں تڑپتا ہوں دل یزداں میں کانٹے کی طرح
تو صرف اللہ ہو اللہ ہو
(اقبال)

ای طائر لاہوتی اس رزق سے موت اچھی
جس رزاق سے آتی ہو پرواز میں کوتاہی
(اقبال)

گو ہاتھ میں جنبش نہیں آنکھوں میں تو دم ہے
رہنے دو ابھی ساغر و مینا میری آگے
(غالب)

اتنی غور سے مت دیکھ میرا ہاتھ اے دوست
ان لکیروں میں حسرت کے سوا کچھ بھی نہیں

آتا ہے تو آنے دو، کشتی کا خدا حافظ
ساحل کی قسم، منت طوفان نہ کریں گے۔

نہ تیر کمان میں ہے نہ صیاد کمین میں
گوشی میں قفس کی مجھے آرام بہت ہے
(غالب)

ان دلربا موسم ۾ دوستن کي فارسي جا کجھ شعر ٻڌائڻ کان اڳ مان کين ٻڌايو تہ رودکي فارسي جو مشھور شاعر ٿي گذريو آھي، ڇيو وڃي ٿو تہ رودکي ٻہ يوناني شاعر ھومر جيان انڌو ھو رودکي حد درجي جو حسن پرست ھو (انڌو حسن پرست پھريون دفعو ٻڌو آھي)، خاص ڪري سھڻن ڇوڪرن تي جڙ فدا ھو سندس موت ٻہ خوبصورت ھڻن سان ٿيو کنھن ڳاڙھن ڳٽن واري ڳيرو کيس پيٽ ۾ خنجر ھڻي ماري وڌو ھو.

مان رسول بخش پليجو جي ڪتاب (انڈا اونڈا ويج" مان ياد ڪيل کجھ شعر کين ٻڌايا.

دقيقي چار خصلتہ برگزيدہ است
بگيتي از ھما لب يا قوت رنگ و نالہ چنگ
مئي خون رنگ و کيش زر دشتي
(رودکي)

رودکي جي خيال مطابق دنيا ۾ جيڪي ٻہ شيون خلقيون ويون آھن، انھن سيني مان صرف چار شيون افضل آھن، سڀ کان پھرين محبوب جا چپ يا قوت جيان لعل ھجن، ان سان گڏ چنگ جو سريلو آواز ھجي، ٽيون شراب جو رنگ رت جھڙو ڳاڙھو ھجي ۽ ماٺھو جو مذھب زردشتي ھجي (زردشتي (باھہ جا پوجاري) مذھب ۾ شراب پيئڻ حلال آھي.)

مان دوستن کي پنھنجي پسند جو رودکي جو ھڪ ٻيو شعر ٻہ ٻڌايو.

دشوار نمائي رخ و دشوار دھي بوس
آسان بربائي دل و آسان ٻہ بر جان

"ھن شعر ۾ رودکي پنھجي محبوب کي ميار ڏيندي چئي ٿو "تون مون کي منھن ڏيکارڻ ۽ چمي ڏيڻ مھل کيڏو نہ تنگ ٿو ڪرين پر تو لاءِ منھن جي دل ۽ جان کيڏڻ کيترو نہ سولو ڪم آھي."

واقعي اها حقيقت آهي تہ اسان جھڙن دل ڇينڪ عاشقن کي محبوب کان پھرين چمي ونڻ مھل ڪيترو نہ صبر، خوشامد، هيلن بھانن ۽ اندیشن سان منھن ڏيڻو ٿو پئي.

□

01 سيپٽمبر 1976
دهشتگردن جو حملو

صبح جي سهائي بعد حوض ڪناري پاٽي ۾ پير پسائي ابوالڪلام آزاد جو لکيل ڪتاب "شهداءِ ڪربلا" پڙهڻ ويٺس. آخر سنان پاٽي ڪري گدامڙي جي وڻ هيٺان ڪچهري ۾ مگن، دوستن جي محفل ۾ اچي ڪلهو هيون، اسان ان جهڙالي موسم ۾ٿڙا ماشا ۾ مشغول هئاسين ته ماڙي تان ملاقات جو نياپو مليو اڄ ملڻ لاءِ ويهه پنجويهه شاگردن جو جڙ گلدستو آيل هو.

انهن ۾ مالڪ ڏنو شيخ، بشير احمد شاهاڻي، سرفراز احمد جلباڻي، خالد ميمڻ، اشرف کهاوڙ خير محمد سولنگي ۽ بيا ڪيترائي مهربان دوست هئا.

مالڪ ڏنو شيخ منهنجي فلاسفر دوست جو لاڙڪاڻي سان تعلق آهي، ٻهرين سال ۾ منهنجو روم ميٽ هو. هاڻي ٻئي سال ۾ منهنجو هم ڪلاسي آهي، هميشه پنهنجي ڏن ۾ رهندڙ مثبت سوچ ۽ ذهانت جو مالڪ آهي. هڪ پورهيت جو پٽ هئڻ ڪري پنهنجي محنت جو ڦل ڪائي ٿو.پڙهائي ۾ چڱن کان چڱو آهي. جيئي سنڌ جي همدردن ۾ سندس شمار آهي.

بشير احمد شاهاڻي جو تعلق به لاڙڪاڻي سان آهي، هن وقت سنڌ يونيورسٽي جي آرٽس فيڪلٽي ۾ پڙهي ٿو. تمام سچو مخلص ۽ سنگت لاءِ سر ڏيندڙ يارڙو آهي. منهنجي پائرن اخلاق انصاري ۽ اسحاق انصاري جو پٽ گهُٽ گهُرو آهي. ڪٽر قوم پرست ۽ سائين جي.ايم. سيد جو فدائي آهي.

سرفراز احمد جلباٹي جو واسطو مسو ديري جي جلباٹي خاندان سان آهي، سندس والد علي اڪبر جلباٹي علي ڳڙهه جو پڙهيل ۽ نامور وڪيل آهي، هن جي وڏي پاءُ ضيا احمد جلباٹي جو به شمار لاڙڪاٹي جي سڀن وڪيلن ۾ آهي. نفيس جسم جو مالڪ سرفراز جلباٹي پهرين ڏينهن کان انجنيئرنگ ڪاليج ۾ منهنجو روم پارٽنر آهي، ڪاليج جي شاگردن ۾ اهو مثال آهي ته اسان ٻنهي جو ٻٽو (Valet) هڪڙو هوندو آهي، ڪڏهن به حساب نه ڪيو آهي، اسان ٻنهي مان جيڪو به شهر ويندو آهي ٻٽو کٽي ويندو آهي، بهرحال مان يار ويس هئڻ ڪري وڌيڪ خرچائو آهيان، يار درگذر ڪندو آهي، سرفراز جلباٹي جا مون تي ڪيترائي ٿورا آهن.

خير محمد سولنگي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ اسان کان سال ۾ سينيئر آهي، حبيب الله ڪابورو جو سڀ دوست هئڻ ڪري، اسان جڏهن به ڄامشورو ايندا آهيون ته اڪثر هن جي ڪمري ۾ رهندا آهيون، سلطان احمد ٻوگر ۽ الطاف چانڊيو هن سان گڏ هوندا آهن، هي دادو واسي ڪچهري جو ڪوڏيو ۽ ڪلٽو مڙس آهي، جيئي سنڌ جو سرگرم ڪارڪن آهي.

اشرف کهاوڙ جيئي سنڌ جو متحرڪ ڪارڪن آهي، سنجيده طبعيت هئڻ ڪري دوستن ۾ ڪافي مقبول آهي، بردبار شخصيت هئڻ ڪري سڀ ساٿي سندس احترام ڪندا آهن.

خالد ميمڻ، اسان کان سال ۾ سينيئر آهن، حبيب الله ڪابوري سان سڀني دوستي اٿس، پڙهاکو هئڻ سان گڏ ڪاليج ۾ بين سرگرمين ۾ به حصو وٺندو آهي، هون به دادو وارن جو پاڙ ۾ رک رکاءُ ۽ ٻڌي مشهور آهي.

هت جيل ۾ هر قيدي جو مڪمل رڪارڊ رکيو ويندو آهي، ماڙي تان ڪجهه عملو اسان وٽ به آيو جن اسان جو اتو پتو قد بت، بدن تي سڃاڻپ جا نشان ۽ وزن وغيره رڪارڊ ڪيو. اڄ منهنجو وزن 165 پائونڊ ٻيٺو جيڪو گرفتاري کان اڳ 174 پائونڊ هو. معني جيل ڪجهه ڏينهن ۾ 9 پائونڊ ڪائي ويو آهي.

ماڙي جي عملي پاڙ سان جيڪو رجسٽر آندو هو ان ۾ ڏٺوسين ته نوابشاهه پوليس اسان جي هنن قلمن تحت گرفتاري ڏيکاري آهي.

307, 324, 148, 149, ppc-13 arms act.

ڪجهہ ڏينهن اڳ ملاقات دوران ڪاليج جي هڪ همراهہ وري تصديق ڪئي تہ اسان واري جهيڙي جي خبر بي بي سي تان پڻ نشر ٿي آهي. هن جي چوڻ مطابق خبرن جي سُرخي هئي تہ "انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهہ ۾ دهشتت پسندن حملو ڪري حڪومت جي ڪن حامين کي زخمي ۽ ٻين کي هاسٽل مان پڃائي ڇڏيو." اها خبر جي صحيح آهي تہ پوءِ پيپلا اسان سان گهت نہ ڪندا.

مون سان گڏ هن کولي ۾ هڪ ٻي مخلوق بہ رهي ٿي، جيڪا ڏينهن جي روشني ۾ تہ جنن جيان غائب هوندي آهي پر اوندهہ ٿيندي ئي کولي ۾ داخل ٿيندي آهي. اها ماڪوڙن جي وڏي سياهہ پوش فوج کولي ۾ پهچي فرش تي جنگي جوڙن جيان ڊوڙون پائي جنگ جي تياري ڪندي آهي. پوءِ مون کي اڪيلو سمهيل ڏسي چئني پاسن کان مون تي حملي آور ٿيندي آهي. مان بہ بسکوٽن جا ڏٻا ڦاڙي انهن جا پاڻا هٿيار طور استعمال ڪندو آهيان. کين پاڻن جي مدد سان پري اڇلينڊو آهيان. ماڪوڙا پري ڪرڻ ۽ زخمي ٿيڻ بعد ويتر ڏند ڪرٽيندي مون ڏي ڪاهہ ڪندا آهن.

مان جڏهن اڪيلو ماڪوڙن جي لشڪر جو مقابلو ڪري نہ سگهندو آهيان تہ پاڙائپ جو مظاهرو ڪري مورچي ۾ لڪڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. هت منهنجو مورچو بستري جي چادر آهي، جنهن کي زرهہ بکتر جيان جسم تي ايتري احتياط سان ويڙهيندو آهيان جو هوا جو زرو بہ اندر نہ ايندو آهي. تنهن هوندي بہ ڪو گوريلو اندر گهڙي ساڙي رکندو آهي.

مان بہ کيس اڪيلو ڏسي اهڙي چيپٽ ڏينڊو آهيان جو ڏاڍا نڪري ويندا اٽس. هن جو لاش جڏهن ٻاهر ڦٽو ڪندو آهيان تہ سندس ٻيا ساٿي هن جو بي ڪفن لاش ڏسي سندس مڙهہ ڪلهي تي رکي روئيندا پٽيندا روانا ٿي ويندا آهن.

□

2 سيپٽمبر 1976
دوستي روحن جي شادي آهي

رات ڪافي دير تائين برسات جا تاڙها هئا. منهنجي اکين ۾ سوير کان ننڊ ليڪا پائي رهي هئي. ان ڪري هلندڙ بارش ۾ پوسريل فرش تي هڪ ڪنڊ کان ونڊي ٻي ڪنڊ تائين سمهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو رهيس. بارش بند ٿيڻ بعد وري مچر ۽ جيت بلب جي روشني تي اچي مچريا جن جسم جي کل ادیڙي چڏي. آخر اسر ويلي مولوين جڏهن لائوڊ جا منهن کوليا ان بعد اک لڳي.

صبح جو ايجا ننڊ جي خمارن ۾ هيس تہ ڇُنو در کولڻ سان ئي اها بري خبر ڏني تہ صوبيدار صاحب جو حڪم آهي تہ اسان جي کولين پويان جيڪي کوليون آهن. ان طرف نہ ويججو اتي رات جو هڪ خطرناڪ قيدي بند ڪيو اٿن. هو ڪورٽ مان ڦاسي جي سزا کائي آيو آهي. هن جي نظرداري لاءِ هڪ خاص سنتري بہ بيهاريو ويو آهي.

هونءَ بہ مان صبح سان ئي ان مسڪين قيدي جي مظلوميت ڏسڻ نہ پيو چاهيان. جنهن ويچاري کي الائي ڪهڙي ڏوهہ تحت قرباني جو ٻڪرو بڻايو ويو هو. مان دستور مطابق پاڻي جي حوض ڪناري گلن جي خوشبو جو واس ونڊڻ لڳس. ان دوران غلام رسول کوسو ۽ ڪاڻياڙ ان ڦاسي جي سزا کائيندڙ همراهہ سان ڪچهري ڪري آيا. همراهہ جو نالو مجن آهي. غلام رسول ٻڌايو تہ مان هن کان سوال ڪيو تہ "ڦاسي جي سزا جو ٻڌي چا ٿو محسوس ڪرين" مجن ٻڌايو تہ "ڦاسي جي سزا جي مون کي ڪابہ پرواهہ نہ آهي. البت هڪ دل گهريو دوست ڏاڍو ٿو ياد اچي."

ٿوري دير کانپوءِ هن ننڍڙي عمر جي چوڪرات کي هٿ ڪڙيو ۽ ڏنڊا ٻيڙيون هٽي، اسان جي سامهون ئي خيرپور جيل منتقل ڪرڻ لاءِ وٺي ويا.

غازي شاهه جيڪو ويچارو ڪافي ڏينهن کان اسان جي وارڊ ۾ پوين کولين ۾ بند آهي، يار جو ڏهني توازن ٺيڪ نه هئڻ ڪري چوويهه ڪلاڪ رڙيون ۽ گارگند ڪندو ٿو رهي، ڪيترا دفعا پاڻي پيئڻ جو مَٽُ پڇي ٺڪر پاڻ وٽ گڏ ڪري رکيا اٿس ته جيڪو به ويجهو آيو ان جو منٿو قاڙيندس. خاص ڪري جيل وارن تي ڏاڍو ڏمريل آهي، ڪڏهن اسان کي به مڙس ماٺهو ٽيڙ جي هدايت ڪندو آهي، ته اچو جيل وارن سان وڙهون، اها ٻي ڳالهه آهي ته هن جي رڙين اسان کي به پريشان ڪري ڇڏيو آهي.

اڄ شاهه کي پهريائين هڪ سپاهي اچي اها خوشخبري ڏئي ويو ته جلد تيار ٿي توکي سکر جيل ٿا موڪليون، ڪيس ماڙي کان سلوار ۽ بوٽ وغيره به آڻي ڏنائون، همراهه جلد تيار ٿي اسان سيني کان موڪلائي، خوش خوش وارڊ مان نڪري ويو. ٿوري دير بعد ڏٺوسين ته ساڳيو سپاهي شاهه جي سلوار ۽ بوٽ واپس ڪيون پي آيو سپاهي ٻٽيهي ڏيڪاريندي چيو "همراهه کي چرين واري وارڊ ۾ ڦٽي ڪري آيا آهيون."

اڄ دوستن وري حجم کي گهرايو ڪن ڏاڙهي ٽپرائي ته ڪن وارن کي هٿرو هٽايو، مون ڏاڙهي رکڻ جي خيال کان صرف خط ٽپرايا.

حجم ڪچهري دوران پنهنجو نالو غلام سرور ٻڌايو هن جو تعلق لالو روئنڪ سان آهي، مون کي ياد ٿو اچي ته بابا سائين جڏهن وارهه ۾ مختيارڪار هو ۽ اسان پڙهائي جي خيال کان لاڙڪاڻي ۾ رهندا هئاسين ته اڪثر موڪلن وارن ڏينهن ۾ بس ۾ چڙهي وارهه ويندا هئاسين، رستي ۾ بس ڪلاڪ اڌ وڳڙ ۽ لالو روئنڪ وٽ اسٽاپ ڪندي هئي. مطلب ته لاڙڪاڻي کان وارهه پهچندي اڌ ڏينهن لڳي ويندو هو.

غلام سرور پنهنجي باري ۾ ٻڌايو ته چوڪراڻي وهي ۾ هن پنهنجي وڏي ياءُ سان گڏ چار خون ڪيا هئا، ٻنهي پائرن کي قاسي جي سزا آئي هئي پر پوءِ عمر قيد ۾ تبديل ٿي، هن حجامڪو ڪم به جيل ۾ سکيو آهي.

هو منهنجي ڪافي دوستن کي سڃاڻي پيو خاص ڪري لالو روئنڪ سان تعلق رکندڙ غلام شبير پيچوهو ۽ عزيز الله پيچوهو. غلام شبير پيچوهو لاهوري محلي لاڙڪاڻي ۾ اسان جو پاڙيسري آهي، هي ٻہ ٽي سوٽ ماسات ڏاڏي علي اڪبر پيچوهو جي جاءِ ۾ رهن ٿا. پيپلز پارٽي سان تعلق رکندڙ علي اڪبر پيچوهو جو لاڙڪاڻي ۾ مهراڻ هوٽل آهي، مهراڻ هوٽل واري هنڊ پهريان شاگردن جي هاسٽل هئي، جتي ڪاليج ۾ پڙهندڙ دوستن سان اڪثر اسان ملڻ ويندا هئاسين. غلام شبير انجنيئرنگ ڪاليج جامشورو ۾ پڙهي ٿو هن جي رضا کهاوڙ ۽ مختيار چنا سان ٻہ سني دوستي آهي، هڪ دفعو هو نوابشاهہ هاسٽل ڪمري تي آيا، ان وقت گرمي ڪري مان قميص لاهيو وينو هئس، هي منهنجي ورزشي جسم ڏسي حيران ٿي ويا هئا. ان وقت بادي بلڊنگ ۽ ويٽ ٽريننگ ڪري منهنجو ڏاڏو وٽندڙ جسم هو.

عزيز الله پيچوهو ٻہ شبير پيچوهو سان گڏ لاهوري محلي ۾ رهي ٿو اسان سان گڏ ڪرڪيٽ کيڏندو آهي، يار کل مک ۽ حرڪتي آهي، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي جو شاگرد آهي. غلام سرور ڪچهري دوران ڏکارو ٿيندي احوال ڪيو تہ جڏهن پيپلز پارٽي جو عبدالوحيد ڪٽپر جيل جو وزير هو 127 قيدن کي معافي ڏئي آزاد ڪيو ويو هو ان ڪري هي ٻہ آزاد ٿي ويو پر پوءِ الائي ڇو کين وري ڳولهان گرفتار ڪري آيا آهن.

جيئن تہ حجامڪو ڪم ڪندڙ غلام سرور بدين اُوپن جيل ۾ ڪافي سال گهاري آيو هو هو ويجهڙ ۾ اتان ئي آزاد ٿيو هو ان ڪري هن بدين اُوپن جيل جي وڏي تعريف ڪئي تہ بدين جيل ڪيڏ ڪان ڪجهہ ڪلوميٽرن تي هڪ ڪليل جيل آهي، جتي نہ ڪوٽ نہ ڪڙا ۽ قلف آهن، شروعات ۾ جيڪو ٻہ نئون قيدي بدين جيل موڪليو ويندو آهي، ان کي قرآن شريف تي هٿ رکائي جيل مان نہ پڇڻ جو قسم ورتو ويندو آهي، ان ڪري جيل ۾ هو وڏي آزادي سان گهمي ڦري سگهندو آهي، گهٽا قيدي تہ ڳولهان پهنجا پار پڇا گهرائي باقاعده گهرڙا ٺاهي رهندا آهن، هو پنهنجي ماني ٽڪي ٻہ پاڻ ڪن، ڪن قيدين تہ کير مکڙ لاءِ ڳئون مينهون ٻہ پالي رکيون آهن. اتي ريڊيو ٽيپ رکارڊ، ٽي

وي وغيره رکڻ جي ڪلي ڇوٽ آهي. اوپن جيل پرسان خاصخيلين ۽ چانگن جا ڳوٺڙا به آهن.

انهن سيني سهولتن جي بدلي ۾ حڪومت باندين کان صرف ٻني ٻارو ڪرائيندي آهي، هي به هزار ايڪڙن تي ڦهليل ٽکرو ڏاڍو آباد ۽ سرسبز آهي، هن علاقي ۾ ڪمند ڪافي پوکجي ٿو جيڪو مختلف شگرملن ڏي موڪليو ويندو آهي، هي زمين گڙهو مائنر تي آباد ٿي، جيڪا سنڌو مان نڪرندڙ اڪرم واهه جي قامينہ شاخ مان نڪري ٿي. مطلب تہ اوپن جيل جڙ هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو آهي، ان ڪري هر قيدي جي اها خواهش هوندي آهي تہ ڪيس بدين اوپن جيل موڪليو وڃي، غلام رسول جون ڳالهيون ٻڌي مون کي اهو جيل ڏسڻ جو شوق جاڳيو آهي، خيال آهي تہ آزاد ٿيڻ بعد ان جيل جو چڪر ضرور هڻبو.

ڪاليج ۾ اسان جي گذريل جهيڙي ۽ فائرنگ دوران بندوق جي ڪارتوس جو هڪ ڇرو رسول بخش ٽيهو جي نڙي وٽ لڳو هو جيڪو نياڳو اڃا تائين اتي اٽڪيو پيو هو اڄ رسول بخش ٽيهي سول اسپتال وڃي آپريشن ذريعي اهو ڇرو ڪيرائي آيو هن ٻڌايو تہ اسپتال ۾ سندس ملاقات اخلاق احمد سان به ٿي هئي، اخلاق احمد اسان سان انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهہ ۾ پڙهندو آهي، اسان جي جهيڙي دوران اتفاق سان الائي ڪنهن جي رائفل جي گولي هن اردو ڳالهائيندڙ شاگرد جي ساڄي ٻانهہ جي ڏوري ۾ لڳي هئي. رسول بخش ٽيهي افسوس ڪندي ٻڌايو تہ اخلاق احمد جي ڏوري جي ڪا رڳ ڪٽجڻ ڪري سندس سڪل ٻانهن ڪنهن وڻ جي ٽڪل ٽاري جيان هيٺ لڙڪي ٿي، ويچارو ان کي چوري پوري به نٿو سگهي، اها ڳالهہ ٻڌي سيني دوستن کي ڏاڍو افسوس ٿيو. واقعي جيئن چوندا آهن، "وڻهن سَانَ لتاڙجن ٻوڙا" اسان جي جهيڙي ۾ خوامخواهہ هڪ شريف شاگرد معذور ٿي ويو.

مان ارادو ڪيو آهي تہ جيل مان نڪرڻ بعد شاگردن، دوستن ۽ سرندي وارن کان چندو ڪري هن جو علاج ٻاهرين ملڪ مان به ڪرائيبو.

واردِ ۾ به پهري دوران وينا ڪچهري ڪري رهيا هئاسين تہ ماڙي تان ملاقات لاءِ سڏ آيو. اتي پهتاسين، دلاور حسين ميمڻ، عبدالمجيد

بھلکاڻي، مالڪ ڏنو شيخ، ذاڪر لغاري ۽ عبدالستار ڪورائي جا پائر بہ ملاقات لاءِ منتظر ھئا.

عبدالمجيد بھلکاڻي اسان کان سال جونيئر نوابشاھ انجنيئرنگ ڪاليج جو شاگرد آھي، جيڪب آباد جو ھي بلوچ، سنڌي بہ ھروچڪي ۽ ڳالھائيندو آھي، يار سدو سادو چوويھہ ڪلاڪ مرڻ ۽ مارڻ لاءِ تيار ھوندو آھي، سندس سچائي ۽ سادگي کي ڪنھن سان پيٽي نٽو سگھجي، جيئي سنڌ جو مخلص ڪارڪن آھي.

دلاور حسنين ميمڻ جا وڏا نوشھروفيروز جا سيٽ سڏيا ويندا آھن، سندس والد غلام شبير ترابي ھڪ نامياروڪيل ۽ ادبي ذوق رکندڙ شخص آھي، سندس پائر بنده علي پاشا، ڊاڪٽر انجم ۽ انيس ميڻ بہ واھہ جا يار ويس آھن.

دلاور جي اڄ جيل ۾ پھرين دفعو ملاقات ھئي، حالانڪ ٻاھر ھو مون سان چوويھہ ڪلاڪ گڏ ھوندو ھو ھت اسان جو وڏيل ڏاڙھيون، ميرا ڪپڙا ۽ خوراڪ جي ڪمي ڪري بگڙيل صحت ڏسي يار جي اکين ۾ جڙ پاڻي اچي ويو ھون بہ دلاور حسنين نھايت ئي وفادار ۽ قابل فخر دوست آھي، بھرحال دل گھري دوست سان ڪافي دير ڪچھري بعد جڙ ٻنھي جي روحن کي راحت ملي ۽ دل باغ و بھار ٿي وئي.

اڄ اڪ ڪلڙ سان ئي منحوس خبرون ٻڌڻ ۾ آيون، ھڪ صبح جو سوير ئي ھڪ ڦاسي جي سزا ڪاڏل نوجوان جو اسان جي وارڊ ۾ اچڻ، ٻيو اسان جي فائرنگ ۾ ھڪ مسڪين شاگرد اخلاق احمد جي ٻانھن ضايع ٿيڻ جي خبر، اھڙين روح روڙيندڙ ڳالھين ڪري سارو ڏينھن اداس گذريو شام جو ڪولي بند ٿيڻ بعد بہ من تي مونجھارو ڇانيل رھيو.

اھڙي اداس ماحول ۾ مون سان گڏ منھنجي ڪولي ۾ رھندڙ جھرڪين جي 'جوڙي' بہ الائي ڇو اچڻ ۾ دير ڪئي آھي، ڪولي جي ڇت ۾ ھڪ جھرڪ ۽ جھرڪي آڪيرو جوڙي رکيو آھي، ينيرڪي ويلي ئي آڪيري ۾ ھنن جي چرپر ۽ چين چين... جو آواز ڪن پوندو آھي، ان بعد ھو چوڪي لاءِ ڪليل فضا ۾ پرڙا ھڙڻ ھليا ويندا آھن، شام جو جڏھن اسان کي ڪولي ۾ واڙيندا آھن تہ ھي جوڙو بہ ٽينگ ٽپا ڏيندو

اچي روشندان تي ويهندو آهي. ڪجھ دير پاڻ ۾ من مستيون ڪري وڃي آکيري ۾ آرامي ٿيندا آهن.

اڄ الائي ڇو هنن به اڇڻ ۾ ايڏي دير ڪئي، مان ڇڻ ڪنهن گھريائتي جيان هنن جو انتظار ڪري رهيو آهيان تہ هو اچن تہ پوءِ چيلھ سڏي ڪيان، رکي رکي اهو الڪو به ٿئي ٿو تہ طوفاني هوا ۽ تيز بارش ڪٽي جيتامڻ کي ڏکي نہ وڏو هجي يا ڪنهن باز کين جھٽي نہ ورتو هجي. اهڙي آند ماند ۾ ويٺو هئس تہ هو پوليندا اچي روشندان تي ويٺا، هنن کي ڏسي هڪ ڏگھو اطمينان وارو ساھ ڀري آهلجي پيس.

ننڍ جيستائين اکين ۾ آکيرو ڪري منهنجي سامهون ان نوجوان جو چھرو ڦرڻ لڳو جنهن کي سولي چاڙھڻ جي سزا ملي هئي، خاص ڪري ان جا هي لفظ تہ "مون کي ڦاسي جي پرواھ نہ آهي، پر هڪ دلبر دوست ٿو ياد اچي" سوچان ٿو اها ڪھڑي ڳالھ آهي جو ڪي دوست ايڏا پيارا ٿا ٿين.

ڇا ائين تہ نہ آهي، جيئن ٻار کي ڪاب تڪليف پھچندي آهي تہ ڏوڙندو اچي ماءُ جي هنج ۾ لڪندو آهي. ماءُ جو پيار سندس تڪليف ۾ ڪمي آڻيندو آهي، ساڳي طرح ماڻھو جڏهن وڏو ٿئي ٿو هن کي ڪا پريشاني ٿيندي آهي تہ هو پنهنجي غمگسار دوست سان سلي سکون ماڻيندو آهي. ان ڪري ئي ارسطو چيو آهي.

"A Friend is one Soul in Two bodies"

(دوستي ۾ ڇڻ روح هڪ آهي، پر جسم ٻہ آهن)

اهڙي طرح فرانس جي شهر آفاق فلاسفر والٽيئر چيو آهي.

"Friendship is the marriage of soul"

(دوستي ٻن روحن جي شادي آهي)

سوال آهي تہ ايترن دوستن ۾ صرف ڪي دوست ايترا ويجھا ڇو ٿا ٿين، شايد اهو سڀ خلوص جو ڪمال آهي، دل جي سچائي سان ڪنهن کي چاھڻ ئي خلوص آهي.

انگريزي ۾ چوٽي آهي

"Chances make parents but choices make friends"

واقعي پيءُ ماءُ پاءُ، پيٽ قدرت جا بهترين تحفا آهن. پر دوست انسان پنهنجي پسند سان ٺاهيندو آهي.

اها ئي دوستي سپڪ هوندي آهي، جنهن ۾ خيالن جي هڪجهڙائي هجي.

سنڌي ۾ عام چوٽي آهي وڻ ميوي مان ۽ ماڻهو دوستن مان سڃاتو ويندو آهي. ساڳي طرح انگريزي ۾ آهي ته

"Birds of feather flock together"

اهڙي طرح مان به چاهيندو آهيان ته جيئن هڪ گل دستي ۾ مختلف رنگن جا خوبصورت گل هوندا آهن، هر گل جي پنهنجي سونهن ۽ سرهاڻ هوندي آهي، ائين منهنجا به دوست خوبين جي ڪاڻ هجن، جنهن مان خلوص جي مهڪار پئي اچي.

3 سيپٽمبر 1976ع
پُراسرار راتين جو ذڪر

صبح جو اٺيس تہ بہ اداسي ۽ سستي واري ڪيفيت طاري هئي، حالانڪہ موسم ڏاڍي سٺي آهي، سارو ڏينهن برسات بہ چلولايو ڪندي رهي، مان ڪجهہ گهڙيون پاٽي جي حوض وٽ ويهي پنهنجا ڪپڙا لاهي چُنو ڪي ڏوئڻ لاءِ ڏنا، جيڪي مسلسل ويهن ڏينهن ڪان پائڻ ڪري گپ ٿي ويا هئا، منجهند ڏاري مير علي شير قانع جو ڪتاب "تحفتہ الڪرام" پڙهڻ جي ڪئي پر بہ ٿي ورق ورائڻ بعد ڪتاب ٽيپي رکي ڇڏيو، اهڙي بيچيني واري حالت ۾ هڪ چيني چوٽي ياد اچي وئي، "سڀ کان وڌيڪ دانشمند ماڻهو اهو آهي جيڪو سڀ کان وڌيڪ خوش آهي" واقعي اها حقيقت آهي تہ ماڻهو جيڪا ساري عمر هڙ وٽ ڪري ٿو اها صرف پاڻ کي خوش رکڻ لاءِ ئي ڪري ٿو، دنيا ۾ ڏکيو ڪم ئي پاڻ کي خوش رکڻ آهي.

کولي بند ٽيڙ بعد منجهند جو سُوپي ڪري، نند مون کان ڪوهين ڏور هئي، جيستائين نند مون وٽ پهچي، مان خيالن تي خيالن ۾ دوستن سان ملاقات لاءِ نڪري ويس، هون بہ ڪجهہ ساڻي ضمانت جو آسرو ڏئي ويا هئا، تہ عيد کان اڳ ئي اسان جي ضمانت ٿي ويندي، عيد ۾ باقي وڃي پندرنهن ڏينهن بچيا هئا، اهڙن سپنن ۾ گم هيس تہ وارڊ جو مک دروازو کلڻ جو آواز آيو ۽ ڪجهہ ماڻهن جي قدمن جا آواز پڻ اچڻ لڳا، جيڪي هوريان هوريان اسان جي ڪولين ڏي پيا اچن، خيال آيو تہ شايد ڪي مصيبت جا ماريل نوان قيدي تازي سزا ڪائي آيا آهن، پرهي همراهہ تہ سڏو اسان جي ڪولين سامهون اچي بيهي رهيا، انهن مان هڪ همراهہ ٽارچ جي روشني ۾ هڪ ڪاغذ تي لکيل

نالا پڑھڻ شروع ڪيا. نديم عباسي، غلام رسول ڪوسو رسول بخش ٽيپو حبيب الله ڪابورو، اشتياق انصاري، انهن مان ڪي دوست ته ننڍ پيا هئا، جن جي دروازي جي شيخن کي ڏڪ هٽي کين اڌاريو ويو. اسان جاڳيل پنهنجا نالا ٻڌي بسترا چڏي اچي دروازي تي بيناسين. اتي صوبيدار ۽ ڪجهه سپاهي بيٺا هئا، جن چيو تيار ٿي ٻاهر اچو. اسان کي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته اوچتو هي اڌ رات جو اسان کي ڪاڏي ٿا وڃي ويجن.

اتي ڪنهن دوست چيو اڄ اسان جو آخري ڏينهن آهي، پوليس اسان کي مقابلي ۾ ماري Encounter ڏيکاريندي، هون ٻه اسان جي پوليس اهڙن جڙتو مقابلن ڪري بدنام آهي، هڪ ٻي ساڻي جو خيال هو. اسان کي کولين مان ڪيڏي ٽارچر سيل ٿا وڃي ويجن، ڇو جو جيل کي شام ڏاري سيل ڪري چڏبو آهي، سج لٿي کان پوءِ ڪوبه قيدي سينٽرل جيل کان نه ٻاهر ڪيبو آهي نه ئي اندر آڻبو آهي. اسان پريشان ته هي اوچتو ڪهلي وقت اسان کي ڪاڏي ٿا گهلي وڃن، بهرحال اسان تيار ٿي ماڙي ڏي روانه ٿياسين. اسان وارڊ چڏڻ مهل صرف عبدالستار ڪورائي کان موڪلايو هو در جي سيخن ۾ هٿ وجهيو اسان کي ويندو ڏسي رهيو هو. ذاڪر لغاري ننڍ ۾ هڻڻ ڪري اسان کيس اڌارڻ مناسب نه سمجهيو.

ماڙي تي پهتاسين، اتي هڪ ڪلرڪ ليٽر ٽائپ ڪري رهيو هو مان اهو ليٽر پڑھڻ جي ڪوشش ڪئي، ليٽر جو مفهوم ڪجهه هيئن هو ته 4 سيپٽمبر 1976ع تي اسان پنجن جڻن کي اسپيشل ٽريبيونل ڪراچي ۾ پيش ڪيو ويندو اسان کي ڪراچي وڃي ويجڻ لاءِ نوابشاهه کان صوبيدار غلام حسين جتوئي آيل هو. ڪلرڪ خط پوري ڪري اندر وڃي ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ کان صحيح ڪرائي آيو. اسان آفيس کان نڪري جيل جي وڏي دروازي وٽ پهتاسين ته اتي اسان جي انتظار ۾ صوبيدار ۽ ڪجهه سپاهي بيٺا هئا. ڪلرڪ ليٽر سان گڏ اسان قيدين کي ٻه نواب شاهه کان آيل پوليس حوالي ڪيو.

اتي منهنجي نظر ماڙي تي لڳل هڪ قد آور آئيني تي پئي، اسان جڏهن کان جيل ۾ آهيون، پنهنجي شڪل آئيني ۾ نه ڏٺي هئي، ان

ڪري وڏي تجسس سان اڇي آئيني جي سامهون بيٺس، سامهون پنهنجي شڪل ڏسي حالي ته ڇرڪ نڪري ويو. مون ڪافي ڏينهن کان ڏاڙهي نه ڪوڙي هئي. ان ڪري پي ترتيب تڙيل پکڙيل ڏاڙهي ۽ مٿي جا وکريل وار ڏسي پاڻ کي گدو بندر جو پاڳل سمجهڻ لڳس. وري جڏهن آئيني مٿان ڳاڙهي اکرن ۾ "ڪيا مين قابل عزت هون" پڙهيم ته ڇڙ مزو نه آيو. ان دوران اتي آيل هڪ سپاهي هٿ ڪڙيون کڻي اسان ڏي وڌيو. هن نديم عباسي ۽ حبيب الله کابوري کي هڪ ڪڙي ۾ بند ڪيو. رسول بخش ٽيبو ۽ غلام رسول کوسي کي پي هٿڪري هيائين. باقي مان اڪيلو بچيس. مون کي به سپاهي هڪ هٿ ۾ ڪڙي هڻڻ بعد جڏهن هن پي هٿ ۾ به ڪڙي هڻڻ چاهي ته مون اعتراض ڪيو. سپاهي مجبوري ڏيکاري ته مون سامهون بيٺل صوبيدار کي پڙ چيو. صوبيدار تي به ڇڙ منهنجي احتجاج جو اثر نه ٽيو. نيٺ مون کي پنهي هٿن ۾ ڪڙيون هڻي سوگهو ڪيو ويو. حالانڪ پوليس کي خبر هئي ته سپ انجنيئرنگ ڪاليج جا شاگرد آهن. ڪي عادي ڏوهاري نه آهن، پر هو ڪا رعايت ڏيڻ لاءِ تيار نه هئا.

اسان جيل کان ٻاهر نڪتاسين ته پوليس جو هڪ وڏو ڪليل ٽرڪ بيٺو هو. ٽرڪ کي ڏکي استارٽ هو. ان ڪري سيني گڏجي هن کي ڏکو ڏئي استارٽ ڪيو.

پوليس جي گاڏي جيل جي احاطي مان نڪري جامشورو ڦاٽڪ، سنڌ يونيورسٽي پار ڪري جڏهن سپر هاءِ وي تي چڙهي تڏهن سيني کي پڪ ٿي ته واقعي اسان کي ڪراچي وٺي ٿا وڃن. نه ته پوليس اڪثر غلط بياني کان ڪم وٺندي آهي. ٻڌائيندي هڪ ڳالهه آهي پر ڪندي پي آهي. ان وقت رات لڙي چڪي هئي. تازي برسات ڪري ٿڏي هوا لڳي رهي هئي. ڪليل ٽرڪ ۾ سيءَ کان بچڻ لاءِ اسان چادرون ڪڍي پاڻ کي ويڙهي ڇڏيون.

ٽرڪ ۾ منهنجي پرسان هڪڙو سپاهي پوليس، وردي ۾ هٿ ۾ رائفل کنيو ويٺو هو. هن سپاهي کي ڏسي مون کي ياد آيو ته ڪنهن زماني ۾ مان به هن سپاهي جيان ائين ڪليل ٽرڪ ۾ فوجي وردي پايون رائفل کنيون ويٺو هوندو هيس. 1970ع ۾ حڪومت نيشنل سروس

اسڪيم شروع ڪئي ته ٻين دوستن سان گڏ مان به فوج ۾ پرتي ٿي ٽريننگ لاءِ ويو هئس. اسان کوئيٽا چانوٽي ۾ 2 انجنيئرنگ بٽالين ۾ ٽريننگ ونڊي رهيا هئاسين ته پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ جنگ شروع ٿي وئي. اسان جي بٽالين کي پهريان فاضلڪا سيڪٽر موڪليو ويو ان بعد ڪجهه ڏينهن رحيم يار خان باردر تي رهي آخر ۾ اسان جي بٽالين راجستان سيڪٽر تي آئي.

راجستان جي محاظ تي آرمي سپلاءِ ڪور جا ٽرڪ هر روز رات جو سامان سان ستجي محاذ تي وڙهندڙ فوجن جي هر يونٽ کي کاڌي پيتي جو سامان ڏيڻ ايندا هئا. "آرمي سپلاءِ ڪور" جو واڪي ٽاڪي ذريعي هر يونٽ سان رابطو هوندو هو. پوءِ رات جي اونداهي ۾ لڪ ڇپ ۾ مقرر جاءِ تي پهچي هر يونٽ پنهنجي حصي جو سامان ونڊي واپس ورندو هو.

اسان جي يونٽ جو ڪوارٽر ماسٽر به روزانو رات جو ٽرڪ کاهي آرمي سپلاءِ ڪور کان پنهنجي خوراڪ وغيره جو سامان وٺڻ ويندو هو آرمي ۾ ڪوارٽر ماسٽر، سپاهين کي سازو سامان ڏيڻ وٺڻ جو انچارج هوندو آهي.

ڪوارٽر ماسٽر سامان وٺڻ مهل مدد لاءِ اسان جي يونٽ مان هڪ به چوڪرو به ساڻ وٺي ويندو هو هو بدتميز بدزبان ۽ طبيعت جو ڪُورو هئڻ ڪري ڪوبہ چوڪرو هن سان وڃڻ نه چاهيندو هو.

هن جي بدزباني جا قصا ٻڌي مان به هن سان گڏ وڃڻ کان ڪترائيندو هئس پر هڪ ڏينهن اسان جي انچارج زوري مون کي هن سان گڏ وڃڻ لاءِ چيو مان پنهنجي ڪمپني ۾ آرڊو ۽ جهيڙاڪر مشهور هئس، خاص ڪري ڪوبہ سينيئر يا ٽريننگ ڏيندڙ انسٽرڪٽر مون سان تيز ڳالهائيندو هو يا بدتميزي ڪندو هو ته مان به اٽڪي پوندو هو مانس، ان ڪري سزائون به ڏاڍيون کاڌيون، هڪ اڌ دفعو "بيلٽ اريسٽ" جون، دهمڪيون مليون، ان ڪري يونٽ ۾ مان ٽڪ مشهور هئس، مون سان اهڙن ڏڻ ۾ لاڙڪاڻي جو ننديڙ جو دوست شڪيل شاهه به وڏو ساٿ ڏيندو هو.

ان ڏينهن منهنجو ڪوارٽر ماسٽر سان گڏ وڃڻ جو ڪٽُونڪتو تہ سڀ دوست پريشان هئا تہ اڄ وڏو گند ٿيندو. هڪ طرف ڪوارٽر ماسٽر جي هلڪڙائپ ٻي طرف منهنجي عدم برداشت ۽ ٽرڙائپ.

اسان يونٽ مان روانہ ٿياسين تہ منهنجا دوست کل ۾ ٻُڌا پيا هئا تہ اڄ اشتياق واهہ جو ڄاڻو آهي، گاڏي ايجا ٽورو هلي تہ مان هروپرو ڪوارٽر ماسٽر سان سُر ملائڻ شروع ڪيو مون کي اها خبر هئي تہ ڪوارٽر ماسٽر پنهنجي دور جو سنئو ائٽليٽ هو خاص ڪري هيمر ٽرو جو چيمپئن رهيو آهي. جيئن تہ مان بہ پنهنجي اسڪول ۽ ڪاليج جو سنئو ائٽليٽ هئس، خاص ڪري "شارٽ ريس" ۽ "ٽروز" ۾ چگڙو هئس. مان هن سان ايجا ائٽليٽ جو ذڪر ڪيو مس تہ يار بہ جڻ ڪو ٻاڙيو وينو هو اها جڻ سنڊس ڪمزوري هئي. پوءِ تہ پوڙهو اچي پنهنجي تعريف ۾ ڇڏو "مان وڏو ڪيڏاري مان ڦلاڻي مقابلي ۾ هيڙا ڦاڙا ماريا... مان هن هنڊ تي هيترو هيمر اڇليو. مان.... هي ميڊل ڪٽيو... ڪور ڪمانڊر پنهنجي هٿن سان ڪپ ڏنو..." مطلب تہ ٽنگن ڦريل ڪوارٽر ماسٽر ساري وات گگهو ڀاڙيندو رهيو مون کي ڀالهائڻ جو موقعو ئي نہ ڏنائين. اهڙي نموني همراهہ جا ڏاڙا ڏشا ٻڌندو اچي هڪ ڪليل ريگستان ۾ پهتاسين، جتي جڻ جانورن جيان ٽرڪن جي پڙي لڳي پئي هئي، فوجي سياڻپ ڪري سارو سامان پرائيوٽ ٽرڪن ۾ آڻيندا هئا. جيئن دشمن جا هوائي جهاز شهري آبادي ۽ شهري ٽرڪن تي حملو نہ ڪن. ڪا ٽرڪ اتي جي ڳوٺين سان پريل هئي تہ ڪا چانورن سان، ڪنهن ۾ گيهہ جا ڏٻا پيا هئا تہ ڪنهن ۾ ڪنڊ. ڪي گاڏيون سائي پاڇين سان سٽيل هيون تہ ڪن ۾ گوشت لاءِ آندل ٻڪرا ليئا پائي رهيا هئا. اتي چوطرف اوندهہ انڌوڪار لڳو پيو هيو صرف هڪ ٽرڪ هينان هڪ هلڪي روشني واري لالٽين ٻري رهي هئي، جو جو اهو ساري ملڪ ۾ بليڪ آئوٽ جو دور هو. رات جو گاڏيون بہ بتيون بند ڪري سفر ڪنديون هيون، هنن کي خوف هوندو هو تہ روشني ڏسي ڪٽي دشمن جا جهاز حملو نہ ڪن. ان ڪري لالٽين جي هلڪي ۽ ميرانجهڙي روشني ۾ ڪيترا فوجي پتلي تماشي جيان تيزي سان چرپر ڪري رهيا هئا. سڀ فوجي اڇين مورچن تان اونداهي رات جو

فائدو وٺي بنا بتي جي گاڏيون ڪاهي هت پهتا هئا. اهي فوجي سامان وٺي وري لڪي ڇپي وارياسي پٽون پار ڪري واپس پنهنجي مورچن تي پهچڻا هئا. مطلب تہ اها پراسرار ريگستاني منڊي جڙ هڪ الف ليلیٰ وارو طلسماتي منظر پيش ڪري رهي هئي. اسان بہ ان جادوئي ننگري ۾ پهچڻ سان وٺ پڪڙ ۾ لڳي وياسين. هڪ ٽرڪ مان سامان وٺي هي ٽرڪ ڏي پيا ڇون. مان هڪڙي سامان سان ڀريل ٻوري ڪلهي تي رکي پنهنجي ٽرڪ ۾ اڇلي وري ڊوڙندو اچي هي ٻوري ٻيو کڻان. کڻان ياڇن جو ٽوڪرو تہ کڻان چانهہ سگريٽ ٻيو وڻان. ان هڻ وٺ ۾ سخت سردي هوندي بہ صفا پگهرجي ويس. آخر ۾ هڪڙي هي... هي... ڪندڙ جيئري شاهوڙ ٻڪر کي ڪلهي تي کڻي اچي پنهنجي فوجي ٽرڪ ۾ چاڙهيو. اهڙي نموني اسان تڙ تڪڙ ۾ ضرورت جو هر سامان وٺي پويان پير ڪيا. واپسي مهل بہ ڪوارٽر ماسٽر پنهنجي راند ۾ ماريل ملهن جو حوال ڪٽيندو هليو. ساڳي وقت مون کي اتان مليل ميووي جي بہ وٺ ڪرائيندو ٻيو هلي. نيٺ ٻنيرکي ويلي اچي پنهنجي مورچن تي پهتاسين. سڀ ساٿي آرامي هئا. رڳو چند سنتري پهرو ڏئي رهيا هئا. جن پري کان هڪل ڏئي رائفلون سڌيون ڪري اسان کي ٻيهاريو. آخر سچاٽپ بعد ڇڏيائون.

بهرحال هاٿي بہ پوليس جي کليل ٽرڪ ۾ پرسان رائفل بردار سپاهي ڏسي مون کي ٿر جو اهي ڪاريون راتيون ۽ نيري نيپ ۾ تڙڦندڙ تارا ٻيا ياد اچن. جنهن جي هلڪي روشني ۾ پٽن جا رهاڪرها پيچرا پا ر ڪري واري جا وسڪارا وسائيندا فوجي راشن وٺڻ ويندا هئاسين. پر اڄ فرق اهو آهي جو جن هٿن ۾ ملڪ جي سرحدن جي حفاظت لاءِ رائفل جي-3 هوندي هئي. هاٿي اهي هٿ ڪڙين ۾ بند آهن. اڳي پنهنجي ملڪ لاءِ جان نثار ڪندڙ سپاهي اڄ ملڪ جو غدار قرار ڏئي "ڊفينس آف پاڪستان رولز" تحت گرفتار آهي. مان ماضي جي انهن سهڻن سپنن ۽ حال جي حالتن تي سوچي رهيو هئس تہ آهستي آهستي گاڏي جي رفتار گهٽجڻ لڳي. نيٺ مڊوي تي هوتلن وٺ اچي بيٺي. صوبيدار کي چانهہ جي پاڙ لڳي هئي يا سپاهين کي ضرورت هئي. اسان کي گاڏي مان هيٺ لهڻ جي اجازت ڪانہ هئي. ان ڪري

چانهه بہ اتي ئي آڻي ڏني وئي، مون جا ٻئي هٿ ڪڙين ۾ ٻڌل هئڻ ڪري ٻنهي هٿن ۾ ڪوپ جهلي چپن تي پيو آڻيان.

بهرحال وري گاڏي رواني ٿيڻ مهل مون سپاهين کي پيشاب جو خيال ڏيکاريو هڪ پوليس وارو مون سان رليو هليو. پيشاب دوران بہ منهنجا ٻئي هٿ سوگها هئا. ساڳي وقت هٿ ڪڙين واري زنجير جو هڪ ڇيڙو پوليس واري جي هٿ ۾ هو ان وقت مان پاڻ کي ڪنهن جانور جيان زنجير ۾ ٻڌل محسوس ڪري رهيو هيس. هو منهنجي پويان خبردار ٻيٹو هو هن کي پوءِ هو تہ متان رات جي اونداهي ۾ ڀڄي نہ وڃان.

مان اڳ بہ ڪيترا دفعا سپر هاءِ وي رستي ڪراچي آيو ويو آهيان. پر ڊرامائي انداز ۾ هي ٻيو دفعو آهي جو رات جو هن روڊ تي سفر ڪيو آهي. ڦهريون دفعو ڪجهه مهينا اڳ مان سنڌ يونيورسٽي ۾ وينو هئس تہ خبر پئي تہ اسان جي دوست ساجن ڏاهري (جيڪو هن وقت ڪراچي جيل ۾ آهي) محرابپور اسٽيشن تي مخالف ڌر جي لالا اسد شيخ کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو آهي. ان قتل جي ايف آءِ آر ۾ منهنجو بہ نالو آهي. يونيورسٽي جي دوستن مون کي مجبور ڪيو تہ مان يڪدم يونيورسٽي ڇڏي وڃان. ڇو جو هي خون جهڙو معاملو آهي. پوليس توکي ضرور گرفتار ڪندي.

مون کي جامشورو ڦاٽڪ تي پهچائڻ لاءِ دوست وڃي انعام شاهه کي موٽر سائيڪل سميت ونڊي آيا تہ جيئن مون کي جامشورو ڦاٽڪ تان ڪنهن سواري ۾ ويهاري اچي. مان هن جي موٽر سائيڪل تي ويٺس تہ انعام شاهه چيو "هل تہ توکي مان ئي موٽر سائيڪل تي ڪراچي ٽو ڇڏي اچان." مان سمجهيو تہ يار مذاق ٽوڪري. سو مان بہ پوڳن ۾ ها ڪئي مانس. ڇو جو مون کي پڪ هئي تہ اڌرات جو موٽر سائيڪل تي هن خوني روڊ تي سفر ڪرڻ ڏکيو آهي. مون کي تعجب تڏهن ٿيو جڏهن انعام شاهه سپر هاءِ وي تي چڙهي ڪراچي جو رخ ڪيو هو ان وقت نشي ۾ ڌت هو يار تازو ئي اهڙي محفل مان اٿي آيو هو پوءِ تہ هن اچي موٽر سائيڪل کي چڪيو. ٽرڪن، بسن، وڏين گاڏين جي بغلين ۾ ڪترين هڻندو اوور ٽيڪنگ ڪندو پي هليو

هڪ ٻن ٽرڪ ڊرائيورن تي منهن ٻاهر ڪيڊي گاريون ۽ بجا ٻ ڏنا تہ "بي غيرت مرندوءَ" واپسي ۾ انعام ٻ ڪين گاريون بجا ڏيندو پي هليو. سچ پچ رات جو گاڏين جي تيز روشني ۾ مون کي تہ ڊپ پي ٿيو تہ ڪٽي چڏياتجي نہ مرون. اسان مڊ وي تي پهتاسين تہ مون شاهہ صاحب کي ڪافي ايلاز ڪيا تہ موٽر سائيڪل اتي ڪنهن هوٽل تي بيهاري باقي سفر ڪوچ ۾ ٽا ڪيون، پر يار کي شينهڙ جو ڪير پتل هو سو ڪٽي ٿو منهنجي ڳالهہ مڃي. جيئن ئي چانهہ پي روانا ٿياسين تہ اسان کي پوليس جي گاڏي ملي. اسان هن جي پرسان تيز رفتاري سان متياسين تہ پوليس کي شايد شڪ پيو هو ٻ اسان جي ڪيڊ لڳي. انعام موٽر سائيڪل جا ڪرتب ڏيکارينڊو پوليس کي گهوهيو ڏيڻ شروع ڪيون. ان وقت اسان ٻنهي جي ورن ۾ بغير لائسنس وارا روالور پڙ پيا هئا. ساڳي وقت موٽر سائيڪل ٻ مشڪوڪ بغير نمبر پليٽ ۽ بغير ڪاڳرن واري هئي. مطلب تہ هاڻي پويان پوليس جو ڊپ ۽ اڳيان ڪنهن گاڏي مان ٽڪرائڻ جو خوف تنهن تہ ڇڻ منهنجي جسم مان پگهر ڪيڊي ڇڏيا. پر انعام شاهہ کي ڪنهن ٻ ڳالهہ جي پرواهہ ئي ڪانہ هئي. هو ڇڻ انهن ڳالهين جو عادي هو.انعام شاه هُونءَ ٻ جوا ۾ تاس ۾ ٽپتائي هٽن سان گڏ پراين گاڏين ۽ موٽرسائيڪلن کي پرو ڏيڻ ۾ ماهر هو.

مطلب تہ ان رات هڪ ڪيس کان بچڻ لاءِ سپر هاءِ وي ذريعي ڪراچي اچي پناهہ ورتي هئي. اڄ وري ڪنهن ٻي ڪيس ۾ پوليس جي سخت پهري هيٺ گذري رهيو آهيان. اهڙين اواڳ سوچن دوران ڪراچي جي روشن راتن ۾ اچي پهتاسين. صوبيدار لياقت آباد وٽ بنگالي ڪوارٽرس پرسان گاڏي بيهاري پنهنجي ڪن مائٽن وٽ بيگ وغيره رکي آيو. اسان گاڏي ۾ ئي ويٺا رهياسين. نيٺ اچي پريڊي پوليس اسٽيشن پهتاسين. جتي هٿ ڪڑيون کولي اسان سيني کي ٻکرين جيان هڪڙي نندڙي لاڪپ ۾ واڙيو ويو.

سارو لاڪپ ڪارن، پيلن، پُورن قيدين سان سٽيو پيو هو. گرمي ڪري سڀ همراهہ قميصون لاهيون. سدا، ابتا، پاسيرا ۽ ڪروندڙا لڳا ستا پيا هئا. لاڪپ جي پتين تي ٻ پان جي پڪن ۽ نسوار جي

ٿُڪن ڪري نقش نگاري لڳي پئي هئي. اسان بہ سوڙهہ سگهوڙ ۾ چادر وڇائي ويهي رهياسين. پان ۾ نسوار جي ٽڪن ۾ ڪانگهارن جي بدبوءِ سان گڏ مختلف جسمن مان نڪرندڙ پگهر جي ڏپ صفا نڪ ساڙي ڇڏيو. اتي ويهڻ سان ئي هڪ قيدي سوال ڪيو "ڪيا آپ دبئي سي آئين هين" اتي گهٽا همراهہ دبئي مان بنا ويزي يا پاسپورٽ جي پڪڙجي آيا هئا. اسان جا بہ ڪُٽل حال ڏسي سمجهائون تہ شايد سان بہ پڪڙ ۾ آيا آهيون.

اسان حال احوال ڪري رهيا هئاسين تہ ٽاٽي جي انچارج اسان کي اتان ڪڍي پرسان عورتن واري لاڪپ ۾ بند ڪيو. جتي عورتن جي جاءِ تي اڳ ئي ٽي 'يو ڊي ايف' جا سياسي قيدي بند هئا. هنن سياسي قيدين آڏر پاءُ ڪندي چانهہ گهرائي پياري. ان وقت سحري جو وقت هئڻ ڪري ڪراچي جي مسجدن جا لائوڊ ڪلي ويا. اسان بہ اک چنيڻ بنا روشندان مان اوندهہ جي اوٽ مان صبح ٽيڻ جا آثار ڏٺا.

□

4 سيپٽمبر 1976ع
ڊفينس آف پاڪستان رولز تحت گرفتاري

رين بسيري ۾ سارو وقت جاڳندي ۽ کلندي گذاريو. نند نہ اچڻ ڪري جاڳو پيا ۽ ڪل ان ڪري پئي آئي جو اسان کان اڳ جيڪي قيدي زناني لاڪپ ۾ مرداني روپ ۾ بند هئا، ان مان هڪ همراهہ سڄي رات مسلسل خونخوار ۽ بي هنگم کونگهارن سان ديوارن ۾ جڙ ڏار وجهي ڇڏيا هئا. اسان سندس ساڻين کي شاباس پيا ڏيون جيڪي ڪيترن ڏينهن کان ساڻس گڏ بند آهن.

بهرحال اسان سوير ئي تيار ٿي صوبيدار جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. ڪافي انتظار بعد صوبيدار پنهجي شاندار پيٽ سان ظاهر ٿيو ساڳي نموني هٿ ڪڙيون هٽي ڏکي استارٽ گاڏي ۾ ويهاريائين. گاڏي ڪجهہ روڊ پار ڪرڻ بعد سنڌ هاءِ ڪورٽ پرسان بئرڪس وٽ اچي بيٺي، جتي سنڌ اسپيشل ٽريبيونل قائم ڪئي وئي آهي.

اسان بئرڪ جي سامهون جيئن ئي گاڏي مان لٿاسين تہ ان مهل قيدين کڻڻ واري پوليس جي هڪ گاڏي بہ اچي بيٺي. قيدين واري گاڏي جو پويون دروازو کليو تہ ان مان ڄاتل سڃاتل چهرا ظاهر ٿيا. ان قيد گاڏي مان سنڌ جو قومي شاعر ابراهيم منشي، سنڌ جو تاريخدان عبدالواحد آريسر، شاگرد اڳواڻ مولابخش لغاري، حبيب الله ناريجو، ساجن ڏاهري، رحمت الله هيسباڻي، هيرا لعل، لکو مل، محمد نواز چنڊ، عزيز پنهور، سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن جو صدر نذير عباسي، ڪميونسٽ پارٽي جو ڊاڪٽر اعزاز نذير، منير چانڊيو ۽ ٻيا دوست اچي ملڻا. اهي سڀ ساڻي ڪيتري عرصي کان ڪراچي جيل ۾ نظربند آهن. اڄ هو ٽريبيونل تي حاضري لاءِ آيا آهن.

"سنڌ اسپيشل ٽريبيونل" کجھ عرصو اڳ جوڙي وئي آھي، جنھن ۾ گھڻو ڪري "ڊفينس آف پاڪستان" رولز تحت گرفتار باغين تي ڪيس ھلن ٿا، ھي ٽريبيونل ٽن ججن تي مشتمل آھي، جيڪي ٽئي وڪيل آھن.

(1) احمد خان بارڪزئي (چيئرمين)

(2) عبدالغفور شيخ

(3) فتح محمد ميمڻ

ھن ڪورٽ ۾ مختلف نظرين ۽ مزاج جا سياسي قيدي نظر اچن ٿا، جن ۾ قومپرست، سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ پارٽين جي ڪارڪن ۽ ليڈرن جي گھڻائي آھي.

اڄ ڪلھ ذوالفقار علي ٻٽو ۽ موجوده پيرپاڳاري صبغت الله شاھ راشدي ۾ کجھ ناراضگيون آھن. ان ڪري پيرپاڳاري جا ڪافي مريد "حر" ۽ نظربند آھن، جيڪي ۽ ھت حاضري تي ايندا آھن، جيئن تہ پٽي صاحب جي بادشاھي ۾ ڪافي سنڌي گرفتار آھن. ان ڪري انھن قيدين جي ملاقات لاءِ سنڌ جي مختلف واھڻ ۽ وستين مان ڪيترائي سندن مٽ مائٽ ۽ احباب اچي ڪورٽ ۾ گڏ ٿيندا آھن جڏھ ڪ ميلو متل ھوندو آھي. ان ميلي ۾ رڳو رنگا رنگي شيشن سان جڙيل سنڌي ٽوپ، پٽڪا، مختلف ڊزائين جا اجرڪ، ڊگھيون قميصون، وڏيون گھيريدار سلوارن پيون لمڪا ڏيندیون آھن، پوءِ تہ ڪورٽ ۾ رڳو پاڪر، ٿھڪ، تاڙا ۽ ڪجڪا ھوندا آھن، ڪنھن کي ۽ عدالت جي تقدس يا سزا جي پرواھ نہ ھوندي آھي، اسان ۽ اھڙي ماحول ۾ جلد رلي ملي وياسين.

اتي اوچتو نئيپڙ جي يار نصرت حسين جعفري تي نظر پئجي وئي، ھو پنھنجي وڏي ڀاءُ رحمت حسين جعفري سان گڏجي آيو ھو جعفري خاندان لاڙڪاني جو پڙھيل ڳڙھيل ڪٽنب آھي، سندن والد فقير حسين جعفري ڪ برجستو وڪيل آھي، ان ڪانسواءِ نصرت حسين جا ٻيا ٻائر شفقت حسين جعفري، رحمت حسين جعفري، عنايت حسين جعفري، افتخار حسين جعفري، غلام علي جعفري ۽ پنھنجي شعبي جا ماھر آھن، خاص ڪري سندس ٻينرون ۽ تعليم يافتہ آھن.

نصرت حسين ۽ رحمت حسين هت منير چانڊيو سان ملاقات لاءِ آيا هئا. منير چانڊيو ڪنهن زماني ۾ لاڙڪاڻي ڪرڪيٽ ٽيم جو فاسٽ بالر هو. هن وقت ڪراچي ۾ وڪالت ڪري رهيو آهي. سندس وڏو ڀاءُ بشير احمد چانڊيو پڻ لاڙڪاڻو ڪرڪيٽ ٽيم جو اوپن بيٽسمين هو.

ان دوران نصرت حسين جعفري تڪڙو وڃي لاڙڪاڻي جي دوستن مختيار احمد جلباڻي، سرفراز احمد جلباڻي ۽ سعيد احمد سومرو کي وٽي آيو.

پوليس اڇڻ سان اسان جو چالان ڪورٽ ۾ پيش ڪيو. ان وچ ۾ امان الله ناريجو وڪيل معرفت اسان ڪورٽ کي جيل ۾ بي ڪلاس ڏيڻ جي درخواست ڏني. اسان گرفتاري بعد يڪو سي ڪلاس ۾ آهيون. امان الله ناريجو وڪيل اصل لاڙڪاڻي جو آهي. لاڙڪاڻي ۾ پيپلز پارٽي جي مخالفت ۽ آزار ڪري پوءِ ڪراچي اچي وسائي اٿس. سندس ننڍو ڀاءُ حبيب الله ناريجو پڻ ڊي پي آر تحت ڪراچي جيل ۾ آهي. جيڪو پڻ اڄ حاضري تي آيو آهي. هنن جو ننڍو ڀاءُ اسدالله ناريجو انٽر تائين مون سان گڏ پڙهيو آهي. امان الله ناريجو گهٽو ڪري سياسي قيدين جا بنا في جي ڪيس وڙهي ٿو.

ڪراچي جيل مان آيل سپ قيدي ڪورٽ ۾ حاضري ڀرڻ بعد 12 وڳي ڌاري موڪلائي روانا ٿيا. هي ڪراچي جيل ۾ وارڊ نمبر 13 ۾ بند آهن. اسان کي به صلاح ڏنائون ته جج صاحبان کي گذارش ڪيو ته هو توهان کي به ڪراچي جيل ۾ رکن.

اسان کي ٿوري دير بعد چالان جون ڪاپيون ڏنيون ويون. هي ست اٺ پينسل ۽ ڪاربان جي مدد سان لکيل پنا هئا. جيڪي پوري طرح پڙهڻ ۾ به نه پيا اچن. انهن ۾ لڳل الزامن تحت اسان جي ڊفينس آف پاڪستان رولز مطابق گرفتاري ڏيکاري وئي هئي. اسان مان هر دوست تي الڳ الڳ الزام هئا. مون کي جيڪي ڪاپي ڏني وئي. ان ۾ صوبيدار طرفان لکيل هو ته

اشتياق احمد انصاري ولد الله بخش انصاري کي مان (صوبيدار غلام حسين جتوئي) 15 آگسٽ 1976ع تي شام جو انجنيئرنگ

ڪاليج هاسٽل نوابشاهه مان گرفتار ڪيو سندس موجودگي ۾ هن جي ڪمري نمبر اي 54 مان تلاشي دوران هيٺيان ڪتاب ۽ پمفليٽ هٿ ڪيا، جيڪي پاڪستان ۽ موجوده حڪومت جي خلاف آهن.

(1) پنيٽ اخبار (سائيڪلو اسٽائل ماهوار اخبار)
(2) صدين جون صدائون (مصنف عبدالواحد آريسر)
(3) هلچل اخبار (هي به سائيڪلو اسٽائل اخبار آهي)
(4) سنڌي ڪلچر (جي ايم سيد)
۽ ڪجهه بيا ملڪ دشمن مواد

اسان تي اهو ڪيس ستي ٽاٽي نواب شاهه جي صوبيدار غلام حسين جتوئي جوڙيو هو ان ايف آءِ آر ۾ پوليس جا ڪجهه سپاهي شاهد هئا. اسان جي ڊفينس آف پاڪستان رولز مطابق گرفتاري ڏيکاري هي قلم هنيا ويا هئا.

D.P.R Rule 49, 42/6 EGP

چارج شيٽ پڙهي اسان کي تعجب سان گڏ کل به آئي ته مقدمو ٺاهڻ واري ڪهڙي نه نڪ جي پکائي کان ڪم ورتو آهي. اول ته 15 آگسٽ 1976ع تي اسان پاڻ ئي پرو وائس چانسر مسٽر ايس ايم قريشي رجسٽرار حميد سنڌي ۽ ٻين جي سامهون هٿيار ڦٽا ڪري مئجسٽريٽ جي موجودگي ۾ گرفتاري ڏني هئي، ان وقت نه اسان جي بدن جي نه ئي وري ڪمرن جي تلاشي ورتي وئي، پوءِ الائي ڪهڙي وقت اسان جي ڪمرن کي پڄي جهڙتي ورتي وئي آهي، ٻيو ته اسان گرفتاري جي خوف کان اڳ ئي ڪمرا خالي ڪري ڇڏيا هئا. اتي سامان ته ٺهيو پر ڪاغذ جو هڪ ٽڪرو به نه ڇڏيو هو ٽيون ته اسان زندگي ۾ پهريون دفعو هن صوبيدار کي ڏٺو جنهن ڪيس ۾ ڦاڙايو آهي ته هن 15 آگسٽ 1976ع تي اسان جي موجودگي ۾ ڪمرن جي تلاشي دوران ڪتاب ۽ ٻيو لکيل مواد هٿ ڪيو هو.

بهرحال پوليس کي ائين ڪوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ ٺاهڻ جي مهارت نه هجي ها ته ڳوٺ ۾ پان ٻيڙي جي ماندٽي ڪوليون نه وينا هجن ها. وري به هن صوبيدار کي جس آهي جو هن هلڪو هٿ رکي ڪمرن مان صرف ڪتاب ۽ لٽريچر هٿ ڪرڻ جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن

تي اسان کي فخر آهي. پر جيڪڏهن اسان جي ڪمرن مان بم ۽ بارود برآمد ڪرڻ جي ڳالهه ڪري ها تہ چا پيا ڪري سگھون.

اسان رات کان وٺي لنگھڻ تي هئاسين. اسان جا ملول چهرا ڏسي سرفراز جلباڻي ۽ سعيد سومرو وڃي هوٽل تان ماني وٺي آيا. جيڪي ڪورٽ جي وراندي ۾ ئي فرش تي پلٽي ماري کاڌيسين. کاڌي ڏينهن بعد کا چڱيرڙي ڇهر ڪئي.

اتي امان الله ناريجو وڪيل، صوبيدار غلام حسين جتوئي کي اسان ڏي وٺي آيو ۽ مون ڏي اشارو ڪندي چيائينس "هي ٿي الله بخش انصاري جو فرزند"

صوبيدار جو تعلق شايد لاڙڪاڻي سان هو ۽ بابا سائين کي تمام سٺي نموني سڃاڻي پيو پوءِ تہ اچي بابا سائين جي تعريف شروع ڪيائين.

"انصاري صاحب جهڙو نيڪ ۽ ايماندار آفيسر مان سنڌ ۾ نہ ڏٺو آهي... وڏو محنتي.... اصول وارو... سچو انسان...."

صوبيدار وڏي اچي ڳرانڙي پائي مليو هو پنهنجي ڪئي تي پشيمان لڳي رهيو هو. هن ئي اسان تي جڙتو ڪيس تيار ڪري ڏي پي آر ۾ چالان ڪرايو هو ان ڪانسواءِ ڪالهه کان وٺي اسان سان عام قيدين وارو برتاءُ هيس. مون کي قد ڪاٺ ۽ ينيي ڏاڙهي ڪري وڏو ڏوهاري سمجهي رهيو هو. ڪالهه کان ٻئي هٽ ڪڙيون هٽي ماٺهن جي ميلي ۾ گشت ڪرائي رهيو هو.

صوبيدار مون کي چيو "مان توهان سان واقعي سٺو نہ هليو آهيان... مون کي معاف ڪجو...." هن ٻانهون ٻڌندي مون کي چيو "مان چاچا (بابا سائين) کان بہ وڃي معافي وٺندس."

آخر ڏيڍ وڳي ٽربيونل جي رجسٽرار اندر گهرايو. ڪورٽ طرفان اسان کي بي ڪلاس ملڻ ڪري هن جي سامهون ئي هٽ ڪڙيون لاٿيون ويون. ساڳي وقت حيدرآباد کان ڪراچي جيل منتقل ڪرڻ جو آرڊر ڏنو ويو.

عدالت مان ٻاهر نڪري مختيار احمد جلباڻي، نصرت حسين جعفري، سعيد احمد سومرو ۽ سرفراز احمد جلباڻي کان موڪلائي سينٽرل جيل ڪراچي روانہ ٿياسين.

گاڏي مان لهي جيل جي مک دروازي وٽ اچي پهتاسين. جتي اڳ ئي اندر وڃڻ لاءِ ڊگهي قطار بيٺي هئي. هڪ سپاهي هر هڪ جي تلاشي وٺي چڏيندو پي ويو. اسان ۾ رڙهي اچي هن جي پر ورتي. سپاهي اسان کي سوڙهو ٽيندو ڏسي کاوڙ ۾ هڪ ساڻي کي ڏکو ڏيندي چيو.

"ابي ديکهتي نهي هو... لائين ۾ کهڙي هوجائو"

اسان کي اڳ ئي ساري رات جو اوجاڳو هو ٻيو هاڻي اسان بي کلاس جا قيدي هئاسين. ان کانسواءِ اسان کي پنهنجي مالکي جو آسرو هو جو اسان جا کيترا دوست هت کراچي جيل ۾ بند هئا. پوءِ ته اسان ۾ سپاهي کي بي عزت کرڻ ۾ وسان نه گهٽايو.

سپاهي سياڻو هو صورتحال سمجهي ويو. يڪدم معافي گهري. ٻين قيدين کي پاسيرو ڪري اسان کي اندر وڃڻ ڏنائين. ماڙي تي نواب شاهه کان آيل صوبيدار غلام حسين اسان کي جيل حوالي ڪري واپس وڃڻ مهل ۾ معافي ورتي. صوبيدار ۾ کو خانداني ماڻهو جيڪو ويچارو گهڙي گهڙي معذرت ۽ افسوس جو اظهار پيو ڪري.

ماڙي تي نالا ۽ نشان رجسٽر تي لکيا ويا. انهي کانپوءِ تلاشي جو مرحلو شروع ٿيو. اسان وٽ ٻن ٽن چادرن کانسواءِ ڪجهه ۾ نه هو انهن کي ۾ چنڊي ڦوڪي ڏنائون. جڏهن جسم جي تلاشي شروع ٿي ته مان سيپ کان پويان ٿي بيهي رهيس. مون ڪجهه پئسا لڪايا ها. جيڪي اسان جيل اندر ڪٽي وڃڻ پيا چاهيون. پر هتان جو تلاشي وٺندڙ سپاهي نواب شاهه ۽ حيدرآباد جيل واري تلاشي وٺندڙ سپاهي کان وڌيڪ ڏنگو هو.

هن سيپ کان پهريان رسول بخش ٽيهو جي بدن جي تلاشي شروع ڪئي. مٿي جي وارن کان جوهٽ گهمائڻ شروع ڪيائين ته اچي پيرن تي پهتو. وچ ۾ ڪنهن اهڙي هنڌ ۾ هٽ هيائين جو يار جا چرڪ نڪري ويا. اهڙي نموني سپاهي پنهنجي همراهن جا چرڪ پرائيندو چڏيندو پي ويو. مان اهڙي لذت ڏيندڙ تلاشي ڏسي ڏڃي ويس. سوچيان پيو ته اهڙي سخت جهڙتي دوران مون جيڪي پئسا لڪايا آهن. اهي پکڙجي پيا ته وڏي بي عزتي ٿيندي. مان پنهنجي سٽڻ جي پاڇن ۾ ڪجهه پئسا لڪايا هئا. پاڇن ۾ پئسا لڪائڻ جو طريقو اسان کي

نوابشاھ جي ھڪ پوليس واري ٻڌايو ھو جڏھن نواب شاھ جي پوليس اسان کي سينٽرل جيل منتقل ڪرڻ پي آئي تہ ٽيڪ حيدرآباد جيل جي دروازي تي سپاھي پئسا لڪائڻ جو اھو طريقو ٻڌايو ھو. اھڙي نموني اسان کافي پئسا پاڻ ۾ لڪائي جيل اندر ڪٽي ويا ھئاسين ھت ٻہ مان اھا حرڪت ڪئي ھئي پر ھت سپاھي جي سخت تلاشي ۽ سندس ھٿن جي مھارت ڏسي پگھرجي ويس. آخر منھنجو وارو آيو تہ ھمراھہ وارن کان وٺي تلاشي شروع ڪئي. قميص جا کيسا. سٽڻ جا ابداڻا جاچيندو سٽرن تي ڪتڪتاڙيون ڪيندو نيٺ اچي سٽڻ جي پاڻ ۾ ھٿ وڌائين. شايد ھن کي خبر ھئي تہ ڪي قيدي ائين پاڻ ۾ پئسا لڪائي جيل اندر ڪٽي ويندا آھن. ھمراھہ جڏھن پاڻ کي جاچي پيو تہ مون محسوس ڪيو تہ ھن جا ھٿ لڪايل پئسن کي لڳي ويا آھن. پوءِ تہ مون کي پڪ ٿي وئي تہ ظالم جھڙتي وٺڻ جو واھہ جو ماھر آھي. چوري پڪڙي وڌائين.

سپاھيءَ يڪدم اٿي چيو "ھنن سيني کي ٻلي اندر موڪليو" مان ھڪ ڏڪھو ساھہ ۾ري سوچيو ھڪ بي ڪلاس سياسي قيدي جي عزت رھجي آئي. جھڙتي بعد اسان کي ماڙي مان جيل اندر موڪليو ويو. در جي سامھون ئي بورچي خاني مان گرم دال جي خوشبو پي آئي. اسان کي اتي ھڪ وڻ جي ڇانو ۾ ويھاري چيو ويو تہ جيلر صاحب اچي توھان کي جدا جدا واردن ۾ موڪلينڈو اسان کان اڳ اتي ٻيا ٻہ کافي قيدي جيلر جي اچڻ جو انتظار ڪري رھيا ھئا.

اسان کي اتي ويٺي اڌ ڪلاڪ ٿي ويو ان دوران پير پاڳاري جي ھڪ مريد مگن پٽ ترڪو سان ڪچھري ٿي. ھن کي ٻہ حڪومت جي عتاب ھي در ڏيکاريو ھو انھي کانسواءِ وقار پريس جي مالڪ ھن سان گڏ گرفتار ٿيل عملي جي ٻارھن تيرھن نوجوانن سان پڻ حال احوال ٿيو ھمراھن کا آيت چيڙ مھل غلطي ڪري وڌي ھئي.

ڪلاڪ جي انتظار کانپوءِ جيل جو صوبيدار آيو ۽ سيني قيدين کي "جوڙي. جوڙي" ٿي ويھڻ لاءِ چيائين. اسان بي ڪلاس جا قيدي ھئڻ ڪري سيني جي پويان بيھي رھياسين.

صوبيدار اسان کي بيئل ڏسي نديم عباسي کي رهڻ ڏيندي چيائين "ويهي رهو" تنهن تي نديم عباسي به خار مان هڪل ڪندي چيس ته "نه ويهنداسين."

صوبيدار جي ان بدتيمزي واري لهجي تي رسول بخش خان به تارا ڦوٽاري جواب ڏنس. اسان جون اُلرون ٻڌي صوبيدار پير سٽيندو ٻوڙندو سڌو ماڙي ۾ وڃي ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ کي ڏانهن ڏني. ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ اسان کي پنهنجي آفيس ۾ گهرايو هو پنهنجي ڪرسي تي ئي وينو رهيو اسان ان جي سامهون وڃي بيناسين. ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ واري واري سان معنيٰ خيز انداز سان اسان کي ڏنو پوءِ رسول بخش ٽيبو کي چتائي ڏسي پڇيائين "تنهنجو نالو ڇا آهي."

"رسول بخش" هن جواب ڏنس.

ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ اتي صوبيدار کي اشارو ڪندي چيو "هن کي الڳ بند ڪرينس. هن جا تارا ئي خراب آهن." اتي مان کيس يڪدم چيو "سائين انهي جي شڪل ئي اهڙي آهي. ٻيو ته اسان سفر ڪري ساري رات جاڳندا رهيا آهيون. ان ڪري اسان جو حليو ئي ڦري ويو آهي."

ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ اها ڳالهه ٻڌي ڪجهه ٽڏو ٽيو پوءِ اسان کان پڇيائين "ڪهڙي وارڊ ۾ رهندؤ." اسان کي تيرهن وارڊ ۾ رکو اسان جا ٻيا دوست به اتي رهن ٿا.

اسان جو جواب ٻڌي هن صوبيدار کي چيو ته "هنن کي تيرهن وارڊ ۾ ڇڏي اڇ."

صوبيدار ٻاهر نڪري ميار ڏيندي چيو "افسوس توهان سنڌي ٿي ڪري منهنجي بي عزتي ڪئي آهي." هن مون ڏي اشارو ڪندي چيو "هي ته مون کي ڇڪي نموني سڃاڻي. هي اڳ به مون وٽ جيل ۾ رهي ويو آهي. هن کي خبر آهي ته مان قيدين سان ڪيڏو نه سنو هلندو آهيان."

صوبيدار اسان جي داهن کانپوءِ صفا پاڻي ٿي ويو اها ڪ هئي ته هو ان پنهنجي بي عزتي جو بدلو وڃي لاوارث قيدين کان وٺندو هن حال احوال ڏيندي ٻڌايو ته هو نواب شاهه جو لاشاري آهي. اسان به

نوابشاھ انجنيئرنگ ڪاليج جا شاگرد ھئڻ ڪري ذري گھٽ نوابشاھي ٽي ويا آھيون، ڪجھ قدم ھلڻ بعد لاشاري صوبيدار اسان کي واردِ جو ڏس ڏئي واپس وريو.

اسان جيئن ئي واردِ اندر پير پاتو تہ ٻاھر وٽن جي چانوري ۾ ويٺل مولابخش لغاري، رحمت الله ھيسباڻي، ھيرا لعل، منير چانڊيو ۽ ٻيا سنڌ جا عاشق اسان کي ڏسي پري کان ئي خوشي ۾ ٻليڪار جا ھوڪرا ڪندا ٻاڪرن ۾ اچي ٻريو ھنن جي ھل ھنگامي تي ڪمرن ۾ آرامي سنڌ دوستن بہ اچي ڳرانڙيون پاتيون.

❐

سينٽرل جيل ڪراچي
5 سيپٽمبر 1976ع

اسان هن وقت سينٽرل جيل ڪراچي جي وارڊ نمبر تيرهن ۾ بند آهيون. هي هڪ تمام ڪشادو ۽ وڻڪار وارو وارڊ آهي. اهي وڻ به ڪن جهونن قيدين جا يادگار لڳن ٿا. جن پنهنجي وندر ۽ ورنهن لاءِ ٻوٽا پوکيا هوندا. جيڪي وڏي وڻ ٿي ويا آهن. هت ڪل پنج ڪمرا آهن. جن مان به ڪمرا سنڌ جي پوڄارين کي مليل آهن. باقي ٽن ڪمرن ۾ ڪراچي سان واسطو رکندڙ سياسي ۽ غير سياسي قيدي رهن ٿا. جيڪي اڄا تائين سنڌ کي پنهنجي جيجل ماءُ نٿا تسليم ڪن. هو هاڻي به لکنوي، دهلوي، آمروهي آهن.

مون کي جنهن ڪمري ۾ رهايو ويو آهي. ان ۾ اڳ ۾ ئي ابراهيم منشي، عبدالواحد آريسر، مولابخش لغاري، حبيب الله ناريجو، ساجن ڏاهري رهن ٿا. پر هاڻي حبيب الله ڪابورو ۽ نديم عباسي به هت رهايا ويا آهن. اسان جي ڪمري ۾ به ٻيا به همراهه آهن. جيڪي اسيمبلي جي سيد سعيد حسن واري ڪيس ۾ گرفتار آهن.

اسان جي پرسان ٻي ڪمري ۾ ڊاڪٽر اعزاز نذير، نذير عباسي، رحمت الله هيسباڻي، منير چانڊيو هيرا لعل، عزيز پنهور، لکو مل، محمد نواز چنڊ، غلام رسول کوسو ۽ رسول بخش ٽيهو رهن ٿا. هن وارڊ ۾ رهندڙ قيدين کي وقت جي اهميت جو احساس آهي. هو ڏينهن جو ڪوبه لمحو بيڪار وڃائڻ نٿا چاهن. هنن بندي خاني ۾ گذرندڙ وقت کي ڪارائتو بنائڻ لاءِ ساري ڏينهن جو ٽائيم ٽيبل ٺاهي ڇڏيو آهي.

صبح جو اڪ ڪلڪ سان کي همراهه وارڊ جي ڪليل حصي ۾ پهچي ويندا آهن. جتي ڪجهه دير جاگنگ بعد مختلف ايڪسر سائز

ڪيون ويندیون آهن. مان بہ ننڍ مان اٿي ميدان ۾ پهچي ويس. جتي ڊاڪٽر اعزاز نذير، لکو مل، حبيب الله ناريجو، نذير عباسي، منير چانڊيو کي ورزش ڪندي ڏٺو. اڄ ٽڪاوٽ جي ڪري مون ڏک ڏوڙ ۾ حصو نہ ورتو سياڻي کان باقائده ان ٽيم ۾ شامل ٿي وڃبو.

همراهہ ورزش مان واندا ٿيا تہ نيرن لاءِ سڏ ٿيو. سڀ دوست تيار ٿي ڪمرن مان نڪري ٻاهر پٽ تي وڃايل ڪٽن تي اچي وينا. جتي سيني جي سامهون ڪڙ جا آنا، ڊبل روٽي جا سلائيس ۽ چانهہ رکي وئي.

نيرن بعد سڀ ساڻي اچي هڪ ڪمري ۾ ڪٺا ٿيا. اهو جڙ هڪ ليڪچر هال هو جتي ڊاڪٽر اعزاز نذير "پاڪستان جي سياسي تاريخ" تي ليڪچر شروع ڪيو. ڪامريڊ ڊاڪٽر اعزاز نذير انڊيا ۾ حيدرآباد دکن ۾ جائو هو شاگردي زماني کان سندس تعلق ڪميونسٽ پارٽي سان رهيو آهي. 1951ع ڌاري هندستان ۾ گرفتاري جي ڊپ کان پاڪستان ڀڄي اچي ڪراچي وسائي. هو هاري ۽ مزدورن جو ليڊر هئڻ ڪري سنڌ جو ڳوٺ ڳوٺ گهميو آهي.

جيئن تہ ڊاڪٽر اعزاز نذير جو ان موضوع تي ڪيترن ڏينهن کان ليڪچر جاري هو ۽ اسان اڌ ۾ اچي شامل ٿيا هئاسين. بهرحال اڄ سندس موضوع 1947 کانپوءِ پاڪستان جي سياست تي هو. هن ان تي تمام سهڻي انداز سان روشني وڌي.

ان دوران مان ڊاڪٽر اعزاز کي گذارش ڪئي تہ "اسان کي ڪڏهن ڪشمير جي اصل مسئلي بابت بہ ٻڌائي ۽ اهو حل ڇو نٿو ٿئي." ساڳي وقت ڪيس چيم تہ "لياقت علي جي قتل جا اصل ڪارڻ ڪهڙا هئا؟" ڊاڪٽر صاحب واعدو ڪيو تہ ڪڏهن ان موضوع تي بہ ويهي گفتگو ڪنداسين.

ڊاڪٽر کان ٻين همراهن بہ ڪافي سوال جواب ڪيا. آخر ڪلاڪ ڏيڍ جي بحث مباحثي بعد مانيءَ جو وقفو ڪيو ويو.

ٻنهپهرن جي ماني سنڌ لورس ڪمري ۾ هيٺ پٽ تي وڃايل ڪٽن تي ويهي کاڌي. منجهند جو دال، ڏونئرو ۽ تنور جي پچايل ماني هئي.

دال وڏي ڪاريگري سان رڌل هئي، ان ڪري مون تہ ڪجھ سرس ئي پنھنجي پيٽ سان جڏ ڪئي.

ماني ڪانپوءِ ڪجھ دوستن تاس ڪي ڪٽڻ شروع ڪيو تاس تہ نہ هئي جڏ انڊيا پاڪستان جو فوجون باربر تي آمھون سامھون وڙھي رهيون هيون. ڪن لوڊيو ڪٽي "آ چڪو... آ آ... ٻڪيو... آ ڪنگٽي، نہ ويندي" جا هوڪرا هئا. هڪ ٻي جي ڳوٽ مارڻ مھل فاتح، جڏ ڪنھن ڳوٽ جي ٻيل ڪندو هجي، ۽ هارائيندڙ "ابوڙي... گھوڙا ڙي..." ڪري پنھنجون ستڙون پيو ڪٽي، مطلب تہ ڪمرو جڏ ميدان جنگ بڻيل هو. مان اهڙي گوڙ گھمسان ۾ بہ ننڊ جو سوپو هڻي ورتو.

شام جو گرما گرم چانھ پيئڻ بعد اسان جو وري ٻيو ڪلاس شروع ٿيو. سڀ باندي ٻاهر هڪ شاهوڙ وڻ هيٺان اچي ڪرسين ۽ ڪٽن تي وينا. هي ليڪچر "سنڌ جي تاريخ" تي هو جنھن ۾ عبدالواحد آريسر، فارسي ۾ "يوسف ميرڪ" جو لکيل ڪتاب "تاريخ مظهر شاهجهاني" کي پڙھندو ان جو سنڌي ۾ ترجمو ڪندي سمجھائيندو پي هليو.

هن وقت عبدالواحد آريسر جو شمار سنڌ جي قوپرست سياستدانن ۽ تاريخدانن ۾ ٿئي ٿو آريسر عمرڪوٽ پرسان هڪ ننڍڙي ڳوٽ ۾ هاري جي گھر پيدا ٿيو. هن پنج درجا ڳوٽ جي پرسان واري اسڪول ۾ پڙھي پوءِ پينڊو شريف ۽ ٻين ڪيترن مدرسن ۾ تعليم ورتي، آخر مولوي عربي جو امتحان پاس ڪيائين.

آريسر صاحب ادبي ۽ سياسي حوالي سان مولانا ابوالڪلام آزاد کان متاثر آهي، ساڳي وقت هو سائين جي ايم سيد ۽ مولانا عبيدالله سنڌي جو بہ پوئلڳ آهي، اسان شاگرد سندس ماهوار رسالي پيغام جو وڏي بيچيني سان شايع ٿيڻ جو انتظار ڪندا هئاسين. آريسر حيدرآباد حنيفہ مسجد ڊومڙ واهہ روڊ تي پيش امام هو تہ ان وقت جي چيف منسٽر ممتاز ٻٽو خلاف مضمون لکڻ تي هن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ چيو ويو. آريسر ان ڏينھن کان ملائيپ ڇڏي باقائده سياست ۾ ڪاهي پيو. ان ئي چڪر ۾ هت اسان سان گڏ يوگي پيو عبدالواحد هن وقت سنڌ جو بهترين مقرر آهي.

بهرحال آريسر هن وقت اسان جي سامهون تاريخ مظهر شاهجهاني ۾ لکيل مغلن جي دور مر سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافي سان گڏ سنڌي سپاجھڙن تي مغلن جي ڪيل ظلمن جو بہ ذڪر ڪندو هلي ٿو. مان تہ سمجھان ٿو تہ هن ڪتاب جو جلد ئي سنڌي ۾ ترجمو ٿيڻ کپي، جيئن سنڌ جي نوجوان نسل کي مغلن جون سنڌين سان ڪيل عقوبتن جي خبر پئي.

عبدالواحد آريسر مظهر شاهجهاني ڪتاب جي باري ۾ ٻڌايو تہ "دراصل هي فارسي ۾ لکيل ڪتاب 17 صدي عيسوي ڏاري مغلن جي هڪ درباري مورخ يوسف ميرڪ جو لکيل آهي، پر يوسف ميرڪ ڪجھ قدر سچائي کان ڪم ونڊي، مغل دور ۾ سنڌ تي حڪومت ڪندڙن سندن نوابن جي ڪُڌَن ڪرتوتن جو ڄڻ هڪ رکارڊ آهي، ساڳي وقت هن ڪتاب، ان دور ۾ سنڌ جي جاگرافيائي، سياسي تاريخ تي سٺي روشني وڌي اٿس."

آريسر صاحب ڪتاب جي مصنف جي باري ۾ ٻڌايو تہ "يوسف ميرڪ جو تعلق هڪ پڙھيل لکيل خاندان سان هو، سندس والد مير ابوالقاسم کي اڪبر بادشاھ "نمڪين" جو خطاب ڏنو هو ابوالقاسم گھٽو وقت سنڌ ۾ رهيو هن بکر ۾ ڪيتريون يادگار جايون جوڙايون آهن، سندس ٻيو وڏو پٽ مير ابوالبقا امير خان پڻ ڏٺي جو نواب هو. هن خاندان جا ماڻهو اڍائي سو سالن تائين اڪبر بادشاھ کان وٺي ڪلهوڙن جي صاحبي ٻارهين صدي هجري تائين سرڪاري عهدن تي رهيا."

آخر ۾ عبدالواحد آريسر مظهر شاهجهاني ڪتاب لاءِ چيو تہ "هي ڪتاب ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، ڪتاب جي پهرين حصي ۾ حڪمراني ڪرڻ جو طور طريقا ۽ سياست ۾ ڪامياب ٿيڻ جا گر ڏنل آهن. ٻي حصي ۾ سنڌ جو حال احوال ڏنل اٿس. منهنجي هٿن ۾ ڪتاب جو هي ٻيو حصو آهي، جنهن کي هاڻي پڙھنداسين."

ليڪچر جي آخر ۾ سوالن ۽ جوابن جو وقفو ٿيو. سنڌ جي هن مدبر سپوت کي مطمئن ڪندڙ جواب ڏنا.

واهيري جي ويلي کان ٿورو اڳ ٻاهر وڃايل کٽن تي ماني رکي وئي، رات جي ماني ۾ گوشت، ڏونئرو ۽ ڪڪڙ جي ماني هئي، اسان گرفتاري بعد پهريون دفعو ٽئي ويلا پيٽ ڀري کاڏو ان ڪري مستي ۾ ڇڙ پٽن کي کلها هٽندا پيا وتون، نہ تہ اکثر جسم جي توانائي برقرار رکڻ لاءِ سي ڪلاس ۾ ملندڙ پٽي جو ايرو سيرو ٽڪر کائي وٺبو هو.

سنجها ڌاري دوست ننڍين ٽولين ۾ ڪجھ دير وارڊ ۾ ڇهل قدمي سان گڏ گفتگو ڪندا رهيا، نيٺ اونداهي ٽيڙ مهل سيني کي پنهنجي بئرڪن ۾ بند ڪيو ويو. بئرڪ ۾ داخل ٽيڙ سان شغل طور دوستن وري تاس ٽپڙ شروع ڪئي.

هڪ ٽولي ۾ ابراهيم منشي، مولابخش لغاري، نديم عباسي ۽ حبيب الله ڪابورو ويٺا. ٻي ٽولي ۾ مان ۽ عبدالواحد آريسر پاڙ ۾ پيڇي ٽياسين ۽ اسان جي سامهون حبيب الله ناريجو ۽ ساجن ڌاهري ساڻي ٽيا.

جيل اندر جهونن جوڳن جو رات جي وقت بہ ضابطو رکيل هو ڪجھ دير راند روند بعد هر ڪنهن کي اٿاريو ويو تہ ڪجھ نہ ڪجھ تخليقي ۽ تعميري ڪم ڪيو. پوءِ ڪو شاعري جا بند پيو ٻڌي، ڪو تاريخي ڪتابن مان نوٽس پيو وٺي، ڪن پنهنجي پيارن ڏي پريم پتر پي لکيا تہ ڪن ڪو ڪتاب کڻي ڪنڊ وسائي، مون کي بہ قرت العين حيدر جو ڪتاب "آگ ڪا درياھ" ھٿ اچي ويو. مون هن ڪتاب جي وڏي تعريف ٻڌي هئي، پر باوجود ڪوشش جي هي ڪتاب ملي نہ سگهيو هو. پر اوچتو هاڻي هي ڪتاب ھٿ اچڻ ڪري پنهنجي خوش قسمتي تي رشڪ اچڻ لڳو.

"قسمت جو ڪو ڏوھ نہ آهي، قسمت آهي سڀ،
تو ۾ مڙسي ڪانہ ڏسي، مومل آھ رڀي."

استاد بخاري

6 سيپٽمبر 1976

"ڏاھا تنھنجي ڏيھ کي، سڀ کان ٿلو ماڻ
توڙئي ڪائنون ڪاٽ، واکو تنھنجي وس ۾"
ايياز

صبح جو بستري تي ستو ئي پيو هيس تہ ڊاڪٽر اعزاز نذير اچي ننڊ مان ورزش لاءِ اڻاريو تيار ٿي ٻاهر آيس تہ ٻيا همراهہ مون کان اڳ ئي اٿي ورزش لاءِ سندرا ٻڌيون ٻيٺا هئا.

منھنجي پھچڻ سان ئي سڀ کان اڳ ۾ ڊاڪٽر اعزاز ٿيو ۽ هن جي پويان اسان سڀ هڪ قطار ۾ ڊوڙڻ لڳاسين. ان وقت ائين پي لڳو جڙ هڪ ريل گاڏي هلي رهي آهي. سڀ کان اڳ ڊاڪٽر اعزاز ڪوٽلن تي هلندڙ ڪاري انجڻ پيو لڳي. ڊاڪٽر صاحب کي مالڪ نظربند کان بچائي. ڊاڪٽر صاحب اسان سڀني کان قدا آور، بت ۾ پريل پھلوان ۽ رنگ ۾ بہ سڀ ڪارو آهي. هن جي پويان ڊوڙڻ مھل ٻيا همراهہ جڙ انجڻ جي پويان ريل جا گاڏا پيا لڳن. اڄ منھنجي اچڻ ڪري ان ريل گاڏي ۾ هڪ مال گاڏي جو جڙ اضافو ٿيو هو. منھنجو قد بت ۽ رنگ روغن بہ ڊاڪٽر صاحب کان گھٽ نہ آهي. ان ڪري گاڏي ڏھہ ٻارنھن وارڊ جي چوڌاري چڪر ڏنا. نيٺ انجڻ آهستي آهستي پنھنجي رفتار گھٽائيندي اچي استيشن تي بيٺي. پويان گاڏا بہ بريڪ لڳڻ ڪري بيھي رهيا.

ڊاڪٽر اعزاز پوءِ هڪ ماهر ٽرينر جيان هڪ دائري ۾ بيھاري مختلف ورزشون ۽ ٽينگ ٽپا ڏياري واهہ جا پگھر ڪڍيا.

بھرحال دونھاڙار ورزش بعد غسل ڪري نيرن ڪئسين. اسان جي ڪن علم دوست ساٿين ابراهيم منشي کي گذارش ڪئي هئي تہ هو بہ

هت باندين جو ڪو ڪلاس وٺي، نيٺ هن شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جا سر معنيٰ ۽ تشريح سان سمجھائڻ جي حامي ٿيري.

سنڌ جي هن عوامي شاعر جو اصل نالو محمد ابراهيم سومرو آهي، تخلص "منشي" اٿس. سندس اصل ڳوٺ ٽنڊي محمد خان ٿرسان جنهاڻ سومرو آهي. سندس والد هر هاري هو. ابراهيم اڃا پرائمري جي ٽين چوٿين ڪلاس ۾ هو تہ سندس والد وفات ڪري ويو ان ڪري هن محنت مزدوري ڪري گهر جو گاڏو هلايو. ابراهيم منشي جو پيءُ پڻ شاعر هو. هن جا لکيل مولود تر ۾ ڪافي مقبول هئا. ابراهيم منشي هميشہ هيٺين طبقي لاءِ شاعري ڪئي.

اڄ ابراهيم منشي جو پهريون ليڪچر هو سڀ دوست اسان جي ڪمري ۾ اچي گڏ ٿيا. اسان جو ڪمرو ٻين ڪمرن کان ڪشادو هئڻ ڪري اڪثر اهڙيون گڏجاڻيون هت ٿيندڙيون آهن. ابراهيم منشي، شاهه ڀٽائي جي رسالي مان "سر يمن ڪلياڻ" سان پنهنجي ليڪچر جي شروعات ڪئي.

ابراهيم منشي جيترو پلو شاعر آهي، ان کان وڌيڪ سريلي آواز جو مالڪ آهي. ڪيس راڳداري جا بہ ڪافي گُر اچن ٿا. هي ذات ڏٽي جنهن مهل سُر سان شاهه جي رسالي مان بيت جهونگاري ان جي معنيٰ ۽ مطلب سمجھائي پيو تہ هڪ عجيب ماحول جڙي پيو هن جي ان انوکي رس ڀري انداز سان ڀٽائي کي ڳائي سمجھائڻ ڪري سڀني همراهن کي جڙ ٻنا پيتي جي سرور هئا. اهڙي مد هوشي جي عالم ۾ وقت جي خبر ئي نہ پئي. ماني جي سڏ مهل سڀني کي ٻڪڙي جو احساس ٿيو.

ڪافي ڏينهن بعد ورزش دوران جسم کي چورڻ پورڻ ڪري بدن ۾ سور ٿي پيو هو منجهند جي ماني بعد جيئن ئي کٽ تي ليٽيس تہ شام جي چانهه لاءِ ساجن ڏاهري اچي جهنجهوڙي اٺاريو.

اڄ آريسر پنهنجي ليڪچر دوران ڪتاب 'مظهر شاهجهاني' جي باري ۾ وڌيڪ ٻڌايو تہ يوسف ميرڪ لکي ٿو تہ "جيئن ئي شاهجهان مغل سلطنت جو بادشاهه ٿيو تہ هن اعتماد الدوله مير غياث جي پوٽي مرزا احمدبيگ کي سيوهڻ جو جاگيردار ڪري موڪليو. احمد بيگ

تمام ڪاهل، بي سمجھ ۽ بيڪار ماڻھو ھو ھو مردن کان وڌيڪ عورتن جي صحبت ۾ رھڻ پسند ڪندو ھو ھن حڪومت جي واڳ پنھنجي ھڪ نياڻي، ظالم ۽ سنگدل پاڻ مرزا يوسف کي ڏئي ڇڏي، مرزا يوسف پنھنجي پاڻ احمد بيگ کان ب وڌيڪ گھٽيا ذھنيت جو مالڪ ذليل ترين ۽ واحيات انسان ھو."

يوسف ميرڪ وڌيڪ ھن سيوھڙ جي جاگيردار لاءِ لکي ٿو ت "ھو ايڏو ت ظالم ۽ سفاڪ ھو جو حجاج بن يوسف جھڙا جابر ۽ قاتل ب ھن جي اڳيان جڙ نيچ ھئا. ھو ان کان ھزار ڀيرا وڌيڪ رھزن ھو". آريسر صاحب وڌيڪ ڪتاب پڙھڻ دوران ٻڌايو ت ھن ڪتاب جو ليکڪ يوسف ميرڪ سيوھڙ جي جاگيردار احمد بيگ ۽ سندس پاڻ جا سنڌين تي ٽيندڙ ظلم وڌيڪ برداشت نہ ڪري سگھيو ان ڪري ھن مغل شھنشاھ شاھجھان کي لکت ۾ ڪجھ شڪايتون ڏيڻ جو خيال ڪيو ان خيال کان ھو سيوھڙ مان ڀڄي ملتان ڀھتو ت جيئن ملتان ۾ ٽانيڪو ٽي ھي ڪتاب لکي. شاھجھان کي، سندس مغل عملدارن جا رايا تي ڪيل ظلم ٻڌائي، ملتان ۾ مغلن طرفان سندس پاڻ مير ابو البقا امير خان نائب ھو.

قضا سان جيئن ي يوسف ميرڪ ملتان ڀھتو ت اتان سندس پاڻ کي بدلي ڪري ٻئي موڪليو جتي ويھي ھن ھي تاريخي ڪتاب قلمبند ڪيو مطلب ھن ھي تاريخ 1044 ھجري ۾ لکي پوري ڪئي.

ٿوري ساھي بعد وري سڀ ٻاھر نم جي وڙ ھيٺان اچي ويناسين، عبدالواحد آريسر وري سيني جي سامھون ڪنھن خطيب جيان ڪرسي تي اچي ويٺو ھو تاريخ مظھر شاھجھاني مان فارسي ۾ ڪجھ سٽون پڙھي ان جو سولي سنڌي ۾ ترجمو ڪندو سمجھائيندو پي ويو آريسر صاحب جي فن خطابت ۽ منظر نگاري اھڙي ھئي، جو سيني جي سامھون جڙ سئنيما جي پردي تي جنگي فلم رھي ھئي، اسان سڀ ساڻي پوري ڏيان سان جابر مغلن جون سنڌ تي ھلائون ۽ ڏرتي ڌڻين تي ڪيل سندن ظلم ٻڌي رھيا ھئاسين، جڏھن ب ڪو لٽيرو مغل ڪنھن سنڌي سرويچ سان ڏاڍائي ڪري پيو ت ڪلاس ۾ ويٺل دوستن جا جڙ ھيانو ڇڇي پيا پون. ساڳي وقت ڪلاس مان مٽس ڦٽ لعنت جا ڦھڪا

پيا پون. کو سنڌي سورهيہ وري کنهن ملعون مغل جو ڪنڌ ڪوري پيو تہ تاڙين جا تاکوڙا هڻا.

مطلب تہ آريسر صاحب جي ان رچايل ماحول ۾ اسان بہ پاڻ کي مغل دور ۾ رهندڙ سنڌي پيا سمجهون. خاص ڪري انهن سنڌ واسين جي شهادت تي غمگين پيا ٿي وڃون. جيڪي جنگ جوئڻ دوران پنهنجي جنم ڀومي کي رت سان ريٽو تہ ڪري رهيا هئا پر ساڳي وقت حملي آورن جي لشڪر کي بہ ڪتن ۽ ڳجهن جو ڪاڄ بڻائي رهيا هئا.

آريا بہ لٽيرا ها، لٽي لٽجي ويا،
ترخان، مدد خان ڦري، ڦرجي ويا،
هي سنڌ بهرحال جئي پئي، پئي جيئندي
ڪئين بار ڪٽڪ آيا، ڪٽي، ڪٽجي ويا.

ليڪچر ختم ٿيڻ بعد رات جي ماني کائي ڪجهہ دير چهل قدمي ڪئي، اڄ لکومل لوهاڻي سان گهمڻ دوران ڪافي سڀي گفتگو رهي، يار ڪافي پڙهيل ڳڙهيل آهي، خاص ڪري دنيا جي انقلابن تي سڀي نظر اٿس، اسان جي يونيورسٽين جيڪڏهن اهڙا انقلابي ۽ نظرياتي شاگرد پيدا ڪيا تہ سنڌ جا سور اهڙا ئي گهڻ پڙهيا گهٽائيندا.

سنجهاڙاري ڪمري ۾ بند ٿيڻ بعد ڪجهہ دير ڪچهري ۽ ڪتابن جا ورق ورائيندو رهيس، جنهن بعد بستري حوالي ٿيس، ڪافي ڏينهن بعد ڪٽ ۽ نرم بسترو ملڻ ڪري سمهڻ سان ئي ماٺهو ڪوهہ ڪاف جي پرين وٽ وڃي ٿو پهچي، نوابشاهہ ۽ حيدرآباد جيل ۾ پٽ تي بنا هنڌ ۽ وهاڻي جي ڪري ننڊ وڏي منٽ ميڙ بعد ايندي هئي، پر هت پئي سڏي ڪرڻ سان ئي خوابن جي ديس پهچيو وڃون.

❐

7_ سيپٽمبر1976
هي ڏرتي منهنجو ننگ آ

اسان جي وارڊ ۾ ڏگھا گھاتا وڻ ھئڻ ڪري صبح جي سھائي کان اڳ ئي قسمين قسمين پکي ھولڙ شروع ڪن ٿا. انھن پکين جي منڙين لاتن تي جيل جا جھونا جوڳي ته آرس پيڃي اٿي ويھن ٿا. پر اسان جھڙي ننڊ جي شوقين پرسان کو گڏھ بہ ھينگ ڪري ته بہ اسان پاسو ورائي وري سمھي ٿا پئون. اڄ بہ ڪنھن دوست اٽارڻ مھل ڪانڇ کي اھڙيون ته بي دردي سان ستون ڏنيون جو ذري گھٽ ڪانڇ ٽي لاٽائين. بھرحال مان اڳڻ کي سوگھو ڪري تپ ڏئي اٿي ڏوڙي اچي. استاد محترم ڊاڪٽر اعزاز وٽ حاضري پرائي. ڊاڪٽر اعزاز اھڙي ته جنگي قيدين جيان بيدردي سان ايڪسرسائز ٿو ڪرائي جو جسم جو جوڙ جوڙ جڙ ٽڙکي پيو آھي. حالانڪ مان بہ ساري عمر راند جي ميدان تي پگھر ڳاڙي ھيءَ عمر پاتي آھي.

ورزش بعد نيرن ڪري وري اچي کٽ تي آھلجي رھيس. ٽڪاوٽ ڪري في الحال ته ڪنھن بہ ڪم ۾ من نہ پيو لڳي. البت ڊائري کڻي ڪجھ ستون لکڻ لاءِ سوچي رھيو آھيان.

اڄ پنھنجي پر ۾ ملڪ ٽوڙيندڙ ٻن غدارن عبدالواحد آريسر ۽ ابراھيم منشي جي ڪورٽ ۾ حاضري ھئي. جن ويچارن کي بدن تي پائڻ لاءِ سولو ڪپڙو ۽ پير ۾ پوري جُتي بہ ڪانہ آھي. افسوس ۽ تعجب اھو آھي. انھن ٻن مسڪينن کان لکين فوج. ھزارين ايجنسيون. سوين ھوائي ۽ بحري جھاز رکندڙ طاقتور ملڪ کي ڪٿڻ جو خطرو آھي. معني ته اھو سچ آھي "تي تند وڙھي تلوارن سان."

عبدالواحد آريسر ۽ ابراهيم منشي جي ڪورٽ وڃڻ ڪري اڄ ڪوبہ ڪلاس نہ ٿيو. جيئن ننڍي هوندي اسڪول مان اوچتو موڪل ملڻ ڪري ٽينگ ٽپا ڏيندا هئاسين، سو سارو ڏينهن پاڻ ۾ من مستيون خرمستيون ڪندا رهياسين.

هن تيرهن نمبر وارڊ ۾ سلجهيل ۽ تنظيم ڪار ماڻهن جي گهٽائي ڪري هر ڪم وڏي خوش اسلوبي سان هلي رهيو آهي، حالانڪ مختلف خيالن ۽ نظرين جا دوست قيد آهن. بحث مباحثا پنهنجي جاءِ تي پر پاڻ ۾ مٺ محبت سان رهن ٿا. جيل ۾ روز مرهہ جو هر ڪم ورهايل آهي، ائين چئجي تہ مختلف محڪما ٺاهيا ويا آهن، جيئن خوراڪ جو محڪمو تعليم ڪاتو اهڙي طرح صحت ۽ صفائي جا ادارا پڻ آهن.

هن وارڊ ۾ تعليم ڪميٽي جو سربراهہ عبدالواحد آريسر آهي، هن جا صلاحڪار ڊاڪٽر اعزاز نذير ۽ ابراهيم منشي آهن، راندين جو ادارو ڊاڪٽر اعزاز نذير کي ڏنل آهي، مان ڃڻ هن جو خاص مشير آهيان، سڀ کان اهم ۽ برجستو محڪمو حبيب الله ناريجي وٽ آهي، يعني خوراڪ جو محڪمو ان ڪري سڀ کيس وزير خوراڪ سڏيندا آهن، سڀ کان وڌيڪ عملو بہ وزير خوراڪ وٽ آهي، هن جو خاص چمچو بورچي بشيرو آهي، جيڪو حبيب الله ناريجي کان وڌيڪ لئي ۽ رعب رکندو آهي. بشيرو 307 جي ڪيس ۾ سزا ڪمائي رهيو آهي، ٿوري گهٽي ڳالهہ تي پنهنجي زيردست عملي کي ڏنڊ ڪرتي ڏمڪي ڏيندو آهي تہ "مين جيل ڪا ڪالا ٽوپي هون،" جيل ۾ ڪاري ٽوپي ان قيدي کي چيو ويندو آهي، جيڪو جيل ۾ بہ تي سزائون ڪمائي ويو هجي، مطلب تہ جيل ڃڻ گهر هجيس، هن ڪاري ٽوپي بشيري کي ڪم ڪار لاءِ ڪافي برداشتي مليل آهن، جيل ۾ ڪم ڪار لاءِ جيڪي عام قيدي مليل هوندا آهن، انهن کي هتان جي زبان ۾ برداشتي يا مشقتي چيو ويندو آهي مطلب تہ هن وارڊ ۾ سڀ کان وڌيڪ پڃ ڊڪ ۽ محنت وارو ڪم حبيب الله ناريجي وٽ آهي، جيڪو هو وڏي محنت ۽ جفاڪشي سان پورو ڪري ٿو ڪاري ٽوپي ماني تيار ڪري ونڊندو آهي تہ هينئون عملو يڪدم ڪٽا وڃائي سليقي سان پليٽون ۽ گلاس وغيره رکي ويندو آهي. ان بعد اسان

ڪي سڏيو ويندو آهي. سارو راڄ جڏهن اچي گڏ ٿي ته پوءِ وزير خوراڪ چمچو ڪٽي پنهنجي مبارڪ هٿن سان ديڳڙي جو ڍڪ لاهي خوراڪ جي ونڊ ڪندو هو. هر هڪ جي پليٽ ۾ سندس گهرج مطابق خوراڪ ڏيندو آهي. ڪاري ٽوپي ۽ برداشتي اُپ پير ٻيٽا اسان کي گهربل شيون ۽ پاٽي وغيره ڏيندا آهن.

شام ڏاري وارڊ ۾ گهمڻ دوران رحمت الله هيسباڻي سان ڪچهري رهي. رحمت الله هيسباڻي اسان جي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جو سينيئر رهنما آهي. سدائين سندس چهري تي مرڪ هوندي آهي. يونيورسٽي ۾ هر نئين شاگرد جو پرجهلو ۽ مددگار هئڻ ڪري پنهنجي سنگت ۾ هر دلعزيز آهي. يونيورسٽي ۾ ڪنهن به شاگرد جو ڪنهن به ڊپارٽمينٽ ۾ ڪم هوندو آهي ته هن کي ٻانهه کان جهلي وٺي ويندا آهن. هن جي ڊپارٽمينٽ جي هيٺين عملي سان ٻانهه ٻڌ هئڻ ڪري اڪثر سيني جا ڪم ڪرائي موٽندو آهي. پوءِ ٻلي ڪنهن جي داخلا جو معاملو هجي يا في معاف ڪرائڻ جو ڪنهن به دوست کي هاسٽل ۾ ڪمري جي ضرورت هوندي آهي ته به هي خدائي خدمتگار هر ڪنهن سان گڏيو ويندو آهي. بهرڪيف هن مولائي وٽ "نه" لفظ جڻ هن جي ڊڪشنري ۾ئي ڪونهي. هت جيل ۾ به همراهه سيني دوستن سان تاس لوڏي ۽ نڙا ماشا ۾ ساٿ ڏيندو آهي.

رات جو سمهڻ مهل. اسان سيني دوستن ابراهيم منشي کي پنهنجي شاعري ۽ ڪجهه ڪلام ٻڌائڻ جي فرمائش ڪئي. ابراهيم منشي جيترو سٺو ڏرتي جو شاعر آهي. اوترو ئي قدرت کيس مڌر آواز سان نوازيو آهي. جيل کان ٻاهر ذاتي محفلن ۽ جلسن ۾ هن جو پُرسوز آواز ماڻهو کي بيخود ڪريو ڇڏيو. هاڻي به ابراهيم منشي پنهنجو مشهور شعر جهونگارڻ شروع ڪيو.

جنگ جنگ جنگ آ،
منهنجي توسان جنگ آ،
پليت پير ڪر پري،
هي ڏرتي منهنجو ننگ آ.

ابراهيم منشي خاص ڪري لفظ "جنگ.. جنگ.. جنگ.. آ." اهڙي ته جذبي ۾ اندر جي اُڇل سان ڀائيندو آهي، جو ٻڌندڙن جا لڳ ڪاندڙجيو وڃن. ان مهل اسان ائين محسوس ڪندا آهيون، جڙ ڪوٽ ڪيرائي، ڪوٽ جون ڪنگريون پاش پاش ڪري، در دروازا ٽوڙي، جنگي نقارن جي آواز تي ڌنبلا ناهيون، هٿيار هٿن ۾ کيون ويڙهاند لاءِ وڃي رهيا آهيون.

ابراهيم منشي جو هي شعر به جيل ۾ ڪمزور دل باندين لاءِ اتساهه جو سبب بڻيو آهي.

ڪبا ڪارا نه ڪتن ۾ پنهوارن جا اڇا پٽڪا

...

ابراهيم منشي جڏهن جيل ۾ هو ته چون ٿا ته سندس هڪ پيارو پٽ مري ويو هو جنهن جو شايد هن منهن به نه ڏٺو هو هو ان مهل، زماني جي ڪنهن به ماڻهو ۾ حالات کي ڏوهي نٿو چئي، هو پنهنجي شاعري واري ذات کي ڏوهي سمجهي ٿو ته اها ذات ئي آهي جيڪا ڪيس جيل ۾ ٽاڙا ڏيڪاري ٿي، هو پنهنجي پٽ کي مخاطب ٿيندي چئي ٿو.

منهنجي ذات ڏوهاري پٽڙا
منهنجي ذات ڏوهاري پٽڙا.

□

8 سيپٽمبر 1976ع
ڪامريڊ نذير عباسي

صبح جو آرس پيڄي اُوپاسيون ڏينڊو ورزش لاءِ اکاڙي ۾ پهچي ويس. اڳي صبح جي ٽڏڙي هير ۾ رهڳو ڊاڪٽر اعزاز نذير اٿي ورزش ڪندو هو تہ ان وقت تمام ٿوزا ماڻهو سندس ساٿ ڏيندا هئا. هون بہ ڊاڪٽر اعزاز نذير قدبت ۾ پريل رنگ جو ڪارڙو قطار ۾ سپ جي اڳيان ٽي ڊوڙندو آهي تہ عجيب دلڪش منظر هوندو آهي. ڪي ورزش مخالف دوست اکيون مهٽيندا. ڪمري کان ٻاهر ايندا آهن تہ اسان ٽي دل کولي هوٽنگ ڪندا آهن. جواب ۾ ڊاڪٽر ءِ اسان جا ٽهڪ هوندا آهن.

شروعات ۾ ڪسرت دشمن دوستن جي ڪثرت هئي. پر هاڻي ڏينهون ڏينهن ان ۾ گهٽتائي ايندي ٽي وڃي. روزانہ پهلوانن جو انگ وڌندو ٽو وڃي. اڄ صبح جو ڏٺوسين تہ ڪامريڊ نذير عباسي بہ لنگوٽو پايون پهلوانن جيان ٽيٽيهر جهڙين سنهڙين سٽرن کي ٽپڪيون هڻندو پيڪيون ڪندو اچي اسان سان شامل ٽيو هن جي ورزش گاهہ ۾ اچڻ سيني لاءِ جڙ رونشو ٽي ويو ڇو جو جاگنگ يا ايڪسرسائز دوران نذير عباسي جا ننڍڙا ٽوٽڪا ءِ چرچا سخت کان سخت ورزش کي بہ ڪل يوڳ واري ماحول ۾ سولو بڻائي ٽي ڇڏيو. جنهن ڪري سارو وقت اکاڙي ۾ ٽهڪڙا بہ گونجندا رهيا. ڪامريڊ نذير عباسي پهرين نڊر ۾ جيترو سنجيده ءِ خاموش لڳندو آهي. اوترو ئي ويجهو اچڻ سان خوش مزاج ءِ ڪل يوڳ جو ڪوڏيو ثابت ٽيو.

ورزش دوران نذير عباسي. اسان سيني کي سامهون ويهاري پنهنجي قميص لاهي. وڏي سنجيدگي سان بادي بلڊر وانگر پوز هڻي

پنهنجون مشقون (Musles) ڏيکارڻ لڳو. ساري وارڊ ۾ هن جي هر هڪ پوز تي هوڪرا ۽ تاڙين جا ڦهڪا هئا. وارڊ ۾ هل هنگامو ڏسي ڪمرن ۾ آرامي دوست به نڪري اچي نذير عباسي جي باڊي بلڊنگ جا پوز ڏسڻ لڳا. هن جي سنهڙي سُوتلي جهڙي جسم تي ماس جو ته نالو ئي ڪونه هو ويتر زور ڏيڻ سان سندس بدن جون رڳون پي نڪري آيون. اسان سيني هن جي جسم جي پيچري ۾ هڏن جو انگ ۽ پاسراتين جو تعداد ڳڻي ٻڌايو.

اها حقيقت آهي ته منهنجي ايڏا انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا ڪانه ٿي هئي، تڏهن به سنڌ يونيورسٽي ۾ اچڻ وڃڻ ٿيندو هو خاص ڪري جڏهن سنڌ جي مختلف ڪاليجن جي وچ ۾ راندين جا مقابلا يونيورسٽي جي ميدان تي ٿيندا هئا ته اسان جو اڪثر رهائش راجا الياس، منصب جڪراڻي، محمد علي مهر، مشتاق ميراڻي، اعجاز گاد ۽ شبير قريشي جي هاسٽل جي ڪمرن تي ٿيندي هئي، تن ڏينهن ۾ ڪئمپس ۾ هڪڙو سنهڙو سيپڪ شاگرد ڪنهن ڪاهوڙي جيان هيڏي هوڏي ڦرندي نظر ايندو هو هن کي هوا جيان جڙ هڪ هنڌ قرار ئي نه هو سندس بيچيني مان محسوس ٿيندو هو ته يار ڪنهن کوجنا ۽ جاکوڙ ۾ لڳل آهي. هن سنهڙو ڪاهوڙي ڪنهن مهل ڪنهن هاسٽل ۾ ته ڪڏهن ڪنهن ڊپارٽمينٽ ۾ شاگردن کي بينو ياشڻ ڏيندو هو. پر هو گهٽو ڪري انٽرنيشنل هاسٽل ۾ ملندوهو. چال ڍال ۽ منهن مهانڊي ۾ جپسين جيان هئڻ ڪري هو پين شاگردن کان صفا مختلف لڳندو هو.

خير مان جڏهن انجنيئرنگ ڪاليج نواب شاهه جو شاگرد ٿيس ۽ شاگرد سياست ۾ سرگرمي سان حصو وٺڻ لڳس، جنهن ڪري شاگردن جي مسئلن يا تنظيمي گڏجاڻين لاءِ گهٽو ڪري جامشوري جا ڦيرا هوندا هئا.

هڪ ڏينهن سنڌ يونيورسٽي جي سينٽر ڪينٽين ۾ پنهنجي دوست نقيب شاهه کان پڇيو.

"يار هي عجيب غريب جوڳين جهڙو چوڪرو ڪير آهي."

نقيب شاهه ٻڌايو ته "هي نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن جو اڳواڻ ڪامريد نذير عباسي آهي."

نذير عباسي سان اهو پهريون دفعو پري کان تعارف ٿيو. جيڪو پوءِ آهستي آهستي قريب ٿيندو ويو.

ڪامريڊ نذير عباسي کي گهٽو ڪري استري کان بي نياز سادا ۽ پراٽا ڪپڑا پاتل هوندا هئا. سردي کان بچاءُ لاءِ ڪيس پنهنجي جسم کان ٽيٽون چوٽون وڏو لنڊا جو ڪوٽ پاتل هوندو هو. جنهن ۾ سندس هاڻي ڪاڻي جيترا ٻه ٽي ڇڻا سولائي سان سمائجي ويڻن. هن جي مٿي ۽ ڏاڙهي جا وڪريل وار ڇامشوري جي تيز هوائن ۾ ٽر جي ٿوهر وانگر پيا جهومندا هئا. نذير عباسي جو علم سان ايترو ته عشق آهي، جو سندس ڪچ ۾ ڪتابن جي پري ٻڌل هوندي آهي. مطلب ته نذير عباسي يونيورسٽي ۾ توڙي هت جيل ۾ هڪ منفرد شخصيت جو مالڪ آهي، ٻڌائي صحيح چيو آهي.

پيرين پراٽا کيترا سڪا منهن سندن،
سا جوءِ ڏوري آئيا، سونهان جت منجهن
ڳجها ڳجهيون ڪن، تهان پنڌ جون

دستور مطابق شام جو سپ باندي اچي ٻاهر گڏ ٿيا. آربسر صاحب سپني جي سامهون ڪتاب تاريخ مظهر شاهجهاني کولي ان جو ترجمو ڪندو سمجهائيندو پي هليو. هن ڪتاب ۾ يوسف ميرڪ ڪافي دشنام طراز کان ڪم ورتو آهي. خاص ڪري سنڌين لاءِ گهٽا ڳٽا لفظ استعمال ڪيا اٿس. مظهر شاهجهاني ۾ جڏهن مغل ڪٽي ٻه سنڌين کي مارين پيا ته يوسف ميرڪ سنڌين لاءِ لکي ٿو ته کين جهنم رسيد ڪيو. وري جڏهن بدلي ۾ مقامي لوڪ مغلن کي مارين پيا ته اتي مصنف کين شهيد ڪري لکي ٿو.

ساڳي طرح جيئن پاڪستاني ميڊيا اڄ تائين بنگلاديش ۾ البدر ۽ الشمس جهڙن سفاڪ رت پياڪ ٽولن ۽ مرندڙ فوجن کي شهيد سڏيندي رهي ٿي، پر بنگالي ۽ آزادي لاءِ وڙهندڙ هنن جي نذر ۾ ڪافر ۽ جهنمي آهن.

هن تاريخي ڪتاب ۾ ليکڪ سنڌين کي نامراد، ڏاڙيل، ڪافر، متمرد، مفسد، وڳوڙي، رهزن، فسادي، ظالم، شورشي، بي گرا، بدبخت،

ڏڻائي، بدمعاش، چورٽ، ڪاتڪو شاهينگ، بيهودا ۽ ٻين ڪيترن ڪريل نالن سان سڏيو آهي.

سنڌ ۾ ميگهه ملهار جي منڌ ڪافي ڏينهن کان شروع آهي، حيدرآباد جيل ۾ هئاسين تہ برسات جا ٽاڙهيا ڏٺاسين، هت ٻہ هر روز ڪارا ڪارونيار گگن ۾ گڏ ٿي وسڪارا ڪن ٿا، اهڙي مست موسم ۾ اسان باندين کي ٻہ پنهنجن پنهنجن پرين جا پُور پون ٿا، جهڙالي ماحول مڙني تي موڳائي طاري ڪري ڇڏي آهي، ان ڪري سڀ ڇٽا من ريجهائڻ لاءِ ڪليل وارڊ ۾ اڪثر وٽن هينان وينا روح رهاڻيون ڪندا آهيون، اڄ ٻہ شام ڏاري وٽن جي ساون پنن جي مهڪ ۽ مٽي جي ٻني ٻني خوشبوءِ وارڊ ۾ ڪنهن رٻاري ٻار وانگر ڊوڙون پائي رهي هئي تہ اتي ڪن دوستن مولابخش لغاري کي ڪلام ڳائڻ لاءِ چيو. مختصر جسم جو مالڪ مولابخش لغاري اصل دادو واري پاسي ڪنهن ڳوٺ سان تعلق رکي ٿو ملائم طبيعت ڪري هو يونيورسٽي جي شاگردن ۾ ڪافي هر دلعزيز آهي، ساڳي وقت اسٽيج جو ٻہ تمام سٺو مقرر آهي، جيئي سنڌ جي جلسن ۾ پنهنجي وٽندڙ گفتن سان شاگردن کان وڏو داد حاصل ڪندو آهي، مون کي سندس تڪيہ ڪلام "ڏچو" ڏاڍو وٽندو آهي، مثال طور حڪومت اسان لاءِ ڏچو ڪري ڇڏيو... يونيورسٽي شاگردن کي ڏچي ۾ وجهي ڇڏيو آهي... پوليس ڏچو... امتحان حال ۾ ڏچو... جيل ۾ ڏچو... حاضري تي ڏچو... ان ڪري مان پيار ۽ حجت ۾ ڪيس ڪڍهن ڪڍهن ڏچو ٻہ چوندو آهيان، پر يار فراخدلي سان پاڻ ٻہ ڏچي لفظ مان مزو وٺندو آهي.

مولابخش لغاري اسان سيني جي چوڻ تي ڳائڻ شروع ڪيو اسان سيني کي ٻڌي تعجب ٿيو تہ ادا مولابخش لغاري هڪ سريلي آواز جو مالڪ آهي، جوڙي موڙي بعد سيني يارن وري ڪامريڊ نذير عباسي ڏي منهن ڪيو ڪامريڊ نذير عباسي ٻہ بنا ڪنهن رک رکاءَ جي ڪن تي هٿ رکيو هن جي ڳائڻ مهل وارڊ ۾ ايتري تہ خاموشي ٿي وئي جو جيڪڏهن هوا جي جهوٽن تي وڻ جو ڪو پن ٻہ پٽ ٿي ڪري پيو تہ ان جي ڪرڻ جو آواز ٻہ محسوس پي ٿيو ان وقت جيل جا سڀ ساٿاري نذير عباسي جي دل سوز آلاپن جي لهرن تي جڙ نيرگي وانگر پاڻي جي

لهرن تي تري رهيا هئا. ڪامريڊ نذير جي ڪانن جي هولن ۾ ادائگي جڙ سيني کي سرور ڏئي ڇڏيو. ڪلام جڏهن پورو ٿيو تڏهن سيني کي هوش آيو. پوءِ ته سيني جي اسرار تي ڪامريڊ نذير ڪافي ڪلام ٻڌايا. خبر نه آهي ته واقعي نذير عباسي ايڏو سٺو ڳائي پيو الائي نه. پر سندس گانن ۾ شعرن جي چونڊ وجد طاري ڪري ڇڏيو. اتي ڳايل هڪ گاني جا بول ۾ مفهوم جڙ محفل ۾ ويٺل سيني دلين جي ترجماني ڪري پيو.

تو ہندو بنے گا نہ مسلمان بنے گا
انسان کی اولاد ہے، تو انسان بنے گا۔

مطلب ته اڄ جي اها دل دتاريندڙ شام "نذير جي نانءُ" ٿي وئي. جڏهن يار جو دردیلو آواز جيل جي ديوارن سان ٽڪرائجي پيو ته جيل جا پراڻا قيدي به ڪمر ڪار ڇڏي هن کي ٻڌڻ لاءِ اچي مڙيا.

ابراهيم منشي کان اڄ به لفافا اڳاري وٺي هڪ خط نقيب الحسنين موسوي ڏي سکر لکيم. گرفتاري کان وٺي هاڻي تائين نقيب شاهه سان ملاقات ڪانه ٿي آهي نه ڪ وري حال احوال ڏنو ورتو آهي. حالانڪ گرفتاري کان اڳ روزانو هڪ ٻي کي ڏسڻ کان پوءِ سڪون ملندو هو هي دلبر منهنجي پيارن دوستن مان هڪ آهي. حيدرآباد جيل ۾ يار اسان سان ملڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي. جيل جي دورازي وٽ ويهي ويهي موٽي ويندو هو پر سهڻي سائين جو ديدار ٿي نه سگهيو.

مون ٻيو خط گهر جي ياتين ڏي لکيو. ان کان اڳ مان کين هڪ ٻه خط لکي چڪو آهيان. خط ۾ رڳو امڙ ۽ ادين کي دلاسا ڏيندو آهيان ته دلگير نه ٿين. باقي بابا سائين ۽ ٻيا پائر ادا مشتاق. اشفاق. اخلاق. آفاق ۽ اسحاق انصاري. ذهني طور تي سلجهيل ۽ پختن خيالن جا آهن. کين منهنجي طرفان ڪنهن به آڇت جي ضرورت نه آهي.

□

9 سيپٽمبر 1976ع
پرهه جا پياڪ

رات ڪتاب وغيره پڙهڻ ۽ خط لکڻ ڪري ڇڏيائين ڏاري سمهيو هيس. ان ڪري صبح جو هيرا لعل اچي اڏاريو تڏ تڪڙ ۾ منهن تي ۽ چار پاڻي جا ٿَپا هڻي اچي ميدان تي پهتس. اڄ غلام رسول کوسو ۽ لنگ ڪشي، هنيوشيون هڻندو ايڪسرسائز لاءِ اچي شامل ٿيو. جڏهڪ ورزش دشمن هٿيار ڦٽا ڪيا.

صبح جي نيرن بعد سڀ دوست اسان جي ڪمري ۾ اچي گڏ ٿيا. جيڪو ڪجهه ڪلاڪن لاءِ ڪلاس روم ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. ڊاڪٽر اعزاز نذير پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي هن وقت تائين سياسي لاهن چاڑهن تي روشني وجهندو هلي ٿو "پاڪستان جو جيتوڻيڪ آئيني طرح ۽ قانوني طور جمهوري ملڪ جهڙو آئيني ڍانچو ناهيو ويو هو پر هت هميشه سول ۽ ملٽري بيورو ڪريسي جي ڳٺ جوڙ رهي آهي، جڏهن ملڪ انهن سازش ٽولن ئي هلايو آهي، پاڪستان ٺهڻ کان وٺي 1970ع يحيٰي خان تائين ملڪ ۾ پنجابي حڪمرانن ۽ جنرلن جو راج هو جن ۾ گورنر جنرل غلام محمد، چوڌري محمد علي، ممتاز دولتانه، مشتاق گرماني، مظفر قزلباش، ممدوٽ، ٽوانه خاندان ۽ جنرل محمد ايوب ۽ جنرل يحيٰي خان جهڙا آمر شامل هئا.

اها ڊڪٽيٽرشپ جڏهن قائد اعظم محمد علي جناح ۽ لياقت علي خان کان ورثي ۾ ملي هئي، جناح صاحب وٽ به مسلم ليگ ۽ آزادي ۾ مسلمانن جي جدوجهد جي ڪا حيثيت ڪانه هئي، هو پاڪستان ناهڻ جو سهرو صرف پاڻ کي ڏيندو هو جنهن ۾ هن جي ذاتي قابليت ۽ ذهانت جو عمل دخل هو هڪ دفعو پاڪستان ٺهڻ بعد

هن کي راجا صاحب محمود آباد ڇيو مسلم ليگ جي تنظيم سازي ۾ پراڻن ڪارڪنن تي هٿ رکجي. ان تي قائد اعظم محمد علي جناح کاوڙ جو اظهار ڪندي ڇيو هو "ڇا جي مسلم ليگ ۾ ڇا جي مسلم ليگي؟ پاڪستان مون ۾ منهنجي هن ٽائپ رائيٽر ناهيو آهي."

انگريز آخر تائين مسلم ليگ ۾ ڪانگريس سان ڳالهيون ڪري، برصغير کي متحد رکڻ چاهين پيا پر قائد اعظم ايترو ته ضد ڪيو جو هن لاردِ مائونٽ بيٽن کي چيو "مون کي جيڪڏهن ماڇيس جي ڊبي جيترو پاڪستان ۾ ملي ته ۾ آئون ان کي حاصل ڪري رهندس." مطلب ته ڪامريڊ اعزاز نذير جي ليڪچر ۾ بعد ۾ سوالن جوابن جي وقفي دوران اهڙي قسم جا بحث مباحثا ٿيندا هئا جن مان اسان جهڙن سيکڙائن کي ڪافي سکڻ جو موقعو ملندو هو. ان ڪانسواءِ ڊاڪٽر اعزاز سان ڪميونزم ۽ نيشنلزم ۽ ٻين تحريڪن جي باري ۾ گفتگو رهندي هئي.

اعزاز نذير جو ڪلاس ختم ٿيو ته ڪلاڪ ڪن جي رسيس ڪئي وئي، جنهن بعد ابراهيم منشي پنهنجو ڪلاس شروع ڪيو. اڄ ابراهيم منشي پنهنجي ليڪچر دوران شاهه لطيف جو رسالو کولي سر يمن ڪلياڻ مان موکي متارن جو ذڪر ڪوليو هن ٻڌايو ته موکي نالي هڪ ڪلال جو مٽخانو نارا ٽر گڏاپ پاسي هوندو هو. موکي جو ڪشيده ڪيل شراب جي هنڌين ماڳين هاڪ هئي، ان ڪري پري پري کان مئي جا متوالا ڪشالا ڪري هن جي مٽخاني تي ايندا هئا. عام خيال آهي ته موکي ناتر جي ڏيءَ هئي، اها ناتر جنهن جو مومل راڻي ۾ ذڪر آهي، جيڪا ڪاڪ محل ۾ شهزادن کي اندر مومل ڏي وٽي ويندي هئي پوءِ رستي ۾ گوهي ڏئي گم ٿي ويندي هئي.

ناتر نارا ٽر وٽ بندرگاهن ۽ سنڌ جو ٻين شهرن کي ملائيندڙ رستي تي اچي هڪ مٽخانو کوليو اهو ساڳيو شراب ناهڻ جو فن موکي کي ورثي ۾ مليو. ناتر کان پوءِ اهو شراب خانو سندس ڏيءَ موکي هلائڻ لڳي، ٿوري ئي عرصي ۾ موکي جو اهو مسافرخانو ۽ مئيخانو وڏو مشهور ٿي ويو جتي قافلا اچي منزلون ڪندا هئا. مٽخاني جي هاڪ ڪري

متارا ۾ هن جا خاص گراهڪ هئا. جيڪي هڪ خاص مند ۾ هن وٽ اچي شراب پيئندا هئا، اهي ست، مهمجو متارا مختلف ذاتين جا هئا.

هڪ دفعي هو دستور مطابق موڪي جي مئي خاني تي لڏو لاهي مئي جي صدا هيائون تہ ان وقت موڪي وٽ صرف شراب جو هڪ ئي مٽ بچيو هو. موڪي جڏهن ان شراب جو ڏڪ لاٿو تہ ان اندر هڪ نانگ مئل ڏٺائين. هن موٽي اچي متارن کي چيو تہ هن وٽ هن وقت شراب جو هڪ جام ۾ ڪونهي، پر متارا صفا مست ٿي ويا، ڪيس منٽون ڪيائون تہ ڪيئن ۾ ڪري کين مڌ پياري. آخر مجبور ٿي موڪي ان مئل نانگ واري مٽ مان متارن کي مُئي جا جام پُر ڪري پيارا.

متارا شراب جا پيالا خالي ڪري واپس پنهنجي وٽاٽن ڏي وريا. ڪافي عرصي تائين اهي متارا وري موڪي جي مسافرخاني تي نہ آيا. موڪي سمجهيو تہ شايد نانگ جو زهر پيئڻ ڪري اهي متارا مري ويا آهن. ڪافي عرصي بعد جڏهن متارا وري موڪي جي مئخاني تي پهتا تہ موڪي هنن کي زندهہ ڏسي حيران ٿي وئي. موڪي کين شراب آڻي ڏنو هنن پيالا خالي ڪرڻ بعد بي مزي ٿيندي ڪيس چيو تہ هي نہ پر اسان کي گذريل دفعي جيڪو شراب پياريو هئي اهو شراب پيار. موڪي هنن کي ڪافي تاريو پر هنن جي زور پرڻ تي موڪي کين حقيقت ٻڌائي تہ ان شراب جي مٽ ۾ نانگ مئل هو. جڏهن متارن ٻڌو تہ هنن گذريل دفعي نانگ جو زهر مليل شراب پيتو هو تہ اها خبر پوڻ سان ئي اتي جو اتي مري ويا.

ابراهيم منشي موڪي متارن جو قصو ٻڌائڻ ڪانپوءِ هڪ هڪ بيت سُر سان ڳائي ان جو مفهوم سمجهائيندو پي ويو. مون کي ڪجهہ شعر تہ ڪافي پسند آيا.

موڪي مٽ اُپٽئا سويرا صبوح،
اچي جي عبداللطيف چئي باس نہ پهتہ بوءِ
ڪڙو جي ڪکوهہ تہ ۾ وٽ سر گهرن وٽيون
آڻي اتر واءُ، موڪي مٽ اُپٽيا،
متارا تنهن ساءَ، اچن سِر سنباهيو.

وجهج واتاڙين تي، ميخاني جي ماڪ
ٽيندي سڏ سيڪينهن، هنڌ هنڌ پوندي هاڪ
پرهه جا پياڪ جه سي اڳڙ آئيا.

متارا مري ويا، موڪي تون نه مرين
ڪيهي پَر پِرين ڏکي! ڏاتارن ري؟

وٽ وٽ وٽي ۾ مٽ مٽ منڌ ٻيو
قدر ڪين ڪلال جو پِيا ڪن پيو
اچن دَرس دڪان تي، ڪنڌ قبول ڪيو
سُرها سِر ڏيو چکن سَرڪ سيد چئي.

ابراهيم منشي جي سريلي آواز ۾ مڌ، مئي ڪشي ۽ ساقي جي ذڪر جڙ سيني کي مدهوش ڪري ڇڏيو هو. ان سرشار ڪيفيت ۾ وقت جو اندازو ئي نه رهيو. ان وقت احساس ٿيو. جڏهن مشقتن منجهند جي ماني جي لاءِ آواز ڏنو. ماني بعد مان به پنهنجي ڪٽ تي اچي سمهيس. ننڊ اهڙو ته اچي سوگهو ڪيو هو جو ڪامريڊ نذير عباسي کي مون کي اٺارڙ ۾ ڪافي پريشاني ڏسڻي پئي. ٻاهر آيس ته سڀ دوست چانهه جو دور پورو ڪري، ليڪچر ٻڌڻ جو ماحول ٺاهيون ويٺا ها. چانهه جا ٻه ٽي ڏڪ پيري، اچي ڪلاس روم ۾ ويٺس. مون کان اڳ عبدالواحد آريسر سامهون رکيل استاد واري ڪرسي تي ويهي چڪو هو.

سنڌ جي ڏاهي عبدالواحد آريسر اڄ ڪتاب مظهر شاهجهاني پڙهندي مغل دور ۾ سنڌين تي ٽيندڙ ڪجهه پيانڪ حقيقتن جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ته جهانگير بادشاهه جي دور ۾ فوج علي ۽ برج علي ٻه وڏا خنزير قسم جا جاگيردار هئا. فوج علي ڪي سبي ۽ بکر پاسي جاگير مليل هئي، هو ڪاڇي، بلوچ ۽ افغانن ٻاڻان ٻه حڪمران ٽي رهيو. هو ايڏو ته ظالم هو جو ان علاقي ۾ جيڪڏهن ڪوبار روئڻ بند نه ڪندو هو ته ماڻ ان کي فوج علي جي اچڻ جو ڏڙڪو ۽ ڊپ ڏئي چپ ڪرائيندي هئي.

هو هميشہ لوھہ جون وڏيون ڪڙھايون پاڻي سان پرائي باھہ تي رکائيندو هو جنهن ۾ سدائين پاڻي ٽڇکندو رهندو هو. پوءِ ڪوبہ چوري يا مغل جو نافرماني ڪندو هو تہ ڏوهاري جا هٿ پير ٻڌي ڪيس مڇ تي رکيل گرم ڪڙهائي ۾ اڇلائيندو هو. جنهن ۾ تڙپي تڙپي مري ويندو هو اهڙي طرح هن سفاڪ فوج علي هزارين ماڻهو ساڙي ماريا."

آريسر صاحب مظهر شاهجهاني مان هڪ ٻيو بہ واقعو ٻڌايو تہ "شاهہ بيگ جڏهن سيوهڙ ۾ داخل ٿيو تہ باغبان پرڳڻي ۾ رهندڙ ماڇي ذات جي ماڻهن کيس گاهہ ئي نہ وڏو هو اڳي بہ سندس غلامي کان انڪار ڪري چڪا هئا. مرزا شاهہ بيگ جيئن ئي باغبان پهتو تہ باغي ماڇين کي ٻارين ٻچي قتل ڪرائي سندن ملڪيتون لٽيون ۽ ڦريون، ويندي هنن جا گهر گهاٽ ۽ ڪوٺ بہ ڪيرائي پٽ ڪري ڇڏيا."

اسان کي جيل ۾ بي ڪلاس هئڻ ڪري ڪم ڪار لاءِ ڪجهہ قيدي بہ مليل آهن، جيڪي ويچارا سارو ڏينهن اسان جي خدمت چاڪري ۾ مشغول هوندا آهن. منجهند ڏاري هڪ نوجوان اسان جي وهنجڻ لاءِ پاڻي جا ڏٻا لڙڪائيندو آيو. يار شڪل شبيهہ ۾ پڙهيل ڳڙهيل لڳي پيو همراهہ حال احوال دوران ٻڌايو تہ هو پاڪستان ايئرفورس جو رٽائرڊ پائلٽ آهي، اڄ ڪلهہ ڪراچي ۾ ڪو ڪاروبار ڪري ٿو. پوليس هن کي تازو خون جي ڪيس ۾ گرفتار ڪري آئي آهي، سوچان ٿو تہ يار جيستائين جيل جو ماحول سمجهي تيستائين جيل عملدار کائنس ڇڪي ڪم ونندا. جيئن کائنس ججها ڏوڪڙ ڪيي سگهن. ڏوڪڙ ڏيڻ بعد همراهہ لاڏلن جيان وينو هوندو.

دستور مطابق شام جي ماني بعد دوست ننڊين ٽولين جي صورت ۾ وارڊ اندر گهوم ڪرڻ لڳا. منهنجي ان گهوم دوران محمد نواز چنڊ سان ڪچهري رهي. يار جوڏن جي شهر دادو جو باشندو آهي، هن وقت سنڌ يونيورسٽي جامشورو ۾ پڙهي رهيو آهي، سياسي شعور سرس ۽ متحرڪ شاگرد هئڻ ڪري ڇئن پنجن مهينن کان جيل ۾ بند آهي، ڳالهين دوران هن جي سياسي بصيرت مون کي موهيو. هي فضيلت پريو نواز چنڊ هاڻي کاڻي ۾ ڪنهن يوناني ديوتا کان گهٽ نہ آهي.

اسان سان مڙني جيل عملدارن واهہ جي جٽ ڪئي آهي، اسان نواب شاهہ هاسٽل مان هٽين خالي گرفتار ٿيا هئاسين، ڪوبہ ضرورت جو سامان ساڻ نہ ڪيون هو. نواب شاهہ جيل ۾ روز مرہ جي ضرورت جو ڪجهہ سامان هٽ ڪيوسين تہ اوچتو حيدرآباد جيل منتقل ڪيو ويو. ٻوڌ جي ستايلن جيان حيدرآباد جيل ملاقاتن وسيلي ڪجهہ ڏنڊڻ پاڻي هٽ ڪيو. مون هڪ وڳو مير حسين علي کان گهرايو. جيڪو شايد سندس ننڍي پاءُ مير حيدر ٽالپر جو هو. حيدرآباد ۾ مس ايجا صابڻ سان منهن ڌوئڻ جهڙا ٽياسين تہ رات جو بيگاهہ مهل ڪنهي اچي ڪراچي جيل ۾ ڦٽو ڪيو اٽئون. هٽ بہ سامان سرڙي کانسواءِ جسم تي رڳو امداد ۾ مليل نيرو وڳو پاتل آهي، جيڪو هر روز صبح جو ورزش مهل پگهر ۾ آلوٽي صفا سائوٽي ويو آهي، شاباس آهي دوستن کي جيڪي مون جهڙي بدبودار کي ايجا پرسان بيهڻ ڏين ٿا. اڄ نديم عباسي کان وڳو ڪجهہ ڪلاڪن لاءِ اوڌارو ونڊي پنهنجو وڳو برداشتي کي ڏوئڻ لاءِ ڏنم. شام جو نيري رنگ وارو وڳو ڏوپي مليو.

10 سيپتمبر 1976ع
چيئرمين مائوزي تنگ جي وفات

هت اسان کي روزانہ "جنگ" ۽ "هلال پاڪستان" اخبار ملندي آهي، جيڪي اڪثر صبح جي ٽائم ۾ پهچي ويندیون آهن. اڄ جي اخبارن ۾ هڪ خاص خبر هئي ته چين جي ڪميونسٽ پارٽي جو چيئرمين مائوزي تنگ وفات ڪري ويو. هن جي وفات جو ٻڌي سڀني کي افسوس ٿيو واقعي افسوس جي ڳالهہ هئي. مائوزي تنگ ئي هڪ آفيمي قوم کي سجاڳ ڪري اڄ جي صف اول قوم بنايو آهي ۽ دنيا جي نظرن ۾ هڪ مثالي قوم ليکجي ٿي.

اڄ منجهند تائين ڪوبہ ليڪچر نہ ٿيو ڇو جو ابراهيم منشي صاحب اڪثر روزانہ اسان جي ڪمرن جي پوئين پاسي ڪرسي وجهي ويٺو شاعري ڪندو آهي. ان ڪري جڏهن مرضي پوندس اٿس تہ اٿي اچي شاهہ جو رسالو ٻڌائيندو آهي نہ تہ پنهنجي شاعري ۾ مگن هوندو آهي. ڊاڪٽر صاحب بہ اڄ ڪلهہ هڪڙي انگريزي ڪتاب جو اردو ترجمو ڪري رهيو آهي. ان ڪري ڪافي مصروف رهي ٿو. دوستن بہ سستي ڏيڪاري ۽ آريسر صاحب جو نہ هجڻ بہ هڪ بهانو ٿي پيو اڄ انهي جي بہ تربيونل ۾ حاضري هئي.

منجهند جي ماني وغيره ڪائي بستري تي ننڊ پيو هيس تہ ڪنهن دوست ننڊ مان اٿاريو. ڏسان تہ اسان جا چار ئي دوست حبيب الله ڪابورو. رسول بخش ٿيبو. ندیم عباسي. غلام رسول ڪوسو تيارين ۾ لڳا پيا آهن. مون کي بہ تيار ٿيڻ لاءِ چيائون ۽ ٻڌايائون تہ باهر پوليس بيٺي آهي ۽ اسان کي نواب شاهہ وٽي ويندي. مان بہ جلدي جلدي تيار ٿيس.

ڪي دوست خوش ٿي اسان کي چون پيا "توهان جو ضامن ٿي ويو آهي ۽ نواب شاهہ پهچي توهان کي آزاد ڪري ڇڏيندا." ڪنهن دوست جو خيال هو تہ نواب شاهہ ۾ "توهان جو ۽ مخالف گروپ جو ٻاهہ

ڪرائي توهان کي آزاد ڪندا. "ڪافي دوست حسرت مان" مبارڪون ٻہ ڏين پيا تہ "توهان تمام جلدي آزاد ٿي ٿا وڃو." دوستن جون حوصلہ افزا ڳالهيون ٻڌي اسان ٻہ سمجهڻ لڳاسين تہ ٿي سگهي ٿو تہ هنن جا خيال صحيح هجن.

تيار ٿيڻ کانپوءِ هر هڪ دوست کان پاڪر پائي موڪلايوسين. سيني دوستن کي اسان جي وڃڻ جو ڪافي افسوس ٻہ پي ٿيو ۽ خوشي ٻہ، تہ دوست جلد آزاد ٿي ويندا. اسان ڪجهہ ڏينهن جيڪي هنن دوستن سان گذاريا هئا، اسان جو سياڻ، اٺڻ ويهڻ ڏسي ڪافي دوست متاثر ٿيا هئا ۽ اسان ٻہ وَس آهر هنن سان تعاون ڪيو هو.

آخر سڀ دوست اسان کي الوداع چوڻ لاءِ وارڊ جي در تائين آيا. اسان ٻہ هڪ دفعو وري هنن سان پاڪر پائي ملياسين. نيٺ سيني کي "جيئي سنڊ" چئي وارڊ کان ٻاهر نڪري ماڙي طرف وڌڻ شروع ڪيو.

ماڙي تي پهچڻ سان خبر پئي تہ پوليس اسان کي نواب شاهہ نہ پر خيرپور جيل ڏي وٺي ويندي. نواب شاهہ جو اسان کي غلط ٻڌايو ويو تہ متان خيرپور جو ٻڌڻ ڪري هو پنهنجي وارڊ مان ئي نہ نڪرن.

ماڙي مان ڪمر ڪار لاهي فارغ ٿي ٻاهر نڪتاسين تہ ڏٺوسين تہ ڪافي سپاهي هڪڙي بند گاڏي وٽ بيٺا هئا. اسان جي ٻاهر نڪرڻ سان ئي پوليس جي انهي قيد گاڏي جو پويون دروازو کوليو ويو. اسان ٻہ هڪ هڪ ٿي اندر وڃي ويٺاسين. گاڏي جي اندرين ڇت ڪافي هيٺ هئي، ان ڪري جهڪي هلڻو پيو پوي. مان جو ٽڪڙ ڪري چڙهيو هيس تہ ٽڪاءَ وجي مٿو گاڏي جي ڇت سان لڳو. ڏاڪ تہ ڪافي لڳو پر منهنجو ٻہ ڪو ڏوهہ ڪونہ هيو. هن گاڏي ۾ پهريون دفعو چڙهيو هيم. گاڏي چوڏاري بند هئي. صرف پاسن کان اڌ فوٽ ڪن ڇاري لڳل هيس. جنهن مان هوا اندر اچي پئي ۽ ڪڏهن ٻاهر نظر وجهي ڏسئون پيا تہ اسان جي گاڏي ڪهڙي طرف ٿي وڃي.

آخر گاڏي جهڪي ٿي بيهي رهي. ٻاهر ڏٺوسين تہ گاڏي اچي پوليس هيڊ ڪوارٽر (گارڊن) ۾ بيٺي آهي. جمعدار وجي اسان لاءِ ريلوي پاس ٺهرائڻ لڳو. اسان ٻہ هيٺ لهي پاڻي وغيره پيتو. جمعدار ٿوري دير کانپوءِ واپس آيو. هيڊ ڪوارٽر مان هٿ ڪڙيون ٻہ ڪيائين

هن اسان کي هٽ ڪڙيون لڳرائڻ لاءِ چيائين. اسان اعتراض ڪيو ته اسان جو بي ڪلاس آهي، ان ڪري هٽ ڪڙيون نه هڻڻ ڏيندا سين، جمعدار ٻڌايو ته اڄ به هڪ بي ڪلاس جو قيدي ڪورٽ مان پيجي ويو آهي، اسان جو سفر به خيرپور تائين ڪافي آهي، ان ڪري مان هٽ ڪڙيون ضرور هڻندس. آخر ڪافي سمجهائڻ ڪانپوءِ همراهه ضد تان لٿو ۽ اچي ستي اسٽيشن پهتاسين. ڪجهه سپاهين اڳ ۾ ئي هڪ سيڪنڊ ڪلاس گاڏو هٽ ڪيو هو. اسان به اچي انهي ۾ چڙهي ويناسين. انهي وقت شام جا ساڍا پنج ٽيا هئا. اسان پوري چئين وڳي جيل مان ٻاهر نڪتاسين. ايڏا گاڏي هلڻ ۾ ڪلاڪ ڪن هيو انهي وقت جناب ايڪسپريس 7 وڳي ڏاري هلڻي هئي.

اسان سيني وٽ صرف هڪ سو رپيا هئا، وڌيڪ ڪا خبر نه پئي پوي ته خيرپور مان ڪڍهن وري حاضري تي ٻاهر ڪيندا. پئسا ٻاهر ته ٿهيو پر اندر جيل ۾ به ڪافي ڪم ايندا آهن. ڪنهن يار دوست ڪان ضرورت واري شي، پئسا ڏئي جيل ٻاهران گهرائي وٺبي آهي. مطلب ته پئسي واري ۽ امير ماڻهو کي اندر جيل ۾ به هر شيءَ ملي ويندي آهي، باقي جيل صرف آهي غريب ماڻهن لاءِ، امير ماڻهو ته اندر به خوش گذاري ٿو.

تنهن ڪري مون کي خيال آيو ته ڪنهن يار دوست ڪان پئسا گهرائي وٺجن. جيئن ته گذريل حاضري تي مختيار جلباٽي ٻڌايو هو ته بابا سائين لاڙڪاٽي ويل آهي ۽ ڪجهه ڏينهن لاڙڪاٽي هوندو. ان ڪري جمعدار کي ساڻ ڪري اچي اسٽيشن کان يارن دوستن ڏي ٽيليفون ڪڙڪايم. سڀ کان پهريائين گهر ڏي فون ڪيو ٽيليفون جي گهنٽي وڄي پئي پر ڪو جواب نه مليو. جنهن مان اندازو لڳايو ته بابا سائين ايڏا لاڙڪاٽي ۾ آهي. پوءِ ماما قمر الدين ڏي فون ڪيم پر اتان به جواب نه مليو. مون کي ان وقت شڪيل احمد شاهه جو ٽيليفون نمبر ياد اچي ويو. انهي نمبر کي گهمايم. شڪيل احمد سان ڳالهايو. جيئن ته شڪيل احمد پاڻ ان وقت نارٿ ناظم آباد مان پي ڳالهايو ۽ گاڏي هلڻ ۾ صرف اڌ منو ڪلاڪ وڃي بچيو هو ان ڪري

جيڪڏهن هو اتان اسٽيشن تي اچي ها تہ ڪلاڪ ڪن لڳي وڃيس ها ۽ اسان سان ملي نہ سگهي ها.

ان ڪري مون هن کي ٻڌايو تہ هن وقت خيرپور وڃي رهيو آهيان، پوليس مون سان گڏ آهي، مون کي پئسن ۽ ڪپڙن جي ضرورت آهي، ان ڪري تون نوابشاهہ ۾ منهنجي هڪ دوست اشرف علي پٽي کي هن نمبر تي فون ڪري ٻڌائيس تہ "اشتياق چناب ايڪسپريس مان اتان نواب شاهہ مان لنگهندو ان ڪري ڪجهہ پئسا ۽ ڪپڙن جو جوڙو انهي چناب ايڪسپريس تي ڪيس پهچائي."

شڪيل احمد شاهہ منهنجي پيارن دوستن مان هڪ آهي، مان هن سان ڪافي عرصو گڏ گذاريو آهي، ننڍي هوندي کان گڏ پڙهيا، کيڏيا آهيون، هي هاڪي جو بهترين راندگر آهي، خاص ڪري هن سان فوج ۾ رهڻ دوران ڪوئيٽا ۽ راجستان سيڪٽر ۾ گذاريل وقت ڪافي ياد ايندو آهي، انهي ڏکي ۽ مشڪل وقت ۾ اسان هڪ ٻئي جو سهارو هياسين ۽ هن دوست مون سان ڪافي سهڻي نموني نيايو ان ڪري مون کي ڪافي عزيز آهي.

ماڻهو سپ نہ سهڙا، پکي سپ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ اچي بوءِ بهار جي.

شڪيل احمد شاهہ سان فون تي ڳالهائي موڪلائي ڇڏيو تہ اوچتو اعجاز الحق ميمڻ ياد اچي ويو ان ڪري وري انهي نمبر تي ڳالهائڻ جو خيال ڪيم. نمبر ڊائل ڪيم تہ اعجاز الحق ميمڻ ملي ويو. کيس ٻڌايم تہ هاڻي خيرپور وڃون ٿا، ڪجهہ پئسن جي ضرورت آهي، ان ڪري ڪجهہ پئسا ڪٽي اڇ. اعجاز الحق چيو تہ ٿوري دير ۾ هو اسٽيشن تي پهچي ويندس.

ٽيليفون بند ڪري اچي گاڏي ۾ ويٺس تہ ٿوري دير ڪانپوءِ اعجاز الحق به اچي پهتو هن سان ڪافي ڪجهري ٿي ۽ 100 رپيا ورتامانس، ٿوري دير ويهي اعجاز الحق اجازت ورتي، آخر مقرر ٽائم تي چناب ايڪسپريس ڪراچي اسٽيشن کي ڇڏيو.

رات جي ماني اتي گاڏي ۾ ئي ڊائننگ ڪار مان گھرائي ڪاڏيسين. ماني کائڻ کانپوءِ مون کي ته مٿي سمھڻ جي سيٽ ملي وئي، مان اتي چڙھي سمھي پيس. ٻيا همراھ تاس کيڏڻ ۾ لڳي ويا. ٿوري دير کانپوءِ مون کي اتي ئي ننڊ کٽي وئي.

جڏھن اک کلي ته مون محسوس ڪيو ته گاڏي اڳتي ھلڻ بجاءِ پٺتي ٿي ھلي. مون خيال ڪيو ته ننڊ مان اٿيو آھيان. ان ڪري ائين ٿو محسوس ڪيان. گاڏي کي اڳتي روھڑي ھلڻ جي بجاءِ پٺتي ڪراچي ھلندي ڏسي ڪجھ تعجب ٻه ٿيو.

آخر دوستن کان پڇا ڪيم ته گاڏي پٺتي ڇو ٿي ھلي دوستن ٻڌايو ته اڳتي "ٻولھڑي" اسٽيشن وٽ تيل جي گاڏن کي باھ لڳي وئي آھي. ان ڪري ڪافي حصي تائين باھ لڳڻ ڪري ريل جا سيلپر سڙي ويا آھن. جنھن ڪري ڪابه گاڏي اڳتي نٿي وڃي ۽ سڀ گاڏيون واپس ڪراچي وڃن ٿيون. دوستن ٻڌايو ته جنگشاھي اسٽيشن تي گاڏي ٻه ٽي ڪلاڪ بيٺي ٻه ھئي پر مان ننڊ ۾ ھيس.

نيٺ رات جو اڍائي وڳي ڏاري گاڏي واپس اچي ڪينٽ اسٽيشن تي پھتي. اسان سڀ ڪينٽ اسٽيشن تي لٿاسين. جمعدار پوليس ھيڊ ڪوارٽر گاڏي لاءِ فون ڪئي. تيستائين اسان سڀ اسٽيشن جي ٻاھران ٻھيل باغ جي ننڊن ھارن ۾ ويٺاسين. ٿوري دير کانپوءِ پوليس جي گاڏي آئي. سڀ چڙھي اچي پوليس ھيڊ ڪوارٽر پھتاسين. ٽاٽي تي جمعدار رپورٽ ڪئي. پوءِ اسان سيني کي گارڊن لاڪپ تي وٺي آيا. جتي صرف ڊيوٽي تي ھڪڙو ھمراھ ويٺو ھيو ھن اسان کي وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائين ته صوبيدار اچي پوءِ. آخر جمعدار جي ڪافي ڇڪ ڊڪ کانپوءِ اسان کي گارڊن لاڪپ وارن ورتو انھي ڊوڙ ڊڪ ڊوڙان رات جا ساڍا ٽي ٽي ويا.

❐

11 سيپٽمبر 1976ع
ڪوئا مار جھڙي ڪوٺي

گارڊن ٽاٽي جو لاڪپ تمام ننڍڙو ۽ گدلو ھڙ جانورن جو واڙو آھي. فرش تي ٻ ٽپر ڪارائيل ڪٽا پيا آھن. لاڪپ اندر چوڦير پٽن تي پان جي پَڪن ۽ بدبودار ڪانگھارن جا لينگھا چنبڙيا پيا آھن.

حاجت لاءِ چاوڙي جي ڪنڊ تي ڪاڪوس ٿھيل آھي. جنھن جي پٽ ايتري تہ ننڍي آھي جو ويھڻ ڪانپوءِ صرف خاص شيون ئي لڪائي سگھجن ٿيون. باقي مٿيون ڏڙ ديوار جي اوٽ ڪان ٻاھر ظاھر ٻيٺو آھي. ماڻھو اتي ويٺي ئي سنگت سان ڪچھري سان گڏ حاجت بہ پوري ڪري سگھي ٿو سنگت وڏي فراخدلي سان خفي سان ويٺل ماڻھو جي چھري جا تاثرات ۽ خاص آواز ٻڌي سولائي سان سمجھي سگھي ٿي تہ يار سان ڪھڙي ويڌن آھي. شڪر جو چاوڙي ۾ اسان ڪانسواءِ ٻيو ڪو قيدي ڪونھي.

لاڪپ ۾ سج جي روشني ۽ ھوا جو گذر نہ ھڻڻ ڪري ساھ ٻوساٽيندڙ ھيس آھي. اسان ان ڪوئا مار جھڙي چاوڙي ۾ سمھڻ جا سانبھاھ ڪري رھيا ھئاسين تہ ڪراچي جي مولوي سڳورن لائوڊ اسپيڪرن جا منھن کولي چڏيا. روزي دارن کي سحري لاءِ اٺارڻ سان گڏ کين جنت ۽ دوزخ جا درڪا ڏيڻ لڳا. اسان تہ ايڏا پاڻ ڏيڊ بہ روزو نہ رکيو آھي. لاڪپ ۾ منگھڻن جي ڪا ڇاپا مار فوج لڪي ويٺي ھئي. ھنن حملا ڪري جسم جا ڇوڊا ئي لاھي چڏيا. اسان اڪ ڇنڀ لاءِ بہ اڪ ٻوٽي نہ سگھياسين. تان جو صبح جي سھائي رات جي ڪاري چھري کي پنھنجي آڇن اُجرن ھڏن سان ڏوئڻ لڳي. آھستي آھستي شھر جون رونقون بحال ٿيڻ لڳيون.

اسان بہ مَتَ مان پاڻي جو اڏڻ گلاس پري منهن کي ہ ٿي ڇنڊا هڻي، سنتري بادشاهہ کي چانهہ چکو گهرائي ڏيڻ لاءِ چيو. سنتري بادشاهہ پهريان تہ گوٺ ناٺ ڪئي پر پوءِ تري تي ڪجهہ ڏوکڙ ڏسي نرم ٿيو.

هن گارڊن لاڪپ کان ٿوري پنڌ تي "رام سوامي" ۾ منهنجي دوست مختيار احمد جلباڻي وارن جا "جلباڻي فليٽس" آهن. لاڙڪاڻي (مسوديرو) جي جلباڻي خاندان سان اسان جي ننڍپڻ کان وٺي پائرن جهڙي حجت آهي. ڪراچي توڙي لاڙڪاڻي ۾ سندن اوطاق تي دوستن جا ميڙا هوندا آهن. خاص ڪري مختيار احمد جلباڻي سان ڪرڪيٽ راند ڪري وڏي ويجهڙائي رهي آهي. ڊسٽرڪٽ ڊويزن کان وٺي ٽرافي مٽچز گڏ کيڏيا آهن. منهنجو پُرخلوص ۽ خير واهہ دوست آهي.

مون صبح جو ئي هڪ سپاهي کي مختيار احمد جلباڻي جي گهر جو نقشو سمجهائي ڪيس چٽي لکي ڏني تہ ويجي "جلباڻي فليٽس" تي ڪنهن کي پهچائي اچي. جيئن هت پهچي اسان جي مالڪي ڪن. هاڻي اچي منجهند ٽي هئي. اسان رات کان وٺي بک تي هئاسين. ان وچ ۾ صبح جو هڪ چانهہ جو ڪوپ نصيب ٿيو هو. هاڻي تہ اچي بک ڪکيون ورتيون هيون. خاص ڪري مون کي بک صفا بخيل بڻائي ڇڏيو هو. هڪ ٻن دوستن کي هروپرو تڙيون ڏنم. گهڙي گهڙي اٿي لاڪپ جي در جي سيخن مان بکايل بگهڙ وانگر. ٻاهر جهاتيون پيو پايان تہ متان ڪا ڪاڏي پيتي جي شي يا ڪا ريڑهي نظر اچي. يا ڪو همراهہ هٿ اچي تہ وري مختيار جلباڻي ڏي نياپو موڪليان تہ اچي ڪا اسان جي واهر ڪري. باقي ٽاڻي جو عملو تہ صفا يزيدي ٽولي مان هو جيڪو پاڻي جو گلاس بہ ايلاز منڻن بعد پيو پياري. آخر ٻاهر هڪ پوليس واري تي نظر پئي جيڪو رات اسان سان گڏ هو ڪيس اسان کي وٺي خيرپور جيل پهچائڻو هو ان سريلي سنڌي سپاهي کي سڏ ڪري ڪيس مختيار احمد جلباڻي جي گهر جو نقشو سمجهائي چٽي لکي ڏنم تہ پلائي ڪري ڪين پڃائي اچي. الائي ڇو اڄ بک پاڙي ۽ بيحال ڪري ڇڏيو هو حالانڪ عام زندگي ۾ ڪيترا دفعا پهرن جا پهر بنا داڻي

پاڻي جي گذاريا آهن. بهرحال ڪلاڪ ٻن جي انتظار بعد سپاهي سان گڏ سرفراز احمد جلباڻي ٻه اڇي چاوڙي جو در کڙڪائي پنهنجي آمد جو اطلاع ڏنو.

سرفراز احمد کي ڏسي مون کي ڪافي خوشي ٿي. هون ٻه منهنجو دل گهريو دوست آهي. پر اسان کي هڪ اونداهي ڪوٺي ۾ ڏسي ڪيس ڪافي ڏک ٿيو. جيڪو سندس چهرو ٻڌائي رهيو هو مون سرفراز جلباڻي کي چيو. يار پهريائين ته جلدي ڪر ماني جو بندوبست ڪر. وڌيڪ حال احوال پوءِ. سرفراز سپاهي کي ساڻ ڪري پرسان ڪنهن هوٽل تان وڃي تکڙ ۾ ماني وٺي آيو. اسان سپ لاڪپ اندر پلٽي ماري ماني کائي رهيا هئاسين. سرفراز لاڪپ کان ٻاهر سامهون پلٽي هيون. اسان کي ڏسي رهيو هو. مان هن جي غمگين چهري جا تاثر پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيس.

سرفراز احمد جلباڻي اسان جي دوست مختيار احمد جلباڻي جو سوٽ آهي. سرفراز احمد سان واقفيت ته گهڻي عرصي کان هئي پر ويجهڙائي انجنيئرنگ ڪاليج نواب شاهه ۾ داخلا وٺڻ بعد ٿي. اسان ٻنهي گڏجي انجنيئرنگ ڪاليج جا فارم پريا. گڏ داخلا ورتي. چوويهه ڪلاڪ ميس کان وٺي شهر ۾ ٻه ساڻ هوندا آهيون. مطلب ته جڏهڪ ٻي جا پاڇا آهيون. انجنيئرنگ ڪاليج ۾ اسان جي جوڙي مشهور آهي.

سرفراز جلباڻي ڪافي عرصي کان مون کي پڙهائي کان پاسيرو ۽ جيئي سنڌ جي سرگرمين ۾ وڌيڪ متحرڪ ڏسي پنهنجي انداز سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر مون تي سنڌ دوستي جو نشو ڏينهون ڏينهن چوٽان چوٽ چڙهندو ويجي ٿو.

هن وقت ٻه اسان کي تڪليف ۾ ڏسي سامهون ويٺل دوست جي چهري تي پريشاني ۽ ڏک جا آثار نمايان آهن. ماني ۽ چانهه بعد سرفراز احمد کي ڪجهه ضرورت جون شيون پهچائڻ لاءِ چيو هو ان بندوبست لاءِ نڪري ويو.

اسان سارو ڏينهن لاڪپ ۾ پاڻ ۾ اُويارون لهواريون ڪندي ٽڪجي پياسين. تڏهن وجي ڏينهن ڪٽايون. رات جو مختيار ۽ سرفراز جلباڻي گهران ماني تيار ڪرائي پنهنجي ڪمدار جلال کان ڏونگا

ڪٽائي پهتا. جلال اسان جي دوستن جلباڻين جي گهوڙا ٻاڙي واري زمين تي ڪمدار آهي. اسان هڪ اڏ دفعو شڪار جي خيال کان هن وٽ رهي آيا آهيون.

مختيار ۽ سرفراز ماني سان گڏ چادر ٽوال، صابڻ، تاس ۽ منهنجي لاءِ ڪپڙن جو وڳو پڻ ڪٽي آيا آهن.

اسان کي ڪالهه کان وٽي جيڪو پوليس جمعدار هن لاڪ پر واڙي ويو آهي. ان سارو ڏينهن هيڏي وري منهن ئي نه ڪيو آهي. اسان هت گارڊن ٽاٽي جي ڪنهن به سپاهي کي ڪنهن ڪوتاهي يا شيءَ لاءِ چئون ٿا ته هو وڏي بي حيائي سان اها ورندي ٿو ڏي ته توهان جو اصل انچارج ته اهو جمعدار آهي. جيڪو توهان کي ڪراچي جيل مان ڪيڙي خيرپور جيل پيو وٽي وڃي. اوهان اسان جي چارج ۾ نه آهيو اسان وٽ امانتن رکيل آهيون. خيرپور وارو جمعدار اچي ته پوءِ پلي ان سان شڪايتون ۽ نخرا ڪجو. اسان ته در بدري کان بچائڻ لاءِ اوهان تي احسان ڪري هت رکيو آهي.

مصيبت اها آهي جو ان ظالم پوليس جمعدار جو ڪالهه کان ڏس پتو ڪونهي. جيڪو اسان کي هت ڦٽو ڪري ويو آهي. اهو ته شڪر آهي جو اسان جي دوستن اچي مالڪي ڪئي نه ته ڏونڊهه بٽجي وڃون ها.

12 سيپٽمبر 1976ع
جام ساقي سان هڪ يادگار ڪچهري

اسان گارڊن ٽاٽي جي لاڪپ ۾ ٻي رات بہ عذاب ۾ گذاري، منگهڙ ۽ مچر ساري رات رت پيئندا رهيا. اهو رت عطيہ طور ڪنهن بلڊ بينڪ ۾ ڏئي اچون ها تہ ڪنهن مسڪين مريض جو پلو ٿي ها.

صبح جو منهن تي ہ پاڻي جا لپا هڻي سپاهي معرفت چانهہ گهرائسين. اسان هاڻي ان جمعدار جو ڪنهن محبوبہ جيان بيچيني سان انتظار ڪري رهيا هئاسين جيڪو هن ڪال ڪوٺڙي ۾ قيد ڪري ويو هو.

آخر ڪافي دير بعد هڪ جاتل سجاتل منڊي، لاڪپ ٻاهران نظر آئي. هي منڊي ان سپاهي جي هئي جيڪو ڪالهہ اسان سان گڏ خيرپور هلٽو هو. پر ريل حادثي بعد جنگشاهي اسٽيشن کان اسان سان واپس وريو هو. هن سپاهي اچڻ سان اهو خوشخبري ڏني تہ جلد تيار ٿيو پاڻ خيرپور ٿا هلون. جمعدار ۽ سپاهي بہ جاڻ پهتا.

ٿوري دير ڪانپوءِ واقعي پوليس جي گهيري ۾ قيدين واري بند گاڏي اچي ٽاٽي جي ٻاهران بيٺي. اسان بہ سامان سرڙو ڪٽي اچي گاڏي وٽ بيٺاسين.

جمعدار ٻڌايو تہ "ريل جي حادثي ڪري اڄا بہ ڪا ريل خيرپور پاسي نڪي وڃي. ان ڪري پاڻ واپس ڪراچي جيل ٿا هلون." هن بوچڙ سان نرڙ تان پگهر اگهندي وڌيڪ چيو تہ "اڄ آڇر ڪري جيل بند آهي. جيل وارا قيدي واپس نہ پيا وٺن. وڏي پيچ ڏڪ بعد ايس پي صاحب کان فون ڪرائي آهي. تڏهن جيل وارا راضي ٿيا آهن."

گاڏي هلڻ بعد به اسان کي اها پک نه پئي ٿي ته واقعي ڪراچي سينٽرل جيل ٿا وڃي ويجن يا ڪنهن ٻي پاسي. پوليس وٽ ڪوڙ ڳالهائڻ ته جڙ ڪو گناهه ئي ڪونهي. پوليس ۾ جيترو گهٽو ڪوڙ ڳالهائبو ڪوڙا مقابلا ڪري ڪوڙا ڏوهي هٽ ڪبا، اوترو ئي جلد ترقي، ميڊل ۽ انعام ماڻبا.

اسان گاڏي جي ننڊڙين چارين مان ٻاهر ڏسڻ لڳاسين ته واقعي ڪراچي سينٽرل تان وڃي هلن يا ڪنهن ٻئي طرف بهرحال گاڏي ڪجهه سيڪاتل روڊ پار ڪري اچي سينٽرل جيل ڪراچي پهتي.

ماڙي تي تلاشي وغيره ڪانپوءِ اچي واردِ نمبر 13 جي در تي بيناسين، جيئن ئي وارڊ ۾ پير پاتو ته دوست اسان کي ڏسي حيران ٿي ويا، ڪن خوشي مان ڊوڙي اچي ڀاڪر پاتو ڪن يارڙن مذاق ڪندي چيو "واهه جو جيل کي مشڪري بڻايو اٿو پنهنجي مرضي سان ڪڍهن اچوٿا ڪڍهن وڃوٿا."

اسان هنن کي جڏهن پاڻ سان لاڪپ ۾ ٽيل جڏ ٻڌائي ته دوست پريشان ٿي ويا ۽ اسان کي قابل رحم نظرن سان ڏسڻ لڳا.

اسان کين چيو "باقي حال احوال پوءِ ڪبا، پهريان اسان کي ماني کارايو." ان وقت هون به ماني جو وقت هو يڪدم ڪٿا وڃائي پليٽون رکيون ويون، اسان به ڪائڻ جو سنو مظاهرو ڪيو.

مون کي ٻن راتن جو اوجاڳو هو ويتر ماني جي خمارن ڪري جلد ئي ننڊ اچي وئي، شام جو چانهه مهل دوستن اٽارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي، جڏهن ابراهيم منشي کٽ تي ئي چانهه جو ڪوپ آڻي ڏنو ته پوءِ وڃي ننڊ جا گهيرت لٿا، شام جي ماني بعد لکو مل ۽ هيرا لعل سان ڪجهه وارڊ جا چڪر ڏئي اچي بئرڪ ۾ بند ٿياسين، ڪجهه دير تاس جا ستڪا ڪيڻ بعد عبدالواحد آريسر جي سيراندي کان رکيل "تاريخ ريگستان" ڪٽي پڙهڻ شروع ڪيو.

رات ڪافي گذرڻ ڪري چوڌاري چپ چپات لڳي پئي هئي، ڪمري ۾ سپ همراهه ستا پيا آهن، مان به ننڊ جي خيال کان ڪتاب پوتي رکيو جيئن ته ٻنيهرن جو ڪافي ننڊ ۽ آرام ڪيو هو ان ڪري ننڊ جي ديوي کي ريجهائڻ لاءِ بستري تي پاسا ورائيندو پيو رهان،

ڪنهن مهل جيل کان ٻاهران گاڏين جي هلڻ جو شور ۽ هارن جو آواز رات جي خاموشي کي چيري ڪنن تائين پهچي پيو تہ جيل کان ٻاهر جي دنيا ڏي خيال هليو پي ويو مون کي ياد آهي تہ گرفتاري کان ڪجھ ڏينهن اڳ منهنجو دوست اشرف علي پٽي ۽ مان جيل جي احاطي ۾ ٻہ ٽي راتيون رهي ويا هئاسين. ان وقت اسان جو دوست مجاهد بلوچ هت جيلر طور ٽريننگ وٺي رهيو هو مجاهد بلوچ، محترم صلاح الدين بلوچ جو فرزند آهي، صلاح الدين صاحب جڏهن نوابشاهہ ۾ جيل سپرنٽينڈنٽ هو تہ اتي مجاهد سان واقفيت ٿي هئي. بهرحال مجاهد جڏهن هت جيلر طور ٽريننگ وٺندو هو تہ اڪثر هن وٽ ڪچهري لاءِ اچبو هو. تازو ئي اشرف علي ۽ مان هن وٽ مهمان ٿي رهي ويا هئاسين، ان وقت مان آزاد پنڇي هيس پر هاڻي قفس ۾ قيد آهيان.

مون کي ياد آهي تہ هن جيل جي احاطي اندر ڄام ساقي سان ٻہ ڪچهري ٿي هئي، ڄام ساقي سان زندگي جي اها يادگار ڪچهري هئي. پوليس ڄام ساقي کي جھَر جھنگ ڳولينديِ پئي وتي، يار شاهي ڏاڙهي رکيون جيل جي ئي ڪنهن ڪوارٽر ۾ پوليس جي اکين ۾ سرمون وجهيون، مولوي مشتاق جي روپ ۾ رهيون پيو هو.

وارڊ نمبر 13
سينٽرل جيل ڪراچي

13 سيپٽمبر 1976
ڊاڪٽر اعزاز نذير

صبح جو اکيون مهٽيندو اچي ورزشي ٽولي ۾ شامل ٿيس. ڊاڪٽر اعزاز آڏر ياءُ ڪندي ٻڌايو ته غلام رسول کوسي ۽ تنهنجي وڃڻ سان اکاڙي جي رونق گهٽجي وئي هئي. پر اڄ اوهان جي موجودگي ڪري ورزش ڪندي مزو اچي ٿو.

اها حقيقت آهي ته هن "ڪثرت ڪلب" جي رونق ۽ ڊاڪٽر صاحب جي ڪوشش ڪري آهي. جڏهن ۽ ڪو دوست ورزش کان لنوائيندو يا گسائيندو آهي ته ڊاڪٽر صاحب لارا لپا ڏئي هنن کي وري گهلي ايندو آهي. گهٽن کي ته صبح جو بستري تان ايلاز ڪري اڌاري بوٽ پارائي ڪنهن اسڪولي ٻار وانگر تيار ڪري وٺي ايندو آهي. هون ۽ ڊاڪٽر صاحب جي لاجواب ۽ موهيندڙ شخصيت آهي. قد آور بدن ۾ پيريل ڪاري رنگت تي گهاٽا اڇا وار هئڻ ڪري سڀ کان منفرد لڳندو آهي. هن جو نالو اعزاز نذير آهي. پر هت سڀ کيس ڊاڪٽر صاحب ڪري سڏن. اصل ۾ هو پي ايڇ ڊي ڊاڪٽر آهي. ڊاڪٽر صاحب جو دين ڏرم ڪميونزم آهي. سندس هر وک ۽ عمل ڪميونزم ۽ سوشلزم جي واڌاري لاءِ آهي. پاڻ عملي طرح ۽ ان جو مظاهرو ڪيو اٿس. هن وقت تائين ٻارهن سال مختلف جيلن جون هوائون کاڌيون اٿس. هو ساري عمر سي ڪلاس جو قيدي رهيو آهي. ڪڏهن ۽ حڪومت کي بي يا اي ڪلاس لاءِ منٿ نه ڪئي اٿس. هاڻي ۽ سي ڪلاس هئڻ ڪري اسان سان جڏهن حاضري تي هلندو آهي ته کيس

۾ هٿ ڪڙيون لڳل هونديون آهن. هن هڪ دفعي ڪچهري ڪندي ٻڌايو هو ته هن ساري سنڌ پنڌ لتاڙي آهي.

ڊاڪٽر صاحب جي زال ۾ ٻارڙا ٻه هر حاضري تي ساڻس وڃي اُڪير سان ملڻ ايندا آهن سندس زال ٻه ڇڙ ڪميونزم سان لانئون لڏيون آهن. ظاهري ڏيک ڏيکاءَ کان بي نياز هي سگهڙ عورت هر حاضري تي هڪ چيلهه جيڏو ڊگهو ڪفن باڪس ماني سان پيري ايندي آهي، ڪڏهن اسان ٻه ان گهر جي ماني جي لست ونندا آهيون. ڊاڪٽر صاحب جا ٻارڙا ٻه سانورا ڇڙ اعزاز نذير جي ڪارين ڪاپي آهن.

ڊاڪٽر صاحب زندهه دل هئڻ ڪري سارو ڏينهن جيل ۾ ڪل پوڳ ۾ ڪچهري مچايون ويٺو هوندو آهي. اڄ ڪلهه ڪنهن ڪتاب تي ٻه ڪم ڪري رهيو آهي. پر واندڪائي مهل تاس ۾ لوڊيو جو ٻه ڪوڏيو آهي. ڪيڏڻ مهل ٻه هن جا هوڪرا هوندا آهن. اڪثر هارائڻ مهل ٻئي هٿ ڪنن ۾ وجهيوات ويهه ڪندي نظر ايندو آهي.

مطلب ته سياسي نظريه پنهنجي جاءِ تي پر هي اردو ڳالهائيندڙ بزرگ شخص پنهنجي سهڻي سياڻ ڪري اسان سان ڪافي ويجهو آهي، ان ڪري سڀ ساڻي سندس احترام ڪندا آهن.

حبيب الله ناريجو اسان لاءِ جيل سپرنٽينڈنٽ سان ملڻ ويو ته جيئن اسان کي خيرپور جيل نه موڪليو ويجي پر هت ڪراچي جيل ۾ ئي رکيو ويجي. سپرنٽينڈنٽ ڪيس پنهنجي مجبوري ڏيکاريندي، هوم سيڪريٽري طرفان آيل ليٽر پڙهايو. جنهن ۾ اسان کي خيرپور جيل موڪلڻ لاءِ لکيو ويو هو ان ڪري اڄ اسان جو ڪراچي جيل ۾ آخري ڏينهن آهي، سياڻي خيرپور روانگي آهي.

شام ڏاري دستور مطابق عبدالواحد آريسر، مظهر شاهجهاني ڪتاب کڻي اچي ڪرسي تي ويٺو هن کي ٻڌڻ لاءِ سڀ دوست اچي باهر ميدان تي ڪنا ٽيا. آريسر صاحب ڪتاب کولينديِ ٻڌايو ته يوسف ميرڪ سبي جو احوال ڪندي هڪ عجيب ڳالهه لکي ٿو ته "سبي هينان هڪ نهر وهي ٿي، اهو پاڻي سروا کان ٽيندو وڃي منچر ۾ ڪري ٿو. ان پاڻي جي ڪناري ڪيترائي ڊگها ۾ سنها نانگ ٽين ٿا. انهن نانگن جو کاڏل اصل نٿو بچي، ان ڪري ان علاقي جا مرد توڙي

عورتون ڊگھيون ۽ ويڪريون سلوارون پائي گھمن ٿا. جيئن نانگ جي ڏنگ کان بچي سگھن. سبي جي پرسان زمين ۾ ووڙ پوکيا وڃن ٿا ووٽن جا ٻوٽا ٻير جي وٽن جيڏا وڏا ٿين، هاري انهن ٻوٽن تي چڙهي ڦٽيون چونڊن ٿا. اتي ڪپهه جي وٽن تي گراڙ جيترا سو کان ٻه مٽي نانگ وينا هوندا آهن. ڪپهه چونڊڻ مهل ڪڙمي لڪڻ سان نانگن کي وٽن تان ڪيرائي پوءِ ڪپهه چونڊن ٿا. اتفاق سان جيڪڏهن ڪنهن کي نانگ ڪکي وجهندو آهي ته ڏنگ واري جاءِ تي ڪاتي سان چير ڏئي ڪنهن ماهر کان رت چوسائبو آهي، نه ته ماڻهو مري ويندو آهي."

اسان کي اهو ٻڌي تعجب ٿيو ته اڳي ووڙ جا ٻوٽا وٽن جيڏا ڊگھا ۽ سگھارا هوندا هئا جن تي ماڻهو چڙهي ڪپهه چونڊيندا هئا. ساڳي وقت انهن وٽن تي سون جي تعداد ۾ نانگ وينا هوندا هئا.

اڄ ڪراچي جيل ۾ دوستن سان آخري رات هئڻ ڪري اسان ابراهيم منشي ۽ عبدالواحد آريسر کي چيو ته اسان کي ڪجهه پنهنجي زندگي جي باري ۾ ٻڌايو. اسان سڀ کان پهريان ابراهيم منشي کي گذارش ڪئي ته هو پنهنجي گهاريل ڏيهاڙن جو پلي مختصر ئي انداز ۾ ٻڌائي.

ابراهيم منشي جو تعلق ٺٽي ضلعي سان آهي، هن جي شاعري ۾ دکي قوم جي دانهه هئڻ ڪري اڄ ڪلهه نوجوانن ۾ ڪافي مقبول آهي. خاص ڪري جيئي سنڌ جي جلسن ۽ ٻين قومي تحريڪن دوران هن جي شاعري ڳائي ڪارڪنن ۾ جوش ايارٻو ويندو آهي.

ابراهيم منشي سال ڏيڍ کان حڪومت جي زير عتاب هئڻ ڪري جيل ۾ بند آهي، سرڪار شايد ڪيس قيد ۾ قابو ڪري قلف جي چاٻي درياهه ۾ اڇلي ڇڏي آهي، چون ٿا گذريل سال جڏهن سندس ڇٽن سالن جو معصوم پٽ گذاري ويو هو ته جيل ۾ هئڻ ڪري پنهنجي پٽ جو منهن ٻه نه ڏسي سگهيو هو.

بهرحال هن وقت رات جا ڏهه ڪن ٿيا آهن، اسان جي سامهون ابراهيم منشي، گوڏ ۽ قميص پايو وڏي قرار سان ويٺو آهي، اچو ته گڏجي ڪائنس زندگي جو حال احوال ٻڌون. "مان ٺٽي ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ٻني ۾ جائو هئس. مان اڃا ننڍڙو يارهن سالن جو هئس ته

بابا سائين سلهه جي بيماري ۾ گذاري ويو. اسان سومرا ذات جا به کجهه گهر ٻني ۾ آباد آهن. بابا سائين جي وفات ڪري پڙهائي ته پري رهي، پر مون تي ساري گهر جو بار پئجي ويو ان ڪري مون ننڍپڻ ۾ چوٿين درجي ۾ پڙهائي ڇڏي، محنت مزدوري شروع ڪئي.

مان هر روز پنيرڪي ويلي اٿي درياهي پٽڻ تي وڃي مڇي وٺي ايندو هئس. پوءِ مڇي جو ڪارو ٽڪڻ تي رکي، ڳوٺ ڳوٺ هوڪا ڏئي در در مڇي وڪڻي شام جو ٽڪو هارو اچي گهر پهچندو هئس. مان اڃڻ سان ئي سيءَ پئسا امان جي تري تي رکندو هيس. امان ويچاري انهن ٿورن پٽسن مان به پائي پائي ميڙي آخر مون کي هڪ گڏهه وٺي ڏنو هاٽي مان گڏهه جي پٺاڻن تي مڇي رکي پري پري ڳوٺن ۾ مڇي وڪڻڻ لاءِ نڪري ويندو هئس. آخر وڏن عذابن سان پيٽ تي پٿر ٻڌي سترهن سالن جي عمر ۾ هڪڙي مينهن ورتي، گهر ۾ مينهن اڃڻ ڪري ڏڌ مکڻ پنهنجي جاءِ تي پر گهر ۾ به جڻ خوشحالي اچي وئي مان به هوڏانهن ڦري هوڏانهن اچي مينهن تي هٿ گهمائيندو هيس، امان به مينهن جي خدمت چاڪري ۽ کير ڏهڻ مهل ڏاڍو خوش ٿيندي هئي.

کجهه ڏينهن کان پوءِ اسان جي مينهن کو چوري ڪري ويو. اسان جي پيرن هيٺان جڻ زمين نڪري وئي، امڙ کي ته ڏاڍو ڏک ٿيو کجهه ڏينهن ووڙ ڏيڻ بعد پيرائن ۽ مخبرن وٽان خبر پئي ته منهنجي مينهن پرسان واري ڳوٺ ۾ رهندڙ پليجا چوري ڪري ويا آهن. هو چوري چڪاري سان گڏ جڻ تر جا پاٽاريدار به هئا. مون هنن ڏاڍ مڙسن پليجن کان پنهنجي بي عزتي جو پلاند وٺڻ جو سوچيو. مان گڏهه وڪڻي هڪڙي کهاڙي ٺهرائي، هڪ اونداهي رات جو مان پنهنجي هڪ دوست کي ساڻ ڪري پليجن جي ڳوٺان ٻه مينهون چور ڪري آيس. پوءِ اهي ٻئي مينهون ظاهر ظهور اچي گهر ۾ بيهاريون، مون ساڳي وقت ڳوٺ وارن کي سمجهايو ته روز روز پليجا ڏاڍ مڙسي ڪري اسان جو مال ڪاهيون ٿا وڃن، اسان جي ائين پاڙيائپ جو مظاهرو ڪيو ته هي اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيندا. هاٽي اچو سڀ گڏجو ته هنن سان مڙسي سان منهن ڏيون. ڳوٺ وارن کي منهنجي اها ڳالهه پهريان ته نه وٽي پر جڏهن مان هوڏ تي سينو تاڻي بيٺس ته آهستي آهستي

ڳوٺ وارن ۾ مون سان ساڻ ڏيڻ جو واعدو ڪيو ائين ويتر منهنجي دل وڌي وئي.

پليجا جڏهن مون وٽ مينهون ونڻ آيا تہ مون کين صاف ٻڌايو تہ توهان جون مينهون مون وٽ آهن ۽ مان پلاند ۾ ڪاهي آيو آهيان، جيستائين منهنجي چورايل مينهن واپس نہ ڪندو چا ۽ ٿي پئي مان ۾ ڏور واپس نہ ڏيندو مان.

پليجا منهنجو ڪتو جواب ٻڌي صفا باهہ ٿي ويا. هنن کي اسان جي ڳوٺ جي ماڻهن مان اها اميد ئي نہ هئي. هنن پهريون ڪم اهو ڪيو جو ٽاڪي تي وڃي منهنجي خلاف ايف آءِ آر ڪيرائي. مان ۽ ڪجهہ عرصو گهر گهاٽ ڇڏي روپوش ٿي ويس. بهرحال ڪجهہ ڳوٺ جي چڱن مڙسن وچ ۾ پئي منهنجا وارنٽ ختم ڪرايا.

انهي واقعي کان پوءِ اسان جي ڳوٺ وارن ۽ پليجن جي وچ ۾ وڏي دشمني ٿي وئي. هاڻي پليجا ڏينهن ڏني جو جهنگ مان اسان جو مال زوري ڪاهي ويندا هئا. مان وري پلاند ۾ دوستن سان گڏجي پليجن جو مال ڪاهي ايندو هيس. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ٻئي ڏريون ايترو تہ اڳتي هليو ويون جو ڏينهن ڏني جو ٽولا ناهي بندوقون ۽ لنيون بانا ڪٽي هڪ ٻئي تي سدا فائر ڪري وڃي ڏڪن جا ڏڻ ڪاهي ايندا هئاسين. مون پاڻ وٽ هميشہ بندوق ۽ ريوالر رکڻ شروع ڪيو ساڳي وقت مون ۾ چوري جي عادت ۽ پئجي وئي. ٿوري ئي عرصي ۾ تر جو بدنام چور ۽ ڪاتڪو ٿي ويس. آهستي آهستي آسپاس جي رهزنن ۽ شودن سان ياري دوستي ٿي وئي. ساڳي وقت منهنجي پنهنجي ڳوٺ جا ماڻهو ۽ مون کان لنوائيندا ۽ هئا پر عزت ۽ ڪندا هئا جو منهنجي موجودگي جي ڪري ڪوبہ هروپرو هنن سان کونسبو ڪونہ هو.

ابراهيم منشي کنهن ڳالهہ تي مسڪرائيندي ٻڌايو تہ "هڪ دفعي ڪٽان هڪ پلي منهن چورائي حيدرآباد ڪاهي وڃي اتي لطيف آباد ۾ هڪ همراهہ کي وڪٽي آيس. پر ڪجهہ ڏينهن بعد پهرين مينهن جي مالڪن جي ايلاز منٽن ڪري دل ۾ رحم پيو. مان وري لطيف آباد وڃي اها ساڳي مينهن جن ماڻهن کي کپائي هئي اتان چورائي واپس اچي اصل مالڪن حوالي ڪئي.

ابراهيم منشي پوءِ ٻڌايو تہ آخر ڪجھ سببن ڪري چوري تان دل کٽي ٿي وئي، ان ڪري مون چوري ڇڏي ڏيڻ گيھ جو واپار شروع ڪيو. مان اڪثر ٻھراڙين مان گيھ خريد ڪري ڪراچي يا حيدرآباد ۾ وڪڻندو ھيس. اھڙي نموني منھنجي سڻي آمدني ٽيڀ لڳي.

آخر ڪجھ ڏينھن کان پوءِ مون گيھ جو واپار بہ ڇڏي ڏنو ۽ ھڪڙي ٺيڪيدار وٽ منشي ٿي ڪم ڪرڻ لڳس. اھو ٺيڪيدار اڪثر واھن جي ڪوٽائي جا ڪم ڪٽندو ھو جيئن تہ اھو مٽي جو ڪم ھوندوھو ان ڪري مان اڪثر درياھن ۽ واھن جي ڪناري ڪنھن وڻ ھيٺان ڪٽ يا ڪرسي وڇھي ڪم جي نگراني بہ ڪندو ھئس. ڪڏھن ڪو شعر بہ لکي وٺندو ھيس، ھون بہ مون کي ننڍپڻ کان شاعري جو شوق ھوندو ھو. اتي منشي گيري ڪرڻ ڪري پنھنجو تخلص بہ "منشي" رکيو. ان کانپوءِ ئي ابراھيم منشي طور مشھور ٿيس. سنڌ ۽ سنڌي ماڻھن سان ٿيندڙ ظلم ڏسي ازخود شعر ذھن ۾ جڙي ويندو ھو. ان ڪري منھنجي شعرن ۾ توھان کي سنڌ جي مظلوميت جي داڻھ ملندي. ھاڻ تہ قوم پرست دوست بہ مون کي پنھنجو آواز سمجھي عزت ڏين ٿا.

ان شاعري ڪري اڳ بہ ٻہ ٽي دفعا جيل ڪاٽي ويو آھيان، ھاڻي بہ ڏيڍ سال کان بند آھيان، ھن دفعي ھي شعر لکڻ ڪري حڪومت ڏمريل آھي.

قائد اعظم ٻڌو سون ۽ ڏنو سون قائد عوام
ٻئي قاتل قوم جا، ٻنھي ڪرايو قتل عام
ھن ڪنو ڪشمير کي ھن پريو پورب ما پيٽ
ھي يٽي مان يٽو ھو ڪوٽجي قادو حجام

ابراھيم منشي پنھنجي زندگي جي باري ۾ ٻڌائي بس ڪيو تہ اسان عبدالواحد آريسر کي عرض ڪيو تہ سائين اوھان بہ اسان کي ڪجھ پنھنجي باري ۾ ٻڌايو.

ھن وقت رات جا ڇھريان ڇڪا آھن، ٻئرڪ جا ٻيا سيڀ ساڻي ستيا پيا آھن، صرف عبدالواحد آريسر، ابراھيم منشي، حبيب

الله ڪابورو نديم عباسي ۽ مان، آريسر ۽ منشي جي ڪٽن تي مڇو ڪيون هلڪي آواز ۾ ڪچهري ڪري رهيا آهيون. جيئن ٻئرڪ جي ٻين دوستن جي ننڊ خراب نه ٿي. بهرحال اسان جي اسرار تي آريسر صاحب ٻڌايو ته پنهنجي زندگي جي باري ۾ هڪ ننڍڙو ڪتاب لکيو آهي، جيڪو جلد ئي مارڪيٽ ۾ اچي ويندو. تنهن هوندي به پنهنجي باري ۾ مختصر توهان کي ٻڌايان ٿو.

"منهنجي بابا سائين جو نالو جادو خان آهي، اسان جو خاندان ضلعي عمرڪوٽ ۾ تعلقي چاچري جي هڪ ڳوٺڙي ۾ آباد آهي. مان هڪڙي تمام غريب ٽري ڪٽنب سان تعلق رکان ٿو. مان جڏهن پيدا ٿيس ته منهنجي پيءُ ماءُ کي خوشي پنهنجي جاءِ تي پر مون کي پالڻ هنن لاءِ وڏو مسئلو ٿي پيو.

بهرحال مان به عام مسڪين ٽري ٻارن جيان پنهنجي گهر جي اڳڻ ۾ ليٽرين ۽ ريڑهيون پائي ايا ٿورو سمجهه ۾ يو ٿيس ته ڳوٺ جي ڪن ماڻهن جون ڪريون چارڻ لڳم. انهن مان جيڪي به ٽي ڏوڪڙ ملندا هئا اچي پيءُ ماءُ کي ڏيندو هئس. ائين ننڍڙي وهي ئي ۾ ڪرين پويان جهنگ جهر جاڳيندو وتندو هئس.

اسان جي ڳوٺ ۾ رسان هڪ ماستر به رهندو هو. هو ويجهو ئي ڪنهن ڳوٺڙي ۾ ٻار پڙهائيندو هو. هڪ دفعو هن مون کي ۽ پاڙي جي هڪ ٻي ڇوڪري کي چيو ته ڇڏيو ان رلڻ پنڻ ۽ ڏنارکي ڏنڊي کي، اچو ته مان توهان کي ڪنهن مدرسي ۾ داخل ڪرايان." مون کي الائي ڇو ننڍپڻ کان پڙهڻ جو شوق هو سو مان خوشي مان ڏوڙندو اچي ابي امان سان ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو. پر هنن ٻاهر موڪلڻ ۽ پڙهائڻ کان ڪتو جواب ڏنو مون به پڙهڻ لاءِ وڏو ضد ڪيو. آخر منهنجو اهڙو بينش ڏسي هو به مجبور ٿي پيا ۽ مون کي پڙهڻ جي موڪل ڏنائون.

ان استاد مون کي ڳوٺان وڃي اچي ڏنبو ڇام ۾ رسان ڏيٽا استيشن ويجهو هڪ مدرسي ۾ داخل ڪرايو. اهو مدرسو "پيندو شريف" جي نالي سان مشهور آهي. ان مدرسي ۾ مان ٻين خطابن کان وڌيڪ محنت ۽ توجهه سان پڙهڻ شروع ڪيو. سخت غربت ڪري منهنجي ٻين خطابين کان حالت وڌيڪ خراب هوندي هئي. مون ان مڪتب خاني ۾

ڪيترائي سال هڪ هڪ ڏکڻي قاتل قميص ۾ گذاريا، جيڪا گوڏن کان به هيٺ لڙڪندي هئي، ان قميص هيڻان هڪ لنڊي گوڏ پاتل هوندي هئي.

هر سال جڏهن مدرسي کي موڪل ٿيندي هئي تہ ٻين ڪيترن ٻارڙن کي سندن والدين وٽان ۽ چڏڻ ايندا هئا، پر مون کي اهو ئي استاد ڳوٺ اچڻ وڃڻ جو پاڙو ڏيندو هو. مان ڪڏهن اڪيلو ئي اچي ڳوٺ ٽڪاءُ ڪندو هئس. مائٽن ٻہ جڏهن ڏٺو تہ چورو تہ واقعي پڙهي ٿو هنن خوش ٿي زندگي ۾ پهريون دفعو مون کي ڪپڙن جو هڪ نئون جوڙو وٺي ڏنو. مطلب تہ اهڙي ڀيانڪ غربت ۽ مفلسي ۾ ٻہ مان پڙهائي جو شوق جاري رکيو.

آريسر صاحب هڪ سگريٽ جو ڪش هڻندي پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي ٻڌايو تہ "هڪ دفعي موڪلن ۾ ڳوٺ تہ جيئن تئين ڪري پهچي ويس پر مصيبت اها ٿي جو مون وٽ واپسي جي پاڙي لاءِ ٽڪو ٻہ ڪونہ هو. مائٽ ويچارا ايترا تہ اپيپ هئا جو هنن وٽ ٻہ پاڙي جا صا پئسا ڪونہ ها.

آخر لاچار ٿي مون پيرن تي زور ڏنو. ڳوٺان پنڌ ئي پنڌ ڏيٽا استيسن ڏي هلڻ شروع ڪيو. آخر سڄي واٽ اڄ ۽ بک ڪاٽيندو ساهيون پٽيندو اچي مدرسي پهتس.

هڪ ڏينهن ان مدرسي ۾ درس دوران منهنجي ڪنهن خطابي سان جهيڙو ٿي پيو. ان جهيڙي جي ڏوهہ ۾ مون کي ان مدرسي مان ڪيڻ چڏيائون. منهنجي تہ پيرن هيڻان في الحال زمين نڪري وئي. مون کي تہ پڙهڻ جو شوق چوٽ چڙهيل هو. بهرحال مان ان مدرسي مان بي دخل ٿيڻ بعد اچي ٻئي جي هڪ مدرسي ۾ داخلا ورتي.

ٻئي جي ان مدرسي ۾ پڙهائي دوران مون ڪيترن ئي عالمن کان فيض حاصل ڪيو ۽ اتان جي مختلف لئبريرين مان ڪتاب وٺي پڙهيا، مطالعو ڪندو رهيس. ان مدرسي مان فارغ التحصيل ٿيڻ بعد ٻہ مان ذاتي طور ڪيترن استادن وٽ وڃي پڙهيس ۽ ڪائن اوڏارا ڪتاب وٺي مون کي ڪتاب پڙهڻ جو ايترو تہ شوق هو جو خبر پئي تہ منهنجي ڪنهن واقف وٽ مولانا ابوالڪلام آزاد جو ڪتاب "India Wins Freedom" آهي.

مان ڪوهن جا ڪوهه پنڌ ڪري ڪائنس اهو ڪتاب وٺي پڙهي وري پنڌ ئي وڇي ڪيس واپس ڪري آيو هئس.

آريسر صاحب اڳتي پنهنجي زندگي جو احوال ڪٽيندي ٻڌايو ته "مدرسي مان فارغ ٿيڻ بعد ڪيترو عرصو مختلف مسجدن ۾ ٻانگو ڏنم ۽ پيش امام طور جماعت کي نمازون پڙهايم. آخر حيدرآباد ۾ پڪي قلعي پرسان هڪ مسجد ۾ اچي پيش امام ٿيس. اتي رهڻ دوران منهنجي واقفيت ڪجهه نوجوان شاگردن سان ٿي، جيڪي قومپرستي جي رنگ ۾ رنگيل هئا. آهستي آهستي هنن جي ڪچهرين مان مون کي سنڌي قوم سان ٿيندڙ زيادتين ۽ ظلمن جي خبر پوڻ لڳي. خاص ڪري اسلام ۽ پاڪستان جي نالي سنڌي قوم سان ڪيل ويساهه گهاتين جي ڄاڻ ٿي. مان ته هون به ڪتابن جو ڪيڙو هئس. هنن دوستن به ڏهن جهنجهوڙيندڙ ڪجهه ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا. تن ويتر مون کي قومپرستي طرف مائل ڪيو مون سائين جي ايم سيد جا ڪتاب به هٿ ڪري پڙهيا. هاڻي مون ۾ به انقلابي نظريا جاڳڻ لڳا. ان وچ ۾ سائين جي ايم سيد سان به ملاقات ڪري آيس. اهڙي طرح مون به حڪومت جي سياهه ڪرتوتن تي لکڻ شروع ڪيو. منهنجا اها ڪچي ڪڪي لکڻي سنڌ دوستن کي ڏاڍي وٽي، جن جي اسرار تي منهنجي قلم ۾ تيزي سان گڏ تير به هئا. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو انهن لکڻين ڪري هن قيد ۾ توهان سان ويڙو ڪچهري ڪري رهيو آهيان."

آريسر صاحب ڳالهه جاري رکندي ٻڌايو ته "اڳتي هلي دوستن جي چوڻ ۽ سهڪار سان اسان "پيغام" رسالو پڌ ڪيو. منهنجا ٻه ڪتاب "پرهه جو پيغام" ۽ "صدين جون صدائون" پڻ شايع ٿي چڪا آهن.

مون آريسر جا اهي ٻئي اتساهيندڙ ڪتاب پڙهيا آهن، مون کي ياد آهي، "صدين جي صدائون" ڪتاب ۾ هڪ هنڌ ڪيوبا کي آزاد ڪرائيندڙ گوريلا ليڊر فيڊرل ڪاسترو جو هڪ قول لکيل آهي ته "جڏهن ماڻهو پنهنجي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ پڪو ارادو ڪندا آهن ته پوءِ هن طرح سان وڙهندا آهن جو هوائي جهازن تي پٿر اڇلائيندا آهن ۽ ٽينڪن کي هٿن سان اونڌو ڪندا آهن."

بهرحال اهڙين بيباڪ ۽ انقلابي لکڻين ڪري مولوي عبدالواحد آريسر اسان سان گڏ قيدي آهي. هن نهايت ئي ڏکاري انداز ۾ هڪ واقعو ٻڌايو ته "منهنجي اهڙين تلخ تحريرن تي ڪجهه وقت اڳ حڪومت ناراض ٿي مون تي گرفتاري جا وارنٽ ڪڍيا. دوستن جي مشوري سان مان روپوش ٿي ويس. جڏهن ڪافي عرصو پوليس کي هٿ نه آيس ته پوليس ٿر وچي منهنجي ڳوٺ کي گهيرو ڪري بابا سائين کي پڪڑي آئي. پوليس ظلم اهو ڪيو جو منهنجي پوڙهي پيءُ جي مٿي تي پاتل پٽڪو لاهي سندس ڳچي ۾ وجهي ٽاٽي تائين گهليندي آئي". آريسر صاحب اها ڳالهه ٻڌائڻ مهل ڪافي جذباتي ٿي ويو. هن جي آواز ۾ چهري مان ڪاوڙ بکي رهي هئي. واقعي ڳالهه ۾ جذباتي ٿيڻ جهڙي هئي.

ريت ڇهي وئي رت کي ڏاڍو ڏينهن تتو
ڪنهن جو لهو ڪٽ ڪريو ڪنهن کي ناهي پتو
سانجهي سج رتو ڳاڙهه سمائي ڳاڙهه ۾.
(ايياز)

اسان آريسر صاحب سان ڪجهه وڌيڪ حجائتا ٿي. ڪائنس سندس ذاتي زندگي ڪانسواءِ ڪن همراهن جي باري ۾ پڙ سوال ڪيا. آريسر ۽ وڏي سچائي ۽ بنا رک رکاءَ جي ان جا جواب ڏنا. اهي سندس اجازت ڪانسواءِ هت لکڻ جهڙا ناهن. آريسر صاحب کان اجازت ونڊي پوءِ لکندس.

□

14 سيپٽمبر 1974
خيرپور جيل روانگي

اڄ وارڊ ۾ موجود سيني دوستن جي اسپيشل ٽربيونل ۾ پيشي هئي. انڪري صبح جو ورزش وارو پيرڊ نہ ٿيو اک ڪلڪ سان ئي تڙ تڪڙ ۾ تيار ٿي نيرن ڪري ويناسين تہ ماڙي تان منشي سڏڻ آيو.

اسان سڀ ماڙي جي اندرين دروازي وٽ ٻيهي پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. اتي ٻيا ٻہ ڪيترائي قيدي حاضرن تي وڃڻ لاءِ تيار بينا هئا.

سڀ کان پهريائين قيدين جي هڪڙي ٽولي ڏنڊا ٻيڙين ۾ هٿڪڙين جي زنجيرن کي ڪورس جي انداز ۾ ويڙهيندي اسان جي پرسان لنگهي ماڙي ۾ داخل ٿي. هن قيدين وٽ هلڻ مهل ڏنڊا ٻيڙين ۾ هٿ ڪڙين کي مخصوص انداز ۾ وڃائڻ ٻہ هڪ فن آهي. قيدي ٻنهي ٽنگن ۾ پاتل لوهي ڏنڊا ٻيڙين کي هڪ ٻي سان اهڙي اٽڪل ۾ وٽندڙ انداز سان هڻندا آهن. جو هڪ خاص قسم جي جهنڪار پيدا ٿيندي آهي، هت جيل ۾ سريلي جهنڪار ڪيندڙ قيدي کي ٻيا قيدي قدر جي نگاهہ سان ڏسندا آهن. اهڙي طرح هر قيدي جي ڏنڊا ٻيڙين جي وجت نرالي هوندي آهي.

اسان ٻہ پنهنجي واري تي ماڙي ۾ داخل ٿياسين. اتي ٻڌايو ويو تہ اسان انجنيئرنگ ڪاليج جي شاگردن لاءِ خيرپور کان هڪ الڳ پوليس پارٽي آئي آهي، ماڙي تي ڪجهہ خانہ پوري بعد اسان کي خيرپور پوليس حوالي ڪيو ويو. جيل کان ٻاهر قيدين واري بند گاڏي اسان سيني قيدين کي پهريائين ٽربيونل پهچڻو هو. قيدي گهٽا هڻڻ ڪري گاڏي ۾ هڪ ٻي جي هنج ۾ ويهي اچي ٽربيونل پهتاسين .

ٽربيونل ۾ دستور مطابق رونق ۽ چهچتو لڳو پيو هو. ڪافي دوستن جا مٽ مائٽ يار دوست ڳوٺان سيڙجي ملاقات لاءِ آيل هئا. اسان سان به نواب شاهه ۽ حيدرآباد کان عبدالمجيد بهلڪاڻي، انور وائو ڪامريڊ حسين بخش ٽيپو ملڻ آيا هئا. ان کانسواءِ مختيار احمد جلباڻي، مير حسين علي ٽالپر، سجاد حسين انصاري، مقصود احمد صديقي، عبدالرحمان (ڪرڪيٽر فضل الرحمان جو ياءُ) به پهتل هئا.

اتي انور وائي اها خوشخبري ٻڌائي ته انجنيئرنگ ڪاليج جا شاگرد ذاڪر حسين لغاري ۽ عبدالستار ڪورائي به ضامن ٽيڻ ڪري آزاد ٿي ويا آهن. ذاڪر حسين لغاري ۽ عبدالستار ڪورائي حيدرآباد جيل ۾ اسان سان گڏ قيد هئا.

اتي بيني ئي سجاد حسين انصاري کي، جيل ۾ ساڻ کڻي وڃڻ لاءِ ڪجهه سامان لکي ڏنم. يار موٽر سائيڪل تي لامارو ڏئي وٺي آيو.

ٽربيونل ۾ حاضري بعد سيني ساٿين ساڳي طرح بند گاڏي ۾ جيل ڏي واپسي ڪئي. هنن سپ کان پهريائين اسان کي گارڊن وٽ پوليس هيڊ ڪوارٽر تي ڇڏيو. دوستن وڃڻ مهل گاڏين جي ڇارين مان هٿ لوڏي جيئي سنڌ ڇيو.

اسان گارڊن پوليس هيڊ ڪوارٽر ۾ شام جو چئين بجي تائين وينا رهياسين. اتي اڪثريت سنڌي سپاهين جي هئي. غلام رسول ڪوسي ۽ ٻين دوستن جا ڪجهه واقف ۽ ڳوٺائي سپاهي به مليا.

اسان شام ڏاري پوليس جي پهري ۾ هڪ ڪليل ٽرڪ تي چڙهي پهريائين ڪينٽ اسٽيشن پهتاسين پر جيئن ته گاڏي سٽي اسٽيشن تان هلڻي هئي، ان ڪري اڇي سٽي اسٽيشن لڌاسين. گاڏي جي روانگي ۾ ايڏا ڪافي وقت هو ان ڪري ويٽنگ روم ۾ ويٺاسين ته بابا سائين، مختيار احمد جلباڻي ۽ مير حسين علي ٽالپر پڻ ڪچهري لاءِ آيا.

نيٽ رات جو سادي نائين ڏاري چناب ايڪسپريس ذريعي خيرپور لاءِ روانا ٿياسين. مير حسين علي چيو ته هو نوابشاهه اشرف پٽي ڏي ۽ سکر نقيب شاهه ڏي ٽيليفون ڪري ڇڏيندو جيئن هو اسٽيشن تي توهان سان اڇي ملن.

مان ته گاڏي رواني ٽيڻ سان ئي هڪ برٿ وٺي سمهي رهيس.

15 سيپٽمبر 1976
نقيب شاهہ جي امان جون دعائون

صبح جو جاڳ ٿي تہ ريل خيرپور اسٽيشن جي ويجهو پهچي چڪي هئي. دوستن ٻڌايو تہ ريل ليٽ هئڻ ڪري رات نوابشاهہ اسٽيشن تي بہ ڪو دوست نظر نہ آيو.

اسان خيرپور اسٽيشن وٽ سامان سرڙو سوري دروازي وٽ اچي گاڏي بيهڻ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين، پر چناب ايڪسپريس جو خيرپور وٽ اسٽاپ نہ هئڻ ڪري ريل اچي روهڙي اسٽيشن تي بيٺي.

روهڙي اسٽيشن تي لهي مان نقيب شاهہ ڏي گهر فون ڪئي. فون امان کنئي، مان جڏهن امان کي پنهنجو نالو ٻڌايو تہ سانئڻ دعائن سان گڏ نصيحتون شروع ڪيون. "ابا خدا جلد آزاد ڪندؤ .... پنهنجي حفظ و امان ۾ رکندو... پٽ وري اهڙو ڪم نہ ڪجو... هاڻي سڏري وڃو... ڇو تا پيءُ ماءُ کي پريشان ڪيو...." مطلب تہ جيجل جا چند منٽن تائين مون مٿان دعائن جا ڪڪر ڇانيل رهيا. آخر مون امڙ کان نقيب شاهہ جو پڇيو. امڙ ٻڌايو تہ نقيب شاهہ نيرن وغيره گهران تيار ڪرائي توهان ڏي اسٽيشن تي آيو آهي.

مونکي نقيب شاهہ ٻڌايو هو تہ سندس امڙ مون تي سخت ناراض آهي، ان جو سبب اهو هو جو ڪجهہ عرصو اڳ مان لاڙڪاڻي ۾ ڪرڪيٽ جي ڪا ٽورنامينٽ کيڏڻ ۾ مصروف هئس تہ اها خبر پئي تہ نوابشاهہ انجنيئرنگ ڪاليج جا ڪجهہ شاگرد گرفتار ڪيا ويا آهن. اها خبر ٻڌي مان لاڙڪاڻي ۾ راند اڏ ۾ ڇڏي سکر اچي نقيب شاهہ کي گهران ونڻ وڃي. نوابشاهہ پهچي، بک هڙتال ڪري

گرفتاري ڏني هئي. نقيب جي امڙ مون تي ان ڪري ناراض ٿي هئي ته مان سندس شريف پٽ کي ري گناهه گهران سڏي وڃي جيل وجهرايو هو. ان واقعي بعد امڙ نقيب شاهه کي تاکيد ڪيو هو ته "ان لوفر اشتياق انصاري سان دوستي ڇڏ." نقيب شاهه دوستي ته نه ڇڏي پر بعد ۾ مان جڏهن به سکر نقيب شاهه جي گهر ويندو هئس، ته هو پوڳن ۾ تنگ ڪندو ته "بيهه ته مان امان کي ٿو ٻڌايان ته اشتياق وري باهر بيٺو آهي." منهنجا ڪيس ايلاز هوندا هئا ته "امان کي منهنجي اچڻ جو نه ٻڌائجانءِ" پر هاڻي امان سڀ ناراضگيون ختم ڪري دعائون ڏئي رهي هئي.

ٿوري دير بعد اسان جو دلبر دوست نقيب شاهه چيلهه کي موڙا ڏيندو هٽ ۾ ٽفن باڪس، ٻي هٽ ۾ پنهنجي نظر جي عينڪ کي سهارو ڏيندو اچي پهتو. نقيب جي اها عادت آهي ته هر منٽ بعد نڪ تي سُرڪي آيل نظر جي عينڪ کي پنهنجي اشد آڱر سان مٿي ڪندو رهندو آهي.

بهرحال روهڙي اسٽيشن تي نقيب شاهه جي آندل لذيذ نيرن ڪري، هڪ ٻي ريل گاڏي ۾ چڙهي اچي خيرپور ريلوي اسٽيشن پهتاسين. اسٽيشن ٻاهران غوث هوٽل تي چانهه چڪو پي، ٽانگن تي چڙهي سينٽرل جيل خيرپور روانا ٿياسين.

رستي ۾ ڪرنل شاهه هاسٽل وٽان گذر ٿيو ته ياد آيو ته جڏهن مان گورنمينٽ پائلٽ سيڪنڊري اسڪول لاڙڪاڻي جو ستين ڪلاس جو شاگرد هيس ته اسڪول جي فٽبال ٽيم سان هن هاسٽل ۾ اچي رهيا هئاسين، اتي ميچ جي دلچسپ ڳالهه اها هئي جو راند دوران ٻنهي ٽيمن جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو. ٻنهي ٽيمن جي راندگرن هڪ ٻئي کي ڏاڍو ڪٽيو. مون کي به ٽاهوڪا ٽونشا لڳا. ان مهل ٽورنامينٽ جي آرگنائيزرس چيو ته "اسان پهريون دفعو ڏٺو آهي جو سڀ جا سڀ راندگر هڪ ٻئي کي ڪٽي رهيا هئا. نه ته اڪثر ٻه راندگر وڙهندا آهن ته ٻيا انهن کي ڇڏيندا آهن". ان ميچ ۾ مان گول ڪيپر هيس ۽ اسان جڏن گولن تان هارايو هو.

آخر اسان ٽين بجي اچي سينٽرل جيل خيرپور پهتاسين، جيل سپرنٽينڈنٽ عثمان سرهياڻي اسان کي پاڻ وٽ گهرائي حال احوال دوران پڇيو "کهڙي ڏوهه ۾ آيا آهيو؟"

"اسان کي ته خبر نه آهي، الائي کهڙو ڏوهه ڪيو آهي" اسان کيس جواب ڏنو.

"هن ملڪ ۾ اهوئي وڏو ڏوهه آهي جو اوهان کو ڏوهه نه ڪيو آهي."

عثمان سرهياڻي پوءِ جيلر کي گهرائي چيو "هنن کي بي ڪلاس ۾ وڃڻي آ."

اسان جيل جو شاهي دروازي ٽپي اندر ٽياسين ته رسول بخش ٽيپو، حبيب الله ڪابورو ۽ نديم عباسي اسان جي اڳيان ٽکڙا ٽکڙا هڪ واريڊ ڏي هلڻ لڳا. ائين پيو لڳي جڙ چاچي جي گهر پيا وڃن. پوءِ خبر پئي ته هو ڪجهه عرصو اڳ ان واريڊ ۾ رهي ويا هئا.

واريڊ جي مک در تي وڃڻ اکرن ۾ "Female Ward" لکيل هو. اندر داخل ٽياسين ته نظر هڪ ڄاتل سڃاتل شخص تي پئي، جيڪو سنجهي جي وٽ هينان ڪرسي رکيون وينو هو. هن جي سامهون هيٺ پٽ تي ڪجهه قيدي پلٽي هون سنڌي ٽوپن تي پرت پري رهيا هئا. جيئن اسان جي پهراڙي ۾ اسڪول ماستر ڪرسي تي وڏي قرار سان وينو هوندو آهي ۽ هن جي سامهون پٽ تي شاگرد وينا سبق ياد ڪندا آهن.

همراهه اسان کي ڏسي وڏي خلوص سان اچي مليو. هن مون کي سڃاڻي ٻٽو پاکر پاتو هي اسان جي لاڙڪاڻي جو نهايت متحرڪ شخص بهاول خان انڙ هو جيڪو حڪومت جي عتاب ڪري ڇهن مهينن کان سنڌ ڪرائمز ايڪٽ ۾ قيد آهي.

16 سيپٽمبر 1976
عزيز پٽي جي دردناڪ کھاڻي

صبح جو نيرن بعد ٻاهر وڻ هيٺان ويهي اُبتيون سُبتيون ڳالهيون ڪندا رهياسين، آخر واندڪائي ڏسي دل گهري دوست دلاور حسنين ميمڻ ڏي خط لکڻ شروع ڪيو. دلاور ميمڻ اصل نوشهروفيروز جو آهي، هن سان پهريون دفعو انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهه ۾ ملاقات ٿي، جڏهن هو پهرين سال ۾ داخلا ونڊ آيو هو. اسان جي ساٿي نقيب شاهه ۽ دلاور ميمڻ جي پاڻ ۾ سکر کان وٽي پراٽي دوستي آهي. اسان جي نقيب شاهه سان ويجهڑائي ڪري دلاور ميمڻ به اسان جي رنگ ۾ رنگجي ويو. دلاور جهڙو نالو اٽس يار اهڙو ئي خوبين جي کاڻ آهي. خوش لباس، خوش خوراڪ، زنده دل مطلب ته مٺيادار مڙس آهي.

جيل ۾ هڪ نوجوان عزيز پٽي سان ملاقات ٿي، هن يار جي عجيب دردناڪ کھاڻي آهي. عزيز پٽي جو ڪاليج ۾ پڙهائي دوران ڪنهن سندر ناري سان نينهن لڳي ويو. ٻنهي پريمين مٽن مائٽن سان بغاوت ڪري لڪي وڃي پيار جو پرٽو ڪيو. ڪنوار جا ڏٽي ڪي ڏاڏا مڙس هئا. انهن مان ڪن ڇورڙن ست ستي عزيز پٽي کي مارڻ لاءِ مٽس موتمار حملو ڪيو پر ڳالهه ابتڙ ٿي وئي. ويڙهه دوران عزيز پٽي هڪ حملي آور کي ماري وڌو. حملي آور کي امير ماٺهو هيا، قانوني جنگ ۾ غريب عزيز پٽي هارائي ويو. ڪورٽ عزيز کي ڇويهه سال قيد جي سزا ڏني. هي يار قيد ۾ ئي هو ته ڇوڪري وارا زوري ڪنوار کي ڪنيي پنهنجي گهر کٽي ويا، تي ڪنوار جي ڇڳ مڙسن اچي ڪيس لاها چاڙها ڏنا ته تو واري مڙس کي جنم ٽيپ لڳي آهي، ايڏي ڊگهي عرصي ۾ همراهه جيل ۾ ڳري سڙي ويندو تون اهڙي حسين مهجبين ڪيترو

ان نياڳي کوڳ جو انتظار ڪندينءَ ان ڪري هن کان طلاق وٺ تہ توکي ڪنهن سٽي هنڌ شادي ڪرائي ڇڏيون. ان دوران چوڪريءَ وارن ڪن هنڌن تي شادي جي ڳالهہ ٻولهہ ۽ شروع ڪري ڇڏي. ڪنوار ۽ ڪا قول جي پڪي هئي، هن پيءَ ماءُ کي جواب ڏنو تہ "ٻلي زمين اٽلي پئي مان ٻي شادي نہ ڪندس. پر ساري عمر مان پنهنجي مڙس جو انتظار ڪندس."

بهرحال ڪنوار جو جواب ٻڌي ڪن لومڙ صفت ڪنوار جي مالڪن هڪ وڏي سازش ڪري اچي ڦوڪري کي ٻڌايو تہ تنهنجي مڙس عزيز جيل مان توکي طلاق ڏياري موڪلي آهي. هنن اهڙا ڪوڙا تيار ڪيل ڪاغذ ۽ ڪنوار کي ڏيکاريا. چوڪري جڏهون ڪوڙو طلاق نامو ڏٺو ۽ ڪيس پنهنجي مڙس جي بي وفائي جي خبر پئي تہ بجاءِ ٻي شادي ڪرڻ جي هن زهر کائي خودڪشي ڪري ڇڏي. حالانڪہ اها ڳالهہ ڪوڙي هئي. بهرحال عزيز پٽي ويچارو زال جي وڇوڙي بعد هن پيار دشمن سازشي ۽ ڏاڍي مڙسن جي دنيا ۾ پنهنجي بي مقصد زندگي جا ڏينهن گهاري رهيو آهي.

18 سيپٽمبر 1976
تاس جو جڏو راندیگر

اسان ننڍڙا هوندا هئاسين تہ گهر ۾ بابا سائين خاص ڪري موڪل واري ڏينهن تي اسان ٻارڙن سان گڏ ويهي ڪڏهن لوڊو تہ ڪڏهن شطرنج، ڪروڙ پتي، اسڪريبل تہ ڪنهن مهل ڪيرم بورڊ کيڏندو هو. بابا سان ڪنهن مهل تاس بہ کيڏندا هئاسين. مطلب تہ اسان تاس جا پتا ۽ رنگ سيڃاڻڻ سڀ کان پهريان بابا کان ئي سکيا. جيئن ايٽ (چوڪڙي)، پان، ڪارو، ڳلو وغيره. ائين راند کيڏڻ دوران اسان کي تاس ۾ استعمال ٿيندڙ خاص لفظ/انگ، يڪو، ٻڪي، ٽڪي، چونڪي، پنجي، ڇهڪي، ستي، اٺي، نولو، ڏهلو، غلام، راڻي، بادشاهہ، جوڪر وغيره سيڃاڻڻ ۾ اچي ويا.

اڄڪلهي اسڪول جي زماني ۾ مون جڏهن اسڪائوٽنگ ۽ راندين جي شوق ڪري، گهر کان ٻاهر ٽوئر ڪيا تہ اتي وقت گذارڻ لاءِ دوستن سان ڪڏهن تاس جون مختلف بازيون بہ کيڏيون جيئن رنگ وار، کل، گهر پتي، جوڙ پتي وغيره.

اهڙين ٽوئر دوران اسان جا ڪي دوست جوئا بہ کيڏندا هئا. جڏهن ڪو همراهہ جوا ۾ پئسا هارائي ويندو هو تہ اهو ٽوئر هاريندڙ دوست لاءِ تمام خراب گذرندو هو. البت ڪٽندڙ همراهہ موجن ۾ هوندو هو. اهو ڏسي مون کي ڪافي افسوس ٿيندو. اهڙا گهرا ۽ سٺا دوست کيئن جوئا ۾ هڪ ٻئي کي ڪنگال ڪري ٽا ڇڏن. ان هارايل ساٿي جو ڇڙ سارو دورو خراب گذرندو هو. يار ٽڪي ٽڪي جو محتاج سڄو ڏينهن پيو ٻاٽون کائيندو هو. ٻين اڳيان هٿ ٽنگي پنهنجو گذر سفر ۽ ٽوئر جو خرچ پورو ڪندو هو. مون کي شروع کان وٺي جوا کيڏندڙ هارائيندڙ

توڙي کتيندڙ دوست اصل نہ وٺندا هئا. جڏ انهن کان نفرت ٿيندي هئي. سيني دوستن جي سامهون اهڙو اظهار بہ کلي عام ڪندو هئس. مون اڄ ڏينهن تائين رپئي جي بہ جوئا نہ کيڈي آهي نہ وري کيڈڻ ايندي آهي.

اهڙي طرح فوج ۾ رهڻ دوران ڇهہ باز ۾ چوباز راند سکي. اڪثر مان ۾ منهنجو لاڙڪاڻي جو دوست شڪيل شاهہ پاڻ ۾ پيچي ٿيندا هئاسين، مان راند ۾ اهڙو قابل نہ هئس، فوج ۾ حرڪتي هڻڻ ڪري اڪثر چوباز راند دوران مان ۾ شڪيل شاهہ هڪ ٻئي کي ڳجها اشارا ڪندا هئاسين. جيئن ڪنهن وٽ چڙيان، (ڦول)جا پتا گهٽا هوندا هئا تہ هو پنهنجي ڪن تي هٿ لاهيندو هو يا ايٽ (چوڪڙي) جا پتا گهٽا هڻڻ جي صورت ۾ نڪ کي اهڙي طرح هٿ سان ڪنندو هو جو مخالف ٽيم کي خبر ئي نہ پوندي هئي. ائين ڏوهہ ڪري ٻين فوجين کان راند کٽي ويندا هئاسين.

هون بہ چيو ويجي ٿو تہ ماڻهو پٽر جي دور کان وٺي تاس سان ملندڙ جلندڙ راند کيڈندا هئا. اهي پٽرن تي کي اهڙا نشان نقش ڪندا هئا، چين ۾ تہ ٻارهين صدي ڏاري تاس جو ڏس ملي ٿو. البت تيرهين صدي ڏاري باقاعده يورپ ۾ تاس کيڈي ويندي هئي.

بهرحال هت جيل ۾ وقت گذارڻ لاءِ گڏجي پيا تاس ڪتيندا آهيون، پر مون کي راند ۾ مهارت نہ هڻڻ ڪري کوبہ ساٿي ڪري نہ ڪٽندو آهي. لاچار جڏهن کو همراهہ نہ ملندو اٽن تہ مون کي پيچي ڪندا آهن، اڄ تائين مون کي پيس ڪوٽ، رمي، بئنڪ وغيره راندیون سمجهہ ۾ نہ ايندیون آهن.

□

19 سيپٽمبر 1976
ڪاليج جي اليڪشن ۾ هارائڻ

اسان کي هت جيل ۾ هڪ قيدي وفات علي بورچي ڪري ڏنو ويو آهي. هي پنجونجاهه جي پيٽي ۾ اردو ڳالهائيندڙ همراهه لطيف آباد حيدرآباد جو رهاڪو آهي، هي ڪنهن ڳالهه تان ڪاوڙجي پنهنجي ملوڪ زال جي چهري تي تيزاب هاري ڪيس ڏائڻ جيان بدشڪل بڻائي آيو آهي، هاڻي ان ڏوهه جي سزا ڪاٽي رهيو آهي. همراهه سدائين خاموش ۽ غمگين رهندو آهي، لٽي، ڪپڙي ۽ ڏاڙهي وغيره جو خيال نه ڪرڻ ڪري سدائين گدلو رهندو آهي. وفات علي بورچي به ڪويلو نه آهي، همراهه کي بي سوادي کاڌي جي شڪايت ڪندا آهيون ته چوندو آهي ته "مصالحا گهرائي ڏيو پوءِ جي هٽ نه چٽيو ته منهنجا ڪن ڪپي ڇڏجو" هڪ اڌ دفعو ٻاهران وڏي مشڪل سان مصالحا به گهرايا سين، ته به مزو نه ڪيائين. هن شڪايت ڪئي ته مصالحا خالص نه هئا، هاڻي سوچون ٿا ته هن مغل اعظم جي بورچي لاءِ مصالحا هندستان يا سريلنڪا مان گهرائجن، هون به همراهه هندستان جي ساراهه جا ڏک پرڻ سان گڏ پڪو پاڪستاني ۽ ڪٽر مسلم ليگي آهي. اڪثر مسلمان ليڊرن جا قول ٻڌائيندو رهندو آهي. جيئن اڄ محمد علي جوهر جو هي ارشاد ٻڌايائين.

"ڪسي مقصد کي لي جان دينا آسان آهي، مگر ڪسي مقصد کي لئي زندهه رهنا مشڪل آهي."

سنجها ڏاري ماني کائي توتل بند ٽيڻ کان اڳ اسان وارڊ جي چوڪيدار هلڪي چهل قدمي ڪندا آهيون. ان گهوم دوران مختلف موضوعن تي خاص ڪري سياست ته به ٽيڪا ٽپٽي به ٽيندي رهندي

آهي. اسان مان حبيب الله کابورو ۽ رسول بخش ٽيهو سياسي حوالي سان کجهہ شعور رکن ٿا. باقي مان سياسي حوالي سان صفا ڏڳو آهيان. ان جو سبب اهو آهي جو زندگي جو وڏو حصو مون راندين کي ڏنو آهي. لاڙڪاڻي گورنمينٽ ڊگري کاليج ۾ پڙهڻ دوران شاگرد يونين ۾ جوائنٽ سيکريٽري لاءِ بيٺوهيس. پر راند جي جنون کري کا ورک نہ ڪئي. آخر ۾ سڪندر عباسي جي حق ۾ هٽ کٽي ويو هيس.

اسان جي ڊگري کاليج لاڙڪاڻي ۾ توڙي کامرس کاليج ۾ ڏاڍيون زوردار اليکشن ٽيندیون هيون. اسان جو راندیگرن جو جٿو مضبوط ۽ ٻڌي هئڻ کري اکثر اميدوار اسان جو تعاون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. هڪڙي سال ڊگري کاليج ۾ شهزادو شيخ ۽ احسان سومرو آمهون سامهون بيٺا. جڏهن تہ احسان سومرو ڪرکيٽ جو کيڏاري هو. انکري اسان کلي عام هنن جي ورک ڪرڻ لڳاسين پر آخر ۾ احسان سومرو هٽ کٽي ويو. اسان سڀني شهزادي شيخ کي ووٽ ڏنا تہ هو يونين جو صدر ٿي ويوهک ٻي يادگار اليکشن ۾ امان الله شيخ ۽ سليم لاشاري هک ٻئي جي سامهون ۾ بيٺا. جيئن تہ سليم لاشاري اسان جي راندیگر دوست کليم لاشاري جو وڏو ڀاءُ هو. ان کري اسان هن جي دل کولي ورک ڪئي. پر سليم لاشاري اليکشن هارائي ويو.

کجهہ عرصي بعد سليم هک شهري جهيڙي ۾ مارجي ويو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ لاڙڪاڻو جو عوام هر دور ۾ سياسي، سماجي ۽ ثقافتي طور اڳيرو رهيو آهي. پر اسان جو دين ايمان راندیون ۽ دوستن سان کچهريون ئي رهيون. البت شاگردي زماني ۾ هر جلسي جلوس ۽ احتجاج ۾ خبر نہ هوندي بہ دوستن کري. پهرين صف ۾ نعرا هڻندا نظر ايندا هئاسين. پر باقائده کنهن ۾ سياسي جماعت ۾ شموليت نہ رهي.

هت انجنيئرنگ کاليج ۾ داخلا بعد کجهہ عرصو تہ کنهن بہ پارٽي جو حصو نہ رهياسين. حالانکہ هت سنڌ پيپلز پارٽي استوڊنٽ فيڊريشن (سپاف)، جيئي سنڌ استوڊنٽ فيڊريشن، ماروئڙا استوڊنٽ

فيڊريشن، نيشنل استوڊنٽ فيڊريشن جا ڪجھ دوست سرگرم ھئا. پر ھاڻي تہ جيئي سنڌ استوڊنٽس فيڊريشن سان ويجھڙائي آھي، شاگرد اليڪشن ھجي يا ڪو احتجاج، اسان سينا تاڻيون پھرين قطارن ۾ بيٺا ھوندا آھيون.

1975ع ۾ انجنيئرنگ ڪاليج جي اليڪشن ۾ مان نائب صدارت لاءِ بينس ۽ حبيب الله ڪابورو جوائنٽ سيڪريٽري لاءِ، جنھن ۾ اسان بنھي تمام بري نموني ھارايو. خاص ڪري مون کي پنھنجي غير مقبول ھئڻ جو اندازو ٿيو. مغز مان ساري مڇي نڪري وئي. ان ڪانسواءِ اليڪشن ڪٽڻ لاءِ مون ڪنھن سان بہ معاھدو يا پيڪٽ نہ ڪيو حالانڪ اھڙا پيڪٽ اليڪشن جو حصو ھوندا آھن. ايتريقدر مون سان سارو ڏينھن گڏ گھمندڙ خاص ڪري اردو ۽ پنجابي ڳالھائيندڙ راندگرن بہ گاھہ نہ وڌو. اليڪشن ۾ اعجاز الحق ميمڻ، دلاور حسنين ميمڻ، نقيب الحسنين موسوي، مير حسين ٽالپر، سرفراز جلباڻي، اعجاز پناڻ، مشتاق خواجا، جاويد سومرو، حسن علي عقيلي، بدرالحق بلوچ ڪانسواءِ جيئي سنڌ استوڊنٽ فيڊريشن جي دوستن وڏي محنت ڪئي. ھارائڻ بعد پنھنجي ڪن دوستن اعجاز الحق ميمڻ، حسين بخش ميمڻ کي ڊيڪارون ڏئي روئندو ڏسي کين پرچائڻ مسلو ٿي پيو.

بھرحال ھن وقت بہ ڪن مھربان دوستن جو زور آھي تہ مان انجنيئرنگ ڪاليج يا مرڪز ۾ جيئي سنڌ استوڊنٽ فيڊريشن جو عھدو قبول ڪيان. پر مان راند جي شوق ۽ خاص ڪري بابا سائين جي سرڪاري ملازمت ڪري ڪا اھڙي مھم جوئي ڪرڻ نٿو چاھيان.

رات جو بند ٿيڻ مھل لاڙ جي قيدي ھالي ڪجھ اداس ڪندڙ گانا ٻڌايا. سنڌ جي تاريخ جي ھر دور ۾ خماريل ھوائن جو ھي ديس اھم رھيو آھي. ھن خطي کي ھڪ پاسي سامونڊي چولين ڳرائڙي پائن ٿيون تہ ساڳي وقت سنڌو جون لھرون بہ اچي ڳل ڇھن ٿيون. سنڌ جي ھن خطي جي سونھن سوڀيا ۽ خوشحالي ڏسي ڪيترن لٽيرن اچي پنھنجا لنگر اڇلي ھتان جي مظلوم ماڻھن جو ڪوس ڪيو آھي.

مون ڪيترا دفعا لاڙ جي ھن حسين ساحلي خطي ڪيٽي بندر ۽ شاھہ بندر تي روپلي سج کي لھرن تي لھندي ڏٺو آھي.

بهرڪيف لاڙ جي هن مسڪين قيدي هالي کي ڪجهہ ئي ڪلام ياد آهن جيڪي اڪثر اسان جي فرمائش تي ٻڌائيندو رهندو آهي. خاص ڪري ڪي دل کي ڇهندڙ ڪلام وڏي درديلي انداز ۾ ڳائيندو آهي.

❑

20 سيپٽمبر 1976
ماءُ جو قاتل

ڪافي ڏينهن کان مٽي جا وار نہ لهرايا هئا. اڄ جيل جي حجم کي گهرائي وارن کي ڪجهہ هلکو ڪرايو. ان بعد سارو ڏينهن بهاول انڙ سان ڪچهري ڪندي گذريو. وچولي قد ۽ گلابي اکين واري بهاول انڙ جي وٽندڙ شخصيت آهي. ان ڪري دوستي جو بہ وسيع هلکو اٿس. هت بہ ڪچهري جو مور آهي. اڄ ڪلهہ پيپلز پارٽي ناراض اٿس. ان ڪري اسان سان گڏ واڙيل آهي.

اسان جي خدمت چاکري ۽ مخبري لاءِ جيل جو هڪ مقدم پنهل جيسر رکيل آهي. همراهہ قد جو هلکو پر هروپروبي چيون وڏيون مڇون رکيون اٿس. لاڙڪاڻي لالو روئنڪ جي پاسي رهندڙ هي همراهہ غيرت ۾ قتل ڪري آيو آهي. هي همراهہ ان واقعي جي باري ۾ ٻڌائي ٿو تہ سندس ماءُ، گهر ۾ ايندڙ ويندڙ سندن مرشد سڳوري سان ڪري پئي. نيٺ هڪ ڏينهن کين چورو چنو ڪري گهر ڇڏي مرشد سان ويجي وئي. پوءِ ڪجهہ ڏينهن بعد مرشد ۽ مريديائٽي شادي بہ ڪري ڇڏي. جن مان کين ٻار بہ پيدا ٿيا. اسان ايجا ننڍڙا هئاسين. پوري مڇن جي ساول بہ ڪانہ آئي هئي. پر ماءُ جي ويجهہ ويڙهہ ڪري ڳوٺ وارا اسان تي ٺٺوليون ۽ طعنا هڻندا هئا. جتان لنگهندا هئاسين. هنن جون چٽرون ٻڌي ڪنڌ هيٺ ڪري گهمندا هئاسين. اسان لاءِ ڳوٺ ۾ رهڻ عذاب ٿي ويو نيٺ تنگ ٿي مون ۽ منهنجي ننڍڙي ڀاءُ اهو فيصلو ڪيو تہ جيستائين مرشد ۽ ماءُ کي نہ ماريندا سين تيستائين پنهنجي ڳوٺ ۾ عزت سان رهي نہ سگهنداسين. ان ڪري مون ۽ منهنجي ننڍڙي ڀاءُ هنن کي مارڻ جا گهاٽ گهڙڻ سان گڏ هنن جي جاسوسي شروع ڪئي. آخر هڪ ڏينهن مرشد ۽ اسان جي ماءُ پنهنجي ٻارن سميت تانگي ۾ ڪاڏي وڃي رهيا

هئا تہ اسان وٽ بہ جوٽيجن جون تيار ڪيل ڪھاڙيون هيون. پوءِ تہ هڪلون ڪري اچي هنن تي ڪڙڪياسين. سيني ڪي اتي اڇٽ ماري نعرا هڻندا ڳوٺ موٽياسين. پوليس ان ڪيس ۾ اچي گرفتار ڪيو. ڪورٽ ۾ ڪيس هليو اسان ٻنهي پائرن کي ڪورٽ موت جي سزا ڏني. ڪيترائي سال ڦاسي گھاٽ ۾ لڇندا ڦٽڪندا ۽ رب کي ٻاڏائيندا رهياسين.

پنهل شهپرن تي هٿ هڻي چيو "سائين انسان کي زندگي ڏاڍي پياري آهي. اسان ڦاسي جي خوف کان ساري ساري رات هڪ پير تي بيهي خدا کي ٻاڏائيندا هئاسين. ڏينهن توڙي راتيون جاڳي قرآن شريف جي تلاوت ۽ قرآن حفظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين. سارو ڏينهن نمازون ۽ سجدا هوندا هئا". بهرحال شايد هنن جي دعائن ۽ رب کي ٻاڏائڻ ڪري يا سندن ننڍي عمر ڪري ڪورٽ هنن جي ڦاسي معاف ڪري عمر قيد ۾ تبديل ڪئي آهي. هنن پائرن کافي سال قيد ۾ گذاري آيا آهن. باقي بہ ڏينهن ڏينهن ڳڻي رهيا آهن. هو پاڻ هٽ خيرپور جيل ۾ آهي پر سندس ننڍو ڀاءُ حيدرآباد جيل ۾ آهي. جنهن سان بہ حيدرآباد جيل ۾ ڪچهري ٿي هئي.

اسان جڏهن پنهل کان پڇيو تہ "جڏهن تنهنجي ماءُ پنهنجي پسند سان وڃي مرشد سان پرٽو ڪيو هو تہ پوءِ توهان هنن کي ڇو ماريو؟"

هن چيو تہ "اها اسان جي غلطي هئي. ان وقت اسان معصوم ڇوڪرا هئاسين. ماڻهن جي هشي ۽ ٽوڪن تي ورغلائجي وياسين."

هاڻي جيل جون سختيون. مار موچڑو ۽ بي عزتيون ڏسي پاڻ ئي نڪ تي هٿ رکي توبهہ توبهہ ڪندو آهي. پاڻ ئي مذاق ۾ چوندو آهي. "هاڻي آزاد ٿيڻ بعد گهر جا بہ دروازا ٺهرائيندس. گهر ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان دروازي تي بيهي زور زورسان کنگهکار ڪندس تہ جيتن کو سندس گهر ۾ ڏاريو مرد/ڪارو هجي تہ پي دروازي مان نڪري وڃي. پوءِ ئي اندر پير رکندس."

اڄ خيرپور جا ڪجهہ شاگرد جيل جي ماڻي تي ملاقات لاءِ آيا. ڪافي نوان چهرا هئا. دوستن جا نالا نوٽ ڪري نہ سگهيس.

جيل ۾ هر شيءَ جي ڪمي ڪري ويچارو عام قيدي پنهنجي غريبي ۽ مفلسي ڪري ڏاڍو مجبور هوندو آهي. خاص ڪري لاوارث

قيدين لاءِ هڪ پٽاڻو ۽ بصر بہ وڏي اهميت رکي ٿو اکثر جيل جي جهڙتي دوران جيل عملو هنن کان سارو سامان کسي ويندو آهي، ان کري هنن وٽ ڪڏهن ماچيس جي هڪ تيلي بہ کانہ هوندي آهي. اڄ اسان جي بورچي وفات علي پٽر جي دور جي ماڻهن جيان بہ پٽر پاڻ ۾ رڳڙي باهہ ٻاري ڏيکاري. هن وٽ هڪ ناس جي ڊبلي ۾ ڪپهہ رکيل هئي، هو بن ننڍن پٽرن کي هڪ ٻئي سان گسائي انهن مان نڪرندڙ چٽنگن مان ڪپهہ کي باهہ ڏيو ڏي. باهہ مان سگريٽ دکائي وري باهہ کي وسائي ڏيو ڇڏي. وفات علي اهي پٽر ۽ ناس واري ڊبلي جيل عملي کان لکائي رکندو آهي.

رات آرام کان اڳ پنهنجي وڏي ادي انيس اختر ڏي ڪراچيءَ خط لکيو. اسان جي وڏي ڀيڻ حالانڪ مون کان ڪجهہ سال وڏي آهي، پر سندس بردبار شخصيت کري سڀ ڀائر ۽ ڀينر سندس عزت ماءُ جيان ڪندا آهن. امان سائڻ جيئن تہ ڪافي عرصو سرڪاري ملازمت ڪئي هئي ان کري اسان جي ننڍڙن ڀائرن ڀينرن کي سينگاري سنواري اسڪول موڪلڻ ۽ لٽي ڪپڙي جو خيال وڏي ادي حوالي هو. اڄ بہ ادي اختر اسان جي ساري ڪٽنب ۾ وڏي احترام لائق هستي آهي. لاڙڪاڻي گورنمينٽ گرلس ڪاليج مان گريجويشن ڪرڻ بعد سندس شادي اسان جي ماسات فدا حسين سان ٿي، جيڪو ڪراچي ۾ وڪيل آهي. فدا حسين هڪ گهڻ پڙهيو شخص آهي. سندس اولاد انتساب حسين، سميہ، قرت العين، انتخاب ۽ دره نايابڪراچي جي مختلف اسڪولن ۾ پڙهي رهيا آهن.

هن وقت سينٽرل جيل خيرپور جو عملو هن ريت آهي.

جيل سپرنٽينڈنٽ: عثمان سرهياڻي

ڊپٽي جيل سپرنٽينڈنٽ: حسين بخش

جيلر: گل محمد ۽ وصال الدين علوي

جيل صوبيدار: گل محمد جتوئي

عملدار: عبدالله فقير

21 سيپٽمبر 1976
پيرين پراڻا ڪيترا

سياڻي اسان جي ڪراچي ۾ اسپيشل ٽربيونل ۾ حاضري آهي. صبح جو سوير ئي جيل جي ماڻي تان اطلاع آيو ته اسان کي وٺڻ لاءِ پوليس پهچي وئي آهي. اسان سڀ تيار ٿي پنهنجو هلڪڙو سامان کڻي ٻاهر نڪتاسين ته بهاول انڙ اسان کي رخصت ڪرڻ لاءِ ماڻي تائين گڏيو آيو. پوليس اسان کي سڌو خيرپور ريلوي اسٽيشن تي وٺي آئي. اسٽيشن تي پهچڻ کان اڳ ئي خيرپور جا ڪيترائي دوست انتظار ۾ بيٺا هئا.

جيستائين ريل اچي تيستائين انهن نوجوان شاگردن سان ڪچهريون ٽيندیون رهيون. ان کانسواءِ هر اسٽيشن تي ڪونہ ڪو همدرد اسان جي استقبال لاءِ بيٺو آهي. انهن دوستن جون اسان جهڙن معمولي جيئي سنڌ جي ڪارڪنن تي مهربانيون ڏسي سوچان پيو ته اسان سنڌين جو ايڏا پنهنجي قوم پرست جماعت ۽ ڪارڪنن تي ڪيترو نہ اعتماد ۽ پيار آهي. جو ايترو مان ڏين ٿا. ايڏا تائين ڪنهن بہ قوم پرست اڳواڻ کي وڏو ڪاٽ نہ هيون آهي نہ ئي ڪنهن تي کي سنگين الزام آهي. جڏهن بہ قوم پرستن ڪارڪنن يا اڳواڻن سنڌين سان ويساهہ گهاتي ڪئي ته هي سارو مان مرتبو خاڪ ۾ ملي ويندو.

هن وقت جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جا مک اڳواڻ بہ عام بسن ۽ ويگنن ۾ سفر ڪن ٿا. اسان جي نوابشاهہ جي سرڪرده اڳواڻن جي سچائي بہ ڏسڻ وٽان آهي، ويچارن کي پورو تن تي سٺو ڪپڙو بہ نہ هوندو آهي. اسان جا نوابشاهہ جا شاگرد اڳواڻ شاهہ محمد شاهہ، قمر زمان راڄپر، علي حسن شاهہ، علي محمد شاهہ لڪياري، ساجن ڏاهري،

شعيب پٽي، غلام رسول زرداري، مولي ڏنو راڄپر هڙان وڙان تنظيم کي بہ هلائن ٿا تہ ساڳي وقت آئي وئي جو آڏرياءُ بہ ڪن ٿا.

هي ويچارا سنڌ جي عشق ۾ چرياڻ لڳا سڀائين پوليس سان اک ٻوٽ ڪندي نظر ايندا آهن.

سکا منهن سندن، پيرين پراٽا کيترا،
سا جوءُ ڏور آئيا، سونهان جت منجهن،
ڳجها ڳجهيون ڪن، تهان پراهين پنڌ جيون.

اسان جي ريل پڊعيدن پهتي تہ دلاور حسنين ميمڻ گاڏي ۾ چڙهي آيو. هو نوشهروفيروز کان اسان سان ملڻ آيو هو. پر هاڻي هو اسان جو هم سفر ٿي ويو. نوابشاهہ استيشن تي اشرف علي پٽي، امتياز ميمڻ، سعيد احمد ميمڻ، طارق ميمڻ اسان سان ملڻ آيا پر پوءِ ڪڇهريون ڪندا حيدرآباد تائين هليا.

امتياز ميمڻ بہ نوابشاهہ ۾ ڪنهن اداري ۾ پڙهي ٿو يار ۾ وڏي توانائي آهي، ان ڪري ٿاڪ منجهند جو بہ سائيڪل اهڙي شوق سان هلائيندو جڏ تفريح لاءِ نڪتو هجي. اشرف پٽي سان سڀي دوستي اٿس. سعيد احمد ميمڻ بہ اسڪولي شاگرد آهي، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ فضيلت وارو ۽ خوددار آهي، پنهنجي عمر کان ڏهني طرح وڏو ڏيک ڏيندڙ دوستن جو سڀو حلقو اٿس. اڪثر هاسٽل ڪڇهري لاءِ ڪهي ايندو آهي. اهي سڀ دوست حيدرآباد استيشن تائين حال احوال ڪندا ٿهڪ ڏيندا هليا. آخر ڳراٽڙيون پائي سيني موڪلايو. اسان پنهنجو سفر ڪراچي ڏي جاري رکيو.

رستي ۾ 20 کن سڙيل گاڏن جا هڏا گڏا پکڙيل ڏٺا. جيڪي ڪجهہ ڏينهن اڳ حادثي جو شڪار ٿيا هئا.

بهرحال اسان جي گاڏي ڪينٽ استيشن تي پهتي تہ پوليس سان گڏ پنڌ ئي پنڌ صدر ڏي رخ رکيو. رستي ۾ جارج هوٽل تي چانهہ جو چسڪو ورتوسين، صدر مان گذري رهيا هئاسين تہ ڏٺوسين تہ غلام رسول کوسو وڏي قرار سان لائي کائيندو پي آيو. غلام رسول کي ڪٽي ڳڙ جي لائي نظر اچي وئي، يار کي شايد ننڊپڻ ياد اچي ويو. واقعي اسان

کي ننڍي هوندي گهران ٽکو پئسو خرچي ملندي هئي تہ ڏوڙي ويچي پاڙي واري دکان تان لائي، پڳڙا، وڙو ريوڙيون وغيرہ وٺي کائينداسين هئاسين، ان وقت اڄ جيان نہ قسمين قسمين جا بسڪوٽ، ٽافيون ۽ چاڪليٽ ها، نہ ڪو ہارن لاءِ ڪائڻ لاءِ ڪو ہيو وڪر. سو اڄ غلام رسول کوسي سيني کي ننڍپڻ ياد ڏياريندي صدر ۾ بيٺي بيٺي لائي جو ٽکر ٽکر پڇي وٺ ڪرائي.

هن دفعي اسان سان پوليس جو جمعدار مظهر شاهہ آهي، هن سان گڏ هاشم سولنگي ۽ ڪجهہ ٻيا سپاهي ساڻ آهن. ويچارو جمعدار کو رهائي رسائي وارو نہ آهي. اسان جڏهن پيريڊي ٽاٽي تي پهتاسين تہ پيريڊي ٽاٽي جي انچارج ڪنهن بهاني اسان کي پاڻ وٺ نہ رکيو. ان بعد اسان وري اچي آرٽلري ميدان جي ٽاٽي تي پهتاسين. اتان جي عملي بہ اسان کي پاڻ وٺ رات لاءِ پناهہ ڏيڻ پسند نہ ڪيو ان ڪري لاچار پنڊ ئي پنڊ شهر جا لامارا ڏيندا اچي ستي ريلوي استيشن تي پهتاسين، جتي رات ويٽنگ روم ۾ رهياسين.



22 سيپٽمبر 1976
"ڦر چوري ڪيون ڪرتي هو."

رات ستي استيشن جي ويٽنگ روم ۾ گذاري، صبح جو تيار ٿي حاضري لاءِ اسپيشل ٽريبيونل لاءِ نڪتاسين. جمعدار جو خيال هو ته پهريان مينا در ٽاٽي تي قيدن جي حاضري ڏيڪاري، ان بعد ڪورٽ سڳوري هلجي. ان ڪري اسان پنڌ ئي پنڌ مينا در ٽاٽي ڏي روانا ٿياسين.

صبح جو وقت هو اسان جوبلي علائقي مان لنگهي رهيا هئاسين. ان وقت ننڍڙا گلن جهڙا ٻارڙا، هار سينگار ڪيون رنگ برنگي يونيفارم پائي اسڪولن ڏي وڃي رهيا هئا. هٿيارن سان ليس پوليس اسان کي چوڦير گهيرو ڪيون ورتيون پئي وئي. ٻارڙا ويچارا وڏي تجسس ۽ حيرانگي واري انداز ۾ اسان کي ڏسي رهيا هئا. مون شرارت ڪندي اتي ٽانگي جي پوئين سيٽ تي وينل اسڪول ويندڙ هڪ گول مٽول ٻارڙي جا چيپارا ڪيڊي ڪيس چيڙائڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻارڙي اسان کي پوليس جي گهيري ۾ ڏسي وڏي آواز سان چيو "ڦر چوري ڪيون ڪرتي هو."

معصوم ٻارڙي طرفان اهو جواب ٻڌي مون کان کل نڪري وئي. اها حقيقت آهي ته اسان جي معاشري ۾ گهٽو ڪري هر ماٺهو چور ۽ پوليس جو ذڪر ننڍپڻ کان ئي ٻڌو آهي. اسان به ننڍپڻ ۾ ٻين ٻارن جيان چور ۽ پوليس راند ڪندا هئاسين. بهرحال اڄ پياري ٻالڪ اسان کي چور سمجهي هدايت ڏني ته چوري ڪندو ته ضرور پڪڙبو هن معصوم کي ڪهڙي خبر ته پوليس جي گهيري ۾ هٿڪڙين سان هلندڙ سڀ چور نه هوندا آهن.

بھرحال ميئادر ٽاٽي تي حاضري ڏيکاري پوليس جي پھري ۾ ڪراچي ۾ روڊن تي گشت ڪندا اچي ڪورٽ سڳوري پھتاسين. اتي ڪيترائي دوست مير حسين علي ٽالپر، مقصود احمد صديقي، مختيار جلباٽي، موسيٰ شاھ، نقيب شاھ، فھيم قريشي، ستار ڪورائي، ذاڪر لغاري ۽ عبدالرحمان اڳ ئي اسان جي انتظار ۾ بيٺا ھئا.

حاضري بعد سڀ دوست گڏجي مختيار جلباٽي جي فليٽ تي رام سوامي آياسين، اتي مختيار جلباٽي سڀني دوستن جي دل کولي مھماني ڪئي. خاص ڪري مختيار جلباٽي جي نوڪرن سپاھين کي چرس جا سوٽا ۽ ينگ جا گلاس پياري پُرباش ڪري ڇڏيو.

اتي نقيب شاھ اسان قيدين جا ھٿ ڪڑين سميت فوٽو پڻ ڪڍيا. بابا سائين بہ ڪجھ دير لاءِ ملڻ آيو اھڙي طرح ڪجھ ڪلاڪ جلباٽي فليٽ تي دوستن سان ڪچھري ڪري ريلوي اسٽيشن ڏي واپس ورياسين، رستي ۾ مون جيل جي ڊائري لکڻ لاءِ ھڪ نوٽ بڪ پڙ ورتو.

ريلوي اسٽيشن تي بابا سائين ملڻ آيو. ساٿس محترم سلطانہ بہ ساڻ ھئي، بابا سائين ايترو تہ معصوم مئجسٽريٽ آھي جو جيڪو بہ ڪيس جي حاضري دوران سندس سامھون اچي روئي رڙي ٿو تہ ھن جي دل قسي ٿي پئي. عدل و انصاف پنھنجي جاءِ تي پر لاوارث ۽ بي ڏوھي جي وڏي مدد ڪري ٿو. اڄ ڪلھ ھن بي سھارا عورت کي بابا ڪٽي نوڪري وٽي ڏني آھي. ساڳي وقت ڪنھن نيڪ ماڻھو جي گھر ۾ پناھ ڏياري آھي.

مون کي ياد آھي تہ بابا سائين 1970ع ڌاري جڏھن ڪوٽڏيجي ۾ مختيارڪار ھو. ڪوٽڏيجي ان وقت ننڍڙو شھر ھو. سڄ لٽي کان پوءِ سارو شھر سنسان، ھوٽل ۽ دڪان وغيره بہ بند ٿي ويندا ھئا. اسان جا ٻيا گھرياتي لاڙڪاڻي ۾ ھئا، صرف مان بابا سائين وٽ رھيل ھئس. بورچي رات جي ماني ٽيبل تي رکي. اسان ھٿ ڏوئي ايجا ماني کائڻ لاءِ ويناسين تہ ھڪ پٽيوالي اچي بابا کي اطلاع ڏنو تہ "سائين پوليس ڪلاٽن ماڻھن کي گرفتار ڪري اچي لاڪپ ڪيو آھي." بابا ھن کان پڇيو "گرفتار قيدن ماني وغيره کاڌي آھي."

"سائين ڪافي رات ٿي وئي، عملو هلي ويو آهي، ڪهڙا اسان جا مهمان آهن، هاڻي ماني ڪٽان ايندي، صبح جو ڏسنداسين". پٽيوالي ورندي ڏني.

بابا ٽيبل تان اٿي بورچي کي چيو "هي تيار ٿيل ماني قيدين کي ڏئي اچ."

ان مهل بورچي اسان جي سامهون ٽيبل تي رکيل ماني ڪٽي ويچي لاڪ پر قيدين کي ڏئي آيو جنهن بعد بورچي ٻيهر ڪجهه چانور چاڙهيا، گهر پر وڌيڪ ياڄي نه هئڻ ڪري بابا ۽ مان چانورن مٿان ڪنڊ برکي کاڌي.

آخر رات جو ساڍي ستين ڌاري ريل گاڏي استيشن ڇڏي ته بابا جا هٿ هوا ۾ الوداع ڪندي نظر آيا.



23 سيپٽمبر 1976
عبدالفتاح 'عبد' ۽ ذيب عاقلي

ڪراچي کان روانہ ٿيڻ بعد رات جو اسان جي ريل اچي حيدرآباد اسٽيشن تي بيني. اسان چانهہ چڪو پيئڻ لاءِ گاڏي مان لٿاسين تہ اتي مشتاق سومرو ۽ سندس دوست قائم مغيري سان ملاقات ٿي وئي. مشتاق سومري جو تعلق لاڙڪاڻي ۾ سبزي منڊي (گجڻ پور) ۾ رهندڙ علمي ۽ ادبي سومرا خاندان سان آهي. هن علم دوست گهراٽي مان عبدالفتاح 'عبد' سومرو هڪ وڏي پائي جو عالم هو. ساڳي وقت سندڙ جو مايہ ناز شاعر ۽ برادڪاسٽر ذيب عاقلي جو پڻ ان خاندان سان تعلق آهي. چاچا 'عبد' سومرو جي فرزندن سان اسان جي گهٽي ويجهڙائي آهي. سندس پٽن مان ادا فضل پوليس ۾ آفيسر آهي. خليل سومرو هڪ سٺو ڊاڪٽر آهي. احسان سومري جو شمار لاڙڪاڻي جي سٺن ڪرڪيٽ جي راندينگرن ۾ ٿئي ٿو. انهن مان سيني کان ننڍي ياءُ سعيد سومري هن سال اچي نواب شاهہ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا ورتي آهي. شروع ۾ سعيد احمد سومرو ۽ محمد علي چنا ڪجهہ عرصو اچي اسان جي ڪمري ۾ رهيا هئا. جيستائين کين هاسٽل ۾ ڪمرو ملي.

مشتاق سومري جو لاڙڪاڻي جي ان پڙهيل ڳڙهيل خاندان سان ئي تعلق آهي. سندس ننڍا پائر سلطان سومرو ۽ خورشيد سومرو بہ اسان جي ننڍڙن پائرن جا دوست آهن. جيڪي احسان ۽ سعيد سومرو جا سئوٽ پڻ ٿين.

حيدرآباد اسٽيشن کان ريل رواني ٿي تہ مشتاق سومرو ۽ مغيري بہ اسان جي گاڏي ۾ سوار ٿيا. پوءِ تہ ساري وات ڪچهري ڪندا رهياسين.

صبح جو خيرپور اسٽيشن وٽ پهتاسين تہ زوري ريل جو زنجير ڇڪي ريل کي بيهاريوسين، ڇناب ايڪسپريس جو خيرپور اسٽيشن تي اسٽاپ نہ آهي، زنجير ڇڪي ريل بيهارڻ جو طريقو اسان کي جاويد گهمڻ سيکاريو هو. جاويد گهمڻ اسان سان نوابشاهہ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پڙهندو آهي. سندس والد ماهوٽا ريلوي اسٽيشن تي ملازم آهي، اسان موڪلن تي جڏهن بہ ريل رستي لاڙڪاڻي ايندا هئاسين تہ ريل جو اسٽاپ ماهوٽا اسٽيشن تي نہ هئڻ ڪري جاويد گهمڻ زوري اسان کان زنجير ڇڪرائي پاڻ ماهوٽا اسٽيشن تي لهي هليو ويندو هو. بهرحال هت بہ زنجير ڇڪي ريل بيهاري هيٺ لٿاسين، حالانڪ اهو قانوني ڏوهہ آهي. اسان ڪجهہ دير ويٽنگ روم ۾ ويهي فريش ٿي اسٽيشن کان ٻاهر اچي غوثيہ هوٽل تي ويٺاسين، جتي مشتاق سومري دل کولي خدمت ڪئي.

آخر مشتاق سومرو ۽ قائم مغيري کان موڪلائي اچي سينٽرل جيل خيرپور پهتاسين، پنهنجي وارڊ ۾ داخل ٿياسين تہ اتي ٻن قيدين جو اضافو ڏٺوسين، ٻئي همراهہ حبيب شگرمل نوابشاهہ جي يونين جا عهديدار هُئا. تعارف بعد خبر پئي هڪ نوجوان جو نالو عنايت رند ۽ ٻئي جو نالو رانا منير آهي.

24 سيپٽمبر 1976
انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاھ جي شاگردن جو پھريون احتجاج

خيال آھي تہ اڄ انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاھ ۾ داخلا بعد ڪاليج ۾ شاگردن جو پھريون احتجاج سندن گرفتاري، بک هڙتال ۽ پنھنجي پھرين گرفتاري جو ذڪر ڪجي. ھت جيل ۾ مون کي دوستن جي احتجاج ۽ گرفتاري ۽ پنھنجي بک هڙتال ۽ پھرين گرفتاري جو ڏينھن ۽ تاريخ تہ ياد نہ آھي پر جيئن تہ مان سالن کان اڏو گابري ڊائري لکندو رھندو آھيان، ان ڪري ڪڏھن گھران اھي پراڻيون ڊائريون گھرائي، انھن واقعن جا ڏينھن ۽ تاريخون لکبيون. في الحال سلسليوار انھن يادگار ڏينھن جو احوال لکان ٿو. انھن ڏينھن ۽ تاريخ جي جاءِ خالي ڇڏيان ٿو.

❑

نوٽ : ڪجھ ڏينھن بعد گھران 1975 جي پراڻي ڊائري گھرائي، ھن قيدَ کھاٽي ۾ شامل ڪري، ان تحريڪ جو ترايخوار تسلسل ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آھي.

پراڻي ڊائري جا ورق

(5 ڊسمبر 1975ع)
انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهه جي شاگردن ۾ بيچيني

اسان جي اتر سنڌ ۾ خاص ڪري لاڙڪاڻي ۾ سياري جي موسم ۾ ڪرڪيٽ راند گهٽي ڪيڏي ويندي آهي. باقي اونهارو يا ائين چئجي ته سال جو وڏو حصو اتر سنڌ ۾ گرمي ڪري ڪرڪيٽ ڪيڏي نه سگهبي آهي. مطلب ته سياري ۾ لاڙڪاڻي ۾ ڪرڪيٽ پريڪٽس ۽ ٽورنامينٽس عروج تي هونديون آهن. شهر جا ميدان ۽ گهٽيون ٻه راند جي شوقينن سان ڀيون چلڪنديون آهن.

منهنجو ته لاڙڪاڻه اسٽيڊيم جڙ ٻيو گهر آهي. اٺ ويهڙ. ڪائڙ پيئڙ اسٽيڊيم ۾ ئي هوندو آهي. هن سياري ۾ انجنيئرنگ ڪاليج مان ڪجهه ڏينهن پاسيرا ڪري لاڙڪاڻي ۾ هلندڙ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ ۾ اچي حصو ورتو. اتي ميچن دوران اخبارن ۾ خبرن سان گڏ دوستن کان معلوم ٿيو ته نوابشاهه انجنيئرنگ ڪاليج جي شاگردن ۾ ڪا بيچيني آهي.

❑

(8 ڊسمبر 1975ع)
انجنيئرنگ ڪاليج جي شاگردن جي گرفتاري

مان لاڙڪاڻي ۾ ڪرڪيٽ ڪيڈٽ ۾ مشغول هيس تہ نوابشاهہ مان خبر آئي آهي تہ اسان جي انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهہ جي شاگردن ڪاليج کي يونيورسٽي جو درجو ڏيڻ ۽ ڪاليج ۾ سهولتن جي گهٽتائي خلاف جلوس ڪڍي شهر ڏي وڃي رهيا هئا تہ پوليس لاٺي چارج ڪري ڪجهہ شاگرد گرفتار ڪيا آهن. انهن گرفتار ٿيل شاگردن ۾ حبيب الله ڪابورو رسول بخش ٿيبو، نديم عباسي، لالا اسد شيخ، انور علي سنجراڻي، نصرت شيخ وغيره شامل آهن.

❑

(9 ڊسمبر 1975ع)
شاگردن جي بک هڙتال ۽ گرفتاري

اهڙيون خبرون ٻڌي مان ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ اڌ ۾ ڇڏي، ڪرڪيٽ جي ڪٽ بيگ وغيره بند ڪري، نوابشاهه ويڙ جي تياري ڪري رهيو هيس، تہ وري اها خبر ملي تہ ڪالهه انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهه مان گرفتار ڪيل ڇهن شاگردن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ اسان جي ڪاليج جا سورهن ٻيا شاگرد بک هڙتال تي ويٺا، جن کي پڻ پوليس کنيي وئي آهي. انهن گرفتاري پيش ڪندڙن ۾ مير حسين علي تالپر، غلام علي نظاماڻي، غلام مصطفيٰ، غلام رسول، علي بخش، بدر الحق بلوچ وغيره شامل آهن.

□

10 ڊسمبر 1975ع
اسان جي بک هڙتال لاءِ تياري

مان دوستن جي گرفتاري جو ٻڌي لاڙڪاڻي مان سڌو سکر آيس، جتي پراڻي سکر مان نقيب موسوي ۽ محمود بلوچ کي گهران تيار کري اچي نوابشاهه پهتاسين. اسان پنهنجي هاسٽل ۾ پير رکيوسين ته اتي ڪُڪڙون ڪُون لڳي پئي هئي. ڪافي شاگرد هاسٽل خالي کري ڳوٺ روانه ٿي چڪا هئا. هاسٽل ۾ صرف ڪجهه دوست رهيل هئا، جنهن مان لڳي پيو ته انجنيئرنگ ڪاليج جي عام چوکرن کي اسان جي ڪنهن به احتجاج بک هڙتال ۽ ڪاليج جي مسئلن سان دلچسپي نه آهي. اهڙي مهم جوئي اسان ڪاليج جا ڪجهه شاگرد کري رهيا آهيون. خير هاسٽل ۾ بشير شاهه، جاويد ابڙو، محمود اسلم بوبي ۽ بلوچستان جا تمام ٿورا شاگرد رهيل هئا. اها حالت ڏسي اسان فيصلو ڪيو ته شاگردن جي غير حاضري ۽ عدم دلچسپي ڏسي اسان ڪوبه وڏو احتجاج نٿا کري سگهون. سواءِ ان جي ته اسان باقي هت رهيل چند شاگرد به بک هڙتال کري پاڻ کي گرفتاري لاءِ پيش ڪيون. منهنجي ان خيال تي في الحال ته سڀ دوست بک هڙتال لاءِ تيار ٿيا.

❐

11 ڊسمبر 1975ع)
بک هڙتال

اسان سارو ڏينهن هاسٽل ۾ گذاريو، شام جو چئين بجي ڌاري تيار ٿي بک هڙتال لاءِ اچي چڪرا بازار پهتاسين. نوابشاهه جي چڪرا بازار هميشه هتان جي تحريڪن جو مرڪز رهي آهي.

جيئن لاڙڪاڻي جو پاڪستان چوڪ، حيدرآباد جو حيدر چوڪ ۽ ڪراچي جو ريگل چوڪ احتجاجن جو ڳڙهه هوندو آهي. اسان بک هڙتال لاءِ چڪرا بازار پهتاسين ته ڪن دوستن اسان کي گلن جا هار پارايا. جن ۾ اڪثريت شهري دوستن جي هئي. اسان به ڪجهه جوشيلا نعرا هٽي بک هڙتال تي ويهي رهياسين. بک هڙتال تي مون سان گڏ نقيب موسوي، بشير شاهه، جاويد احمد ابڙو، محمود بوبي، محمود بلوچ ۽ بلوچستان جي سيٽ تي آيل سرور چوڌري ويٺا.

نوابشاهه چڪرا بازار تي چوويهه ڪلاڪ ڏينهن رات رونق لڳي پئي هوندي آهي. وچ چوڪ تي انتظاميا هڪ وڏي ٽي وي پڻ رکي آهي، جتي شام جو ڪيترائي ماڻهو پنهنجي پسند جا پروگرام ڏسڻ ايندا آهن. اسان به ان گوڙ گهمسان ۾ هارڙا پايون ويٺا هئاسين، هون به چڪرا بازار وٽ گهٽا هوٽل ساري رات کليل هوندا آهن، ريلوي اسٽيشن ويجهو هڻڻ ڪري هت رهائشي هوٽل به جام آهن، بهرحال ان ساري رات جاڳندڙ چوڪ تي اسان به ٻاهر کليل ٽلهي تي رات جاڳي گذاريو. اسان جو خيال هو ته بک هڙتال جو ٻڌي پوليس اسان کي هڪدم گرفتار ڪري ونندي. ان ڪري سردي کان بچڻ لاءِ پاڻ سان ڪوبه بندوبست ڪري نه آيا هئاسين. گرم ڪپڙا نه هڻڻ ڪري رات جا ڪيترا پهر سردي ۾ ٺڙڪندي گذاريا.

(12 ڊسمبر 1975)
گرفتاري

اسر ويلي چڪرا بازار ۾ وري هوٽل کلڻ شروع ٿيا. پوڙها سوڙها کڙڪندا کي لٽ کي ٽيڪو ڏيندا چانهه چڪي لاءِ هوٽل تي پهچڻ لڳا. چوڦير رزق ڪشادي ڪرڻ لاءِ هوٽلن تي قوالن جا ڪڙڪا هئا. ڪالهه کان بستر ۽ گرم ڪپڙن کانسواءِ اسان بک هڙتالن کي بک ۽ سيءَ هٽي ساڙي لاٿو هو. هاٿي وينا سج اُپرڻ جو انتظار ڪري رهيا هئاسين ته تڙڪو وٺي سيءَ کي ماريو.

جيئن ئي سورج شاخون ڪيڏيون ته پوليس، مئجسٽريٽ سان گڏ اسان کي گرفتار ڪرڻ لاءِ پهچي وئي. نيٺ صبح جو ستين ڏاري پوليس اسان چڪرا بازار مان گرفتار ڪري اچي ٽاٽي تي ويهاريو ٽاٽي تي پهچي اسان به پنهنجي بک هڙتال ختم ڪئي.

پوليس استيشن پهچڻ بعد مون واهر لاءِ پنهنجي مهربان دوست اشرف علي پٽي ڏي ٽيليفون ڪئي. ٿوري دير ۾ ئي اشرف علي گرم ڪپڙا، ٽوال، صابڻ ۽ ماني وغيره ڏئي ويو. اسان سارو ڏينهن پوليس استيشن تي ئي وينا رهياسين، صوبيدار نور حسن اسان کي لاڪپ نه ڪيو پر ٽاٽي اندر کليل ئي رکيو. ان ڪري ان وسيع پوليس ٽاٽي جي حدن اندر گهمندا ڦرندا ۽ باهران آيل دوستن سان ڪچهريون ڪندا رهياسين. اتي ڪچهري لاءِ طارق شيخ، طارق ميمڻ، فضل الرحمان، نصر جان، نثار آرائين وغيره آيا.

اڄ سارو ڏينهن صوبيدار نور حسن اسان جي دوستن کي بار بار چوندو رهيو ته "مان توهان کي ايڏا باضابطه گرفتار نه ڪيو آهي، منهنجي طرفان اوهان آزاد آهيو. اوهان هتان وڃڻ چاهيو ته يلي هليا وڃو."

بهرحال مان دوستن کي سارو ڏينهن اهو سمجهائيندو رهيس تہ "انتظاميا جي ڪابہ اهڙي ڳالهہ پاڻ کي قبول نہ ڪرڻ گهرجي. اسان جيڪڏهن انتظاميا جي چوڻ تي هتان آزاد ٿي هليا وياسين تہ اسان جي شاگردن تي خراب اثر پوندو. خاص ڪري اسان کان اڳ گرفتار ڪيل شاگردن ۽ ساڻي وقت شاگردن طرفان هلايل هل چل کي متاثر ٿيندي. اسان هتان آزاد ٿيڻ بعد دوستن کي ڇڏڻو منهن ڏيڪارينداين. حڪومت تہ هون بہ چاهي ٿي تہ اسان ۾ ڦوٽ پئي ۽ پاڻ ۾ وڙهي خوار خراب ٿيون. توهان صرف ٽاڻي ۾ هڪ ڏينهن ۾ اچي ياڻي ٿيا آهيو تہ پوءِ گرفتاري ڇو ڏنوءِ. منهنجي ان ضد ڪري في الحال تہ دوست خاموش ٿي ويا. اسان اها رات پوليس استيشن تي گذاري. اهو واضح ڪندو هلان تہ انهن همراهن مان ڪن دوستن جو تعلق ۽ همدرديون حڪومتي ڌر سان هيون.

❑

(13 ڊسمبر 1975ع
غير مشروط آزادي

اڄ بہ اسان جو سارو ڏينهن پوليس استيشن تي گذريو جتي ڪافي شهر جا دوست ملڻ آيا. صوبيدار اسان جي گرفتار دوستن کي پوليس استيشن جي فون استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي هئي. ان ڪري سيني دوستن ڏي گهرياتين ۽ امڙن جا فون اچڻ ويڻ لڳا. سياڻي عيد هئي. ان ڪري هر ڪنهن ڪٽنب جي اها ڪوشش هئي تہ ٻچڙا ڪيئن بہ ڪري عيد اچي گهر ڪن. پر منهنجو چٽو موقف هو تہ "اسان مان ڪو بہ آزاد ٿي گهر نہ ويندو." منهنجي ان چوڻ تي اسان جي دوستن ۾ ٽولا ٺهي ويا. دوستن جي اڪثريت جو اهو خيال هو تہ اسان سياڻي ڪوٺ عيد ڪري وري پوءِ اچي گرفتاري ڏيون. پر منهنجي صاف انڪار ڪري يار ڏاڍا پريشان هئا. ڪنڀڙي وٽي پيا پاڻ ۾ سس پس ڪن. صوبيدار بہ ڪين سنئون سڏو جواب ڏنو تہ توهان گرفتار نہ آهيون. اسان جا مهمان آهيو اسان کي توهان جو شهر ۾ گوڙ پسند نہ هو. ان ڪري مجبورُ توهان کي هت وٽي آيا آهيون. ويلي هاڻي ئي چاهيو تہ گهر هليا وڃو.

سارو ڏينهن اسان جي گرفتار دوستن ۾ گهر ويڻ جون ڳالهيون هلنديون رهيون. شايد سپاف جي دوستن پنهنجي ليڊرن سان بہ مشورا ڪيا. پر منهنجي صاف جواب ڪري هو اچي ڦاٽا هئا. هنن مون کي مجائڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي. پر منهنجي هوڏ اڳيان سڀ مايوس ۽ مجبور هئا.

آخر هن جون اهڙيون ڳالهيون ۽ گڏجاڻيون ڪندي سج لهي ويو. مون سمجهيو تہ هاڻي وقت گذري ويو آهي. سياڻي عيد تي هاڻي ڪوبہ گهر پهچي نہ سگهندو ان ڪري مان وڏي سڪون سان ويهي رهيس. پر

تنهن هوندي بہ هنن يارن جي پاڻ ۾ گڏجاڻيون جاري رهيون. آخر رات جو يارهين ڏاري ڏٺم تہ سڀ سپاف جا يار ٽيلها ڪلهن ۾ لڙڪايون اچي صوبيدار جي اڳيان بيٺا ۽ ڪيس چيائون "اسان وڃون ٿا."

ان وقت مان اڪيلو ويٺو هيس تہ نقيب موسوي اچي ٻڌايو تہ "سڀ يار گهرن ڏي وڃڻ لاءِ تيار بيٺا آهن. هنن کي صوبيدار بہ وڃڻ جي اجازت ڏني آهي. باقي تون اڪيلو هت رهي ڇا ڪندي" بهرحال هنن جي بغاوت ۽ پاڻ ۾ ڏڦيڙ ڏسي وڏيڪ نقيب موسوي جي زور تي مان بہ شرمندگي کان ڪنڌ هيٺ ڪري هنن سان گڏ نڪري آيس. ان وقت رات جا يارهن ٽي رهيا هئا. سڏو ريلوي اسٽيشن تي آياسين. چناب ايڪسپريس ۾ چڙهي سڀ پنهنجي ڳوٺ روانا ٽي ويا.



14 ڊسمبر 1975ع
بدر بلوچ جي والد صاحب سان عاقل ۾ ملاقات

صبح جو جيئن ئي لاڙڪاڻي گھر پھتم تہ سڀ گھر ياتي مون کي سامھون ڏسي حيران ٿي ويا. ڇو جو ھڪ ڏينھن اڳ اسان جي بک ھڙتال ۽ گرفتاري جي خبر اخبارن ۾ اچي وئي ھئي.

بھرحال مان گھرياتين سان عيد نماز پڙھي پوءِ بدرالحق بلوچ جي ڀُوٽ عاقل روانو ٿيس. بدرالحق بلوچ انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاھ جي سورنھ بک ھڙتالي گرفتار شاگردن ۾ شامل ھو. بدر بلوچ جو والد صاحب عاقل جي اسڪول ۾ ٽيچر آھي. ھن پنھنجي اولاد تي خاص ڪري پڙھائي تي وڏي محنت ڪئي آھي. بدر بلوچ جي والد صاحب سان ڪجھ دير ڪچھري ڪري ڪيس بدر بلوچ جي جلد آزادي جو آسرو ڏئي واپس وريس.

□

(16 ڊسمبر 1975)
ڪاليج جي جنرل سيڪريٽري پرويز گل سان ملاقات

مان عيد جون موڪلون لاڙڪاڻي ۾ گذاري صبح جو ڇڻين ڏاري شڪارپور روانو ٿيس. جتي گرفتار شاگردن جي آزادي لاءِ انجنيئرنگ ڪاليج جي يونين جي جنرل سيڪريٽري پرويز گل پٺاڻ سان اڇي مليس. منهنجي پرويز گل پٺاڻ سان انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا کان اڳ ئي راندين ڪري واقفيت هئي. هو هڪ سٺو ائٿليٽ آهي. خاص ڪري پول والٽ تمام سٺو ڪندو آهي. ان کان اڳ سندس يونيورسٽي طرفان لاهور ۾ انٽريونيورسٽي مقابلن ۾ حصو ورتو هو. پرويز گل شاگردن جي آزادي جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ جو واعدو ڪيو. بعد ۾ مان انجنيئرنگ ڪاليج جي شاگرد حسين بخش ميمڻ سان ڪچهري ڪري سينٽر جيل سکر ۾ قيد ٿيل دوستن سان اڇي ملاقات ڪئي. جنهن کانپوءِ ويگن تي چڙهي نوابشاهه اڇي پنهنجي هاسٽل پهتس. ساري هاسٽل خالي لڳي پوئي هئي. حالانڪ ڪجهه ليڊرن ۽ دوستن اڇڻ جو واعدو ڪيو هو پر واعدي مطابق ڪوبه شاگرد اڳواڻ نه پهتو هو. مان اڪيلو ئي هاسٽل ۾ رهيو پيس هيس.

❐

(17 ڊسمبر 1975)
غلام مجتبيٰ جتوئي جون گاريون کائڻ

دوستن جو هاسٽل ۾ نہ پهچڻ ڪري مجبور مون نوابشاهہ شهر سان واسطو رکندڙ دوست نور احمد مگسي کي وڃي هٿ ڪيو. جيڪو اسان جي ڪاليج يونين جو نائب صدر هو. هن ئي مون کي اليڪشن ۾ بري طرح هارايو هو. بهرحال دوستن سان ملڻ بعد صلاح ائين ٻيٺي تہ نيو جتوئي هلي چيف منسٽر غلام مصطفيٰ جتوئي سان ملاقات جي ڪوشش ڪجي. پر جيئن تہ چيف منسٽر ڳوٺ ۾ موجود نہ هو ان ڪري نوابشاهہ جي دوستن جي صلاح اها ٻيٺي تہ چيف منسٽر جي ڀاءُ غلام مجتبيٰ جتوئي سان هلي ملجي. هون بہ نوابشاهہ ۽ آس پاس جا مسئلا غلام مجتبيٰ جتوئي ئي حل ڪندو آهي. اسان جي دوستن ڪنهن جي معرفت غلام مرتضيٰ جتوئي کان شام جو وقت ورتو. شام جو نور احمد مگسي، عمر سيال، جمن بروهي ۽ هڪ فلسطيني شاگرد واش گڏجي نئون جتوئي وياسين. جتي ڪجهہ دير انتظار بعد غلام مجتبيٰ جتوئي اسان کي اندر گهرايو. ساڻين جڏهن هن کي انجنيئرنگ ڪاليج جي شاگرد اڳواڻن طور تعارف ڪرايو تہ رئيس صفا باهہ ٿي ويو. چڙ اسان سندس ڪڙمي هجون. هن ڪجهہ ڳٽا لفظ بہ ڳالهايا. ايتري قدر جيائين. "هاڻي جڏهن.... ڏاڍي اڻو تہ مون وٽ آيا آهيو" اسان سڀ شاگرد اڳواڻ ۽ يونين جا سرواڻ خاموشي سان گاريون ٻڌندا رهياسين. اسان مان ڪنهن بہ ڪيس جواب نہ ڏنو منهنجو تہ ڪنڌ شرم کان هيٺ ٿي ويو تہ انجنيئرنگ ڪاليج يونين جو هڪ ذميوار عهديدار کي هڪ وڏيرو ويٺو ٿو گهٽ وڌ ڳالهائي. اڄي شاگردن جي طاقت کان حڪومتون ڪنبنديون هيون. ۽ هاڻي پيپلز پارٽي جو

هڪ معمولي نمائندو وينو ٿو سنڊ جو مستقبل سنپالينڊڙ شاگردن جي بي عزتي ڪري ان ساري ملاقات ۾ اسان جا ليڊر ڪنڊ هيٺ ڪيون وينا رهيا. مون به هڪ لفظ نه ڳالهايو صرف رئيس جي بدزباني تي ڪڙهندو رهيس. رئيس جڏهن اسان بي زبان ٻڪرين اڳيان پنهنجو اوبر ڪڍيو تڏهن ڪمال مهرباني سان چيائين "توهان مان ڪجهه چوڪرا ڪراچي ويجن، مان چيف منسٽر هائوس فون ڪيان ٿو توهان جا چوڪرا جلد آزاد ٿي ويندا." اهڙي طرح پيپلز پارٽي جي اسمبلي ميمبر ۽ بدزبان وڏيري جون گاريون کائي اسان واپس ورياسين.



18 ڊسمبر 1975
نور احمد مگسيءِ بشير شاهه جي چيف منسٽر هائوس روانگي

غلام مجتبيٰ جتوئي جي ڏڙڪن کانپوءِ اسان جي دوستن چيف منسٽر هائوس ڪراچي فون ڪئي. حالانڪ سنڌ جو چيف منسٽر غلام مصطفيٰ آهي، پر لڳي ائين ٿو ته گهٽا معاملا سندس پاءُ غلام مجتبيٰ هلائي رهيو آهي. بهرحال اسان جي انجنيرنگ ڪاليج شاگرد يونين جي وائيس پريزيڊنٽ نور احمد مگسيءِ جوائنٽ سيڪريٽري بشير شاهه کي چيف منسٽر هائوس مان شاگردن جي آزادي جو ڪو سٺو آسرو مليو هو ان ڪري هو تڪڙا ڪراچي روانه ٿي ويا. جيئن ته مان جيئي سنڌ جو مخالف گروپ ءِ هارايل ڏر هيس. هنن پنهنجي ليڈري چمڪائڻ لاءِ مونکي ساڻ وٺي وڃڻ مناسب نه سمجهيو. ان ڪري مان دوستن سان سکر ءِ خيرپور جيل تي ملاقات ڪرڻ لاءِ رات جو ڇهين ڏاري ريل ذريعي سکر روانو ٿيس. اشرف پٽي ساري رات مون سان گڏ استيشن تي ويٺو رهيو. آخر مون کي سيٽ سڌائي ڇڏي پوءِ گهر روانو ٿيو.

□

19 ڊسمبر 1975
سکر جيل تي دوستن سان ملاقات

صبح جو ستين ڏاري سکر اسٽيشن تي لهي نقيب موسوي وٽ پراڻي سکر پهتس. جنهن سان گڏجي سکر سينٽرل جيل تي گرفتار دوستن سان ملاقات ڪئي. سڀ دوست جيل ۾ پاڻ ۾ گڏ هئڻ ڪري وڏي جذبي ۾ هئا. انهن ۾ ڪيترا پڙهاکو اي گريڊ هولڊر به هئا. جن جو سياست وغيره سوڪو واسطو نه هو صرف ڪاليج ڪي يونيورسٽي جو درجو ڏيارڻ ۽ ان مان ڪي ذاتي دوستن ڪري بک هڙتال ڪري گرفتار ٿيا هئا. ڪجهه دير سکر جيل جي ماڻڪي تي دوستن سان ڪچهري ڪري ريل ڪار ذريعي اچي نوابشاهه پهتس.



20 ڊسمبر 1975
سائين امداد محمد شاهه سان رابطو

هاسٽل ۾ اڪيلو رهيو پيو آهيان. مان وغيره ڪائڻ لاءِ شهر هوٽل يا پريس ڪلب جي ڪيفي ٽيريا تي وڃڻو پئي ٿو. اسان جي هاسٽل شهر کان پري ۽ ذاتي سواري نه هئڻ ڪري ڏينهن ۾ صرف هڪ وقت کاوان ٿو. اڄ پنهنجي ڪاليج جي ايڊمن آفيس مان گرفتار ٿيل دوستن جا نالا ۽ گهر جون ايڊريسون هٿ ڪيون.

سائين امداد محمد شاهه سان ٽيليفون تي سڪرنڊ ۾ گالهايو ۽ ڪيس شاگردن جي گرفتاري بعد آزادي لاءِ ڪيل ڪوششن جو احوال ڏنو.

❐

21 ڊسمبر 1975
گرفتار ساڻين جي حاضري

اسان جا سينٽرل جيل خيرپور ۾ قيد ٿيل دوست حبيب الله ڪابورو، انور علي سنجراڻي، رسول بخش ٿيٻو، نديم عباسي، لالا اسد شيخ، نصرت شيخ نوابشاهه پهتا، کين نوابشاهه جيل ۾ رکيو ويو آهي، مان ساڻن ملاقات ڪري کين ضرورت جو سامان ۽ ماني وغيره پهچائي.



22 ڊسمبر 1975ع
نور احمد مگسي ۽ بشير شاهه جي ڪوششن رنگ لاٿو

صبح جو سيني دوستن کي نواب شاهه جي اي ڊي ايم جي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو. ڪورٽ ۾ حاضري بعد بسم الله هوٽل تي اچي ماني کاڌي. جنهن کانپوءِ دوست ڪراچي ايڪسپريس ذريعي خيرپور روانہ ٿي ويا. ڪراچي مان نور احمد مگسي خوشخبري ڏني تہ سيني گرفتار شاگردن کي آزاد ڪرڻ جو آرڊر ڏنو ويو آهي. نور احمد مگسي ۽ بشير شاهه جي ڪوششن نيٺ رنگ لاٿو.

❑

23 ڊسمبر 1975
گرفتار شاگردن جي ضمانت

صبح جو سٽي ڪورٽ ۾ اي ڊي ايم جي ڪورٽن مان سيني گرفتار شاگردن جا ضامن ڪرائي، نوابشاهه مان ئي هڪ بس ياڻي ڪرائي دوستن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ خيرپور ۾ بعد ۾ سکر جيل پهتاسين. پر جيل انتظاميا شام جو دير ٽيڻ ۾ جيل بند هئڻ ڪري قيدي نه ڇڏيا، ان ڪري رات سکر ۾ ئي گذاري. اسان جي يونين جو پرزيڊنٽ منير قريشي به ساڻ هيو.

❑

24 ڊسمبر 1975ع
منير قريشي جو ساٿ

صبح جو سويرَ ئي سينٽرل جيل سکر پهچي سيني شاگردن دوستن کي آزاد ڪرايو جنهن بعد سڀ گڏجي سينٽرل جيل خيرپور آياسين، جتي به قيدين دوستن کي آزاد ڪرائي نعرا هٽندا اچي نوابشاهه رسياسين، آخر ۾ ان ساري ٻڌ ۾ انجنيئرنگ ڪاليج يونين جو پريزيڊنٽ منير قريشي به ساٿ ڏنو.

❑

(25 ڊسمبر 1975)
پهريون دفعو الڪوحل پيتو

ڪافي شاگرد جيل مان آزاد ٿيڻ بعد رات ئي پنهنجي ڳوٺن ڏي روانہ ٿي ويا. هاسٽل ۾ هاٽي رسول بخش ٽيپو، حبيب الله ڪابوروءِ مان ويجي رهيا آهيون. شاگردن جي آزادي جو خوشي ۾ رات جو بلوچستان جي شاگرد جهانزيب پانيزئي اسان جي دعوت ڪئي. اتي مون زندگي پهريون دفعو الڪوحل پيتو.



پراڻي ڊائري جا
ورق ختم ٿيا

25 سيپٽمبر 1976
عيد جو چنڊ

صبح جو دستور مطابق ورزش ۽ دوستن سان ڪچهري بعد مانجهاندو ڪري وري سمهي رهيس. شام ڏاري اٺيس تہ هر قيدي اکين جي ڇپرن تي هٿ رکيون آسمان ۾ چنڊ پيو ڳولي. چنڊ نظر ايندو تہ سپاٽي عيد ٿيندي، اسان جو اگهاڙيون اکيون تہ چنڊ ڳولي نہ سگهيون. پر رات جو دير سان ٻڌايو ويو تہ ملڪ جي ڪن هنڌن تي چنڊ نظر اچڻ ڪري سپاٽي عيد آهي. اها خبر ٻڌي قيدن جي هوڪرن ۽ نعرن جيل کي لوڏي وڌو آهي.

هون بہ مون الائي ڪيتريون عيدون ائين گهر کان ٻاهر گذاريون آهن، عيد جي ڏينهن ٻين گهرن جيان اسان جي ڪٽنب ۾ وڏي هلچل ۽ ڪل خوشي هوندي آهي.

اسان جو بابا سائين خاص ڪري عيد ڏهاڙي اسان سيني کي زوري عيد نماز پڙهائڻ لاءِ وٺي ويندو آهي. حالانڪ ٻين ديني معاملن ۾ هن ڪڏهن بہ زور نہ پريو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ پاڻ روزا بہ رکندو آهي، نماز بہ ڪڏهن پڙهندو آهي، پر اسان کي عيد نماز تي ضرور ساڻ وٺي ويندو آهي.

عيد ڏينهن امان صبح جو سوير ئي چانهہ سان گڏ مٺيون سيون ڪارائيندي آهي. ان بعد بابا سائين جي اڳواڻي ۾ سڀ پائر مشتاق انصاري، اشتياق انصاري، اشفاق انصاري، اخلاق انصاري، آفاق انصاري ٽولو ناهي عيد نماز لاءِ نڪرندا آهيون. لاڙڪاڻي ۾ اڳي عيد نماز جو وڏو اجتماع جناح باغ ۾ ٿيندو هو پر هاڻي اسٽيڊيم ۾ سنا ماڻهو گڏ ٿين ٿا. اسان پهريان عيد نماز جناح باغ ۾ بعد ۾ لاڙڪاڻي اسٽيڊيم ۾ پڙهندا هئاسين، پر ڪجهہ سالن کان لاهوري محلي جي عيدگاهہ ۾ نماز پڙهڻ شروع ڪئي آهي.

عيد نماز بعد اسان سڀ ياتي گڏجي قبرستان ويندا آهيون. اسان جا سڀ وڏڙا ابوبڪر مقام ۾ دفن آهن. بابا پنهنجي مامن محمد عرس ۽

غلام حسين جي قبرن تي ويندو آهي. جيڪي جواني ۾ ئي ايمپائر روڊ تي اميري رند جي ٽولي سان وڙهندي قتل ٿيا هئا. ان بعد پنهنجي سئوٽ احمد علي عرف شبو جي قبر تي دعا گهرندو آهي. جيڪو پڻ ڦوهه جواني ۾ لاڙڪاڻي ۾ جعفري امام بارگاهه وٽ ماريو ويو هو.

قبرستان مان واپس اچي امان ۽ ادين سان ملڻ بعد مان شهر دوستن ڏي رخ رکندو آهيان. اسان سڀ دوست اچي مختيار جلباڻي جي اوطاق تي گڏ ٿيندا آهيون. جلباڻين جي اوطاق وچ شهر ۾ هئڻ ڪري هرڪو دوست شهر جا چڪر ڏئي وري اتي اچي ٽڪ پڃندو آهي. لاڙڪاڻو ننڍڙو شهر هئڻ ڪري پنڌ ئي پنڌ سڄو لتاڙي سگهجي ٿو. صرف اسان جو لاهوري محلو الڳ ٿلڳ آهي. اسان جا ٻيا دوست گهٽو ڪري ويجها رهن ٿا. جيئن شڪيل شاهه ۽ ڪليم لاشاري ڏڙي محلي ۾ رهندا آهن. الله نور ۽ محمد نبي اعوان ڪرمان باغ ۾. بشير شاهاڻي ۽ سجاد انصاري. محمد علي چنا انصاري محلي ۾ رهن. بشير احمد ساريو بدر عباسي باقراڻي روڊ. حاجن لاڙڪ ريلوي ڪالوني. نصرت جعفري. سليم ميراڻي جعفري امام بارگاهه. آفتاب شيخ گهنٽي ڦاٽڪ. سعيد سومرو سبزي منڊي وٽ رهن ٿا. مطلب ته سڀ ويجهي پسگردائي ۾ رهڻ ڪري سارو ڏينهن اسڪول. ڪاليج ۽ راندين جي ميدان ڪانسواءِ به سدائين رابطي ۾ هوندا آهن.

بهرحال سياڻي ٿي سگهي ٿو گهر وارن سان گڏ. اهي سمورا دوست به ضرور ڪجهه نه ڪجهه منهنجي ڪمي محسوس ڪندا. خاص ڪري امڙ سائڙ جنهن کي ايڏا تائين منهنجي گرفتاري جو نه ٻڌايو ويو آهي. هونئن به امان کي منهنجي رولاڪ طبيعت جي خبر آهي. خاص ڪري جڏهن موڪلن ۾ به گهر نه پهچندو آهيان ته گهر جا ٻيا ياتي اهو چئي ڪيس مطمئن ڪري ڇڏيندا آهن ته "هي موڪلون يا عيد اشتياق پنهنجي ماما (قمر الدين انصاري) جي گهر ڪراچي ۾ گذارينديو."

سو سياڻي امان جي خيال ۾ منهنجي عيد هت جيل ۾ نه پر ماما جي گهر ڪراچي ۾ هوندي.



26 سيپٽمبر 1976
معصوم قاتل

صبح جو تيار ٿي چڪر ۾ نماز پڙهڻ وياسين، عيد جي موقعي تي سينٽ قيدين کي گڏجي نماز پڙهڻ جي اجازت آهي. اتي لائوڊ اسپيڪر جو به بندوبست هو نماز بعد لنگر انچارج جي دعوت تي سندس ڪولي ۾ وياسين، لنگر انچارج جو نالو مالڪ آهي، ميانوالي جو ستن فٽن جو پڙهيل ڳڙهيل نوجوان خون جي ڪيس ۾ عمر قيد ڪاٽي رهيو آهي، پڙهيل هڻڻ ڪري لنگر جو سارو حساب ڪتاب هن جي حوالي آهي. اڪثر شام ڏاري اسان سان ونجهه وٽي به ڪيڏڻ ايندو آهي. لنگر مان ڪنهن به شيءِ جي ضرورت پوندي آهي ته نياپو موڪلي گهرائي ونندا آهيون. لنگر خاني ۾ وينا هئاسين ته هڪ ٻيو ميانوالي جو خوني قيدي هڪ ٻارهن سالن جي خوبصورت ڇوڪري کي ساڻ وٺي آيو.

هي پيارڙو ٻارڙو تازو ئي ڪنهن ڊرائيور جو قتل ڪري آيو آهي، جيڪو ساٺس زيادتي پيو ڪري معصوم کي پنهنجي قد کان ڊگها ۽ ويڪرا ڪنهن قيدي کان اڌارا ورتل ڪپڙا پاتل هئا. بهرحال هن سهڻي ٻار جي معصوميت ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو سوچيان پيو ته ٻاهران ته يار عزت بچائڻ خاطر قتل ڪري آيو آهي پر هت بگهڙين کان ڪيس ڪير ڪيترو بچائيندو.

بهرحال جيل جي ٻين قيدين سان به ڪچهريون ڪندا واپس پنهنجي وارڊ ۾ آياسين ته ماڙي تان ملاقات لاءِ سڏ ٿيو جيل جي دروازي تي نقيب شاهه ۽ فهيم قريشي اسان لاءِ عيد کٽي آيا هئا. هنن دوستن سکر کان تمام گهڻي انداز ۾ مختلف طعامن سان گڏ ميوو پڻ

آندو هو. فهيم قريشي سان اسان جي واقفيت نقيب شاهہ جي ڪري ٿي آهي. گهنڊيدار وارن ڪري فهيم قريشي جي منفرد ۽ دلڪش شخصيت آهي.

شام جو حال سارو جيل جي مختلف دوستن پنهنجي پنهنجي بئرڪ ۾ دعوت ڪئي. بئرڪ ۾ بسترا هڪ ٻي جي ايترو ته ويجهو رکيل هئا جو ماڻهو مشڪل سان ئي پنهنجو پاسو ورائي سگهندو هوندو. بئرڪ ۾ ايتري ننڍڙي بستري رکڻ جي جاءِ لاءِ به عملدار کائن ججها پئسا ونندا آهن. اهڙي نموني مختلف بئرڪن ۾ قيدي دوستن جون پيار ۽ خلوص سان ڏنل دعوتن جو ڪوبہ نعمل بدل ڪونهي.



27 سيپٽمبر 1976
"چگو دل لڳي جو تو بدلو ڏنو آ"

نور احمد هالو هي سنهڙو سڪڙو ڪارڙو قيدي اسان سياسي قيدين کي مقدم طور خدمت لاءِ مليل آهي، جنهن جو اڳ ۾ ڪٿي ذڪر ڪيو آهي. همراهه بدين واري پاسي ڪنهن ٽرڪ تي مزدوري ڪندو هو الائي ڪيئن غلطي ۾ يار کان هڪ قتل ٿي ويو ان کري جنم ٽيپ لڳس. اڄ تائين ڪافي سزا ڪاٽي آيو آهي، ان کري جيل جي ڳاڙهي ٽوپي بڻيو آهي. هن مسڪين کي صابڻ جيترا پئسا به نه هٿ ڪري جيل جي مليل پوشاڪ ۾ پوري ڏوتل ڪانه هوندي آهي. پر يار ڪچهري جو مور آهي، قيد ۾ رهندي همراهه هلڪو ڦلڪو ڳائي ۾ ٿو ان کري ٻڌڻي ڪلام ياد اٿس. ساڳيا ڪلام روز روز ڳائي ڇڏ اسان کي به حافظ کري ڇڏيو اٿس. لاڙ پٽ جو هي باندي اکثر هي ڪلام وڏي دردیلي انداز سان ڳائيندو آهي، بقول نور احمد هالي جي ان ڪلام جو سرجڻهار به کو قيدي آهي. في الحال ته پاڻ کي ان شعر جي خالق جي خبر نه آهي، بهرحال جيل ڪاٽيندي هن جا ٻول دل تي ڏڪ هڻندا آهن، ڪلام جا ٻول ڪجهه هن ريت آهن.

"چگو دل لڳي جو تو بدلو ڏنو آ
پڇڻ جيڪي آيا تن به رنو آ
پريشان حال آ پرواهه نه آهي
سهڻ سختيون ڪم اوشاڻ جو آهي
چڪي تند جو ناتو ٻلا ڪنهن چنو آ
پڇڻ جيڪي آيا تن به رنو آ.
وفادار آهيان، وفا ڪم آ منهنجو

پلي ڪر جفا سائين جفا ڪم آ تنهنجو
ڪيا قرب اهي جيڪي اوهان کان پنو آ
پچڻ جيڪي آيا تن ۾ رنو آ
غمن ۾ گذر ٿي سموري وهي آ
سورن ڪيو مون کي ڏاڍو سهي آ
ساري رات رئندي رئندي بستر پَنون آ
پچڻ جيڪي آيا تن ۾ رنو آ"

ساحلي علائقي جي هن قيدي کي ٻيا ۽ ڪجهه ڪلاڪ ياد آهن، جيل ۾ راڳي هڪ سان گڏ هن ويچاري کي پنهنجي ملهه هڻڻ تي ۽ فخر آهي. هو ٻاهر جواني ۾ شايد سنو ملهه رهيو هجي. هت جيل ۾ هر عيد يا ڪنهن ٻي خوشي جي موقعي تي جيل انتظاميا قيدين جي وچ ۾ ملاکڙا ۽ ٻين راندين جا مقابلا ڪرائيندي آهي. هالي ڪافي دفعا ٻين قيدين کي ملهه ماري جيل ۾ سرخرو ٿيو آهي، ڪيس انعام طور ڪجهه پئسا ۽ ملندا آهن، مون کي ۽ راندين جو شوق ڏسي، هن ڪڏهن ڪڏهن سيٽجي ملهه وڙهڻ لاءِ چئلينج ڪيو اٿس پر مان اڪثر لنوائي ويندو آهيان. منهنجي لنوائڻ کي هو پنهنجي ڪاميابي سمجهي تيئن فخر سان ڦوندارجي ويندو آهي. آخر هڪ ڏينهن هن جي گهٽي زوربار تي ۽ دوستن جي چوڻ تي اسان ٻنهي سندرا ٻڌا. ۽ سندرن ۾ هٿ وجهڻ سان هڪ ئي سٽ ۾ يار جي ڪياڙي اچي پَٽَ سان لڳي. دوستن ۾ هوڪرا پئجي ويا. هن کي ملهه مارڻ تي مون کي خوشي ٿي ٿهيو پر ڏاڍو افسوس ٿيو يار جي ساري جيل ۾ قيدين جي وچ ۾ بيهاريل لئي ٽٽي پئي. مان شڪي پيو ٿيان جيڪر هن ويچاري سان ملهه نه وڙهان ها. سوچيان پيو ته سالن کان جيل جي ايري سَيري ماني ٽڪر تي گذارو ڪندڙ هن مسڪين وٽ هاٿي کهڙي طاقت رهي هوندي جو مون جهڙي هٿي ڪٽي شهري سَانَ سان وَڙهي سگهي، بهرحال ملهه مارڻ بعد ۽ جڻ مان پنهنجي پر ۾ هارايل هئس.

28 سيپٽمبر 1976
آسکر وائلڊ ۽ هم جنس پرستي

واهيرو جو ويلو آهي، خيرپور سينٽرل جيل شهر کان پاسيرو هئڻ ڪري چوڌير باغ باغيچن ۽ وڻڪار سان گهيريل آهي، سنجها جي سرمئي رنگن ۾ ساري ڏينهن جا ٽاڪوڙا پکي واهيري تي ورڻ بعد قسمين قسمين لاتيون لنوي رهيا آهن، ڪنهن مهل جهرڪين جي چين چين تہ ڪنهن مهل ڪبوترن جي ٻولڙ ۽ پرڙا هٽڻ جا مڌر آواز ڪن تي پون ٿا.

دستور مطابق مان پنهنجي جيل جي بئرڪ کان ٻاهر نڪري وارڊ جي ڪليل پڌر تي پسار ڪري رهيو آهيان، اهڙي من موهيندڙ ماحول ۾ خيال آيو تہ هت اڪثر قيدي پنهنجي محبوب هستين کي ئي قتل ڪري آيا آهن. جن کي هو خدا کان پوءِ پوڄيندا آهن، انهن پيارن ۽ محبوب هستين، جڏهن هن سان ويساهه گهاتي ڪئي تہ بارود ۽ ڪهاڙين جو ڪاڄ ٻڌيا، اسان جو بورچي بہ پنهنجي زال جي چهري تي تيزاب هاري آيو آهي. ان چهل قدمي دوران ذهن تي منهنجي پسنديده لکيڪ آسکر وائلڊ جو هي قول تري آيو.

"Each man kills the thing he loves"

(هر ماڻهو ان کي ئي قتل ڪري ٿو جنهن سان کيس پيار آهي)

آسکر وائلڊ جا مون اڪثر ڪتاب پڙهيا آهن، هي وڪٽورين دور (1904_1837ع) جو هڪ مشهور شاعر ڪهاڻيڪار ڊراما ۽ ناول نگار ٿي گذريو آهي. هن جا ڊراما Salome ۽ The importance of being earnest جڏهن انگلينڊ ۾ هليا تہ ڊرامن جا مڪالمن لفظن جي چاشني مان ماڻهن مزو ماڻيو هو انهن ڊرامن ۾ سماجي مسئلن جي بہ ڪل لاڻي وئي

هئي. آسکر وائلڊ جا ڊراما ۽ ٻيا ڪتاب ڪيترن ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن. ساڳي وقت ناول ۽ ڊرامن تي فلمون پڻ ٺهيون آهن. خاص ڪري هن جو ناول "Picture of Dorian grey" مون کي ڪافي پسند آهي، ان ناول تي ٺهيل فلم ڪيترا دفعا ڏسي چڪو آهيان.

آسکر وائلڊ هڪ اکين ۽ ڪنن جي ماهر ڊاڪٽر جو پٽ هو هن جي پيءُ ۽ ماءُ جو به علم ادب سان چاهه هو هو ٻئي ڪيترن ڪتابن جا ليکڪ پڻ هئا. اسڪول جي زماني ۾ ئي آسکروائلڊ ذهين شاگردن ۾ شامل هوندو هو. اڪثر اسڪالرشپ کٽندو هو. شروعاتي تعليم آرلينڊ ۾ وڃڻ بعد هن آڪسفورڊ ۾ اچي داخلا ورتي، ڇيو وڃي ٿو اسڪول جي زماني کان ئي هن کي هم جنس پرستي جي لت لڳل هئي. عورتن سان به سندس جنسي لاڳاپا هئا. آڪسفورڊ ۾ پڙهڻ دوران هن جا ڪيترن ڇوڪرن سان جنسي واسطا هئا. پرهو ٻاهران هينئين طبقي جا ڇوڪرا به قاسائي ايندو هو. خاص ڪري هو هڪ سهڻي ڇوڪري الفرڊ ڊگلس سان جنسي تعلق جي ڪري ڪافي مشهور ٿيو جيڪو هن سان گڏ رهندو هو. هنن ٻنهي پنهنجي ان تعلق کي ڪڏهن به نه لڪايو. آسکروائلڊ انگلينڊ ۾ هم جنس پرستي کي قانوني طور جائز ڪرائڻ جي به ڪوشش ڪري رهيو هو. آڪسفورڊ ۾ پڙهائي دوران آسکر وائلڊ وڏا وار رکندو هو هو هميشه منفرد ۽ مهانگي پوشاڪ پائيندو هو پنهنجي ڪمري کي مور جي کنين، ڪنول ۽ سورج مکي جي گلن سان سينگاريندو هو سندس ڪمري ۾ مصوري جا بهترين شهه پارا پٽين تي ٽنگيل هوندا هئا. مطلب ته هو ان دور جي مانائتي شخصيت هو. محفل جو مور هئڻ ڪري هن ليکڪ جون پنهنجي دور جي وڏن اديبن ۽ آرٽسٽ سان دوستيون هيون، جن ۾ انگلينڊ جو مشهور اديب ۽ آرٽ جو نقاد جان رسڪن، آمريڪن شاعر ۽ مضمون نگار والٽ وهٽمين، آرلينڊ جو نوبل پرائز حاصل ڪندڙ ڊراما نگار ۽ ليکڪ برنارڊ شا وغيره شامل هئا.

آسکر وائلڊ ناستڪ هو هن دهريت يعني مڃيل خدائن جي وجود ۽ اصولن جو انڪاري هو. هن شهر آفاق اديب جي زندگي جو المناڪ زوال سندس جيل ۾ پوڻ کانپوءِ شروع ٿئي ٿو جڏهن سندس

ويجهي دوست لارڊ الفرڊ ڊگلس جي پيءُ آسڪر وائلڊ تي سندس پٽ ڪي ورغلائڻ ۽ ساڻس غير فطري لاڳاپا رکڻ سبب ڪورٽ ۾ ڪيس ڪيو. الفرڊ ڊگلس جو پيءُ لارڊ ڪوئنبري به وڏي اثر رسوخ وارو شيطان صفت شخص هو. ان وقت جيئن ته انگلينڊ ۾ هم جنس پرستي وڏو ڏوهه هو ان ڪري ڪيترن دوستن آسڪر وائلڊ کي ملڪ مان ڀڄي وڃڻ جي صلاح ڏني، پر هن ان راءِ کي ڪا اهميت نه ڏني. ڪيس هلڻ دوران آسڪر وائلڊ هن خط جو به ذڪر ڪيو ويو هو جيڪو هن الفرڊ ڊگلس کي لکيو هو.

منهنجا پيارا ڇوڪرا

تنهنجو لکيل غزل ڏاڍو وٽيو. اها تعجب جهڙي ڳالهه آهي ته تنهنجا گلاب جي پنکڙين جهڙا نفيس چپ رڳو چمين جي چرپاٻ لاءِ نه آهن پر انهن ۾ راڳ جي ڏن به آهي.

تنهنجو نفيس ۽ خوبصورت روح، جوش ۽ شاعري جي درميان هلي رهيو آهي، مون کي خبر آهي ته اپالو يوناني داستانن ۾ هيسنٿس کي شديد پيار ڪندو هو اهو تون ئي آهن.

تون لنڊن ۾ اڪيلو ڇا ٿو ڪرين ڪڏهن ٿو ساليسري وڃين ۽ پنهنجي هٿن کي گوٽڪ تن جي ڪوهيڙي ۾ ناري پوءِ هيڏانهن اڇ، هي ڏاڍي پياري جڳهه آهي، بس رڳو تنهنجي ڪوٽ آهي.

هميشه نه ڪٽندڙ پيار سان

تنهنجو

آسڪر

بهرحال ڪيترا ڏينهن ڪيس هلڻ بعد آسڪر وائلڊ کي غير اخلاقي هلت ۽ قبيح ڪم کي همٿائڻ جي ڏوهه ۾ به سال سخت پورهيي سان سزا ڏني وئي.

هن کي لنڊن جيل جي سرد ۽ اڪيلي کولي ۾ قيد ڪيو ويو جتي چوويهه ڪلاڪن مان ڪيس صرف هڪ ڪلاڪ ورزش لاءِ ٻاهر ڪڍيو ويندو هو آرام لاءِ هن کي ڪاٺ جو صندل ڏنل هو. هن ڪان جسماني مشقت به ورتي ويندي هئي. اسيري دوران ئي سندس ماءُ

گذاري وئي، کيس جنازي ۾ آخري رسمن ۾ به شريڪ ٿيڻ نه ڏنو ويو. هن جي ملاقات به بند هئي، ڪڏهن ڪڏهن سندس زال هن سان ملڻ ايندي هئي، جيل جي سختين ۽ خراب کاڌي ڪري سندس صحت بگڙجندي وئي. ٿوري ئي عرصي ۾ هن جو وزن 30 پائونڊ گهٽجي ويو. انگلينڊ جي هر اداري هن سان بي حسي جو مظاهرو ڪيو. ايتري قدر جو سندس ڪتابن تان به هن جو نالو ڀاهي ڇڏيائون. هن جا ڊراما فرضي نالن سان هلندا هئا. دوستن هن جا خط قاڙي ڇڏيا هيا.

آسڪر وائلڊ قيد دوران پنهنجي پياري دوست الفرڊ ڊگلس کي پيار پريا خط لکيا، جيڪي Deprofandis ڪتابي شڪل ۾ شايع ٿيا. اهو ڪتاب منهنجي لئبريري ۾ موجود آهي. اهي خط پڙهڻ وٽان آهن. هڪ عاشق جا پنهنجي محبوب ڏي پيار رساما. وفا ۽ بي وفائن وارا خط. ادب جي دنيا ۾ وڏو مقام رکن ٿا. جيئن هڪ هنڌ لکي ٿو.

"ان ۾ گهٽيون ڳالهيون تنهنجي غرور کي جهنجهوڙيندیون. جي ائين آهي ته هن خط کي بار بار پڙهجان. جيستائين اهو تنهنجو غرور ختم ڪري. جيڪڏهن ان ۾ اهڙيون شيون نظر اچن. جن لاءِ تون سمجهين ته توتي الزام آهي ته ياد رک ماڻهو کي شڪر ڪرڻ کپي ته کيس انهن براين جو ڏوهه ڏنو ويو آهي. جيڪي هنڌ ڪونه آهن. جيڪڏهن ان خط ۾ ڪو جملو تنهنجي اکين ۾ ڳوڙها آڻي ته روئجان. جيئن اسان هت جيل ۾ راتون ڏينهن وينا روئون."

آسڪر وائلڊ آزاد ٿيڻ بعد جلاوطن ٿي فرانس جي هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ وڃي رهيو. هن جي زال ڪنستائين هن کي ڇڏي ٻارن کي وٺي وڃي اتلي ۾ رهي. هن بدنامي کان بچڻ لاءِ سندس خط به قاڙي ڇڏيا. پنهنجي ٻارن جي سچاٽپ به متائي. کيس ٻه پٽ هئا. انهن مان هڪڙو پٽ پهرين جنگ عظيم ۾ وڙهندي مئو ۽ ٻي پٽ به ان جنگ ۾ حصو ورتو.

جلاوطني دوران آسڪر سان سندس دوست رابرٽ روس گڏ رهندو هو هن حد کان وڌيڪ شراب نوشي شروع ڪري ڇڏي هئي. ڪنگالپڻي ۾ هو دوستن اڳيان هٿ ٽنگيندي نظر ايندو هو.هن بي

وطني ۾ شاعري جو ڪتاب "The Ballad of Reading goal" لکيو جن جو هي سٽون اڄ به ياد آهن.

Yet each man kills the thing he loves, By each if this be heard, Some do it with a bitter look, some with a flattering word, The coward does it with a kiss, The brave man with a sword.

آسڪر وائلڈ زماني جي منهن مٿائڻ، بي وفائي ڪري مفلسي، بک ۽ بيماري ڪري ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو جو هڪ ڏينهن پير ترڪڻ سبب مٿي ۾ ڪيس زوردار ڏڪ لڳڻ سبب سندس ساڄي ڪن جو پردو ڦاٽي پيو اهو زخم خراب ٿيڻ ڪري هن جو موت واقع ٿيو مرڻ وقت سندس عمر ڇائيتاليهه سال هئي.

وفات کانپوءِ مها ڪوي جا ڇاهيندڙ سندس قبر کي ايتريون ته چميون ڏيندا ها، جو مقبري تي لپ استڪ جا نشان ٿي پوندا هئا. مقبري کي صاف رکڻ مسئلو ٿي پيو مجبورن هن جي قبر جي چوگرد شيشي جي ديوار ڏني وئي، جيئن قدردان هن جي قبر چمي نه سگهن.

29 سيپٽمبر 1976
مراد علي ميرجت

جيل جي دنيا ۾ ڪي ماڻهو جڙ ديو مالائي ڪردارن جيان مشهور ٿي ويندا آهن. هت اسان ڪافي قيدين کان اهو ٻڌو آهي ته هنن جيل جي تاريخ ۾ مراد علي مير جت جهڙو دلير/ويڙهو/مار جو پڪو ٻيو قيدي نه ڏٺو آهي. جيل جا سپاهي هن کي ڪُٽي ٽڪجي پوندا هئا پر هي آرڏو انسان پنهنجي هوڏ تان نه لهندو هو.

مراد علي مير جت لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو سپ کان پهريائين پنهنجي مامي کي قتل ڪري ڏوهن جي دنيا ۾ داخل ٿيو. هن جي مامي ڪيس پنهنجي نياڻي جو سگ ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو. مامي کي قتل ڪرڻ بعد روپوشي دوران هن ٻيا ٻه ڪيترائي ڏوهه ڪيا. هو سرحد ٽپي انڊيا ۾ وڃي ٻه ڏوهه ۽ قتل ڪري ايندو هو.

آخر هڪ ڏينهن هو گرفتار ٿي پيو. گرفتاري کانپوءِ جڏهن حيدرآباد جيل جي مک دروازي تي پهتو نيڪ ان مهل جيل جو وڏو دروازو کولي اتان ڏوهي گهاٽ جي گڏهه گاڏي کي اندر موڪليو ويو. جيئن ئي گڏهه گاڏو گذريو وري دروازي کي بند ڪيو ويو. مراد علي مير جت کي وڏو دروازو بند ٿيڻ بعد ننڍڙي دَري مان اندر داخل ٿيڻ لاءِ چيو ويو ان تي مراد علي مير جت صفا پڙ ڪيڊي بيهي رهيو ته جڏهن هڪ گڏهه لاءِ وڏو دروازو کوليو تا ته مون انسان لاءِ اهو وڏو دروازو چو نٿا کوليو. مراد علي مير جت اتي ضد ڪري بيهي رهيو ته پلي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو مان ڪنڊ هيٺ ڪري ان ننڍڙي دري مان داخل نه ٿيندس. جيل جي پوليس پوءِ ته هن کي ڏاڍو ماريو پر هو بضد رهيو. آخر هن تي مار موچڑي لاءِ جيل کان ٻاهران پوليس گهرائي وئي پر همراهه نه مڙيو.

اها ڳالهه جڏهن جيل اندر واڙيل گاگهه قيدين کي پئي ته ٻاهر کو اهڙو مڙس ماڻهو آيو آهي ته جيل جي اندرين قيدين به هل هنگامو ڪري، هن جي حمايت ۾ وڻي نعرا هيان. اهڙي بغاوت ڏسي جيل جا عملدار بي وس ٿي ٻيا. آخر وڏو دروازو کولي هن کي جيل اندر داخل ڪيو ويو. ان کانپوءِ جڏهن به هو حاضري تي اينڊو يا ويندو هو ته هميشه جيل جو وڏو دروازو رڳو مراد علي مير جت ۽ جيل سپرنٽينڈنٽ لاءِ کوليو ويندو هو. هن لاءِ اهو به مشهور آهي ته هي همراهه جڏهن پوليس جون مارون پچائي ويو ته کيس هڪ تفتيشي ٽيم جي حوالي ڪيو ويو جڏهن تفتيشي ٽيم جي سامهون به هن اکر نه اکليو ته کيس هيلي ڪاپٽر ۾ اوندهو ٽنگي گهمايو ويو پر هن جي نه کي نو ڪوٽ ئي رهيا.

جيل جي قيدين وٽان اها ڳالهه به ٻڌڻ ۾ آئي، هن جي بهادري جي هاڪ جڏهن ان وقت جي صدر ايوب وٽ، پهتي ته هو خاص هن سان ملڻ لاءِ حيدرآباد جيل آيو. صدر ايوب هن کي ڏسي چيو "جت ته اٽ چاريندا آهن، تون وري ڪيئن ڏاڙيل ٽيو آهين." ان تي مراد علي کيس ٿهه پهه جواب ڏنو ته "پٽاڻ ته بوٽ پالش ڪندا آهن، تون پوءِ صدر ڪيئن ٽيو آهين."

صدر ايوب هن جي اهڙي بهادري ڏسي، پنهنجا اختيار استعمال ڪندي کيس آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ساڳي وقت سندس گذر سفر لاءِ شهدادپور پرسان زمين جو ٽڪرو به ڏنو.

جيل جي ساٿارن ٻڌايو ته زمين ملڻ کان پوءِ مراد علي مير جت ڏوهن جي دنيا ڇڏي شادي ڪري پنهنجي ٻچڙن سان گڏ شهدادپور ۾ رهي ٿو.

□

30 سيپٽمبر 1976
جيل مئنيوئل

صبح جو دستور مطابق جاگنگ ۽ ايڪسرسائيز بعد ڪتابن جا ورق اٽلائيندو رهيس، اڃ ڪلهه الائي ڇو مانجهاندي بعد ننڊ جو جهوٽو اچي ٿو وڃي.

هت جيل ۾ ڪجهه ڏينهن کان قيدين کي سرڪار طرفان ملندڙ سهولتن ۾ ڪنهن نه ڪنهن شيءَ جي ڪوٽ آهي، جيئن ڪالهه شام قيدين کي تنور جي ماني ڏئي ويا پر کين دال نه ملي، ويچارا قيدي ساري رات رُکي ماني ويهاڻي پرسان رکيون انتظار ڪندا رهيا، صبح تائين کين دال جو دلاسو ئي رهيو اڄ وري اها خبر آهي ته جيل ۾ ماني پچائڻ لاءِ ڪائيون ئي ڪونهن، ان ڪري جيل جا ڪاٽ ڪهاڙ ساڙڻي ايتري قدر جو صفائي وارا ٻهارا ۽ ساڙڻي قيدين کي پتو تيار ڪري ڏنو ويو.

اهڙي طرح ڪجهه ڏينهن اڳ ۽ لنگر ۾ گيهه ڪونه هو، جيل انتظاميا هر بئرڪ مان مسڪين قيدين کان ٿورو ٿورو گيهه پني کين آيري سيري ماني ڏئي ويا، اسان کي اڄ وري ڪائيون نه مليون آهن، ان ڪري اسان ۽ پنهنجي بئرڪ ۾ چهيون ۽ اخبارون وغيره ساڙڻي ماني تيار ڪرائي آهي. ۽ ڏينهن اڳ ته اسان کي ڪائيون ايتريون آليون ڏئي ويا جو ساري بئرڪ دونهين سان ڀرجي وئي. ڦوڪون ڏئي ڏئي بورچي جون ڇاڙيون نڪري آيون، دونهين ۾ دم گهٽجڻ ڪري بئرڪ ۾ موجود هر ماڻهو کنگهي ساڻو ٿي پيو.

هون ۽ اسان جو جيل مئنوويل Pakistan Prison Rule انگريزن جي دور جو ڏنل آهي، جڏهن هنن بندوق جي زور تي سونهاري سنڌ

سميت ٻين علائقن تي قبضو ڪري غلامي جو طوق ڳچيءَ ۾ وڌو هو انگريزن هتان جي سرڪش باغين کي ڏهني ۽ جسماني طور اپاهج بنائڻ لاءِ قيدين لاءِ اهڙا سخت قانون ٺاهيا هئا. جيڪي ملڪ ڇهڙ بعد ٿوري ڦيرڦار سان رائج آهن. حالانڪ سوين سال گذرڻ بعد دنيا ۾ الائي ڪيتريون تنظيمون اقوام متحده کان علاوه انسان جي بنيادي حقن لاءِ جاکوڙي رهيون آهن. جنهن ڪري دنيا جي ٻين ملڪن ۽ مهذب معاشري ۾ ترقي ٿيندي ٿي ويجي، ساڳي وقت جيل جي قاعدن ۽ قانون ۾ بهتري آئي آهي، پر اسان وٽ اڄ به جيلن ۾ جهنگ جو قانون آهي، هتان جي جيل انتظاميا بي تاج بادشاهه آهي، هنن کي ڪنهن به قانون جي پرواهه نه آهي، قيدين تي انسانيت سوز مار موچڑو روزمرهه جو معمول آهي. مُنهن تي ڪوفتي جو ٽوڪرو ٻڌڻ، نڪ ۾ چُن ۽ لوڻ جو پاڻي وجهڻ، ڪچن قيدين کان ڪم وٺڻ، ڪورٽن ۾ پيش نه ڪرڻ، ملاقاتين کان پئسا وٺڻ، قيدين لاءِ مليل فنڊ کائي ويڃڻ، پئسا هڙپ ڪرڻ ڪري قيدين کان ڦوڙي ڪري جيل جو وهنوار هلائڻ، ايتري قدر جو جيل ۾ قيدين کان ڦُڙو ڦُڙو گيهه جو پُني لنگر هلائڻ، ڪاٺ ڪباڙ ۽ اخبارون ساڙي ماني پچائڻ، هي صرف هڪ جيل جي ڪهاڻي نه آهي پر اسان جي ساري ملڪ جو حال اهو آهي، جيڪي پَن ۽ هٽ ڪس تي هلي ٿو.

هونءَ به جيل جو عملو جيل ۾ واڌيل وڌن ماڻهن ۽ تر جي سياسي شخصيتن جا ڳيجهو هوندا آهن. سندن بدليون سدليون به آسپاس جا اسيمبلي ميمبر ۽ رئيس ڪرائيندا آهن، اهڙن وڏيرن جو ڪونه ڪو مٽ مائٽ، وَاٽو ڇُوراٽو جيل ۾ هوندو ئي هوندو آهي. ان ڪري اهڙا همراهه جيل انتظاميا سان مڙئي راهي رسائي رکندا ايندا آهن. هنن ڏي تحفا تحائف موڪليندا رهندا آهن، ان جي بدلي ۾ ڪڌهن پنهنجي دشمنن ۽ مخالفن کي جيل اندر سختيون ۽ سٽڪا به ڏياري ڇڏيندا آهن.

جيل ۾ پئسي وارا قيدي تہ انتظاميا لاءِ سونيون جهرڪيون هوندا آهن، اهڙن قيدين کي هر سهولت مليل هوندي آهي. سندن ڪائڻ پيئڻ جو سامان ايتري قدر جو نشو پتو به سدائين ٻاهران ايندو آهي، عام

قيدين تي ته سدائين مُوچڑن جو ستڪو هوندو آهي، پر اٿر رسوخ واري باندين کي خدمت چاکري لاءِ ماڻهو مليل هوندا آهن. مسڪين قيدي ٽپهري ڏاري ئي واڙجي ويندا آهن. پر سونيون جهرڪيون دير دير تائين لامرا ڏيندیون وتندیون آهن.

مون کي ياد آهي ته لاڙڪاڻي استيڊيم ۾ شام ڏاري جيل سپرنٽينڈنٽ عباسي صاحب واڪ تي ايندو هو سندس ٻه پٽ اسان سان ڪاليج ۾ پڙهندا هئا. ان ڪري اسان کيس چاچا چوندا هئاسين. چاچا عباسي ڪچهري دوران ٻڌايو ته "هڪ دفعو هن جي جيل ۾ عبدالحميد جتوئي گرفتار ٿي آيو سندس پٽ لياقت جتوئي ۽ ٻيا عبدالحميد جتوئي کي سهولتون ڏيارڻ لاءِ پئسا کڻي مون وٽ پهچي ويا، پر مان کائن ٽڪو ٻه ونڊ بنا حميد جتوئي کي جيل ۾ سڀ سهولتون مهيا ڪري ڏنيون". هاڻي جڏهن ٻه ان جتوئي خاندان وٽ ڪنهن ڪم ڪار لاءِ ويندو آهيان ته اهو ڪم سولائي سان ڪرائي ايندیون آهيان. مان ڪن کي نوڪريون ٻه ونرائي ڏنيون آهن.

بهرحال ٿر جا ڪيترا پاڻاريدار ۽ وڏيرا جيل عملدارن کي ڪائين جون ٽرڪون، مينهيون، ٻڪريون ۽ اَنَ جون ٻوريون سوکڙي طور ڏيندا آهن. مطلب جيل ۾ هي مصيبت رڳو غريب ۽ لاوارث قيدين لاءِ هوندي آهي.

❐

1 آڪٽوبر 1976
ڪاليج ۾ پهريون جهيڙو

اخبارن ۾ خبرون آهن تہ "محمد علي ڪلي ۽ ڪين نارٽن جي وچ ۾ نيويارڪ ۾ باڪسنگ جو مقابلو ٿيو اهو مقابلو پندرهن رائونڊن تائين هليو آخر ۾ پوائنٽس تي محمد علي ڪلي کٽي ويو."

محمد علي ڪلي جي باڪسنگ تي اسان کي پنهنجو پهريون جهيڙو ياد اچي ويو گذريل سال هن ئي تاريخ (1 آڪٽوبر 1975) تي محمد علي ڪلي ۽ جوفريز جي وچ ۾ دنگل ٿيو هو ان وقت اسان جي نوابشاهہ انجنيئرنگ ڪاليج جي هاسٽل ۾ ٽي وي جو ڪو جوگو بندوبست ڪونہ هو ان ڪري ڪنهن سني ٽي وي تي اهو مقابلو ڏسڻ لاءِ اسان صبح جو سوير ئي پريس ڪلب نوابشاهہ پهچي وياسين. اڃ ٽونشي بازي ۾ محمد علي ڪلي چوڏهين رائونڊ ۾ جوفريز کي هارايو هو.

بهرحال اسان پريس ڪلب ۾ راند ڏسي هاسٽل پهچي ڪينٽين ۾ چانهہ پي رهيا هئاسين تہ ڪجهہ شاگردن اچي اطلاع ڏنو مخالف گروپ اسان جي ڪن دوستن کي ڏڪ هيان آهن. اها ڳالهہ ٻڌي اسان جذباتي ٿي ڪاليج پهچي هنن تي حملو ڪيو اهو جهيڙو ڪجهہ ڏينهن ۾ ايترو وڏو ويو جو ٻنهي گروپن هٿيار گڏ ڪرڻ شروع ڪيا. هاسٽل ۾ وانگارو ماٺهو جي اڃ وچ شروع ٿي وئي. ڪن شاگردن ان کي سنڌي ۽ بلوچن جي جهيڙي جو رنگ ڏيڻ چاهيو. هاسٽل ۾ ڪلي عام هر قسم جي هٿيارن جي نمائش ٿيڻ لڳي. سمجهہ ۾ ائين پيو اچي تہ ڪجهہ ڏينهن ۾ وڏو حادثو ٿيندو ۽ ڪيترائي لاش ڪرندا.

اهڙي خون خوار صورتحال ڏسي جهيڙي کي تاريڻ لاءِ اسان جي دوست مير حسين علي تالپر زوري مون کي هاسٽل مان وٺي شهر ۾

پنهنجي گهر وڃي رهايو ڇو جو اڳلي گروپ جو مک تارگيٽ مان هيس، بقول مير حسين علي هاڻي جهيڙو شاگردن جي هٿن مان نڪري هروچڪي انداز ۾ سردارن جي اوطاقن تائين پهچي ويو آهي.

آخر مير حسين علي تالپر جي ڪجهه هفتن جي ٻڌڪ بعد ٻنهي گروپن شهر جي ڪنهن وڏيري جي بنگلي تي ٺاهه ڪيو مان جڏهن ٺاهه لاءِ نڪتس تہ ان وقت ڪارجي ٽيپ رڪارڊر تي هي گانو هلي رهيو هو.

ڪتني مخمور هين تمهاري آکين
دل ڪي قريب هين تمهاري آکين

مان جڏهن ڪار ۾ ٽهڪ ڏيندو پيو هلان تہ ڪنهن دوست ٽوڪيو ٽهڪ نہ ڏي، اڳلا ماڻهو ان کي بہ پنهنجي توهين سمجهندا. ڪنهن رئيس جي اوطاق تي ٻنهي گروپن جو راضي نامو ٿيو. اسان کي پاڪر پارايا ويا، جنهن بعد هاسٽل آياسين. ٺاهه جي خوشي ۾ ٻنهي گروپن هاسٽل ۾ هڪ ٻي ڪي ڏيکاريٽ ۽ هيسائٽ لاءِ طوفاني فائرنگ ڪئي. بهرحال ان ٺاهه بعد بہ ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ وري "ساڻيا لاتون ۽ ساڻي چگهه" لالا اسد ۽ سندس دوستن اهو چوٽ شروع ڪيو تہ اسان دلي طرح ٺاهه نہ ڪيو آهي، اسان پنهنجو پلاند ونڌاسين. نتيجي ۾ هي همراهه جهيڙو جهيڙو ڪندا رهيا، ٻنهي گروپن وري ٻيهر اسلحو گڏ ڪرڻ شروع ڪيو حالانڪ مير حسين علي تالپر وڏي ٻڌڪ بعد اهو ٺاهه ڪرايو هو جنهن ۾ مير صاحب جي ذاتي شرافت شامل هئي.

اهو جهيڙو اجا نہ ٽريو آهي، هڪ ڏينهن وڏو ممڻ ٻيهر مچڻو آهي، اسان ٻنهي گروپن مان جيستائين ماڻهو نہ مرندا تيستائين اهو جهيڙو هلندو رهندو. منهنجو خيال آهي تہ ڪنهن بہ ڏر مان جڏهن کو شاگرد مرندو پوءِ اهو جهيڙو شاگردن مان نڪري خاندانن ۽ ذاتين ۾ هليو ويندو. آخر وچ ۾ سردار پوندا، هڪ ٻي تي خون ۽ سنگ چٽي پوندا. اهڙي طرح ئي هن شاگردي جهيڙي جو انت ٿيندو.

❑

30 آڪٽوبر 1976
مٿرا ڪي چوبي

اسان جو برداشتي وفات علي جيڪو لطيف آباد حيدرآباد جو مهاجر آهي. اها خبر نہ آهي تہ ڪڏهن هجرت ڪري سنڌ آيو. پر هت زال جي چهري تي تيزاب هاڑ ڪري سزا ڪاٽي رهيو آهي، هن وقت جيل انتظاميا هن کي اسان جو بورچي ڪري موڪليو آهي. يار صفا گدلو سدائين ڏاڙهي وڌيل. ميري جيل جي پوشاڪ پاتل. بورچيگيري ڪري هميشہ ڪپڙن تي ڪارنهن ۽ گيهہ جا نشان. ڪائين سان ماني پچائڻ ڪري دونهي سان ڪارائيل. ڪڏهن تہ اکين ۾ چپيون بہ هونديون اٿس. هو مولانا محمد علي جوهر ۽ شوڪت علي جو عاشق آهي. هو اڪثر اسان کي هندستان جون مختلف ڳالهيون ٻڌائيندو رهندو آهي. اڪثر جمنا ڪناري اڌيل مٿرا شهر جي خوبصورتي جو احوال ڪندي بيخود ٿي ويندو آهي.

هون بہ مٿرا ڪرشن ڳڪوان جي جنم ڀومي آهي. اتي ڪيترائي اوائلي خوبصورت مندر خاص ڪري ڪرشنا مندر ۽ لکيمچند مندر جي اڌاوت ڏسڻ وٽان آهي. مٿرا جو تاريخي قلعو بہ جڳ مشهور آهي. هي اترپرديش جو شهر. دهلي ۽ آگره کان ڪجهہ فاصلي تي آهي.

جمنا نديءَ ڪناري اڌيل هي شهر دنيا جي ٽين نمبر وڏي ڌرم هندن جو پاڪ شهر آهي. دراصل جمنا ندي، گنگا ندي جي هڪ شاخ آهي. تاج محل بہ ان جمنا ڪناري اڌيل آهي.

اسان جڏهن ننڍڙا هئاسين تہ گهر ۾ هڪ گراموفون هوندو هو جنهن تي ڪنهن خاص مٽيريل جا ٺهيل وڏا رڪارڊ هلندا هئا. ڪن رڪاردن تي هز ماسٽر وائس جو ڪتو پڙ ڇاپيل هوندو هو ان وقت بابا

سائين وٽ تمام پراڻا ۽ ڪلاسيڪل گانن جا رڪارڊ هوندا هئا. هون ۾ بابا ڪي سوير اٿڻ جي عادت هوندي هئي، هو اڪثر ريڊيو تي بي بي سي جون خبرون ٻڌڻ بعد گرامو فون تي گانا ٻڌندو هو. بابا ڪندن لعل سهگل، پنڪج ملڪ، ڪوي پرديپ، بيگم اختر، مينا ڪماري، مختيار بيگم ۽ جيوٽي مائي وغيره جا گانا ٻڌندو هو. ڪڏهن ڪڏهن بابا ڪندن لعل سهگل جو ڳايل هي گانو ۾ ٻڌندو هو.

"مين نهين ماکن کائيو ميا موري"

هڪ دفعو بابا ان گاني جو مفهوم ٻڌايو ته هندن جو اوتار ڪرشن مهراج ننڍپڻ ۾ ڪافي شرارتي هوندو هو. هو پنهنجي ماءُ جو مکڻ چوري ڪري کائي ويندو هو ڪڏهن هو وٽن جي ٽارين ۾ لڪي گهات تي وهنجندڙ گوپين جا ڪپڙا کڻي ويندو هو. ته ڪنهن مهل ڪنڪريون هڻي هنن جا دلا ڀڃندو هو هون ۾ ڪرشن جي معنيٰ آهي ڪارو راڌا جي مورتي ۾ ڏسڻ وٽان آهي، جنهن ۾ هو بانسري وڄائيندي نظر ايندو آهي.

ڀگونت گيتا ۾ ڪورو ڪرشن ۽ پانڊون جي مها پارت هلندڙ جنگ دوران، ڪرشن جو پانڊون جي راجا ارجن کي، رٿ هلائڻ دوران ڏنل صلاحون، ڀگوت گيتا جي روپ ۾ محفوظ ڪيون ويون آهن.

بهرحال بقول وفات علي جي مٿرا وٽ جمنا ڪناري ڪيترائي گهاٽ آهن، ان پويتر پاٽي ۾ هزارين هندو ياتري سنان ڪرڻ ايندا آهن، خاص ڪري صبح جو سج اپرڻ مهل زيارتي پوڄا پاٺ ۽ ندي اڳيان سيس نمائڻ ايندا آهن، اتي هنومان جي مائٽن پولڙن جو وڏو انگ آهي، جيڪي زيارتن کان کائڻ پيئڻ جون شيون هٽن مان کسي ويندا آهن، ڪيتريون عورتون آرتي ۾ کڻي ايندیون آهن، ان کانسواءِ ڪيترا سياح رنگ برنگي ٻيڙين تي جمنا جو سير ڪندي نظر ايندا آهن.

گنگا ۽ جمنا ندي ڪناري ماتا جا مجسما ۾ رکيل آهن، جن تي عقيدتمند پيٽاطور گل ۽ کير هاريندا آهن، خاص ڪري اتي هولي جو ڏڻ وڏي ڏوم ڏام سان ملهايو ويندو آهي.

وفات علي تعجب واري انداز ۾ بار بار اها ڳالهه ٻڌائي ٻيو اتي جمنا ڪناري ٽهيل مندرن ۽ مقدس مقامن تي جيڪي ٻاووا/پروهت/برهمڻ وينا آهن. اڪثر ياتري ڪاڏي پيتي جو سامان پيٽا طور آڻي سندن اڳيان رکندا آهن. جڏهن هنن جا آندل لذيذ طعام پنڊت کائن ٿا تہ ياتري ڏاڍو خوش ٿين ٿا. ان گهڻي کائڻ ڪري اهي ٻاووا جن کي مقامي ماڻهو "متڑا ڪي چوبي" سڏن. کائي کائي اهڙا تہ ٽلها متارا ٿي ويا آهن جو چوبن لاءِ اٿڻ، ويهڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ ۾ ڏاڍو ڏکيو آهي. پر هو ايڏا طاقتور آهن. جو ڳئون ۽ ٻين ڳورن جانورن کي ڪلهي تي کڻي ويندا آهن. هنن کي بدن تي صرف پهلوانن ورا. "چوتا" پاتل هوندا آهن.

وفات علي "متڑا ڪي چوبي" جي اهڙي ياري ٻرڪم هيئت ٻڌائي جڻ اسان کي حيران ڪري ڇڏيو. سوچيان ٻيو تہ ڇا متڑا جا چوبا. جاپاني ڪشتي جي پهلوانن "سومو" کان ۾ وڌيڪ ڳورا هوندا.

الائي ڇو وفات علي متڑا جي چوبن جو ذڪر ڪيو آهي. شايد اسان مان ڪن دوستن جو وزن وڌڻ ڪري هن کي اهو خيال آيو. حالانڪ اسان کي هت بي ڪلاس مليل آهي. پر انتظاميا اسان کي سي ڪلاس جون سهولتون ۽ سيڊو سامان ڏئي ٿي. جيڪو هت اسان وارڊ ۾ پچرايون ٿا. بورچي خاني جو گهڻو سامان اسان پاڻ ٻاهران ونڊي ايندا آهيون. وفات علي ۾ ڪو پلو بورچي نہ آهي. شايد ماني پچائڻ ۾ هت سکيو آهي. گدلائپ ۽ منهن نہ ڏوئڻ ڪري ڪڏهن ڏٺي ناهي وڃندو.

□

5 آڪٽوبر 1976
قادو شيدي

اڄ صبح ٿڙا ماشا ۾ مشغول هئاسين ته وارڊ ۾ پنجاهي جي پيٽي ۾ هڪ ٽلهو متارو ڪارو قيدي اسان سان ملڻ آيو هن حال احوال دوران ٻڌايوته هن جو نالو قادو شيدي آهي، هن ۾ سندس ٻن ياٽرن کي خون جي ڪيس ۾ قاسي جي سزا ملي هئي، جيڪا بعد ۾ عمر قيد ۾ تبديل ٿي وئي، هن جڏهن پنهنجو نالو قادو شيدي ٻڌايو ته يڪدم مون کي ياد اچي ويو ته هن ئي ماڻهوءَ کافي سال اڳ اسان جي گهران چوري ڪئي هئي.

اسان 1960ع ڌاري جڏهن بادهه ۾ رهندا هئاسين، مان ايڌا ننڍن سالن جو هئس ۽ پرائمري پڙهندو هيس، گهر ۾ ننڍڙو ڀاءُ آفاق انصاري ايڌا بانبڙا پائيندو هو. جيئن ته ان وقت امان ۽ بابا ٻئي نوڪري ڪندا هئا، ان ڪري گهر جي سار سنيال نوڪرن ۽ نوڪراڻين حوالي هوندي هئي. اسان جي والدين ننڍڙي ڀاءُ آفاق کي گهمائڻ ۽ ڦيرائڻ لاءِ هڪ ڏهن سالن جو شيدي ڇوڪرو به رکيو هو هن جو نالو صابو شيدي هو. انهي شيدي جا وڏا ٻاٻر بادهه شهر ۾ ڪا سٽي شهريت نه رکندا هئا، هو شهر ۾ ٽوري گهٽي دادا گيري ۽ چوري چڪاري به ڪندا هئا.

بهرحال اونهاري رات جو سڀ گهر ياتي مٽي ڪوٽي تي وڃي سمهياسين، ان وقت بابا سائين شهر کان ٻاهر ڪٽي گشت تي ويل هو صبح جو جڏهن هيٺ ڪمرن ۾ آياسين ته ساري گهر جا در دروازا الماريون ڪليون پيون هيون، گهر جو سامان ۽ لٽا ڪپڑا ٽانو ٽپا هيڏي هوڏي پکڙيا پيا هئا. مطلب ته چورن گهر جي هر شيءَ اٿلائي پٽلائي پنهنجي سمجهه مطابق شيون کٽي ويا هئا. گهر ۾ چوري جي خبر ٻڌي بابا جي آفيس جا ماڻهو پوليس سميت پهچي ويا.

اسان جي گھر جي پوئين پاسي کان ھڪ اسڪول جي راندين جو ميدان ھوندو ھو. پوليس پاڻ سان ھڪ پيرائي بہ آندو ھو. ھن گھر جو آسپاس جو معائنو ڪرڻ بعد ٻڌايو تہ چور اسڪول واري پاسي کان مٿي گھر جي ڪوٺي تي چڙھي سامان سميت ساڳي پاسي کان لٿا آھن. پيرائي اسڪول جي ميدان تي ڪجھ پيرن جي نشان تي چوگرد ليکو ڪيندو اڳتي ھلندو پي ويو. پوليس انھن پيرن کي ڪنھن شيءَ سان ڏکيندي پي وئي. ڪن پيرن جي نشانن مٿان ٽکر جي پاٽ تہ ڪن مٿان ٽالھ. ڪي پير ڪاري سان ڏکيا ويا. اسان پھريون دفعو ڏٺوسين تہ پيرائي ڪھڙي مھارت سان ڪم ڪندو آھي.

بھرحال پوليس ۽ پيرائي ان وقت تي ٻڌايو تہ اھا چوري قادو شيدي ۽ سندس ساٿين ڪئي آھي. پوليس قادو شيدي کي گرفتار ڪري اسان جو چوري ٿيل سامان موٽرائي ڏنو ھو. مطلب تہ ننڍپڻ قادو شيدي جو نفرت آميز نالو منھنجي ڪچڙي ذھن تي نقش ٿيل ھو.

پر ھت جڏھن اسان وٽ ڪچھري تي آيو مان کيس ڪڏھن بہ ڪيل اھا چوري ياد نہ ڏياري. مان پوءِ جڏھن بہ حاضري تي ويندو ھيس تہ ھن جي فرمائش تي ڪڏھن ھن لاءِ چپل. ڪڏھن سگريٽ ۽ ڪنھن مھل کاڌي پيتي جو سامان وٺي ايندو ھيس. ٿي سگھي ٿو تہ ھن نمڪ حرام کان اھو انصاري خاندان بہ وسري ويو ھجي. مان تہ ان وقت پرائمري جي پھرين ڪلاس ۾ پڙھندو ھيس پر ھاڻي بہ ان وقت اسان جي ڪچڙي ذھن تي سندس کيل چوري ۽ زمين تي سندس نقش ٿيل ڳڻن پيرن جي نشانن تي پيرائي جا رکيل ڏک چٽا بيٺا آھن.

قادو جي ڪچھرين مان خبر پوندي ھئي تہ گرفتاري کان اڳ ھو لاڙڪاڻي جي محمد موسيٰ ڀگھيو ۽ ٻين وڏيرن جو واٽو ھو. وڏيرا ھن کي ھٿيار ڏئي پنھنجي ڪليل جيل ۾ ڪٽي گھمائيندا ھئا ۽ کيس پاڻ جھڙن مظلومن ۽ پيڙھيل ڪڙمين ڪاسبين تي بيڇ ڪرائيندا ھئا. مون کي ڪچھري ۾ کيل سندس اھڙن ڳالھين تي بيڇا ايندي ھئي پر ڪڏھن بہ ساڻس چڙ ۽ نفرت جو اظھار نہ ڪيو ھاڻي تہ ٻئي قيدي ھٿاسين.



10 آڪٽوبر 1976
راند ڇڙ عبادت

شام ڏاري ورزش دوران جسم کي ڪافي وٽ ست ڏنا. ننڍپڻ کان راندين سان عشق هئڻ ڪري ڪلاس روم کان وڌيڪ راندين جي ميدانن تي حاضري رهي آهي. وري جڏهن ائٿليٽ ٿيڻ جو جنون جاڳيو تنهن ته ڇڙ چريو ڪري ڇڏيو. اسان کي ٻڌايو ويو ته هڪ سٺي ائٿليٽ لاءِ پنج "S" ضروري آهن. Strength (طاقت)، Speed (تيزي)، Stamina(سگهه)، Supplnees (لچڪ)، Skill (چاڻ).

اسان کي پاڻ ۾ اهي پنج "S" پيدا ڪرڻ لاءِ گهٽ وقت گرائونڊ ۽ جم ۾ گذارڻو پوندو هو.

لاڙڪاڻي ۾ خوش قسمتي سان لاهوري محلي ۾ رهائش ۽ اسڪول ويجهو هئڻ ڪري اسان جو گهڻو وقت گورنمينٽ پائلٽ سيڪنڈري اسڪول جي ميدانن تي گذرندو هو. ڇهين ڪلاس جي ڪرڪيٽ ٽيم ۾ اسان جي ڪلاس جو ڪپتان ماجد شاهه ۽ مان وائس ڪپتان هيس. مان جڏهن ائين ڪلاس ۾ آيس ته اسڪول جي ڪرڪيٽ جي فرسٽ الیون ۾ ڪيڏڻ لڳس. سائين هادي بخش بلوچ ۽ سائين عبدالخالق سومرو اسان جي راندين جا انچارج هئا.

ڪافي دفعا ڪرڪيٽ جي انٽر اسڪول ۽ انٽر بورڊ مقابلن ۾ حصو وٺڻ لاءِ حيدرآباد ۾ نور محمد هاءِ اسڪول ۽ نول راءِ اڪيڈمي ۾ اچي رهيا هئاسين.

ڪرڪيٽ جي شوق دوران اڪثر ائٿليٽڪ جي ڪن ايونٽس ۾ به حصو وٺندو هئس. خاص ڪري ڪرڪيٽ جو فاسٽ بالر هئڻ ڪري منهنجو جويلن ٽرو سٺو هوندو هو.

اسان جڏهن مئٽرڪ پاس ڪري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ داخلا ورتي، اتي راجا ڊائريڪٽر فزيڪل ايجيوڪيشن (D.P.E) هو هن جي بدلي ٽيٽ بعد شڪارپور سان واسطو رکندڙ آغا منظور پٹاڻ D.P.E ٿي آيو جيڪو پاڻ هڪ سٺو ائٿليٽ ۽ ڪوچ هو. هو جرمني وغيره مان ڪوچنگ جا ڪورس ڪري آيو هو. اڳي راند اسان لاءِ صرف شوق هئي، پر سائين آغا منظور جي ويجهڙائي ڪري هاڻي راند اسان لاءِ عبادت جو درجو رکڻ لڳي. آغا منظور اسان کي ذهني توڙي جسماني طور وڏن مقابلن لاءِ تيار ڪيو. 1970ع ڏاري حيدرآباد بورڊ جا جڏهن نياز اسٽيڊيم ۾ مقابلا ٿيا تہ مان جيولن ٿرو ۽ ريلي ريس ۾ حصو ورتو. ٻئي سال بورڊ جي مقابلن ۾ حصو وٺڻ لاءِ اسان وڏي تياري ڪري آياسين، ان ٽيم ۾ شڪيل شاهہ، ڪليم لاشاري، حاجن لاڙڪ، غلام رسول ڪوسو لائق، منظور شيخ، مشتاق سولنگي، بشير شاهاڻي هيا.

مان اڪثر جويلن، ڊسڪ ۽ هيمر ٿرو سان گڏ شاٽ پٽ اڇلينڊو هيس. شڪيل شاهہ 100 ۽ 200 ميٽر ريس سان گڏ لانگ جمپ ۽ ٽرپل جمپ ڪندو هو. ڪليم لاشاري هڪ ميل ۽ ٽي ميل جي ڊوڙ ۾ حصو وٺندو هو. لائق جمپ ۽ پول والٽ جو ماهر هو. حاجن لاڙڪ ٻہ هاءِ جمپ ۽ شارٽ ريس ۾ سٺو هو.

1971ع ڏاري حيدرآباد بورڊ جي ائٿليٽڪ ٽيم سان گڏجي ايبٽ آباد ويس، جتي پاڪستان انٽر بورڊ جي مقابلن ۾ حصو ورتو. حيدرآباد بورڊ جي ٽيم ڪجهہ راندين گرن جا نالا ياد آهن، جن جاويد (ڪيڊٽ ڪاليج پٽارو)، جعفر بيگ، اسلم بيگ (سکر جا چوڪرا).

ايبٽ آباد ۾ اسان کي پبلڪ اسڪول ۾ رهايو ويو ۽ مقابلو آرمي جي ڪنهن ميدان تي هئا. مقابلن کان اڳ اسان ايبٽ آباد جي بازار ۾ چڪر ڏئي رهيا هئاسين، تہ فٽ پاٽ تي هڪ همراهہ سلاجيت وڪڻي رهيو هو هن جڏهن هوڪا ڏئي سلاجيت جا فائدا ۽ ڪرشما ٻڌايا، اسان جي هڪ سنهڑي سڪڑي روهڑي جي راندين گر يڪدم ٻہ ڊهيلون ورتيون، يار جي ٻئي ڏينهن تي ٽن ميلن واري ڊوڙ جو مقابلو هو. همراهہ هاسٽل پهچي تڙ تڪڙ ۾ طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ سلاجيت جا ٻہ تي ڊوز

کائي ڇڏيا، هن خيالن ئي خيالن ۾ پاڻ کي وڪتري استينڈ تي گولڊ ميڈل پائيندي ڏٺو.

يار جي ٿوري ئي دير ۾ حالت ڏاڍي خراب ٿي وئي، هن ۾ ٿي دفعا پٽڻ دستن ڪري پنهنجا ڪپڙا خراب ڪري ڇڏيا، هن ڊڪ ڊوڙ ڪان بچڻ لاءِ پنهنجي ڪٽ ڪٽائي اچي واش روم جي دروازي تي رکائي. همراهه ساري رات جاڳندي، چنگهندي گذاري، واش روم اندر الڳ قهرام متل هو.

صبح اسان سپ ٽريڪ سئوٽ وغيره پائي ڪٽ بيگ کلهن تي رکي مقابلي لاءِ تيار ٿياسين، يار کي به هلڻ لاءِ چيوسين پر يار کٽ تي پيلو ڦان لڳو پيو هو. خشڪ وات هئڻ ڪري هو چپ ۾ مشڪل سان پيو چوري، اسان کيس ٽوٽيو ڏئي اٽارڻ جي ڪوشش ڪئي ته تون ميدان تي هلي صرف مقابلو ڏس، پر هن جا ڪُکن ۾ هٿ ڏسي کيس هاسٽل ۾ اکيلو ڇڏي آياسين. بهرحال مقابلو ختم ٿيڻ بعد ۾ همراهه کي سهارو ڏئي، ريل ۾ چاڙهي روهڑي گهر پهچايو هو.

ائٿليٽڪ جي شوق جي ڳالهه نڪتي آهي ته بورڊ جي ٽيم ۾ سليڪٽ ٿيڻ بعد اسان سنڌ يونيورسٽي جي انٽر ڪاليجيٽ جا مقابلا ۾ کٽيا ها، اسان چئن ڇٽن شڪيل شاهه، ڪليم لاشاري، حاجن لاڙڪ ۽ مان سنڌ يونيورسٽي جي انٽر ڪاليجيٽ جي ٽرافي کٽي هئي، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج جي تاريخ ۾ ائٿليٽڪ چيمپئن شپ تي اها پهرين ٽرافي هئي جيڪا اسان کٽي آيا هئاسين. اسان يونيورسٽي جي ان مقابلن دوران اقبال هاسٽل ۾ راجا الياس ۽ مير منصب جڪراڻي جا مهمان هئاسين، ان هاسٽل ۾ رهندڙ هڪ ائٿليٽ شاگرد زرداري ۾ رهندو هو جيڪو پڻ ان مقابلن ۾ حصو ونڊي رهيو هو.

هڪ ڏينهن مان هاسٽل ۾ قطار ۾ ٽهيل ڪامن غسل خاني ۾ هڪ ۾ وهنجي رهيو هيس ته زرداري ڪامن باٿ روم ۾ داخل ٿيو، هن کي اها خبر ڪانه هئي ته مان ۾ ڪنهن غسل خاني اندر وهنجي رهيو آهيان، ان مهل ڪنهن شاگرد سرائيڪي ۾ زرداري کان پڇيو.

"زرداري ڈي خبر مقابلي ۾ ڪو انعام وغيره ڇاتئه" زرداري باهه ۾ وڏي واڪي اسان ڇڪي گار ڏيندي چيو.

"نہ يار لاڙڪاڻي ڪون ڏون ڪارڙي ڪارڙي... چورڙي آئي هن.... ساري انعام چاڪئي." اهي ٻہ .... ڪارڙا چورا شڪيل ۽ مان هئاسين، جيڪي ڪليم لاشاري ۽ حاجن لاڙڪ سان گڏجي يونيورسٽي جي چيمپئن شپ سان گڏ انعامن جون ڪوٽيون پري آيا هئاسين.

راندیگر هڻڻ سان گڏ مان شاگردي دوران ئي پاڪستان ائٽليٽڪ جو ڪوالیفائیڈ ڪوچ ٻہ آهيان. اهو ڪورس نيشنل سينٽر ڪراچي ۾ ميجر حميد ۽ ملڪ جي ٻين مايہ ناز ڪوچز ڪرايو هو.

مان ملڪ ۽ ايشيا جي مشهور ائٽليٽ حوالدار محمد يونس (ايشيا جو وڏي ڊوڙ جو چيمپئن) الهہ دتا (جيولن ٿرور)، عبدالرزاق (100 ميٽر) ۽ ٻين راندیگرن سان گڏ پاڪستان ڪئمپ ۾ ٻہ رهيو آهيان. ان ڪئمپ جي راندیگرن کي شهنشاهہ ايران جي صد ساله جشن ۾ حصو وٺڻ لاءِ ايران وڃڻو هو. جيئن تہ ان ڪئمپ ۾ ٻيا سڀ راندیگر آرمي جا هئا، صرف مان شاگرد هيس، مون لاءِ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ جيئن تہ هي آرمي جو نہ آهي، ان ڪري ڪوبہ ادارو يا ايسوسيئيشن هن جو خرچ پري تہ ڪيس ٽيم ۾ شامل ڪري ايران موڪلجي. پر ڪنهن بہ ايسوسيئيشن منهنجو خرچ نہ پريو ان ڪري ايران وڃي نہ سگهيس.

ڪجهہ ڏينهن بعد ڪرڪيٽ جي ٽرافي ميچز کيڏڻ ڪوئيٽا ويس تہ بازار ۾ انهن ائٽليٽ راندیگرن سان ملاقات ٿي، هو ايران ۾ راندين ۾ حصو وٺڻ بعد واپس وريا هئا.

بهرحال انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا بعد سڀ کان پهريان مان ئي ڪپتان جي حيثيت ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي ائٽليٽڪ ٽيم لاهور انٽر ورسٽي مقابلن لاءِ وٺي ويو هيس. انجنيئرنگ ڪاليج جو ان وقت ايجا لوگو ٻہ نہ هيو هو. مان ڪليم لاشاري کان هڪ عارضي لوگو ڪاري رنگ جي هڪ مشين جي گراڙي، پيلي رنگ جي گنجن تي نقش ڪرائي ٽيم وٺي ويو هيس.

ساڳئي وقت مون کي اهو ٻہ اعزاز حاصل آهي تہ مان انجنيئرنگ ڪاليج جو پهرين سال ئي ڪرڪيٽ جو ڪپتان بڻجي ويس، جيڪو هن وقت ٻہ آهيان. ائين چئجي تہ جنهن وقت مان نوابشاهہ

انجنيئرنگ کاليج ۾ اچي داخلا ورتي. ان مهل ئي ڪراچي ۾ پاڪستان ڪئمپ لاءِ به سلڪيٽ ٿيو هئس. هن ٽيم کي انگلينڊ جو دوري تي وڃڻو هو. مان اها ڪئمپ ڇڏي اچي پهرين سيمسٽر جا ڪلاسز اٽينڊ ڪيا هئا.



13 آڪٽوبر 1976ع
ناٽو اوڏ

خيرپور جيل ۾ اسان سياسي قيدي، پنهنجي پنهنجي انداز سان وقت گذارڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. رسول بخش ٽيپي شاعري شروع ڪري چڏي آهي. غلام رسول ڪوسي، صفائي ستڪائي ۽ راندين جي چارج سنيالي آهي. نديم عباسي نڙا ماشا ۾ مشغول ملندو آهي. حبيب الله ڪابوري جي اک ڪلندي مَس آهي ته جيل جا پراڻا گاگهه قيدي هن وٽ اچي پنهنجي دل جو غبار هلڪو ڪندا آهن. مان به اڪثر اهڙين ڪچهرين جو اچي پاسو ونندو آهيان.

ڪڏهن ڪنهن قيدي جي آتم ڪٿا ايڏي ته دل ڏارينڏڙ هوندي هئي جو هو پاتال ۾ سزا پوڳيندڙ کو ديومالائي ڪردار لڳندو هو. اهڙي طرح جيل ۾ روزانو عجيب و غريب ماڻهن سان ملاقاتون رهنديون آهن. خيرپور جيل ۾ ڪجهه ڪردار اهڙا مليا آهن جيڪي وسارڻ جهڙا نه آهن. جيل ۾ ڪيترا اهڙا قيدي به مليا جيڪي ناڪرده گناهن جي سزا پوڳي رهيا آهن. انهن مان ڪي ته ويچارا ناحق ڦاسي جي ڦندي ۾ ڦٽڪندي ڏٺا. مطلب ته جيل هڪ هيبتناڪ دنيا هئي، جتي هر ڏوهي توڙي بي ڏوهي ذلت ۽ رسوائي جي دوزخ ۾ ڪڙهندو رهي ٿو.

ڪالهه شام جو جيل ۾ ويٺا هياسين ته هڪ قدآور همراهه، مقدمو واري ڳاڙهي ٽوپي پايون، وارڊ ۾ داخل ٿيو. هن شهتير جهڙي مڙس جي ڪليل ڇهري تي، ڳڪي ڏاڙهي ۽ ڪنن ۾ ڪيوٽين جا سوراخ هئا. هلڪي پورين اکين وارو هي قيدي، پهرين ئي نظر ۾ مون کي جڙ ڪو يوناني ديوتا لڳو. همراهه حال احوال دوران، پنهنجو نالو ناٽو ۽ ذات اُوڏ ٻڌائي. مون ڪانئس ڪيل ڏوهه جي باري ۾ پڇيو. همراهه ٿوري گوڙ

ناڻ بعد ٻڌايو تہ "هن پنهنجي شاديءَ رات ئي خون ڪيا هئا، ڪيس قاسي جي سزا لڳي. جيڪا پوءِ هڪ مسلمان دوست جي ڪوشش ۽ پئسو پاڻي جيان وهائڻ بعد عمرقيد ۾ تبديل ٿي وئي. پندرهن سالن کان وٺي اڄ تائين اهو دوست هر مهيني هت جيل ۾ ڪيس خرچ پکو ڏيندو آهي. ساڳئي وقت هو سندس گهر، هن جي ماءُ ۽ زال کي مهيني جو سيدو سامان ڏئي ايندو آهي." ناٽي اوڏ جو ڳالهه ڪرڻ جو انداز اهڙو تہ دلچسپ ۽ پُراثر هو. جو مان پنهنجي زندگي ۾ تمام گهٽ اهڙا قصاگو Story Teller ٻڌا آهن. مان ان اوڏ جي ٻڌايل سچي کهاڻي کان متاثر ٿي سوچان ٿو تہ ان تي ڪا کهاڻي يا ناول لکجي.

اڄ ريل رستي نواب شاهه حاضري لاءِ روانا ٿياسين. نواب شاهه اسٽيشن تي ئي منير رانا جا ياٽر ماني وغيره کڻي آيا. اتي اشرف پٽي، سندس عزيز درياهه خان پٽي ۽ حميد ميمڻ پڻ آڏر ياءُ لاءِ آيا. اتان پنڌ ئي عنايت رند جي اوطاق تي اچي لڏو لاٿو. چانهه چڪي دوران اسان جي ڪاليج جا همراهه، دلاور ميمڻ، روشن جوٽيجو، عمرالدين زرداري، پير بخش سولنگي پڻ ڪچهري لاءِ اچي ويا. رات جو اشرف پٽي جي گاڏي تي دلاور ميمڻ، استاد بَبوُ امتياز ميمڻ ۽ شبير شاهه سان گڏجي سڪرنڊ وڃي ماني کاڏي. آڏي رات شبير شاهه کي سندس هاسٽل ڇڏڻ پي وياسين تہ گاڏي جو ٽائر پنڪچر ٿي ويو. اتفاق سان اتي پٽر کڻڻ مهل هڪ نانگ پڻ لڪيو ويٺو هو جنهن کي ماريوسين. اهڙي طرح رات جو پي بجي اچي آرام ڪيو.

□

14 آڪٽوبر 1976
بابو مڪراني ۽ خالد چنہ

صبح جو سيشن ڪورٽ حاضري دوران ڪافي مهربان ملڻ آيا. جن ۾ نصرجان، امتياز ميمڻ، عبدالرحمان انصاري، سعيد سمون، بابو مڪراني ۽ خالد چنہ وغيره شامل هئا.

بابو مڪراني جو اشرف پٽي سان گهاٽو ياراڻو آهي ان ڪري اسان سان بہ محبت اٿس. هلڪو دادا هئڻ ڪري اڪثر اسان جي جهيڙي مهل هٿيارن جي ۽ ٻي مدد ڪندو آهي. مطلب ضرورت مهل يار وسان نہ گهٽائيندو آهي. سچو ڪرو ۽ سنئون سڏو انسان آهي. اڪثر لائين پار نظر ايندو آهي. پاڻ پورهيت هئڻ هوندي بہ غريب پَرور آهي. هن وٽان ڪو بہ ضرورت مند خالي نہ ويندو آهي. ڪنهن کي پنهنجي واقفيت سان دڪاندار کان اوڌر تي ڪپڑا وٺي ڏيندو تہ ڪنهن کي قسطن ۾ پئسا ڏئي ڇڏيندو آهي. ڪي دڪاندار تہ بابو کي راضي ڪرڻ لاءِ مفت ۾ بہ حاجت مند کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏئي ڇڏيندا آهن.

اهڙي طرح خالد چنہ بہ مهل جو مڙس ماڻهو آهي. هن جي آڻت ئي اسان لاءِ ڪافي هوندي آهي. چار اٽ دوست سدائين ساڻ هوندا اٿس. گلابي اکين ۽ ملائم لهجي ۾ گفتگو ڪندڙ خالد چنہ بَلا جو سونهن پرست آهي. ساٽس ڪچهري ۾ مزو ايندو آهي.

"خوب گزري گي مل بيٺين گي جب ديواني دو"

❑

15 آڪٽوبر 1976
ماما امير حمزو مينگل

ڪاڪ ۾ پوڻ ڪانپوءِ دوستن جو ايتريون ته نوازشون آهن جو ڳڻائي نٿيون سگهجن. ان جو مک سبب اهو آهي جو اسان سنڌي قومپرست شاگرد اڳواڻن ايڏا قوم سان ويساهه گهاتي نه ڪئي آهي. سنڌي قوم وڏو پيار ڪندڙ قوم آهي. اسان جيل مان ڪراچي حاضري لاءِ جيئن ئي پير ٻاهر ڪيون ٽا ته جيل جي دروازي تي ئي ڪجهه دوست انتظار ۾ هوندا آهن. جيڪي اسان جي گاڏي سان گڏ جلوس جي صورت ۾ ريلوي اسٽيشن تائين ايندا آهن. خيرپور ريلوي اسٽيشن تي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج، پوليٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ ۽ اسڪولن جا شاگرد اڳ ئي آڏر ياءِ لاءِ بيٺا هوندا آهن. انهن مان ڪجهه ساڻي گڏ ريل ۾ چڙهي ڪچهريون ڪندا هلندا آهن. پوءِ پدعيدن يا نواب شاهه ۾ لهي ٻي گاڏي ۾ واپس ورندا آهن. اڄ ٻه ڪراچي ٽربيونل حاضري لاءِ خيرپور کان نواب شاهه تائين ڪيترا شاگرد رليا هليا. نواب شاهه جي اسٽيشن تي وري اسان جي ڪاليج جي ويهه کن شاگردن هٿ لوڏي پليڪار ڪئي. جن ۾ نقيب شاهه، مالڪ ڏنو شيخ، انور نارائي، فيض محمد ميمڻ، مشتاق علي خواجه، روشن جوٽيجو، غلام علي نظاماڻي ۽ ٻيا ساڻي هئا. اهي دوست وري حيدرآباد تائين اسان سان ڪچهريون ڪندا هليا. رستي ۾ امير حمزو مينگل سان ڪاليج جي مسئلن ۽ هن تحريڪ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي تي غور ڪندا رهياسين.

امير حمزو مينگل جنهن کي پيار ۾ شاگرد "ماما امير حمزو" سڏيندا آهن ان جو تعلق دادو سان آهي. تمام نفيس جسم جو مالڪ پر بلا جو ذهين آهي. اسان جي صلاح ثواب ۾ ۽ هر هلچل جو سرواڻ

رهيو آهي. گفتگو جو ماهر هئڻ سان گڏ شعلا بيان مقرر آهي. دوستن کي گڏ ڪڻي هلڻ جي صلاحيت ڪو هن کان سکي. هن جي سحر انگيز شخصيت ڪري ڪافي دوست هن جي اثر ۾ آهن ان ڪري هن جو پنهنجو سنجيده شاگردن جو هڪ حلقو آهي. سچ کي سچ ڪوڙ کي ڪوڙ چوندڙ هن شخص لاءِ مون وٽ لک عزتون آهن. بهرحال دوستن سان ڀاڙ ٽڪاءَ هٽندا حيدرآباد ريلوي استيشن تي پهتاسين تہ اتي ادا حسين بخش ٽيپو، اقبال عباسي، حسين بخش ميمڻ ۽ ٻيا مهربان منتظر هئا.



16 آڪٽوبر 1976
سجاد حسين انصاري

ڪراچي ٽربيونل ۾ صبح جو حاضري تي پهتاسين تہ اتي شڪيل شاهہ، مختيار جلباٽي، اعجاز پنهنڙ، سرفراز جلباٽي، سجاد حسين انصاري ۽ ٻيا ساٿي ملڻ آيا. ڪورٽ بعد سجاد حسين انصاري اسان سيني کي ماني لاءِ هوٽل تي وٺي آيو.

اسان جي لاڙڪاڻي جي دوست سجاد حسين انصاري جي نندپڻ کان ئي پرڪشش شخصيت رهي آهي. اسڪول جي زماني کان وٺي ڪرڪيٽ سان گڏ شاهہ عبداللطيف اسڪائوٽ اوپن گروپ جو سرگرم ساٿاري رهيو آهي. يار جي خاص خوبي اها آهي جو ڪنهن بہ دوست جي تڪليف ڏسي پريشان ٿي ويندو آهي. پوءِ هن جي هڙان وڙان مدد ڪرڻ ۾ پوئتي پير نہ ڪندو آهي. مون تي ذاتي طور تي لک ٿورا ٿس. اڄ مان انجينيئرنگ ڪاليج ۾ هن شخص ۽ سائين قائم الدين شيخ جي مهربانين سان آهيان. سجاد انصاري ۽ سائين قائم الدين شيخ پري انجينيئرنگ جي پريڪٽيڪل وغيره ۾ وٽ پڪڙ ڪري تمام سٺيون مارڪون وٺرائي ڏنيون هيون. ان ڪري ميرٽ تي منهنجي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا ٿي. حالانڪ ان وقت لاڙڪاڻو شهر جون صرف بہ سيٽون هيون. اهو سچ آهي تہ باوجود چاهڻ جي مان سجاد انصاري جو هڪ بہ ٽورو لاهي نہ سگهندس. جنهن مون کي انجنيئر بڻايو.

□

17 آڪٽوبر 1976
عمر سيال سان جُٽ

پوليس اسان کي گرفتاري وقت بين الزامن سان گڏ اهو به قلم هيون آهي ته اسان غيرقانوني طور "پنيٽ" اخبار به ڪڍندا آهيون. پوليس اسان خلاف پنيٽ جا ڪي پرچا به هٽ ڪيا هئا. اها حقيقت آهي ته انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهه ۾ پڙهائي دوران اسان جي دوستن خاص ڪري حبيب الله ڪابوري جو اهو خيال ٿيو ته چو نه سياسي سجاڳي ۽ ڪاليج جي مسئلن تي ڪا هفته وار اخبار ڪڍجي. اسان پئسن جي گهٽتائي ڪري ڪجهه صفحن جي اخبار شايع ڪرڻ جو سوچيو. پهريان اخبار ڇپائڻ لاءِ ڪجهه پريسن ڏي پنڊ ڪياسين پر ڪابه پريس حڪومت خلاف اهڙو مواد ڇاپڻ لاءِ تيار نه ٿي. لاچار اسان اخبار کي سائيڪلو اسٽائل مشين تي ڇاپڻ جو پروگرام ٺاهيو. اسان هر دفعي ڪاليج جي شاگردن مان اهڙو مواد هٽ ڪرڻ بعد نوابشاهه مان ڪنهن سواري تي چڙهي سڪرنڊ پرسان سائين امداد محمد شاهه جي ڳوٺ مجيد ڪيريو اچي پهچندا هئاسين. جتي سائين جي اوطاق تي ڪجهه دير آرام ڪري پوءِ پنڊ ئي پنڊ ڪچو لتاڙي ڪنهن پاٽي جي مدد سان ٻيڙي تي درياهه پار ڪري وري پيرن جا ستڪا ڪندا اچي سائين جي ايم سيد وٽ پهچنداسين. ڏينهن ڏيڍ پوءِ اتي رهي سائين جي ايم سيد سان ڪچهريون ڪري سن مان سائيڪلو اسٽائيل مشين تي اخبار ڇپرائيندا هئاسين.

اخبار ڇپائڻ ۾ تاج جويو وڏي مدد ڪندو هو. ان بعد اخبار جا پرچا ڪلهن تي کڻي ساڳي نموني درياهه پار ڪري اچي هاسٽل پهچندا هئاسين.

هڪ دفعو اسان جي دوستن خيال ڪيو تہ پنيٽ اخبار ڪيڙ لاءِ هر دفعي سن ويڙ کان بهتر آهي تہ پنهنجي ڪا سائيڪلو استائيل مشين هٽ ڪجي. اسان شاگردن وٽ مشين خريد ڪرڻ جيترا پئسا هئا ئي ڪونہ آخر اها رٽ رٽي سين تہ ڪنهن اداري يا دڪان مان اها مشين چورائجي.

ان وقت اسان جو دوست علي محمد شاهہ لڪياري گورنمينٽ گرلس ڪاليج نوابشاهہ ۾ نوڪري ڪندوهو هڪ دفعي هن جي ڳالهين مان خبر پئي تہ گرلز ڪاليج نوابشاهہ ۾ هڪ سائيڪلو استائل مشين پئي آهي. اسان مخبرن ذريعي جائزو ورتو تہ ڪاليج مان اها مشين اسان رات جوئي ڪٽي سگهون ٿا. ان لاءِ اها پلاننگ ٺاهي تہ اسان رات جي اُونداهي ۾ ڪاليج جي پٺ ٽپي چوڪيدار کي رسن سان ٻڌي مڙسان مڙسي ان مشين کي کلهو ڏئي سگهون ٿا. ان لاءِ چوڪيدار کي هيسائڻ لاءِ هٿيار ۽ ڪيس سوگهو ڪرڻ لاءِ رسا وغيره پڻ هٽ ڪيا. مقرر تاريخ تي اسان جو جٿو هاسٽل ۾ باقائده آپريشن لاءِ هٿيارن پنهوارن سان تيار لڳو بيٺو هو.

هاڻي سوال اهو پيدا ٿيو تہ اسان چوڪيدار کي ٻڌڻ بعد اها ڳوري مشين چار پنج ڪلوميٽر پري پنهنجي هاسٽل تائين ڪيئن پهچايون. اسان جي هڙ ۾ تہ ايترا پئسابہ نہ هئا تہ ڪا گاڏي ياڙي تي ڪجي. يا ڪنهن کان گاڏي اڌاري ونجي. ان وقت نوابشاهہ انجنيئرنگ ڪاليج ايڪا نئون ڪليو هو. ڪاليج وٽ بہ پوريون گاڏيون ڪونہ هيون. ڪاليج جي ڪم ڪار لاءِ هڪ وين هوندي هئي. جيڪا هنگامي حالتن ۾ ايمبولينس جو ڪم بہ ڏيندي هئي. هاسٽل ۾ ڪوبہ چوڪرو بيمار ٿيندو هو تہ اها ايمبولينس گهرائي ونبي هئي. اسان منصوبو اهو ٺاهيو تہ هاسٽل ۾ هروپرو ڪنهن شاگرد کي بيمار ڏيکاري ايمبولينس گهرائبي. ان بعد ڊرائيور کي راضي يا دهمائن سان اها مشين هاسٽل ڪٽي اچجي.

بهرحال اسان ايمبولينس گهرائڻ لاءِ پنهنجي دوست عمر سيال کي خوامخواهہ بيمار بڻائي بستري تي سمهاري اچي هاءِ گهوڑا ڪئي. واردن بہ اسان جو ٻاڪر ڪتو ڏسي ڊوڙندو آيو. هن عمر سيال کي پيٽ

جي سور ڪري ڪرڙيون هڻندو ڏسي يڪدم ايمبولينس گهرائي ڏني. عمر سيال پيٽ جي موتمار سور ڪري ٽڙندو ٽاپڙندو گاڏي ۾ چڙهيو.

اسپتال پهچي اسان وٽي روج راڙو شروع ڪيو ته اسان جو دلبر دوست پيٽ جي سور ڪري جاڻ شهيد ٿيو. ڊاڪٽرن کي پرواهه ئي ڪانهي. اسان کين ڏمڪي ڏني ته عمر سيال جي شهادت جو خون اسان ڊاڪٽرن جي ڳچي ۾ وجهنداسين. يڪدم ڊاڪٽر پهچي ويا. جن اسان جي دوست تي انجيڪشن ۽ دوائن جا ڏوڙيا لاهي ڏنا. ڊرپ چاڙهي ڪيس ڊاڪٽر ڪجهه دير تپاسيندا رهيا. اسان جو هڪ ٻاڏ دوست مريض کي آڏت سان گڏ زور ڏئي رهيو هو. اسان باقي ساٿي ايمبولينس ڊرائيور کي مشين جي چوري جو منصوبو ٻڌائڻ بنا، گاڏي سڌو گرلس ڪاليج جي پوئين پاسي واري ديوار ۾ پرسان اچي بيهاري. ڊرائيور کي صرف اهو ٻڌايو ته اسپتال ۾ مريض جيستائين سانت ۾ اچي تيستائين ڪنهن دوست جو ضروري سامان هاسٽل پهچائڻو آهي. هون به اسان ويڙهو ليڈر هڻڻ ڪري ڊرائيور به اسان کان ڪجهه لهرائيندا هئا ۽ ساڳي وقت خيال به ڪندا هئا.

اسان ڪجهه دوست ايمبولينس تي ته ڪجهه پنڌ اچي ڪاليج وٽ پهتاسين. گاڏي کي ڪجهه پريرو اونداهي ۾ بيهاري هڪ ساٿي کي ڊرائيور سان ڪچهري لاءِ ڇڏي. اسان لڪ ڇپ ۾ ڪاليج جي ان ديوار وٽ پهتاسين، جتي سائيڪلو استائل مشين پئي هئي. اسان جا ڪجهه دوست هڪ ٻي کي ڪلها ڏئي ديوار چڙهي ڪاليج اندر ٽپيا. هڪ ساٿي ديوار پرسان بينل وڻ تي چڙهي چوڪيدار تي نظر رکي رهيو هو. چوڪيدار به غافل نه هو. هو به ڪاليج جو گشت ڪري رهيو هو. اسان جيستائين چوڪيدار تي قابو پائڻ جو سوچيون، ان کان اڳ اسان جو ساٿي جيڪو ايمبولينس وٽ بينو هو. ان اچي اطلاع ڏنو ته اونداهه ۾ گاڏي بينل ڏسي گشت ڪندڙ پوليس هڪ ٻه دفعو اچي اتي بيهڻ جو سبب پڇيو آهي. لڳي ٿو ته پوليس کي شڪ پئجي ويو آهي، هو اسان جي تاڙ ۾ آهي.

پوليس جي شڪ ۽ چوڪيدار کي به هوشيار ڏسي، اسان کي پنهنجو منصوبو ڪامياب ٿيندو نظر نه پيو اچي. ڪاليج اندر داخل

ٽيل همراهن ۾ ٻڌايو تہ چوکيدار کي قابو ڪرڻ بعد هٿوڙن سان قلف ٽوڙڻا پوندا. جن جو پاڻ بندوبست ڪري نہ آيا آهيون. اهڙي مايوس ڪن صورتحال ڏسي اسان کي پنهنجو منصوبو منسوخ ڪرڻو پئجي ويو.

اسان سڀ دوست کي ايمبولينس تي تہ کي پنڌ واپس اچي اسپتال پهتاسين. جتي مکر ۾ بيڊ تي ڦٽڪندڙ هروپرو دوائن جا ڊوز ڊرپس ۽ چترڻ تي انجيڪشن هڻائيندڙ ڊرامي باز عمر سيال کي ڊاڪٽرن کان موڪلائڻ بنا ايمبولينس ۾ ڪڍائي اچي هاسٽل پهتاسين.

□

20 آڪٽوبر 1976
روح رهاڻ

ڪراچي ٽربيونل ۾ حاضري دوران اسان کان ڪراچي جيل ۾ منتقل ٿيڻ لاءِ پڇيو ويو. اسان هائو ڪار ڪئي. ڪراچي جيل ۾ اڳ ۾ رهي آيا آهيون. اتي هن وقت ته سنڌ جا ڏاها ليڊر بند آهن جن سان گڏ رهڻ ۾ اسان کي ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ جو سٺو موقعو ملندو. جيئن ته اسان تي ڪجهه نوابشاهه ڪورٽن جا ۾ ڪيس آهن ان ڪري خيرپور جيل مان ڪڍهن ريل ته ڪنهن مهل پوليس جي ٽرڪ ۾ نوابشاهه ۽ ڪراچي اڇٽو ٽوپئي. انهن حاضرين ٻاهرين دنيا ته ڏسي ونون ٽا پر يار دوستن کي حاضرين تي پهچڻ ۾ ڪافي تڪليف ٿي ٿئي. ان ڪري اسان لاءِ ڪراچي جيل بهتر ٿيندو. ڪورٽ ۾ اڄ مختيار جلباڻي، سجاد انصاري، سرفراز جلباڻي، اعجاز پٺاڻ، مشتاق جلباڻي ۽ ٻيا ڪافي دوست ملڻ آيا. مختيار جلباڻي ڪٽان سينيما جو ڏهه ڪن پاس هٽ ڪري آيو. ان ڪري ڪجهه دوست پوليس سان گڏجي "ان داتا" فلم ڏسڻ ويا.

ڪورٽ ۾ محترمه "ن" ۾ ملڻ آئي هئي. هن سان شام ڏاري ڪنهن خلاصي هنڌ روح رهاڻ جو پروگرام ٺاهيو. ان ڪري دوستن سان فلم تي نه ويس. محترمه کي جس آهي جو اڪثر ڪورٽ يا ريلوي استيشن تي مڪڙو ڏيکارڻ ايندي آهي. جيل ۾ ۾ سندس خط ملڻ جو اوسيئڙو رهندو آهي.

❑

21 آڪٽوبر 1976
سنڌي شاگرد سياست ۾ هٿيارن جو استعمال

مان راندين جي دنيا ۾ اهڙو ته مگن رهيو آهيان، جو دنيا جي ٻين وهنوارن سان جڙ تعلق ئي ختم ٿي ويو هو. خاص ڪري شاگرد سياست کان وٺي ملڪي سياست جي الف ب جي به خبر ڪانه هئي، لاڙڪاڻي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۾ داخلا دوران به ڪاليج يونين جي اليڪشن ۾ دوست ٻيهندا هئا، انهن جي مدد به رڳو دوستي بنيادن تي ڪئي هئي، جيڪڏهن ڪو راندڪر ٻيهندو هو ته ان کي ووٽ به راند جي بنيادن تي ڏيندا هئاسين، مون به هڪ دفعو وائس پريزيڊنٽ لاءِ فارم پريو هو پر ان دور ۾ ڪا ڪريٽ تورنامينٽ هلي رهي هئي، ان ڪري پوري ورڪ به نه ڪري سگهيو هئس، آخر ۾ سڪندر عباسي جي مدد ۾ هٽ ڪٽي ويو هيس.

بهرحال هت انجنيئرنگ ڪاليج نواب شاهه ۾ اسان پهرين سال ڪاليج اليڪشن ۾ پنهنجا ووٽ دوستي جي بنيادن تي ڏنا هئا، ان وقت لاڙڪاڻي جو رضا کهاوڙ نائب صدارت لاءِ بينو هو. مختيار چنا ۽ شبير پيچوهو ۽ ٻين يارن جي چوڻ تي اسان لاڙڪاڻي وارن پنهنجا سڀ ووٽ ڪين ڏنا هئا، حالانڪ بعد ۾ خبر پئي، رضا کهاوڙ ۽ سندن ساٿين جو تعلق ان وقت سنڌ پيپلز استوڊنٽ فيڊريشن سان هو. اليڪشن ڪٽڻ ڪانپوءِ هنن حڪومت کان مال به وڏو ڪمايو. ان وقت غلام مصطفيٰ جتوئي سنڌ جو چيف منسٽر هئڻ ڪري شاگردن کي ڪارن جون پرمٽون گهٽيون ڏيندو هو. مون کي هڪ دفعي مختيار چنا ٻڌايو ته هن وقت به سندس اڪائونٽ ۾ 67 هزار رپيا پيا آهن، ان مان اندازو ڪجي ته سپاف جي ٻين شاگردن حڪومت کان ڪيترو فائدو ورتو هوندو.

هت اسان جي داخلا کان اڳ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ لاڙڪاڻه انجنيئرس ايسوسيئيشن سنو ڪم ڪندي هئي، اهڙي طرح ٻين ضلعن جون به اهڙيون ايسوسيئيشن ٺهيل هيون. لاڙڪاڻو انجنيئرس ايسوسيئيشن جيڪي به نوان شاگرد ڪاليج ۾ داخل ٿيندا هئا، انهن جي ڪتابن، هاسٽلز لئبريري مان ڪتاب ونڊي ڏيڻ ۾ هرممڪن مدد ڪندي هئي، خاص ڪري هنن وٽ انجنيئرنگ جي ڪتابن جي سٽي ڪليڪشن هئي جيڪي هو شاگردن کي مفت ڏيندا هئا.

بهرحال مان محسوس ڪيو ته اهڙي ايسوسيئيشن جي ڪري شاگرد مختلف ضلعن ۽ حصن ۾ ورهائجي وڃن ٿا. ان ڪري مان لاڙڪاڻي انجنيئرس ايسوسيئيشن جي مدد ڪانه ڪئي، اها ايسوسيئيشن اسان جي داخلا واري سال کان بند ٿي وئي، اهڙي طرح ٻين ضلعن جون شاگردن جون ايسوسيئيشن به ختم ٿي ويون، منهنجو خيال هو ته سڀ سنڌي آهيون، گڏيل سنڌ جي ڳالهه ڪيون، پاڻ کي ننڍن ننڍن ٽولن ۾ نه ورهايون.

بهرحال ان ڪانپوءِ جيڪي به اليڪشن ٿيون آهن، اسان جيئي سنڌ استوڊنٽ فيڊريشن کي ڪلي طرح ورڪ ۽ ووٽ ڏنا آهن، هن وقت اسان جي سنڌ يونيورسٽي ۾ مڪيه جيئي سنڌ استوڊنٽ فيڊريشن، نيشنل استوڊنٽ فيڊريشن، پيپلز استوڊنٽ فيڊريشن ڪم ڪري رهيون آهن، عام طور هن دور ۾ جيئي سنڌ استوڊنٽ فيڊريشن يا قوم پرست، هر ڪاليج ۽ يونيورسٽي يونين جي اليڪشن ۾ ڪٽن ٿا.

اسان جيڪڏهن سنڌ جي شاگرد سياست تي سرسري نظر وجهنداسين ته جيئن ته ورهاڱي کان اڳ اسان جي مسلمانن ۾ انگريزي پڙهڻ جو رواج گهٽ هو ان ڪري تعليمي ميدان ۾ هندو اسان کان اڳيرا هئا، ان وقت سنڌ جي شاگرد سياست تي به اهي چانيل هوندا هئا. البت سنڌ جا ڪي مالدار ۽ خوشحال گهراٽا پنهنجي ٻارڙن کي اهڙن وڏن تعليمي ادارن ڏي به موڪليندا هئا، پر انهن جو شاگرد سياست ۾ ڪو وڏو ڪردار نه رهيو آهي، ان ڪري ورهاڱي کان اڳ شاگرد سياست ۾ هندو شاگرد ئي سرگرم هوندا هئا.

بهرحال جڏهن هي ملڪ وجود ۾ آيو تہ پهريون دفعو سنڌي شاگردن گڏجي احتجاج ڪيو هو. جڏهن ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪيو هو.

جيئن تہ مسلم ليگ هن ملڪ کي ناهڻ ۾ اڳيري هئي، انڪري ڪن شاگردن مسلم اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي نالي تي هڪ تنظيم ٺاهي، جنهن 1948ع ڌاري وزير اعليٰ، گورنر سنڌ ۽ قائد اعظم اڳيان مظاهرو پڻ ڪيو هو. قائد اعظم انهن مان ستن شاگردن سان الڳ ملاقات بہ ڪئي هئي.

مسلم اسٽوڊنٽ فيڊريشن جڙ مسلم ليگ جي ذيلي تنظيم هئي، ان ڪري اڳتي هلي ان شاگرد تنظيم جو ڪو سٽو ڪردار نہ رهيو جڙ تہ اها حڪومت جو حصو بڻجي وئي.

ان کانپوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ ڪوڙن ڪليمن خلاف سنڌ اسٽوڊنٽ ڪلچرل آرگنائيزيشن بک هڙتال بہ ڪئي. ڪن شاگردن ون يونٽ خلاف بہ آواز اٺاريو ۽ احتجاج رڪارڊ ڪرايو.

ون يونٽ ٺهڻ کانپوءِ اسان کي 1955ع ڌاري ڪراچي ۾ ڪجهہ تنظيمن جو اثر رسوخ ملي ٿو جيئن تہ انهن جي اڳواڻي اردو ڳالهائيندڙن جي حوالي هئي، ان ڪري اهي سنڌ جي ٻين علاقن ۾ ايترو ڌهلجي نہ سگهيون. انهن شاگرد تنظيمن ۾ نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن، مسلم اسٽوڊنٽ فيڊريشن، انڊس اسٽوڊنٽ فيڊريشن ۽ جمعيت طلبا شامل هيون.

سنڌي شاگردن جڏهن پنهنجي اهميت محسوس ڪئي تہ هنن حيدرآباد ۾ سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن قائم ڪئي. ان جو صدر قاضي فضل حق ٿو ان تنظيم وٽ ڪو خاص پروگرام ۽ نظريو نہ هو ان ڪري اها وڌيڪ جلهي نہ سگهي.

ان بعد حيدرآباد ۾ ئي 1964ع ڌاري يوسف لغاري، منير ميمڻ (ڪهاڻيڪار ماڻڪ) مهر حسين شاهہ، عنايت ڪاشميري ۽ ارباب سنڌي، گڏجي حيدرآباد اسٽوڊنٽ فيڊريشن ٺاهي، جيڪا حيدرآباد کان اڳتي نڪري نہ سگهي. ان بعد ٻين شهرن دادو هالا، جيڪب آباد، نوابشاهہ وغيره ۾ اهڙيون فيڊريشن ٺهيون. ان دوران سنڌ يونيورسٽي،

ميڊيڪل ڪاليج، انجنيئرنگ ڪاليج، زرعي ڪاليج ۽ سنڌ لاڪاليج ۽ ٻين ڪاليجن ۾ نوجوان ۽ قومپرست شاگرد اليڪشن کٽي آيا.

سنڌ يونيورسٽي مان صدر يوسف لغاري ۽ نائب صدر علي نواز پٽو چونڊجي آيا. انهن سيني گڏجي انٽر ڪالجيٽ بادي ٽاهي، اهي سڀ وري به حيدرآباد تائين اٿر رکن پيون. ان ڪري "آل سنڌ استوڊنٽ ڪنوينشن" ڪوٽائڻ جو بندوبست ڪيو ويو.

ان دوران هڪ اهڙو واقعو ٿيو جنهن شاگرد تنظيمن ۾ وڌ پيٽرول جو ڪم ڪيو. جيئن ته ان وقت سنڌ يونيورسٽي جو وائس چانسلر حسن علي عبدالرحمان، ذوالفقار علي پٽو کي "ڊاڪٽر آف لا" جي ڊگري ڏني ۽ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ضلعي وار ڪوٽا مقرر ڪئي، جنهن تي ان وقت جو چانسلر گورنر عبدالمالڪ ڪالاباغ هن کي هٽائي چڏيو ان ڪري شاگردن ۾ ڪاوڙ پيدا ٿي. هنن جو نعرو هو ته وائس چانسلر کي واپس آندو ويجي ۽ ڪمشنر مسرور کي هٽايو ويجي، جنهن جي ردعمل ۾ 4 مارچ 1967ع وارو واقعو پيش آيو جنهن جا خاص اڳواڻ يوسف لغاري، يوسف ٽالپر، مجيب پيرزادو، جام ساقي، مسعود نوراني، رفيق صفي ۽ ٻيا هئا. ان واقعي ۾ 207 شاگرد گرفتار ٿيا، جن کي سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ رکيو ويو.

4 مارچ جي واقعي کانپوءِ يوسف لغاري، مسعود نوراني سنڌ استوڊنٽ ڪلچرل آرگنائزيشن (Sindh Student Cultural Organisation) ٽاهي، جنهن جو چيئرمين يوسف لغاري، وائس چيئرمين عبدالحئي پليجو ۽ جنرل سيڪريٽري مسعود نوراني ٿيو هن تنظيم جي پليٽ فارم تان پٽائي جي ميل تي پمفليٽ پڙ ورهايا ويندا هئا. ماٺهن کي سنڌ سان ٽيندڙ زيادتن جي باري ۾ ٻڌايو ويندو هو ان ڪري ڪافي شاگرد گرفتار ٿيا. ان ئي دور ۾ بلڙي شاهه ڪريم وٽ پنجابي آبادگارن فائرنگ ڪري هڪ پورهيت بلو پنهور کي پڙ ماريو هو. اڳتي هلي سنڌ استوڊنٽ ڪلچرل آرگنائيزيشن ٻيج ڌاهه جو شڪار ٿي. ان بعد "جيئي سنڌ نوجوان بحالي" تنظيم کي ٽاهيو ويو جن ۾ به يوسف لغاري ۽ اقبال ترين شامل هئا.

ان دوران حڪومت، ڊاڪٽر افغان جيڪو انجنيئرنگ ڪاليج جو هر دلعزيز پرنسپال هو ان جي وڏندڙ شهرت ڏسي ڪيس هٿايو ويو جنهن ڪري شاگردن ۾ استادن بک هڙتالون ڪيون ۽ گرفتاريون ڏنيون، سنڌ ۾ پهريون دفعو ڪجهه نياڻين اختر بلوچ، نسيم ٽيپو رياض ميمڻ، شميم بهراڻي گرفتاريون ڪاڻيون.

ڪجهه عرصي بعد جام ساقي سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن جو بنياد وڌو ۽ هين شاگرد رهنمائن جن ۾ شاهه محمد شاهه ۽ عبدالحئي پليجو شامل هئا، ان "نيشنل گروپ" ناهيو جنهن اڳتي هلي "جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن" جو روپ اختيار ڪيو.

بهرحال جيئن ته مان 71-1970ع ڌاري فوج ۾ هليو ويس، ان دوران 1971ع جنگ ۾ مشرقي پاڪستان الڳ ٿي ويو. اسان جا ڪيترائي سپاهي انڊيا جا قيدي بڻيا. نتيجي ۾ ملڪ سياسي اٿل پٿل آئي. ذوالفقار علي ڀٽو حڪومت اچي سنياڻي، ان وقت شاگردن ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن ۽ نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن ڪانسواءِ ماروئڙا اسٽوڊنٽ فيڊريشن به سرگرم هئي. جنهن جو اڳواڻ لالا قادر هو. لالا قادر ممتاز ڀٽو جي چوڻ تي پنهنجي ماروئڙا اسٽوڊنٽ فيڊريشن کي پيپلز پارٽي جي ذيلي تنظيم سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽ فيڊريشن ۾ تبديل ڪيو.

ذوالفقار علي ڀٽو 1973ع ۾ سيد غلام مصطفيٰ شاهه کي سنڌ يونيورسٽي جو وائس چانسلر مقرر ڪيو اهڙي طرح انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ڊاڪٽر افغان جي جاءِ تي اسان جي لاهوري محلي جي پاڙيسري اي. ايف عباسي کي پرنسپال مقرر ڪيو ويو مون کي ياد آهي، انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پڙهائي دوران مان سندس پاءُ عبدالرئوف کا هڪ خط به اي. ايف عباسي لاءِ ونڻي ويو هيس، سندس ننڍڙا پاءُ عبدالمالڪ ۽ عبدالحفيظ عباسي به اسان سان گڏ راند وغيره ڪندا آهن.

بهرحال ان وقت غني درس سنڌ يونيورسٽي اسٽوڊنٽ يونين جو جنرل سيڪريٽري هو ان وقت جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ جا يوسف جڪراڻي، اسرار سرڪي، شاهه نواز شاهه اهم اڳواڻ هوندا هئا. يوسف

جکراڻي جي اڳواڻي ۾ ٽولي کان عام شاگرد بہ ڌڃندا ۽ لنوائيندا هئا. مان ايڄا لاڙڪاڻي ۾ پڙهندو هيس. سنڌ يونيورسٽي يا انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ايڄا داخلا ڪانہ ورتي هئي پر راندين جي حوالي سان اڪثر اچي يونيورسٽي ۾ رهبو هو. مون بہ ڪافي دفعا يوسف جکراڻي جي ٽولي کي هاسٽلن ۾ گهمندي ڏٺو هو هن ٽولي کي وڏيون گهريدار سلوارون ڍگهيون قميصون، ڪن کي وڏا وار تہ ڪن يارن کي ڏاڙهيون، مٿي تي سنڌي ٽوپيون، ڪن کي سڌيون تہ ڪن کي ڦڏيون نرڙ تي ڪريون پيون هونديون هيون. هي ٽولو جڏهن ٻاهر نڪرندو هو تہ عام شاگرد هنن جي پاڇي کان بہ ڌڃندو هو. مطلب تہ هي ڏهن ٻارهن جو ٽولو پڙهائي کان پاسيرو هروپرو هيبتناڪ شڪليون ٺاهيون ڪڏهن آرٽس فيڪلٽي تہ ڪڏهن انٽرنيشنل هاسٽل ۽ سينٽر ڪينٽين تي نظر ايندا هئا. جيئن تہ انهن شاگردن ۾ اڪثريت بلوچ ڇوڪرن جي هئي، ان ڪري ڄڻ ان دور کان بلوچ ازم يونيورسٽي ۾ وڏي ويو ڪٽي بہ ڪنهن بلوچ سان مسئلو ٿيندو هو تہ هي ٽولو هٿيارن ٻنهوارن سان پهچي ويندو هو. حالانڪ انهن شاگردن ۾ اڪثر غريب گهراڻي سان تعلق رکندا هئا، پر يونيورسٽي ۾ ٽولي جي پٽيرائي ڪري مڙس ماٺهو هئا. يوسف جکراڻي هڪ عام قدبت ۽ شڪل جو ڇوڪرو هو.

ان ئي دور ۾ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ هڪ ٻيو گروپ بہ ائين ٽولو ٺاهي هروپرو عام شاگردن ۾ دهشتگردي ڦهلائيندو هو. منور غازي بروهي ۽ سائين بخش لغاري ان جا سربراهہ هوندا هئا. مطلب تہ عام ۽ پڙهاڪو شاگرد، هنن کي سامهون ايندو ڏسي رستو بدلائي ويندا هئا. جيئن چوندا آهن تہ فقير فقير کي نہ سهي ان ڪري يوسف جکراڻي گروپ ۽ هي انجنيئرنگ ڪاليج جي گروپ پاڻ ۾ اصل نہ ٺهندا هئا. هڪ دفعي انجنيئرنگ ڪاليج جي شاگردن ڪاليج ۾ جنرل بادي گهرائي، اها حقيقت آهي تہ يونيورسٽي ۾ ان دور ۾ بعد ۾ بہ ٽوري ٽوري ڳالهہ تي جنرل بادي گهرائي ويندي هئي، هر طرف "هلو هلو جنرل بادي" جا هوڪرا هوندا هئا. رونشي ڪوڏين لاءِ ڄڻ اهو هڪ سنو ايونٽ هوندو هو. بهر ڪيف چيو وڃي تہ ان جنرل بادي ۾ غازي بروهي ۽ شاهہ نواز شاهہ جي وچ ۾ جهڙپ ٿي وئي ۽ معاملو بدڪلامي

تائين پهتو جيئن تہ غازي بروهي جو واسطو پير منور ٽولي سان هو ۽ شاهہ نواز شاهہ جو تعلق يوسف جکراڻي سان هو.

جڏهن ان تلخي جي خبر يوسف جکراڻي تائين پهتي تہ هو پنهنجي ٽولي سان گڏجي هٿيار ڪٽي اچي ڪاليج پهتو ان وقت ڪين مخالف گروپ جو ڪوبہ شاگرد هٿ نہ آيو هو ڪاليج مان ٽيندو ڪينٽين ۾ پهتو اتي بہ ڪين ڪو مخالف نظر نہ آيو ان وقت هن جي نظر غني درس تي پئي، جيڪو ان وقت شاگرد يونين جو جنرل سيڪريٽري هو غني درس جي دوستي پير منور گروپ سان هئي، پر غني درس اهڙن جهيڙن جهگڙن کان پري رهندو هو. يوسف جکراڻي، غني درس کي ڏسي هن تي سڌا فائر ڪيا، خوش قسمتي سان غني درس مار کان پري هو اتفاق سان ان وقت ڪاليج جو پرنسپال اي ايف عباسي اتان ڪار ۾ لنگهيو هن جلدي ۾ غني درس کي پنهنجي ڪار ۾ ويهاري اتان پڳو يوسف جکراڻي هيو تہ ٿهيو ڪاليج جي پرنسپال جي ڪار تي بہ فائرنگ ڪري ڏني، بهرحال ان وقت ڪوبہ جاني نقصان نہ ٿيو.

يوسف جکراڻي ان بعد سر سيد هاسٽل غازي بروهي وٽ آيو ان وقت غازي بروهي ڪمري تي ڪونہ هو ان وقت احمد خان جمالي جيڪو سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن جو مرڪزي صدر اتي موجود هو هن ڪافي يوسف جکراڻي کي ڪافي ايلاز ڪيا، ائين پاڻ ۾ نہ وڙهو احمد خان جمالي جي ٻنهي ٽولن سان هٿ جوڙ هئي، بهرحال يوسف جکراڻي هن جي ڪانہ ٻڌي هو گارگند ڪندو سرسيد هاسٽل مان نڪري ويو هاڻي ٻنهي گروپن وٽ انا جو مسئلو هو اهي ٻئي ٽولا ائين گروپ ناهي سينجي هلندا هئا، ڪوشش ڪندا هئا تہ جيئن هڪ ٻئي جي سامهون نہ اچن. انهي ڪشمڪش واري ماحول ۾ ڪيترا مهينا گذري ويا، ان دوران پير منور، سائين بخش لغاري، عيسي جمالي، انجنيئرنگ پاس ڪري وڃي نوڪري سان لڳا. منهنجي بعد ۾ سائين بخش لغاري سان ڪراچي ۾ محمد علي مهر ڪچهري بہ ڪرائي هئي، سائين بخش هڪ صحت مند ۽ باقاعده بادي بلڊر لڳي رهيو هو هن جا ڏورا ٽي شرٽ ۾ نمايان هئا، هو ڪراچي ۾ ڪٽي نوڪري ڪري رهيو هو.

يوسف جکراڻي پڙ آخري سال جو امتحان ڏئي چڪو هو. بهرحال هڪ رات يوسف جکراڻي، اسرار سرکي، شاهہ نواز شاهہ ۽ سندن ساٿين، گڏجي انٽرنيشنل هاسٽل جي ڪمري ۾ جنهن ڪمري ۾ هنن جا مخالف وينا هئا انهن تي حملو ڪيو ان وقت ڪمري ۾ علي مردان شاهہ، جان محمد کهڙو ۽ عبدالمجيد جمالي ۽ سندس ڪجهہ ٻيا ساٿي ب موجود هئا. ان ڇڪتي فائرنگ ۾ علي مردان شاهہ ۽ جان احمد کهڙو ۽ اتي ئي دم ڏنو. جڏهن ۽ عبدالمجيد جمالي پيٽ ۾ گولين لڳڻ ڪري شديد زخمي ٿي پيو. ان واقعي وقت علي نواز ڪلهوڙو انٽرنيشنل هاسٽل جو پرووسٽ ۽ پير مظهر الحق ان وقت سنڌ يونيورسٽي هاسٽلز جو انچارج، ساڳي وقت وائس چانسلر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ جو پبلڪ ريليشنگ آفيسر ب هو. اهو حملو رات جي وقت ٿيو هو. ان ڪري شاگردن جا لاش ۽ زخمين کي لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو پهچايو ويو. سنڌ يونيورسٽي ۾ جيئن ۽ اهو پهريون قتل هو. ان ڪري سارو ڪئمپس هراسجي ويو هو.

علي مردان شاهہ جو اصل ڳوٺ نوان جتوئي هو. هو هاڻي ڪاڻي ۾ برجستو علمي ادبي ذوق رکندڙ شاگرد هو. هو شاعري ب ڪندو هو. هن تخلص رقصم هو. مون پاڻ سندس موت ڪانپوءِ سندس فوٽن وارا پوسٽر شاعري سميت هاسٽلز ۾ لڳل ڏٺا هئا. جيڪي سندس دوستن علي مردان شاهہ جي ياد ۾ ڪيس پيٽا ڏيڻ لاءِ ڇپرائي هيان ها.

چون ٿا ۽ علي مردان شاهہ جو والد جڏهن پٽ جو لاش کڻڻ آيو ۽ هن يونيورسٽي جي وائس چانسلر کي ميار ڏيندي چيائين منهنجو پٽ شهيد آهي، بهرحال علي مردان شاهہ کي اچي نوان جتوئي ۾ دفن ڪيو ويو. اهڙي طرح جان محمد کهڙو جو واسطو دادو سان هو هي مسڪين خاندان سان واسطو رکندڙ شاگرد هو جيڪو پنهنجي پڙهائي جو خرچ ب مشڪل سان پري سگهندو هو. جيئن ۽ علي مردان شاهہ ب پنهنجي شروعاتي پڙهائي دادو مان حاصل ڪئي هئي، ان ڪري هنن جي پراڻي دوستي هئي، اهڙي طرح ٻنهي جا لاش ب گڏ ڪيان ويا.

اڄ ب انٽرنيشنل هاسٽل جو اهو ڪمرو ڏسي افسوس ٿيندو آهي، جتي علم جي پانڌيئڙن کي معمولي ڳالهين تي پروڻ ڪيو ويو. ان

ڪمري جي پرسان ئي اسان جا دوست مشتاق ميراڻي، اعجاز گاد وغيره رهندا آهن، جن وٽ اڪثر اسان جو رهڻ ٿيندو آهي. بهر ڪيف ان جهيڙي ۾ قتل ڪري سنڌ جي پرامن شاگرد تحريڪن کي ڪافي ڏڪ لڳو مارينڊ جيئن ته وڏي پُٽ وارا هئا، ان ڪري اهي ٿي لُڙهي ويا.

سنڌ يونيورسٽي ۾ ان پهرين قتل بعد اهو انديشو آهي ته هاڻي ٻيو قتل جلد ئي ٿيندو ان جو سبب اهو آهي ته انجنيئرنگ ڪاليج جامشورو مان نواب شاهه شفٽ ڪيو ويو آهي، نواب شاهه ڪئمپس ۾ جيئن ته سڀ نوان چوڪرا آيل آهن، ملڪ ۾ پهريون سيمسٽر سسٽم هن ڪاليج ۾ رائج ڪيو ويو آهي، ان ڪري اڪثريت چوڪرن جي پڙهائي ۾ مشغول آهي، باقي جن کي پڙهڻو نه آهي، رڳو شوبازي ۽ سياست ڪرڻي آهي ته انهن لاءِ به ڪاليج ۾ ڪا جهل پل ڪونه آهي، چو جو هت سڀ نوان ۽ سيڪڙات ليڊر پيدا ٿي پيا آهن، ڪو به سينيئر ليڊر نه آهي جيڪو ڪارڪنن کي ضابطي ۾ رکي سگهي، ان ڪري اسان ليڊرن ۾ چڙواڳي به ڪافي آهي، ڪجهه ڏينهن اڳ سپاف جي هڪ ليڊر لالا اسد، هتان جي ڪاليج انچارج کي امتحان هال ۾ چپاٽ هڻي ڪڍي آهي. ان شاگرد ليڊر کي ڪجهه نه ٿيو ابتو سائين عبدالرحمان ميمڻ کي ڪنڌ هيٺ ڪرڻو پئجي ويو آهي.

ان ڪانسواءِ مقامي پيپلز پارٽي جا رهنما ۽ پوليس به اهڙن شاگردن جي مدد ڪري ٿي، ان ڪري هت هر ڪو لئي مان لٽ پڄي ليڊر ٿي ويو آهي جن ۾ اسان جيئي سنڌ وارا به شامل آهيون. اهو ئي سبب آهي جو هاڻي اسان جيئي سنڌ ۽ سپاف وارن جا جهيڙا ايترا ته خوفناڪ ٿي ويا آهن جو هڪ ٻئي کي قبيلائي دشمن جيان سڌيون گوليون هڻون ٿا، اسان جو تولو هميشه گڏجي، هٿيارن سميت، ڏهن پندرهن جي شڪل ۾ گهمندو آهي، اسان جا مخالف به سدائين مچو ڪري گهمندا آهن، هاڻي هميشه اهو انديشو هوندو آهي ته اسان مان ڪنهن نه ڪنهن جو ڪنڌ ڪرندو. مطلب ته هن جهيڙي جي پڇاڻي به قتل سان ٿيندي، ڏسئون ٻنهي تولن مان ڪنهن جو ٿو ڪنڌ ڪُورجي. هن مهل تائين اسان جا جيڪي به جهيڙا ٿيا آهن، اهو معجزو آهي جو ايڏا به ڪو

ماڻهو مئو نہ آهي، ڪڏهن ڪڏهن تہ وانگارو ۽ ٻاهران رُوپوش ڏوهاري ماڻهو بہ اسان جي جهيڙي ۾ شامل ٿيندا هئا.

بهرحال اسان جا ٻئي گروپ خوامخواهہ آنا ۾ مبتلا آهن. هن وقت اسان هت جيل ۾ بہ مخالفن کي ڏکَ هڻي زخمي ڪري پهتا آهيون. شڪر آهي جو ڪو شاگرد مئو نہ. ظاهر آهي ٻاهر نڪرنداسين هو بہ بدلو وٺڻ جي ڪوشش ڪندا. مون جهڙو بي ضرر ماڻهو بہ ٻہ ٻہ هٿيار رکي گهمي ٿو ڪاليج ۾ ڪلاس هلندي بہ هڪ ريوالر بغل ۾ هولسٽر ۾ هوندو آهي تہ ٻيو چيلهہ سان ٻڌل هوندو. اسان جي ٻنهي گروپن وٽ رائفلز ۽ بندوقون بہ سدائين ساڻ هونديون آهن. مطلب لکائي پڙهائي ڇڏي، ڪتابن جي جاءِ هٿيارن جي جهنڪار ورتي آهي. ڪاليج ۾ جيڪي بہ نوان شاگرد داخلا وٺن ٿا، اهي ٻنهي مان هڪ نہ هڪ گروپ ۾ شامل ٿي وڃن ٿا، مطلب تہ اهي گروپ ڏينهون ڏينهن ڦهلجندا ۽ دهشت پسند ٿيندا وڃن ٿا.

منهنجو ذاتي خيال آهي تہ جيستائين ٻنهي ڌرين مان ڪو شاگرد نہ مرندو اهو جهيڙو هلندو رهندو. جڏهن ڪنهن ڌر جو ڪو شاگرد مرندو تہ پوءِ اهو جهيڙو شاگردن مان ٽپي اڳتي هلي خاندانن ۽ قبيلن ۾ ورهائجي ويندو. اهڙو انديشو اسان جو دوست مير حسين علي ٽالپر اڪثر ڪندو آهي.

22 آڪٽوبر 1976
وارڊ ۾ نرس جي آمد

اسان جي جاچ ۾ گرفتار رسول بخش ٽيپي جي طبعيت ڪجھ ڏينھن کان ناساز آھي، ھونءَ ته يار دوائن کائڻ جو ڪوڏيو آھي ۽ دوائن جي معاملي ۾ سدائين خود ڪفيل رھيو آھي، ھت جيل ۾ ته سندس ويھاٽي ھينان ڇڻ دوائن جو اسٽور ڪليل آھي، بھرحال يار جڏھن پنھنجا نسخا آزمائي بينو پر طبيعت ۾ ڪو خاطر خواھ چاڙھو نه ٽيو ته خيال ڪيو ويو ته مريض کي جيل جي ڊاڪٽر کان تپسرائجي. اسان ماڙي تي ڊاڪٽر لاءِ ڪافي قاصد پڇايا، طبيب جڏھن مريض جو حال پڇڻ ۾ دير ڪئي ته اسان وارڊ ۾ ايمرجنسي ڊڪليئر ڪري گانون وانگر گان گان ڪري جيل مٿي تي کٽي ڇڏيو. جيل جو گوسڙو ڊاڪٽر شايد کٽي پرائيويٽ ڪلينڪ ۾ پاٽي سان پريل ڊرپون ۽ سيون ھٽي مسڪينن جو مال ميڙڻ ۾ مصروف ھو. اسان جو ڪوتاھ قد مقدم جنھن کي پنھنجي قد کان به وڏيون مڇون رکيل ھيون، اھو اسان شاشي (سياسي) قيدين ۽ ماڙي جي وچ ۾ ڊڪي ڊوڙي نياپا پڇائي رھيو ھو. آخر ھو پنھنجي پيرن سان ڏاڏائيندو سھکندو اچي پھتو ھن ڏڳا ساھ پريندي ٻڌايو ته "ڊاڪٽر موڪل تي ھٽڻ ڪري نرس وارڊ ۾ اچي رھي آھي."

وارڊ ۾ نرس جي اچڻ جو ٻڌي سيني يارڙن جا منھن گلاب جيان ٽڙي پيا، ڪي دوست مريض کي خوشنصيب سمجھي رھيا ھئا، جنھن کان نرس پئي پڇڻ اچي، ڪي وري ساڙولا، رقابت ۾ ريڙ ڪري رھيا ھئا ته "ڇا جو بيمار آھي، ماني ته ٽئي ويلا اسان کان وڌيڪ ٽوستي."

اسان جي هڪ بي صبري عاشق مزاج سنگتيءَ نياپو آٽيندڙ کانگل کان پڇيو "نرس کھڙي وقت ايندي"

"سائين ٻيا وارڊ ڏسندي، ڪلاڪ اڌ ۾ اچي ويندي"

نرس جي آمد جو ٻڌي اسان سڀ تڙ تڪڙ ۾ پنهنجا بستر ا چڏي تيار ٽيڙ لڳاسين. هونءَ جيل ۾ بند هڻڻ کري هرڪو نستي ٻار جيان پنهنجي مرضي تي اٽندو آهي، پوءِ ايرا سيرا پاٽي جا ٻ لپا منهن تي ڇنڪار ڪري، پاڻ کي ڏسڻ لائق بٽائيندو آهي، اکثر ڏاڙهي وڌي وڃڻ کري ڪنهن مدرسي جا ختابي لڳندا آهيون.

اڄ خلاف معمول ڪنهن نازڪ نفيس مهمان جي اچڻ جو ٻڌي، جلدي شيو وغيره کري، صاف ستڙا وڳا پاتاسين. ڪتاب وغيره پنهنجي سيراندي سينگاري رکيا ته جيئن پڙهيل لکيل قابل شاگرد لڳون.

اسان تيل قليل مکي، موچارا ٽي وينا پيا در ڏي واجهائيون ته ڪڏهن ٿو نرس جو ديدار نصيب ٽي، وارڊ جو در کلڻ ۾ بند ٽيڙ سان دل جو ڏڙڪو وڌي پي ويو. نيٺ کڇڙي منجهند ڏاري وارڊ جو دروازو کليو سيني جون تجسس مان نگاهون ڪجي ويون. در مان سڀ کان اڳ اسان جو برداشتي دوائن جي ٽالهي (Tray) هٿ ۾ کنيو داخل ٽيو. هن جي ڪڍ هڪ ينيي ڏاڙهي ۾ وٽيل ستيل شهپرن سان جيل جي پوشاڪ پاتل قيدي داخل ٽيو.

اسان جون نظرون ايڏا در ۾ ٽنگيل هيون ته جاڻ نرس آئي، اسان سمجهيو ته في الحال هن پنهنجو سامان موڪلي چڏيو آهي، پاڻ ٻين مريضن کي ڏسڻ ۽ي پهچندي.

سڀ کان ڏاڙهيار همراهه اسان وٽ پهچي پنهنجي ڪرخت آواز ۾ پڇيو "پائو کھڙو همراهه بيمار آهي؟"

برداشتي کيس مريض ڏي اشارو ڪيو چور ٽائپ همراهه مريض کان ڪجهه حال احوال وٺي، ٽرما ميٽر چنبڊي سندس وات ۾ وڌو.

اسان سمجهيو ته نرس مصروفيت کري اها ايڊوانس پارٽي موڪلي آهي ته يلي اڳ هلي مريض جو ٽمپريچر ۽ بلڊ پريشر وغيره چڪاس کري، ان بعد شايد پاڻ ايندي.

ڏاڙهيار مڙس مريض جي نبض جاچڻ بعد ٽري ۾ رکيل ڪجهه دوائون مريض جي ٽري تي رکي ڪيس دوائون ڪڍڻ جون هدايتون ڏئي واپسي ڪئي.

هو جڏهن پنيرو ٽيو ته اسان برداشتي جي ٻانهه کي جهٽڪو ڏئي ڪائنس ڪاوڙمان پڇيو "نرس اڄا دير سان ايندي ڇا؟"

برداشتي گهبرائجي، روٺڻهارڪي انداز ۾ چيو "سائين اها ئي ته نرس هئي."

اسان پوءِ ته ڏاڍا شڪي ٿياسين. شڪائپ دور ڪرڻ لاءِ هروپيرو وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي وارڊ متي تي ڪٽي ڇڏيو اسان کي ان ڏينهن خبر پئي ته Female نرس جيان Male نرس به ٿيندي آهي.

❐

23 اکتوبر 1976
ڪتابن سان عشق

اها حقيقت آهي تہ مون کي لکائي پڙهائي جڙ ورثي ۾ ملي آهي، اسان ننڍپڻ ۾ اڃا هوش مس سنياليو تہ امان ۽ بابا جي هٿن ۾ ڪتاب ڏٺاسين. بابا انيس انصاري وٽ سنڌي، اردو انگريزي ڪتابن جو عاليشان ذخيرو هو گهر ۾ هڪ ڪمرو صرف ڪتابن لاءِ مخصوص هو. گهر ۾ باقائده اخبار اردو رسالا ليل و نهار ڊائجسٽ کان علاوه انگريزي رسالا Reader Digest, Life, Times ايندا هئا. اسان کي اڃا لکڻ پڙهڻ ۾ نہ ايندو هو تہ لائف رسالي جون تصويرون وڏي شوق سان ڏسندا هئاسين. جيئن تہ ادا مشتاق انصاري ۽ ادي انيس اختر مون کان وڏا ۽ اسڪول ويندڙ هئا تہ هنن لاءِ "بچون کي دنيا" ايندو هو.

مان جڏهن اسڪول وڃڻ شروع ڪيو تہ گهر ۾ پيل ڪتابن کي اٿلائڻ پٿلائڻ جي عادت پئي. ڪڏهن آج ڪل تہ ڪڏهن ليل و نهار جا پراڻا پرچا ڏسبا هئا. کهاڙيڪارن راجندر سنگهه بيدي، سعادت حسن منٽو ڪرشن چندر منشي پريم چند، عصمت چغتائي وغيره جا ۽ ڪتاب اٿلائبا پٿلائبا هئا. ان وقت مون کي راجندر سنگهه بيدي جا افسانہ ڏاڍا وڻندا هئا. ان کانسواءِ لئبرري ۾ شاعري جي ڪتابن جو ۽ وڏو انگ هو جيئين شاهہ لطيف ڀٽائي، اقبال، غالب، شوق، جوش مليح آبادي، ساحر لڌهيانوي، سودا، عدم وغيره مون کي الائي ڇو عبدالحميد عدم جي شاعري مزو ڏيندي هئي.

اسان جي انگريزي ڪمزور هئڻ باوجود ريڊرس ڊائجسٽ ۽ لائف رسالا پڙهي ڪجهہ انگريزي جي ويجهو وياسين.

ان وقت لاڙڪاڻي شهر ۾ ڪجھ پرائيويٽ لئبريريون ۽ هيون. جتان پڙھندڙن کي ڪتاب ڪرائي تي ملندا ھئا. پاڪستان چوڪ تي ھڪ پنجابي بزرگ جي چوڌري لئبريري ۽ هوندي هئي. ان لئبريري ۾ سنڌا اردو ۽ سنڌي ڪتاب هوندا ھئا. بابا جي معرفت مان ۽ اتان ڪتاب کڻندو هئس. نسيم حجازي جا گھٽا ڪتاب مان اتان کڻي پڙھيا. "اور تلوار ٽوٽ گئي" 'شاهين'، 'خاڪ اور خون'، 'آخري چٽان'، آخري معرڪہ'، 'قافلہ حجاز وغيره ، چوڌري لئبريري ۾ ڪيرم بورڊ تي ۽ نوجوان جي وڏي پيھ هوندي هئي.

مون کي جاسوسي ناول جي چوس وري منهنجي ڪلاس جي دوست رفيق احمد قاضي وڏي، هن جي صحبت ۾ ابن صفي، اين صفي جا ناول گھوٽي ڇڏيا. رفيق احمد قاضي اسڪول زماني ۾ اسان جي ڪرڪيٽ جو ڪيڏاري هو. نذر محمد سيال وري ايمپائر سڏيما تي ھڪ دڪان ۾ قائم لئبرري کان واقف ڪيو. جتي جاسوسي ناول کان سواءِ وهي وهانوي جا ناول ۽ لڪ ڇپ ۾ ملندا ھئا. وهي وهانوي ۾ جنسي لذت جون ڳالهيون هونديون هيون. اهڙا ناول جڳ کان لڪي پڙھبا ھئا.

بهرحال وڏڙن طرفان ورثي ۾ ڪتابن سان مليل عشق اڄ ۽ چوٽان چوٽ آهي. اسان جي راندیگر دوستن ۾ ڪليم الله لاشاري ۽ ڪتابن جو ڪوڏيو آهي.

هت جيل ۾ ۽ ڪجھ ڪتابن کي وقت ڏيون ٿا. منهنجي جڏهن ڪراچي جيل ۾ عبدالواحد آريسر سان مختلف موضوعن تي ڪچهريون ٿيندیون هيون تہ هن چيو هو تہ "مونکي تعجب آهي تہ جيئي سنڌ ۾ تو جھڙا پڙھيل ڳڙھيل چوڪرا آهن" البت مان لکڻ جي معاملي ۾ صفا جڏو آهيان. جيل ۾ هي پهريون دفعو آهي جو وقت گذارڻ لاءِ وڏي لائبريري سان باقاعده جيل جي ڊائري لکي رهيو آهيان.

بهرحال افسوس تہ اهو آهي جو سنڌ حڪومت عبدالواحد آريسر، ابراهيم منشي، ڊاڪٽر اعزاز نذير ۽ ٻين ڪيترن اديبن کي ڪاٽ ۾ وڌو آهي. حالانڪہ پرائمر منسٽر ذوالفقار علي ڀٽو پاڻ ھڪ گھڻ پڙھيو شخص آهي، دنيا جي ادب ۽ انقلابن جي گھري نظر اٿس. خبر نہ آهي

تہ الائي ڪنهن جي اشاري تي نہ رڳو شاعر ۽ اديب قيد ڪيا اٿس، پر ساڳي وقت سنڌ جي ڇڻيهہ ڪتابن، پريسن، رسالن تي بندش وڌي اٿس. جيئن پابندي پيل ڪتابن ۾ جي ايم سيد جا ڪتاب "جيئن ڏٺو آ مون"، "جديد سياست جا نورتن" ڪانسواءِ سھڻي، پرهہ ڦٽي، نئين سنڌ پبليڪشن وغيره کي بند ڪيو اٿس. وڏو ظلم تہ اهو آهي عام رسالن سوجھرو انڊلٽ، اڳتي قدم، تحريڪ سان گڏ ڊائجسٽن جھڙوڪ ماروئڙا، ملير، رهبر تي بہ پابندي مڙهي آهي.

مان سائين جي ايم سيد جو ڪتاب "جيئن ڏٺو آ مون" ڪيترا دفعا پڙهيو آهي. اسان جي ڪنهن دوست سائين کان پڇيو تہ توهان کي "جيئن ڏٺو آ مون ڪتاب" لکڻ جو خيال ڪيئن آيو. تنهن تي سائين جي ايم سيد جواب ڏنو هو تہ هن ملڪ ۾ مذهب هڪ اهڙو هٿيار آهي، جنهن کي اسان سنڌين تي بار بار استعمال ڪيو ٿو ويجي. منهنجو خيال آهي تہ جيستائين اسان ان مذهبي هٿيار کي مُڏو نہ ڪنداسين، تيستائين پيو استعمال ٿيندو ان ڪري اهو ڪتاب لکي ان مذهبي هٿيار کي مڏو ڪيو آهي.

❑

25 آڪٽوبر 1976
گڏهه جي بي عزتي

اڄ اسان جي وارڊ ۾ ڪچهري لاءِ هڪ ڪروڙپتي همراهه پنهل رند ڪهي آيو هن ڳالهين دوران ٻڌايو ته هن ۽ سندس ڪجهه ساٿين مٿان خون جو ڪيس هلي رهيو آهي، اسان جڏهن هن کان وڌيڪ پنهنجي سنڌين جي خون ڪرڻ جو سبب پڇيو ته هن حقيقت ٻڌائي ته ڪجهه عرصو اڳ هن جي ذات جي ننڍڙن هارڙن رونشي طور اسان جي ڳوٺ ۾ رهندڙ هڪ بي ذات جي ماڻهن جي گڏهه جي پڇ ۾ هڪ ٽين جو ڏٻو ٻڌو گڏهه جي ڊوڙڻ سان جڏهن ٽين جو ڏٻو آواز پيو ڪري، گڏهه ٽيئن ٽاهه کائي پستيون پيو ڏي هارڙا گڏهه جي اهڙن ٽينگ ٽپن تي ٽهڪ ڏئي مزو وٺي رهيا هئا.

اهو ٽاهه کاڌل گڏهه هينگندو ۽ پستيون ڏيندو سڏو وڃي پنهنجي مالڪن جي گهر پهتو مالڪن پنهنجي گڏهه جو اهو حشر ڏسي، گڏهه جي بي عزتي کي پنهنجي بي عزتي سمجهي اسان کوسن جي گهرن تي حملو ڪري ڏنو جنهن ۾ اسان جا پنج مڙس ماري وڌائون.

بهرحال اسان کوسن جا پنج مڙس مري ويا ته اسان به پلاند ۾ سندن به ماڻهو ماري وڌا آهن، هاڻي ٻئي ڏريون هڪ بي جي خونن جي ڪيس ۾ جيل ۾ آهيون.

اسان کي پنهل رند جي اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍو تعجب ٿيو ته هڪ ٻاراڻي حرڪت تي ٻنهي ڏرين جا ست ڪوندر ڪسجي چڪا آهن، ڪيترين زالون بيوهه ۽ ٻارڙا يتيم ٿي ويا آهن، ٻنهي ذاتين جا ماڻهو درٻدر پوليس جو مار موچڑو ۽ وٽ پڪڙ الڳ تنهن کانسواءِ پوليس ۽ ڪورٽن جي خرچن ڪري ٻئي ڏريون ٻنيون ٻارا وڪٽي ڪنگال ٿي ويا آهن.

افسوس اهو آهي تہ اسان هڪ گڏه جي بي عزتي تي ڪات کھاڙا کڻي هڪ بي جا جڙ ٻچا ناس ڪيون ٿا. پر اسان کي ڪڏهن بہ قومي يا اجتماعي ڪم ۾ غيرت نٿي اچي. ڪڏهن بہ سنڌ جي مسئلن تي ائين گڏ نہ ٿيا آهيون، نہ ئي ڪا وڏي قرباني ڏني هجي.

اسان جي ٻولي جو مسئلو هجي يا زمينن جو نيلام يا پاٽي جي ڪوٽ، پر ڪٿي بہ اهڙو جوش نہ ڏيکاريو آهي، ايتري قدر جو اسان جا اسڪول پڙهائنگ ۾ سڙڪون ڪڏا ڪوٻا لڳيون پيون آهن. انهن لاءِ ڪڏهن بہ اجتماعي ٻڙڪ نٿا ڪيون. مطلب تہ ڪڏهن بہ پنهنجي جائز حقن لاءِ ائين کھاڙيون اُڀيون نہ ڪيون آهن، الائي ڪڏهن اسان جي اها ذاتي غيرت قومي غيرت ۾ تبديل ٿيندي ٻيو تہ نٿيو اسان جا اهي ڪوٻا مڙس هڪ خسيس وڏيري اڳيان بہ پاڙ جا ترا آهن، ياد آهي تہ ڪافي عرصو اڳ ڪنهن وڏيري جي اوطاق تي ويٺو هيس، اتي ڪنهن ڳالهہ تي ان وڏيري ڪنهن همراهہ جي سينې سامهون ماڻ پيڙ تي گاريون، ٽڪ ٻُجا ڏئي وڏي بي عزتي ڪئي، مجال آهي جو اهو شهپري شودو وڏيري اڳيان ڪجهہ ڪيچي.

❑

27 آڪٽوبر 1976
سرُ گھوريندڙ عمرالدين زرداري

جيل جي سيني ساڻين جي سياڻي نواب شاھ ڪورٽ ۾ حاضري آھي. عنايت رند ۽ منير رانا ته صبح جو سوير ئي الڳ پوليس اچڻ ڪري اسان کان موڪلائي هليا ويا. ڪجھ دير بعد جڏھن اسان ماڙي تي پھتاسين ته عنايت رند وارا اسان جي انتظار ۾ بيٺا ھئا. پوليس جي پھري ۾ سپ گڏ ٿي ريلوي اسٽيشن تي آياسين. وڏي انتظار بعد شام جو ساڍي پنجين بجي ريل گاڏي ملي، جنھن تي سوار ٿي اچي نواب شاھ لڳاسين. نواب شاھ ۾ عمرالدين زرداري پنھنجي جٽي عبدالمجيد بھلڪاڻي، انور وائي ۽ ٻين ساڻن سان منتظر مليو. دل گھري دوست عمرالدين زرداري سان جڏھن ٻه ملندو آھيان دل باغ و بھار ٿي ويندي آھي. عمرالدين زرداري سان منھنجو 1970ن کان وٺي واسطو آھي اسان فوجي ٽريننگ گڏ ڪئي ھئي. انجينيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا بعد ته ھن جي وڌيڪ خوبين جي خبر پئي. مناسب قد بت رکندڙ عمرالدين واھ جو دلير مڙس آھي. منھنجو ته ڇڻ عاشق آھي. اسان جي گروپن ۾ جھيڙن جو خطرو ھوندو ھو ته مان ھاسٽل ۾ ڪمري ۾ سمھيو پيو ھوندو ھيس ته ھي يار رائفل کڻي ساري رات، منھنجي ڪمري ٻاھران پھرو ڏيندو ھو. مون کي ياد آھي ته جڏھن جھيڙا عروج تي ھئا، مان دوستن کي ٻڌائڻ بنا ڪرڪيٽ کيڏڻ لاءِ گرائونڊ تي هليو آيس. عمرالدين زرداري مون کي ساري ھاسٽل ۾ ڳوليو آخر کيس خبر پئي ته مان ڪرڪيٽ مئچ کيڏڻ ويو آھيان ته ھو ھٿيار کڻي اچي ميدان تي پھتو پوءِ ساري مئچ دوران ٻاھر بيٺو رھيو. راند ختم ٿي ته مون سان سخت ناراضگي جو اظھار

ڪيائين تہ توکي ڪجھہ ٿي ويو تہ اسان جڳ کي ڪھڙو منھن ڏيکارينداسين. ھڪ اڏ جھيڙي ۾ مون سان گڏو گڏ ڪلھو ڪلھي سان لايون بيٺو ھو. مطلب تہ اھڙا سِرُ گھورينڊڙ دوست ڪن پاڳ وارن کي ملندا آھن.

عمرالدين زرداري ڪتابي دوست ھئڻ ڪري سٺو مطالعو اٿس. ساڳي وقت گفتگو جو بہ ماھر آھي. سندس شمار جيئي سنڌ استوڊنٽ فيڊريشن جي جانثارِ ۽ سچن ڪارڪن ۾ ٿئي ٿو.



2 نومبر 1976
موت مار پوڳ

انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاھ ۾ جڏھن بہ پوليس گرفتاري لاءِ اسان جي ھاسٽل جو گھيرو ڪندي آھي تہ اسان ھاسٽل ڇڏي، پوڄي وڃي ڪنھن يار دوست وٽ لڪندا آھيون. ڪافي دفعا اسان نوابشاھ پرسان عزيز پنگوار جي ڳوٺ وڃي پناھ ورتي آھي. عزيز پنگوار پنھنجي حال سارو اسان جي خدمت ڪندو آھي. ان ڪانسواءِ اسان جي لڪڻ جو ٻيو ھنڌ سڪرنڊ پرسان، سائين امداد محمد شاھ جو ڳوٺ مجيد ڪيريو آھي، جتي روپوشي دوران ڏينھن جا ڏينھن رھيا پيا ھوندا آھيون. مجيد ڪيريو سرسبز ٻنين ۾ گھيريل ھڪ ننڍڙو ڳوٺ آھي، جتي سائين امداد شاھ جي اوطاق ٺھيل آھي، جنھن کي چوڦير اوڏڪي ديوار ڏنل آھي، سائين امداد محمد شاھ اڪثر ان اوطاق تي اچي رھندو آھي.

بھرحال ھڪ دفعو ايئن پوليس کان پوڄي ھاسٽل ڇڏي، اچي سائين امداد محمد شاھ وٽ مجيد ڪيريو ۾ لڪياسين. ان وقت اوطاق تي اسان انجنيئرنگ ڪاليج جي شاگردن حبيب الله ڪابورو، نديم عباسي، غلام رسول ڪوسو، غلام علي نظاماڻي، رسول بخش ٽيپو ڪانسواءِ تاج جويو ۽ ابراھيم منشي بہ رھيل ھئا.

اسان کي مجيد ڪيريو ۾ جڏھن ڪجھ ڏينھن ائين پوليس کان لڪي گذريا تہ مون دوستن کي چيو اسان ڪيترا ڏينھن ائين پوليس کان پڇندا رھنداسين. منھنجو خيال آھي تہ اسان سڏو ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر سان ھلي ڳالھايو تہ "روز روز پوليس حڪومتي ڌر جي شاگردن جي ھشي تي، اسان کي تنگ ٿي ڪري، ان ڪري اسان جي

پڑھائي سان گڏ ڪاليج جو ماحول بہ متاثر ٿو ٿئي، اها حرڪت هاڻي بند ٿيڻ کپي."

اسان سائين امداد محمد شاهہ سان ڊپٽي ڪمشنر سان ملڻ جو ذڪر ڪيو تہ سائين بہ ان ڳالهہ جي تائيد ڪندي چيو "هلو تہ مان بہ توهان سان گڏجي ڊپٽي ڪمشنر ڏي هلان ٿو."

شام ڏاري سائين امداد شاهہ، حبيب الله ڪابورو سان گڏجي، ڊپٽي ڪمشنر نوابشاهہ جي بنگلي تي پهتاسين، پر خبر پئي تہ ڊپٽي ڪمشنر ڪٽي ٻاهر ويل آهي، ان ڪري اسان ڪجهہ دير دوستن سان ڪچهري ڪري ڪاليج جا حال احوال ونڻ بعد وري هڪ اڌ دفعو ڊپٽي ڪمشنر سان ملڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو ڪٽي ٻاهر ويل هو.

بهرحال رات ڏاري اسان مجيد ڪيريو واپسي ڪئي. رستي ۾ مون سائين امداد محمد شاهہ کي چيو تہ "چو نہ دوست جيڪي مجيد ڪيريو ۾ پوليس کان لڪيا وينا آهن، انهن سان ڪو پوڳ ڪجي،" سائين مسڪرائي خاموشي اختيار ڪئي. مون سائين کي چيو تہ "مجيد ڪيريو پهچي اوهان جي ڊرائيور وسيلي، پوليس کان پڳل دوستن ڏي اهو نياپو موڪليون ٿا تہ نوابشاهہ ويل اوهان جي دوستن کي، پوليس گرفتار ڪري ورتو. اوهان جي گرفتاري لاءِ هن وقت پوليس ڪوٽ کي گهيرو ڪيون بيٺي آهي. توهان بہ فضيلت سان گرفتاري ڏيو."

اسان ڊرائيور کي آخر ۾ اهو سمجهايو تہ تون ڪجهہ دير رکي دوستن کي اهو آسرو ڏجاءِ تہ "مان سائين امداد محمد شاهہ جو نمڪ کاڌو آهي. ڪوٽ جي اترپاسي جي ديوار ننڍي آهي، اوهان چاهيو تہ اها ديوار ٽپي ويجو ان پاسي ايجا پوليس نہ پهتي آهي."

اسان رات جي اونداهي ۾ ڪوٽ جي مک دروازي وٽ ڪار بيهاري ڊرائيور کي دوستن ڏي موڪليو. دوست اندر ڪمرن ۾ تاس کيڏي رهيا هئا، کي همراهہ سمهڻ جي تياري ڪري رهيا هئا. ڊرائيور بہ ڊوڙندي گهبرايل انداز ۾ اداڪاري ڪندي هنن کي اها خوفناڪ خبر ڏني تہ توهان پوليس جي وڪڙ ۾ آهيو، صرف ويڙهہ جو هڪ گهٽ اٿو پٽ ٽپي ويجو.

ڊرائيور جيئن ئي اندر ويو اسان بہ ڪار مان لهي فرش تي زور زور سان پيرن جا ڏڙا هنيان. ساڳي وقت هڪلون ڪيون. "نہ ويندو.... نہ ويندوءِ. پڪڙيو... پڪڙيو."

اسان ڏٺو تہ اسان جي سامهون سڀ دوست ڪمرا خالي ڪري ڊوڙندا اوڏڪي پٽ چڙهي ڪوٺ ٽپي ويا. اک چنپ ۾ سارو ڪوٺ خالي ٿي ويو.

هنن کي سامهون ڊوڙندي پٽ ٽپندي ڏسي. اسان وڏا ٿهڪ ڏئي رهيا هياسين تہ اوچتو ڳوٺ ۾ ڪتن جي باهوڙ شروع ٿي وئي. ائين لڳو تہ اسان جي پاڇوڪڙ ساڻين پويان ڳوٺ جا ڪتا لڳا آهن. ڪوٺ پرسان پاڳين جا گهر بہ هئا. اسان کي خوف ٿيو تہ متان پاڳيا اسان جي يارن کي چور سمجهي ڏکي نہ وجهن. ساڳي وقت ٻنين جي وچ ۾ ڪيترا ڪڏا ڪوبا ۽ هڪ پراٽو ڪليل ڪوهہ بہ هو. پوءِ هو تہ اونداهي ۾ ڪو همراهہ ان ۾ ڪري نہ پئي.

اسان پوءِ تہ ان خوف کان ڪوٺ اندر بيهي سندن نالي وٺي ڪين واپس ورائڻ لاءِ رڙيون ڪرڻ لڳاسين تہ "اسان پوڳ ڪيو آهي.... پوليس ڪانهي... واپس اچو..."

اسان جي رڙين تي ڪجهہ دير بعد ڪوٺ ۾ رکيل هڪ پلال جي ٻنڌ مان غلام علي نظاماڻي ظاهر ٿيو همراهہ وزن ۾ ڳورو هئڻ ڪري پٽ ٽپي نہ سگهيو. هن پنهنجي مٿان پلال وجهي پاڻ کي پوليس کان لڪايو هو هن پنهنجي مٿان پلال هٽائيندي مٽي چنڊيندي سرائڪي ۾ چيو "منهن ڪالا ٿيو.... اهڙا پوڳ ڪبا هي.."

پرسان ئي اوڏڪي ديوار جي بنيادن وٽ ڪتي جي ڪوٽيل ڏر مان ڪپڙا چنڊيندو تاج جويو بہ نڪتو هو ديوار ٽپڻ بجاءِ ان ڪتي جي ڏر مان باهر پڇڻ جي چاهي پيو پر ڏر سوڙهو هئڻ ڪري همراهہ نڪري نہ سگهيو. بهرحال همراهہ ريورس گيئر هڻي باهر نڪري آيو.

ان بعد همراهن کي هٿ ڪرڻ لاءِ اسان سڀ ڪوٺ کان باهر نڪري ٻنين ۾ آياسين. ڳڳهہ اونداهي ڪري ڪابہ شيءَ نظر نہ پئي اچي. اسان وڏي واڪي دوستن جا نالا وٺي ڪين آگاهہ ڪندا رهياسين تہ "پوليس ڪانهي.... اسان پوڳ ڪيو آ... واپس اچو." آخر ڪافي دير

اسان جي رڙ راڙي بعد هڪ هڪ همراهه کي واٽر کورس مان ٽر کي ڪرڙ ڪاندارِي جي اوٽ مان ظاهر ٿيو.

اسان جي پرسان هڪ ننڍڙي ٻوٽي جي اوٽ مان غلام رسول کوسو ۽ هڪ ٻيو دوست نڪتو. جنهن جو مون کي هن وقت نالو ياد نٿو اچي. هو گاريون ڏيندا ٻاهر نڪتا. حالانڪ ان ٻوٽي وٽ اسان کافي دير کان بيٺا سڏ ڪري رهيا هئاسين، اسان جڏهن هنن کان پڇيو ٽ "توهان اسان جي ايترو ويجهو لڪيا پيا هيو پوءِ جواب چو نه پيا ڏيو" ٽ هنن ورندي ڏني ٽ "اسان سمجهيو ٽ اها به پوليس جي چال آهي. پوليس اوهان تي تشدد ڪري، زوري اسان کي سڏرائي ٿي... جيئن ئي ظاهر ٿينداسين ٽ پوليس گرفتار ڪندي."

بهرحال جڏهن سڀ دوست هٿ اچي ويا ٽ واپس سائين امداد محمد شاهه جي اوطاق تي آياسين، کل سان گڏ افسوس به پيو ٿي، کي دوست گپ چڪ ۾ ليٽڙيل هئا، ڪن جا ڪپڙا ڦاٽل هئا، ڪنهن کان ڪاندين جي رهڙن ڪري رتو پيو ڳڙي.

4 نومبر 1976
بابا جي دليرانہ گفتا

هڪ دفعو ڪراچي ۾ ٽريبيونل ۾ پهتاسين تہ بابا سائين ڪجهہ وقت پهريان ڪورٽ ۾ اچي ويو هو هڪ بابا جي دوست جيڪو ٽربيونل جو جج هو، باهر بابا کي بينل ڏنو تہ يڪدم اردلي کي چئي بابا کي اندر چيمبر ۾ سڏ ڪيائين. اتي ٽربيونل جا ٻيا جج بہ ويٺاهئا، سيني چانهہ پيئڻ دوران، بابا کان ڪورٽ جي احاطي ۾ موجودگي جو سبب پڇيو، بابا کين ٻڌايو تہ منهنجو پٽ بہ ڊي پي آر جي ڪيس ۾ گرفتار آهي، ان جي حاضري تي آيو آهيان." ججن کي اهو ٻڌي تعجب ٿيو، ان مان هڪ ٻہ جج بابا سائين سان ڪافي ويجهو هئا. هنن بابا کي صلاح ڏني تہ اسان هن کي آزاد ڪري سگهون ٿا، جيڪڏهن هو يا توهان واعدو ڪيو يا لکي ڏيو تہ هو ٻيهر اهڙي ڪا ايڪٽوٽي نہ ڪندو تہ اسان هاٿي ئي سندس ضمانت ڪٽڻ لاءِ تيار آهيون، خير بابا سائين ڪجهہ دير ڪانپوءِ چيمبر مان نڪري باهر آيو، مون کي ٿورو پاسي تي وٺي رازدارانہ انداز ۾ چيائين تہ ججن جو هي خيال آهي، "جيڪڏهن اسان کين ڪنهن نموني بہ يقين ڏياريون، تہ تون ٻيهر اهڙي ڪم ۾ حصو نہ وٺندين تہ هو هاٿي ضمانت وٺڻ لاءِ تيار آهن." مان ٿوري دير سوچي آخر پاڻ ئي بابا کان سوال ڪيو تہ "بابا توهان ڪهڙي صلاح ٿا ڏيو".

بابا منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيو:

"پٽ هنن جي ڪابہ پيشڪش قبول نہ ڪرٽي آهي، مڙسي سان جيل کي منهن ڏي"

بابا جي اها حوصلہ افزا ڳالهہ ٻڌي مون بہ کيس چيو:

"بابا منهنجو بہ اهو جواب آهي."

اهڙي طرح ٻئي دفعي جو ذڪر آهي جڏهن مان ڪاليج مان ٻن سالن لاءِ ريسٽيڪيٽ ٿيس تہ ڪجهہ عرصو بابا کان ڳالهہ لڪايم. خوف هيو تہ بابا سائين ناراض ٿيندو. وڏي کا پادر بازي ٿيندي. هون بہ بابا سائين مون کي ننڍي هوندي واهہ جو ڪٽيندو هو. بهرحال هڪ ڏينهن ڍڄندي ڍڄندي مون بابا کي ٻڌايو تہ "مان ٻن سالن لاءِ ريسٽيڪيٽ ٿي ويو آهيان."

بابا ڪجهہ دير سانت ٿي ويو. سوچان پيو تہ وڏو ڪو ناراضگي جو اظهار ڪندو. بهرحال ڪجهہ وقفي بعد بابا مون کي ڏسي چيو. "پٽ انسان جي زندگي حادثن جو مجموعو آهي. تنهنجي زندگي ۾ اهو پهريون وڏو حادثو آهي. اڳتي بہ توکي زندگي ۾ الائي ڪيترن خراب حادثن سان واسطو پئي. بهرحال اهو وقت گذري ويندو."

بابا جي اها تسلي ٻڌي يقين ڪيو تہ منهنجي سر تي ڪافي عرصي کان ڪنيل بار لهي ويو. مان وري هلڪو ڦلڪو روزمره جي معمولات ۾ داخل ٿي ويس. پوءِ مون اهي ريسٽيڪيشن جا بہ سال ڏينهن رات راندين کي ڏنا. ڪرڪيٽ جو ٽرافي ميچز کيڏيس. ساڳي وقت اٿليٽڪ ۾ ملکي ليول تائين حصا ورتا. مطلب تہ اهي بہ سال مون استيڊيم. راندين جي ميدانن تي. ٽوئر ڪندي گذاريا. هڪ ٽوئر تان موٽي ايندو هيس تہ وري ٻئي ٽوئر جي تياري رهندي هئي.

بهرحال جڏهن منهنجي ريسٽيڪيشن جو مدو پورو ٿيو. مون نئين سَري سان امتحان ڏنا ۽ فرسٽ ڊويزن حاصل ڪئي.

هڪ ٻيو بہ اهڙو موقعو آيو جنهن ۾ مون کي بابا جي دليري ڏاڍي بي مثال لڳي. بابا سائين ان وقت ڪراچي ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ هو ان وقت بابا شايد گارڊن جي آفيسرس هاسٽل ۾ رهندو هو. مان بابا وٽ ڪجهہ ڏينهن رهي. بابا کان يونيورسٽي جو خرچ وغيره وٺي. صبح جو يونيورسٽي لاءِ روانو ٿيس. پهريان جامشوري آيس. جامشوري ۾ مان گهٽو ڪري انٽرنيشنل هاسٽل ۾ مختيار چنہ. علي ڏنو شاهہ. رضا کهاوڙ اعجاز گاد. مشتاق ميراڻي وٽ اچي رهندو هيس. بهرحال انٽرنيشنل هاسٽل پهتس تہ دوستن خبر ٻڌائي تہ "سپاف خيرپور جي لالا اسد شيخ کي اسان جي گروپ جي ساجن ڏاهري ۽

سنڌس دوستن پڌعيدن ريلوي اسٽيشن تي گوليون هڻي ماري وڏو آهي، جيئن تہ لالا اسد خيرپور جو رهاڪو هو. هو خيرپور کان نوابشاهہ ڪاليج اچي رهيو هو تہ اتفاق سان ساجن ڏاهري بہ ان وقت دوستن سان گڏ پڌعيدن اسٽيشن کان گاڏي ۾ نوابشاهہ لاءِ چڙهي رهيو هو. هن جي لالا اسد تي نظر پئي، هن ان تي حملو ڪيو لالا اسد کي ڪافي ڏک لڳا. خبر اها ٻڌائي وئي تہ گولي مٿي ۾ لڳڻ ڪري هو مري ويو آهي. پوليس ساجن ڏاهري سان گڏ اسان کي ڳولي رهي آهي. لالا اسد کي قتل ڪرڻ واري ايف آءِ آر ۾ منهنجو بہ نالو ڏنو ويو آهي. شاگرد جي مرڻ جي خبر جامشورو ۾ہاهہ جيان ڦهلجي وئي. ساڳي وقت پوليس بہ تحرڪ ۾ اچي وئي. ان تي ڪن دوستن مون کي صلاح ڏني تہ ڪجهہ ڏينهن لاءِ روپوش ٿي وڃ. جيستائين پوليس جو زور گهٽجي. خير مان رات جو ئي ماما قمرالدين جي گهر اچي رهيس. ماما سان بہ اهڙو ذڪر نہ ڪيو ان خوف ڪري ساري رات ننڊ نہ آئي. صبح جو ساجهر اٿي ٻاهران وڃي اخبارون ورتم. جن ۾ڪو اهڙو ذڪر نہ مليو. خير مان تيار ٿي بابا جي آفيس آيس. ان وقت بابا جي آفيس نيشنل اسٽيڊيم ۾سان هئي. آفيس ۾ داخل ٿيس. بابا مئجسٽريٽ جي حيثيت ۾ وينو ڪورٽ پيو هلائي. مان اتان سڌو ڪورٽ جي چيمبر ۾ وڃي وينس. بابا ڪيس هلائي چيمبر ۾ آيو تہ تعجب مان مون کان پڇيائين "چو پٽ تڪڙا واپس آيا آهيون."

مان امالڪ پريشاني جي ڪري ڪيس چيو "بابا مون تي هڪ خون جو الزام آهي. پوليس کڻ آهي."

بابا ڪجهہ نہ وراٽيو گهنٽي ڏئي اردلي کي گهرائي چانهہ ۽ بسڪوٽ جو چئي. ان بعد وڏي اطمينان سان چيائين.

"پٽ ائين ٿيڻ نہ گهربو هو هاڻي جي ٿي ويو آهي تہ منهن ڏيندا سين." انهن جملن في الحال تہ مون کي ٻوڏاري مان ڪڍي ڇڏيو. بهرحال ٿوري عرصي بعد خبر پئي تہ لالا اسد مئو نہ آهي. پر ڏاڍو خراب زخمي ٿيو آهي. ڪراچي جي ڪنهن اسپتال ۾ علاج لاءِ رهيل آهي.

ساجن ڏاهري بعد ۾ ٻڌايو هو تہ هن جو لالا اسد کي ائين اسٽيشن تي ڏنو تہ هن کيس ڏاڍا ڏک هيان. مغز ۽ ٽنگن وغيره تي ڏاڍو ڪُٽيو

پستول هن جي لوندڙي تي رکي فائر ڪيو جيڪو هن جي ڦٽڪ ڪري شايد چماؤ ٿي ويو گولي مغز ۾ ذري کان رهجي وئي، بهرحال هن وقت نواب شاهه جي ڪورٽن ۾ ٻين دوستن سان گڏ اسان تي اهو ڪيس به هلي رهيو آهي. جن ۾ ساجن ڏاهري سميت اسان سي حبيب الله ڪابورو، غلام رسول ڪوسو، نديم عباسي، علي حسن شاهه، رسول بخش ٿيبو حاضري تي ويندا آهيون.

❐

8 نومبر 1976
جبار اُوڈ کي ڦاسي

ٻنيھرن ڏاري ھرڪو پنھنجي پنھنجي ڪرت ۾ مصروف ھو تہ اوچتو غوث بخش خاصخيلي جيل جي سپاھين سميت وارڊ ۾ داخل ٿيو غوث بخش خاصخيلي خيرپور جي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڈريشن جو عھديدار آھي. اسان جي حاضرين مھل ٻاھر اڪثر ساٿس ملاقاتون ٿيندیون ھيون، پر ھمراھہ کي بہ سوگھو ڪري ھت پھچايو ويو آھي. يار کي سيني جيل جي ساٿين ڳرائڙيون پائي ٻليڪار ڪئي. پوءِ سڀ دوست ھن جي چوڦير مچو ڪري ساٿس ڪچھري ۾ مگن ٿي ويا.

سج لاڙائو ٿيڻ تائين اسان جي ڪچھري جاري ھئي تہ اوچتو جيل ۾ روج راڙو پئجي ويو. انھن ۾ عورتون ۽ ٻارڙن جي روئڻ ۽ ڏيڪارن جو آواز واضح ھو. ھي سڀ ان قيدي جا مٽ مائٽ ھئا، جيڪي ساٿس آخري ملاقات ڪرڻ آيا ھئا. ھن جيل ۾ اڄ رات ڦاسي گھاٽ ۾ قاتل جبار اوڈ کي ڦاسي ڏني ويندي. انڪري صبح کان وٺي جڙ ساري جيل تي اداسي جا ڪڪر چانيل آھن. سيني قيدين جون ھن ڦاسي ڪائيندڙ نوجوان سان ھمدرديون آھن. ڪيترين قيدين تہ ان غم ۾ سارو ڏينھن پتو بہ نہ ورتو آھي.

ھاٽي واھيري جي ويلي تي دل ڏارينڊڙ ٻارن سيني کي غمناڪ ڪري ڇڏيو آھي، جيئن تہ خيرپور جيل ھڪ ننڍو جيل آھي، ساڳي وقت ڦاسي گھاٽ جون ڪوليون بہ ڪجھ قدر اسان جي وارڊ ۾ پرسان آھن، ان ڪري ھلڪي اونداھي جي سانت ۾ اسان کي ھر آواز واضح ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. جبار اُوڈ سان آخري ملاقات ڪندڙ سندس عزيز منھن مٿو ٻڌيندا اسان جي وارڊ ۾ پرسان گذري رھيا آھن. ايتري قدر جو سندن

قدمن جا آواز بہ صاف ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. ان وقت هڪ قيدي پڇندي اچي ٻڌايو تہ قيدي جي پيٽ غم ۾ غش ٿي ڪري پئي آهي، جنهن کي هوش ۾آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي.

جيل ۾ اهڙي سوڳوار ماحول ڪري اسان بہ اڄ راند روند، ونجهہ وٽي ۽ تاس وغيره کيڏڻ ڇڏي ڏني آهي، ڳائڻ وڄائڻ ۽ ٺهڪڙن تي بہ تالا آهن. هون بہ ڪجهہ ڏينهن کان ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان قاسي جي باري ۾ ذڪر نڪري ٿو. اسان جا مقدم بہ پل پل جي خبر آڻي ڏين ٿا. جيئن هڪ قيدي اچي ٻڌايو تہ جنهن رَسي سان قيدي کي قاسي ڏني ويندي آهي، ان رَسي کي تيار ڪرڻ کان اڳ قيدي جو وزن ۽ ان جو قد ڪاٺ بہ ماپيو ويندو آهي. ان بعد ان تيار ڪيل رَسي ۾ قيدي جي وزن جيترو بار ڪنهن ٻوري يا ڳوڻ ۾ وجهي ان کي لڙڪائي جهٽڪا ڏنا ويندا آهن، جيئن پڪ ٿي تہ اصل قاسي مهل قيدي جي وزن ڪري نوڙي ٽٽي/ڇڇي نہ پئي. اڄ هن اُوڏ لاءِ جيل ۾ جڏهن اهڙي تيار ڪيل نوڙي کي وزن ٻڌي جهٽڪا ڏنا ويا تہ اهو رسو ٽٽي پيو. جيل جا ٻيا قيدي ان نوڙي ڇڇڻ کي قاسي چڙهندڙ قيدي لاءِ سڻو سنوڻ سمجهن ٿا، سندن خيال آهي تہ جلد ئي هن قيدي جي قاسي جي سزا معاف ٿيڻ جي خوشخبري ايندي.

ان قاسي جي ڦندي کي لسو ڪرڻ لاءِ مکڻ يا ٻيو ڪو ڪيميڪل بہ هيون ويندو آهي. جيئن تيل يا مکڻ سرڪڻ قاهي کي وڌيڪ سٽيو ڪري ۽ قاسي ڏيڻ مهل رڪاوٽ نہ بڻجي. قاسي مهل قيدي جي منهن تي ڪارو نقاب پارايو ويندوآهي، ساڳي وقت هن جا پويان ٻانهون ۽ هٿ ٻڌڻ سان گڏ پير بہ سوگها ڪيا ويندا آهن.

هتي جيل ۾ گهُٽو ڪري جڏهن بہ ڪنهن قيدي کي قاسي جي تاريخ ٻڌائي ويندي آهي. ان ڏينهن کان اهو قيدي کائڻ پيئڻ گهٽائي يا بند ڪري ڇڏيندو آهي. اهو نہ رڳو قاسي جي خوف کان پر اڪثر قيدين جو قاسي اڇڻ کان پوءِ پائخانو ۽ پيشاب نڪري ايندو آهي. اهڙي بدنامي کان بچڻ لاءِ گهٽا قيدي مورڳو کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندا آهن، ڪن قيدين جو تہ انزال بہ ٿي ويندو آهي.

اها حقيقت آهي تہ قاسي تي چڑهڻ بعد رت جون نالیون ڦاٽڻ ڪري ماٺهو جون اکيون، چپ ۽ ٻاهر نڪري ايندا آهن، ڳچي تي رسي جا نشان نقش ٿي پوندا آهن ۽ چهرو پڻ زرد ٿي ويندو آهي.

هون ۽ دنيا ۾ دشمن ۽ ڏوهارن کي مارڻ جا جدا جدا طريقا آهن جيئن زهر جي انجيڪشن هڻي مارڻ، بجلي جو ڪرنٽ ڏيڻ، گئس چئمبر ۾ قيدي کي ويهاري زهريلي گئس ڇڏڻ، پراڻي زماني ۾ سَرُ اڏي تي رکي ڪات سان ماٺهو جي منڊي ڪٽيندا هئا. اهو طريقو اڄ ۽ سعودي عرب ۽ ڪن ٻين ملڪن ۾ رائج آهي، بارود جي ايجاد بعد ڪيترا ڏوهاري ۽ جنگي مجرم فائرنگ اسڪواڊ سامهون بيهاري ماريا ويا، پر هاڻي اڪثر ملڪن ۾ ماٺهو کي موت جي سزا گهٽو ڪري قاسي ذريعي ڏني وڃي ٿي. جنهن تحت مجرم کي ڳچي ۾ رَسو وجهي لڙڪائي ماريو ويندو آهي. اها سزا قديمي وقت کان رائج آهي، جنهن جو ذڪر يوناني ڏاهي هومر پنهنجي ڪتاب 'آڊيسي' ۾ ۽ ڪيو آهي. اوائلي زماني ۾ ديوتائن کي پيٽا ڏيڻ مهل ٻين قربانين سان گڏ، ماڻهن کي قاسي ذريعي ۽ قربان ڪيو ويندو هو خاص ڪري اسڪينيڊيوين جا ويڙها وائڪنگ پنهنجي ديوتا 'اڊين' اڳيان مظلومن کي ڳچي ۾ رسا وجهي لٽڪائي پنهنجي ديوتا کي خوش ڪندا هئا. اسان وٽ اڃڪلهہ گهٽيون خودڪشيون ۽ قاهي ذريعي ڪيون وڃن ٿيون.

قاسي ڏيڻ مهل عموما قيدي کي ڪنهن بلند جاءِ تي بيهاري، ان جي ڳچي ۾ سرڪڻ قاهي جيان رَسو وجهي، اوچتو پيرن هينان تختا يا ڪوٺ سهارو ڪيڊي ڇڏبو آهي. ڪٽي تہ قيدي کي ڳچي ۾ رَسو وجهي جهٽڪي سان مٽي ڪڍبو آهي. اهڙي جهٽڪي سان ساهہ گهٽجڻ ڪري ڳچي وٽ ماٺهو جو چهري ۽ دماغ ڏي ويندڙ رت جون نالیون ۽ شهہ رڳون بند ٿي ويندیون آهن، جنهن ڪري دماغ ڏي ويندڙ رت رڪجي ويندو آهي. ماٺهو ساهہ/دم گهٽجڻ ڪري پندرهن ويهن منٽن ۾ مري ويندو آهي. ساڳي وقت انساني ڪرنگهي جون تنتون ۽ ڪجهہ مهرا ۽ ٽٽي پوندا آهن. ڇيو وڃي ٿو تہ قاسي اڇڻ بعد ۽ ماٺهو جي جسم جا ڪجهہ عضوا ڪافي وقت تائين ڦٽڪندا رهندا آهن، ان ڪري لاش کي ڪجهہ دير ٽنگيل رکبو آهي، ڪڏهن پندرهن ويهن

منٽن کان وڌيڪ ٻہ لاش هوا ۾ لڏندو رهندو آهي، ان کري ڦاسي ڏيڻ مهل اهو چيو يا لکيو ويندو آهي.

"Hang by the neck until dead"

هت گهٽو کري قيدي کي اَسُر مهل ڦاسي تي لٽکايو ويندو آهي، قيدي ٻڌائن ٿا تہ جنهن رات کنهن کي ڦاسي ڏيڻي هوندي آهي، ان رات گولن ۾ ٻين هٿراڏو بتين جو انتظام کيو ويندو آهي، جيئن اتفاق سان بجلي وغيره هلي وڃي تہ انهن بتين جي روشني مان مدد ورتي وڃي، اهو شايد کنهن امکاني حادثي کان بچڻ لاءِ کيو آهي. جيل ۾ مشهور آهي تہ جڏهن رحيم هنگورو کي ڦاڻئ لاءِ حيدرآباد جيل تي سندس زال پنهنجي ساڻين سميت حملو کيو هو ان وقت بجلي بند کئي وئي هئي، جنهن دوران جيل تي حملو کيو ويو. پر اتفاق سان جڏهن رحيم هنگورو جيل جي ٻت تي چڙهي ٻاهر ٻڃڻ وارو هو تہ بجلي اچي وئي. ان کري رحيم هنگورو بجلي جو جهٽکو لڳڻ کري ديوار تان جيل اندر کري پيو ۽ وري پکڙجي پيو هو. بهرحال هت ٻہ جبار اوڏ کي ڦاسي ڏيڻ لاءِ گئس جي گولن ۾ ٻي روشني جو بندوبست کيو ويو آهي.

هن مهل جيئن جيئن سنجها اونداهي جو ويس پائي رهي آهي، تيئن جيل تي اداسي ۽ هراس ڇانئجڻ شروع ٿيو آهي. اُوڏ سان آخري ملاقات لاءِ آيل سندس گهرياتي جيل جي ٻاهران وينا آهن، سندن روئڻ ۽ پار کرڻ جا آواز رات جي خاموشي ۾ واضح ٻڌڻ ۾ اچي رهيا آهن. هنن جي روڄ راڙي کري پکي پکڙ ۾ ٻہ ڇڻ ٽاهہ پئجي ويو آهي. هو ٻہ پنهنجي آکيري ۾ ڇڻ ٻيچين آهن، وقفي وقفي سان کانون جي کان... کان.... يا ٽيٿهر جو آواز اچي ٿو. هڪ طرف جيل ۾ اندر ۽ ٻاهر غمناڪ ماحول ۽ گهبراٽ ڇانيل آهي، ٻئي طرف نزديڪ کا شادي ٻہ آهي، جنهن کري سهرن لاڏن ۽ گاڻن جا آواز زوري ڪنن ۾ لڳا وجن ٿا. عجيب دنيا آهي، ڪٽي موت سان منهن تہ ڪٽي شادي جا شادمانا، ڪٽي روڄ راڙو تہ ڪٽي گانا بجانا. جيل ۾ ڇڻ راکاس گهمي ويو آهي. هر قيدي ائين ٿو سمجهي تہ سندس ويجهو عزيز ٿوري دير ۾ موت جي ديوتا يمراج جي ظالم چنبن ۾ اچڻ وارو آهي. منهنجي

اکين کان بہ جڙ ڪو ننڍ ڪسي ويو آهي، روح بيقرار ۽ عجيب اُٿ ٽُڙ آهي، ان ڪري مان پنهنجي پريشاني دور ڪرڻ لاءِ پنهنجن ننڍڙن ياٽرن اشفاق انصاري ۽ اخلاق انصاري ڏي خط لک رهيو آهيان.

جيل جو اهو دستور آهي ته هر ڪلاڪ کان پوءِ سنتري گهنڊ تي ڏڪ هڻي سيني قيدن ۽ عملي کي وقت کان باخبر ڪندو رهندو. جيڪڏهن شام جا پنج ٽينڊا ته گهنڊ کي پنج ڏڪ هڻندو ڇهين ڀجي ڇهه ڏڪ. اڪثر گهنڊ جا ٽڪاءَ ٻڌي بستري تي ستل قيدي بہ وقت کان واقف ٽيندو رهندو آهي، پر جنهن رات ڪنهن قيدي کي ڪاسي ڏيڻي هوندي اٽن، ان رات گهنڊ تي ڏڪ نہ هڻندا آهن، جيئن قيدي کي اهو احساس نہ ٿي ته هن مهل ڇا وقت ٽيو آهي ڇو جو اڪثر ڪري قيدي کي صبح جو چئين ڏاري ڪاسي ڏني ويندي آهي. خبر نہ آهي ته صبح جو چئين ڏاري جو ڪاسي ڏيڻ پويان ڪهڙو منطق آهي، اها ڪنهن کان پڇا ڪبي؟ بهر ڪيف خط پورو ڪرڻ بعد مان وري هي ڊائري لکڻ شروع ڪئي آهي. هن وقت رات جو پويون پهر آهي. ڪاسي گهاٽ جي قيدين جي قرآن شريف جي تلاوت جو آواز گونجي ٿو. جيئن ته ڪاسي گهاٽ ويجهو آهي، ان ڪري ڪن ماٺهن جي گهمڻ جو آواز بہ اچي ٿو جيڪي اسان جي وارڊ پرسان اڇ وڇ ڪري رهيا هئا، شايد قيدي جي موت جو وقت ويجهو اچي ويو آهي.

رات جي سانت ۾ ڪولين ۽ ڪاسي گهاٽ جي لوهي دروازن جي ڪلڻ ۽ بند ٽيڻ جا آواز اچڻ لڳا آهن. مان هرويرو ڪن لائي اهي آواز ٻڌڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو. هن وقت ڪاسي چڙهندڙ قيدي جي ڪولي مان پاٽي ڪرڻ جو آواز اچي ٿو شايد مقتل گاهه ۾ وڃڻ کان اڳ ڪيس وهنجڻ لاءِ پاٽي ڏنو ويو آهي. مون کي ته غسل مهل، هن جي جسم تان فرش تي ڪرندڙ پاٽي جو آواز بہ جڙ ڏنگي ٿو.

ڪاسي گهاٽ جا ٻين قيدين بہ سُوري سينگاريندڙ ساٿي جي دل وڌائڻ لاءِ زور زور سان نعرا هڻڻ شروع ڪيا آهن، خيرپور جيل ۾ هن وقت ڪاسي گهاٽ ٻاونجاهه قيدي واري وٺيءَ سان پنهنجي موت جا منتظر آهن. ان ڪانسواءِ جيل جي ٻين ٻئرڪن ۾ واڙيل قيدين جي نعرن بہ جڙ سارو جيل مٽي تي کٽي ڇڏيو آهي.

انهن قيدين ۾ مقتل گاهه ڏي قدم پريندڙ قيدي جا نعرا ۽ شامل آهن. هن جو آواز سڀ کان وڌيڪ ڏکايل ۽ چڄريل آهي، ائين ٿو لڳي هن جا نعرا ڄڻ نڙي ۾ اٽڪي پيا هجن. ڪنهن مهل اهو گمان ٿو ٿئي ته ڄڻ ڪنهن جهنگلي جانور جو گلو ڪٽيو ويو آهي. هو ڪٽيل نڙ گهٽ سان ڪيڪرات ڪندو هجي. هن جو اهڙو ڪربناڪ ۽ غضبناڪ آواز ٻڌي منهنجي جسم جا وار ۽ ڪانڊارجي ويا آهن. ڄڻ منهنجو هيانو ۽ ڪو خوني چنبن سان رُوڙي رهيو هجي.

جيتوڻيڪ هن پنيراڪي ويلي، ڦاسي گهاٽ جي ٻاونجهاهه موت جي پاڏيئڙن جي آوازن سان گڏ، جيل جي سمورن قيدين جي نعرن، آسمان ۾ ڏار وجهي ڇڏيا آهن. هي سڀ قيدي گڏجي هن پورهيت اُوڏ جي همت وڌائي رهيا آهن. سمجهان ٿو ته انهن سڀني باندين جي همٿائيندڙ آوازن موت جي فرشتي کي ۽ ڪنبائي ڇڏيو هوندو. پر هن دراوڙ قبيلي سان تعلق رکندڙ اوڏ جي آواز ۾ ڄڻ ساري زماني کان شڪايت هجي، هن جي ان للڪار سان گڏ جيل جي ٻاهران گهاگهرا ۽ ڪانچڙي پاتل اُوڏڻن جي هڏڪين ۽ سڏڪن ۽ جيل جي برجن تي بيٺل سنترين کي ۽ روئڻهارکو ڪري وڏو آهي. اهڙا بيوسي ۽ بي ڪسي جا دردناڪ آواز ٻڌي منهنجو ۽ جيءَ جهري پيو آهي.

بهرحال ٿوري دير بعد ان سُوري چڙهندڙ قيدي جو دل ڏوڏيندڙ آواز بند ٿي ويو. جنهن مان لڳي پيو ته همراهه تخت دار تائين پهچي ويو آهي. عموما ڪنهن ۽ ماڻهو کي ڦاسي جو ڏنو وجهڻ مهل مئجسٽريٽ، ڊاڪٽر ۽ جيل جو ڪجهه عملو اکين ڏٺو شاهد هوندو آهي. ٿورڙي دير بعد آسمان ۾ آبابيلن جيان اڏندڙ قيدين جا نعر ۽ آهستي آهستي مدّم ٿيندا ويا. جنهن مان لڳي پيو ته هن متي ڊوئيندڙ اُوڏ جو لاش هاٿي ڏڏڙي هير ۾ جهولينندو هوندو. ساجهر ئي قيدي جو لاش ماڙي ۾ آڻي ضروري لک پڙهه بعد مڙهه مائٽن حوالي ڪيو ويو. صبح جو ٻين قيدين اچي ٻڌايو ته 'جبار اُوڏ' ڦاسي چڙهڻ مهل پيئڻ لاءِ پاڻي گهريو هو. پاڻي جي ڪجهه ڏڪن سان نڙي آلي ڪرڻ بعد سندس مٽڪو مروڙيو ويو.

□

10 نومبر 1976
خوفناڪ حادثي کان بچڻ

سياڻي نواب شاھ ڪورٽ ۾ پيشي ھئڻ ڪري صبح جو سوير ئي ماڙي تان پوليس پھچڻ جو اطلاع آيو عنايت، منير ۽ اسان باھر نڪتاسين تہ صوبيدار محمد حسين پوليس جي ھڪ ڪليل ٽرڪ سان بيٺو ھو. ھي صوبيدار ھڪ اڏ دفعو اڳ بہ اسان سان گڏ ھليو ھو. ھن دفعي لاڙڪاڻي پاسي جا فوج جا ڦوڙا قيدي ڏٺي بخش ۽ نواب جتوئي بہ ساڻ ھئا. موري ۾ چانھہ جا پيالا خالي ڪري اڳتي روانا ٿياسين تہ رستي ۾ اورٽيڪنگ ڪندي خوفناڪ حادثي کان بچي وياسين. اسان جي ھڪ سپاھي کي ڪجھہ رت ڏڻ جي قرباني ڏيڻي پئجي وئي. نواب شاھ ۾ اسان کي ٽائون ٽاڻي جي لاڪپ ۾ اڇي رکيائون. جتي ويچارو ھڪ ھارڙو بہ چوري جي الزام ۾ بند ھو. ٿوري دير ۾ عنايت رند ۽ منير رانا جا پائر ۽ دوست بسترا ۽ ڪاڏي پيتي جو سامان بہ کڻي آيا. رات جو ٽاڻي تي اڪبر رند ۽ عزيز ڀنگوار بہ ڪچھري لاءِ آيا.

□

11 نومبر 1976
علي محمد شاهه لکياري

.ح جو اک ڪلڻ سان ئي منير رانا جا پائر سٽيپي نيرن تيار ڪرائي آيا. ساڳي وقت سيني جي وهنجڻ لاءِ پاڻي جو بندوبست بہ ڪيائون. اڄ علي محمد شاهه لکياري سان بہ واهه جي محفل ٿي. هي سيد زادو نواب شاهه پرسان ڪنهن ٻهراڙي ۾ رهي ٿو. لکياري خاندان جو چشم و چراغ هئڻ ڪري منجهس اٽا ويني جا سڀ آداب آهن. جيئي سنڌ جو سرگرم ساٿي هئڻ ڪري، اسان جو سدائين ٻرجهلو رهيو آهي. هي ۽ اسان جو دوست سڻن ڏاهري شهر جي ڪاليج هاسٽل ۾ رهن ٿا. ان ڪري اسان بہ اڪثر شهر جا ٽالارا ڪندا اڇي سندن ڪمرن تي ساهي پٽيندا آهيون. علي محمد شاهه لکياري ۽ ساجن ڏاهري دل کولي مهماني ڪندا آهن. اسان جو پيارو دوست ساجن ڏاهري تہ هن وقت ڪراچي جيل ۾ بند آهي. البتہ علي محمد شاهه لکياري سان حاضري تي اڪثر ملاقاتون ٿيندیون آهن. يار تہ ڪنهن مهل ڳوٺ مان ئي ماني تيار ڪرائي ايندو آهي. اڄ بہ پيشي تي ملاقات ٿي تہ دل باغ و بهار ٿي وئي. يار وٽ تہ محبت جا مَٽ پريل آهن.

ڪورٽ ۾ اشرف پٽي کي ڪجهه سامان لکي ڏنم. اسان جڏهن بہ حاضري تي ايندا آهيون تہ جيل جا پراٽا قيدي ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ جي فرمائش ڪندا آهن. هن دفعي ٻين قيدين سان گڏ قادو شيدي لاءِ ڪپڑا ۽ چپل گهرايم.

آخر ڪورٽ جو وقت ختم ٿيڻ بعد ٽرڪ تي چڙهي دوستن کي هٿ لوڏي الوداع ڪري خيرپور لاءِ روانہ ٿياسين. نوشهرو فيرور ۾

پوليس جي ڪجھ سپاهين چانھ پيئڻ جو خيال ڏيکاريون. اھا حقيقت آھي جيڪا پوليس اسان سان حاضري تي گڏجي ھلندي آھي تہ انھن جي کاڌي پيتي چانھ وغيره جو اسان کي خيال رکڻو پوندو آھي. اکثر راضي رکڻ لاءِ کين سڻي خرچي بہ ڏيڻي پوي ٿي. جيئن يارن دوستن سان ملڻ ۾ رکاوٽ نہ ٻڌجن. انکانسواءِ پوليس پاڻ بہ حاضري تي آيل اسان جي دوستن کان خرچي گھرندي آھي. ڪڏھن تہ نشي پتي جي بہ دوستن کي فرمائش ڪندا آھن. مطلب تہ ھر حاضري تي اسان جو پاڻ کان وڌيڪ وڏو خرچ پوليس تي ھوندو آھي.

رستي ۾ پوليس جمعدار ھڪ سٽ جي ٻکري وٺي ٽرڪ تي چاڙھي. اسان جي ڪن دوستن ان تي اعتراض بہ ڪيو پر تنھن ھوندي ٻکري ٻي.....ٻي... ڪندي اچي خيرپور پھتي. رات جو سينٽر جيل بند ٿي وڃڻ ڪري اسان کي خيرپور ٽاٽي تي رکيو ويو.

17 نومبر 1976
زندگي جا نہ وسرندڙ واقعا

شام جو اسان حبيب الله ڪابورو، نديم عباسي، رسول بخش ٽيپو ۽ غلام رسول ڪچهري ڪري رهيا هئاسين تہ مون کين چيو اڄ هرڪو پنهنجي زندگي جو ڪو اڻ وسرندڙ واقعو ٻڌائي، جيڪو هن وقت تائين ڪائن وسري نہ سگهيو هجي. اسان سڀ کان پهريائين حبيب الله کي چيو تہ اهڙي ڳالهہ جي شروعات تون ڪر. حبيب الله احوال شروع ڪيو تہ "مان ايڏا ننڍڙو ٻار هيس تہ سَنڈَن جي ڪمزوري يا ڪنهن ٻي سبب ڪري منهنجو ٻئي ٽنگون سڪي ويون هيون، ان ڪري گهمي ڦري نہ سگهندو هيس. ڪيترن سالن تائين ائين ڪنهن جڏي جيان ريڙهيون پائي هلڻ جي ڪوشش ڪندو هئس. آخر ڪافي علاج ڪانپوءِ وڏي عرصي بعد پيرن تي ٻيهي گهمڻ ڦرڻ جهڙو ٿيس، آهستي آهستي پوءِ راند روند ۾ ڪيڏڻ لڳس، پر هاڻي تہ توهان جهڙن سان مقابلي لاءِ ۾ تيار آهيان. واقعي حبيب الله جون موجوده سرگرميون هلچل ڏسي ڪو۾ ائين محسوس نہ ڪندو تہ ڪڏهن هن يار اهڙا ڏکيا ڏينهن ۾ ڏٺا هوندا.

ڪابوري قصو بند ڪيو تہ اسان نديم عباسي کي چيو تہ ٻيلي تون ۾ ڪو اهڙو قصو ڪُٽ. نديم ٻڌايو تہ "مان ايڏا صفا ننڍڙو هيس، شايد بانبڑا ۾ مس پائيندو هيس، ان وقت اسان ڏٽي ۾ رهندا هئاسين، هڪ ڏينهن ڪا چري مائي مون کي ڪڇ ۾ ڪٽي هلي وئي، اڪيلو پٽ گم ٽيڻ جي ڪري والدين ڏاڍا پريشان ٿيا، اوڙو پاڙو ڇڻ سارو شهر ڳولهي ڳولهي ٽڪجي ويا. آخر مان کين هڪ چري مائي جي ڪڇ ۾ نظر اچي ويس، جيڪا مون کي ڪڇ ۾ کيون، پنهنجو پٽ سمجهيو

شهر ۾ گھمائيندي پئي وتي، ان ويچاري مائي جو اڳ کو پٽ گم ٿي ويو هو هوءَ ان پٽ جي گم ٿيڻ جي ڏک ۾ چري ٿي پئي هئي.

ان تي ڪنهن دوست گفتو ڪيو"، "ان چري مائي وٽ رهڻ ڪري ايڏا تائين توتي ڪجھ چريائپ جو اثر آهي". نديم ڳالھ ختم ڪئي ته اسان رسول بخش کي چيو ٻيلي هاٿي تون به ڪا اهڙي مزيدار ڳالھ ٻڌاءِ.

رسول بخش پنھنجي ننڍپڻ جو قصو ٻڌايو ته "مان ننڍي هوندي، پنھنجي ڳوٺ ۾ رونشي خاطر هڪ گابو ڪاهي چاڙڻ جي خيال کان گھران نڪتس. گابي کي ڳچي ۾ رسو ٻڌل هو مون احتياط رسي جو ٻيو ڇيڙو پنھنجي چيلھ سان ٻڌي ڇڏيو ته متان اوچتو گابو ڇڏائي ڀڄي نه وڃي.

اتفاق سان الائي ڪھڑي ڳالھ تان گابي ٽاھ ڪاڏو گابو وٽي ڀڳو جيئن ته مان قدبت ۾ هلڪو ڀارڙو هيس، ان ڪري گابي جي ڀڄڻ ڪري ان جي ڳچي ۾ ٻڌل رسي جي ست نه سھڻ ڪري زمين تي ڪري پيس. پوءِ ته گابو مون ڳوٺ ۾ گھليندو ۽ ليڙيون پارائيندو رهيو. نيٺ گابو ڪنهن سوڙهي جاءِ ۾ ڦاسي پيو ان دوران ڳوٺاٽن به منھنجو خراب حشر ڏسي ڊوڙي اچي منھنجي چيلھ مان رسو ڪڍيو."

بھرحال رسول بخش جي ان تاريخي عقلمندي تي وارڊ ۾ ڪافي دير ٽھڪڙو متو رهيو نديم ته ڪلي ڪلي ڪيرو ٿي پيو.

جيل جي ساڻارين آخر ۾ مون کي چيو ته تون به ڪو اهڙو احوال ڪر، مان قصو شروع ڪيو ته "مان جڏهن گورنميٽ پائلٽ سيڪنڊري اسڪول لاڙڪاڻي ۾ ستون پڙهندو هيس ته هر سال جيان اسڪول جا اسڪائوٽ، اسان جي اسڪائوٽ ماستر محترم غلام سرور سھتي جي اڳواڻي ۾ ڪوھ مري لڳندڙ ڪئمپ جي تياري ڪري رهيا هئا. مان به ان وقت اسڪول جو سرگرم اسڪائوٽ هيس، پر ڇوڪرن جو تعداد وڌڻ ۽ ساڳي وقت منھنجي عمر ننڍي هئڻ ڪري هنن مون کي ساڻ وٺي وڃڻ کان ٽپ جواب ڏنو هنن جي اوچتي انڪار ڪري مون روئڻ شروع ڪيو. منھنجا ڳوڙا ڳاڙڻ ڪري هنن کي رحم اچي ويو ۽ بٽ · ون کي ڪوھ مري ڪئمپ وٺي وڃڻ لاءِ راضي ٿيا.

اسان کوهہ مري (گھوڙا گلي) ۾ اسڪائوٽ ڪئمپ ختم ٿيڻ بعد راولپنڊي، اسلام آباد، پشاور، لنڊي ڪوتل گھمندا اچي لاهور پھتاسين.

جيئن ته منھنجو اھو پھريون ٽوئر ھو ان ڪري گھران مليل پئسا دل کولي خرچ ڪيم. حاتم طائي جيان دوستن کي کارائڻ، پيارڻ، قرض ڏيڻ. ٽوئر دوران ھڪ اڌ دفعو وري گھران پئسا گھرايم. ڪن دوستن جا پئسا ختم ٿي ويا ھئا، انھن اھو آسرو ڏنو ته في الحال تون اسان تي خرچ ڪر. اسان جا پئسا آيا ته حسابي حساب آھي، مان ھنن جي آسري تي صفا کيسا خالي ڪري ڇڏيا.

خير جڏھن اسان لاهور پھتاسين ته اتي اسان جا ٽي گروپ ٿي ويا، سرندي وارا ڇوڪرا وڃي ھوٽل ۾ رھيا، اسان جو اسڪائوٽ ماستر ۽ سرندي وارن سان وڃي ھوٽل وسايو لاهور ۾ جن جا مٽ مائٽ ۽ واقف ھئا، اھي وڃي اتي ھٽيڪا ٽيا، باقي ٽيون گروپ اسان لاوارثن جو بچيو جيڪي بي واھن جيان ريلوي پليٽ فارم تي پيا ھوندا ھئاسين، ھڪ ڏينھن انھن لاوارثن دوستن پروگرام ٺاھيو ته ھلي شالیمار باغ جو چڪر ڏجي. مان ۽ تڪڙو تيل ڦليل ڪري تيارٿيس، مون ته دوستن کي ٻڌايو ھو ته منھنجي گيدي ۾ ٽکو ۽ ڪونھي، خيال ھو ته ڪونہ ڪو دوست استيشن کان شالیمار باغ جو ۽ آنا پاڙو پريندو. مان اڳ ۾ ڪيترن ساٿين سان ڪُٽي واڌي ۾ اھڙي پلائي ڪري چڪو ھيس، بھرحال سڀ ساٿي گڏجي بس اڈي تي آياسين، ھرڪو ساٿي پنھنجي پنھنجي ٽڪيٽ وٺي وڃي بس ۾ چڙھيو مان ھيٺ وات پٽيون ھنن کي ڏسان پيو ته ڇاڪ ڪنھن نہ ڪنھن ھمراھہ کي مون تي رحم ايندو، مون کي پاڻ ڏي سڏ ڪري منھنجي ٽڪيٽ پريندو، پر ڪنھن ۽ دوست منھنجا ۽ آنا نہ پريا. ھٽون بس ھلڻ مھل ڏندڙا ڪيي ھٽ لوڏيندا ھليا ويا. سچ پچ ھنن جي بي رخي ڏسي مون کي روئڻ اچي ويو پوءِ ته ڪافي دير استيشن ٻاھران لڳل باغيچي ۾ روئندو رھيس، ھر ھر باغ ۾ لڳل واٽر سپلاءِ جو نلڪو ڪولي منھن کي پيو ڏوئان".

اھڙي طرح ڳالھين مان ڳالھيون نڪرنديون ويون، مان کين ھڪ ٻيو ۽ واقعو ٻڌايو ته 1971ع واري پاڪستان ۽ ھندستان جي جنگ دوران مان پاڪستاني فوج جي انجنيئرنگ بٽالين ۾ ھيس، ان جنگ

مهل پهريائين اسان کي فاضلڪا جنگ جي محاظ تي موڪليو ويو جتان پوءِ راجستان سيڪٽر آياسين. جيئن ته اسان انجنيئرنگ ڪور ۾ هئاسين. ان ڪري اسان کي اينٽي ٽينڪ ۽ اينٽي پرسن بارودي سرنگون وڇائڻ ۽ ڪٽڻ جي ٽريننگ ڏني وئي. دنيا جي بهترين فوج به بارودي سرنگهون وڇائڻ ۽ ڪٽڻ ۾ پنهنجو ئي وڏو نقصان ڪندي آهي. چو جو اهي زمين ۾ پوريل سرنگهون نظر نه ايندڙ سنهي تارن سان پاڻ ۾ ڳنڍيل هونديون آهن. ٿوري به غلطي وڏو نقصان ڪري وجهندي آهي.

انجنيئرنگ ڪور جا انجنيئر دشمن جي پيش قدمي روڪڻ لاءِ پلين جي هيٺان بارود هڏي پل کي ڌماڪي سان اڏائڻ جا ماهر هوندا آهن ته ساڳئي وقت ٿوري ئي عرصي ۾ واهن ۽ ڪئنالن مٿان لوهي پل اڏي بيهاريندا آهن.

فوج جي هن يونٽ وٽ تغاري، بيلچن کان وٺي وڏيون مشينون، ايڪسڪيويٽر، ڊوزر، ڊمپر، لوڊر، ڪرين، ٽريڪٽر وغيره به هوندا آهن.

بهرحال اسان راجستان سيڪٽر (عمرڪوٽ پرسان) پهتاسين ته سارو ڏينهن ڪيموفلاج مورچن ۽ هنڌن ۾ لڪيا وينا هوندا هئاسين. البت اوندهه ٽيندي ئي ٽرڪن ۾ چڙهي باربر ڏي ويندڙ سڙڪ جي مرمت ڪندا هئاسين. ان سڙڪ ذريعي ٽينڪ، توپون، تيل ۽ پاڻي جا ٽينڪر وغيره محاظ ڏي ويندا هئا. چين واري قيٽن وارين ڪرينن ۽ ٽينڪن هلڻ ڪري سڙڪ صفا چيتيون ٿي ويندي هئي. اسان رات جي اونداهي ۾ چمڙن جيان پنهجي ٻرن مان نڪري انهن سڙڪن تي ڪک، ڪانا، ٻوٽا، ڪڏهن وٽن جون ٽاريون ۽ ڏار رکي ان مٿان بيلچن سان مٽي جا تهه وڇائي پاڻي جو ڇڙڪار ڪندا هئاسين. اهڙي طرح اڳئين مورچن تائين سپلاءِ لائين بحال ٿي ويندي هئي. اسان صبح جو سهاڻ ٽيڻ کان اڳ واپس اچي پنهنجي مورچن ۾ لڪندا هئاسين. هڪ رات سخت سياڻي ۽ گگهه اونداهي ۾ اسان پنهنجي سواري واري ٽرڪ هڪ گهاٽي وڻ ٻهر هيٺان لڪائي بيهاري. ساري رات سڙڪ جي مرمت ڪئي. مان ڪمانڊر هئڻ ڪري گپ چڪ ۾ آلو لڳو سپاهين کي هڪلون ڪري جوش ڏياري رهيو هيس. آخر صبح جي روشني ٽيڻ کان اڳ سيني سپاهين کي واپسي لاءِ ٽرڪ ۾ ويهڻ جو حڪم

ڪيو ويو ڇو جو اهو خوف هوندو هو تہ ڏينهن جي روشني ۾ دشمن جا جهاز نہ بمباري ڪري ٻوٽيون ٻوٽيون ڪن. مان ٻہ پنهنجي سپاهين کي رڙيون ڪري ٽرڪ تي ويهاري، پاڻ ٽرڪ جي اڳيان ۽ مٿين هود نما حصي ۾ ويهي رهيس. مان ساڳي وقت ايئر سنتري جا فرائض ٻہ ڏيندو هيس، جڏهن ٻہ فوجي قافلو ڪاڏي ويندو آهي تہ هر ٽرڪ مٿان هڪ ايئر سنتري وينو هوندو آهي، هو آسمان ۾ نظرون ڦيرائي دشمن جي جهازن جي آمد جو ڊرائيور کي باخبر ڪندو آهي، پوءِ ڊرائيور يڪدم گاڏي ٻيهارينڊو آهي تہ سپاهي ٽرڪ تان لهي لڪي پنهنجي جان بچائيندا آهن.

بهر ڪيف ٽرڪ کي جڏهن واپسي لاءِ استارٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ سخت ٽڏ يا ٻي سبب ڪري ٽرڪ استارٽ نہ ٿي، لاچار سڀ سپاهي لهي ٽرڪ کي ڌڪو ڏيڻ لڳا. مان جيئن تہ مٿي ٽرڪ جي هود ۾ ليٽيل هيس، گپ چڪ ۾ سارو جسم آلو هو. ويتر اسُر جي ٽڏي هوائن ساڙي لاٽو هو ان ڪري اتي ئي لڪي سمهي رهيس، سمجهيم تہ اوندهہ ۾ ڪير ڪونہ ڏسندو.

جيئن تہ ٻہر هيڻان لڪايل ٽرڪ چڙهائي تي بينل هئي، همراهن ٻہ ٽرڪ کي پويان چڙهائي طرف ڌڪو ڏيڻ شروع ڪيو مان ٻہ ٽرڪ جي هود ۾ لڪيو وينو هيس، سپاهين جي ڌڪي ڏيڻ سان پهريان تہ وڻ جي پنن ۽ ٽارين مون کي صفا ڍڪي ڇڏيو. سپاهين جي وڌيڪ زور لڳائڻ ڪري آهستي آهستي وڻ جو هيٺ جهڪي آيل سنهيون ٽارين منهنجي جسم ۾ داخل ٿيندين ويون، ڪي وري جسم سان لڳي ٽٽي ٻہ پيون. مان سارو ٽارين ۾ دفن ٿي ويس، منهنجو ساهہ ٻوساٽجڻ لڳو مون کي پوءِ هو تہ ڪا چهنبدار ٽاري اکيون ڪيڙي اندو نہ ڪري وڃهي. اوچتو هڪ شاهوڙ ڊار منهنجي چهري ۽ نڙگهٽ کي چيپاٽڻ لڳو مان ان ڊار کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪئي، هوڏانهن ويهہ پنجويهہ سپاهين جو زور هيڏانهن مان اڪيلي جو زور. جيئن موتمار ڊار کان پنهنجو نڙ گهٽ بچائي سگهان. ٻہر جي ڪنڊن، سنهن ۽ ٽلهين ٽارين منهنجو ٻوٽاڙ صفا ڍڪي ڇڏيو هو. هاڻي تہ مورڳو دم پيو گهٽجي، ويتر هي نوڪدار ٽلهو ڊار سپاهين جي ٽرڪ کي هر

جھٽڪي سان ڪنڌ ڪپڙ لاءِ آتو ھو. اتي سوچيان پيو تہ رڙيون ڪري فوجين کي پنھنجي موجودگي جو ٻڌايان. جيئن مون کي اچي مرڻ کان بچائن.

پر ساڳي وقت اھو بہ سوچيان پيو تہ ليڊر ٽي ڪم کان نٽائي لڪي پيو آھيان. حالانڪ ٻين فوجن بار بار رڙيون ڪري ٽرڪ ۾ ويٺل سينئي سپاھين کي ھيٺ لاٿو مان ڪم چور اوندھ جو فائدو وٺي چپ ھٽي ويھي رھيس. پر ھاڻي شاھوڙ وڻ جو ڏار سپاھين جي ھر ڏڪي سان مون کي ملڪ الموت جيان چيپاٽي رھيو ھو. جڏھن ساھ صفا ٻوساٽجڻ لڳو تہ مان موت جي ڊپ کان دانھون ڪرڻ چاھيون پر ان وقت سوچيم تہ ھاڻي ڪُوڪُون ڪندس تہ وڌي بي عزتي ٿيندي. ان ڪري ھڪ طرف بي عزتي جو انديشو ھو. ٻئي طرف موت. لاچار مان موت قبولڻ لاءِ تيار ٿي ويس.

اوچتو ڊرائيور شايد چڙھائي ڏسي ٽرڪ کي پويان ڏکو ڏيڻ کان منع ڪيو. ھاڻي سڀ ساڻي گاڏي کي اڳيان ڏکو ڏيڻ لڳا. ھنن جي اڳيان ڏکو ڏيڻ ڪري آھستي آھستي منھنجي جسم ۾ داخل ڪنڊا. تاريون ۽ ڏار نڪرندا ويا. آخر ڪلي آسمان ھيٺان اچڻ ڪري آسمان ۾ تارا نظر اچڻ لڳا. بھرحال مان يڪدم ٽرڪ جي مٿين حصي مان ٽپو ڏئي ڊالي ۾ اچي پوءِ زمين تي پير کوڙيا. اوندھ ھٽڻ ڪري ڪنھن مون کي ڪونہ ڏٺو آخر ٽرڪ اسٽارٽ ٿيو تہ واپس اچي مورچن ۾ لڪياسين.

صبح ٿيو تہ منھنجي چھري تي ماتا جي داغن جيان نشان ۽ رَھڙون ڏسي ساٿين انھن رھڙن جي باري ۾ پڇيو تہ کين ڪوڙ ھٽي ٻڌايو تہ "رات ڪم دوران اوندھ ڪري ھڪ وڌي ڪاھي ۾ ڪري پيو ھيس. ان ڪري ڏڪ لڳا آھن."

مان جيل جي ساٿارين کي چيو تہ "اڄ پھريون دفعو توھان سان سچي ٽوڪيان" ان تي ڪنھن دوست گفتو ڪڏيو "تون ھون بہ ڪم چُور آھين."

19 نومبر 1976
عنايت رند ۽ منير رانا جي آزادي

صبح جو سياڻي ڪري اسان بسترن ۾ ئي پاسا ورائي رهيا هئاسين تہ لنگر جو ڏگهو مقدم عبدالمالڪ وڏيون ٻرانگو پريندي اچي خوشخبري ڏنائين تہ نواب شاهہ جي دوستن عنايت بلوچ ۽ منير رانا جي ضمانت جا ڪاغذ ماڙي تي پهچي ويا آهن. ان ڪري جلدي تيار ٿي ماڙي تي پهچو. يار اڄا سامان سرڙو سوگهو ڪري رهيا هئا تہ وري نياپو آيو تہ عنايت رند وارن جا دوست احباب جيل ٻاهران اچي ويا آهن. جيستائين عنايت وارا تيار ٿين، اسان چانهہ وغيره تيار ڪري ٻاهر آيل دوستن ڏي موڪلي، پر هنن موٽائي موڪلي تہ کين چانهہ جي طلب نہ آهي. بهرحال عنايت رند ۽ رانا منير اسان کان موڪلائي هليا ويا اسان بہ کين ڀرائڙيون پائي چيو "جا ڏي پير تا ڏي خير"

اها حقيقت آهي تہ عنايت بلوچ ۽ رانا منير پنهنجي سڀ سياڻ ڪري اسان سان ڪافي ويجها ٿي ويا هئا. عنايت کي تہ مون پنهنجو استاد ٿاهيو هو ڪائنس هر روز بلوچي سکندو هيس. مون تہ ان لاءِ الڳ نوٽ بڪ بہ رکيو هو جنهن ۾ بلوچي جا لفظ لکندو ويندو هيس. هون بہ مان نندپڻ کان لکائي پڙهائي ۾ جڏو رهيو آهيان.

نندپڻ کان وٺي لکڻ پڙهڻ ۾ جڏو هئڻ ڪري مان سدائين اسڪول ۾ پوئين بينچن تي لکي ويهندو هيس، تہ متان ڪو استاد سوال نہ ڪري وجهي. پر استاد بہ اهڙا ظالم جو اسان جهڙن ڏڏُ شاگردن کي تاڙيون وينا هوندا هئا. مطلب تہ لکڻ پڙهڻ کان صفا تپ وٺندو هيو. شاباس آهي اسڪول وارن کي جيڪي اسڪول جي عزت بچائڻ لاءِ مون جهڙي نالائق کي ڏکو ڏئي اڳين ڪلاس ۾ اماڻي چڏيندا هئا.

سمجهان ٿو تہ پهرين پرائمري سنڈي کان پنجين درجي تائين ائين ٿوٽيون ڏئي پهچايو ويو هئس.

اهڙي طرح جڏهن انگريزي ۾ ڇهين درجي ۾ گورنمينٽ پائلٽ سيڪنڈري اسڪول لاڑڪاڻي ۾ اچي داخلا ورتي تہ اتي بہ ڇهون ۽ ستون درجو ماڻ جي دعائن سان پاس ڪيم. اتي وري مون ۾ ڪلاس مان گسائڻ جي عادت پئجي وئي. صبح جو ڪلاس ۾ منهن ڏيڪاري باقي سارو ڏينهن ڪلاس کان ٻاهر گانون ۽ ڪتن کي پٿر هٽندو وتندو هيس. ان جو سبب اهو جو استاد جيڪو هوم ورڪ ڏين اهو کيان ڪونہ. زندگي ۾ ڪنهن بہ سبجيڪٽ جو فيئر بڪ نہ ٺاهيم. سبق سڏائين ڪچو. ظاهر آ روز روز استادن جي ڏمر کان بچڻ لاءِ سياڻن جي مقول مطابق "پڇڙ ڪم وريام جو"، کان ڪم ورتم.

هڪ ڏينهن اهڙي ڏٽي جو اسان جو ڪلاس ٽيچر منهنجي وڏي پيڙ ادي انيس اختر سان شڪايت ڪئي تہ اشتياق روز ڪلاس مان پڇي ٿو وڃي. ادي انيس اختر ساڻي اسڪول ۾ مون کان بہ ٽي درجا مٿين ڪلاس ۾ پڙهندي هئي. ادي بہ مون مسڪين تي رحم نہ ڪاڏو. سڏو اچي بابا سائين کي منهنجا ڪرتوت ٻڌايائين. پوءِ تہ بابا مون کي سنهي بهہ مان ڪيڙي ڇڏيو.

بهرحال مان جڏهن ائين ڪلاس ۾ پهتس تہ هڪ ڏينهن اسان جي فزڪس جي هڪ استاد بٽ صاحب مون سان ڪچهري ڪندي ٽيڪر ڏني تہ "اشتياق راندیگر تہ هونءَ بہ ذهين هوندا آهن. تون تہ هڪ وقت ڪرڪيٽ، ائٿليٽڪ ۽ فٽ بال ۾ اسڪول جي نمائندگي ٿو ڪرين. ٿورو نہ پڙهڻ ڏي توجهہ ڏين تہ واهہ واهہ". سائين بٽ صاحب جي اهڙي پوزي تي ائين ڪلاس جي سالياني امتحان ۾ مون اچي ڪتابن کي رَٽڻ شروع ڪيو. جڏهن نتيجو آيو تہ مان ائين ڪلاس جي سيني سيڪشن ۾ بہ ايائي سو چوڪرن ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ اچي ويس. ان وقت مون کي ڪنن پنهنجي تي اعتبار ئي نہ پيو اچي. جڏهن صبح جو اسيمبلي ۾ هيڊ ماسٽر سائين واحد بخش شيخ صاحب مون کي شاباس ڏيندي چيو "اشتياق انصاري جيئن راندين ۾

تہ سنو آهي، تيئن پڙهائي ۾ بہ چگو آهي،" ان وقت اسيمبلي ۾ سرتيفڪيٽ سان گڏ مون کي پنجٽيهہ رپيا انعام بہ ڏنو ويو.

اهڙي طرح انين ڪلاس ۾ اهڙي ڏماڪي بعد مون ميٽرڪ ۾ فرسٽ ڪلاس ڊسٽينڪشن سان پاس ڪئي، ان ڪري بورڊ طرفان مون کي ٻہ سال اسڪالر بہ ملندي رهي، جيڪا گهر ڳالهہ بہ نہ ڪيم. مورڳو ان اسڪالر جي پئسن سان راندين جا ٽوئر ڪندو رهيس. ساڳي طرح انٽر سائنس پري انجنيئرنگ بہ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري ميرٽ تي اچي نوابشاهہ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخل ورتي آهي. حالانڪہ لاڙڪاڻي اربن جون صرف ٻہ سيٽون آهن، جن مان هڪ مون کي ملي آهي. سچي ڳالهہ اها آهي تہ مئٽرڪ کان وٺي انٽر تائين مان ڪلاس روم جو ورلي منهن ڏنو هوندو.

خير هن ايڈي پٽاڻ جو مقصد اهو آهي تہ پاڻ لکڻ پڙهڻ کان ائين پڇندا آهيون جيئن ڪانو پڇي ڪمان کان. زندگي ۾ هي پهريون دفعو آهي جو جيل ۾ وقت گذارڻ لاءِ هَرويرو ڊيگهہ سان ويٺو هن قيد ڪاٽي جا پنا ڪارا ڪيان. ان ڪانسواءِ هت ٻيو مشغلو دوستن ڏي خط لکڻ آهي. هون بہ ساري زندگي پاڻ کي خط لکڻ ئي ڪونہ آيو. فوج ۾ رهڻ دوران بہ ڪڏهن ٻہ ٽي سٽون ابي امان ڏي لکي چڏيون هيون تہ "ايجا شهيد نہ ٿيو آهيان" باوجود چاهڻ جي پاڻ کي پريم پتر تہ مورڳو لکڻ ئي ڪونہ آيو. بهر ڪيف هن وقت تائين گهرياتين امان، بابا، ادا مشتاق انصاري، اشفاق، اخلاق، آفاق، اسحاق ڪانسواءِ پينرن ادي انيس اختر، نسيم اختر، نفيس اختر، فهيم اختر ۽ شميم اختر ڏي خط لکندو رهان ٿو. ان ڪانسواءِ هت وانڊڪائي گهٽي هئڻ ڪري دوستن اشرف پٽي، دلاور ميمڻ، نصر جان، مير حسين ٽالپر، سعيد ميمڻ، ڪليم لاشاري، خالد چنا، ساجن ڏاهري، سائين آغا منظور پناڻ، نقيب شاهہ، عزيز الله پيچوهو، شڪيل شاهہ، جي ايم سيد ۽ هڪ محترمہ سان خطن ذريعي رابطو آهي، مطلب تہ قيد ۾ خط لکڻ جي عادت بہ سوائي ٽي وئي آهي. هت گهٽو ڪري باهرين ٽپال ڪڍڻي منجهند جو ايندي آهي، ان مهل سيني جون نظرون بئرڪ جي در ڏي هونديون آهن. هر ڪڙڪي تي هرڪو اٽي ٻيو ليئا پائيندو آهي، پوءِ جنهن خوشنصيب

جو خط ايندو آهي هر قيدي پيو کيس مبارڪون ڏيندو آهي. هت ماڻهو کي ماني ملي يا نہ ملي پر هَيانو جي خوراڪ ضروري آهي. قيدي تہ ويچارا خط وري وري ڪري پيا پڙهندا آهن، مون کي بہ خطن جو شدت سان انتظار هوندو آهي، خاص ڪري ان محترمہ جو جيڪا ڪڏهن حاضري تي بہ ملڻ ايندي آهي.

بهرحال خطن ۾ نياپن جي تاريخ تي نظر وجهنداسين تہ معلوم ٿيندو تہ ماڻهو جڏهن جانورن واري زندگي ترڪ ڪري گهر ۾ ڳوٺ آباد ڪرڻ شروع ڪيا، هنن آسپاس جي ماڻهن ۾ وستين ڏي ڪڏهن باهہ ٻاري يا دونهو ڪري تہ ڪڏهن دهل جي جهنڊا لوڏي نياپو پهچائيندا هئا. ڪبوترن ۾ ڪانون کانسواءِ ماڻهو ڏوڙائي بہ پيغام ڏنو ويندو هو.

قبل مسيح اولمپڪ راندين جي ڏگهي ميراٿون ڏوڙ بہ ان يوناني راندیگر جي ياد ۾ ڪئي ويجي ٿي، جيڪو ميراٿون جي جنگ جي ميدان ۾ پرشيا خلاف فتح جي خبر پهچائڻ لاءِ ڏوڙيو هو.

دارا اعظم تہ باقائدہ ٽپال لاءِ چوڪيون قائم ڪري ان تي گهوڙي سوار مقرر ڪيا، چندر گپت موريا بہ ٽپال ڪاتو ٺاهي هر ڪوهہ تي پٿر هڻايا ها.

چچ نامو پڙهجي ٿو تہ لڳي ٿو تہ محمد بن قاسم ۾ راجا ڏاهر جي وچ ۾ سنڌ جي فتح جي جنگ بہ حجاج بن يوسف جي خطن ذريعي ئي وڙهي وئي هئي.

انگلينڊ، اٽلي، فرانس ۾ تيرهين صدي ڏاري ٽپال شروع ٿي، هندستان ۾ ارڙهين صدي ڏاري ٽپال ڪاتو قائم ٿيو.

هون بہ مختلف ماڻهن جي خطن جا ڪتاب موجود آهن، جيئن غالب، علامہ شبلي نعماني، سيد سلمان ندوي، شيخ ايان ابو الڪلام آزاد، جگر مرادآبادي، آسڪر وائلڊ، ونسنٽ وانگو، فرانز ڪافڪا، هينري جيمس، پشڪن وغيرہ.

ڪافي عرصو اڳ لاڙڪاڻي ۾ اسان جي دوست غلام سرور چنا ابوالڪلام آزاد جي "غبار خاطر" ۾ لکيل خطن جي تعريف ڪئي، مون غبار خاطر هٿ ڪري اهي خط وڏي چاهہ سان پڙهيا هئا.

ابوالڪلام آزاد اهي خط پنهنجي دوست حبيب الرحمان شيرواني ڏي قلعہ احمد نگر جي جيل مان لکيا هئا. ان قيدخاني ۾ جواهر لعل نهرو ۽ ساٿس بند هو.

ابوالڪلام آزاد کي صبح جو سوير چانهہ پيئڻ جي عادت هئي، هن ان چانهہ جي تعريف ڪندي لکيو آهي تہ، "مان پراٽي مڊ جي بوتل بدران چيني چانهہ جو ڏهو ڪولي وڏي مهارت سان چانهن کي دم ڏيندو آهيان، پوءِ ساغرو مينا کي ميز تي رکندو آهيان، ڪاغذ ڪٽي پوءِ ڪرسي تي ويهندو آهيان، سچ پچو تہ ويهڻ سان ئي الائي ڪهڙي دنيا ۾ هليو ويندو آهيان." ابوالڪلام جا جيل مان لکيل اهي خط ٻولي جي حوالي سان بار بار پڙهڻ وٽان آهن.

ياد آهي تہ ڪجهہ عرصو اڳ بابا سائين سان گڏ ڪراچي ۾ بندر روڊ پرسان عطيہ فيضي جي گئلري ڏسڻ ويو هئس، عطيہ فيضي جي آرٽ گئلري هڪ پراٽي عمارت ۾ هئي، عطيہ فيضي بمبئي جي هڪ وڏي واپاري جي ڏيءَ هئي، هو جڏهن پنهنجي پيڻ سان انگلينڊ پڙهڻ وئي تہ اتي سندس ملاقات علامہ اقبال سان ٿي، علامہ اقبال ۽ هنن جا خط بہ مشهور آهن. عطيہ هڪ يهودي رحمين سان شادي ڪئي، جيڪو بعد ۾ مسلمان ٿيو هو قائد اعظم پاڪستان ٺهڻ بعد خاص دعوت ڏيئي فيضي کي پاڪستا گهرايو هو هن جا انڊين موسيقي تي ڪتاب پڻ لکيل آهن، عطيہ جا علامہ اقبال ۽ شبلي نعماني ڏي لکيل خط بہ پڙهڻ جهڙا آهن.

يقين ڪيو تہ سندس گئلري "ايوان، رفعت" عطيہ جون ذاتي تصويرون ۽ چهرو ڏسي مان بہ دنگ رهجي ويو هئس، ڇا تہ مائي جو حسن هو.

هون بہ ادب جي دنيا ۾ نئپولين بونا پارٽ جا جوز فائين ڏي پيار پريان خط اڄ بہ عاشقن کي لطف ڏين ٿا، جيئن نئپولين لکي ٿو تہ "تون ڪيئن اها توقع ٿي ڪرين تہ تو وٽان خط نہ اچي ۽ مان غمگين بہ نہ ٿيان، جيڪڏهن تون مون کي پيار ڪرين ها تہ روز ٻہ خط ضرور لکين ها."

ان ڪانسواءِ مارڪ ٽوئن ۽ اولو لاٽوزي جا خط چرچل جا ڪليمٽائن ڏي خط جين پال سارتر جا سوئمن ڊي بوائر، ڪافڪا جا

ملينا ڏي پيار پريا خط جيئن ڪيٽس پنهنجي محبوبہ فينسي بران ڏي لکي ٿو "سيني کان نرم لفظ لکي انهن کي ڇهي ڏسي تہ جيئن مان پنهنجي ڇپن سان ان هنڌ کي ڇهي سگهان. جت تنهنجا چپ هجن".

هندستان جي آزادي جي راهہ ۾ پگت سنگهہ بہ سولي کي چمندي آزادي جا گيت ڳائيندي سر ڏنو هو. هو پنهنجي آخري خط ۾ لکي ٿو "منهنجي دليرانہ انداز سان کلندي ڦاهي چڙهڻ جي صورت ۾ هندستاني مائرون آرزو ڪنديون تہ انهن جا ٻچا بہ پگت سنگهہ ٿين."



22 نومبر 1976
شميم پٽو

نواب شاھ پيشي لاءِ تيار ٿي جيل کان ٻاھر نڪتاسين تہ نقيب شاھ ۽ فھيم قريشي منتظر مليا. افسوس جو ساڻن اڌوري ملاقات رھي. اسان سان پوليس ٽرڪ ۾ خاصخيلي ذات جا ٻي خون جا قيدي بہ ساڻ ھئا. انھن ويچارن سيني کي ھالا وٺ زوري چانھ پياري. چانھ دوران صوبيدار غلام حيدر ٻڌايو تہ سندس تعلق نئين ديري سان آھي. صوبيدار اسان جي انجنيئرنگ کاليج جي دوست شميم پٽو جو چڱي طرح واقف آھي. شميم پٽو جو شمار سول ٽيڪنالاجي جي ھوشيار شاگردن ۾ ٿئي ٿو. ھي اسان جو يارويس کلٽو ملٽو دوست آھي. نواب شاھ پھچڻ سان پوليس اسان کي پھريائين ڊسٽرڪٽ جيل تي وٺي آئي جن اسان کي پاڻ وٺ نہ رکيو. ان بعد مختلف ٽاٽا گھمندا اچي ٽائون ٽاڪي تي بند ٿياسين. ان گھوم دوران زاھد وگڻ سان پڻ ملاقات ٿي. زاھد وگڻ ڪرڪيٽ جو سٺو راندگر آھي. سندس والد صاحب حبيب شگر مل ۾ ڊاڪٽر آھي. شھر کان الڳ ٽلگ حبيب شگر مل جي صاف رھائشي ڪالوني گھمڻ جھڙي آھي. ٽاڪي تي رات جي مانيءَ بسترن وغيرہ جو بندوبست منير رانا جي پاءُ ڪيو.

23 نومبر 1976
محمد بخش ڏامراهه

عدالت پهتاسين تہ عنايت رند جو والد صاحب ڳوٺان اسان سيني لاءِ نيرن تيار ڪرائي آيو. چاچا سائين جا لک ٿورا جنهن اسان کي پنهنجي اولاد سمجهي عزت ڏني. پيشي مهل عمرالدين زرداري، مجيد بهلڪاڻي، پير بخش سولنگي، اشرف پٽي، نصرجان، دلاور ميمڻ، انور وائو ڏاڪر لغاري ۽ ستار ڪورائي ڪچهري تي آيا. ڏاڪر لغاري پنهنجي شادي جي دعوت ڏني. عدالت ۾ اڪثر ان وقت ڏاڍو مزو ايندو آهي. جڏهن هتان جي پيپلزپارٽي جو اڳواڻ ۽ سينيئر وڪيل محمد بخش ڏامراهه اسان جي دوستن جي سامهون گذرندو آهي تہ اڪثر اسان جا دوست مٽس ٺٺوليون ڪندا آهن. دوستن جو خيال آهي تہ محمد بخش ڏامراهه پيپلز پارٽي جو ليڊر هئڻ ڪري انجينيئرنگ ڪاليج جي سپاف جي شاگردن جي بي جا مدد ڪري ٿو. اسان تي ڪيس، عدالتن ۾ گهلڻ ۽ هي هٽ ڪڙيون بہ هن ڏامراهي هٽايون آهن. ان ڪري اسان جي ساڻين وٽ سندس ڪا بہ اهميت نہ آهي. ابتو ڏسندي ئي هوٽنگ ڪندا اٿس.

هون بہ محمد بخش ڏامراهو ڪاليج ۽ شاگردن جي معاملن ۾ هرويرو ٽنگ ٽو اڙائي، ان ڪري عام شاگرد بہ چڙيل اٿس. مزي جي ڳالهہ آهي تہ اسان جي هاسٽلز ۾ جتي بہ شاگردن جي عام استعمال لاءِ ٽيليفون سيٽ رکيل آهي. ان ٽيليفون سيٽ ۾ رسان يٽ تي محمد بخش ڏامراهي جو فون نمبر بہ لکيل آهي. پوءِ ڏينهن هجي يا رات جيڪو بہ اتان گذرندو آهي يا ڪولر وغير ڏي پاڻي پيئڻ ويندو آهي تہ يٽ تي لکيل سندس نمبر ڊائل ڪري ڪيس تمام غليظ گاريون ڏيندو آهي.

محمد بخش ڏامراهو به وڏي حوصلي وارو ليڊر آهي. شابس اٿس ته هو فون باقاعدگي سان ڪن تي رکي مزي سان گاريون ٻڌندو آهي. جڏهن ڇوڪرا گاريون ڏئي ڏئي ٽڪيا آهن. ته پاڻ ئي محمد بخش ڏامراهو کائن پچندو آهي.

"ابا..... مان..... هاڻي.... بند ڪيان"

هڪ دفعي محمد بخش پريس ڪلب ۾ صحافن سان ڪلي ڳالهه ڪئي ته ائين آفيس ۾ وينو هيس ۽ معمول مطابق شاگردن جون گاريون به ڪاوان پيو ۽ ساڳي وقت اصيلن سان ڪيس جي باري ۾ گفتگو به ڪري رهيو هيس. ائين هڪڙيون گاريون کائي مون فون رکي مس ته وري فون جي گهنٽي وڳي. مٿوڪلن سان ڳالهائڻ ۾ رڌل هئڻ ڪري مون فون ڪٽڻ ۾ ڪجهه دير ڪئي. اتي پرسان وينل هڪ مهمان تڪڙي ڪري فون ڪٽي "هلو" مس ڪئي ته اڳان کيس گارين جا ڏوڙيان ٿي ويا. "تنهنجي ماءُ.... تنهنجي پيءُ..... تنهن جي زال..." مون هن کي بتال ڏسي کائنس کلي فون وڻي چيو "سائين اها منهنجي فون آهي.... مون کي ڏيو" بهرحال اسان جي دشمني ڪري محمد بخش ڏامراهو کٽي ڪيئن به هجي پر نواب شاهه ۾ هو ٻين ليڊرن کان هردلعزيز ۽ عوام ۾ سڀني ساڪ وارو ليڊر آهي. سندس دروازا چوويهه ڪلاڪ غريب غربي لاءِ کليل آهن.

❑

26 نومبر 1976
قائد اعظم جو بابي گارڊ

سيالٽي اسان جي نواب شاهہ حاضري آهي. پر وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽو جو خيرپور جي دوري ڪري پوليس ڪافي مصروف آهي. بهرڪيف جيل ڪلارڪ علي محمد جي ڪوشش بعد اسان لاءِ بہ پوليس جو بندوبست ٿي ويو. خيرپور ريلوي اسٽيشن تي حفيظ شيخ، علي نواز اوٺو ۽ رمضان مليا. اسٽيشن تي هڪ پوڙهي همراهہ ماهي خان شر سان پڻ ڪچهري ٿي. هو پاڻ کي قائداعظم جو بابي گارڊ ٻڌائي رهيو هو. سندس پيٽ، ٽنگن ۽ جسم جي ٻين حصن تي ڪافي زخمن جا نشان هئا. هن وٽ قائداعظم طرفان مليل هڪ سرٽيفڪيٽ هيون. سرٽيفڪيٽ مطابق هو ملڪ اندر مفت ۾ پنجن ماڻهن سميت ريل ۽ هوائي جهاز ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ سفر ڪري سگهي ٿو. واپار جي لحاظ کان بنا ٽيڪس جي ڪيس هڪ سير سون، پنج سير چاندي، پنج سو واچون ۽ سو ريڊيا کڻڻ جي اجازت هئي. بقول هن جي ڪيس چار سو ايڪڙ زمين پڻ مليل آهي. پر هن وقت همراهہ کي قاتل سٽڻ، قميص ۽ ڪوٽ پاتل هو. ايتري قدر جو قائداعظم جي بابي گارڊ جي چپل بہ چڳل هئي. اها ان همراهہ جي سادگي هئي يا ڪاغذ ڪوڙا هئا يا سنڌي هڻڻ ڪري همراهہ کي اهميت نہ هئي. اسان ريل تي چڙهي نواب شاهہ پهچي اشرف ڀٽي جي اوطاق تي پهتاسين تہ اتي نقيب شاهہ ۽ دلاور ميمڻ جو بہ ديدار ٿي ويو.

سيالٽي اسان جي انجينيئرنگ ڪاليج جي يونين جي اليڪشن آهي. اسان جي جيئي سنڌ طرفان انور نارائي جنرل سيڪريٽري لاءِ ۽ بشير ڪوهارو جوائنٽ سيڪريٽري لاءِ چونڊ وڙهن

ٿا. اتي خبر پئي تہ لاڙکاڻي وارا دوست انور نارائي جي مخالفت ۾ بيئل اشفاق کوسي جي حمايت ۾ ورڪ ڪري رهيا آهن. مون هاسٽل مان اعجاز پٺاڻ ۾ سعيد احمد سومرو کي پاڻ وٽ گهرائي ڪافي سختي سان سمجهايو تہ اوهان لاڙکاڻي وارا ۾ ٻيا دوست انور نارائيءَ ۾ بشير کوهارو کي ووٽ ڏيو. هونئن بہ لاڙکاڻي جا دوست پاڻ کي ڪجهہ وڌيڪ سياڻو سمجهن ٿا. اهڙي طرح ڪاليج جا ٻيا دوست بہ انور نارائيءَ ۾ بشير کوهارو کانسواءِ ٻين پوسٽن تي بہ حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ چڪر ڪاٽيندا رهيا. ان ڪري ساري رات نقيب شاهہ ۾ دلاور ميمڻ بہ ڊڪ ڊوڙ ڪندا رهيا. مون بہ اليڪشن لاءِ بيئل مخلتف اميدوارن جي جوڙ توڙ مخالفت، موافقت ۾ سياسي حڪمت عملي ڪري رات جاڳندي گذاري.

□

27 نومبر 1976
ڪيس مان ضمانت

صبح جو اشرف علي پنهنجي گاڏي تي ڪورٽ ڇڏي آيو. اتي نصرجان، امير حمزو مينگل، مير حيدر ٽالپر، غلام علي نظاماڻي، بابو مڪراني، شڪيل لغاري وغيره ملڻ آيا. دوستن ڪاليج اليڪشن جي باري ۾ ٻڌايو تہ اليڪشن ۾ اسان جي پينل جي پوزيشن ڏاڍي مضبوط آهي. هن ڪورٽ ۾ اسان جي ڇهين حاضري آهي. پر اڄ تائين جج صاحب اسان جو منهن نہ ڏٺو آهي. اڄ بہ جج شڪل ڏٺي بغير، ڪورٽ اسان جو 307 ۾ ضامن ڪيون.

اشرف پٽي وٽ مانجهاندو ڪري ريلوي اسٽيشن تي آياسين، گاڏي ۾ پيهہ هڻڻ ڪري ڊائنگ ڪار ۾ اچي ويناسين. ڊائنگ ڪار ساري اسان جي ڪاليج جي شاگردن سان ستيل هئي. هنن جو پنهنجي ڪاليج جي اسير شاگردن کي اوچتو سامهون ڏٺو تہ هنن ويچارن اسان قيدين کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون. اهڙي طرح هنن نوجوانن سان ڪچهريون ڪندا اچي جيل جو در ڪڙڪايوسين.

عنايت بلوچ جي ڏيءُ جي وفات جي خبر سيني ساڻين کي اداس ڪري ڇڏيو.

□

28 نومبر 1976
جيل جا ساٿاري/هنڊي وال

اڄ خيال آهي تہ جيل جي پنهنجي هنڊي والن جي باري ۾ ڪجھ لکان. جيڪي اسان هڪ ئي جانچ ۾ گرفتار آهيون. ساڳي وقت انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاھ جا شاگرد ۽ جيئي سنڌ جا سرگرم ڪارڪن آهيون.

حبيب الله ڪابورو: حبيب الله ڪابورو جو تعلق بہ دليرن جي ديس دادو سان آهي. هن پرائمري ۽ هائر سيڪنڊري تعليم دادو مان حاصل ڪري. اڇي انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاھ ۾ 1974ع بئچ ۾ داخلا ورتي آهي. هو انڊسٽريل ٽيڪنالاجي جو شاگرد آهي. يار شايد اسڪول/ڪاليج جي دور کان ئي جيئي سنڌ استوڊنٽ فيڊريشن سان لاڳاپيل رهيو آهي. ان ڪري پڪو جيئمسٽ آهي. هي پهريون شاگرد آهي جنهن نوابشاھ ۾ اڇي هن انجنيئرنگ ڪاليج ۾ جيئي سنڌ استوڊنٽ فيڊريشن جو يونٽ کوليو. پنهنجي ڪمري ۾ اڪثر جيئي سنڌ استوڊنٽ فيڊريشن جون ميٽنگ ڪندو هو. پلي ڪنهن شاگرد جو واسطو سندس فيڊريشن سان هجي نہ هجي. زوري کين ميٽنگ جو اطلاع ڏئي گھرائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. هن مون کي هڪ اڌ دفعو اهڙي ميٽنگ جو سڏ ڏنو هو. مان سڄي عمر هڪ غير سياسي ماڻھو سو في صد راندين. سياست جي گھٽ ڄاڻ. پر وري بہ يار جي خلوص ڪري ڪڏهن ميٽنگ ۾ ويجھو هو. هڪ دفعو شايد هن شاھ محمد شاھ ان وقت جي جيئي سنڌ استوڊنٽ فيڊريشن جي مک عهديدار کي بہ ڪمري تي ڳالهائڻ لاءِ دعوت ڏئي گھرايو هئائين. ياد آهي تہ شاھ

محمد شاھ ميٽنگ بعد ڪاليج ۾اھران روڊ تي اچي ھڪ عام رواجي وين ۾ عام مسافرن سان چڙھي ھليو ويو ھو سندس اھا سيٽ ڪو شاگرد شھر مان ئي رکي آيو ھو.

بھرحال ڪابوري جي خلوص ۽ سچائي ڪري، اسان ھن جي عزت ڪندا ھئاسين، ۽ ھو مون کي ب وڏو مان ڏيندو ھو. منھنجو ڪنھن ب تنظيم سان واسطو نہ ھئڻ ڪري شروعاتي ڏينھن ۾ ڪيٽريون ڏريون خاص ڪري سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽ فيڊريشن ۽ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن وارا پنھنجا فيصلا ۽ اھنج ايذاءَ ب دور ڪرائڻ لاءِ مون کي امين بٽائيندا ھئا. ڇو جو ان وقت ڪاليج ۾ منھنجو ذاتي اثر رسوخ وڌيڪ ھوندو ھو. ان جو وڏو سبب ھڪ اھو ھو تہ ان مھل مان ڪرڪيٽ ۽ ائٿليٽڪ جي ملکي ليول جي راندين ۾ شامل ھيس، ڪاليج جي ھڪ اڏ مئچ ۽ ڪاليج ۾ بين راندين مقابلن ۾ مان پنھنجي راند جا سڀا جلوا ڏيکاري نمايان ٿي ويس، ان کان علاوہ نئون ڪاليج ھئڻ ڪري ان ۾ ڪرڪيٽ جي وڪيٽ ۽ راند جا ميدان ٺھرائڻ جي ڪوشش ڪندو ھئس، انجنيرنگ ڪاليج ۾ پھرين ڪرڪيٽ وڪيٽ ۽ فٽ بال جو گراؤنڊ مون پنھنجي نگراني ۾ ٺھرايا ھئا. ان ڪري راندين جو ھڪ وڏو انگ، جن ۾ مھاجر ۽ پنجابي راندين ب شامل ھوندا ھئا، مون کي عزت جي نگاھ سان ڏسندا ھئا. ان ڪانسواءِ لاڙڪاڻي جي بئچ 1974ع ۽ 1975ع جا 50 کن ڇوڪرا ب سڀائين مون سان گڏ گھمندا ھئا، جن ۾ تمام ڏھين پڙھيل ڳڙھيل ۽ سڌن خاندانن جا ڇوڪرا ھئا، پڙھائي جي حوالي ڪري انھن ساڻين جو تعلق وري جيڪب آباد، حيدرآباد، نواب شاھ ۽ بين ضلعن جي قابل ۽ پڙھاکو ڇوڪرن سان ھو ان ڪري ڪاليج جا چونڊ ڏھن ۽ سنيون مارکون ڪٽندڙ ڇوڪرا ب اسان جي گروپ ۾ شامل ھئا. اسان جو 50_60 ڇوڪرن جو جٿو جڏھن ڪاليج جي ورانڊي/راند جي ميدان يا شھر گڏجي نڪرندو ھو تہ ھروپرو مون کي ان جو سرواڻ سمجھيو ويندو ھو قدرتي طور قد بت ب وڏو فائدو ڏنو ڪي دوست تہ مون کي سڏيندا ئي "وڏو." ھا. اھڙي طرح ڪاليج ۾ ھر روز وڏي جي عزت ۽ گروپ وڌندو ويو. ايتري قدر جو ڪاليج جو ھيٺيون اسٽاف

مالهي، پٽيوالا ۽ پاڻ ۾ ناراض ٿيندا هئا ته فيصلا مون وٽ کڻي ايندا هئا. بهرحال چوڻ جو مطلب اهو آهي ته ان وقت اسان جو گروپ کاليج جي سوشل ڪمن، راندين، پڙهائي جي معاملن، سير و تفريح جي خيال کان ڪافي مقبول ۽ ساڳي وقت هر دلعزيز هو ائين چئجي ته جيڪڏهن نه ڪنهن کي ڪجهه ڏبو هو ته نه وري ڪنهن کي ڏڪائبو هو ان گروپ ۾ گهٽا سرگرم ساڻي، سيد نقيب الحسنين موسوي، مير حسين علي تالپر، اعجاز الحق ميمڻ، حسين بخش ميمڻ، سرفراز جلباڻي، اعجاز پٺاڻ، دلاور حسنين ميمڻ، حبيب الرحمان شيخ، بدر الحق بلوچ، شميم پٽو امتياز کلهوڙو، جاويد سومرو، عطا محمد چنا، حافظ قاسم، مالڪ ڏنو شيخ، جاويد ابڙو، امير حمزو مينگل، حسين علي عقيلي، محمود لاکو، محمد علي شاهه، احمد زبير صديقي، جاويد گهمڻ، سليم جاڻ، احسان پٺاڻ ، عمر سيال، عطا ميمڻ ، حضور بخش وغيره هئا.

ان کانسواءِ ڪيترا اردو ۽ پنجابي ڳالهائيندڙ راندين ۽ نوابشاهه شهر جا دوست به اسان جا ساٿاري هئا. اسان جو هي گروپ جهيڙي جهٽي ۽ سياسي ڳالهين کان پري پنهنجي انداز سان پڙهائي، کل ٻوڙ ٺهڪن ۾ وقت گذارينڊو هو.

بهرحال اڳتي هلي اسان جي ٽولي جي ڪجهه دوستن کي سپاف وارن جي ڪجهه چوڪرن، جن ۾ لالا اسد، مظهر بلوچ ۽ ڪجهه ٻين شاگردن مارون ڏنيون، مان هڪ اڏ دفعو انهن سپاف جي دوستن ڏي وڃي کين هٽ ٻڌي سمجهايو ته "ٻيلي مڙس ٽيون جيڪي منهنجا ويجها ساڻي آهن، سارو ڏينهن مون سان گڏ گهمن ٿا، توهان هروپيرو ڏاڍائي ڪري انهن سان وڙهو ٿا، هو مون کي روئندا اچي دانهون ڏين ٿا، مان اهو ويٺو برداشت ڪيان يا ته انهن سان دوستي ڇڏيان يا کاليج ڇڏي وڃان نه ته آخري حل اهو آهي ته مان توهان سان وڙهان. پر مان امن پسند توهان سان وڙهڻ نٿو چاهيان، مهرباني ڪري توهان منهنجي ويجهن ساٿين، گروپ جي ماڻهن سان نه وڙهو." پر يار صفا نه مڙيا، اهڙي نموني انجنيئرنگ کاليج ۾ لالا اسد جي اچڻ سان سپاف وارن مار موچڙي وارو ماحول پيدا ڪيو انڪري

سپاف وارن سان ڪجھ رنجشون شروع ٿيون، اھڙي زيادتي ۽ داداگيري ڏسي جيئي سنڌ وارن، اسان جي غير سياسي گروپ سان همدرديون شروع ڪيون، ان ڪري ھنن سان آھستي آھستي ويجھڙائي وڌندي ھڪ ڏينھن صبح جو نئين ٽاھيل ھاسٽل جي ڪينٽين ۾ وينا چانھ پي رھيا ھئاسين تہ اسان جو دوست ٽنڊي غلام علي جو غلام علي نظاماڻي اسان وٽ روئندو آيو ھن کي ڪاليج ۾ لالا اسد، رفيق مگسي، مظھر بلوچ ۽ ٻين سپاف جي ڇوڪرن مار ڏني ھئي. اھا ڳالھ ٻڌي، خاص طور تي اسان جا ساٿي نقيب شاھ ۽ سرفراز جلباڻي ڪجھ جذباتي ٿي ويا، ان مھل حبيب الله ڪابورو ۽ جيئي سنڌ جا ڪجھ دوست ب اسان سان گڏ وينا ھئا، اتي ڪنھن دوست چيو: "روز روز وينا اسان کي ڪٽن ٿا، اسان آخر ڪيترو وقت پنھنجي بي عزتي برداشت ڪنداسين" بھرحال ھنن جي اھڙي اشتعال انگيز گفتن تي مان جھڙو ٽڏي مزاج وارو ماڻھو ب جذباتي ٿي ويو. اسان سڀ دوست تيار ٿي جھيڙي لاءِ ڪاليج پھتاسين، اسان کي ڏسندي لالا اسد تہ ڪاليج پوبان ھڪ باغ جي پٽ ٽپي پڄي ويو. مظھر بلوچ کي پستول ھٿ ۾ ھيو اھو ب ڪاليج جي وراندي ۾ ڏکندو پيو وتي، پر ڪنھن تي ب فائر نہ ڪيائين، البت رفيق مگسي ڪجھ دير اسان سان وڙھيو. آخر ڇڏ ڇڏاءُ ٿي ويو. اھڙي طرح اسان وارو غيرجانبدار ٽولي جا ڪجھ دوست ۽ مان اڳتي ھلي جڙ جيئي سنڌ ۾ شامل ٿي وياسين. پر پوءِ جھيڙن وڙڻ کري ڪن ويجھن ۽ پڙھاکو دوستن کي مان پاڻ تي چيو تہ "مون کان پري رھو خوانخواھ اوھان ب تڪليف ۾ اڇي ويندا." مان ائين ھروپرو ڪافي دوستن کي پاڻ کان پري ڪري ڇڏيو. منھنجي ان ڳالھ ۾ عمل تي ڪجھ دوست مون سان باقائدہ ناراض ٿي ويا تہ توھان اسان کي ائين چو چيو تہ "توھان کان پري رھان. باقي دوستي ڇا جي آھي." منھنجي آخر تائين اھا ڪوشش رھي تہ ان موتمار جھيڙي ۾ گھٽ کان گھٽ دوستن کي شامل ڪيا. بھرحال اھڙن جھيڙن جھڙن کانپوءِ منھنجي ۽ حبيب الله ڪابوري سان گھٽي ويجھڙائي ٿي وئي، جيڪا ڏينھون ڏينھن وڌو وڌ آھي.

هلکي ڪلکي قد واري حبيب الله ڪابورو جو تعلق هڪ مسڪين خاندان سان آهي. سندس والد صاحب سان بہ ڪالیج يا ڪورٽ ۾ ملاقات ٿي آهي. شايد پنهنجي خاندان جو پهريون ماڻهو هجي جو انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخل ٿيو آهي. يار کي سدائين سنڌي ٽوپي مٿي تي هوندي آهي. منهن تي هلڪا ماتا جا سينڱڙا. پر تمام گهٽ ڳالهائو. عام ليدرن جيان ڪابہ آڪڙ يا وڏائي ڪانہ. ان جي برعڪس سيني سان نياز نوڙت سان پيو ملندو. ڪچهري ۾ بہ بين کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏيندو. ان ڪري سڀ سامعين آهي. جذباتي گهٽ هئڻ ڪري هڪ سٺو ليدر آهي. هميشہ جهيڙي جهٽي کان پاسيرو. پر جي سر تي آيس تہ مڙس ماڻهو. اسان جي ساري ٽولي ۾ وڏي تحمل وارو. پر ڏکي وقت تي چوٽي جو دليو. ان ڪري پنهنجي ساٿين ۾ ڳالهائڻ ۽ هولهائڻ ۽ صلاح ٿواب ۾ مان اڳ ۾ هوندو آهيان. پر لٽ بائي ۾ هو اسان جي اڳواڻي ڪندو آهي. مطلب تہ وچ جا پاڻي اٽس. ان ڪري سڀ دوست سندس چيو مڃيندا آهن ۽ ساڳي وقت احترام پڻ ڪندا آهن. ڪجهہ عرصو اڳ سندس ننڍي پاءُ کان اتفاقي هڪ خون بہ ٿي ويو هو ان ڪري يار ڪافي محتاط رهندو هو. پر جلد ئي ان خون واري معاملي مان ڪجهہ شدت گهٽ ٿي اٽن. سٺو ٻڌندڙ هئڻ ڪري هاسٽل ۾ سندس ڪمري تي شاگردن جا ميڙا هوندا آهن. اهڙي طرح سان ساري سنڌ جا جيئي سنڌ جا ڪارڪن بہ ملڻ ايندا اٽس. هُن جي معرفت ئي اسان هاسٽل ۾ عبدالڪريم ارشد. تاج جويو. بين ڪيترن اديبن سان ڪچهريون ڪيون آهن. هت جيل ۾ بہ يار صبح جو اک کُولي ٿو تہ سندس چوڦير قيدن جا ڏنبلا هوندا آهن. هر قيدي کي پيو غور سان ٻڌندو آٽت ڏيندو. حالانڪہ مسڪين ماڻهو آهي. پر ٻاهر توڙي جيل ۾ رونق لڳايون ويٺو هوندو آهي. هن جي ڪري دادو جي ڪافي دوستن سان منهنجون بہ تمام گهٽيون ويجهڙايون آهن. جن ۾ عمر الدين زرداري. غلام رسول ڪوسو. پير بخش سولنگي. روشن جوٽيجو. خير محمد سولنگي. سلطان ڏوگر. عبدالرحيم سومرو. اقبال پٽي. احسان پٺاڻ. تلسي داس.

رسول بخش ٽيهو: رسول بخش ٽيهو سان منهنجي پهرين ملاقات انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ئي ٿي آهي، هن نواب شاهه ۾ 1974ع ۾ بئچ ۾ مڪينڪل ٽيڪنالاجي ۾ داخلا ورتي آهي، يار جو تعلق ٽنڊي الهيار پاسي ڪنهن زميندار گهراڻي سان آهي، سندس والد بويڪ خان ٽيهو سان به ڪورٽ ۾ حاضرين دوران ملاقات ٿي آهي، ان ڪانسواءِ سندس پائرن ڪامريڊ حسين بخش ٽيهو ۽ پاءُ مولا بخش سان به رهاڻيون رهيون آهن.

رسول بخش ٽيهو هاڻي ڪاڻي جو سهڻو وٽندڙ قدبت رکندڙ نوجوان آهي، سلوار قميص توڙي پينٽ شرٽ ۾ ٻه برجستو لڳندو آهي. رسول بخش ٽيهو کي شايد ننڍپڻ کان ئي، سنڌ جي تاريخ ۽ هر دور ۾ مظلوم سنڌين تي ٽيندڙ ظلمن جي پوري خبر آهي، ان ڪري هميشه سونهاري سنڌ جا خواب ڏسندو آهي . سندس مائٽ چاچو علڻ خان ٽيهو به سائين جي ايم سيد سان ڪافي ويجهو رهيو آهي. علڻ خان سان اڪثر سن ۾ سائين جي ايم سيد وٽ ملاقاتون رهيون آهن، ان ڪانسواءِ سندس وڏو پاءُ حسين بخش ٽيهو به هڪ قومي ڪارڪن ٿي رهيو آهي، هاڻي به هو تمام سرگرم آهي، هو جيل تي به ملاقات لاءِ ايندو آهي. ان ڪانسواءِ حسين بخش سان ملاقاتون اڪثر ڪورٽ ۾ حاضري وقت ٽيندڙ آهن. مان ادا حسين بخش جي وڏي پاءُ جيان عزت ڪندو آهيان. بهرحال رسول بخش ٽيهو انجنيئرنگ ڪاليج ۾ به قوم پرستي جي حوالي سان ڪافي سرگرم رهيو آهي، مان ته ڪيس سنڌ جو سچو عاشق سمجهندو آهيان، ان ڪانسواءِ پڙهائي ۾ به ٻلو آهي، نه ته اڪثر اسان جا ليڊر پڙهائي جي معاملي ۾ ڪجهه قدر ڪمزور هوندا آهن. هن جو عام مطالعو به ڪافي سٺو آهي، ان ڪري يار بحث جو ڪوڏيو آهي، ڪنهن به معاملي تي ڪيس مڃائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، جو جو بحث ۾ دليلن سان گڏ هن جا جذبات به شامل هوندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن ڳالهين ۾ سخت جذباتي ۽ پٽر تي ليڪي جيان پنهنجو سڌو موقف رکندو آهي، ان ڪري ڳالهائڻ جو ڪرو آهي.

رسول بخش ٽيهي، اسان جي موتمار جهيڙي ۾ ڪڏهن ڪنڌ نه ڪيڏيو آهي، پر سدائين مرڻ ۽ مارڻ لاءِ تيار هوندو آهي. مون کي ياد

آهي تہ هڪ دفعو اسان جا مخالف اسان جي ڪنهن دوست کي سڏي ڪڍي شهر ڏي پڇي ويا. اسان هٿيار کڻي سندن ڪيڏ پياسين. اسان کي خبر پئي تہ هو نواب شاهہ شهر ۾ بسم الله هوٽل تي وينا آهن. اسان موٽر سائيڪلن تي چڙهي هوٽل جو وڃي گهيرو ڪيو هوٽل ۾ گهڙڻ سان ئي رسول بخش اسان سڀني کي هڪل ڪري حڪم ڏنو "سڏيون گوليون هٽجو" اسان هٿيار کڻي هوٽل ۾ کاهي پياسين پر اتفاق سان اتي ڪوبہ مخالف، هوٽل اندر موجود ڪونہ هو نہ تہ رسول بخش جي ڪمانڊري ۾ هوٽل اندر هڪ بہ قتل ٿي پون ها.

اهڙي طرح هڪ دفعي اسان پنج ڇهہ دوست حبيب الله ڪابورو، رسول بخش ٽيهو، نديم عباسي، غلام رسول ڪوسو وغيره هاسٽل جي ٻاهران روڊ تي بس استينڊ تي بينا هئاسين تہ اوچتو مخالفن جا ڏهہ پندرهہ همراهہ هٿيارن سان پري کان فائرنگ ڪندا، اسان کي گاريون ڏيندا، حملي لاءِ ڊوڙندا پيا اچن. اتي بہ رسول بخش ٽيپي رڙ ڪندي اسان سڀني کي هوشيار ڪيو "متان ڪو پڳو آ". بهرحال اسان مڙسي سان ڪجهہ دير جمي مقابلو ڪيو جنهن ۾ رسول بخش ٽيپي کي ڪنڌ ۾ گولي لڳي. حبيب الله ڪابورو کي بہ کاڙيون هٽي رتورت ڪيو ويو ۽ نديم عباسي، عمر الدين زرداري کي بہ زخمي ڪري ڇڏو ڪيو ويو البت غلام رسول کوسو ۽ مان گوليون ختم ٽيڻ بعد هنن کي هٿ نہ آياسين

رسول بخش زميندار ي ٻار هئڻ ڪري طبيعت ۾ نازڪ مزاج آهي. هت جيل ۾ بہ هلڪو ڪنگهہ ڪڙڪو پيو ٽيندو اٿس، ان ڪري يار وٽ مڙئي دوائون پيون هونديون آهن. هڪ دفعي يار گلقند جو ڊبو گهرايو ڪنهن کي بہ چکڻ نہ پيو ڏي، هڪ ڏينهن اتڪل سان ڪيس وارڊ اندر بند ڪري، ٻاهران سيخن وارو دروازو ڏئي، هن جي سامهون سيني وڏي بي رحمي سان گلقند ورهائي کاڏو هو سيخن مان اهو سارو لقاءُ ڏسي بہ رهيو هو ۽ ڪلي بہ رهيو آهي. آخر سندس ايلاز منٽن تي هڪ اڌ چمچو ڪيس بہ چکايوسين، هونءَ بہ يار دل جو ڪشادو ۽ خرچ جو ڪوڏيو آهي.

اسان جي هن لاڏلي دوست جي مائٽن ننڈپڻ ۾ ئي شادي ڪرائي چڏي آهي. شايد ڪجهه ۽ار ۽ه اسڪولن ۾ پڙهنس ٿا. هت قيد ۾ پنهنجي گهر کان پري هڻڻ ڪري ڪڏهن ڪڏهن افسوس ۾ چوندو آهي "يار ٻڌ ٽي طور ويا."

ٽيهو وڏا ۽ گهاٽا شهپر رکندو آهي، ان ڪري مان ڪڏهن هن کي حجت مان "بمپري" ۽ سڏيندو آهيان.

ندیم عباسي: ندیم عباسي (ڪلهوڙو) سنڌ جي مشهور قوم پرست کهاڻيڪار ڈاڪٽر نجم عباسي جو فرزند آهي. ڈاڪٽر نجم عباسي جو اصل ڳوٺ خانواهڻ آهي پر هن وقت سندس ڪلينڪ حيدرآباد ۾ گاڏي کاتي ۾ هڻڻ ڪري اڪثر اديبن سان ۾يريل هوندي آهي. ندیم عباسي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ اسان کان سال جونيئر 1975ع بئچ جو آهي. هي شهري ڇوڪرو سڻن اسڪولن ۾ پڙهڻ ڪري تعليمي حوالي سان ڪافي شاگردن کان بهتر آهي. هن جي شروعاتي تعليم حيدرآباد جي ان اسڪولن ۾ ٿي آهي جتي شايد سنڌي گهٽ پڙهائي وڃي ٿي، ان ڪري هن کي سنڌي ڳالهائڻ ته سڻي اچي ٿي پر سنڌي پڙهڻ مهل ڪجهه پريشان ٿئي ٿو. جيئن ته قومپرستي ۽ سنڌ پرستي سندس خون ۾ شامل آهي. سندس والد ڈاڪٽر نجم عباسي جي لکڻين ۾ ۽ سنڌين سان ٽيندڙ سماجي، سياسي، مذهبي ۽ لساني زيادتين جو ذڪر ملي ٿو. ندیم جڏهن کان سنڌ جي تاريخ جو مطالعو شروع ڪيو آهي ته هاڻي پاڻ کي عباسي بجاءِ ندیم ڪلهوڙو سڏائڻ شروع ڪيو آهي. اسان ڪيس ڪڏهن مزو وٺڻ لاءِ سڏ ڪندا آهيون، "ندیم ڪلهوڙا ولد نجم عباسي." هي يار سنئون سڏو ماڻهو آهي، هر قومي ڪم ۽ جهيڙي جهٽي ۾ ۽ پوئتي رهڻ پسند نه ڪندو آهي، يار طبيعتن سادو ۽ شرميلو آهي، اسان دوستن مان سڀ کان گهٽي حبيب الله ڪابوري سان لڳندي اٽس، هميشه ٻڙا ماشا، ڪل پوڳ ۾ مشغول ملندو.

غلام رسول کوسو: هن يار جو تعلق دادو ضلعي جي ڪلجي استيشن سان آهي، يار قدبت جو وٽندڙ رنگ ڪليل، هميشه سينگاريل سنواريل رهندو آهي. دادو هونئن ۽ قوم پرستن جو ڳڙهه رهيو آهي، سائين جي

ايم سيد جو فلسفو استاد بخاري جي شاعري ۽ دادو جي شاگردن جي دليري، سنڌ ۾ هڪ مڃيل حقيقت آهي. اسان جي يونيورسٽي ۾ قومپرست ڏڻن ۾ وڏو انگ دادو جي جهونجارن جو آهي، هو اسڪول ۽ ڪاليج جي زماني کان پڇي راس ٿي يونيورسٽين ۾ پهچن ٿا. ان ڪري غلام رسول کوسو به نندپڻ کان نظرياتي طرح پختو آهي.

اسان سان ياري رکڻ ڪري هي همراهه به هر ڏڪ ۽ سک ۾ ٻانهه ٻيلي رهندو آيو آهي، طبيعت ۾ تيزي ڪري هر وقت ٻين کي ڪلها هٽندو رهندو آهي.

غلام رسول سخت صفائي پسند هئڻ ڪري هميشه لٽي ڪپڑي ۾ سهڻو ۽ سينگاريل سنواريل رهي ٿو يار کي مائٽن نندي هوندي ئي شادي جي زنجيرن ۾ جڪڑي ڇڏيو آهي، تنهن هوندي به بلا جو حسن پرست آهي.

هڪ دفعي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ يار جي رزلٽ کا سٽي نه آئي، ان ڪري ڪاليج انتظاميا تي ڏاڍو ڏمريل هو هن کي اهو افسوس هو ته "هن ڪاليج ۾ جوانن جو قدر نه آهي." هت جيل ۾ به ٿوري ٿوري ڳالهه تي سندس ڏمر ڏسڻ وٽان هوندو آهي. پر سندس دل ڪنهن معصوم ٻار وانگر آهي.

□

2 ڊسمبر 1976
عيد نمازءِ چندو

اڄ عيد هئڻ ڪري هر قيدي ويچاري ڏوتل پوتل ڪپڙا ۽ تيل قليل ڪيا آهن. اسان ۾ بالم ٽي ڇڪري ۾ عيد نماز لاءِ پهتاسين. هي شايد منهنجي ٽين عيد نماز آهي جيڪا گهر ياتين کان پري پڙهي رهيو آهيان. ۽ عيد نمازون ته هن جيل ۾ پڙهيون اٿم. پر ان کان اڳ هڪ عيد نماز جڏهن فوج ۾ هيس ته ڪوئيٽا ڇانوٽي ۾ پڙهي هئي. ڪوئيٽا ڇانوٽي ۾ عيد نماز بعد مون هڪ عجيب حرڪت ڪئي هئي. جيئن ئي مولوي صاحب سلام ورايو. مون ڏٺو ته ڪجهه فوجي ڪپڙو يا چادرون کڻي مسجد وغيره لاءِ چندو گڏ ڪري رهيا هئا. مون يڪدم پرسان ويٺل روهڙي جي دوست اقبال مغل جي لوئي کڻي ان جو هڪ پاسو پاڻ ۽ ٻيو پاس اقبال مغل کي پڪڙائي... عيد... ڪاچندا.... عيد... ڪاچندا....“ چوندا، صفن مان چندو وٺڻ شروع ڪيو. جيستائين مولوي صاحب دعا گهري، اسان چندو گڏ ڪندا رهياسين شايد اسان کي 165 رپيا چندو ٿيوهو. اُهي مون ۽ اقبال ورهائي کيان، مون ته پنهنجي پئسن مان دوستن کي فلم سان گڏ ڪنهن هوٽل ۾ ”بڑا کانا“ کارايو هو.

بهرحال عيد نماز مهل منهنجي يونٽ جي ڪن آفيسرن مون کي پئسا پنندي ڏنا هئا. جڏهن هنن کي خبر پئي ته انهن پئسن مان دوستن کي فلم ڏيکاري آيو آهيان، هو منهنجي ان غيراسلامي حرڪت تي ڪافي ناراض ٿيا هئا. ان ڪري مون تي ڪيترو زور بار پيو ته اهي پئسا واپس ڪنهن نيڪ ڪم لاءِ ڏيان پر مان ڪٿي ٿو ڪين پئسا واپس ڪيان. حالانڪ اها ٻي ڳالهه آهي ته ان بعد مون کي سخت

پيڇش ٿي پئي هئي، ڪوئيٽا ڪمبائينڈ ملٽري هاسپيٽل ۾ به داخل ٿيو هيس. منهنجي بيماري ڪري بٽالين ۾ اهو مشهور ٿي ويو عيد جو چندو ڪائڻ ڪري قدرت وڙهي اٿس.

هت جيل ۾ عيد نماز بعد ڪيترن قيدين وڏي خلوص سان پنهنجي بئرڪن ۾ وٽي وڃي ماني کارائي. هت قيدي پنهنجي حال آهر هڪ ٻي جون دعوتون ڪندا آهن. قيدي وڏي قرب سان پنهنجي بئرڪن ۾ پنهنجي وچايل بسترن تي ويهاري پرسان رکيل ديڳڙن جا ڍڪ لاهي دوستن کي پنهنجي هٿن سان پچايل ڪچا ڦڪا طعام کارائي خوش ٿيندا آهن.

اهڙي طرح اسان جون به غلام حسين کوسو انور عباسي، ڏٽي بخش جتوئي ۽ ٻين ڪيترن همراهن دعوتون ڪيون. اسان جي بورچي وفات علي به مون کان اجازت وٺي تاهري جو شاهي ديڳڙو پچائي مسڪين قيدين جي دعوت ڪئي.

سکر مان اسان جا دلبر دوست نقيب شاهه ۽ فهيم قريشي به عيد ملڻ آيا. پاڻ سان وڏي مقدار ۾ ماني ۽ ميوو کڻي آيا هئا. هنن يارڙن کي شاباس آهي جو هر حاضري ۽ عيد برات تي پهچي وڃن ٿا. شام جو باندين جي وچ ۾ ملهه ۽ ڪوڏي ڪوڏي جا مقابلا ٿيا.

3 ڊسمبر 1976
گيد جو ڏينهن

عيد جي خوشي ۾ قيدين پاڻ ۾ ڦوڙي ڪري ٻاهران هڪ ڳائڻو گهرايو آهي ساڳي وقت لائوڊ اسپيڪر جو به بندوبست ڪيو اٿن ان ڪري فنڪار جو آواز ساري جيل ۾ گونجي رهيو آهي. همراهه صبح کان وٺي جو ڪن تي هٿ رکيو آهي تہ اڃي ٽپهري ٿي اٿس. ڳائڻن کي تہ اهڙا سريلا ٻڌڻ وارا قسمت سان ملندا آهن. يار جي به ڳائي ڳائي نڙي ويهجي وئي آهي. پر برهہ جي باهہ ۾ سڙيل قيدين جي فرمائش ۽ داد ۾ ڪمي نہ آئي آهي. اتي ڪنهن شيخ ايياز جو ڪلام "سنڌڙي تي سر ڪير نہ ڏيندو" ٻڌائڻ جي فرمائش ڪيس پر گائڪ هٿ ٻڌي معافي ونڊي چيس "اهوگائيندس تہ مون کي هٿ توهان سان جيل ۾ ويهاري چڏيندا". آخر يار جڏهن ڳائي صفا ساڻو ٿي پيو تڏهن قيدين هن مان هٿ پٽيا.

❐

4 ڊسمبر 1976
چاچا بوبڪ ملاقات لاءِ آيو

رسول بخش ٿيبو جو والد صاحب چاچا بوبڪ ٿيبو ملاقات لاءِ آيو. ساڻس ڪجهہ ٻيا دوست بہ گڏ هئا. عبدالمجيد بهلڪاڻي بہ پنهنجي سوٽ سان گڏجي ملاقات ڪري ويو. همراهہ هڪ جيئرو ڪڪڙ بہ ڏئي ويو. جيل جي ڪيترن قيدين اسان جي مانَ ۾ دعوتون ڪيون هيون. ان ڪري اسان بہ پنهنجي واريڊ ۾ دوستن جي هڪ دعوت جو بندوبست ڪيو. جنهن ۾ صوبيدار گل محمد، عملدار عبدالله شر، احمد خان، قادو شيدي، عبدالمالڪ، غلام حسين ڪوسو، ماڻڪ جت، عبدالرحمان، غلام حسين پٺاڻ، محمد صالح، آندل گولو، علي حسن، ڏٽي بخش، نواب جتوئي، گل محمد اڃڻ وغيره شريڪ ٿيا.

□

6 ڊسمبر 1976
تعميلِ ارشاد

اسان جو واردِ جيل جي هڪڙي اهڙي ڪنڊ تي آهي، جتي جيل جون ٻاهريون وڏيون ديوارون اچي ملن ٿيون، هون ٻہ ٻين قيدخانن جيان خيرپور جيل جي چئني ڪنڊن تي ٻہ شاهي برج بيهاريل آهن، جن تي چوويهہ ڪلاڪ هٿياربند سنتري پهرو ڏيندا رهندا آهن. جيل جا اهي شاهوڙ برج ان انداز سان جڙيل آهن جو پَهريدار پري پري تائين نظر رکي سگهي ٿو.

اسان جي بئرڪ پرسان ٽهيل برج تي رات جو چوڪي ڏيندڙ سپاهي کي اسان جيان مجنون خاندان جو آهي، هو اڪثر رات جو وڏي آواز سان ريڊيو تي گانا ٻڌندو آهي. انهن گانن جو صاف آواز اسان جي بئرڪ ۾ ٻہ پهچندو آهي، هو گهٽو ڪري رات جو آل انڊيا ريڊيو تان نشر ٿيندڙ پروگرام "تعميلِ ارشاد" وڏي شوق سان ٻڌندو آهي. الائي ڇو مان ٻہ سالن کان وٺي اهو پروگرام تعميل ارشاد وڏي پابندي سان ٻڌندو آهيان، ملڪ جي ڪهڙي ٻہ ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هجان، ريڊيو بغل ۾ هوندو آهي. خاص ڪري اسڪول جي زماني کان وٺي سومهاٽي مهل ان پروگرام نشر ٿيڻ وقت دوستن ۽ گهر وارن کان پاسيرو ٿي ويجهو آهي، پوءِ اڪيلا ئي ۾ ڪا ڪنڊ ڳولي گانا ٻڌبا آهن. انجنيئرنگ ڪاليج جي هاسٽل ۾ رهڻ دوران ٻہ ريڊيو ڪٽي سنگت کان پاسيرو ٿي ويجهو آهي.

خاص ڪري ان پروگرام لاءِ گهران هڪ انمول ٽرانسسٽرر ريڊيو آندو آهي، ان مظلوم ريڊيو جي ٻہ وڏي درد ڪٿا آهي، شروع ۾ سيلن تي هلندڙ ان ريڊيو جي پُوري بادي شاندار پلاسٽڪ جي نيري رنگ جي

ٿهيل هئي. پر پوءِ ڪنهن بدنظر جي نظر لڳڻ ڪري فرش تي ڪرڻ ڪري، اها پلاسٽڪ جي بادي چيهون ٿي وئي. ٽيڻ نہ ائين گهرجي ها اهو ڏانچو ڪنهن ڪباڙي کي اچلي ڏجي ها. پر پنهنجي مفلسي ڏسي، ان ريڊيو جي پرزن کي ميڙي سيڙي هڪ ڪاڻ جي ڏني پر وڏوسين تہ ريڊيو وري واجڻ ڪرڻ لڳو. بهرحال مان ان ڇڇريل ريڊيو کي وڏي فخر سان هاسٽل ڪٽي آيس. هت بہ ريڊيو جا ساري هاسٽل ۾ ڪوڪرات هوندا آهن. حالانڪ بدشڪل هئڻ ڪري ڪيس ڪوبہ پسند نہ ڪندو هو. تنهن هوندي بہ دوست هن مان گهٽا فائدا ونندا هئا. ريڊيو جي بادي ڪاڻ جي هئڻ ڪري ڪڏهن ويهاڻي جو ڪم بہ ڏيندي هئي. نہ تہ اڪثر ساڙ سڙيا دوست ان ڏني تي مختلف نعرا ۽ ڏاهن جا قول لکي ويندا هئا. ڪڏهن ريڊيو تي لکيل هوندو هو

جلني والي کا منہ ڪالا
پلٽ تيرا ڌيان ڪدهر هي
ماءُ جي دعا
.... کي آزاد ڪيو
هذا من فضل ربي
نماز قائم ڪيو
.... تي لعنت

منهنجي ڪمري جي دروازي تي "واڙو" لکيل آهي. واڙي سالن کان قلف جو منهن نہ ڏٺوآهي. ان ڪري منهنجي پرپٽ گرمي، سردي، وٺڪيشن ۽ موڪلن ۾ بہ واڙي تي ميلو متل هوندو آهي. پوءِ جيڪو بہ دوست واڙي تي ايندو آهي ريڊيو تي پراڻو گفتو ڌاهي ڪو نئون مقولو لکي ويندو هو. رب حياتي ڏيس هن وقت بہ منهنجو ريڊيو حال حيات آهي. ڪمري تي منهنجو انتظار ڪري رهيو آهي.

اڄ تہ برج تي بيٺل سپاهي جي ريڊيو منهنجي پسند جا گانا هلائي زخم تازا ڪري ڇڏيا. اصل دل جا چوڏا لاهي ڇڏيائين. هون بہ گرفتاري کان اڳ نوابشاهہ ۾ مان پنهنجي حسن پرست دوست اشرف علي پٽي سان گڏجي پريس ڪلب يا سندس اوطاق تي چوند گانا

پڌندا آهيون. اشرف علي جي والد صاحب محرم علي پٽي وٽ بہ گانن جي واهہ جي چوندِ آهي.

هن وقت برج تي بيٺل سپاهي جي ريڊيو تي هي گانو هلي رهيو آهي.

کبھی کبھی میرے دل میں خیال آتا ہے،
کہ تجھ کو بنایا گیا ہے میرے لیئے۔

اهي بول پڌي ڪي خوبصورت چهرا ياد اچي ويا.



8 ڊسمبر 1976
سيٺ عابد

ڪجھ ڏينھن اڳ اسپيشل ٽربيونل ڪراچي ۾ حاضري مھل پوليس ھڪ نوجوان عورت کي پڻ حاضري لاءِ وٺي آئي. ان نوجوان عورت سان گڏ ۾ ننڍڙا گلن جھڙا ڪير پياڪ ٻارڙا ۽ ساڻ ھئا. مان سوچيان پيو تہ انھن معصوم ٻارڙن اسان جي حڪمرانن جو ڪھڙو ڏوھ ڪيو آھي جو ھنن پيارڙن فرشتن کي جيل جي سيخن ۾ واڙيو ويو آھي.

آخر خبر پئي تہ اھا خوبرو عورت نصرت شاھين آھي، جيڪا پاڪستان جي ارب پتي سمگلر سيٺ عابد جي ڏيءَ آھي. سيٺ عابد لاءِ مشھور آھي تہ ھن جا وڏا اصل پنجاب قصور جا آھن. ڪافي اڳ سندس والد کي ڪراچي جي سونا بازار ۾ "ڪامل گھٽي" ۾ سونارڪو دڪان ھوندو ھو.

سيٺ عابد جنھن جو اصل نالو شيخ عابد حسين آھي. سيٺ عابد جي پيءَ لاءِ مشھور آھي تہ ھو پاڻ کي "امام مھدي" سڏائيندو ھو ھو سڄو ڏينھن ان سونارڪي بازار ۾ قينچي کٽي پيو گھمندو ھو پوءِ جنھن ۽ ماڻھو جي چھري تي مڇون ڏسندو ھو ان جون مڇون ڪٽي پٽ ڪري ڇڏيندو ھو. ڇو جو ھن جي خيال ۾ مڇون ڪٽائڻ سنت آھي، ھن مذھبي جنوني کي ڇھ پٽ ھئا. اھي ۽ سڀ وڏي مال ملڪيت وارا ڪروڙپتي ٿيا. ساڳي وقت سڀ جو سڀ حاجي سڳورا ۽ ھئا. انھن سيني پائرن ۾ شيخ عابد حسين وڏو ھوشيار سمجھو ۽ يڪدم ڳالھ جي تھ تائين پھچي پنھنجو مطلب ڪيڻ وارو ھو. ھن يار جو اصل ڏنڏو سمگلنگ ھو. ھن ملڪ جي تاريخ ۾ اھا ڳالھ مشھور آھي تہ ھي

سون جو سمگلر پنهنجي ساڻي قاسم پٽي سان خليج جي ڪنهن ملڪ مان سون سان لانچ پريون پيو اچي ٿو اوچتو پاڪستان ۾ جنرل محمد ايوب مارشل لا هٽي چڏي هنن پنهي ڇڻن خوف کان سمگل ٿيل سون بحيره عرب ۾ ڪنهن هنڌ لڪائي چڏيو ياد رهي ته قاسم پٽي ڪراچي جي هڪ مشهور هوٽل فريڊرڪس ڪيفي ٽيريا ۾ ان وقت جي صدر سڪندر مرزا جي زال کي هڪ خوبصورت سون جو هار پارايو هو. قاسم پٽي جي موت کان پوءِ سيٺ عابد سپريم ڪورٽ مان اسمگل ٿيل سون جو ڪيس کٽي ورتو ۽ سڄي سون جو پاڻ ئي مالڪ ٿي ويهي رهيو. سيٺ عابد سون جي سمگلنگ بعد غير ملڪي ڪرنسي ۾ اسمگلنگ ڪرڻ شروع ڪئي.

هون ۾ سيٺ عابد لاءِ مشهور آهي ته هو شهرت کان پاسيرو ۽ گمنام رهڻ پسند ڪندو آهي، هن کي هڪ ڏيءَ نصرت شاهين آهي، جيڪا اسان سان گڏ هر شنوائي تي ٽريبيونل ۾ حاضري تي ايندي آهي. ان کانسواءِ سيٺ عابد کي ٽي پٽ ٻيا ۾ آهن، انهن مان ۾ ننڍا پٽ گونگا آهن، جيڪي آمريڪا ۾ ڪنهن بورڊنگ هائوس ۾ رهندا آهن، باقي هڪ ايياز محمود حافظ قرآن آهي ۽ خالق ڏنو هال ڪراچي ۾ تراويح نماز ۾ پڙهائيندو آهي.

هت اها ڳالهه ۾ مشهور آهي ته شروعات ۾ ذوالفقار علي ڀٽو ۽ سيٺ عابد جا تمام ويجها واسطا هئا. 1974ع ۾ جڏهن ڀٽو صاحب کي ائٽم بم ٺاهڻ جو خيال ٽيو ته هن سيٺ عابد سان ڳالهه ڪئي. ان وقت آمريڪا سخت مخالف هو ته پاڪستان ايٽم بم نه ٺاهي. ان ڪري ڀٽو صاحب ان مهم ۾ سيٺ عابد کي شامل ڪيو. سيٺ عابد دنيا کان لڪي فرانس مان پنهنجي بحري جهاز ۾ ايٽمي ري پروسيسنگ پلانٽ پاڪستان پهچايو هو. ان ڪري ايٽم بم ۽ ايٽمي پلانٽ لڳائڻ ۾ ذوالفقار علي ڀٽو سان گڏ سائنسدان عبدالقدير ۽ سيٺ عابد جو وڏو هٿ آهي.

بهرحال اڄ ڪلهه هت جيل ۾ اها ڳالهه مشهور آهي ته ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي پيپلز پارٽي لاءِ سيٺ عابد کان ٻارهن ارب روپيا چندو گهريو هو پر ڪن جو چوڻ آهي ته پنج ارب روپيا، کي وري چون ٽا

پنج ڪروڙ رپيا گھريا ھئا. پر سيٺ عابد اھي پئسا ڏيڻ کان انڪار ڪيو. جنھن تي پٽو صاحب ناراض ٿي ڪيس گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو. پرھو ڪنھن کي ھٿ نٿو اچي. پوليس جڏھن ھن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي تہ آخر ھن جي روپوشي دوران، ھڪ ڏينھن فوجي ٽرڪ وڃي سيٺ عابد جي گھر جو گھيرو ڪيو. جڏھن ھنن کي ڪو ماڻھو ھٿ نہ آيو تہ فوجي سندس ڏيءَ نصرت شاھين کي گرفتار ڪري آيا آھن. جيڪا ويچاري ٽريبيونل ۾ اسان سان گڏ بيٺي ھوندي آھي. مون کي ھن سان گڏ سندن گلن جھڙن ہارڙن تي رحم ايندو آھي.

نوٽ: جيل مان آزاد ٿيڻ بعد اھا خبر پئي تہ جڏھن سيٺ عابد کي گھٽو تنگ ڪيو ويو تہ ھن مجبورا ذوالفقار علي پٽو جي ڏيءَ بينظير کي انگلينڊ ۾ اغوا ڪرايو ھو جتي ھو پڙھندي ھئي. صورتحال اھڙي ٿي وئي جو ھاڻي سيٺ عابد جي ڏيءَ ذوالفقار پٽو جي قيد ۾ ۽ وري ذوالفقار پٽو جي ڏيءَ بينظير، سيٺ عابد وٽ يرغمال ھئي.

بھرحال آخر ٻنھي ڌرين جي وچ ۾ وڏين ھستين جي ٽياڪڙي بعد ھنن ھڪ ٻي جي نياڻين کي آزاد ڪيو.

□

14 ڊسمبر 1976
شاعري جي ڪن مَروڙ

ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ سان ماڙي تي ملي ڪيس نامناسب نيرن جي سامان ۾ بورچي خاني ۾ ٽانون جي ڪمي جي شڪايت ڪئي. شام جو دستور مطابق دوستن ۾ پراڻن قيدين سان گڏجي ونجھ وٽي کيڏي راند دوران اسان جو ساٿي رسول بخش وڏو جذباتي ٿي ويندو آهي. ان وقت هڪ جنگاڙ جو ماحول هوندو آهي. هن جون هڪلون پيون ساري وارڊ ۾ گونجنديون آهي..... نہ وڃي.... اچيءَ ٿو....خبردار....هوشيار..... ساڳي وقت ڪو وجھ ۾ اچي ويس تہ اهڙو تہ سٽڪو وهائي ڪيندس تہ همراهہ هفتو پيو مالش ڪرائيندو. ڪجھ ڏينهن اڳ مون کي بہ پناڻن تي اهڙو چنبو هيون اٽائين جو سور پنهنجي جاءِ تي پر پناڻن تي هن جي چنبي جي نشان چاپيا پيا آهن.

هت سيني دوستن شاعري جون ٽنگون ٻاهون ڇڄڻ شروع ڪيون آهن اڄ مون بہ هڪ شعر لکي شاعري جي ڪن مَروڙ ڪئي آهي.

مان ڇا لکان ۾ ڪيئن لکان
هن زندان جي ديوارن پٽيان
اي ڏرتي تو لاءِ مان
مان پاڻ تہ شاعر نہ آهيان
پر آبِن شاعر آهيان

□

16 ڊسمبر 1976ع
ماڻھو نہ ڏرتي کپي

اڄ شام جو دستور مطابق وارڊ جي پڌر تي ڇھل قدمي ڪندي ھلڪو سياڻو پي محسوس ٿيو. شايد شام جو دير سان ٽڏي پاڻي سان وھنجڻ بعد گرم ڪپڙو نہ اُوڍڻ ڪري، سيءَ لڳي رھيو ھو. بھرحال ڪمري ۾ اچي آجرڪ ويڙھڻ سان سيءَ ۾ ڪجھ ڪمي آئي تہ اڄ جون اخبارون اٽلائڻ پٽلائڻ شروع ڪيون. جنھن ۾ 1971ع واري جنگ ۾ ڊول سپاھين جو ڪارنامن جو ذڪر ٻہ ھو.

اخبارون پڙھي ياد اچي ويو تہ اڄوڪي تاريخ 16 ڊسمبر 1971ع ڈاري پاڪستان۔ ھندستان جي جنگ دوران جڏھن مان فوج ۾ ھئس، اسان جي بٽالين راجستان جي محاذ تي مورچہ بند ھئي.

ان جنگ دوران اسان عمرڪوٽ پرسان صوفي فقير لڳ ھڪ واھڻ ويجھو باغ ۾ ڪئمپ ڪيو ھو. جنگ جي خوف کان ڳوناٽا پنھنجا گھر تڙ ڇڏي ھليا ويا ھئا. پرسان ئي ھڪ ننڍڙو واھو (شايد لوئر نارا ڪئنال جي پيچڙي) وھندو ھو. جنھن جو پاڻي اسان وھنجڻ وغيرہ ۾ ڪتب آڻيندا ھئاسين. ڳوٺ ۽ باغ جي پرسان ئي مسجد ۽ ھڪ حجرو ٺھيل ھو. ڪيلن جي باغ سان گڏ ئي ٽماٽن جي پوکي ھئي. اسان تازا ٽماٽا لنگر خاني تي دال ۾ وجھي گيھ/تيل جو تڙڪو ڏئي چڙھ ڪندا ھئاسين. اسان جي ڪن ساٿين ڪيلن جي باغ مان ڪچا ڪيلا پٽي ڪجھ ڏينھن زمين ۾ پوري پال ٻہ وڌا ھئا.

اسان ان ڳونڙي جي چوگرد مورچا کوٽي ڇڏيا ھئا. خطري وقت مورچن ۾ وڃي منھن ڏيندا ھئاسين. ساڳي وقت باغ جي گھاٽن وٽن ھيٺان رھائشي تنبو ۽ ھٿيار ڪئموفلاج ڪري لڪايا ھئا. اسان کي

اتي جنگ جي تازي صورتحال جي تمام گھٽ خبر پوندي هئي، ڇو جو اسان کي اخبارون وغيره ته نه ملنديون هيون، اسان وٽ خبرن جو وڏو ذريعو ريڊيو هوندو هو جيڪو به صرف پاڪستاني خبرون ڏيندو هو البت شام جو جڏهن بي بي سي جي خبرن جو وقت ٿيندو هو ته هڪ وڙ هيٺان اچي گڏ ٿيندا هئاسين، اتي اسان جو هڪ حوالدار منظور پنهنجو ريڊيو ڪٽي پهچي ويندو هو هو جنگ جي باري ۾ روڏ ۾ باخبر رهڻ چاهيندو هو، حوالدار منظور اوير پاڪستان ۾ به ڪجهه عرصو رهي آيو هو هو فخر سان ٻڌائيندو هو ته صدر ايوب ۽ فاطمه 'جناح' جي اليڪشن دوران جڏهن فوجي گاڏين تي چڙهي، هنن چاٽگام جي مک بازار ۾ چڪر ڏنو ته ان مهل چوطرف، هر دڪان ۽ گھر تي فاطمه جناح جو چونڊ نشان لالٽين ٽنگيا پيا هئا. اتي جڏهن فوجن جون گاڏيون ماٺهن گھمندي ڏٺيو ته يڪدم خوف کان لالٽين لاهي ايوب خان جو چونڊ نشان گل ٽنگي ڇڏيا. بزدل بنگالي پاڪستاني فوج کان ايڏو ڊڄن پيا، هاڻي هنن جو ايڏو مٿو خراب آهي جو شينهن سان ٽا وڙهن هون به حوالدار منظور مون کي اصل نه وٽندو هو هي سنهڙو ۽ قداور پنهنجي يونٽ جو باڪسر رهي چڪو هو ان کري ڪاوڙ ۾ ڪڏهن سپاهن کي ٽونشا به هڻي ڪيندو هو.

بهرحال ان وڙ هيٺان اسان مچو ڪري ريڊيو تي خبرون ٻڌندا هئاسين، پاڪستاني ريڊيو ته رڳو فتح ئي فتح ٻڌائيندو هو ساڳي وقت ڪفر ۽ اسلام جي جنگ جهڙو عڪس ڇڪيندو هو. مطلب ته نومبر ۽ ڊسمبر جي مهينن ۾ جيستائين پاڪستان کي خراب شڪست نه آئي ۽ ڊول سپاهين هٿيار ڦٽا نه ڪيا، تيستائين پاڪستان ريڊيو مطابق اسان جي فوج هر محاذ تي شاندار فتحون پئي حاصل ڪري، هنن پنهنجي قوم کي اهو سارو عرصو اوندهه ۾ رکيو هو ريڊيو جي چوڪير ڪٽا ٽيل اسان جا فوجي جوان هر خبر تي اپ ڦاڙ نعرا هڻي تاڙيون وڄائيندا هئا، مون کي اهڙين ڪوڙين ۽ قوم سان ويساهه گھاتي ڪندڙ پاڪستاني ريڊيو جي ڪن خبرن جا سرا اڄ به ياد آهن.

"جيسور ۽ سلهٽ ۾ پارتي فوج اندر اچڻ جي کوشش ڪئي پر سخت نقصان بعد پسپا ٿي وئي، پارٽ جون ڪيتريون ٽينڪون تباهه."

"پارٽ جي هڪ بٽالين کي ناس ڪيو ويو."

"پارٽ ڪوميلا، سلهٽ، اکوڙا ۽ جيسور ۾ محاذ کوليا، ڪوميلا ۾ هڪ بٽالين کي تباهه ڪيو ويو."

"صدر يحييٰ، ذوالفقار علي ڀٽو کي پاڻ وٽ گهرايو."

"بزدل پارٽ مغربي پاڪستان تي حملو ڪيو آهي، تعليمي ادارا بند ڪيا ويا آهن، ساري پاڪستان ۾ بلئڪ آئوٽ شروع ڪئي وئي آهي."

"صدر يحييٰ جي، نور الامين ۽ ذوالفقار ڀٽو سان ملاقات ٿي."

"نور الامين وزير اعظم ۽ ذوالفقار ڀٽو وزير خارج مقرر."

"پارٽ راجستان ۾ 5 ميل اندر لنگهي آيو آهي."

"جيسور اڃا تائين پاڪستان جي قبضي ۾ آهي."

"پارٽ جا سوا سو جهاز ۽ ڏيڍ سئو ٽينڪون ناس."

"ٽينڪون منهنجي لاش تان گذري پوءِ ڏاڪا فتح ڪنديون."

بهرحال اهڙيون ڪوڙيون فاتحانه خبرون ٻڌي اسان جا جوان ٽرڙائپ مان سينو ڦوڪي ٻيڪيون هڻندا هئا ته بکايل بنگالين کي غداري جو اهڙو ته سبق سيکارجي جو هنن جا ايندڙ نسل به ياد رکن. هندستاني واڻيا، پتلون آليون ڪري پڇڙ وارا. اسلامي مجاهدن سان ڇا وڙهي سگهندا. مطلب ان وقت جي حڪمرانن، عوام سان گڏ باربر تي وڙهندڙ فوجن کي به اوندهه ۾ رکيو.

اسان وري جڏهن بي بي سي ٻڌندا هئاسين ته اوپر پاڪستان ۾ اندين فوجن پاڪستاني جوانن جا ڇوڙا لاهي ڇڏيا آهن ته ڇڙ ڪڙ مٽان پاڻي پئجي ويندو هو پر اسان جا سينيئر ساٿي ڪن ڪيتا ڪري مطمئن ڪرڻ جي کوشش ڪندا هئا ته "بي بي سي هون به اسلام دشمن ڪافرن جي آهي، اهي ڪوڙيون ۽ زهريلو خبرون نشر ڪري اسان جو مورال تباهه ڪرڻ چاهن ٿا."

بي بي سي تي ان دور ۾ "مڪتي باهني" جي ڪارنامن جي رڙ پئي پوندي هئي، مڪتي باهني جي باري ۾ ان وقت ۽ بعد ۾ معلوم ٿيو انهن

ويڑھاکن ۾ ايسٽ بنگال رجمنٽ ۽ ايسٽ پاڪستان رائفلز جا باغي سپاهي ۽ رضاڪار عوامي ليگ جا ڪارڪن ۽ يونيورسٽين جا شاگرد شامل هئا. هنن جي اڳواڻي ايم ايم عثماني ڪري رهيو هو. عثماني ان ويڑھاکن کي چئن کان اٺن هفتن جي ٽريننگ ڏئي تيار ڪندو هو. هن جون لڳ ڀڳ اسي کان مٿي ڪئمپون هيون، جنهن ۾ اندازن هڪ لک گوريلا تيار ڪيا ويا هئا.

اوپر پاڪستان جا اهي غدار بنگالي ڪنهن وقت محب وطن پاڪستاني هئا. اسان جي زيادتن ڪري ئي اسان جا ويري ٿيا. هت به اسان جي هن محاذ تي اسان جو ڪمپني ڪمانڊر هڪ بنگالي ميجر ضياءَ هو. اسان جتي به ڪئمپ ڪندا هئاسين، هن مشڪي هلڪي قد واري ميجر جو تنبو وغيره اسان جي رهائشي حصي کان ڪجھ فاصلي تي هوندو هو. ميجر ضياءَ، جنگ هلندي هڪ ڏينهن سنجھا ڏاري ٻن سپاهين کي ساڻ وٺي گاڏي تي چڑھي انڊيا جي باردر طرف نڪري ويو. ان وقت هندستاني فوجون اسان جي علاقي ۾ ڪافي اندر گھري آيون هيون، عمرڪوٽ ۽ ڇاڇرو وغيره جي ويجھو هيون، ميجر ضياءَ کي شايد انڊين فوج جي تازي پيش قدمي ۽ قبضي ڪيل علاقي جي خبر هئي.

بنگالي ميجر آخر هڪ هنڌ گاڏي بيهاري، ڊرائيور ۽ سپاهين کي چيو ته "توهان اتي بيهو مان اچان ٿو." ان بعد هو پٽ پار ڪري نظرن کان غائب ٿي ويو. شايد اڳتي وڃي هندستاني فوج وٽ پناھ ورتائين. هن سان ساڻ ويل اسان جا سپاهي ڪافي دير اتي بيٺا رهيا. هنن مان ڪن جو خيال هو ته متان جھنگ جي خيال سان ويو هجي، جڏھن ڪافي دير بعد به ميجر واپس نه وريو ته گاڏي ڪاهي هنن واپس اچي يونٽ ۾ ميجر جي گمشدگي جو اطلاع ڏنو. ميجر سان گڏ جيڪي سپاهي باردر تائين ويا هئا، انهن ۾ اوباڙي جو هڪ چوڪرو صدر الدين به هو.

بھرحال ميجر جي پڇي وڃڻ بعد ساري ڪمپني ۾ ڦڙڦوٽ پئجي وئي. اسان تڙ تڪڙ ۾ ان سر زمين تان پنھنجي ڪئمپ هٽائي پي هنڌ منتقل ڪئي ته متان غدار ميجر ضياءَ ڪئمپ تي جھازن سان گولا باري يا حملو نه ڪرائي.

بهرحال اهي بنگالي جيڪي پاڪستاني فوج ۾ ملازم هئا. اهي پاڪستاني/پنجابي فوجن هٿان پنهنجي قوم جي تذليل ڏسندا رهندا هئا. پر خاموشي سان اندر ۾ پيا وٽ کائيندا هئا. جيئن برگيڊيئر صديق سالڪ لکيو آهي ته "ايسٽ پاڪستان ۾ آپريشن سرچ لائٽ 1971ع ۾ شروع ڪيو ويو هو. پاڪستاني فوج ڪافي هنڌن تي حملا ڪري کين نقصان پهچايو هو ان عارضي ۽ ٿورن حملن جي فتح جي خوشي ۾ هڪ ڪيپٽن چوڌري ڪينو چلينڊي چيو هو ته "بنگالين کي خوب سبق سيکاريو ويو آهي. گهٽ ۾ گهٽ هڪ نسل ته ڪنڌ نه کڻندي" تنهن تي ميجر ملڪ چيو ته "انهن جي تاريخ شاهد آهي ته هو صرف طاقت جي زبان سمجهندا آهن."

دنيا ڏٺو ته ڪجهه مهينن بعد هڪ سنهڙي سڪڙي بنگالي ڇاڪا جي پلٽن ميدان تي جنرل اروڙا اڳيان هٿيار ڦٽا ڪرڻ وقت جنرل نيازي جي ٽڪڙ کي پنهنجي سڪل پاڏر سان ڪٽيو هو.

ان ميجر ضياءَ جي ڀيڻي وڇڙ بعد اسان جي يونٽ جي هڪ ٻي بنگالي سپاهي به هلندڙ جنگ دوران وڙهڻ کان کٽو جواب ڏنو هو. جنهن کان هٿيار کسي فوجي ڊريس لهرائي خاص نظرداري هيٺ رکيو ويو هو هڪ ڏينهن هن خوشي مان ٻهڪندو اچي. مون کان بوٽ بالش گهري. هن ٻڌايو ته هو بوٽ ان ڪري پالش ڪري رهيو آهي ته ڪيس واپس ايسٽ پاڪستان موڪلي رهيا آهن. ٿوري دير بعد همراهه تيل قليل ڪري اسان کان موڪلائڻ آيو ته هو واپس پنهنجي وطن وري رهيو آهي. بهرحال بعد ۾ اها خبر پئي ته ان بنگالي کي ايسٽ پاڪستان ته نه موڪليو ويو پر ڪيس اٽڪ جي قلعي ۾ وڃي قيد ڪيو ويو.

بهرحال پاڪستاني فوج ۾ بنگالين جو انگ وڌڻ ڪري پريڊ دوران فوجي Caution به اردو ۽ بنگالي کي ملائي ٺاهيا ويا هئا. جيئن اسان کي آرڊر ڏينڊا هئا. هوشيار باش (Attention)، آسان باش (Stand ease)، تالي تالي (March Time)، دو ساڙي کي. دائين ڦربي، دو ساڙي کي بائين ڦربي.

ڪاش پاڪستاني حڪمرانن کي هاڻي بنگلاديش ٺهڻ ڪانپوءِ ڪو هوش اچي. هو پاڪستان ۾ رهندڙ اصلوڪي قومن جي ٻولين سنڌي، پنجابي، پشتو بلوچي وغيره کي قومي ٻولي جو درجو ڏين، پر هن ملڪ جو بنياد پوڻ سان ئي ڌاري ڇهه في صد ٻولي ڳالهائيندڙ يو پي ۽ سي پي جي ماڻهن جي اردو ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو ان جو وڏو ڏوهاري سنڌ ڄائو قائد اعظم ئي آهي، جنهن 1945ع ۾ پلٽن ميدان ۾ تقرير ڪندي اردوکي ملڪ جي واحد قومي ٻولي قرار ڏنو. ان جلسي ۾ ڈاڪا يونيورسٽي جو شاگرد شيخ مجيب الرحمان به شامل هو.

ٻولي جي ان مسئلي تي جڏهن 1952ع ۾ ڈاڪا يونيورسٽي جي شاگردن بنگالي ٻولي جي حق ۾ جلوس ڪڍيو ته چٽي فائرنگ ڪري شاگردن کي رتو رت ڪيو ويو جن ۾ چار شاگرد ماريا ويا هئا. ان مان شايد هڪ جو نالو رفيق به هو ٻئي ڏينهن تي وري انهن مقتول شاگردن جي والدين جلوس جي قيادت ڪئي هئي.

مطلب ته ورهاڱي مهل ئي اوپر ۽ اولهه پاڪستان ۾ نفرتن جا ڏار وڌا ويا هئا. چيو وڃي ٿو پاڪستان جي قيام مهل جيئن ته بنگالي اڪثريت ۾ هئا، هنن جو خيال هو اوپر پاڪستان ناهي ملڪ جي گادي جو هنڌ ڪلڪته ڪجي. پر ان وقت سازش ڪري ائين نه ڪيو ويو. اهڙي طرح ڏنو وڃي ته انگريزن جڏهن 1843ع تي سنڌ تي قبضو ڪيو هو ته سنڌي ٻولي جو علمي، ادبي ۽ شاعري جو معياري خزانو ڏسي، سنڌي کي ننڍي کنڊ جي مڪمل ۽ ادبي ۽ عام فهم ٻولي سمجهي، ان کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو هو. ايتريقدر جو انگريز دور ۾ سرڪاري نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌي لکڻ ۽ پڙهڻ لازمي قرار ڏنو ويو هو انگريز دور 1853ع ۾ ئي موجود الفابيٽ جو پايو وڏو ويو هو.

ڏک اهو آهي ته اڄ به شاهه لطيف، سچل، سامي، بابا فريد، بلي شاهه، توکلي مست ۽ رحمان بابا جي ٻولين کي اهميت نٿي ڏني وڃي، خير هڪ ڏينهن اهو پينٽ ته مڇٽو آهي، ڏسئون ڪڏهن ٿو مڇي. پارت ۾ 800 ٻولين کان وڌيڪ ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، انهن مان 22 ٻولين کي قومي ٻولي قرار ڏنو ويو آهي، جن ۾ سنڌي به شامل آهي.

ملڪ جي ٻين ٻولين کي نظرانداز ڪرڻ سان گڏ اسان جي سنڌ جي اڳواڻن ڪلڪتي کي گادي جو هنڌ بنائڻ جي گهر ئي ڪانه ڪئي نه ئي ساڻ ڏنو مطلب ته بنگالين سان گڏ ٻين قومن سنڌي، بلوچن، پختونن سان زيادتن جو سلسلو ته هي ملڪ قائم ٿيڻ سان ئي شروع ٿي ويو هو وڌيڪ بنگلاديش جو وجود ته ان ڏينهن ئي پئجي ويو هو جڏهن ٻولي واري مسئلي تي هنن ڍاڪا يونيورسٽي جا ڇيرو شاگرد شهيد ڪيا هئا.

هون به بنگلاديش جي آزادي ۾ ڍاڪا يونيورسٽي جي استادن ۽ شاگردن جو وڏو هٿ آهي. پاڪستاني فوج جڏهن اوپر پاڪستان ۾ آپريشن سرچ لائٽ شروع ڪيو هو ته هنن کي ڍاڪا يونيورسٽي جي جڳن ناڻ هال ۽ اقبال هال تي قبضو ڪرڻ لاءِ ڪافي خونريزي ڪرڻي پئي هئي. يونيورسٽي تي راڪٽ لانچر، مارٽر ۽ هينڊ گرنيڊ وغيره اڇلايا ويا هئا. غير ملڪي خبرن مطابق يونيورسٽي ۾ هزارين ماڻهو ماريا ويا. ظالمن يونيورسٽي کي ته مسمار ڪري فتح ڪيو ويو پر اتي اسرندڙ آزاد بنگالي قوم جو نظريو ختم ڪري نه سگهيا. شايد ڪٽي صديق سالڪ لکيو آهي ته "نظرين کي قيد ڪرڻ توبن ۽ ٽينڪن جي وس جي ڳالهه ناهي"

بهرحال بنگالين جي لاتعداد قربانين نيٺ رنگ لاٿو هو غلامي جي طوق ڳچي مان لاهي آزاد ٿيا. ان آزادي لاءِ هنن جي هڪ نسل کي قيمون ٻڌايو ويو. مون کي راجشاهي جي ان سنهڙي سيپڪڙي بنگالي جا لفظ اڄ به ياد آهن، جنهن کي جڏهن روحانپور ۾ پڪڙي ڪمپني هيڊ ڪوارٽر آندو ويو ته هن تي هر قسم جو تشدد ڪيو ويو پر هن ڪابه سچي نه ڪئي. آخر ميجر هن جي سيني تي گن رکي ڌمڪي ڏني ته هن هيٺ جهڪي زمين کي چمي ڏئي آسمان طرف منهن ڪري چيو ته "هاڻي مان مرڻ لاءِ تيار آهيان. منهن جو موت يقينن هن سر زمين کي آزادي طرف وٺي ويندو."

واقعي هن جي ريٽي رت مان جيڪي آزادي جا گل ڦڙيا هوندا، هن وقت ان جي سڳنڌ سان سارو بنگلاديش معطر آهي.

بنگالي تہ پنھنجا کوپا، کونڊر کھائي آزادي وٺي ويا، پر باقي بچيل پياري پاکستان ۾ سنڌي ۽ بلوچ اڄ بہ زيادتين جا شڪار آھن. اسان جي وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽو ھڪ تقرير ۾ چيو ھو مان کين "ماري ماري پاکستاني بڻائي رھيو آھيان" شايد ھنن کي جنرل ٽکا خان جيان "ماڻھو نہ ڏرتي کپي" اھڙن زيادتين خلاف اسان سميت وڏھندڙن سان سنڌ جا جيل ڀريا پيا آھن.

ڪاش ذوالفقار علي ڀٽو 1970ع واري اليڪشن کٽڻ بعد جنرلن ۽ پنجابن جو ساٿاري ٿيڻ بجاءِ شيخ مجيب الرحمان ۽ بنگالن جو ساٿ ڏي ھا تہ ملڪ جو نقشو ئي ٻيو ھجي ھا.

❐

17 ڊسمبر 1976
عام قيدين ۾ آزادي جا افواهه

جيل ۾ عام قيدين کي ريڊيو ٽي وي ۽ اخبارن جي سهولت نه هئڻ ڪري روز نوان شوشا ۽ افواهه پيا ڦهلجندا آهن. خاص ڪري ڪنهن به قيدي جي سزا ۽ آزادي ٽيڙ کان وڃي، عام معافي جو اعلان به روزانه پيا ٻڌبا آهن. اڄ صبح جو ئي ڪنهن سپاهي اچي جيل ۾ اها ڦوڪ ڏني آهي ته حڪومت چار سئو قيدين کي آزاد ڪري رهي آهي، اها خبر ٻڌڻ سان قيدي ڏاڍا خوش آهن. ڪي قيدي جيل ۾ جهمريون پائي رهيا آهن ته ڪي گانا ۽ سهرا ڳائي رهيا آهن. انهن مان ڪن مسڪينن کي ته جيل ۾ سڙندي سورنهه سورنهه سال ٿي ويا آهن. اسان جو مقدم پنهنجي ماءُ جي قاتل کي به جيل جي دال کائيندي ڪيترائي ورهيه ٿي ويا آهن. هو ته انتهائي مسرور آهي. ڪنهن مهل جيل جي ٽوپي لاهي آسمان ڏي ٽو اڇلي ته ڪنهن مهل ٽوپي کي پٽ تي. ڪڏهن ته پنهنجي بي سري جسم کي نچڻ جي انداز ۾ لوڏا ٽو ڏئي وڃي. هنن جي خوشي ڏسي اسان به سوچيون ٿا ته ڪاش اها ڳالهه سچي هجي ته جيئن مسڪين قيدي آزاد ٿي وڃي، پنهنجن ٻچڙن سان ملن. جيل ۾ اهڙي خوشي جو ماحول ڏسي اسان به سيني قيدين کي آزاد ٽيڙ جو آسرو ڏيڻ سان گڏ هنن سان خوشي ملهائي، پر شام تائين ان آزادي جي خبر واري ڦوڪڙي مان هوا نڪري وئي.

شام جو پاڻ ۾ ونجهه وٽي کيڏڻ بعد شڪيل شاهه ڏي خط لکيو.

❐

18 ڊسمبر 1976
شاگردن جي بک هڙتال ۽ گرفتاري

اڄ هلال پاڪستان اخبارن ۾ ٻن جاين تي اسان جي انجنيئرنگ ڪاليج جي حوالي سان ٻه اهم خبرون شايع ٿيون آهن. انهن خبرن مطابق انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشورو ۽ انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهه ڪيمپس جي شاگردن اسان جي آزادي لاءِ هڪ ئي وقت حيدرآباد ۽ نوابشاهه ۾ بک هڙتال شروع ڪئي آهي. انهن ۾ حيدرآباد جي خبر هن طرح آهي.

حيدرآباد ۾ انجنيئرنگ ڪاليج جي شاگردن جي بک هڙتال

حيدرآباد 14 (ن. ه) سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جي ٻارهن شاگردن اڄ پنهنجي مطالبن ميجرائٽ لاءِ حيدر چوڪ گاڏي ڪاتي ۾ بک هڙتال شروع ڪئي آهي، هنن جو مطالبو آهي ته انجنيئرنگ ڪاليج جي پنجن شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي. نوابشاهه مان انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشورو منتقل ڪيو وڃي. بي اي پاس ڪرڻ بعد سترهون گريڊ ڏنو وڃي ۽ پنجن سالن جو ڪورس گهٽائي چار سال ڪيو وڃي.

اهڙي طرح نوابشاهه جي اخبار ۾ هن ريت آهي.

نواب شاهه ۾ بک هڙتال ڪندڙ شاگرد گرفتار

نوابشاهه 14 (ن.ه) اڄ نوابشاهه انجنيئرنگ ڪاليج جي چوڏهن شاگردن ميونسپل لائبريري ۾ بک هڙتال ڪئي. ٿوري وقت کان پوءِ مقامي پوليس 14 شاگردن کي گرفتار ڪري ورتو. جن جا نالا هن ريت آهن. عمر سيال، نور محمد چوهاڻ، دلاور ميمڻ، جاويد شيخ، غلام رسول،

انور پنهور، جواد انصاري، عبدالهادي شاکراڻي، علي بخش بروهي، سيد مشهود علي شاهہ، علي اڪبر عالماڻي، غيور عباس، رفيق احمد نوناري، غلام شبير مهر. شاگردن جو مطالبو هو تہ ڪاليج جامشورو منتقل ڪيو وڃي ۽ بي اي پاس وارن کي سترهون گريڊ ڏنو وڃي ۽ گرفتار ٿيل شاگردن کي آزاد ڪيو وڃي.

اخبار ۾ اهي خبرون ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي تہ اسان جي جيل ۾ رهڻ باوجود ٻاهر اسان جا دوست متحد آهن، هنن ايجا اسان کي وساريو نہ آهي، حالانڪ ڪاليج ۾ سيمسٽر سسٽم هجڻ ڪري هر هڪ شاگرد پنهنجي پڙهائي ۾ ڏينهن رات مشغول آهي، انهن بک هڙتال ۽ گرفتار شاگردن ۾ ڪيترا دوست پوزيشن هولڊر بہ آهن. خوشي سان گڏ ساڳي وقت ڪن دوستن جي گرفتاري جو ٻڌي افسوس بہ ٿيو. انهن مان سينيي دوستن ڀهريون دفعو جيل جو منهن ڏٺو آهي. خاص ڪري اهڙي سخت سردي جي موسم ۾ دوست بيمار نہ ٿي پون، ان ڪري خاص ڪري مان هنن جي گرفتاري تي اڀاڻڪو آهيان.

□

19 ڊسمبر 1976
امير حمزو مينگل ۽ پين دوستن جي گرفتاري

هت اسان کي پڙهڻ لاءِ اخبارون هڪ ڏينهن پوءِ ملنديون آهن. پهرين ڏينهن اخبارون شايد جيل سپرنٽينڈنٽ ۽ سنڌس عملو پڙهندو آهي. بعد ۾ اهي پاروٽيون اخبارون اسان جي حوالي ٿيندیون آهن. ان پاروٽي اخبارن جو به اسان وڏي شدت سان انتظار ڪندا آهيون. جيئن ته ڪالهه اسان جي دوستن ۾ن شهرن حيدرآباد ۽ نوابشاهه ۾ بک هڙتال شروع ڪئي هئي. ان باري ۾ تازي صورتحال معلوم ڪرڻ لاءِ اسان سخت فڪرمند هئاسين. ان ڪري سومر تي جيل جي ڪنهن سپاهي کي خيرپور شهر مان خاص اسان لاءِ اخبارون آڻڻ لاءِ چيو. آخر صبح سان اخبارن لاءِ نڪتل سپاهي منجهند جو ٽين ڏاري اخبارون کڻي آيو. هن عبرت ۽ سنڌ نيوز اسان جي حوالي ڪئي.

اخبارون ڏسڻ بعد خبر پئي ته نوابشاهه ۾ انجنيئرنگ ڪاليج جي ستن شاگردن بک هڙتال ڪئي هئي. جنهن کي بعد ۾ پوليس گرفتار ڪري کڻي وئي آهي. انهن ستن دوستن ۾ اسان جا تمام ويجها دوست شامل آهن. انهن ساڻين ۾ غلام علي نظاماڻي. غلام سرور ميمڻ. رشيد احمد ميمڻ. منظور احمد تنيو امير حمزو مينگل. خان محمد ابڙو. نياز لاشاري. اڪبر مالڪاڻي. اهڙي طرح نوابشاهه مان گرفتار ٿيل شاگردن جو تعداد ايڪويهه ٿي ويو آهي. پر اسان وٽ انهن شاگردن جا نالا ٻاويهه ٽين ٽا.

اهڙي طرح حيدرآباد ۾ به ڪجهه دوست بک هڙتال تي ويٺا آهن. پر پوليس کين گرفتار نه ڪيو آهي. اخبار ۾ اها خبر آهي ته پوليس طرفان گرفتار نه ٿيڻ ڪري في الحال اهي شاگرد بک هڙتالي

ڪيمپ خالي ڪري ويا آهن. عبرت اخبار حيدرآباد ۾ بک هڙتال ڪندڙ دوستن جو فوٽو شايع ٿيو آهي، فوٽو ايترو ته چٽو نه آهي، البت ڪجھ شاگردن جا چھرا سڃاڻي سگھجن ٿا. جيئن خير محمد سولنگي، مالڪ ڏنو شيخ،نقيب موسوي، غلام مرتضيٰ جلباڻي، عبدالرحيم سومرو لکا ڏنو جتوئي، اعجاز الحق ميمڻ، مشتاق علي خواجا ۽ ڪجھ ٻيا ساڻي به آهن، جيڪي باوجود ڪوشش جي تصوير ۾ سڃاڻڻ ۾ نٿا اچن.

نوابشاھ دوستن جي وڏيڪ گرفتاري جو ٻڌي پريشاني ٿي، خاص ڪري امير حمزو مينگل جھڙي اھم شاگرد اڳواڻ جو پاڻ بک هڙتال تي ويھڻ ۽ گرفتاري پيش ڪرڻ اسان کي سمجھ ۾ نه آيو. هو ئي هن تحريڪ کي اڳتي وڌائي سگھي ٿو.

هون به دادو جي هن دوست امير حمزو مينگل جي بردبار شخصيت جو سيني وٽ احترام آهي، يار ويس هئڻ ڪري پيار ۾ هرڪو کيس مامو سڏيندو آهي. وسيع مطالعي ڪري هڪ سٺي مقرر هئڻ سان گڏ ٽيبل ٽاڪ جو به ماهر آهي. هميشه سڌي ۽ چٽي ڳالھ ڪندڙ جھيڙن جھٽن کان پاسيرو رهندڙ مامو پڙھائي ۾ به پنھنجو مٽ پاڻ آهي. مون سان دلي انسيت اٿس.

20 ڊسمبر 1976
سائين جي. ايم. سيد جو خط

اڄ جي ڪنهن به اخبار ۾ انجنيئرنگ ڪاليج حيدرآباد ۾ نوابشاهه جي حوالي سان ڪابه خبر نه آهي. نه ئي ٻاهران ڪو ان باري ۾ شاگردن جو احوال مليو آهي. لڳي ٿو ته ڪجهه ڏينهن لاءِ بک هڙتال واري جدوجهد پوئتي ڪئي وئي آهي. ڪو ٻيو مسئلو ٿي سگهي ٿو. بهرحال اسان کي هن وقت گرفتار ساٿين جي ڳڻتي آهي. اڄ سپرنٽينڈنٽ جيل به رائونڊ تي آيو هن وٽ به ان معاملي جي ڪا خبر ڪانه هئي.

هت جيل ۾ ڪنهن قيدي کي خواب ۾ اڇي ڏاڙهي ۽ ساون ڪپڙن واري ڪنهن بزرگ خوشخبري ڏني آهي ته توهان قيدي جلد ئي آزاد ٿي ويندوءَ. پر شرط اهو آهي ته خيراتون ڪيو. ان ڪري ساري جيل ۾ هڪ شاهي خيرات جو بندوبست ڪيو ٻيو وڃي. اسان کي ته اهڙي بشارت تي يقين نه آهي. پر قيدين جي دل رکڻ لاءِ کين پنجويهه رپيا چندو ڏنو. رکو ان ڪري ته ان بهاني ڪجهه مسڪين قيدي ته پيٽ پري کائيندا..

سائين جي ايم سيد جي اهليه ڪجهه ڏينهن اڳ وفات ڪري وئي هئي. اسان جيل مان سائين جي ايم سيد ڏي هڪ تعزيتي خط لکيو هو جنهن جو اڄ جواب آيو آهي. سائين خط ۾ لکي ٿو.

سن

16.12.1976

غلام رسول كوسو

نديم، اشتياق احمد انصاري

عزيز محترم ميان رسول بخش، حبيب الله

اسلام عليڪم

اوهان منهنجي رفيق حيات ۽ امير حيدر ۽ امداد محمد جي والدهہ جي انتقال جي موقعي تي پيغام تعزيت موڪلي جنهن همدردي جو اظهار ڪيو آهي ان لاءِ تهدل سان اوهان جو شڪريہ ادا ڪريان ٿو.

قديم تعلقات ڪي قائم رکڻ واقعي اوهان جي شايان شان آهي.

متحمدن

غلام مرتضيٰ

21 ڊسمبر 1976
رحمت الله هيسباڻي ۽ هيرا لعل جي آزادي

اڄ جي اخبار ۾ اسان جي ڪاليج جي شاگردن توڙي گرفتار ساٿين جو ڪوبه ذڪر نه آهي. ان ڪري خبر نه آهي ته همراهن کي ڪٽي ۽ ڪهڙي جيل ۾ رکيو اٿن. ساڳي وقت سنڌ ۾ سردي به زوران زور آهي. مينهن جا ڪٽا به ڪرندا رهن ٿا. ساري اخبار اڄ به پيپلز پارٽي جي ڪارنامن ۽ تعريف سان پريل آهي. پيپلز پارٽي پنهنجي چوٽين سالگرهه ملهائي رهي آهي.

اخبار ۾ خوشي جي خبر اها آهي ته ڪراچي جيل ۾ قيد اسان جا پيارا شاگرد رهنما رحمت الله هيسباڻي ۽ هيرا لعل آزاد ٿي ويا آهن. هنن ٽي به ڪراچي اسپيشل ٽريبيونل ۾ ڪيس هلي رهيو هو. هنن جي آزادي جي خوشي ۾ اسان پاڻ ۾ هلڪو فنڪشن ڪيو. چوندا آهن "نوريڙي جي مهماني به ٻير" سو اسان به بئرڪ ۾ موجود ڊبل روٽي ۽ پٽاٽن جا چپس ناهي دوستن جي آزادي جو جشن ملهايو. هاڻي رات جي وقت ته ٺڏي هوا ڪري ڊائري لکڻ مهل هٿ به ڏکن ٿا. هون به سارو ڏينهن آسمان تي ڪڪر چانيل هئا.

اوچتو خيال جيل جي مکه دورازي ٻاهران بک هڙتال تي ويٺل جيل جي سپاهن ڏي هليو ويو هنن جيل جي سپاهين کي گذريل ڇهن ستن مهينن کان پگهار ڪانه ملي آهي. پاڻ ته ويچارا قيدين جي لنگر جي آيري سيري ماني کائن ٿا پر سندن ٻار ٻچا بکون ڪاٽي رهيا آهن. هڪ پاسي کي ٻارڙا بکيا ويٺا آهن. ٻي پاسي پيپلز پارٽي چئن سالن ۾ ڪيل ترقي ۽ خوشحالي جو جشن ملهائي ڪيڪ ڪٽي رهي آهي.

□

25 ڊسمبر 1976
قيدين جي آزادي جا افواهه

ڪافي ڏينهن کان ڪنهن سازشي ذهن جيل ۾ وري اهو افواهه هُلائي ڇڏيو آهي ته حڪومت وڏي تعداد ۾ قيدي آزاد ڪري رهي آهي، ان ڪري قيدين ويچارن قرض کٽي، ڦوڙيون ڪري خيراتون ۽ باسون باسيون آهن. هنن کي هر روز اها پڪ آهي ته ڇاڻ کين آزادي جو ڪاغذ ملڻ وارو آهي. اڄ ته ساري جيل ۾ ڪل خوشي ۽ ٺهڪڙا لڳا پيا آهن، صبح کان وٺي قيدي تيل ڦليل ڪيون، صاف ستڙا ڪپڙا پايون، ٽولن جي صورت ۾ گهمندا ٽا وتن، گهٽن کي ته اها پڪ آهي ته سندن جيل ۾ اڄ آخري ڏينهن آهي، ڪي قيدي ٿورا گهٽا مايوس به آهن جن جي ايڏا ڪافي سزا رهي ٿي، جيئن سج لاڙائو ٿيندو ٿو وڃي ٿيئن هن جي پريشاني ۾ اضافو ٿيندو ٿو وڃي، جن مقدمن جي ماڙي تائين رسائي آهي، اهي ته ماڙي تائين چڪر ڪاٽي، ساڻا ٿي پيا آهن ته جيئن ئي آزادي جو ليٽر ماڙي تي پهچي ته سڀ کان پهريائين هو اها خوشخبري دوستن کي پهچائن، هن وقت رات جا يارهن ٽيا آهن، پر ايڏا تائين باندين آسرو نه لاٿو مون کي ويچارن باندين جي سادگي تي رحم ٿو اچي. هڪ خوامخواهه جي افواهه کي ايڏو پڪو آسرو سمجهي رهيا آهن.

بهرحال محرم جو مهينو هئڻ ڪري هن وقت به اسان جي بئرڪ ۾ باهران مجلس، نعرن ۽ ماتم جو آواز اچي ٿو.

□

26 ڊسمبر 1976
قيد جا ساڻاري

قيدين ويچارن کي الائي ڪنهن جلد آزاد ٿيڻ جي ڦوڪ ڏني هئي، ان ڪري چندا ڪري خيراتون ۽ ڪيائون، ورد، وظيفن ۾ ۽ تيزي آندائون، هنن کي هر ڏينهن اها اميد هئي ته سندن آزادي جو پروانو ڄاڻ پهتو پر ويجهڙ ۾ سندن آزادي جو جڏهن ڪوبه اعلان نه ٿيو ته ويچارا ڏاڍا مايوس آهن. اسان جو مقدم نور محمد هالو ته هاڻي حڪومت کي گارگند چڏي اچي خدا تعاليٰ کي ميارون ٿو ڏي ته "خدا وٽ به پارٽي بازي آهي. هڪ غريبن جي پي اميرن جي. هو اميرن جي پارٽي جو طرفدار آهي، باقي غريبن کي ته کنگهي ئي نٿو. خدا اسان جي چندي جي ڪيل خيرات ۽ کائي ويو." نور محمد هالي ڏاڙهي تي هٿ رکندي چيو "جيڪڏهن هن دفعي آزاد نه ٿيس ته مسلماني کان ۽ قري ويندس." هو ويچارو سارو ڏينهن مايوس ۽ روڻڪار ڪو رهيو. ٻين قيدين جي ۽ ڏري گهٽ ساڳي حالت آهي، ان ڪري هونءَ گهڻو ڪري اسان جي وارڊ ۾ سارو ڏينهن ڪچهري لڳي پئي هوندي آهي. پر اڄ ڪچهري لاءِ تمام گهٽ قيدي آيا. اسان وٽ ميل ملاقات لاءِ اڪثر جيڪي قيدي پيرو پريندا رهندا آهن، انهن مان ڪن قيدين جو ذڪر ضروري آهي."

پنهل جيسر: هي اسان جو مقدم آهي، هن پنهنجي ڀاءُ سان گڏجي چار خون ڪيا آهن، انهن خونن ۾ سندس ننڍو ڀاءُ ۽ ساڻاري هو جيڪو هن وقت حيدرآباد جيل ۾ آهي، پهريائين پنهي ڀائرن کي قاسي لڳي هئي، پوءِ اها عمر قيد ۾ تبديل ٿي وئي.

نور احمد هالو: هي به اسان وٽ مقدم آهي، خون جي ڪيس ۾ عمر قيد اٽس، اصل ڏنڊي واري پاسي جو آهي، اسان سان شام جو ونجهه وٽي به ڪيڏندو آهي، ٿورو گهٽو ڳائي به ويندو آهي.

انور علي ڪلهوڙو: هي نوجوان چوڪرو لاڙڪاڻي جو آهي، مٺس ٻن خونن جو ڪيس هو جنهن ۾ ڦاسي جي سزا آئي هيس، پوءِ اها عمر قيد ۾ تبديل ٿي. هن سان گڏ علي بخش شيخ ۽ به ٻيا همراهه به هئا، جيڪي هن وقت سکر جيل ۾ قيد آهن.

غلام حسين کوسو: هي همراهه اصل ميهڙ دادو جو آهي، ڪچهري جو مور آهي، ڪنهن کي مارڻ جي ڪيس ۾ ڦاسي جي سزا ملي هيس، جيڪا پوءِ عمر قيد ۾ تبديل ٿيس، اڪثر حال احوال اُورڻ ايندو آهي.

عبدالله جهرڙ: هي قيدي شهدادڪوٽ جو آهي، هي اڳي به ڪنهن ڪيس ۾ چوڏهن سال سزا ڪاٽي ويو آهي. آزاد ٿيڻ بعد وري کو وڃي ٻيو خون ڪيائين، ان خون ۾ڪافي عرصو روپوش رهيو. نيٺ ڪنهن ڏاڙيلن جي ٽولي ۾ شامل ٿي ڏوهه ڪرڻ لڳو. هو ڏوهه ڪري وڃي ٻيلن ۾ لڪندا هئا، هن کي اتي ٻيلي ۾ ڪنهن نانگ ڏنگي وڌو هو ڪافي ڏينهن ائين بيهوش پيو رهيو هن جي وات ۽ نڪ مان رت وهڻ لڳو. هنن جا ٻيا ڏاڙيل ساٿي ڪيس اڏ مئو سمجهي ڇڏي ويا، هن کي جڏهن هوش آيو تہ پاڻ ئي اڇي پوليس وٽ پيش پيو. هن جو ٻئي جنگهون ٻانهون هاٿي وانگر سڄيل آهن، خاص ڪري جهڙالي يا سياري ۾ ڪيس ڪافي تڪليف ڏئي ٿي ۽ تنهن هوندي به همراهه ڏاڍو زندهه دل آهي، سدائين ٻوڳ ٽڪاءِ ۽ ڪلڪو هوندو اٽس.

عبدالمالڪ نيازي: هي ميانوالي جو سوا ڇهه فوٽ ڊگهو نوجوان آهي، خون جي ڪيس ۾ عمر قيد ڪاٽي رهيو آهي، پنجاب جا جيڪي شرارتي قيدي هوندا آهن انهن کي سنڌ موڪلي ڇڏيندا آهن. اهڙي طرح سنڌ جا وري ڌانڌرس قيدي پنجاب جي مختلف جيلن ۾ موڪليندا آهن، هن کي ڪجهه عرصي کان پنجاب بدر ڪري خيرپور جيل موڪليو ويو آهي، هن وقت گدام انچارج آهي، اسان وٽ اڪثر ڪچهري لاءِ ڪهي ايندو آهي، خاص ڪري شام ڏاري ونجهه وٽي تي ضرور ڦهچي ويندو آهي، قداور هڏ ڪري راند ۾ هن کان ٻچڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

غلام حسين پناڙ: هي همراهه هاڻي جهونڙو ٿي چڪو آهي، اصل ميانوالي جو رهاڪو آهي، پنهنجي تر جو بدنام ڏاڙيل رهي چڪو آهي، خاص ڪري جڏهن پنجاب جو گورنر امير ملڪ هو ان وقت هن جو وڏو ڏهڪاءُ هو ان بعد ڪيس مارشل لا جون سزائون ٻه مليل آهن. هن کي ٻه شهر بدر ڪري خيرپور موڪليو ويو آهي.

محمد عرس ابڙو: هي لاڙڪاڻي پاسي جو سڻو زميندار آهي، ڪچهري جو پلو خاص ڪري سياسي حوالي سان سڻي ڇاڙ رکي ٿو. هن وقت لنگر خاني ۾ منشي گيري ڪري ٿو خون جي سزا جا ڏينهن پورا ڪري رهيو آهي.

قادو شيدي: مون هن تي ڪٽي ڀائري ۾ الڳ لکيو آهي، لاڙڪاڻي بابهه سان تعلق اٽس، ڳالهائڻ جو تيز خون جي ڪيس ۾ لوڙي رهيو آهي.

محمد صالح (نرس): هن قيدي جو تعلق خيرپور سان آهي، ميٽرڪ پاس هڻڻ ڪري ڪائنس اسپتال ۾ ميل نرس جو ڪم ورتو ويڃي ٿو. هلڪو دوا درمل ڪري ڇاڻي، روز شام جو راند ڪيڏڻ لاءِ اسبان وٺ ايندو آهي.

بچل شاهه: بچل شاهه جو واسطو ٻه خيرپور سان آهي، قتل جي ڏوهه ۾ جيل گهاري رهيو آهي، هت جيل ۾ رهي اديب فاضل ۽ عالم جا امتحان ڏنا اٽس. ڪافي عرصو پنجاب جي جيلن ۾ رهي آيو آهي، تازو اتان واپس سنڌ ۾ آيو آهي، اسان سان ٻه ڪجهه ڏينهن اڳ ملاقات ٿي اٽس، ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو سڻو سليقو اٽس. اسان سان ڪچهري ۾ ڪيس ٻه مزو ايندو آهي، پاڻ کي ٻه جيئي سنڌ جو ڪارڪن سڏائيندو آهي، هت جيل ۾ شاعري شروع ڪئي اٽس، ڪافي سڻي ۽ پختي شاعري اٽس.

لياقت علي خواجا: هي خيرپور جو نوجوان ڇوڪرو آهي، روزانو صبح جو اسان جي واردِ جي ڇنڪار پوڇي وغيره ڪندو آهي، ڪيس چوري ڪندي گرفتار ڪيو ويو هو. هن کي ياڳين ئي رات جو چوري ڪندي پڪڙيو ان وقت ياڳين جيڪا هن سان تعدي ڪئي هئي، اها جُٽِ مزيدار انداز سان ٻڌائيندو آهي، بهرحال اسان سان ڪافي دل کولي ڪچهريون ڪندو آهي.

علي شير انصاري: هي پير ڳوٺ خيرپور جو رهواسي آهي، ذات پائي هٿ ڪري پيو ملڻ ايندو آهي، سنڌ ڪرائمز ايڪٽ تحت گرفتار آهي، حال احوال ڪري پنهنجو هيانو هلڪو ڪندو آهي.

عنايت انصاري: هي شيخوپوره پنجاب جو ترڪ ڊرائيور آهي، سنڌ ۾ ڪٽي ايڪسيڊنٽ ۾ ماڻهو ماري وڏو اڻائين. بي پهچ هٿ ڪري ٻن ٽن سالن کان قيد آهي، اڪثر ڪچهري لاءِ ايندو آهي، قيدي ويچاري لاءِ آڻت جا ٻه ٻول ٻه ڪافي هوندا آهن.

مريد رڌ: هي همراهه ڪوٽڙيجي جو رهاڪو آهي، بقول هن جي پوليس هروپرو هن کي سنڌ ڪرائمز ايڪٽ ۾ سوگهو ڪيو آهي. يار سنڌي ٽوپي ٽاهڻ جو سٺو ڪاريگر آهي، هٿ ڏاڍو صاف اٽس. هن دوست هڪ ٻه سنڌي ٽوپ تحفي ۾ ڏنا آهن، باوجود ڪوشش جي اسان طرفان پئسن جو تحفو قبول نٿو ڪري.

آندل گولو: هن قيدي جو تعلق لاڙڪاڻي سان آهي، ڏُوبي خاني جو مقدم آهي، مسڪين قيدين کي ڪُٽڻ جو ماهر آهي، چوڏهن سال سزا اٽس. شهپرن تي سٺي محنت ٿيل اٽس.

علي حسن چانڊيو: هر قيدي پنهنجي ڳوٺ جو نالو ٻڌي ٻي ڳوڻائي وٺ ڪهي ايندو آهي، منهنجو تعلق لاڙڪاڻي سان هٿ ڪري ان پاسي جا قيدي پيا پير پريندا آهن، علي حسن چانڊيو ٻه لاڙڪاڻي جو آهي، چوڏهن سال سزا اٽس، هن وقت ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ جو اردلي آهي، جيل ۾ مڙئي لئي اٽس.

علي حسن مڪراني: اصل ڪراچي جو آهي، لانچ جو ناکئو آهي، سمنڊ ۾ مڇي مارڻ لاءِ پري پري تائين هليو ويندو آهي، ان ڪري ڪاڏا تمام لذيذ ٺاهيندو آهي، اسان ٻه جڏهن ڪا دعوت ڪندا آهيون تہ خاص طور تي هن کي گهرائيندا آهيون، هن وقت سمگلنگ جي ڏوهه ۾ سزا پوڳي رهيو آهي.

❐

28 ڊسمبر 1976
نواب شاهه جي شاگرد جي مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال

صبح جو انور عباسي خاص اسان لاءِ ٻاهران سنڌي اخبارون سنڌ نيوز ۽ آفتاب ڪٽي آيو جن ۾ انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهه، انجنيئرنگ ڪاليج جامشورو ۽ ايگريڪلچر ڪاليج ٽنڊو جام جي شاگردن ڪوٽن ڊوميسائل خلاف ۽ اسان جي آزادي لاءِ مطالبو ڪيو آهي، سنڌ نيوز جي آخري صفحي تي اسان جي چئن دوستن عمر الدين زرداري، روشن علي جوٽيجو، عبدالمجيد بهلڪاڻي ۽ مشتاق چاچڙ جا فوٽو ڏنل آهن، جيڪي نوابشاهه ۾ بک هڙتال تي ويٺا آهن. اخبار جي خبر هن ريت آهي.

"انجنيئرنگ ڪاليج جي شاگردن مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال شروع ڪئي."

نوابشاهه: انجنيئرنگ ڪاليج جا شاگرد پنهنجن مسئلن مڃائڻ خاطر مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال تي ويٺا آهن. شاگرد هر هڪ عبدالمجيد بهلڪاڻي، عمر الدين زرداري، روشن جوٽيجو، مشتاق چاچڙ جيڪي خميس کان بک هڙتال تي ويٺا آهن، تن مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي. شاگردن جي چوڻ مطابق هو اُن وقت تائين بک هڙتال جاري رکندا جيستائين سندن مطالبا پورا نٿا ڪيا وڃن.

❑

29 ڊسمبر 1976
ٻن ٻن شاگردن جي اُنيتاليهه ڪلاڪن جي بک هڙتال

اڄوڪي هلال پاڪستان ۾ اسان جي انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهه جي خبر هن انداز سان آئي آهي.

نوابشاهه جي شاگردن جي بک هڙتال

نوابشاهه: اڄ انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهه جي شاگردن اعلان ڪيو ته سندن مطالبا ميڙ تائين ٻه ٻه شاگرد واري سان 48 ڪلاڪن لاءِ بک هڙتال تي ويهندا. هن وقت پنج شاگرد بک هڙتال تي وينل آهن.

اسان جو هت جيل ۾ هئڻ ڪري ڪنهن ٻه دوست سان رابطو نه آهي. ان ڪري اها خبر نٽي پئي ته اسان جا گرفتار دوست ڪهڙي جيل ۾ آهن ۽ سندن ڇا حال آهي. هن وقت نواب شاهه ۾ وري جيڪي دوست بک هڙتال تي وينا آهن. انهن جي قيادت ڪير ٿو ڪري؟ اسان جا اهي دوست جڏهن گرفتار ٿي ويندا ته پويان تحريڪ کي ڪهڙو دوست اڳتي وڌي ويندو؟ هت اخبارن ۾ ته صرف نوابشاهه انجنيئرنگ ڪاليج جي شاگردن جو ذڪر ملي ٿو خبر نه آهي ته حيدرآباد جا ساٿي ڇا سوچي رهيا آهن؟ هتي ته اسان وٽ ٻه اخبار ڏينهن ڏيڍ بعد ملي ٿي. ان ڪري گرفتار ساٿين جو خيال هميشه پريشان ڪندو ٿو رهي.

تاج محمد برڙي ۽ اشرف پٽي ڏي خط لکيم.

❐

30 ڊسمبر 1976
شاگردن جي بک هڙتال ختم

اڄ جي سنڌ نيوز اخبار ۾ نوابشاهه ۾ بک هڙتال تي ويٺل اسان جي ساٿين جي خبر آئي آهي.

شاگردن بک هڙتال ختم ڪئي

نوابشاهه: انجنيئرنگ ڪاليج جا 4 شاگرد عبدالمجيد بهلڪاڻي، عمر الدين زرداري، روشن جوڻيجو ۽ مشتاق چاچڙ جيڪي چئن ڏينهن کان پنهنجي مطالبن مجرائڻ جي سلسلي ۾ مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال تي ويٺا هئا تن اڄ يونيورسٽي جي سابق جنرل سيڪريٽري ۽ پ پ جي ورڪر عزيز پنگوار جي يقين ڏيارڻ تي بک هڙتال ختم ڪري ڇڏي.

□

31 ڊسمبر 1976
چوڪري بازي

اخبار ۾ خبر آهي تہ دادو جي شهر قلجي ۾ هڪ ياءُ پنهنجي ننڍي ياءُ کي سندس دوست سان گڏ گهمندو ڏسي غيرت ۾ اچي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو. اڳي تہ اسان مرد کي عورت سان ڪارو ڪندي ٻڌو هو پر هاڻي مرد جو مرد سان ڪارو ڪرڻ جو پڙهي تعجب ٿيو. خبر نہ آهي انهن ٻنهي چوڪرن ۾ ڪهڙي قسم جي دوستي هئي، جنهن کي هروپرو غيرت جو رنگ ڏنو.

هونئن بہ مرد جو مرد سان پيار يا جنسي تعلق اوائلي دور کان پيو ٿو ٻڌجي. خاص ڪري حضرت لوط عليہ سلام جي قوم اهڙي عادت ۾ مبتلا هئڻ ڪري اڄ بہ لوطي لفظ ان طرف اشارو ڪري ٿو. ان لوطي قوم جو ذڪر بائبل ۽ ڪجهہ مقدس ڪتابن ۾ آهي، جنهن جو مفهوم ڪجهہ هينئن آهي، حضرت لوط عليہ السلام جڏهن پنهنجي قوم ۾ اها بدعيت ڏٺي تہ هن کين گهڻو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو نہ مڙيا، ڪيس چيائون تہ "جيڪڏهن تون سچو آهين تہ پنهنجي الله کي چئو تہ اسان تي پلي عذاب آڻي". بهرحال حضرت لوط عليہ السلام جي دعا گهرڻ سان متن عذاب نازل ٿيو. حضرت لوط عليہ السلام جي ساري قوم تباهہ ٿي وئي، رڳو حضرت لوط عليہ السلام جو خاندان وڃي بچيو.

چيو وڃي ٿو تہ چوڪري بازي جي شروعات بہ عبادت گاهن مان ٿي. "مصر جي قديم آرتيمس (آرٽيس) ماتا جي مندر ۾ ڪدڙا پوڄاري رهندا هئا. ٻاهران ايندڙ ياتري پنهنجا ٽڪ اچي انهن تي ڇڏندا هئا."

يونان ۾ تہ چوڪري بازي عيب نہ هو هو تہ اهڙن لاڳاپن جو وڏي فخر سان اعتراف بہ ڪندا هئا. سقراط، افلاطون ۽ ارسطو بہ بلا جا

حسن پرست هئا. خاص ڪري سقراط تي ٻين الزامن سان گڏ هڪ اهو به الزام هو ته خوبصورت نوجوان ڇوڪرن سان جنسي تعلق رکي ٿو. دراصل ان دور ۾ ته يونان ۾ ڇوڪرن سان عشق ويا طور ڦهليل هو. سقراط ۽ السي بيادس جو پيار ته وڏو مشهور هو. السي بيادس پاڻ سقراط سان اگهاڙي سمهڻ جو اعتراف ڪيو آهي.

ديماميٿنيز هڪ دفعو چيو هو ته "اسان وٽ سهڻا ڇوڪرا راحت حاصل ڪرڻ لاءِ آهن، طوائفون جسماني خواهش لاءِ ۽ زالون ٻار پيدا ڪرڻ لاءِ آهن."

يوناني ديوتا اڪيلز ۽ پٽروڪلس جو به پاڻ ۾ وڏو پيار هو. ايڪليز جا پٽروڪلس سان غير فطري تعلق به هئا. حالانڪ پٽروڪلس هن کان عمر ۾ وڏو هو ساڳي وقت حيثيت ۾ به گهٽ هو.

مشهور آهي ته جڏهن ٽراءِ واري لڙائي ۾ پٽروڪلس مارجي ويو ته ان مهل اڪليز پنهنجي دوست جو لاش ڏسي پٽ تي ڪري ليٽڙيون پائي مٽي ۾ ڏوڙ وجهڻ لڳو.

اڪليز پوءِ ايڏا جبل مان ڪاڦيون گهرائي پنهنجي جگري دوست پٽروڪلس جي چڪيا تيارڪئي، هن پٽروڪلس مٿان سندس گهوڙا، ۽ ڪتا ڪهي قربان ڪيا، ان ڪانسواءِ ٽراءِ جي مڪ قيدين مان ٻارهن نالي وارن اميرن ۽ سردارن جون نڙيون ڪٽي، انهن کي پٽروڪلس مٿان قربان ڪيو.

هم جنس پرستي ۾ ته هي صدي ڏاري روم جو بادشاهه هيڊرين جو به وڏو نالوآهي، جنهن جي نالي تي روم جي "هيڊرين ديوار" اڄ به گر ڪنيون بيٺي آهي. هيڊرين يونان جي هڪ سهڻي ڇوڪري انطينوس تي مست هو. انطينوس جڏهن نيل ندي ۾ ٻڏي مئو هو ته هيڊرين ديوتا طور هن جا مجسما ٺاهي رکيا هئا. ساڳي وقت جنهن هنڌ تي هن جو دلبر ٻڏو هو ان هنڌ تي هن جي نالي تي هڪ خوبصورت شهر انطيڪوپولس اڏايو هو. هن سڪي جي هڪ پاسي تي سندس تصوير به نقش ڪرائي هئي. هونئن به ميوزيم ۾ رکيل انطينوس جا مجسما واقعي مرداني حسن جو ڪمال آهن.

يونان جو مڃيل ڏاهو بت تراش ۽ مصور جيڪو 'مونالیزا' ۽ 'لاسٽ سپر' جهڙين لافاني تصويرن جو خالق آهي، هو جڏهن پنهنجي چوويهين سالگرهه ملهائڻ جي تياري ڪري رهيو هو تہ هن ۽ سندس ٽن دوستن تي بداخلاقي ۽ هم جنس پرستي جو ڪيس داخل ڪيو ويو. چئني ڄڻن کي سزا ٻڌائي جيل اماڻيو ويو. جيل ۾ ڪجهه عرصو رهڻ بعد هن کي آزاد ڪيو ويو. اهو سبب هو جو ليوناردو ڊاونچي سڄي زندگي فلورنس سان نفرت ڪندو رهيو.

چوڪرن سان پيار جا پيچ لڙائڻ ۾ پرشيا جو بادشاهه عباس شاهه به پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن جو هڪ سهڻي نوجوان محمد قاسم سان ڇتو پيار هو. هونئن تہ عباس شاهه پرشيا سلطنت جو بي تاج بادشاهه هو پر محمد قاسم جي اڳيان صفا ڪٽل هو. عباس شاهه جو اصفهان جي چوڪ تي هڪ مجسمو به لڳل هو جيڪو بعد ۾ ڊاهي پٽ ڪيو ويو.

تيرهين صدي ۾ انگلينڊ جي بادشاهه ايڊوارڊ ٻيو ۽ خوبصورت چوڪري پيٽرس گيوسٽن جو پيار به انگلينڊ جي عوام ۽ بادشاهه جي درٻارين کي سٺو نہ لڳندو هو. آخر ڪنهن سازشي ماڻهن پيٽرس گيوسٽن کي قتل ڪرائي ڇڏيو. اڄ به هن ٻنهي جي پيار ڪهاڻين تي ڪيترا ڊراما ۽ فلم تيار ڪيا ويا آهن.

هندستان جو اردو ۽ هندي جي مشهور شاعر فراق گورکپوري جو اصل نالو رگو پتي آهي، انگريزي ادب جي هن پروفيسر جواني ۾ انگريزن جا جيل جهاڳيا. شاعري جي حوالي سان سندس ڪيترائي ڪتاب آهن. ساڳي وقت مختلف ايوارڊ به ماڻي چڪو آهي. مشهور آهي تہ ادب سان رغبت سان گڏ نوجوان چوڪرن مان به چڪو حاصل ڪندو آهي. هڪ دفعي سندس پٽ جيئن ئي گهر پهتو تہ هن پنهنجي پيءُ کي سندس هڪ دلبر دوست سان من مستيون ڪندي ڏٺو. پي جي اها حرڪت ڏسي سندس پٽ ڏڪ جهلي نہ سگهيو ۽ وچي پاڻ ماريائين. مون کي فراق جو هي شعر وٽندو آهي.

اب تو یاد بھی ان کی آتی نہیں
کتنی تنھا ہوگئی تنہائیا

آفتاب راءِ رسوا ارڙھين صدي ڏاري برصغير جو سڀ شاعر ٿي گذريو آھي، رسوا ھڪ چوڪري ٿي اکن چکن ھو. ھڪ ڏينھن بي خودي ۾ چوڪري کي ڏسي ڊوڙي وڃي ھن کان چمي ورتائين. چوڪرو بہ کو غيرتي ھو ور مان تيز ٻاڦو ڪڍي ھن جي پيٽ ۾ وھائي ڪڍيائين. پوليس لسڙات چوري کي پکڙڻ ڇاھيو پر رسوا کين روکيو تہ "مٽس گھوريس ھن کي تڪليف نہ ڏيو" آخر ھي صوفي ٻاڦو جو ڏڪ پڃائي نہ سگھيو ھن وصيت ڪئي ھئي تہ مرڻ کان ڪانپوءِ ڪيس شراب سان غسل ڏنو وڃي.

علاو الدين خلجي بعد پندرھين صدي ڏاري سندس پٽ قطب الدين مبارڪ پنھنجي پائرن جون سسيون لاھي ھندستان جي تخت تي ويٺو. ھن جو ھڪ لڙائي دوران قيد ٿي آيل ھڪ گجرات جي ھندو چوڪري خسرو سان عشق ٿي ويو. پوءِ تہ ھو ھر روز پنھنجي وزيرن ۽ مشيرن جي سامھون دربار ۾ شادي جھڙو ماحول جوڙيندو ھو. باقائده خسرو زنانہ ڪپڙا ۽ زيور پائيندو ھو. نڪاح پڙھايو ويندو ھو. ٻين رسمن سان گڏ وليمي جو بندوبست ھوندو ھو. رات جي پوئين پھر ۾ خسرو کي ڊولي ۾ چاڙھي، مبارڪ سان گڏ ھڪ ڪمري ۾ واڙيو ويندو ھو.

آخر مبارڪ شاھ جي قتل بعد خسرو ھندستان جو بادشاھ ٿيو. جنھن کي بہ پنھنجي درٻارين قتل ڪري ڇڏيو.

فرانس جو مشھور رومانويت پسند ناول نگار فلائير جنھن ميڊم باوري جھڙو ناول تخليق ڪيو. ان جو بہ چوڪرن سان پيار رھيو آھي. خاص ڪري سندس محبوب ڪڇ ھانيم ھن جي دل جو ٽار ھو. ھو ان سھڻي سان مصر جو بہ چڪر ڏئي آيو.

ظھير الدين بابر بہ پنھنجي تزڪ بابري ۾ ڪنھن سھڻي چوڪري جو ذڪر ڪيو آھي، جنھن سان ملڻ مھل کيس راحت ملندي ھئي.

جوش مليح آبادي بہ پنھنجي ڪتاب "يادون کي بارات" ۾ اھڙين ٻالھين جو ذڪر ڪيو آھي.

اسان جي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ هاڻي به ڪوئيتا جو هڪ اهڙو مفعول همراهه آهي، جنهن کي هر روز ڪونه ڪو شڪار ڪپي. ايتري قدر جو بيرا، چوڪيدار ۽ ڊرائيور به هن جي فياضي مان لطف وٺن ٿا. يار وٽ پئسو به جام آهي، ان ڪري هر روز انگلش شراب سان گڏ گوشت جون ڪڙهايون ۽ ٻيا طعام الڳ ٿو کارائي. پهريون دفعو اسان جا جڏهن جهيڙا ٿيا ته هي همراهه اسان جي مخالف گروپ سان گڏ اسان سان وڙهڻ لاءِ سارو هٿيارن پنهوارن سان ڊڪجي آيو. ڪلهي ۾ رائفل، ڏاڙيل جيان گولين جا پٽا ساري بدن تي ويڙهيل، قدبت ۾ پريل هلڪي ڏاڙهي هئڻ ڪري حالي في الحالي ته اسان کي ڊيڄاري ڇڏيائين ته همراهه ڪو وڏو ويڙهو خوني مڙس آهي، پر پوءِ جڏهن سيني کي سندس علت جي خبر پئي ته سندس سارو روب تاب خاڪ ۾ ملي ويو. الٽو چڙي ڇانڊ ۽ غريب غربي جو سڪ ٿي پيو همراهه ڪنهن وڏي ماڻهو جو پٽ آهي، پڙهنس ڪيس ننڊي هوندي ڪنهن اهڙي اسڪول ۽ هاسٽل ۾ داخل ڪرايو هو جتي ظالمن جي ور چڙهي ويو. بهرحال هن جو وجود هاڻي به ڪاليج جي نوجوانن جي لاءِ راحت جو سبب آهي. هون به چيو وجي ٿو ته چوڪري بازي جا گهڻا موقعا اهڙن هنڌن تي وڌيڪ ٽيندا آهن، جتي مرد گهڻو عرصو چڙا ڇانڊ رهندا آهن، جيئن چوڪرن جون هاسٽلن آرمي، جيل ۽ مدرسا وغيره.

□

24 ڊسمبر 1977
ڦاسي گھات مان قيدين جو ڇوٽڻ

اشرف علي پٽي جو خط آيو. جنهن ۾ دوستن جي حال احوال سان گڏ هي شعر به لکيو اٿس.

"سچ ٿا مرد چون ڪنهن کي وٽي نہ وٽي
ڪوڙي دوستي جو دم ڪنهن سان بٽي نہ بٽي"

اشرف پٽي ۾ اها خوبي يا خامي آهي تہ هو دوستن سان بي انتها عشق ڪندو آهي. پر ڪڏهن ان عشق واري دوستي ۾ ڏوکا به کائيندو آهي. ان ڪري يار سان اڪثر اهڙا مسئلا ٿيندا رهندا آهن. مان وري هن جي هر دوستي ۽ عشق جو رازدان آهيان ان ڪري اهڙي حادثي کان پوءِ مون کي سندس جگر جي زخمن تي پها رکڻا پوندا آهن. ساڳي وقت اڳلي ڏُر کي به سمجهائڻ جي ڪوشش ڪبي آهي. هن وقت به يار ڪنهن کان تازي چوٽ کاڌي آهي ان ڪري خط جڙ درد ڪهاڻي آهي. اشرف پٽي جي درد فراق واري خط ۾ اسان جي گرفتار شاگردن جو ڪو به حال احوال ڪونهي. ان ڪري ڪجهہ اُلڪو ٽي پيو آهي. يار گرفتاري بعد ڪهڙي حالن ۾ آهن.

ڪجهہ ڏينهن کان جيل ۾ اها افواهہ گردش پيا ڪن تہ حڪومت طرفان معافي ڏئي هر جيل مان وڏي تعداد ۾ قيدي آزاد ڪيا ويندا. ان ڪري ڪيترن ڏينهن کان گھٽا قيدي ڪپڑن جي هَڙَ سوگھي ڪيون ٿا گھمن تہ جاڻ آزادي جو پروانو آيو. اڄ به قيدي هر ڪڙڪي تي ڪن ڪڙا ڪندا رهيا. ڪن ويچارن ڏاڙهين ۽ شهپرن کي اهڙو گھاتو خضاب هيون آهي جو ڪاراڻ ۾ رڳو سندن ڏند ٿا ظاهر ٿين. شام جي وقت جيل جو جعمدار عبدالغفور آريجو ڪچهري تي آيو. هن ڳالهين دوران

هڪ واقعو ٻڌايو تہ "1964-65 ڏاري ڳاهي گهاٽ جا تيرهن قيدي ڏينهن ڏئي جو جيل ٽوڙي پڄي ويا هئا. جن جو مک نور محمد فقير هڪ "حُر" هيو. ان حر فقير کي سومر جي ڏينهن تي ڳاهي اڇٽي هئي. چنڇر جي ڏينهن سندس زال ملاقات لاءِ آئي هئي کيس ڪنهن اٽڪل سان زال هڪ روالور ۽ گوليون ڏئي وئي. آڇر ڏينهن نور محمد فقير هڪ سپاهي کي ڇيو تہ کولي کول تہ مان پرسان واري قيدي کان قران شريف وٺي پڙهان. سپاهيءَ جيئن ئي دروازو کوليو هن روالور ڏيکاري سپاهيءَ کي قبضي ۾ ڪري پنهنجي کولي ۾ بند ڪيائين پوءِ هن جا پوليس وارا ڪپڙا لهرائي پاڻ پاتائين. آخر هن ٻين ڳاسي گهاٽ جي قيدين جا تالا / دروازا ٽوڙي انهن کي ب آزاد ڪيو. اهڙي طرح هن اتي ٻين موجود سپاهين کي سوگهو ڪري سندن ڪپڙا لهرائي ڳاسي گهاٽ جي قيدين کي پارايا. هي باغي قيدي، ڳاسي گهاٽ تي مڪمل قبضو ڪرڻ بعد ڇڪري تي آيا. ڇڪري ۾ بيٺل سپاهي هنن کي ڏسي پڄي ويا. هو ڇڪري مان ٽيندا سدو ماڙي ۾ گهڙيا. هنن اتي ب بارود خاني ۾ رکيل رائفلون ڪيون. هنن جيئن ئي جيل کان ٻاهر پڇڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اتي ڊيوٽي تي موجود هڪ سپاهي پنهنجي بندوق سان فائر ڪري هڪ قيدي ماري وڌو. البتہ ٻيا قيدي جيل جو مک دروازو ٽوڙي پڄي ويا. سپاهي جنهن هڪ قيدي کي ماريو هو ان جو نالو گل محمد جتوئي آهي. جيڪو هن وقت خيرپور جيل تي صوبيدار آهي." صوبيدار گل محمد جتوئي اڪثر اسان سان ڪچهري تي ايندو آهي ۽ ڪڏهن تاس ب کيڏندو آهي. ڪڏهن هو عورتاڻي وارڊ ۾ بند قيدياڻين سان پنهنجا عشق ب ٻڌائيندو آهي.

بهرحال جمعدار عبدالغفور وڌيڪ ٻڌايو تہ اهي جيل ٽوڙيندڙ قيدي آهستي آهستي گرفتار ٿيا. ڪن کي ڳاسيون لڳيون. ڪي عمر قيد ڪاٽي نڪري ويا. باقي انهن جو سڙ گُنو حُر نور محمد ٻاهر پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو. جمعدار عبدالغفور جيل ٽوڙي پڇڻ جي ڪوشش جو هڪ ٻيو ب واقعو ٻڌايو "لاڙڪاڻي جي پاسي جي هڪ ڪلهوڙا ذات جو همراهہ ڳاسي گهاٽ ۾ بند هو. هن ان ڳاسي گهاٽ مان پڇڻ لاءِ وڌي احتياط سان آهستي آهستي هڪ سرنگ کوٽي. ساڳي وقت هن

ڪمبلن کي چيري ڦاڙي انهن مان رسا بہ ٺاهيا هئا. هڪڙي ڏينهن هو وجهہ ڏسي ان کولي پر لڳل کاٽ مان ٻاهر نڪري ڪمبلن مان ٺاهيل رسن پر سَرَ ٻڌي پٽ جي پرين پاسي اُڇلي رسي جي مدد سان ان تي چڙهي ٻڃڻ جي ڪوشش ڪئي. پر هن جو وزن وڌيڪ هجڻ ڪري رَسن پر ٻڌل ۽ پٽ جي پرين پاسي اُڇلايل سر واپس اچي جيل اندر پئي ڪري. هو بار بار اهڙي ڪوشش ڪري رهيو هو تہ ايتري پر هڪ مقدم بہ اچي اتي پهتو. ڦاسي گهاٽ واري قيدي هن کي ڏاڍا ايلاز ڪيا تہ "مون کي ڇڏ مان اوئين موت جي منهن پر آهيان.... مون کي ڇڏ تہ مان ٻڃي وڃان يا تون بہ مون سان گڏ جيل مان نڪري هل" پر مقدم اها ڳالهہ نہ مڃي. ڦاسي گهاٽ وارو ڪلهوڙو قيدي جيئن ئي پٽ تي رسو اُڇلي مٿي چڙهيو پي تہ مقدم هن کي سرون هٽي هيٺ ڪيرائي پيو ڇڏي. اهڙي طرح مقدم ڪيس رتو رت ڪري ڇڏيو. ان گوڙ شور جي ساري جيل پر خبر پئجي وئي. ان تي جيل جا ٻيا مقدم ۽ سپاهي بہ ڊوڙندا اچي پهتا. جڏهن ان ڪلهوڙي قيدي ڏٺو تہ هاٿي ٻڃڻ ناممڪن آهي تہ هن هڪ سر ڪٽي پَر ڪري هڪ سپاهي کي مٿي پر هٽي سپاهي جو ميڃالو ڇيهون ڇيهون ڪري وڌو. سپاهي ويچارو اهو زبرو ڏڪ پچائي نہ سگهيو ۽ مري ويو. جلدئي پوءِ ڪجهہ ڏينهن بعد ان ڪلهوڙي قيدي کي ڦاسي جي ڦندي تي لڙڪايو ويو.

❐

1 جنوري 1977
زندگي ڪي سفر ۾

هاڻي برجي تي بيئل سپاهي گهنڊ تي رات جا ٻارهن ڏڪ هڻي 1976ع جي پڇاڙي ۽ 1977ع جي آغاز جو اعلان ڪيو آهي. سنتري جو گهنڊ تي لڳايل هر ڏڪ مون کي ائين ٻيو محسوس ٿي تہ اهو ڏڪ لوهہ تي نہ پر جڙ منهنجي نرم دل تي لڳي رهيو آهي. هن سنتري جا لڳايل ٻارهن ڏڪ مون کي گذريل ٻارهن مهينن جو احساس ڏياري رهيا هئا. جيڪي مون بنا ڪنهن مقصد جي بيڪار گذاريا آهن. سوچان ٿيو مون انهي عرصي ۾ سواءِ جنڊا پٽ ۽ جهيڙي جهٽي جي ڪهڙو تعميري ۽ اصلاحي ڪم ڪيو آهي. سپاهي جيتري قليل عرصي ۾ اهي ڏڪ پورا ڪيا. ايتري ئي قليل وقت ۾ مون پنهنجي جوپن جا سال وڃايا آهن.

مون کي چڱي طرح ياد آهي تہ 1975ع جي پڇاڙي ۽ 1976ع وري شروعات (رات) مان ماما قمر الدين انصاري جي ڪراچي واري بنگلي تي رهيل هيس. ماما قمر الدين هڪ دلبهار شخص آهي. هي سيلف ميڊ ماڻهو ٻارهن سالن جي عمر ۾ شڪارپور ڇڏي اچي ڪراچي وسائي هئي. ان لاوارث ڇوڪري هت اچي هلڪا روزگار ڪري گرئجوئيشن ڪئي. هن وقت هو ڪاٽن ايڪسچينج ۾ محمد امين ۽ محمد بشير ڪاٽن مرچنٽ وٽ مئنيجر آهي.

ماما مطالعي سان گڏ سٺو سياسي شعور رکي ٿو خان عبدالولي خان جو تہ جڙ شيدائي آهي. ماما قمر الدين ۾ اها خوبي آهي جو ڳوٺن جا بيروزگار ڇوڪرا. جيڪي بہ هن وٽ پهچندا آهن. انهن جي طعام، قيام جو پاڻ وٽ بندوبست ڪندو آهي. پوءِ ڏوڙي ڏڪي انهن جي

نوکري جو بندوبست ڪري وٺندو آهي. اهڙي طرح هن ڳوٺ ۾ آسپاس جي ڪيترن ڇوڪرن کي روزگار سان لڳايو آهي.

بهرحال ان رات 1976ع جي نئين سال جي آمد مهل، ماما جي جاءِ تي مون سان گڏ منهنجو ماسات ديدار علي سڏايو ۽ ٽنڊي محمد خان جو عزيز اشفاق ڪولاچي به رهيل هيا. ٽيڪ رات جو ٻارهين ٻجي اشفاق ڪولاچي ٽيپ رڪارڊر تي هڪ گانو هلائي 1975ع کان الوداع ۽ 1976ع کي پليڪار ڪئي هئي. مون کي باوجود ڪوشش جي هاڻي گاني جا بول ياد نٿا اچن. شايد هي گانو هو. "زندگي کي سفر ۾ گذر جاتي هين وه مقام جو قر نهين آتي"، بهر ڪيف هينئر مان سالن جي الوداع مهل سينٽرل جيل خيرپور جي بئرڪ ۾ وينو آهيان، بئرڪ جي چوڦير سيخن جا در ۽ دريون آهن. سيءَ کان بچڻ کان في الحال انهن در درين کي جيل جي ڪٽن سان بند ڪيو ويو آهي. مٿي جو ليمپو ڏئل بئرڪ ۾ ميرانجهڙي بلب جي روشني ۾ هي قيدَ کهاڻي لکي رهيو آهيان.

بئرڪ ۾ مون سان گڏ ست همراهه ٻيا به بند آهن، غلام رسول کوسو حبيب الله، نديم عباسي ۽ رسول بخش کانسواءِ بورچي وفات علي ۽ به مقدم پنهل جيسر ۽ نور احمد هالو به بند آهن.

اسان کي قيد ڪاٽيندي ڪيٽرائي مهينا گذري ويا آهن. اڃا الائي ڪيترو وقت هن قفس ۾ رهڻو پندو. مون هروپرو سيني دوستن کان ننڍ مان اڌاري، نئين سال جي مبارڪ ڏني، نئون سال ملهائڻ لاءِ ته پاڻ وٽ نه ڪيڪ هو نه ڪو مشروب هو. بئرڪ ۾ رڳو پٽاتا ۽ ڊبل روٽي پئي هئي، ان ڪري نديم عباسي ۽ هالو پٽاتا ٽاهڻ ۾ لڳي ويا. ان دوران اسان به پنهنجي حال سارو رڙيون ۽ ٽهڪ ڏئي نئين سال کي پليڪار ڪئي.

هون به اوائلي دور کان هر قوم پنهنجي انداز سان نئين سال جو جشن ملهائيندیون آهن. جيئن موهن جي دڙي مان به ڪي اهڙيون مهرون هٿ آيون آهن. جيئن هڪ مهر ۾ ڪا ديوي مٿي تي هڪ سينگاريل اُوڏڻو ۽ هٿن ۾ ڪنگڻ پايون قرباني جي جلوس سان گڏ

وڃي رهي آهي. ڇيو وڃي ٿو موهن جي ڏڙي وارا اهڙو جشن گهٽو ڪري بهار جي موسم ۾ ملهائيندا هئا.

اهڙي طرح مصر ۾ جڏهن نيل ندي تارون تار وهندي هئي تہ ماڻهو بود ۾ اچي ڏڻ ملهائيندا هئا.

بابل جا ماڻهو وري جڏهن جوونءَ جو ٻيجارو پوکيندا هئا تہ کل خوشي سان سال جو آڏر ياءُ ڪرڻ سان گڏ پنهنجي ديوتائن جا بت ڪٽي گهٽين ۾ گشت ڪندا هئا.

چيني ماڻهو بهار جي آمد سان ٻوٽا پوکي سال کي خوش آمديد چوندا هئا.

ساڳي طرح ايران، ايشيا، ۽ وچ اوپرون جون ڪيترون قومون، نوروز جو تهوار وڏي جوش خروش سان ملهائيندڙيون آهن.

مان صبح جو نئي سال جا تازا ڪرٽا جهٽڻ لاءِ سوير ئي ورزش لاءِ ٻاهر نڪري آيس. جيستائين سج جا ڪرڻا جسم کي گرمائش پهچائن، تيستائين سي هٽي ساڙي لاٽو.

اڄ عيسوي سال جو پهريون ڏينهن تہ آهي، پر اسلامي ڪلينڈر مطابق محرم جي ڏهين تاريخ آهي. حضرت امام حسين عليہ سلام جي شهادت جو ڏينهن هئڻ ڪري ساري جيل ۾ اداسي ڇانيل آهي، جيل ۾ شيعا مسلڪ سان واسطو رکندڙ قيدي پنهنجي غم جو اظهار ماتم ۽ آهہ و زاري سان ڪري رهيا آهن. هون بہ هت ڪجهہ ڏينهن کان کين الڳ بئرڪ ۾ رکيو ويو آهي، جتي گڏجي غم حسين کي ياد ڪندا آهن. ان عرصي دوران اسان ڏي بہ نظر و نياز موڪليندا رهندا آهن.

4 جنوري 1977
ظلم ڏر ظلم هي

اڄ ڪراچي جيل مان اسان جي دوست ساجن ڏاهري جو خط آيو جنهن ۾ هن لکيو آهي تہ اسان جي نوابشاهہ انجنيئرنگ ڪاليج جي گرفتار ستاويهن شاگردن کي 26 ڊسمبر 1976ع تي ڪراچي ۾ اسپيشل ٽربيونل اڳيان پيش ڪيو ويو. انهن سڀني شاگردن کي ڊي پي آر تحت چالان ڪيو ويو آهي. هن وڌيڪ لکيو آهي تہ انهن شاگردن کي نوابشاهہ مان گرفتار ڪرڻ بعد ڪجهہ عرصو خانواهڙ جي ٽاڻي تي رکيو ويو هو جنهن کانپوءِ شايد کين سينٽرل جيل سکر ۾ موڪليو ويو آهي.

ساجن ڏاهري جو اهو خط پڙهي ڏاڍو افسوس ٿيو تہ شاگردن جي معمولي ٻک هڙتال مان ٻہ ملڪ ۾ حڪمران ڌر کي ايترو خطرو آهي جو ساڻن عام ڏوهارين جيان پيش اچي رهيا آهن. پيپلز پارٽي جي اها رَوَش سنڌ جي شاگردن سان الائي ڪيترو وقت هلندي. خاص ڪري جيئي سنڌ استوڊنٽ فيڊريشن ۾ ٻين ترقي پسند شاگردن سان. اڳي تاريخ ۾ نازين جا. مخالفن کي دٻائڻ ۾ هيسائڻ جا طور طريقا پڙهيا هياسين پر هاڻي اهڙيون زيادتيون اکين سان ڏسي رهيا آهيون.

اسان جي نوابشاهہ ڪاليج جي گرفتار شاگردن جا تمام ننڍڙا مطالبا آهن تہ ڪوڙا ڊوميسائيل رد ڪريو ڪوٽا سسٽم ۾ ميرٽ تي داخلائون ڏيو ڪاليج کي يونيورسٽيءَ جو درجو ڏيو ساڳي وقت ڪاليج جي گرفتار شاگردن کي آزاد ڪريو انهي ڏوهہ ۾ کين گرفتار ڪري 'ڊفينس آف پاڪستان رولز' تحت ڪيس هلايو وڃي ٿو. خبر نہ آهي ان ٻک هڙتال سان سنڌ يا پاڪستان کي ڪهڙو خطرو آهي.

اڳي ڊي پي آر ڪيس ۾ ملڪ جي دشمن ۽ غدارن کي سوگهو ڪيو ويندو هو خاص ڪري ملڪ ۾ جڏهن جنگي ۽ هنگامي حالتون هونديون آهن.

اسان جي موجوده حڪومت جي پاليسي سنڌ جي روايتي وڏيري ۽ جاگيردار جي ذهنيت جي عڪاسي ڪري ٿي. جيئن هڪ پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل وڏيرو چاهيندو آهي ته سندس تر ۾ ڪوبه هن اڳيان ڪنڌ ڪٽي نه هلي، هرڪو هن جي عزت ڪري ۽ سندس ڳيجهو هجي. وڏيرو پوءِ پنهنجي هٿ ٺوڪي لئي برقرار رکڻ لاءِ هر هَربو اختيار ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن به سرڪش ماڻهو هن جي تر ۾ مخالفت ڪئي ته هن جا جڙ ٻچا ناس ڪرائڻ کان به نه مڙندو.

هن حڪومت ته مخالفن خاص ڪري سنڌي شاگردن سان جيل پري ڇڏيا آهن، جيڪڏهن کي همراهه روپوش ٿي، هنن جي پڪڙ ۾ نڏو اچي ته سندن والدين کي پڪڙي اچي ٽاڻن ۾ بند ڪن ٿا. ايتري قدر ته ڪن شاگردن جي ڳوٺن تي ڇاپا هٽي هنن جا ڊور ڏيڳا به ڪاهي اچي ٽاڻن ۽ ڏڪن ۾ رکن ٿا.

هن وقت به پيپلز پارٽي جي مخالفن سان سنڌ جا جيل ڀريا پيا آهن، خاص ڪري حيدرآباد سازش ڪيس جي اسيرن سان حيدرآباد جيل سٽيل آهي، ان کانسواءِ ڪراچي جيل ۾ به جيئي سنڌ، ترقي پسند شاگردن کان وٺي جماعت اسلامي ۽ پيرپاڳاري جا حر به قيد آهن، مچُ، لانڊي، نارا، سکر، خيرپور جيل ۾ به سياسي قيدين جو وڏو انگ آهي.

هي ئي اسان جي عوامي ۽ مقبول پارٽي آهي، جو ٿر ۽ ڪاڇي جي هڪ ڳوٺاڻي شاگرد کان ايترو ڊڄي ٿي جو ڪيس مهينن جا مهينا ڪراچي جي مختلف اُونداهن لاڪپ ۾ بي نام نشان ڪٽو ٿي ڪري ڇڏي ويچارا ڳوٺاڻا پيئر ۽ مائر پنهنجي ٻچڙن جي تلاش ۾ وتن ٿا در در پٽڪندا.

هن وقت منهنجي ذهن ۾ انهن نازڪ نفيس ۽ پڙهاڪو دوستن جا چهرا تري رهيا آهن، جن کي ظالمن هن سردي جي موسم ۾ رُلائي ماريو آهي.

شام جو ونجهہ وٽي دوران ۾ ساحر لڌهيانوي جو هي شعر گهڙي گهڙي زبان تي ٻري پيو.

ظلم ڦر ظلم هي، وڌهتا هي تو مٽ جاتا هي
خون ڦر خون هي ٽپکي گا تو جم جائي گا

خاڪ صحرا پہ جمي ياڪف قاتل پہ جمي
فرق انصاف پہ يا پائي سلاسل پہ جمي
تيغ بيداد پہ يا لاشئہ بسمل پہ جمي
خون ڦر خون هي ٽپکي گا تو جم جائي گا

تم ني جس خون کو مقتل ۾ دبانا چاها
آج وہ کوچہ و بازار مين آ نڪلا هي
کهين شعلہ کهين نعرہ کهين پٿر بن ڪر
خون چلتا هي تو رڪتا نهين سنگينون سي
سر اناتا هي تو دبتا نهين آئينون سي

□

5 جنوري 1977
ڊپٽي جيل سان ملاقات

ماڙي تي ڊپٽي جيل سپرنٽنڈنٽ شمس الحق سان ملاقات لاءِ ويس. کيس ٻن ڳالهين لاءِ زور پرٽو هيو هڪ ته ڪافي ڏينهن کان اسان جي وارڊ ۾ ڪراکري ۽ ردّ پچاءَ جي سامان جي کوٽ هئي. ٻيو ڪالهه کان هتان جي خيرپور ٽيڪنيڪل ڪاليج جو هڪ شاگرد دوست علي ڪانڊڙو گرفتار ٿي هن جيل ۾ آيو آهي. کيس عام قيدين سان رکيو ويو آهي. مون کيس چيو ته ان شاگرد کي اسان جي وارڊ ۾ رکيو ويجي.

اسان جي چوڻ تي ڊپٽي جيل سپرنٽينڈنٽ ان مهل ئي هڪ ڪلرڪ کي شهر مان اسان جو سامان خريد ڪرڻ لاءِ چيو. باقي شاگرد دوست علي ڪانڊڙي لاءِ معزرت ڪندي چيائين "جيئن ته اهو شاگرد سي ڪلاس ۾ آهي ۽ اوهان بي ڪلاس ۾. ان ڪري قانونن مان سي ڪلاڪ واري کي بي ڪلاس ۾ رکي نٿو سگهان." ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ وڌيڪ وضاحت پيش ڪئي ته هو چاليهه سالن کان جيل جي نوڪري ڪري رهيو آهي. پر هن ڪڏهن به اهڙو غيرقانوني ڪم نه ڪيو آهي. مون به ان مسئلي تي ساڻس ڪافي بحث ڪيو ۽ کيس ٻڌايو ته منهنجو والد صاحب هن وقت ڪراچي ۾ ڪنهن ضلعي جو ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر آهي. سخت ايماندار ۽ اصول وارو ماڻهو آهي. منهنجو پنهنجي والد صاحب سان اڪثر اهو بحث ٿيندو آهي ته اوهان پنهنجي متن مائٽن ۽ دوستن لاءِ وڏا اصول پرست آهيو پر جڏهن اوهان تي ڪڏهن بالاعملدار يا ڪنهن حڪومت جي وڏي ماڻهو جو زور پئي ٿو ته اوهان پنهنجي نوڪري بچائڻ لاءِ ناجائز ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو ٿا."

ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ مجيو تہ "واقعي زندگي ۾ ڪڏهن اهڙا سخت زور بار پئجي وڃن ٿا، جتي ماڻهو بي وس ٿيو وڃي، پر تنهن هوندي بہ وڌ ۾ وڌ ڪوشش هوندي آهي تہ ڪنهن سان ناجائزي نہ ٿئي، مون کي چاليهہ سال هن نوڪري ۾ ٿي ويا آهن، هاڻي تہ چاکي جي ڏاند وانگر قانون تي هلڻ جڙ فطرت ٿي وئي آهي."

بهرحال منهنجي ڪافي بحث مباحثي بعد بہ هن ان شاگرد کي اسان جي وارڊ ۾ شفٽ ڪرڻ کان معافي ورتي. بهرحال ڪچهري دوران ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ شمس الحق پنهنجي باري ۾ ٻڌايو تہ "هو هندستان جي علائقي الهہ آباد ۾ پيدا ٿيو هن الهہ آباد مان ئي انٽر پاس ڪري، اتي ئي جيل ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري جي شروعات ڪئي. ورهاڱي بعد هو 1952ع ۾ پاڪستان لڏي آيو. پاڪستان ۾ بہ ڪيس خوش قسمتي سان ساڳي جيل ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ملي وئي، هن وڏيڪ ٻڌايو تہ ڪيس چار پٽ آهن، هن پنهنجي اولاد جي گهر ۾ ئي تعليم تربيت ڪئي، هن وقت سڀ مڇي ماني وارا آهن، سندس هڪ پٽ الائيڊ بينڪ ۾ وائس پريزيڊنٽ آهي، ٻيو پٽ ڪئناڊا شفٽ ٿي ويو آهي، جتي ڪنهن ڪاليج ۾ پڙهائي ٿو، هن جو ٽيون پٽ بہ ڪراچي ۾ ليڪچرر آهي، باقي سندس چوٿون پٽ ڪراچي يونيورسٽي ۾ پڙهي رهيو آهي.

اسان ائين ڪافي دير تائين چانهہ چکي تي حال احوال ڪندا رهياسين، آخر مان موڪلائڻ مهل هڪ دفعو وري ڪيس خيرپور ٽيڪنيڪل ڪاليج جي شاگرد دوست علي ڪي اسان جي وارڊ ۾ شفٽ ڪرڻ لاءِ زور پريو، پر هن مجبوري ظاهر ڪندي چيو تہ "اسان جو جيل سپرنٽينڈنٽ بہ اڄ ڪلهہ موڪل تي آهي، هڪ ٻن ڏينهن ۾ هو واپس ايندو تہ پوءِ ان جي اجازت بعد مان ان شاگرد کي اوهان وٽ منتقل ڪري سگهان ٿو. في الحال مان ائين نٿو ڪري سگهان."

بهرحال هن جي ان جواب تي مان هن ڪان موڪلائي اچي پنهنجي دوستن کي سارو حال احوال ڏنو.



6 جنوري 1977
بک هڙتال

ڪالهه رات اسان سڀ دوست ڪچهري ۾ وينا هئاسين تہ ساڻين جو اهو خيال ٿيو تہ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ اسان سان زيادتي ڪئي آهي، هڪ تہ هن اسان جي چوڻ باوجود شاگرد دوست علي ڪي اسان جي وارڊ ۾ شفٽ نہ ڪيو آهي. ٻيو اسان ڪي ضرورت جو سامان بہ نہ مليو آهي، ان ڪري سپاٽي اسان بک هڙتال ڪنداسين.

صبح جو اڪ ڪولڙ سان ئي اسان بک هڙتال جو اعلان ڪري ڇڏيو. لنگر تان ملندڙ ڪاڏي پيتي جو سامان بہ واپس ڪيو. اسان جي مقدمن ڏوڙي وڃي ماڙي تي هڙتال جو اطلاع ڏنو. جيل عملدار فقير ۽ صوبيدار گل محمد جتوئي ڏوڙندا آيا، جن ڪي اسان کُٽو جواب ڏنو. ٿوري دير بعد ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ بہ ايلاز منٽن لاءِ وارڊ ۾ داخل ٿيو. آخر اسان کي ساڙ ونڊي پنهنجي آفيس ۾ اچي ويهاريو. جتي وري اسان پنهنجا مطالبا پيش ڪيا. "هڪ تہ اسان کي باقاعده بي ڪلاس واريون سهولتون ڏنيون وڃن، ٻيو شاگرد دوست علي ڪانڊڙو کي اسان جي وارڊ ۾ موڪليو وڃي."

ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ ان وقت ئي گهربل سامان مهيا ڪرڻ سان گڏ بي ڪلاس جون سموريون سهولتون ڏيڻ جو واعدو ڪيو. باقي شاگرد جي شفٽنگ لاءِ هن چيو تہ "اها منهجي وس جي ڳالهه نہ آهي، اهڙو آرڊر جيل سپرنٽينڊنٽ عثمان سرهياڻي ئي ڪري سگهي ٿو. سرهياڻي صاحب هن وقت موڪل تي ڪنڊڪوٽ ويل آهي." هن اسان جي سامهون ئي ٽيليفون تي سپرنٽينڊنٽ جيل سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جتان خبر پئي تہ سرهياڻي صاحب جيڪب آباد

ويل آهي، ڪنڈڪوٽ واري همراهن خاطر ڪرائي ٿہ جيئن ٿي سندن سرهياڻي صاحب سان جيڪب آباد ۾ رابطو ٿيندو ڪيس اسان جو نيايو ڏيندا.

بهرحال مان ڪالهہ ٿي ڏپٽي سپرنٽينڈنٽ جي چٽي موقف کان مطمئن ٿي آيو هيس، هن صاف انڪار ڪندي چيو هو ٿہ مان جيل سپرنٽينڈنٽ جي اجازت کانسواءِ شاگرد کي شفٽ نٽو ڪري سگهان، هاڻي بہ هن واضح انداز ۾ چيو ٿہ "مان سپرنٽينڈنٽ سان مسلسل رابطي جي ڪوشش ۾ هوندس، جيئن ٿي هن سان ڳالهہ ٿي، شاگرد کي اوهان جي وارڊ ۾ شفٽ ڪيو ويندو، اوهان وارڊ ۾ وڃي بک هڙتال ختم ڪيو."

اسان سڀ بک هڙتالي موٽي پنهنجي بئرڪ ۾ آياسين اتي ڪن دوستن چيو اسان جلد بازي ۾ بک هڙتال ڪئي آهي، اسان کي سپرنٽينڈنٽ جيل جو انتظار ڪرڻ کپندو هو. هنن مون کان راءِ پڇي پر مان کين ڪوبہ جواب نہ ڏنو ڇو جو مان دوستن جي ان فيصلي خلاف هيس پر رات کان وٺي ساڻ ڏئي رهيو هيس.

شام ڏاري صوبيدار گل محمد جتوئي آيو، جنهن اسان جي ساڻين سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري بک هڙتال ختم ڪرائي، ان بک هڙتال دوران پراڻن قيدين بہ اسان سان همدردي ڪئي، اسان جي مقدم نور احمد هالي اسان جي ڪري سارو ڏينهن ماني نہ کاڌي، محمد صالح بسڪوٽن جا بہ پاڪيٽ موڪليا.

رات جي وقت مان ۽ غلام رسول ڪوسو باهہ ٻاريون بئرڪ ۾ وينا ڪڇهري ڪري رهيا هئاسين تہ غلام رسول ڪوسي دوستن جي باري ۾ ڏڪ جو اظهار ڪيو خاص ڪري حبيب الله ڪابوري ۽ نديم عباسي لاءِ، ان تي مون بہ ڪيس چيو تہ "واقعي اڄ بہ بک هڙتال واور فيصلو غلط هو پر وڌيڪ غلطي اها ٿي جو اسان صوبيدار جي چوڻ تي بک هڙتال ختم ڪئي، پلي ڪهڙا بہ نتيجا نڪرن ها، پاڻ کي بک هڙتال ختم نہ ڪرڻي هئي. ٻي ڳالهہ تہ جڏهن ڪالهہ توهان مون کي چڪو مڙس ڪري ڏپٽي سپرنٽينڈنٽ ڏي موڪليو مان هن سان ڳالهائڻ بعد مطمئن ٿي آيس تہ "هو پلي سپرنٽينڈنٽ جيل سان رابطو ڪري پوءِ

شاگرد کي اسان جي واردِ ۾ شفٽ ڪري پر حبيب الله ۽ ٻين دوستن جذبات ۾ اچي بک هڙتال جو فيصلو ڪيو مان نہ چاهيندي به سنگت جو ساٿ ڏنو."

اسان جڏهن پاڻ ۾ اهو ڳالهايون ڪري رهيا هئاسين تہ حبيب الله ڪابورو به پرسان وينو ٻڌي رهيو هو ان تي حبيب الله ڏک جو اظهار ڪندي چيو تہ "اشتياق مون کي تنهنجي انهن ڳالهين ڏاڍو ڏکارو ڪيو آهي."

بهرحال حبيب الله جي ٽوڪڙ تي مون کي احساس ٿيو تہ شايد مان جوش ۾ ڪجهہ وڌيڪ ڳالهائي ويو آهيان، جنهن تي ڪابوري ناراضگي جو اظهار ڪيو آهي، مون کي بردباري جو مظاهرو ڪرڻ کپندو هو. هون به حبيب الله جا مون تي وڏا احسان آهن. مان زيادتيون ڪيون هونديون تہ به يار ۾ وڏي قوت برداشت آهي، اسان جي ان گَلا خوري تي نديم عباسي به رنجيده نظر اچي رهيو هو. نديم عباسي به سنگت لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن، اسان ڪري وڙهيو ڏڪ ڪاڏائين، هَٿڪڙيون پائي زندان تائين پهتو آهي.

اسان جي گَلا خوري تي هنن ٻنهي دوستن جي ناراضگيءَ، في الحال تہ مون کي به ٻڌڻ جهڙو ڪري ڇڏيو.

7 جنوري 1977
اخلاق انصاري جو خط

صبح جو وهنجي سهنجي واريڙ جي اڳر تي سياري جي اُس جهٽي رهيو هيس تہ مقدم اخلاق انصاري جو خط آڻي ڏنو. اخلاق انصاري راند ۽ سنگت جو ڪوڏيو. ساڳي وقت لاڙڪاڻي ۾ "گلن جهڙا ٻارڙا" جو سرگرم سرواڻ ۽ آرگنائيزر آهي. هُون بہ مون کي اخلاق سيني پائرن کان وڌيڪ پيارو آهي. خط ملڻ سان خوشي پنهنجي جاءِ تي پر خط پڙهي افسوس بہ ٿيو تہ شايد هن سال بہ ڪيس ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ملي نہ سگهي. انٽر سائنس پري ميڊيڪل ۾ سندس مارڪون 52.2 سيڪڙو آيون آهن.

❐

9 جنوري 1977
بدنام ڏاڙيل دائود ماچي

ڪنهن ڪم سانگي جيل جي ماڙي تي ويس، اتي ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ شمس الحق سان ملڻ ٽيو بک هڙتال ڪانپوءِ منهنجي هن سان پهرين ملاقات هئي. ڪچهري دوران هن ميار ڏيندي چيو "توهان مون کي عزت نہ ڏني پر صوبيدار جي چوڻ تي بک هڙتال ختم ڪئي، حالانڪہ اوهان کي مطمئن ڪرڻ لاءِ مان پورا ڇهہ ڪلاڪ مٿو هنيون، هن جي ان ڳالهہ ۾ واقعي وزن هو جنهن جو مون وٽ ڪو جواب نہ هو "

سنڌ جو بدنام ڏاڙيل دائود ماچي اسان وٽ پهريون دفعو ڪچهري تي آيو. دائود ماچي کي مختلف ڪيسن ۾ 130 سال سزا لڳل آهي، حالانڪہ 130 سال ڏاڍي ڊگهي سزا آهي پر يار کي چڙ پرواهہ ئي ڪانہ هئي، هن مهل تائين کيس رڳو 6 سال جيل ۾ ٽيا آهن. هن ڏاڙي سان گڏ ڪيترا مسڪين ماروئڙا بہ ماريا آهن، لڳي ائين ٿو تہ هن جو لاش بہ جيل مان نڪرندو.

دائود ماچي سنڌ جي وڏي ڏوهاري ٽولي ٽوهہ چانديہ ۽ عالم ڪوسي جو ساٿاري رهيو آهي. اڳتي هلي ڪنهن ڳالهہ تي ڪاوڙجي دائود ماچي پنهنجي ساٿي عالم ڪوسي کي پاڻ ئي ماريو هو.

دائود ماچي پنهنجي پوليس هٿان گرفتاري جي باري ۾ ٻڌايو تہ "ڏاڙي واري ڪارروائين دوران مون کي اتفاق سان پنهنجي ئي گولي ٽنگ ۾ لڳي وئي. مان ڪنهن جاءِ تي لڪي علاج ڪرائي رهيو هيس تہ ڪنهن ماڻهو مخبري ڪري پوليس کان پڪڑايو منهنجي ساٿي ٽوهہ چانديہ کي جڏهن منهنجي گرفتاري ۽ مخبر ڪندڙ جي خبر پئي تہ هن يڪدم منهنجو پلاند ڪندي مخبر کي وڃي ماريو." دائود ماچي

اسيري دوران نوابشاهه جيل ۾ به هڪ خون ڪيو آهي، ٿوهه چانديي کي بعد ۾ پوليس سيوهڻ پرسان ماريو هو.

بهر ڪيف دائود ماڇي قد جو پوروپنو مناسب هاڻي ڪاڻي ۽ ڪاري پينيي ڏاڙهي اٽس، هون به جيل ۾ صاف ستڙو لٽي ڪپڙي ۾ ٺيڪ ٺاڪ رهي ٿو. وچولي عمر جي دائود جي ڳالهين ۾ به ڪافي پختگي آهي. هي سنڌ ڪانسواءِ ملڪ جي ٻين به ڪيترن جيلن ۾ رهيو آهي.

ڪالهه وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽو ريڊيو تي ڪي اهم اعلان ڪيا آهن، جيڪي ريڊيو نه هئڻ ڪري اسان ٻڌي نه سگهيا آهيون، پر اڇوڪيون اخبارون اهڙن اعلانن سان ڀريل آهن، ان مان وڏي اَهم خبر اها آهي ته ذوالفقار علي ڀٽو 10 جنوري 1977ع تي قومي اسيمبلي ۽ 13 جنوري 1977ع تي صوبائي اسيمبلي ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو آهي.

وزير اعظم جي ان اوچتي اعلان مخالف سياسي جماعتن کي حيران ڪري ڇڏيو آهي، جنهن مان لڳي ٿو ته موجوده حڪومت اليڪشن وقت تي ڪرائيندي.

ان کانسواءِ ڀٽي صاحب پهرين جولاءِ 1977ع کان آڇر بجاءِ هفتي واري موڪل جمع تي ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي، اهڙي طرح قومي اسيمبلي جون چونڊون 7 مارچ 1977ع تي ۽ صوبائي اسيمبلي جون چونڊون 10 مارچ 1977ع تي ڪرڻ جو اشارو ڏنو آهي.

❐

10 جنوري 1977
محمد موسيٰ پٽي جو مضمون

صبح کان ونڊي آسمان تي ڪارا ڪڪر چانيل آهن. ٺڏڻي هوا هٽي پيچي لاٿو آهي. سارو ڏينهن پاڻ ۾ ۽ پراٽن قيدين سان ڪچهري ڪندي گذريو شام جو هلڪڙي ورزش ڪري پاڻ کي گرم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

هن وقت برجي تي بينل سنتري گهنڊ تي رات جا ٻه ٽڪ هيان آهن. مون کي ڪافي دير کان بستري تي پاسا ورائيندي گذريا آهن. پر ويجهي جوءِ ۾ ننڊ جو نالو نشان به ڪونهي. ان ڪري لاچار سيراندي کان رکيل اسلام جمهوريہ رسالو ڪٽي محمد موسيٰ پٽي جو لکيل مضمون پڙهڻ شروع ڪيم. وقت گذارن لاءِ مضمون جون خاص ڳالهيون ڊائري ۾ لکي رهيو آهيان.

* 1943ع ۾ سنڌ اسيمبلي پاڪستان جي قرارداد پاس ڪئي.
* 1946ع واري چونڊن ۾ مسلم ليگ 99 سيڪڙو سيٽون کنيون.
* سنڌ ۾ 75 سيڪڙو مسلمان ۽ 25 سيڪڙو هندو هئا.
* 1843ع کان سنڌ 5 سال بمبئي سان گڏ رهيو دارالحڪومت به بمبئي هو.
* اپريل 1936ع ۾ سنڌ کي الڳ حيثيت ملي.
* 1937ع وارن چونڊن ۾ اسيمبلي ۾ ڪل 60 سيٽون هيون. جنهن ۾ 22 ميمبر هندو هئا.
* 1937ع ۾ مسجد منزل گاهه سکر وارو جهيڙو ٽيو جنهن ۾ 550 هندو ماريا ويا. ان کان وڌيڪ مسلمان. ڏيڍ سال ڪيس هليو

* ان جهيڙي کانپوءِ الله بخش سومري اسيمبلي ۾ بل پيش ڪيا تہ هڪڙو قرآن جي طباعت هندو نہ ڪندا، پيو مارڪيٽنگ بل يا پئنچاتي ٽيڪس. اسيمبلي جڏهن اهي بل منظور نہ ڪيا تہ الله بخش سومري استعيفيٰ ڏئي ڇڏي ۽ مير بنده علي وزارت ٺاهي.



12 جنوري 1977
سخت سردي

رات سردي هڏي ساڙي لاٿو هڪ سوڙ ۾ ڪٿي ۾ پاڻ لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس، پر ساري رات جسم مان ڏڪڻي نه وئي. اسان جي بئرڪ کي ديوارن جي جاءِ تي ٻنهي پاسن کان سيخن جون در ۾ دريون ڏنل آهن ان ڪري بئرڪ ۾ سدائين هوا جا زوزاٽ هوندا آهن. سياري جي يخ هوا کي روڪڻ لاءِ درن ۾ درين کي ڪٿا ڏئي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، پر ڪو خاص چاڙهو نه آهي. سوچان ٿو ته اسان سان ايتري بندوبست هوندي به سياري وڙهي ٿو پر جيل ۾ ٻين قيدين کي صرف هڪ ڪٿو مليل آهي. کي ويچارا لاوارث قيدي رڳو رِلي ۾ چادر ۾ گذاري رهيا آهن. جيل عملدار کين هر روز نون ڪٿن اڇڻ جو آسرو ڏئي رهيا آهن، پر لڳي ائين ٿو ته هن مسڪينن کي اهو ٽلهو آسرو ئي آهي، شايد جيل عملدار اهي ڪٿن جا پئسا به کائي کپائي ڇڏيا آهن.

اهڙي ڳڙڪ سردي ۾ به قيدي ويچارا آلا لڳا ڪم ۾ مصروف آهن. کي پاڻي پري بئرڪن کي ڏوئي رهيا آهن ته کي چٽڪار ۾ ليپو پوچي ڪري رهيا آهن. سياڻي ڊي آءِ جي جيل رائونڊ تي ايندو اها وٺ پڪڙ ان لاءِ ڪئي پئي وڃي. اسان جو برداشتي لياقت علي خواجا سارو ڏينهن آلن ڪپڙن سان وارڊ کي ليپو ڪندو رهيو. لياقت علي خواجا خيرپور جو نوجوان ڇوڪرو آهي، ڪيس پوليس سنڌ ڪرائيم ايڪٽ تحت ٻڌي آئي آهي. ڳالهين جو ڳهير آهي، ان ڪري سارو ڏينهن هن سان ڪچهري رهندي آهي. اڄ ڪلهه اسان کان انگريزي پڙهي رهيو آهي.

محمد صالح (ميل نرس) ويٺ مشين کٽي آيو جنهن ۾ منهنجو وزن 180 پائونڊ ٻيٺو حيدرآباد جيل ۾ منهنجو وزن 164 پائونڊ هو. جنهن مان لڳي ٿو ته هت وزن تيزي سان وڌي رهيو آهي. حالانکے راند ۽ ورزش بہ کيان ٿو.



13 جنوري 1977
ڊي آءِ جي جو رائوند

ڊي آءِ جي رائونڊ ڪري ساجهري ئي قيدين وري پنهنجي پنهنجي بئرڪن کي سينگاريو. اسان جي مقدمن ۾ برداشتن ۾ اسان جي وارڊ کي سينگارڻ ۾ وسان نہ گهٽايو آهي. جيئن ڊي آءِ جي آيو ڪيس جيل ٻاهران پوليس سلامي پيش ڪئي. ان ڪانپوءِ هو مختلف وارڊ ڏسندو اسان وٽ اچي پهتو. اويس احمد تازو ئي ان عهدي تي مقرر ٿيو آهي. هي قد آور آفيسر سنڌي ۾ سٺي ڳالهائي ٿو. هن اسان کان پڇيو تہ "اوهان سڀ دادو جا آهيو؟"

مان ڪيس جواب ڏنو تہ "نہ اسان مختلف ضلعن جا آهيون. پر انجنيئرنگ ڪاليج نواب شاهہ ۾ گڏ پڙهندا آهيون." ڳالهين دوران مان ڪيس چيو "اسان کي ٽربيونل طرفان بي ڪلاس مليل آهي. ساڳي وقت ڪورٽ طرفان اسان کي ريڊيو رکڻ جي ۾ اجازت آهي. اهڙو ليٽر اسان جيل سپرنٽينڈنٽ کي ڏنو آهي. پر ايجا تائين اسان کي ريڊيو رکڻ نٿو ڏنو ويجي."

ان تي ڊي آءِ جي پرسان ٻيئل جيل سپرنٽينڈنٽ عثمان سرهياڻي کان پڇيو "ريڊيو جو معاملو ڇا آهي؟"

عثمان سرهياڻي ڪيس ٻڌايو تہ "برابر ٽربيونل طرفان اهڙو ليٽر مليل آهي. پر ان ۾ آهي تہ جيڪڏهن جيل رولز مطابق ڪين ريڊيو جي اجازت آهي تہ ڪين ريڊيو ڏنو ويجي."

ان تي ڊي آءِ جي عثمان سرهياڻي کي چيو تہ "توهان هوم سيڪريٽري ڏي ليٽر لکو تہ

The Prisoners of B class requested for radio.

آخر وڃڻ مهل وري هن پڇيو "ٻيو ڪو ڪم" اسان چيو "مهرباني."
اتي اسان جي بورچي چاچي وفات علي بہ ڪيس عرض ڪيو تہ "سائين معافي وارا ڏينهن منهنجي سزا مان ڪٽيندو يا نہ؟" ان تي ڊي آءِ جي هن جي شڪايت لکي وارڊ مان نڪري ويو.

□

15 جنوري 1977
پيپلز پارٽي کي پاراتا

اڄ سارو ڏينهن بيڪار ويو ڪوبہ تعميري يا تخريبي ڪم ڪري نہ سگھيس. شايد سخت واندڪائي من تي مونجھ طاري ڪري ڇڏي آھي. حالانڪ ساري عمر ٽينگ ٽپا ۽ ٽھڪن جا ڪبوتر اڏاريندي گذاري آھي. جبل جيڏو مسئلو بہ مون لاءِ اھميت نہ رکندو آھي، پر ڪڏھن ڪڏھن ھر نہ ايندڙ اضطراب منجھائي ماريندو آھي. ھاڻي بہ ذھن ۾ بي سبب مانڊاڻ متل آھي. اسان کي پڙھڻ لاءِ ھلال پاڪستان ۽ جنگ اخبار ملندي آھي. اليڪشن ويجھي ھئڻ ڪري اخبارون پيپلز پارٽي جي ڪارنامن سان ستيون پيون آھن. بھرحال اھم خبر اھا آھي تہ ملڪ جي نون سياسي ۽ مذھبي جماعتن مسلم ليگ، جماعت اسلامي، جمعيت علماءِ اسلام.... وغيرہ گڏجي اتحاد ناھي اليڪشن وڙھڻ جو اعلان ڪيو آھي. ساڳي وقت انھن جماعتن جو چوندڙ نشان بہ ھڪ ھوندو. اخبار ۾ اھو بہ خبرون زوران زور آھن تہ قومي توڙي صوبائي اسيمبلي جي ھر ھڪ سيٽ تي ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ پيپلز پارٽي جي ڪيترن ئي اميدوارن درخواستون ڏنيون آھن. ھاڻي ڏسجي تہ پيپلز پارٽي ڪنھن کي سيٽ ڏئي راضي ٿي ڪري يا ناراض.

البت ھت جيل ۾ ھر قيدي پيپلز پارٽي تي سڙيو وينو آھي. کين پٽ پاراتا پيو ٿو ڏي ھن ظالم وڏيرن جي حڪومت مان جان ڇٽي. ايندڙ اليڪشن ۾ ھنن جا تختا نڪرن.

□

16 جنوري 1977
سھڻي رسالوءِ طارق اشرف جي آزادي

اڄ ھڪ ڏاڍي سٺي خبر آئي آھي. جيڪا ھن گھٽ ءِ ٻوست واري ماحول ۾ رابيل جي مھڪندڙ خوشبو جيان ذھن سان گڏ روح ۾ به واسجي ويئي آھي. اخبار ۾ خبر آھي ته وزير اعليٰ غلام مصطفيٰ جتوئي سنڌ جي مقبول رسالي سھڻي تان پابندي ھٽائي آھي. سھڻي رسالي سدائين سنڌ جي علمي ءِ ادبي اڏام کي پَرَ ڏنا آھن ءِ سنڌ جا انيڪ ليکڪ پيدا ڪيا آھن. حيدرآباد مان نڪرندڙ ھن رسالي جي آفيس جڙ اديبن جو ڳڙھ ھو. ھون به حيدرآباد ھميشہ فن ءِ فڪر جو مرڪز رھيو آھي. سڄي سنڌ جا ڏات ڏٽي اڪثر اڇي حيدرآباد ۾ گڏ ٿيندا آھن. جتي ميل ميلاپ ءِ ملاقاتن ۾ سنڌڙي جا سور دور ڪرڻ جا جتن ءِ وچن ڪبا آھن.

ان خبر مطابق سھڻي جي ايڊيٽر طارق اشرف کي به آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آھي. جنھن کي حراست دوران ڪنھن به اديب مُڙي نہ ڏٺو. سواءِ چند ويجھن دوستن جي.

□

17 جنوري 1977
ڪمال ڪلهوڙو جي وزير اعليٰ سان ملاقات

اڄ جي اخبار ۾ هڪ سٺي خبر آهي تہ اسان جي انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشورو ۾ نوابشاهہ جي شاگرد يونين جو صدر ڪمال ڪلهوڙو سنڌ جي وزير اعليٰ غلام مصطفيٰ جتوئي سان ملي، ڪيس انجنيئرنگ ڪاليج جي گرفتار شاگردن جي آزادي جي گهر ڪئي آهي، وزير اعليٰ ڪيس انجنيئرنگ ڪاليج نوابشاهہ جي ايڪويهہ بک هڙتالن ۾ بعد ۾ گرفتار شاگردن جي آزادي جو يقين ڏياريو آهي.

انهن شاگردن ڪجهہ عرصو اڳ، ڪوٽا سسٽم تحت داخلائون، ڪوٽن ڊوميسائيلن خلاف ۾ ڪاليج کي يونورسٽي جو درجو ڏيڻ سان گڏ، اسان جي آزادي لاءِ بک هڙتال ڪئي هئي، جنهن بعد کين گرفتار ڪيو ويو آهي.

اها خبر پڙهي دل تان هڪ بار هلڪو ٿيو اسان جا اهي قومپرست دوست ڪيتري عرصي کان جيل ۾ بند هئا. اڄ جيل ۾ سيني پڪن قيدين جي پريڊ رکي وئي، جيل ۾ اهي افواهہ آهن تہ انهن قيدين مان سَوَ ڇٽن کي سکر جيل منتقل ڪيو ويندو.

□

19 جنوري 1977
اشفاق انصاري

ننڍڙي ڀاءُ اشفاق انصاري جو خط مليو. هون بہ اشفاق احمد اڪثر خطن ذريعي ياد ڪندو رهندو آهي. اسان ڀائرن ۾ هي ڀاءُ منفرد شخصيت جو مالڪ آهي. سنگت سات کان پاسيرو گوشہ نشين رهندڙ. سٹو ڪهاڻيڪار، موسيقي جو متوالو راڳ جي باري ۾ سٹي خبر اٿس. ان کانسواءِ سنڌي، اردو ۽ انگريزي لٽريچر جو پڙهاڪو. انگريزي جي ڊرافٽنگ تہ ڪو هن کان سکي. خاص خط ۾ لکيو اٿس تہ ايم اي اڪنامڪس (پرويس) جو امتحان ڏنو آهي. ڪراچي ۾ نوڪري لاءِ هڪ اڌ انٽرويو ڏئي آيو آهيان.

❐

28 جنوري 1977
علي حيدر شاهہ ۽ رسول بخش پليجي جو واردِ ۾ اچڻ

اڄ اسان جي واردِ ۾ سنڌ جي ٻن تمام وڏي شخصيتن جو واڌارو ٿيو آهي. هڪڙو آهي علي حيدر شاهہ ۽ ٻيو محترم رسول بخش پليجو.

علي حيدر شاهہ اسان جي جيئي سنڌ استوڊنٽ فيڊريشن جو هن وقت مرڪزي جنرل سيڪريٽري آهي. هلڪي قد ڪاٺ واري علي حيدر شاهہ جو تعلق لاڙڪاڻي سان هئڻ ڪري، ساڻس پراڻي واقفيت آهي. سدائين صاف ستڙو رهندڙ علي حيدر شاهہ وٽندڙ شخصيت جو مالڪ آهي. خاص ڪري ڪاري ينيي ڏاڙهي جنهن کي وچ تي سينڌ ڪيي ٿو ڪيس ڏاڍي سونهي ٿي. اهڙي ڏاڙهي بلوچ ليڊر شير محمد مري (جنرل شيروف) رکندو آهي. جيڪو هن وقت "حيدرآباد سازش" ڪيس ۾ حيدرآباد جيل ۾ نظر بند آهي.

علي حيدر شاهہ کي تازو ئي سنڌ يونيورسٽي مان ريسٽيڪيٽ ڪيو ويو آهي. هن جو شمار جيئي سنڌ جي چوٽي جي دلير رهنمائن ۾ ٿئي ٿو. خاص ڪري پيپلز استوڊنٽ فيڊريشن جي چڙواڳ ليڊرن سان هي ۽ سنڌس دوست قادر جتوئي ئي منهن ڏين ٿا.

ٻيو سنڌ جو تمام وڏو رهنما محترم رسول بخش پليجو واردِ ۾ آيو آهي. هن وٽندڙ هاڻي ڪاڻي واري وڪيل جو تعلق جنگشاهي، ٺٽي سان آهي. خاص ڪري سنڌس ڏاهپ سان ڀريل ليک ۽ تقريرون پڙهڻ يا ٻڌڻ وٽان هوندیون آهن. هن وقت هو سنڌي عوامي تحريڪ جو باني رهنما آهي. هن جي ناهيل سنڌي شاگرد تحريڪ ۽ تعليمي ادارن ۾ آهستي آهستي مقبول ٿيندي وڃي ٿي. البت اسان جيئي سنڌ ۽ عوامي تحريڪ وارن جا پاڻ ۾ ڪافي اختلاف هلندا رهن ٿا. ڪڏهن

هڪ ٻئي تي مارموچڑو ۽ اُلرون بہ ڪيون ٿا. هونئن بہ رسول بخش پليجو سائين جي ايم سيد ۽ اسان جيئي سنڌ وارن تي وڏي تنقيد ڪندو آهي. ان ڪري جڏهن خبر پئي تہ محترم رسول بخش پليجي کي اسان جي ٻئرڪ ۾ آندو وڃي ٿو تہ ان وقت اسان جي هڪ جذباتي ساٿي چيو "هتي اچي تہ ڪيس مار ٿا ڪيون" دوست جي ان اڻ وٽندڙ جملي تي، اسان سڀ حيران ٿي وياسين.

مان تہ رسول بخش پليجي جي لکڻين جو شيدائي آهيان، خاص ڪري سنڌس ڪتاب "انڈا اونڈا ويج" جا ڪيترا ٽڪرا مون کي ياد آهن، پليجي صاحب جي سياڻي حيدرآباد ۾ حاضري آهي، ان ڪري هو ٿوري دير اسان سان ڪچهري ڪري، اڄ ئي اوڏانهن روانو ٿي ويو.

18 جنوري 1977
اسٽوري آف فلاسافي

هن وقت رات جا يارهن ٽيا آهن. مون کي اسان جي بورچي وفات علي جي ٽوڪ پريشان ڪري وڌو آهي. رات ڪافي پيئڻ مهل هن ٽوڪ واري انداز ۾ چيو "اوهان سڄو ڏينهن ڪچهرين ۾ ڌاڙ ڌش ۾ پنهنجو ڪيترو قيمتي وقت وڃايو ٿا." بورچي جي ان گفتي جڙ چرڪ پرائي ڇڏيو ته هڪ اڻ پڙهيل ماڻهو کي به اسان جي وقت وڃائڻ جو احساس آهي، پر اسان کڏهن سنجيدگي سان ان تي سوچيو به نه آهي. اها حقيقت آهي ته اسان کي گرفتار ٿئي ڪيترائي مهينا گذري ويا آهن. ان ۾ ڪوبه لکائي پڙهائي جي حوالي سان ڪم ٿي نه سگهيو آهي. شروعاتي ڏينهن ۾ جڏهن حيدرآباد جيل ۾ هئاسين ته اتي اڪيلي کولي ۾ رهڻ ڪري سوچڻ جو ڪافي موقعو مليو. اتي لئبرري ۾ دوستن طرفان مليل ڪجهه ڪتاب پڙهي به ورتم. جيئن مير علي شير قانع جو "تحفتہ الڪرام"، جي ايم سيد جو "مسلم ليگ جي مخالفت ڇو"، ابوالڪلام آزاد جو "شهداءِ ڪربلا" وغيره. البت حيدرآباد جيل ۾ سڀني ڳالهه اها ٿي ته هي ڪچي ڪي "قَيد کهاڻي" باقاعدگي سان لکڻ جي شروعات ڪئي.

حيدرآباد جيل کان جڏهن ڪراچي جيل موڪليو ويو ته اتي زبردست لکائي پڙهائي جو ماحول هو. عبدالواحد آريسر، نذير عباسي، ڊاڪٽر اعزاز نذير، ابراهيم منشي، لکومل، مولابخش لغاري وغيره سڀ پڙهندڙ هئا. ان ڪري اتي بئرڪن ۾ ڪافي ڪتاب دوستن وٽ هوندا هئا. پر افسوس جو ڪراچي جيل مان اسان کي تکڙو ئي هٽ خيرپور موڪليو ويو آهي.

هت خيرپور جيل ۾ ڪيترائي مهينا گذريا آهن پر ڪوبہ سٹو ڪتاب پڙهي نہ سگهيو آهيان. سارو وقت ڪچهري ۾ گذري ٿو صبح جو ئي ٻين وارڊن جا پراڻا قيدي ڪچهري لاءِ اچي ويڻ ٿا. انهن سان گفتگو ڪندي سج لهيو ويڃي. اسان جو دوست حبيب الله ڪابورو هڪ سٹو ٻڌندڙ آهي. ان ڪري غريب ۽ لاوارث قيدي ويچارا روز سيڙڃي هن وٽ اچي مڇو ڪندا آهن. ڪابورو هر ڪنهن جي حال سارو مدد بہ ڪندو آهي ۽ سندن ڏکڙا ٻڌي هنن جو بار هلڪو ڪندو آهي.

بهرحال شام ڏاري ڪجهہ دير ونجهہ وٽي يا ورزش ڪري، رات جي ماني بعد بسترن ڀيڙا ٿيندا آهيون. اڄ ڪلهہ مون Will Duront جو ڪتاب Story of Philosophy شروع ڪيو آهي. هن آمريڪن ليکڪ، فلاسافر، تاريخدان جا ڪيترائي ڪتاب مشهور آهن، خاص ڪري ول ڊورنٹ پنهنجي زال آئرل ڊورنٹ سان گڏ لکيل ڪتاب Story of Civilisation ڪمال جو ڪتاب آهي. هون بہ هن حال حيات ڏاهي جون ڪيتريون چوٽيون مشهور آهن، جيئن

- The family is the nucleus of Civilization
- Education is the transmission of Civilization
- Science is organized knowledge, wisdom is organized life.

خيال آهي تہ استوري آف فلاسافي جيڪڏهن ڪو دوست سنڌي ۾ ترجمو ڪري تہ ڏاڍو سٹو نہ تہ ٻي صورت ۾ مان ئي سندرو ٻڌي هن جيل جي ماحول ۾ ان جو ترجمو ڪري وٺان. حالانڪہ مون کي ترجمي جو ڪوبہ تجربو ڪونهي پر همت ڪبي تہ ترجمو ڪري وٺبو.

اسان جي استاد آغا منظور احمد جو خط آيو بزرگن جيان وڏيون نصيحتون ڪيون اٿس.

19 جنوري 1977
مورو نيشنل لبريشن فرنٽ

ڪجھ دير "استوري آف فلاسافي" ڪتاب کي ڏئم. باقي وقت ڪچھري ۾ گذريو. اخبار جي اڄ خبر آھي تہ فلپائن ۾ مسلمان گوريلن ۽ حڪومت جي وچ ۾ ٺاھہ ٿي ويو. فلپائن ڏکڻ اوپر ايشيا جو ملڪ آھي، پئسفڪ سمنڊ جي وچ ۾ ھي ستن ھزارن کان بہ مٿي جزيرن تي مشتمل ڪثير آبادي وارو ملڪ آھي، فلپائن ۾ ڪيترين ئي قومون رھن ٿيون، جيئن فلپيني، چيني، ملائي، انڊين، مسلمان وغيرہ. ھن وقت فلپائن جي تيرھن صوبن ۾ عيسائي رومن ڪئٿولڪ جا پوئلڳ وڌيڪ آباد آھن، جنھن بعد مسلمان اڪثريت ۾ آھن. مسلمان ڪافي عرصي کان پنھنجا حق گھرندا رھن ٿا. ڪجھ عرصو اڳ 'يونيورسٽي آف فلپائينز' جي پروفيسر نور ميساري ھڪ "مورو نيشنل لبريشن فرنٽ" جو بنياد وڌو. ان کانسواءِ مسلمانن جا ٻيا ڪيترا گروپ، گوريلا جنگ وڙھي رھيا آھن. انھن آزادي جي متوالن، گذريل ڪيترن مھينن کان پنھنجي ويڑھہ ۾ تمام گھٽي تيزي آڻي ڇڏي ھئي، پر ھاڻي لبيا جي وچ ۾ پوڻ ڪري ٻنھي ڌرين ٺاھہ ڪيو آھي، ھاڻي انھن تيرھن صوبن جي عوام کان راءِ ورتي ويندي.

ھون بہ ھن گوريلا ويڑھہ ۾ پروفيسر نور ميساري جون جذباتي تقريرون ٻارڻ جو ڪم ڏين ٿيون. ھن جنگ ۾ مسلمانن جو عورتون ۽ ٻار پڻ حصو وٺي رھيا آھن. مورو لبريشن فرنٽ جا گوريلا بہ جديد ھٿيارن سان مسلح آھن، جن سرڪاري ڌر کي ڪافي ٽوٽا ڇٻايا آھن.

□

20 جنوري 1977
رات جو جيل جي ماڙي تان نياپو

اسان جو دوست علي مدد کانڏڻو اسان جي وارڊ ۾ شفٽ ٿي آيو. خيرپور جي هن شاگرد اڳواڻ کي هت سي ڪلاس ۾ رکيو ويو هو. اسان کيس پاڻ وٽ بي ڪلاس ۾ گهرائڻ لاءِ بک هڙتال پڻ ڪئي هئي. پر ڪالهه کان هن کي اسپيشل ٽربيونل طرفان بي ڪلاس جو سهولتون مليون آهن.

آسٽريليا ۽ پاڪستان جي وچ هلندڙ ڪرڪيٽ ٽيسٽ سيريز ۾ پاڪستان الن وکيٽن تي اها ٽيسٽ کٽي ورتي. اهڙي طرح اها سيريز برابر ٿي وئي.

رات جو پاڻ ۾ گپ شپ ۾ رڌل هئاسين ته اوچتو رات جي ڊيوٽي واري جيل عملدار اچي ٻڌايو ته ڊپٽي جيل سپرنٽينڈنٽ هاڻي ماڙي تي اچي آفيس کولرائي ويٺو آهي. هو پڇي ٿو ته "توهان ڪهڙي تاريخ تي نواب شاهه کان هن جيل ۾ آيا آهيو" مون کيس ڪاغذ تي لکي ڏنو ته.

"We came here from Karachi Jail to Khairpur Jail on the 18th September 1976"



21 جنوري 1977
سکر جيل ۾ نظر بند دوستن جي رهائي

صبح جو نيرن ڪري ويناسين مس ته ماڙي تان منشي ڊوڙندو آيو ۽ چيائين ته "ڊپٽي صاحب پچي ٿو ته توهان جو ڪيس ڪهڙي ٽاٽي تي آهي" اسان کيس ٻڌايو ته "اسان تي FIR تعلقي ٽاٽي نواب شاهه جي ڪٽيل آهي" منشي حال احوال دوران ٻڌايو ته "ڊپٽي ڪمشنر صاحب رات کان وٽي اوهان جي باري ۾ معلومات وٺي رهيو آهي" اسان پنهنجي ڪم ڪار ۾ مشغول هئاسين ته ٻارهين بجي ڏاري هڪ قيدي اچي خبر ڏني ته "جيل جي ٻاهران هڪ بس بيٺي آهي. جنهن ۾ ڪجهه ڪاليجي ڇوڪرات ويٺا آهن" ڪجهه دير بعد وري هڪ ٻي اسان جي همدرد قيدي اچي اطلاع ڏنو "بس ته هلي وئي آهي. باقي ڪجهه شاگرد ايڏا ماڙي ٻاهران بيٺا آهن. شايد اوهان سان ملاقات لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن."

واقعي ٿوري دير بعد اسان کي ماڙي کان ملاقات لاءِ سڏ ٿيو. جيڪو جهونو قيدي اسان کي ملاقات لاءِ سڏڻ آيو ته اهو ايترو ته خوش هو جو ڇڻ سندس ملاقات آئي هجي. جيل ۾ اها سڀ کان ڳالهه آهي ته ڪنهن به قيدي جي خوشي ڇڻ سيني قيدين لاءِ خوشي جو سبب بڻجي آهي. پلي ڪنهن جي ملاقات چو نه اچي، سڄو وارڊ خوش ٿي ڪيس مبارڪون ڏيندو آهي.

اسان تيار ٿي ماڙي تي پهتاسين ته اتي ملاقات لاءِ اسان جي ڪاليج جي يونين جو عهديدار شبير کهارو سڏ جا عاشق عبدالمجيد بهلڪاڻي، عبدالمجيد روئدراڻي ۽ راجا شاهاڻي بيٺا هئا. هنن ملاقات دوران خوشبخري ڏني ته "حڪومت انجينيئرنگ ڪاليج نوابشاهه

جي سيني گرفتارن شاگردن کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. اهڙو آرڊر هوم سيڪريٽري طرفان اسان کي مليل آهي. پر بدقسمتي سان هوم سيڪريٽري طرفان نڪتل توهان جو آرڊر ايڊا خيرپور جيل تي نہ پهتو آهي. البتہ سکر جيل ۾ گرفتار دوستن جي آزادي جا ليٽر ڪٽي ٻيا دوست بس تي سکر جيل ويڃي رهيا آهن. ان وچ۾ اسان کوشش ڪري هتان جي ڊپٽي ڪمشنر سان اوهان جي آزادي لاءِ ملڻ ويڃون ٿا." اهڙي طرح اهي دوست اسان سان ڪجهہ دير ملاقات ڪري ڊپٽي ڪمشنر سان ملڻ لاءِ نڪري ويا.

اسان جي آزاد ٿيڻ جي اڳيرائي جي خبر ساري جيل ۾ ڦهلجي وئي. اها خبر ٻڌي ڪيترائي قيدي ملڻ لاءِ اچي ويا. ڪي مبارڪون پيا ڏين تہ ڪي دعائون. اهڙي طرح سارو ڏينهن اسان جي وارڊ ۾ قيدن جي اڇ وڇ ۽ چهچٽو رهيو. اسان وٽ اهي مسڪين قيدي اڪثر دل جو غبار لاهڻ لاءِ ڪچهري لاءِ ايندا رهندا آهن. ڪڏهن سندن ڪا مدد بہ ڪري ڇڏيندا آهيون.

شام ڌاري وري هڪ قيدي سهڪندو پهتو تہ "صبح واري بس وري جيل ٻاهران بيٺي آهي. ساري بس شاگردن سان ڀريل آهي. اوهان جا سکر وارا گرفتار شاگرد آزاد ٿيڻ بعد ٻاهر آيا آهن."

ناٿو اوڏ بہ خوشي مان سلام ڪٽي پهتو تہ "جيل جي دروازي وٽ، سکر جيل مان آزاد ٿيل سندس ڳوٺائي، غلام علي نظاماڻي سان ملاقات ٿي. هن اوهان ڏي سلام موڪليا آهن."

ڪجهہ دير بعد هڪ مقدم اها خبر ڪٽي آيو تہ شاگردن سان ڀريل بس ڪافي انتظار بعد واپس هلي وئي. باقي ڪجهہ نوجوان ايڊا ٻاهر بيٺا آهن. شام ڌاري ونجهہ وٽي ڪيڏي رهيا هئاسين. ان وقت اسان سان راند ۾ پراڻا قيدي محمد صالح، عبدالمالڪ ۽ محمد ميربحر بہ شامل هئا تہ محمد عرس ٻرڙي اچي نياپو ڏنو تہ "اوهان کي ماڙي تي ڊپٽي صاحب سڏيو آهي"

اسان راند اڌ ۾ ڇڏي ماڙي تي پهتاسين تہ اتي اسان جي ڪاليج يونين جو جنرل سيڪريٽري انور نارائي ۽ دلبر دوست نقيب شاهہ مليا. هنن يارن اها خوشخبري ڏني تہ "اسان جا سکر جيل ۾ قيدي

دوست سڀ آزاد ٿي ويا آهن. هنن کي اسان نواب شاهه روانو ڪري ڇڏيو آهي. البتہ اوهان جي آزادي جو ليٽر ايڏا هوم سيڪريٽري کان هت نہ پهتو آهي. شايد سياڻي تائين پهچي وڃي. اسان رات هتي ڪٽي رهي ليٽر جو انتظار ٿا ڪيون."

اسان کين صلاح ڏني تہ "اوهان پلي رات سکر وڃي نقيب شاهه جي گهر رهو. جيئن ئي جيل تي اهڙو خط آيو. اوهان کي فون تي اطلاع ڪنداسين." بهرحال سنجها تائين ماڙي تي انور نارائي ۽ نقيب شاهه سان ڪچهري رهي. جنهن بعد هي دوست موڪلائي سکر روانہ ٿيا.

سکر جيل مان آزاد ٿيندڙ دوستن ۾ دلاور ميمڻ، امير حمزو مينگل، شڪيل لغاري، عمر سيال، غلام علي نظاماڻي، خان محمد ابڙو، غلام سرور ميمڻ، غلام اڪبر ملڪاڻي، غلام رسول آخوند، رشيد ميمڻ، منظور تنيو، شڪور بلوچ وغيره شامل آهن. اسان سکر ۾ گرفتار دوستن جي آزاد ٿيڻ جو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿياسين. انهن شاگرد دوستن ڪوڙن ڊوميسائلن خلاف ۽ ميرٽ تي داخلائون ۽ اسان جي آزادي لاءِ بک هڙتال ڪئي هئي. ساڳي وقت انهن دوستن کي بہ جس آهي جن جيل کان ٻاهر رهي. انهن مطالبن جي مڃتا سان گڏ سيني دوستن جي آزادي لاءِ پاڻ پتوڙيو.

هون تہ اسان کي بہ دوست پڪ ڏئي ويا آهن تہ سياڻي تائين اسان جي آزادي جو پروانو پهچي ويندو. تنهن هوندي بہ اهو چئي نٿو سگهجي تہ سياڻي هن مهل، هن جيل ۾ هن ڪٽ تي ويهي روز مرهہ جيان هي قيدَ ڪهاڻي لکندس يا جيل کان ٻاهر ڪن دوستن جي محفل ۾ هوندس.

هاڻي دوستن جو خيال آهي تہ ٿي سگهي ٿو تہ اسان جي جيل ۾ واقعي هي آخري رات هجي ان ڪري ڇو نہ رات جاڳي گذارجي. سڀ کان پهريان اسان پنهنجي وارڊ جي واحد ڳائڻي نور احمد هالي کي ڪجهہ گانا ٻڌائڻ جو چيو. نور احمد هالي مسڪين کي نہ راڳ جي خبر آهي نہ تال جي. ويچارو پورهيت مڙئي هيانو جي زور تي ڪنهن مُلي جيان ڪنن تي هٿ رکي ڪجهہ ڪلام ڳائي ويندو آهي. ساڳي وقت اٿي ڳوهڙ واري ٽالهہ کان ڏڪڙ جو ڪم ونندو آهي. پوءِ سندس آواز هڪ طرف تہ ڏڪڙ وري ٻي طرف هوندو آهي. بهرحال اسان جا ٻي

سُرا ڳن بہ اهڙي موسيقي تي هري ويا آهن. "چوندا آهن تہ بک ۾ بصر بہ ٻلا" اسان جي واردِ جو واحد گويو جڏهن ڳائي ٽکو تہ بئرڪ ۾ موجود چانهہ ۽ بسڪوٽن جو دور هليو. اهڙي طرح سنتري جڏهن چار ڏڪ هيان تہ هر هڪ وچي پنهنجي ڪنڙي والاري

□

22 جنوري 1977
انور نارائي ۽ نقيب شاهه انتظار ڪندا رهيا

سارو ڏينهن اسان کان وڌيڪ جيل انتظاميه ۽ پراڻن قيدين کي اسان جي آزادي جي ليٽر جو انتظار رهيو. پر شام تائين سارو ڏينهن ڪو به اهڙو ليٽر نه پهتو. البته ڪجهه قيدين ٻڌايو ته "جيل ٻاهران اوهان جا ڪالهوڪا دوست انور نارائي ۽ نقيب شاهه، هوم سيڪريٽري جي خط جو انتظار ڪندا رهيا. ان دوران هنن اوهان سان ملاقات جي به ڪوشش ڪئي پر جيل عملدارن کين ملڻ نه ڏنو."

هون به برسات ڪري سيني دوستن گهڻو وقت بئرڪ اندر گذاريو. رات جي اُوجاڳي ڪري مون ته ٿاهوڪي ننڊ ڪئي. هن وقت ڪالهه جيان ساڳي وقت تي ساڳي جيل ۾ ۽ ساڳي ڪٽ تي ويهي هي قيدَ کهاڻي لکي رهيو آهيان.

□

23 جنوري 1977
ڦاسي گھاٽ ۾ بن قيدين جو واڌارو

آڇر هئڻ ڪري اڄ هوم سيڪريٽري جو ليٽر پهچڻ جو ڪو به آسرو نه آهي. هونئن به سياڻي تائين خط نه پهتو ته ان مان اندازو ڪري سگھجي ٿو ته في الحال سکر وارن گرفتار شاگردن کي آزاد ڪيو ويو. اسان جي آزادي جو امڪان گھٽ آهي. بهرحال اهو به پلو ٿيو جو سکر جيل جي دوستن کي آزاد ڪيو ويو آهي.

اڄ حيدرآباد مان ڪورٽ طرفان ڦاسي جي سزا کائي ۽ ٻيا قيدي هن جيل ۾ پهتا. اهڙي طرح ڦاسي گھاٽ ۾ قيدين جو انگ 53 ٿي ويو. ڪجھ ڏينهن اڳ ڦاسي گھاٽ ۾ موت جو منتظر. هڪ قيدي مرڻ جي خوف کان اڳ ۾ ئي چريو ٿي پيو آهي. شايد ڪيس پاڻ خاني موڪليو ويجي.

❐

24 جنوري 1977
ميگھ ملهار

ميگھ ملهار جي مستي ڪري سارون ڏينهن ڪبوترن جيان بئرڪ ۾ واڙيل رهياسين. زمين آلي هئڻ ڪري ٻاهر نڪرون پيا تہ زمين تي پيرن جا نشان ڏهي پيا پون. ان ڪري ڪا بہ راند ورزش وغيره نہ ڪئي. هونئن تہ جيل کان ٻاهر اکثر اهڙي مينهوڳي ۾ پنڌ ئي پنڌ، ڏگهي چڪر تي نڪري ويجهو هو. نواب شاهہ ۾ ڪيترا دفعا دوستن جا ٽولا ٺاهي، پنڌ سڪرندي، دهليل ڪوٽ ۽ روهڙي ڪنڊال پهچي ويجهو هو. ساڳي طرح جي لاڙڪاڻي ۾ هوندا آهيون تہ رائس ڪنڊال يا گهاڙ واهہ جا ڪپر ڏئي، ڪڏهن ميان شاهل محمد يا جهوڪر جو ڏڙو پيرن هيٺان هوندو هو. ڪافي دفعا تہ گوڏن تي زور ڏئي، ويجي موهن جو ڏڙو ۽ قنبر پهچبو هو.

اڄ ٿورا گهٽا هوم سيڪريٽر طرفان ليٽر اچڻ جا جيڪا امڪان هٿا اهي بہ ختم ٿي ويا. ان مان لڳي ٿو تہ اهڙو خط نڪتو ئي نہ آهي. اسان جي دوستن کي شايد آسري ۾ رکيو ويو آهي، پاڻ بہ هاڻي جيل جا عادي ٿي ويا آهيون. پر پوءِ بہ اسان جا جنوني يار مڙڻ وارا نہ آهن.

❐

25 جنوري 1977
نصر جان

ڪافي ڏينهن جي ڀوڙان ڀوڙ مينهن بعد اڄ سج نروار ٿيو آهي. اسان بہ بئرڪ مان ٻاهر نڪري پکين جيان پرڙا سڪايا. مدد ڪانڊڙي جي اچڻ ڪري هاڻي بئرڪ ۾ ڇهہ ڇٽا ئي ويا آهيون. اڳي تاس ۾ چوباز ڪيڏندا هئاسين هاڻي ڇهہ باز ڪيڏون ٿا. پتا ڪٿي ڪٿي چيلهہ ئي ڇپي ٽي وئي آهي . ساڳي وقت تاس جي شڪل ۽ رنگ متجڻ ڪري پتا ئي سڃاڻپ ۾ نٿا اچن. بهرحال لکائي پڙهائي کي تمام ٿورو وقت ڏنو آهي جنهن جو احساس آهي. اڄ نصر جان جو خط آيو آهي. نصر جان اسان جي دوست اشرف علي جو تمام پيارو دوست آهي. هو باقاعدگي سان اسان سان هر حاضري تي ڪورٽ ۾ ملڻ ايندو آهي. اسان جي جهيڙن جهٽن دوران بہ هي يار پنهنجي حال آهر ساڻ ڏيندو رهيو آهي. سنگت جو سُريلو فٽ بال جو سٺو رانديگر آهي. هونئن بہ نواب شاهہ ۾ اڪثر سندس اوطاق تي ڪچهري رهندي آهي.

□

26 جنوري 1977
وائس چانسلر جو فون

ماڙي تي ڊپٽي سپرنٽنڈنٽ سان ملڻ ويس تہ هن ٻڌايو تہ ٿورو اڳ حيدرآباد مان اوهان جي وائس چانسلر صاحب جو فون آيو هو هن ٻڌايو تہ "اسان انهن گرفتار شاگردن جي ضمانت جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون ان سلسلي ۾ اوهان سان حڪومتي ڏر ڪو رابطو ڪيو آهي؟" مون کيس چيو تہ "ايڏا تائين حڪومت ان سلسلي ڪو بہ رابطو نہ ڪيو آهي." موڪلائڻ مهل مون ڊپٽي کي آگاهہ ڪيو تہ "سياڻي اسان جي نواب شاهہ حاضري آهي. ان ڪري پوليس جو بندوبست ڪري ڇڏيو." هن چيو تہ "نواب شاهہ مان اهڙو ڪو بہ اطلاع نہ آيو آهي جئين ئي خط آيو تہ توهان کي حاضري تي موڪلبو."

ماڙي تي جيل جي ڪلرڪ پيرزادي سان بہ ڪچهري رهي. هي اسان جي لاهوري محلہ لاڙڪاڻي جي دوستن استاد عبدالله ميمڻ ۽ سندس ننڍي پاءُ امان الله ميمڻ جو سٹو دوست آهي.

❐

29 جنوري 1977
هو چي منھ

رسول بخش پليجي پاڻ سان کجھ ڪتاب ۽ آندا آھن. جن ۾ هوچي منھ جي آتم ڪھاڻي ۽ آھي. في الحال تہ مون اھو ڪتاب ڪٽي پڙھڻ شروع ڪيو. ويت نام جي ھن انقلابي ڪميونسٽ اڳواڻ جي ڪھاڻي ڏاڍي دلچسپ ۽ پڙھڻ وٽان آھي. جيڪو عوامي ليڊر ھئڻ سان گڏ ھڪ سٺو ليکڪ، صحافي ۽ مقبول شاعر پڻ ھو. ھن ڀھراڙي جي چوڪري پنھنجي زندگي عام ويتنامي ھارڙن جيان لغڙ اڌائڻ ۽ مچي مارڻ جھڙي شوق سان ڪئي. جواني ۾ پاڻي جي جھاز جي بورچي خاني ۾ ڪانو ڏوتا، آخر جھاز جي نوڪري ڇڏي عام نوڪريون ڪيائين. ھو لينن جي بالشويڪ انقلاب کان متاثر ھئڻ ڪري جيل ۾ ڪاڌيا. ڪيترو وقت آمريڪي فوجين سان جنگ ۾ ڪيائين. آخر ملڪ کي آزاد ڪرائي ويت نام جو وزيراعظم ۽ پوءِ ڪيترا سال صدر پڻ رھيو ويت نامي عوام پيار مان کيس "چاچا ھو" سڏيندا ھئا. ھن جي شاعري ۽ قول عوام ۾ ڪافي مقبول آھن جيئن لکيو اٿس.

"Remember, the storm is a good opportunity for the pine and cypress to show their strength"

علي حيدر شاھ ۽ رسول بخش پليجي جي اچڻ ڪري جيل انتظاميہ ٽرٽلي ۾ اچي وئي آھي. ھن اسان جي ڪم ڪار لاءِ برداشتن جي فوج موڪلي ڏني آھي. قيدين ۽ ليپا پوچيون ڪري وارڊ چمڪائي ڇڏيو آھي.

اسان ڪيتري ئي عرصي کان بي ڪلاس ۾ آھيون پر جيئن تہ اسان سڀ پھريون دفعو جيل آيا آھيون. اسان کان اڳ ھن جيل ۾ ڪو

بہ سينيئر سياسي يا بي ڪلاس قيدي ڪونہ هو ان ڪري اسان کي جيل طرفان بي ڪلاس جي قيدين کي ملندڙ سهولتن جو اندازو ئي نہ هو. جيل عملدار بہ اسان جي بي خبري ۽ معصوميت جو فائدو ونڊي. اسان کي عام قيدين جيان هلائيندا رهيا. ڪڏهن چڱي طعام ۽ ٻين سهولتن لاءِ ڪيسي مان پئسا ڪڍڻا پوندا هئا. ايتري قدر جو اسان وٽ ڪاڏي پيتي جا پورا ٽانو بہ نہ هئا. بس هڪ اڏ جست جو وٽو ۽ ٽالهي هوندي هئي. پوءِ جست جي ٽالهي ۾ هوڙ وجهي مدرسي جي خطابن جيان گڏجي ويهي کائيندا هئاسين. اسان جي هڪ دلبر دوست جو گوشت سان ايترو تہ پيار آهي. جو هڪ ئي ڏڪ سان سپ ٻوٽيون هڙپ ڪري ويندو آهي.

هاڻي علي حيدر شاهہ جي اچڻ سان ئي جيل جي عملي کي ڪڙين تي کڻي ڏنو آهي. ڪنهن ڪنوار جي ڏاج جيان نوان ٽانو ٽپا، ڪوپ گلاس، راندين جو سامان، کاڏ خوارڪ جو سامان ۽ ٻيون شيون اچڻ شروع ٿيون آهن.

اڳ اسان جي نادانيءَ ناسمجهي ڪري اسان کي ملندڙ هي سهولتن وارا پئسا جيل عملي پاڻ ۾ ورهائي کاڏا هوندا. ان ڪانسواءِ اسان کي سج لٿي ڏاري بئرڪ ۾ واڙي چڏيندا هئا. پر هاڻي رات جو نائين بجي تائين ٻاهر ٽالارا پيا ڪندا آهيون. ايتري قدر جو پنهنجي واري مان نڪري جيل جي ٻاهرين ديوار ۽ بئرڪن جي وچ ۾ چڏيل حصي ۾ گهوم ڪندا آهيون. شام ڏاري ان پيچري تي چهل قدمي جي ڏاڍي وٽندڙ ۽ پُراسرار لڱندي آهي. اهڙين سهولتن جي حاصلات لاءِ علي حيدر شاهہ ۽ جيل جي عملي ۾ ڪجهہ تلخ ڪلامي بہ ٿي هئي.

□

30 جنوري 1977
رسول بخش پليجو

اسان جي واريءَ ۾ رسول بخش پليجي جي اچڻ سان وڏو نظم و ضبط اچي ويو آهي. اڳي اسان سڀ دوست هم عمر ۽ هجتي هڪ ڪري ايترو بسپلين جو خيال نہ رکندا هئاسين، هر ڪو شاگردن جيان پنهنجي مرضي سان اٺندو ويهندو هو پر رسول بخش پليجي جي اچڻ ڪري هاڻي باقاعده واريءَ جي صفائي سترائي لکائي پڙهائي ۽ راند روند جا وقت مقرر آهن. اسان جو ڪو به وقت ضايع نٿو ٿي. اڄ اسان سيني گڏجي ويهي ڪميونسٽ پڌرنامو پڙهيو ۽ ساڳئي وقت سوالن ۽ جوابن سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي.

پليجو صاحب ۾ اها ذات آهي تہ هو سيني کي گڏ ويهاري هر هڪ کي ڳالهائڻ جو ڀرپور موقعو ڏئي ٿو. هو پاڻ به ٻڌو ڳالهائيندڙ آهي. پنهنجي لفظن سان ماڻهو تي سحر طاري ڪري ڇڏي ٿو. انڪانسواءِ چوويهہ ڪلاڪ ڪتابن سان مٿو اٽس، ڪتاب پڙهڻ دوران جيڪي به ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ جهڙيون آهن. انهن کي باربار ورجائي پارٽن جيان زباني ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جيئن پاڻ نندپڻ ۾ طوطي جيان بيت ياد ڪندا هئاسين "واهہ ڙي تارا... گول تارا... روشن تارا... چمڪي وارا... يا ڪڏهن ڪوڙا ياد ڪندا هئاسين ايڪ ڏون... ڏون... ٻہ ڏون... چار... تہ ڏون... ڇهہ..." اهڙي طرح رسول بخش پليجو به ڪنهن به ڪتاب ۾ جيڪا اهم ۽ نوٽ ڪرڻ جهڙي ڳالهہ آهي. ان کي ان انداز سان هنڌائي ٿو. هي لطيف جو وڏو پارکو آهي. گفتگو دوران هر ڳالهہ تي شاهہ لطيف جو ڪو نہ ڪو ٿهڪندڙ بيت ٻڌائي. ڳالهہ کي وڌيڪ چٽو ڪري ٿو.

پاڻ جيئن تہ چتا قوم پرست آهيون، ان کري پليجي جي سوشلزم ۽ ڪميونزم ۽ طبقاتي جدوجهد کي هضم ڪرڻ ۾ وقت لڳندو. في الحال ڪجهہ ٿلهيون ٿلهيون ڳالهيون سمجهہ ۾ اچن ٿيون، خاص ڪري جن ملڪن ۾ ڪميونزم ۽ سوشلزم آهي جيئن روس، چين، چيڪوسلوڪيہ، پولينڊ، هنگري، رومانيہ وغيره اتي حڪومت طرفان عوام کي ملندڙ سوشل سڪيورٽيز ۽ سهولتون جيئن تعليم، صحت، آمد رفت وغيره ڪافي بهتر آهن. اسان جي ملڪ جو بہ وڏي ۾ وڏو ۽ اصل مسئلو غربت ۽ اهڙين سهولتن جو فقدان آهي.

هونئن بہ اڄ ڪلهہ زبردست ۽ سخت سردي ڪري پاڻ کي گرم رکڻو ٿو پئي پر رسول بخش تہ عام حالتن ۾ بہ سارو ڏينهن گرم سوٽن، ڪوٽ ۽ مفلر ۾ ويڙهيل رهي ٿو. هر وقت گرم هيٽر جي سامهون ڪمبل ويڙهيون وينو هوندو آهي. اهڙي طرح پيرن ۾ جوراب تہ چوويهہ ڪلاڪ چڙهيل هوندا اٿس.

رسول بخش پليجو جي هن وقت عمر پنجيتاليهہ چاڻتاليهہ سال هوندي. قد جو لائير، خوبرو ۽ متناسب جسم جو مالڪ آهي. مان تي هن کي ڳالهائيندڙ ديوتا سڏيندو آهيان چا تہ گفتگو ۾ فصاحت ۽ بلاغت اٿس.

اسان جا نظرياتي اختلاف پنهنجي جاءِ تي پر اها خوشنصيبي آهي جو اهڙي ڏاهي ماڻهو سان گڏ رهڻ جو موقعو مليو آهي. هن ڏهين ماڻهو جي موجودگي ۾ اسان اميد تہ هر روز ڪو نہ ڪو نئون سبق سکنداسين.

1 فيبروري 1977
ڏاڙهي رکڻ جو شوق

علي حيدر شاهه جي هت اچڻ ۽ داهي ڪري جيل انتظاميه به سڏن پيرن تي اچڻ شروع ڪيو آهي. اڳي اسان جي ڪنهن به چوڻ کي اهميت ئي نه ڏيندا، پر هاڻي ڪجهه گهبرائن ٿا. اڄ هنن بيڊ منتن جو سامان گهرائي ڏنو ان ڪري واري جي وچم بيئل اڪيلي وٺ جون ڪجهه شاخون چانگرائيوسين ته کيڏڻ لاءِ خلاصو ميدان ملي ويو. پوءِ ته ڪافي دير تائين بيڊ منتن کيڏندا رهياسين.

رسول بخش پليجو اسان سيني کي اسڪولي هارن جيان ويهاري انگريزي جو پيرڊ ورتو. اهڙي طرح وري شام جي چانهه بعد پليجي صاحب ڪميونزم جي باري ۾ پُڙ مغز سبق ڏنو.

علي حيدر شاهه جي چهري تي سهڻي ڏاڙهي ڏسي مون کي به اهڙي ڏاڙهي رکڻ جو شوق ٿيو آهي. علي حيدر شاهه پنهنجي ڏاڙهي کي وچمان سيندڙ ڪيي هن حصن ۾ ورهائيندو آهي. ان کانسواءِ ڏاڙهي جي هيٺين حصي کي وٽ ڏئي وکوڙي گول چلا ناهي ڇڏيندو آهي. هن جي اها خوبصورت وٽيل ڏاڙهي ڏسي مون به علي حيدر شاهه کي چيو ته "مان به تو جهڙي ڏاڙهي رکڻ تو چاهيان" هاڻي روز علي حيدر شاهه پاڻ ڦٽي کٽي منهنجي ڏاڙهي کي سنوارينڊو آهي. ساڳئي وقت ڏاڙهي جي هيئان پينسل وغيره وجهي ڪيس چليدار بٽائڻ جا گُر به ڏسيندو آهي. اهڙي قسم جي ڏاڙهي گهٽو ڪري بگٽي ۽ مري قبيلي جا ماڻهو رکندا آهن.

□

2 فيبروري 1977
جيل مان رهائي

نيرن کان اڳ چانهه چُڪو هلي رهيو هو تہ اسان جي مقدمہ پنهل جيسر اڇي چيو "سائين مان رات خواب ڏٺو آهي تہ توهان اڄ آزاد ٿي ويا آهيو" اتي انور ڪلهوڙو ۽ ٻيا قيدي جيڪي واريڊ جي صفائي لاءِ آيا هئا تن بہ پنهل جيسر سان ها ۾ ها ملائي. اسان کي لڳي ائين ٿو تہ شايد کين ماڙي تان ڪا خبر ملي آهي. ٿوري دير بعد انور ڪلهوڙو ماڙي تي ويو تہ يڪدم پوئين پير اچي اطلاع ڏنائين "جيل ٻاهران ٻہ چوڪرا بيٺا آهن شايد اهي نوجوان اوهان سان ملڻ آيا آهن."

اسان تہ اهڙيون افواهون روز ٻڌندا رهندا آهيون. ان ڪري ڪنهن بہ دوست ان ڳالهہ تي توجهہ نہ ڏنو. خير مان ڪتاب ڪٽي واريڊ جي اڳڻ ۾ وڻ هيٺان ويهي پڙهڻ شروع ڪيو تہ هڪ قيدي چٽي آڻي ڏني. هي چٽي ٻاهران اسان جي دوست نقيب شاهہ لکي موڪلي هئي. خط ۾ لکيل هو تہ "توهان جي آزادي جا آربڊر مون آندا آهن. توهان پنهنجو سامان تيار ڪري ويهو"

هون بہ نقيب شاهہ سنڌ جو سڄڻ ۽ دوستن تي ساهہ قربان ڪندڙ ساٿي آهي. هو شروع کان هر شاگرد جدوجهد ۾ متحرڪ رهيو آهي. خاص ڪري ڪوٽن ڊوميسائلن خلاف هلايل هن تحريڪ دوران انجينيئرنگ ڪاليج نوابشاهہ ۽ حيدرآباد ڪئمپس جي شاگردن ۾ هل چل پيدا ڪرڻ ۾ هن جو نمايان ڪردار آهي. اڳتي هلي شاگردن جون نوابشاهہ ۽ حيدرآباد ۾ بک هڙتالي ڪئمپس قائم ڪرڻ، انهن جي گرفتاري بعد ساٽن جيل ۽ ڪورٽن ۾ ملاقات ڪرڻ ۾ هن همراهہ وسان نہ گهٽايو آهي. ساڳئي وقت نقيب شاهہ گرفتار


شاگردن جي والدين سان رابطي ۾ رهي کين دلداري ڏيڻ کانسواءِ شاگردن جي آزادي لاءِ ڪاليج انتظاميہ ۽ ڪاليج يونين کي بہ سُک سان ويهڻ نہ ڏنو آهي. آخر هي يار ڪمشنر، هوم سيڪريٽري ۽ چيف منسٽر تائين رسائي حاصل ڪري پنهنجي گرفتار شاگردن کي آزاد ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو.

اسان هن جي اهڙي دوستي تي فخر ئي ڪري سگهون ٿا. بهرحال نقيب شاهہ جي ان خط بعد ڪجهہ ڪلاڪن تائين اسان کي باهر جو حال احوال ملي نہ سگهيو. آخر ڪچڙي منجهند ڏاري اسان جي لنگر جو مقدم عبدالمالڪ اچي ٻڌايو تہ "اوهان آزاد ٿي ويا آهيو سامان کڻي هلو."

اسان تيار ٿي واردِ کان نڪتاسين تہ اسان سان محترم رسول بخش پليجو علي حيدر شاهہ ۽ علي مدد ڪانڌڙو بہ ماڙي تائين رَليا آيا. ان کانسواءِ جيل جي پُراڻن قيدين سان گڏ اسان جو مقدم پنهل جيسر ۽ بورچي چاچو وفات علي بہ جيل جي باهرين در تائين چڏڻ آيا.

ماڙي تي نقيب شاهہ ۽ شبير احمد کوهاري ڏوڙي اچي ڳرانڙيون پائي آزادي جون مبارڪون ڏنيون. ان کانپوءِ اسان ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ ۽ ماڙي تي موجود جيل جي ٻين عملدارن سان ملي جيل کان باهر پير پاتو. اسان ٽانگي تي چڙهي روانہ ٿياسين تہ محترم رسول بخش پليجو علي حيدر شاهہ ۽ علي مدد ڪانڌڙو جا جيل جي سيخن مان باهر نڪتل الوداعي انداز ۾ لهرائيندڙ هٿ نظر ايندا رهيا. اسان بہ سنڌ لاءِ جيل گهاريندڙ هنن سپوتن کي هٿ لوڏي سلامي ڏني.

□



رات کان وٹي هٿيارن جي زور تي اسان جو سڄي هاسٽل تي قبضو آهي. پوليس ان وقت کان وٹي هاسٽل کي چوڦير گهيرو ڪيون ويٺي آهي. جيئن وقت گذرندو پي ويو تيئن پوليس جو تعداد وڌندو ۽ گهيرو تنگ ٿيندو ٿو وڃي. اسان هاسٽل جي مٿين ڇت تي پنهنجن فائر ڪيل مورچن مان سڀ ڪجهه ڏسي رهيا آهيون. پوليس ٽوروبه ويڇهو اڇي. اسان کي گرفتار ڪرڻ جو سوچي پئي ته اسان جا هٿيار ڏسي پوءِ ٿي موٽي وڃڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿي. پوليس جي ان سخت چوڪسي ڪري اسان جو به هاسٽل مان نڪري پڃڻ ناممڪن آهي.

***

اسان ٻئڙ ڪ جي سامهون جيئن ئي گاڏي مان لٿاسين ته ان مهل قيدين کڻڻ واري پوليس جي هڪ گاڏي به اچي ويٺي. قيدين واري گاڏي جو پويون دروازو کليو ته ان مان جاتل سجاتل چهرا ظاهر ٿيا. ان قيد گاڏي مان سنڌ جو قومي شاعر ابراهيم منشي، سنڌ جو تاريخدان عبدالواحد آريسر، شاگرد اڳواڻ مولابخش لغاري، حبيب الله ناريجو، ساجن ڏاهري، رحمت الله هيسباڻي، هيرا لعل لکو مل، محمد نواز چنڊ، عزيز پنهور، سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن جو صدر نذير عباسي، ڪميونسٽ پارٽي جو ڊاڪٽر اعزاز نذير، منير چانڊيو ۽ ٻيا دوست اچي مليا. اهي سڀ ساٿي ڪيتري عرصي کان ڪراچي جيل ۾ نظربند آهن. اڄ هو ٽريبيونل تي حاضري لاءِ آيا آهن.

(قيد ڪهاڻي)

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.